٣٨	ڪيوين وساريو وو ميان عاشق ديس اساڏا	٤١٧	319
٣٩	ڪنهن ٿون آپ لڪائين وو ڪنهن ٿون آپ چپائين	٤٣٥	330
٤٠	ڪريان اسرار مئين ظاهر هُئي حيرت ۾ حيراني	٤٥٤	340

Scanned by CamScanner

		ڪافي نمبر	صفحو نمبر
٤١	ڪيا ٿيا اڄ ڪيا ٿيا وي سيو سانون ڪيا ٿيا وي	٥٠١	362
٤٢	ڪيا ٿيوئي وو ڪيا ٿيو آکن سنيان نيڪون ڪيا ٿيوئي	٥٠٥	365
٤٣	ڪاڻ اڄڻ تنهنجي ڪندي هت حيلا هزارين	٥٠٩	367
٤٤	ڪالهہ اسان وٽ ويهي ويهي يار سڄڻ ڪيون ڳالهيون	٥١٦	370
٤٥	ڪڏهان آءِ مل ميڏڙي جان بييا	٥١٩	372
٤٦	ڪالهہ اسان تو ڪيون ڪيون يار سڄڻ ڳجهيون ڳالهيون	٥٢٣	380
٤٧	ڪيهي چال چلي تو اڙي جيڏيون يار مُنهنجو	٤٨٤	355
٤٨	ڪيچ مُنهنجڙو ڪر آهي پلو پينر ڙي	٥٨٦	404
٤٩	ڪيچؤن آيم ڪالهہ سي تا سڻو سنيها	٥٩٨	410
٥٠	ڪيون هيريندئين يار سائين غريبان نون	٦١٢	416
٥١	ڪوئي نہ آندا وي يار دي پارون ڪڏهان خاطي سگها ساتي	٦٣١	425
٥٢	ڪڏهن الاجي ايندا يار سانگيڙا ميان	٦٣١	425
٥٣	ڪيا ڪرون مئين جو ميرا ڪوئي اختيار نهين	٦٣٦	428
٥٤	ڪيهي لاءِ ڳيا پرديسڙا	٦٣٨	429
٥٥	ڪانگي مجهڪون خبر ڪيتي اب يار ميري گهر آويگا	٦٤٧	434
٥٦	ڪها ڪر سر انا هو ڪا سر ميدان آئون گا	٦٧٤	447
٥٧	ڪالهہ قاصد اوڏهون آيا اهيا ڪيو آگاهي	٦٩٥	457
٥٨	ڪيچ منهنجڙو ڪر آهي پلو پينر ڙي	٥٨٦	404
٥٩	ڪڏهان قاصد وري ايندين ديس ٻاروچل جي ميان	٧١٢	463
٦٠	ڪر ڪي ساتي سڄڻان ديان مئيان ڳالهين	٧٣١	472
٦١	ڪيچي ڏنم اڄ اُتي اوهين تا ڇاتا ڇاٿو	٧٣٤	473
٦٢	ڪيها اکيان نون رنگ لايو رنگ لايو	٧٣٥	473
٦٣	ڪيتي تيڏي دوري جا بيقراري	٧٣٦	474
٦٤	ڪئيتون آپ لڪيندا سائين ڪئيتون آپ ڇپيندا	٧٥٢	480
٦٥	ڪيها غرض پيوئي اپٽا ديس ڇوڙيوئي	٧٦٥	486
٦٦	ڪيوين ڪاغذ ڪيتوئي ني ڪارا هاءِ هاءِ يارا	٧٦٧	487
٦٧	ڪيون دل لائي وو تُسان پرديسي نال	٧٨	142

Scanned by CamScanner

کافي نمبر صفحو نمبر

٦٨	کانگل ساري سنيها هي چئج مارن کي ويراڳي آهيان	٩٣٩	557
٦٩	کيهي آک سٿائين ڳالھ مين شرط پيا وچ وچ شھ دي	٩٥٠	562
٧٠	کل اِهين کل پئي صورت مورت هکا جا چاتيم	٩٥٢	563
٧١	کهڙي ڳالهيون يار کيتئي بيراڳي اسانکي	٩٥٣	563
٧٢	کيها شک گمان سڀ کنهن صورت سير ٿساڏا	٩٦٢	567
٧٣	کر پاٹکي سجود تون آهين جاءِ مسجود جي	٩٧٣	573
٧۴	کهن لڳ ڏونگر ڏوريان محب آهي مُنهنجي من	٩٩٥	581
٧٥	کيچي ويڙم کالھ آءُ تي ورھ وسايان	١٠١۴	588
٧٦	کجو ائين ويساھ سرتيون منهنجي ڳالھ سچي تي	١٠١٦	589
٧٧	کالھ قاصد اوڏانهون آيا جاني ايندئي اج جائي	١٠٢۴	591
٧٨	کنهنکي حال چوان هي اديون زِي واويلا وو	١٠٣٠	594
٧٩	کندي سا کئين قرار جنهنجو جيڙو جنهن سان	١٠٣٧	596
٨٠	کري سانگ پرين وري آيم اوهي ديس اساڏڙي	١٠٦٥	606
٨١	کيچن جي کڍ کاھ متان وهين کي وساري	١٠٦٦	606
٨٢	کي ايندا هيڏي ايندا وهيان ٻاروچا	١٠٨٣	612
٨٣	کل نبيان دا سرتاج محمد صہ	١١١٧	625
٨۴	کيچڙن جي کاڻ جيڏيون مُنهنجو جيڙو جهجي ٿو	١١٣٢	632
٨٥	کندي آءُ کوھ رهي جيڏيون هتي هوتن ري	١١٣٣	636
٨٦	کڏهن الاجي ايندين پيهي پُچن پنهڻ يار	١١۴٦	638
٨٧	کردئين لک قبائين تون يار الا الا وو يلا يلا	١١٧٠	649
٨٨	کروڙين لک پڙھ کي تيکون سرسات کيا کيتا	١١٧٩	653
٨٩	کڏهن اسان وٹ ايندا کھ کانگا پرڏيهي	١١٨٥	656
٩٠	کيئي ڏک جا ڏينهڙا لنگهايم سُڻ تو بن مُنهنجا سائين	١١٩٠	658
٩١	کيئن وساري تو ويهون آهن کيهون اسانجيون ڳالهيون	١١٩٦	661
٩٢	کالھ جو کانگ اڏاٹين پلو کي وٹين پرين وٹ	١٢١١	667
٩٣	کوڙي کيئي ڳالھ پنهنجي کالھ کانگا چيئي مونکي	١٢١٣	668
١٩۴	کلنگي والا يار شال جيوين لک ٿيوين	١٢٢٣	672

		كافي نمبر	صفحو نمبر
٩٥	ڪڏهن ايندين هڪ ٿيندين نت نهاريون سنديئي واٽڙيون	١٢٢٧	674
٩٦	ڪيهي ڳالهيون چرلايوئي ميڏا وي سائين الله	١٢٣٢	676
٩٧	ڪڏهان شاهہ امير بڻيندا هئين ڪڏهان پير فقير سڏيندائين	١٢٣٧	679
٩٨	ڪاڏي ويڙا وو پرين پاڙيچا	١٢٥٥	686
٩٩	ڪل نہ پوندي ڪائي عجب جيهي اسرار انهيءَ جي	١٢٦٩	693
١٠٠	ڪنهن کي حال چوان هي اديون ڙي واويلا	١٢٩٦	706
١٠١	ڪر نينهن سندو ندان جلدي آءُ چڙهي سُولي تي	١٢٩٨	707
١٠٢	ڪير آهيان الاجي آءٌ نچاٽان سچاٽا آءٌ	١٣٣١	721
	ک		
١	کيڙاندي هن جهڳڙي چوچکي ماهيدي نال چالون		
٢	کيون نئين نهار ڙي پلو منهنجا يار ڙي	٥٩٣	408
٣	کيڙان نال گذاريم ڏينهڙي هُڻ ويندڀان رانجهن يار ڏهون	٧٤٧	478
	گ		
١	گم هوئيان مئين گم هوئيان اهين سهٽي وچ گم هوئيان مين	٥٥٤	389
٢	گولن جي آءٌ گولي ٻاروچاٽي ذات جي	٩٧١	572
٣	گولي جي گفتار ٻڌيوَ ٻاروچن ۾ ڪا	٩٧٤	573
٤	گولي مانَ سڏين انهن جي ني آهيان جيڏيون	٩٨٩	575
٥	گولن جي آءٌ گولي خان ٻاروچا تنهنجي	١٠٥٦	603
	ڳ		
١	ڳالهہ ڪرين ڪائي ميان ساڏهون آوڻ دي	٧١	138
٢	ڳالهہ پنهنجي حال جي توري وجي ڪنهنکي چوان	٢٦٣	241
٣	ڳيا وو ڳيا جوئي وو الله سوئي ڦر نہ آيا وو ميان	٣٤٦	285
٤	ڳالهين رانجهي ديان ٻائينديان ٻائينديان ٻهون سيبائينديان	٣٦٠	292
٥	ڳلي ڳلي مون ٿي ڳولي يار سڄڻ تنهنجي خاطر	٤٥٣	339
٦	ڳالهہ سهي ڪيم ساري ٻڙي جيڏيون يار جي	٤٩٠	558
٧	ڳوٺ ساري جون ڳليون ڏسڻ مونکي آيون	٥٤٧	386
٨	ڳالهہ ڪريان آءٌ ڪيهي حال تنهنجي مزگن ماري آهيان	٥٨٢	402

		كافي نمبر	صفحو نمبر
۹	ڳالھ ڪريان آءُ ڪيھي حال پھنجي جي ڙي جيڏيون	۲۰۳	409
۱۰	ڳل پيان وو ڳالھيان يار تساڏيان سانون الله	۷۳۲	472
۱۱	ڳالھيون ڳارن ٿيون ميان دل ڪي دوستن جيون	۹۱٦	549
۱۲	ڳاليھون ڳڻ تنھنجا يار سڄڻ مونکي روز وارن ٿا	۱۳۳	171
	گھ		
۱	گھوريو ھي پنيور مون سڱ ٻاروچن سان ڙي الله	۱۷۳	193
۲	گھمن برھ دي گھوڙي ورھ واليان نون ووڙي ھوءِ ھوءِ	۳٦۹	296
۳	گھوري گھوري وي ميان جند سڄڻ تو تان گھوري	۵۵٦	390
۴	گھٹا وچي ڏينھن لايا يار پياري ميان	۵٦۵	394
۵	گھمن ٻين آرام رانولا راوي دي ڪناري	٦۹۸	458
٦	گھوري ھي جدائي اڙي ميان پنوھارن ٻاجھون پور پيا	۸۵۰	523
۷	گھوري جاني ري جُدائي ڳڌ گھاريون ھوءِ ھوءِ	۱۰۲۷	592
	ل		
۱	لڳيان ھڻ لڳيان اکيان تو نال	۷٦	141
۲	لڳا عشق مين تا ھُڻ چڪ رھيان انھان سيالاندي وو صلاح ڪنون	۱۳۳	171
۳	لوڏا ڏيان ڪاڪيون ڪيڏا ويٹو سو ھوت ھندوري	۱۷۱	192
۴	لھندا سار سنيال مُنھنجي مُنھنجا وو ميان	۱۹۱	202
۵	ليکي "لا" جي ڪوُن جي لنگھيا ڏاڍي وحدت جي ير سي ونگيا	۱۹۳	203
٦	لڙ وھي لوھاٹو يار وي	۲۵۱	235
۷	لوڪ ڪنون لج مول نہ آوي عشق گھمايان گھتيان	۲۷۳	246
۸	لک ڪريان توڙي زاري دوست چوي تون ڪھڙو	۳۰۱	260
۹	لڳڙي وچ دل رانجھي نال اڙي لوڪو اڙي لوڪو	۳۰۷	264
۱۰	لک ڪريان شڪرانا راضي ٿيو يار مون تي	۳۳۰	277
۱۱	ليا برھ ٻُبلي سون جب رُت آئي بھاران	۴۲۴	324
۱۲	لنگھي ويون ڪالھ قطارون ڪونجڙين جون	۲٦۷	243
۱۳	لوڪان ٿون آپ لڪائيندا وو رانجھن آپ چپائيندا	۵٦۴	394
۱۴	لڳي وو رانجھي نون واءُ عشق دي تڪيرڙي ڪائي	٦۸۳	452

Scanned by CamScanner

		كافي نمبر	صفحو نمبر
١٥	لوڪان نون خبر ڪيهي طعني ڏيوي ڄٽي ڄٽي	٨٩٧	541
١٦	لَڄايان نہ لوئي وو عمر آنديم جا اوڏاهون	٩٣١	555
١٧	لٿي هلاڪي هاٽي دوست وسي هُنجي ويڙهي	١٠٠٥	585
١٨	لڳي دلجو دارون ناھ ڪو ڊولڻ پيارا	١١٠٣	620
١٩	لنؤ مونسان جا لايوَ يار ويڙهي هن ويهي	١١٨٨	657
٢٠	لنؤ وڃي ڪيئين لايوَ پرين ڄاتو پرديسي	١١٨٦	656
٢١	لنؤ اڇي پاڻ لايوَ ناتہ مونکي ڪل نہ هوئي	١٢١۴	668
	م		
١	ميڏڙي دل وچ يار پٽ ديان پينگهان پايان وو	١٩	110
٢	مئين نال تُسا ڪيهي لائي فرياد وي ميڏي رانجها	٢٦	114
٣	ميڏا حال ڏٺا هادي يار مئين مستان هٿا وو يارو	٣٧	120
۴	ميري پاس يار آيا ڪرتا هون حمد لله	۴١	122
۵	منجهؤن نيڪي ۽ گناھ پوندي ڪل نہ سندي الله	۵١	128
٦	منهنجو هوت پنهون، سان نينهڙو لڳو	٦٢	134
٧	مانَ پرين کي ڪا پوي ڪن فرياد اسانجي	٧٣	139
٨	مين ماهي دي مستاني وسدا دلبر دل وچ جاني	٨۵	145
٩	منهنجي زاري سُهڻا يار توسان	١١٣	159
١٠	محمدي مظهر دي وچ هويا نور نظارا	١١۴	159
١١	مئيڪون مستان ڪيتوئي مئڪون ديوان ڪيتوئي	١٣٨	174
١٢	ميري حال دي خبرري پانذي يار نون پهچائين	١۵١	181
١٣	موج مستي جي چڙهي وادي وحدت جي منجهان	١۵٩	185
١۴	منهنجي ساھ سڄڻ کي ساريو مونکي ڳاھ تنهين جي ڳاريو	١٧٩	196
١۵	منصور سُوريءَ تي چڙهيو هرڪنهن چيو تي واھ واھ	١٨٢	198
١٦	مُلان تہ ڪارڻ مانين جي ميان ختمان پڙهن ٿا خاصا	١٩۴	203
١٧	مئين مندي مندي ڪيوين سڏايان سو بندي	٢١٩	220
١٨	مونسان نينهڙو رلايائون آهي شُڪر حمد لله	٢٢٣	221
١٩	مُحبن مُڪا مونذي وري اڄ ڏوٿ ڏوراپا ڏئي	٢٢٨	224

Scanned by CamScanner

ڪافي نمبر صفحو نمبر

		ڪافي نمبر	صفحو نمبر
۲۰	مونسان ڪيون ميهاري ڳجهيون ڳالهيون وو دوستيءَ جون	۲۳۰	225
۲۱	مونکي مهٺا ڏئي مُڪا پارئون پرين جي	۲۲۶	228
۲۲	مُنهنجي اصل آهہ ميان دل دوست دوستن جي	۳۴۱	282
۲۳	مون تاڪي محبن ڏيان ڪيها ڏوراپا	۲۴۳	232
۲۴	مونکي ڏور چو ڏسن سرتيون ديرو ني دوستن جو	۲۴۴	232
۲۵	مُنهنجو ناهہ ڪوئي اختيار هُئي يار وي	۲۶۲	241
۲۶	مُنهنجو ڪي هت پُڇيائون سچ چؤ اداڙي ساٿيو	۲۷۱	245
۲۷	مُنهنجو نينهن وڌايو ناز نيڻن نيڻن ميان	۲۷۲	245
۲۸	مونکي نہ وسار وو ڍوليا وو ميان آءٌ تا تنهنجڙي آهيان يار وي	۳۰۰	260
۲۹	مُلڪ جا مالڪ ٻيا هِن تون وچؤن ويٺين ٻٽي	۳۳۶	279
۳۰	مئين ٻلي ٻلي آهيان پاند ڏئي ڍڪ سانون	۳۴۵	284
۳۱	مجهڪون تيرا جادو لڳا نا صبر نا آرام هي	۳۶۳	293
۳۲	مُڙس ٿي منصور چؤ نہ تہ ڪير چؤ منصور آن	۳۸۰	303
۳۳	مئين تا تيڏڙي نال رانجها وي	۳۸۴	305
۳۴	مُڪاسين قاصد ڪالهہ اِجهي چاٽج آيا آيا	۳۸۹	308
۳۵	مُنهنجو هينڙو پيو وڃي پرين جي پار وو	۳۹۲	309
۳۶	مون تا چشمن کي پرجهايو پر جهليان پليان وو نهين رهنديان	۳۹۷	311
۳۷	مئين تا ڦردي وتديان تيڏڙي نال	۴۱۰	317
۳۸	مارڳيان تلواريان اکيان تيڏيان خون ڪريندِيان	۴۲۵	324
۳۹	مئين ويسان تخت هزار چوڙڪي جهنگ سياليدا سنيان	۴۳۸	331
۴۰	مُنهنجي اِڳهين لڳي نا تا هاٿي لڳي دل يار سان	۴۵۱	338
۴۱	مني اساڏي ڳالهہ اتي ڪوئي نا يارو اهو افسوس اسانون گهندا	۴۶۸	347
۴۲	مونکي هوتن هاٿي ڪوٺي پنهنجو ڪيو	۴۷۸	352
۴۳	متان تون مونکي ڇڏين سونهان ڙي سڄڻ جا	۵۱۰	367
۴۴	مئين رانجهن هڪ ٿيان ڪيڙا ست گهتيجي ميان	۵۱۲	368
۴۵	مُنهنجو هينڙو هوتن سان ڪهڙي ڪريان آءٌ تا ڳالهڙي ڳالهڙي	۵۲۲	374
۴۶	متان ڪنهن لاري لڳين هي بازي بازيگر دي	۵۲۹	378

Scanned by CamScanner

		كافي نمبر	صفحو نمبر
۴۷	مُنهنجو پانڌيڙا پرين کي ڌيج هي نياپو	۵۷۷	400
۴۸	ميڏي تيڏڙي نال ني لک زاري يار ڙي	۵۹۰	406
۴۹	مون کر تا کين پُڇيائون هاٿي کانگل کل کا ڏي	۵۹۹	410
۵۰	مونکي تايو طبيبن ميان ٻن ٻُکيون وجهان تن جيون	٦٢۴	422
۵۱	مُنهنجو هينڙو هوتن ساڻ کهڙي کريان آءُ تا ڳالهڙي ڳالهڙي	٦٢٦	423
۵۲	محبت مست مجنون کيا کئين خاصا خماري لو	٦٣٢	426
۵۳	ميري جند جان قربان هي دلبر تيري ديدار پر	٦٣٧	428
۵۴	ميڻا سر جب اول کرڻا عشق بازار آوڻ کيا	٦۴٣	432
۵۵	ميري پاس کهه ري قاضيا کئيسا تمهارا کام هي	٦۴٨	435
۵٦	مئين ناهيان مئين ناهيان قسم سچي صاحب دا	٦۵۵	439
۵۷	مُنهنجو پنڌڙو پهه آهي پلو سرتيون سانول ساڻ	٦٦۵	443
۵٨	مُرغ خيال دا سنوري سنيان پانءُ نه پرکوئي ڏردا	٢٧۵	447
۵۹	محبت عشق مولا جي گهٽا سي گهوٽ گهايا ها	۹۹۴	581
٦٠	مئين کٽ نهين وو کٽ نهين اِهو يار جو اکيندا	۷۱۳	464
٦۱	مئين اُٺ ڳئي وو اُٺ ڳئي اِهو شاهه جو ٻوليندا	۷۱۴	464
٦٢	مُنهن لکائيندئين اسان تون کيهي گناهون يار	۷۲۳	468
٦٣	مُنهنجي اگڻ اچ آءُ پرديسڙا يار وي	۷۳۳	473
٦۴	مُنهنجي حُجت توسان ناهي توکي مولو ميڙي يار	۷۳۵	473
٦۵	مارڳئي غمزان دي نال هو رهي هي دل ديوان	۷۴۰	475
٦٦	مانَ پرين پهچائي هي نياپو کو نيئي	۷۵۰	480
٦۷	ميڏهون آوين ساري رونديان تيڏيان ڳالهين	۷۵۱	480
٦٨	مجهکون جو مارتي هئي جانان تيري جُدائي	۷۵۰	480
٦۹	مئين تا کوئي خيال هان هڻ ليسان نال خيال دي	۷۷٦	491
۷۰	مئين بندا هويا ني يار تيڏا شل جيوين وي يار	۷۹٦	499
۷۱	مئين تا نالان کر کر رهيان سانون لڳڙا عشق اويڙا	۷۹۷	500
۷۲	مُک مهتاب سجڻ دا سيان گهونگهٽ وچ لکايس	٨۰۴	503
۷۳	مئين تا ڏيوان سهٽي کون کيهي ڏوراپي	٨۰۹	505
۷۴	ميڏي تو دل زوري دي نال نيتي هي	٨۲۲	512

Scanned by CamScanner

		ڪافي نمبر	صفحو نمبر
٧٥	ماهي يار محرم ميڏي حال دا مئيڪون توبهہ ڪيڙاندي راهہ ڪنون	٨٢٨	514
٧٦	مئين تا آپ هويا رانجهو يار سهي ڪر ڏيکيا سارا سير اسان	٨٢٩	514
٧٧	مون تا توکي اڳهين ٿي چيو نا تون دل ڦاساءِ	٨٣٢	516
٧٨	مئين اصل ڪنون وچ پاند نهين اِها رمز لڌي لڪان وچون ڪهين	٨٣٤	517
٧٩	مالڪ هين مُلڪدا چاڪ ڪيون سڏاويندائين	٨٤٧	522
٨٠	مئين تا آپ مستاني هوءِ رهي هُڻ نال سنيان آکان حال ڪيها	٨٦٦	531
٨١	ميلو ٿيندئي ٿيندئي نينهڙو لايو جُڙيا جاني مونسان	٨٦٧	531
٨٢	مارو ٿر ٿيامر پلو ميان ڏيان ڏورايو آءٌ ڪنهن کي	٨٧٢	534
٨٣	مارو مونکي نہ وسارين آهيان انهن جي ميان	٨٧٥	535
٨٤	مئين تا تئينون منگدي آهي تون مينون ڀون منگدا رانجها	٨٨١	536
٨٥	مئين تا ٿيوان سهٽي تون گهولي هو گهولي	٨٨٣	537
٨٦	مئين رانجهو تيڏا لڱڙا ڪو ڳڻ زور	٩٠٠	542
٨٧	مينون لڱڙا نينهن نيارا ڍوليا	٩٠١	542
٨٨	مونکي عبرت آهي اهڙي حال جي هاريون حيرت آهي	٩١٢	547
٨٩	محبت جي مئي ماريوڙي ڪاڪيون ڪنهن سان ورهہ وراهيان	٩٢٧	553
٩٠	مارن ڪي وڃي ملان هادي	٩٣٢	555
٩١	مئين تا سوين هزارين ڪون ڏيسان ڏورايي	٩٣٥	556
٩٢	متان مُنڊ مارن تئون وهين آسرو لاهي	٩٣٧	557
٩٣	مئين مئي هويان ڍوليا تون نا چرلاوين	٩٩٤	581
٩٤	مجهڪون اس حُسن تيري يار جو ديوان ڪيا	٩٦٨	569
٩٥	مونکي ماريو مونجهاري وو سانگي مون سيئي ڪيا	٩٩٤	581
٩٦	مُنهنجو سڱ نہ سيايو ڪاڪيون ڪيچ ڏٺين سان	١٠٠٠	583
٩٧	مونکي مُرڪڻ سان تون ڪيئن ماري وئين	١٠٠٦	585
٩٨	متان ڏوراپو ڪو ڏيو ڙي ساٿيو مونکي	١٠٠٧	585
٩٩	مُڪا دلاسا ڏيئي ري سڄڻ مونڏي	١٠٠٨	586
١٠٠	مونکي منهنجو آهي اچڻ جو ني آسرو	١٠١٩	590
١٠١	مونڏي واڳ ورائيندا سرتيون سگهڙا ٻيلڙا	١٠٢١	590
١٠٢	مونکي آڌر ڏيجو سکيو ساٿيڙو پسان	١٠٢٥	592

ڪافي نمبر صفحو نمبر

۱۰۳	مونکي آڏر ڏي ميان سهڻا ساٿيڙا ري	۱۲۴	591
۱۰۴	مونکي محب ويو ماري ڪنهن در ڏيان هي دانهن ڙي	۱۰۲۷	592
۱۰۵	مونکي دوستن ڏنيون دلداريون جيس آءُ تا ني جيڏيون	۱۰۲۸	593
۱۰۶	مان اڄن آهي ڪاٺون مُئي ويا جي ماري	۱۰۴۲	598
۱۰۷	مونکي نال نئين ني اِهو ڪيچڙن قافلو	۱۰۴۵	599
۱۰۸	مون ۾ عيب اپار سڄڻ تنهنجي ٻانهڙي آهيان	۱۰۵۰	601
۱۰۹	مٿين ڪني جالين سهڻا پرديسڙا	۱۰۵۷	603
۱۱۰	محبوب مُک وڪلايا ويک شمع شرمايا	۱۰۷۶	610
۱۱۱	متان ڏوراپو ڪو ڏيو ڙي ساٿيو	۱۰۸۵	613
۱۱۲	مونکي تنهنجڙو آهہ اڄڻ جو وڏو آسرو	۱۰۹۱	615
۱۱۳	ماريو هوت وڃن لا ڪنهن در ڏيان دانهڙي	۱۰۹۳	616
۱۱۴	محبوبان ميندي لائي عاشقاندي گهر رنگ وي	۱۱۰۲	620
۱۱۵	موجان ڪيئي لک گوناگون آءُ تڪيريان پيان	۱۱۰۹	622
۱۱۶	مونکي ميڙين الله سگهو آٿي الله وهيان ٻاروچا	۱۱۲۲	628
۱۱۷	مون ساري سُڄاتي بازي بازيگر جي	۱۱۴۸	639
۱۱۸	مونکي هيئين نہ چير چڏ ڙي اڙي پلو پنهڻ يار	۱۱۴۹	640
۱۱۹	مونکي ڪانڌ بنان جي ڪاڪ ڪوڙي آهي ڪاڪيون	۱۱۵۶	643
۱۲۰	منهنجو سوڍل سارئي ساهہ راڻا رُسامن سان مارئي	۱۱۵۸	644
۱۲۱	مونکي تنهنجي سار سنپار چڏ رسامان آءُ مُنهنجا يار	۱۱۵۹	644
۱۲۲	ميندرا آءُ ميان! هت ويئي ڪانگ اڏايان	۱۱۶۲	646
۱۲۳	محبوب ٻولي ڏس من ۾	۱۱۶۶	648
۱۲۴	محبوب منو آهي من ۾	۱۱۶۷	648
۱۲۵	مڪڙا يار وڪائين تون چڱا ٿيوئي شال ڀلا ٿيوئي	۱۱۷۱	649
۱۲۶	مونسان تون آهين آهين ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن	۱۱۸۰	654
۱۲۷	مٿين رانجهو هڪ تيسان ڪيڙا ست گهتيسان	۱۱۹۲	659
۱۲۸	ماري ويو ڪالهہ رات سونهن پريو تا ساميڙو مونکي	۱۱۹۴	660
۱۲۹	مُنهنجا واقف يار سدائين تون جيندين	۱۲۰۲	664
۱۳۰	من موهي مُنهنجا جاني گهڻا لائي ڏينهڙا	۱۲۲۸	674

Scanned by CamScanner

		كافي نمبر	صفحو نمبر
١٣١	مونسان تو ڪيون ڪيون سهڻا اِهي ڳالهيون ڳالهيون	١٢٣٦	678
١٣٢	ميڪون تون پالين وو جيهي تيهي آهيان تيڏي	١٢٥٢	685
١٣٣	مئين ڪنين جالين وو سهڻا پرديسي	١٢٥٣	685
١٣٤	ميري جند جان قُربان هئي هاءِ هاءِ جان قربان هئي	١٢٥٦	687
١٣٥	محبت جو مئين ماريوڙي آءُ ڪاڪيون ڪهنسان وره وراهيان	١٢٧٠	694
١٣٦	منهنجو هاڻي مون وٽ ايندو هاريون واقف حال جو	١٢٧٥	696
١٣٧	مئين ڳڌي هان عشق اياڻي هيڏي هوڏي گهمڻ نہ ڏيندا	١٢٨٩	703
١٣٨	مون وٽ هو مهمان پلو جيڏيون اڄ ڪالهہ قافلو	١٣١٢	714
١٣٩	مئين ماري محبت تنهنجي ميان	١٣١٨	716
١٤٠	مئين تا تيڏڙي آهي وي پنهڻ سائين	١٣١٩	717
١٤١	مئين تا رمزان والي دي آهي وو	١٣٢١	718
١٤٢	مستانا ڪيون ماريوئي مولي	١٣٢٨	720
١٤٣	مارو شال مليا عمر چار طلب جنين جي آهي تن ڪي	١٣٣٣	722
١٤٤	مولا مولاري ويڪو سب مولا	١٣٣٤	722
١٤٥	مين ماهيدي لڳ ماري مئين عشق سجڻ دي چاڙهي	١٣٣٦	723
١٤٦	مونکي ياد مٺيون تنهنجيون ڳاليهون	١٣٣٧	723
	ن		
١	نور پريارُخ پياريدا الله پياريدا دلداريدا	١٢	107
٢	نال تيڏي لک واري واري وو ني الله ساڏي زاري زاري	١٦	109
٣	نال جسم نهين جاوڻ سر لٿي اٿان آوڻ	٦٠	133
٤	نڪو مئين نڪو تئين ٿيوين گم اٿان آوڻ	١٧٠	191
٥	نيئي ڪو گوش گذاري وو هي نياپا مُنهنجي پرين ڪي	٢٥٩	240
٦	نين تمهارن نازسي ميري دلڪون ڪوئي اسرار ڪيا	٢٩٢	256
٧	نوان نياپا آيا مونڏي محبن جا ميان	٣١٢	266
٨	نہ مان مريد نہ مان پير ساري فقر جو فقير	٣٢٨	276
٩	نہ ڇاٽا جوڳي ڪيهي ديسئون آئي	٣٦٨	296
١٠	نال اساڏي ڪي ڪرين ڳالهين يار ديان قاصدا	٣٩١	308
١١	نيڻان دا هڻ ناز سانون مِزگان نال مريندا	٤١٦	319

Scanned by CamScanner

		كافي نمبر	صفحو نمبر
١٢	نيو هي نماڻي نال مَ چڏ يار	۴٢٩	326
١٣	نٿي وٺي ڳالهہ ٻي ڙي جيڏيون مونکي	۴٦۵	346
١۴	ندي دي ڪناري ڪڙاوي رانجهو چل ويکو ڪريندا ني زاري	۴٦٩	348
١۵	نال ميڏي ڪئي ڪئي يار سڄڻ تيڏيان ڳالهين	۴٧٢	349
١٦	ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو آهي اُهو جو روز ڏسان ٿي	۴٩٦	360
١٧	ناهي ويچاري سا وَس هي بيوس آهي ميان	۵٠٠	362
١٨	نينهن ڏاڍي سان لايوسي آءُ تا هاٿي ڪئين ڪريان	٦٢٩	425
١٩	ناونوش نوش دارو مجروح ڪي دوا هئي	٦۴۴	433
٢٠	نماڻي دا ننگڙا تئين تي جيوين تيوين پالٺا	٧٦٦	486
٢١	ناهي ڏوراپو ڪو ڏيڻ اوهانکي يار توسان مُنهنجي زاري	٧٩۵	499
٢٢	نانءُ اهو ئي اهو نانءُ وارو صورت مورت سائي	٠٨٠١	502
٢٣	نهين آوندا وي اسان نون ڪسر وي يار قاضي ڪيهي وو ڪريندين مسلي	٨١٣	507
٢۴	نينهن نشان ڪتوني هُڻ تا مُڙڻ ناهين	٨٢٢	512
٢۵	نت نت پُڇدئين سُهٺا سائين ساڏڙا حال ذري ذري	٨٢٦	513
٢٦	ناز اساڏي نال ڪريندئين درد مندان دي دل لٿي	٨۵٦	526
٢٧	نينهڙا اپٽي نال لايوئي تون تا رانجها تون تا هير سيال	١٣٣	171
٢٨	نال ياراندي ياري ساڏي لڳڙي روز ازل ڪنون	٩۵٩	565
٢٩	نينهن نهوڙي آهيان هاٿي جيڏيون ڪاڏي وڃان	١٩٢	202
٣٠	نانوَن حق چپايو ٻلو جيڏيون وو هوءِ هوءِ	٩٩٨	582
٣١	ناهي هن درد جو دارون توئي وٺ يار طبيبا	١٠٦٢	605
٣٢	نوڪر ٿيسان ٻلا چيري والي يار دا	١٢٠٨	666
٣٣	نت اُهي مونکي ميان ڳالهيو اورڻ آيون	١٣٩	174
٣۴	نيٽان دي عجب نگاهہ جو ول ول هونديان هادي دي نال	١٣٠٣	709
٣۵	نيٽان دي مئين ماري وي هوءِ هوءِ	١٣٠۴	709
٣٦	نينهن نباهي نينديون اديون اولاڪن ڪوُن	١٣١۵	715
٣٧	نيٽان والي نوڪ اسانون يارو لايئي يار	١٣١٦	716
٣٨	ناهي ويچاريءَ جو وَس توکي معلوم مڙيوئي ميان	١٣٢٠	718

Scanned by CamScanner

ڪافي نمبر صفحو نمبر

		و	
137	٦٧	ويھي جان ڪير قياس هاريا وو	١
154	١٠٤	ويھي هت ڪيئن وسارين پرين توکي پاڻ پچن ٿا	٢
177	١٤٣	وسندا رهين ميڏا يار آءُ ڪول ميڏي جُڙ بڻ جي	٣
222	٢٢٥	وڃي شال ڏسان پنهون ٿُنهنجو ڪيچ واليءَ وسايو	٤
251	٢٨٣	وس وچ پيان سيان سهڻي يار دي مئين	٥
306	٣٨٥	وهيان وساريان ڪيئين جيڏيون جي لنؤ لائي ويا	٦
312	٤٠١	وچ نہ يار پراهون وس اساڏڙي ويڙهي	٧
317	٤١١	ويڙهي اساڏڙي وسي رانجهو يار ڙي ميان	٨
323	٤٢٣	وٿيو وهواهہ پڙهندي پروانو پرين جو	٩
350	٤٧٤	وڃڻ آءُ وو ڪين ڏيان جڙيا جاني توکي	١٠
351	٤٨٦	ويجها شال رهن ميان ڏور لايا جن ڏينهڙا	١١
372	٥٢٠	واٽ وندر جي ڪو ڏسي وو ڏسي مونکي جيڏيون	١٢
381	٥٣٥	ويڙا جي وٽڪار اجا وري ايندا سي	١٣
417	٦١٤	وسئون تانہ وسار پلو يار ڙي آءُ اوهانجڙي آهيان	١٤
438	٦٥٤	وعدا اُهي اج ياد پيا مونسان قريين جي ڪيا	١٥
445	٦٧٠	ويندي تا وٽڪار جيڏيون هي لڳ هوت بلوچ جي	١٦
447	٦٨٤	وس ڪا آهي ويچاري هُئڻ هن جو هوت ري	١٧
453	٦٨٧	ويکو چشمان دي چمڪار ري دل غارت ديوچ هوءِ رهي	١٨
462	٧١٠	واٽ مونکي آهي وائي خان ٻاروچا تنهنجي	١٩
530	٨٦٤	وسين اساڏڙي ويڙهي ٿيوين نماڻي نيڙي	٢٠
540	٨٩٤	والي تساڏا واهي يار سدا سکيا هووين	٢١
546	٩١٠	وچ ميدان محبت والي اپڻا سر ستيسان	٢٢
550	٩٢٠	ويٺا منهنجيون ڳالهيون ڪن هُت ماروئڙا ملير ۾	٢٣
554	٩٢٨	ويکو سنيان رنگ رانجهي دا جو آيا ويس مٽائي	٢٤
554	٩٢٩	وعدا ڪئين وساريو پلا سائين ڪيهي ڳالهيون	٢٥
565	٩٥٧	واهہ ٻاروچي ٻولي هوئين گهولي ميان	٢٦
583	٩٩٩	وري آءُ وطن مُنهنجا ساريو نيڻ سِڪن موٽ سلامت سپرين	٢٧

Scanned by CamScanner

		كافي نمبر	صفحو نمبر
٢٨	وڃي ڪا منت ڪري مُنهنجي يار ڪي	١٠١٩	590
٢٩	واڳان ڦيري آءُ تا اوريون پاڻ ۾ منيون ڳالهيون	١٠٤٨	600
٣٠	وڃي پرڏيهه پرين ڙي ساٿيو مُنهنجو ڏيجو سنيهو	١٠٦٧	607
٣١	وٺي ٻاروچي ٻولي ٻولي سدا تا ساهه منهنجي ڪي	١٠٨٨	614
٣٢	وڃي پڪا پُڇائيج ساٿي ڙي سڄڻن جا	١٠٩٠	615
٣٣	ويهي آءُ ڪوهه ڪندي جيڏيون ڙي ٻنيور ۾	١١١٢	623
٣٤	وندر آءُ ويندياس وٺي اهي سوز سڄڻ جا	١١٢٣	628
٣٥	وٺي خبر خاطي آيو خير صلاح جي مونڏي	١١٣٤	633
٣٦	ولها وري آءُ مونکؤن موٽ نہ ميندرا	١١٥١	641
٣٧	وڃي اڪيون ڪاٿي لائيي حال حقيقت جي سان	١٢٤٦	683
	هـ		
١	هر صورت دي وچ يار حڪم هليندا آپ وي	٢٨	115
٢	هئين آپ الله ڏوجها ڪوئي نهين	٤٣	154
٣	هڪ ڏوهه ٻيو ثواب اٿئي عشق جو حجاب	٤٧	126
٤	هوت جي گولي ني آهيان دوست جي گولي	٧٨	142
٥	هيئن منجن ٿا چوايون مونڏي ماروئڙا ميان	٨١	143
٦	هُڻ ڪيون ڪيتي هَئي بي پرواهي	٨٧	146
٧	هيئن منجن ٿا چيون مونڏي ماروئڙا ميان	٩١	148
٨	هر صورت ديوچ مولىٰ ڪيها حُڪم هليندا يار وي	٩٨	151
٩	هي طلسم گهڙي جا جاروُن جوڙيائون ڙي پلو	٣٥	119
١٠	هي تون متان ٿئين ميان	١٥٠	180
١١	هو اسانوڻ يار تون آهي هِت اسانجو حال هي	١٧٧	195
١٢	هاٿي ڪنهن سا ڳرهيان ڳالهه پلو هاريون پنهنجي حال جي	٢٠٦	211
١٣	هيئن اڄ چئي مُڪائون عاشق اچون ٿا ايڏهين	٢٦٩	244
١٤	هيئن ڪانگ اڄ ڪهي ويو ايندئي صُبح سويلي	٢٥	113
١٥	هات پر لعلي لگائي آج ڪيسا دن هوا	٢٩٣	256
١٦	هات پر لعلي لگائي آج ڪيا اسرار هي	٢٩٤	257
١٧	هي تا خبر ڪنهنسان ڪريان هئي هئي ني اهڙي حال جي	٣٢٢	273

Scanned by CamScanner

كافي نمبر صفحو نمبر

١٨	هُتؤن هلي هت آئين ڪرڻ واپار پلا وڻجارا	٣٤٧	385
١٩	هوءِ رهي ڙي الله مين ديواني هوءِ رهي	٣٥٦	290
٢٠	هڪ آهيان پوءِ هاڻي چؤ پيو آهي ڪهڙو	٣٨٧	307
٢١	هي غريب نماڻي ڪيئن بيراڳڻ ڪيئي	٤٣١	327
٢٢	هوت ڪڏهن هِت ايندو ڪهه ڪانگا ڪل ڏي ڪا	٤٤٢	334
٢٣	هيئن نہ وڄ تون ماريون هوت نماڻي ڪي ميان	٤٤١	333
٢٤	هُو ڪهڙي واٽ ويام آءُ تا ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي	٤٥٢	339
٢٥	هوندي سڀ پرسائن ساڻ جيڏيون هي پورهيوبندي وڃي ڪيچ ڪندي	٤٨٣	354
٢٦	هيڏي هوڏي نہ نهار تنهنجي ويڙهي سو تا ياروسي ٿو	٤٨٤	355
٢٧	هوت ڏهون هاڻ آيون مانڊي خوشخبران هي	٤٨٨	357
٢٨	هوت وئين ڪيئن ماري پلو هي نماڻي چو	٤٩١	358
٢٩	هوسو سڄڻ مونساڻ جنهنجي ڪارڻ مون ٿي پوٺيون پٽايون	٤٩٢	358
٣٠	هيڏي هوڏي نہ نهار تنهنجي ويڙهي سوتا يار وسي ٿو	٤٩٤	359
٣١	هوت اسان وٽ ايندا وٺي نال پيي نيندا	٤٩٥	359
٣٢	هوت پرين هڪواري مونکي اچي مِلج ميان	٥٤٠	282
٣٣	هوت اڄ هِت هاڻي پنهنجا ڏک ڏسنديس ميان	٥٤٦	385
٣٤	هتؤن پيتو مون تا پير مغان جي جام شرابون شوري	٥٦٨	396
٣٥	هاريون ههڙي حال ڏيان ڏوراپو ڪهڙو وو پرين ڪي	٥٧٩	401
٣٦	هوت اچي هٿ ڏيندو پلو جيڏيون هن نماڻي تي	٥٨٥	403
٣٧	هيئي عشق نشاني ايهي آڪان ڳالهہ اُنهاندي ڪيهي	٥٩٢	407
٣٨	هوت پاروُن مونکي هاڻي ڏنا نينهن نياپا هِي	٥٩٦	409
٣٩	هوت اوهان تي آهي سارو ننگ نماڻي جو	٦٠٥	413
٤٠	هوت اڄڻ جي ڪاڪر ميان پانڌي روز پڇايان ٿي	٦٠٦	414
٤١	هم هويا ٿم هم هويا ڏوجهي رمز چليندا ڪؤن	٦٠٨	415
٤٢	هينڙي ڳالهيون ياد آريءَ ٻاروچي جيون	٦٠٩	415
٤٣	هُئي نہ مون ڪل ڪائي سِر انهيءَ جي ڙي جيڏيون	٦١٦	418
٤٤	هيئين نہ مونکي ماريو ماريو اوڙڪ اوهانجڙي آهيان	٦٢٠	420
٤٥	هڪ ڏهاڙي پير مغان مونکي ڳالهہ ڳجهي فرمائي	٦٥٣	438

Scanned by CamScanner

		كافي نمبر	صفحو نمبر
۴٦	هوت غريب نماڻي اُتي ڪيئن وساريئي ميان	٦۵٦	439
۴٧	هوت ڪڏهن نہ هلايو پانڌي پنهنجي پار ڏنهن اسانڏي	٦٩٣	456
۴٨	هاري سو پاڻئي هار تا آءُ ڄام چنيسر آوڙان	٦٩٦	458
۴٩	هار چينسر ڄام ليلان ڪسايو دستؤن پنهنجي	٦٩٧	458
۵٠	هاڻي مونکي پرين پوءِ جيڏيون جيئڻ جنجال ٿيو	٧٢٠	467
۵١	هوت اسانجڙو حال تون تا پاڻهين تو ڄاڻين	٧٢۴	468
۵٢	هادي ويڙهي آيو سائين هيئڻ سمجهايو	٧٢٨	470
۵٣	هسدا وي ميان ڪرڪي ڳالهين رسدا وسدا وي ميان	٧۴۵	477
۵۴	هنيون هوتن هٿ آهي ڪير چوي تا ناهي	٧۵۵	481
۵۵	هوش مامان هوش مان پيي بيهوش	٧٦١	484
۵٦	هجر ماهيدي مارئيان اڙي سنيان مين تا	٨٢٠	511
۵٧	هوجي مارئڙا ٻيهر مان مِلن الله اوراهون ڪندن	٨٣٣	516
۵٨	هلي ههڙي حال وجي ڏوٿن کي ڏسان آءُ	٨٧۴	534
۵٩	هُت تا ڪير هياس هِت ٿي ڪير آيس نہ ڄاڻان	٩١۴	548
٦٠	هَي هَي هن جي جي حال سڳر ٿيس نہ ساميڙن جي	٩۴٩	561
٦١	هوان ٻاروچي نال پلڪ نہ پري پرين ڪؤن	٩٧۵	573
٦٢	هي نماڻي نال نجو اوهان ڙي اوٺيو	٩٧٩	575
٦٣	هتؤن اٿي تنهنجا هوت ويا تون تاپي نہ ڪوشش ڪرين	٩٨٨	578
٦۴	هيڏي اچڻ جي آهہ ڙي پانڌي يار پرين کي	١٠٠٣	584
٦۵	هوت اوهان تي آهي ننگ نماڻي جو	١٠٢٩	593
٦٦	هوت ٻاجهون هِت هوان کهڙي طرح جيڏيون	١٠٣٣	595
٦٧	هلان پنهل تو ساڻ ساڻ، هلي تنهنجي گولي ٿي گذاريندس	١٠٣۵	595
٦٨	هي ڇڏيج هو ونيج متان ڪا ٻي ڳالهہ پڇيج	١٠۵١	601
٦٩	هن جو شرم سيوئي آهي تا پير مغان تي	١٠۵۴	602
٧٠	هُتؤن هوت هلي وري عاشق دلاسو ڏيندو	١٠٨٩	614
٧١	هي وي ميان ويل اهائي گذرڳئي رات سپائي	١١٦۵	647
٧٢	هر جا حڪم هلائين تون يار پلا پلا	١١٧۴	650
٧٣	هڪ رانجهو ساڏي نال ڪيڙا ڪيا ڪريسين ميان	١١٧٦	651

Scanned by CamScanner

ڪافي نمبر صفحو نمبر

655	١١٨٣	هڻ آيا سڄڻ آيا سؤ ڪريان شڪراني	٧۴
657	١١٨٩	هئي وو تساڏي نال زاري لاهہ حجاب تون مکڙا وکاوين	٧۵
661	١١٩٧	هوت ڏنئي هيڏي ايندا ڪين ساٿي مونکي سچ چؤ	٧٦
672	١٢٢۴	هو سان تيڏڙي نال ميان جهوڪان وسنئي شال	٧٧
698	١٢٧٨	هن غريب جو حال توکي معلوم آهي	٧٨
700	١٢٨٣	هادي اپڻا ڪرم فرمايا هُڻ تا بارو بار	٧٩
707	١٢٩٧	هادي جي سبق پڑهايا پلو سنيان	٨٠
		ي	
101	٢	يار جاني ري يار جاني ول اسان ڏنهن پالين	١
142	٧٩	يار تيڏيان ڳاليهن ڳجهين سي تيڏيان ڳالهين ياد اسان نون	٢
145	٨۴	يار اسان ڏهون لکيان لکيان ني پٺيان	٣
171	١٣۴	يار مرشد تنهنجون ديدان مشتاقن کي مارن ٿيون	۴
174	١٣٨	يار توسان ڪي تا ڏينهڙا لنگهايم	۵
189	١٦۵	يا امام حُسين ع تو قدمن اُتون قربان ٿيان	٦
189	١٦٦	يا رسول الله جي روضہ جو مقرر ڪر سلام	٧
226	٢٣٢	ياد مونکي اُهي آيون وو يار ڪيئي ڳجهيون جي ڳالهڙيون هوءِ هوءِ	٨
200	١٨٦	ياد وو ياد رانجها سي ڳالهڙيون تنهنجون مونکي ياد	٩
311	٣٩٨	يار ميرا هر صورت رنگا رنگي آپ دکاويگا	١٠
261	٣٠٢	يار عاشق دا ڪوئي احوال نهين تيکون پنهان اهيندا	١١
281	٣٣٩	يار چڱي تُسان لائي وت ميڏي تيڏي وائي قسم آهي	١٢
299	٣٧۴	يار ملي تا مئين جيسان لوڪ ڪري مر ريسان	١٣
308	٣٩٠	يار مئن ڏهون ڪرين ڪا آوڻ دي	١۴
325	۴٢٨	يار ٿئين وجي ياقي متان هيءَ وسارين ميان	١۵
336	۴۴٦	يار پاڏي ڙي ميان يار ساٿي ڙي ڪيچڙا ڪڏهن اسان وٺ ايندا	١٦
360	۴٩٧	يار توسان منهنجي زاري آهي سو لک واري ميان	١٧
361	۴٩٨	يار اسان ٿيون مارن تنهنجيون الغرضايون	١٨
370	۵١۵	يار چڱي توتان مونسان لائي ري دلبر لائي	١٩
371	۵١٧	يار سڄڻ تيڏي باندي هان باندي گهول گهماندي	٢٠

Scanned by CamScanner

		ڪافي نمبر	صفحو نمبر
۲۱	يار ساٿيو ڙي يار پانديوڙي ڪيچن جي ڪل مونکي ڪائي ڏيجو	۵۵۷	390
۲۲	يار ٻڌا هوا لوءِ بلوءِ ٻي تنهنجي هاڃا حُسن جا	۵۸۰	401
۲۳	يارو مُنهنجو يار ڪٿي ڪٿي صورت سير ڪري ٿو	۶۰۰	411
۲۴	يارو اُهين يار دي ٻاجهون جُدا جالڻ مئينون مشڪل	۶۷۲	646
۲۵	يار سڄڻ تيڏيان ڳالهين نهين لوڪ سُڻاوڻ ديان	۶۸۶	453
۲۶	يار منهنجي ڪي ڪري منت وڃي ڪائي	۷۱۹	466
۲۷	يار توتان مونسان ڪيهي ڪيهي لنؤ لائي	۷۲۵	469
۲۸	يار ديواني سا ڪيئي ٻي تا ڪيهي آکئين ڳالهہ	۷۳۸	474
۲۹	يار لايو رنگ ڏس تون جي هئين ڪنهن حال ۾	۷۴۴	477
۳۰	يارو وچ بيخودي ڪڏهڻ ڪڏهڻ آوندي هون	۸۱۱	506
۳۱	يار تسان ڪون ني حالوو آوين تہ آک سُڻاوين	۸۵۵	526
۳۲	يار مُسافر هوءِ گيا مئين ڪينون آکان ڪوڪ وي	۸۶۱	528
۳۳	ياقي ٿيو يار اسانکون دل نماڻي جي ڪسي	۹۳۳	555
۳۴	يار لڳي آءُ هلندي تو سان وو رهنديس ڪيئن ڀنيور ۾	۹۷۲	572
۳۵	يار تنئيڪون اساڏهون آوٽا ول نهين پڇي جاوٽا	۹۸۱	576
۳۶	يار ٻيلي ري متان مونکي هت ڇڏين	۹۹۷	582
۳۷	يار پنهڻ پيغامي ڪڏهن مُڪو ڪونہ مونکي	۱۰۶۰	604
۳۸	يار دي ڪيتي جوڳڻ ٿيان حال برهہ دا سُنائون ڪيها	۱۱۴۰	636
۳۹	يار ڏاڍا رنگ رسائين تئين اُتي مئين صدقي ٿيوان	۱۱۷۷	552
۴۰	يار سانون نہ وسارين مئين تا هووان تيڏي نالي	۱۲۳۴	677
۴۱	يار سڄڻ ڪيئن سري توکي اسان ٻاجهون	۱۲۳۵	678
۴۲	ياد مونکي اڄ پيون منيون ڳالهيون سُهڻا تنهنجيون	۱۲۳۹	679
۴۳	ياد مونکي اُهي آيون يار ڪيئي ڳجهيون جي ڳالهڙيون	۱۲۵۸	688
۴۴	يڪدن هوئين يڪدن وي ميان تانہ تا مولا تانہ رهي	۱۲۸۲	700

Scanned by CamScanner

ڪافين ۽ سُرن جو داستان

صفحو

داستان آسا ۽ گجري جي ڪافين جو	101
داستان بلاولي جي ڪافين جو	124
داستان ڀيروي جي ڪافين جو	184
داستان ڏناسري ۽ توڏي جي ڪافين جو	211
داستان جهنگلي جي ڪافين جو	250
داستان سارنگ جي ڪافين جو	320
داستان بروه ۽ تلنگ جي ڪافين جو	327
داستان ڪسوري جي ڪافين جو	478
داستان پهاڙي جي ڪافين جو	482
داستان جوڳ ۽ ماري جو	504
داستان پورٻي جي ڪافين جو	559
داستان ڀيلي جي ڪافين جو	567
داستان سسئي ۽ ڪوهياري جي ڪافين جو	572
داستان ديسئي جي ڪافين جو	636
داستان مومل ۽ ڪيڏاري جي ڪافين جو	641
داستان ڪليان جي ڪافين جو	648
داستان ڪنڀات جي ڪافين جو	684
داستان ويهاڳ جي ڪافين جو	687
داستان ڪوئنسيه جي ڪافين جو	691
داستان مالڪوئنس جي ڪافين جو	697
داستان متفرقو ڪلام	699

Scanned by CamScanner

مقدمو

مرزا علي قلي بيگ جي مختصر سوانح:

هيءَ هڪ حقيقت آهي ته سنڌ ۾ گُرجي خاندان جون سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪيل خدمتون شاندار ۽ يادگار آهن. ٻاهران آيل هن خاندان کي سنڌ ۽ سنڌي زبان سان ايتري محبت هئي جو هنن سوَن جي تعداد ۾ ڪتاب لکيا. سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن به گهراڻي سنڌي زبان ۽ ادب جي ايتري خدمت ڪانه ڪئي آهي. ان خاندان جو هڪ ئي فرد شمس العلماء مرزا قليچ بيگ "هڪ رانجهو لکان دا مٺ" هو. اهڙيون شخصيتون صدين کان پوءِ پيدا ٿينديون آهن.

مرزا علي قلي بيگ به ان ئي شريف، معزز ۽ علمي ادبي خاندان مان هو. سندن والد جو نالو فريدون بيگ هو ۽ پاڻ شمس العلماء جو ننڍو ڀاءُ يعني فريدون بيگ جو ڇوٿون نمبر فرزند هو. مرزا علي قلي جي ولادت 1856ع ۾ ٽنڊي ٺوڙهي (حيدرآباد) ۾ ٿي. مرزا فريدون بيگ جا فرزند جوڙي جوڙي ٿي اسڪول پڙهڻ ويندا هئا. مرزا علي قلي بيگ شروع ۾ مرزا قليچ بيگ سان گڏ آخوند شفيع محمد وٽ قرآن پاڪ پڙهيو. ان کان پوءِ هن پنهنجي وڏي ڀاءُ مرزا قليچ بيگ سان گڏ حيدرآباد جي سنڌي اسڪول ۾ داخلا ورتي. پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻئي ڀائر انگريزي اسڪول ۾ به گڏ پڙهيا. ٻنهي ڀائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي محبت هوندي هئي.

مرزا علي قلي بيگ بمبئي يونيورسٽي مان انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ حيدرآباد موٽي آيو ۽ تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪيائين. جيئن ته هو فارسي جو عالم هو تنهن ڪري کيس فارسي جو استاد مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ ترقي ڪري ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿيو. سندن وفات 1904ع ۾ ٿي. ان وقت سندس عمر 48 ورهيه هئي.

مرزا علي قلي بيگ کي ٽي پٽ ۽ ٻه نياڻيون هيون. سندن وڏو پٽ مرزا نياز حسين، ٻيو نمبر مرزا امداد حسين ۽ ٽيون نمبر مرزا نثار حسين.

مرزا صاحب سنڌي کان سواءِ، عربي، فارسي، ترڪي ۽ انگريزي جو ماهر هو. خاص طور گرامر ۽ علم الڪلام تي کين وڏي مهارت حاصل هئي. ان سان گڏ موسيقي جو به ماهر هو. سندن تصنيف تاليف هن ريت آهي:

پهاڪن جو ڪتاب: هن ۾ اٽڪل پندرهن سو ڪن سنڌي پهاڪا ڏيئي، انهن جا عربي، فارسي، اردو ۽ انگريزي ۾ مترادف شامل ڪيا اٿائين.

علم الڪلام: هيءُ ڪتاب عربي ۽ فارسي زبان ۾ آهي ۽ هن موضوع تي هڪ بهترين ڪتاب آهي.

لغات ثلاثہ: هن ڪتاب ۾ لفظن جون سنڌي کان علاوه عربي، فارسي ۽ انگريزي معنائون ڏنيون ويون آهن.

موسيقي جي زبان: هيءُ هڪ منفرد ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ رنگين نقشن سان ساز ۽ ان مان نڪرندڙ آواز اچارن وسيلي سمجهايو ويو آهي.

ابتدائي عربي، فارسي گرامر: هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو پڻ ڏنو ويو آهي.

اهي سمورا ڪتاب پنهنجي جاءِ تي نهايت ئي اهم آهن. جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪين گهڻين ئي ٻولين تي مهارت حاصل هئي ۽ پاڻ موسيقيءَ جا ايڏا ماهر هئا، جو ان جي فن تي هڪ منفرد ڪتاب لکيائون.

مرزا صاحب سنو ڪاتب پڻ هو. پنهنجي هٿ سان هڪ قرآن مجيد لکي، ان جو سنڌي زبان ۾ ترجمو ۽ تفسير پڻ لکيائون. اهي سمورا ڪتاب سندن پوين وٽ موجود هئا، جيڪي مرزا اعجاز علي بيگ 1980ع ۾ مرزا علي قلي عرف مرزا محب علي "محبن" وٽ زبون حالت ۾ ڏٺا هئا. پر افسوس جو هينئر اهي سندن پوين وٽ موجود نہ آهن.

مرزا علي قلي بيگ جو هيءُ ڪارنامو ساراهہ جوڳو آهي، جو هن وڏي محنت سان سچل سرمست جو ڪلام گڏ ڪيو ۽ پنهنجي خرچ سان 1902ع ۾ ان جو پهريون جلد ڇپرائي پڌرو ڪيو. ۽ ان جو نالو ڏنائين "رسالو ميان سچل فقير جو". هيءُ رسالو هريسنگهہ سکر واري ڪيس ڇپرائي ڏنو. رسالو ليٿو ۾ ڇپيل آهي. ان جي ڪتابت سيد قنبر علي شاهہ ڪئي، جيڪو پراڻي سکر جو ويٺل هو. رسالي جو ٻيو ڀاڱو 1903ع ۾ شايع ٿيو.

رسالي جي هن پهرئين جلد ۾ الف-ب وار ڪافين جي فهرست ڏنل آهي. ان کان پوءِ ديباچو شامل آهي، جنهن جي شروع ۾ مرزا صاحب لکيو آهي تہ "پڌرو هجي تہ سچل فقير جي ڪلام گڏ ڪرڻ ۾ مون گهڻي تڪليف ورتي آهي، سو هن ڪري جو شاعرن جي ڪلام ٻڌڻ جو شوق بہ پهريائين مون کي هن فقير جي ڪلام ٻڌڻ کان پوءِ پيدا ٿيو هو." پوءِ انهيءَ شوق ۾ مرزا صاحب سڄي سنڌ مان مختلف هنڌن تان 12 قلمي نسخا گڏ ڪيا. هڪ درازا مان، ٻيو ٽنڊي مير علي مردان خان جي مير صاحبن وٽان، ٽيون روهڙيءَ مان فقير غلام حيدر کان، چوٿون ديوان ليلارام سبارڊينيٽ جج کان، پنجون مرحوم مير صاحب مير حسين علي خان ٽالپر جي ڪتب خاني مان هٿ ڪيائين، جيڪو خيرپور مان مرحوم مير صاحب مير علي مراد خان ٽالپر وٽان آندل ڪتاب تان نقل ٿيل هو. ڇهون آندل فقير

ميراسي وٽان هٿ ڪيائين جنهن جو پيءُ ۽ ڏاڏو سچل سائين جي حضور ۾ ڪلام ڳائيندا هئا. آندل فقير پاڻ بہ چڱو ڳائڻو هو. ستون سچل سائين جي ٻالڪي فقير شير خان جو اصلاح ڪيل نسخو سندس پٽ مير محمد وٽان هٿ ڪيائين. اٺون ميان محمد يوسف فاروقي وٽان هٿ ڪيائين، جو سچل سرمست جي خاندان مان هو. نائون نسخو فاروقي خاندان جي هڪ ٻئي بزرگ فقير همت علي فاروقي جي هٿ اکرين لکيل ديوان چنديرام ٿلتي واري جي ڪتب خاني مان هٿ ڪيائين. ڏهون هالا جي پيرن وٽان هڪ نسخو هٿ ڪيائين، پر اهو ڪن جاين تان اڌوهي ڪاٽل هو. ان نسخي ۾ جيڪو ڪلام ڏنل هو سو وري ٻئي ڪنهن نسخي ۾ ڪونہ هو تنهن ڪري اڌوهي ڪاٽل سٽون يا ڪي لفظ لاچار ڪيس خالي ڇڏڻا پيا. انهيءَ اميد تي تہ من ڪو ٻيو نسخو ملي وڃي، جنهن جي ذريعي اڌوهي ڪاٽل سٽون يا لفظ مڪمل ٿي سگهن. پر افسوس جو 100 سالن کان وڌيڪ عرصو گذرڻ باوجود اهي مڪمل ٿي نہ سگهيا. ٻہ نسخا منشي نظر محمد دوئم منشي ناظر (1) شڪارپوريءَ کان کين مليا، جيڪي ٻين نسخن جي پيٽ ۾ سندن ڇوڻ موجب وڌيڪ مستند هئا. رسالي جو ٻيو ڇاپو پڻ هريسنگهہ ڇپرايو جنهن جي ڪتابت عبدالله سومري ڪئي. ان جي اشاعت جو سن ڪونہ ڏنل آهي.

اهي سمورا نسخا آڏو رکي مرزا صاحب سچل سائين جو رسالو تيار ڪيو. ڪن هنڌن تي کين ڪلام پڙهڻ ۾ ڏکيائي محسوس ٿي تہ درازا وڃي سچاڻ فقيرن سان صلاح مشورو ڪيائين. اهڙي ريت پنج ڇهہ ڀيرا درازا ويو ۽ ٽي چار ڀيرا ميلي جي موقعي تي اتي وڃي فقيرن سان ملي مونجهارا درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين.

مرزا صاحب ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو آهي تہ کيس منشي نظر محمد ۽ آندل فقير کان گهڻي مدد ملي. پاڻ انهن جو شڪريو ادا ڪيو اٿائين. ان کان علاوه ڪن ماڻهن کان لکپڙهہ ذريعي ڪلام جون صحيح پڙهڻيون معلوم ڪندو رهيو تہ جيترو ٿي سگهي اوترو صحيح ڪلام هجي. آندل فقير ڪي پورو مهينو پاڻ وٽ رهائي پڙهڻيون درست ڪرائي مرزا صاحب هيءُ رسالو تيار ڪيو. جنهن جي پهرئين جلد ۾ 1338 ڪافيون شامل آهن.

هن رسالي ۾ مرزا صاحب سچل سرمست جي سوانح تي مستند مواد مهيا ڪيو آهي. مرزا صاحب سچل سائين جي دور کي ويجهو هو ٻيو تہ آندل فقير ۽ مير محمد فقير جن جا والد سچل سائين جا ٻالڪا هئا، جيڪي سچل سائين جي حضور ۾ ڪلام ڳائيندا هئا، انهن فقيرن وٽان کين صحيح احوال معلوم ٿيو. ان کان علاوه هُو هن سلسلي ۾ ٻيا در بہ پيٽيندو رهيو. سچاڻ فقيرن کان روايتون هٿ ڪيائين ايڏي محنت اڄ تائين ٻئي ڪنهن بہ اسڪالر ڪانہ ڪئي آهي.

Scanned by CamScanner

رسالي جا ڪاتب

1. قنبر علي شاهہ:

سکر ۾ سنڌي اسڪول جو سينئر ماستر هو جنهن کي هيڊ ماستر آخوند فقير محمد صديقيءَ ٻاراٽي ڪلاس جي ماستري ڏني هئي. قنبر علي شاهہ خوشنويسي ۽ ستار وڄائڻ ڪري مشهور هو. ٻاراٽي ڪلاس جي نصاب ۾ جيڪو بمبئي تعليم کاتي منظور ڪيو هو تنهن ۾ الف اک لکيل هو. قنبر علي شاهہ حڪم ڏنو تہ الف الله پڙهو ۽ پنهنجي قلم سان شاگردن جي ڪتابن تي اک ڊاهي الف لکيائين، جنهن تي مشن جي عيسائي مئڊم گوڙ ڪيو. پر ميان قنبر علي شاهہ پنهنجي حڪم تان نہ مڙيو. آخر ديوان چترڀوڄ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر انڪوائري ڪرڻ آيو ۽ ميان جي حڪم جي تائيد ڪري ويو. وري جڏهن ائنگلو ورنيڪيولر اسڪول جي هيڊ ماستر ديوان بهار سنگهہ شڪايت ڪئي تہ سنڌي چوٿين درجي مان چوڪرا جيڪي انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿين ٿا، تن جي پيڙهہ ڪچي ٿئي ٿي، تنهن تي هيڊ ماستر ميان فقير محمد شاهہ صاحب کي چوٿين درجي تي رکيو(2).

2. عبدالله سومرو:

عبدالله ولد محمد بخش سومري جي ولادت گهوٽڪي کان ٽي ميل پري ڳوٺ علي محمد سومري ۾ ٿي. هن قرآن شريف جي ابتدائي تعليم ميان جي احمد علي ڪلهوڙي کان حاصل ڪئي جيڪو ڳوٺ شيخاڻي جو وينل هو. ان کان پوءِ فارسي تعليم مولانا نور محمد ملڪ عادل پوري وٽان حاصل ڪيائين. ڪتابت جو فن بہ نور محمد وٽان حاصل ڪيائين، جيڪو ان دور جو سٺو ڪاتب هو.

عبدالله سومري جو ڳوٺ ان وقت ديني تعليم جي لحاظ سان مشهور هو. مولانا تاج محمود امروٽي بہ ان ڳوٺ ويندو رهندو هو. عبدالله، مولانا امروٽيءَ کان گهڻو متاثر ٿيو ۽ هن سان گڏ خلافت تحريڪ ۾ مسجدن جي بچاءَ واري تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. ڪجهہ وقت پنهنجو ڳوٺ ڇڏي اچي امروٽ ۾ رهيو ۽ وڌيڪ تعليم بہ اتان ئي حاصل ڪيائين. ۽ اتي جي ڪاتبن کان ڪتابت جو فن پڻ سکندو رهيو.

امروٽ کان واپس ٿيڻ بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو "مدرسہ تعليم القرآن" جي نالي قائم ڪيائين، جتي آخري عمر تائين شاگردن کي ديني تعليم ڏيندو رهيو. سندس ساڄي ٻانهن ڀڳل هئي، تنهن ڪري کاٻي هٿ سان ڪتابت ڪندو هو. اهوئي سبب آهي جو کيس "چپ نويس" يعني

Scanned by CamScanner

ڪاهي هٿ سان لکڻ وارو سڏيندا هئا. پاڻ بہ پنهنجي نالي سان عبدالله چپ نويس لکندو هو. جيئن سچل جي رسالي ۾ لکيو اٿائين.

عبدالله. سکر ۾ حيدرآباد جي مشهور پبلشرس لاءِ اجوري تي ڪتابت جو ڪم ڪندو هو. هن ڪيترن ئي ديني ۽ اصلاحي ڪتابن جي ڪتابت ڪئي. سندس ڇپيل ڪتاب اڄ بہ ڪيترن ئي ڪتب خانن ۾ موجود آهن.

عبدالله سومري اسي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. سندس مزار ڳوٺ شيخاڻي جي پرسان ظاهر پير واري قبرستان ۾ آهي.

رسالو شايع ڪندڙ

- هري سنگهہ:

ماستر هريسنگهہ سکر وارو ڪتابن جو مشهور واپاري هو. سندس جنم 1857ع ۾ ٿيو. هن سکر ۾ ئي تعليم حاصل ڪئي ۽ اتيئي پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو. هن پهريائين نصابي ڪتاب ڇپرائڻ شروع ڪيا. پر پوءِ هن مختلف موضوعن تي ڪتاب ڇپرائڻ شروع ڪيا. هو پنهنجا ڪتاب لاهور، آگري ۽ بمبئي جي ليٿو پريس مان ڇپرائيندو هو. ليٿو ۾ ڇپجندڙ سندس ڪتابن جي ڪتابت ماستر قنبر علي شاهہ معصومي ۽ عبدالله سومرو ڪندا هئا. سندس دڪان سکر جي شاهي بازار ۾ هوندو هو. هريسنگهہ 60 ورهين جي ڄمار ۾ چالاڻو ڪري ويو.

سچل سائين جا شايع ٿيل رسالا:

مرزا علي قلي بيگ واري رسالي کان پوءِ جيڪي سچل سرمست جا رسالا تيار ٿيا، انهن جو مختصر وچور هن ريت آهي:

داستان وڏو رسالو سچل سائين جو: هيءُ رسالو مسٽر هيمراج، ميان در محمد ۽ سناٺن پين دوستن تيار ڪيو. پر اهو هيمراج ۽ درمحمد وارو رسالو سڏيو ويندو آهي. هيءُ رسالو پوڪرداس ٿانورداس (3) تاجر ڪتب شڪارپور ڇپائي پڌرو ڪيو. هن رسالي ۾ 731 ڪافيون ۽ ڪجهہ سي حرفيون شامل آهن. هيءُ رسالو مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان نقل ڪيل آهي.

آغا صوفي وارو رسالو: هن رسالي ۾ سچل سائين جي سوانح تفصيل سان ڏني وئي آهي. پر

Scanned by CamScanner

ڪلام ٿورو آهي. ڪافيون تمام ٿوريون ڏنل آهن، پر بيت چڱي تعداد ۾ ڏنا ويا آهن. پير حسام الدين راشدي سچل ادبي ڪانفرنس 1981ع جي موقعي تي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ آغا صوفي واري رسالي بابت هيءَ راءِ ڏني هئي:

"مان کي ياد آهي چڱي طرح ته مرحوم گربخشاڻي جڏهن شاهه جو رسالو شايع ڪيو. آغا صوفي مرحوم جيڪو هتئون جي درگاهه جو اوترو ئي عقيدت مند، اوترو ئي عاشق وارفته ۽ جان فدا هيو جيئن اسان جو اڄ علي اڪبر درازي ڏسو ٿا پيا. انهيءَ ويچاري تمام سٺي نموني رسالو شايع ڪري، هيءَ تسڪين ڏيڻ تي گهري ته گويا گربخشاڻي جي مقابلي تي هن شايع ڪيو هو سچل جو رسالو.

نماڻي فقير وارو رسالو: هيءُ رسالو درازا درگاهه جي هڪ مريدياڻي "هاسي ٻائي" احمد آباد بڙودا مان ڇپرايو جنهن جو ٻيو ڇاپو سچل چيئر پاران ڇپجي چڪو آهي. هن رسالي ۾ آيل ڪلام مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان ڪنيل آهي. هن رسالي ۾ سچل جي ڪلام سان گڏوگڏ ميان صاحب ڏني جو ڪجهه ڪلام پڻ ڏنو ويو آهي. هن رسالي ۾ 702 ڪافيون، 185 بيت ۽ 5 سي حرفيون شامل آهن.

رشيد احمد لاشاري وارو رسالو: هن رسالي ۾ سرائڪي بيت شامل نه آهن. هيءُ رسالو به مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان نقل ڪيو ويو آهي. هن ۾ 445 ڪافيون شامل آهن.

ان ڪان پوءِ عثمان علي انصاري "سچل سرمست جو سنڌي ڪلام" مرتب ڪيو ۽ مولانا محمد صادق راڻيپوري سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام مرتب ڪيو. ۽ رسالي واري روايت کي ختم ڪري ڇڏيو. حالانڪ مرزا علي قلي بيگ 1902ع ۾ سچل سائين جو ڪلام ڪٺو ڪري ان جو عنوان ڏنو "رسالو ميان سچل فقير جو" هو.

عثمان علي انصاري ۽ مولانا محمد صادق راڻيپوري وارا ٻئي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپرايا. انهن ٻنهن ڪتابن جا ٻي ٽي ڇاپا ڇپجي چڪا آهن. اڄ ڪلهه بازار ۾ اهيئي موجود آهن ۽ اسان جا عالم، اديب ۽ اسڪالر جيڪي هتي اچي مقالا پڙهن ٿا، سي انهن مان ئي حوالا وٺن ٿا. سرمست سلسلي جي 28 ڪتابن ۾ حوالا انهن ٻنهن ڪتابن تان ورتل آهن.

حقيقت هيءَ آهي ته اهي ٻئي مرزا علي قلي بيگ واري رسالي تان نقل ڪيل آهن. مرزا صاحب واري سچل سرمست جي رسالي ۾ سنڌي سرائڪي ڪلام گڏيل آهي. اهو راڳڻين جي اصول موجب تيار ڪيو ويو آهي. هنن صاحبن ان جي هن ريت ورهاست ڪئي. سنڌي ڪلام انصاري صاحب مرتب ڪيو ۽ مولانا محمد صادق راڻيپوريءَ سرائڪي ۽ اردو ڪلام مرتب ڪيو. انهن ٻنهن ڪتابن بابت پنهنجي راءِ ڏيڻ کان بهتر آهي ته ڪنهن ٻئي وڏي همعصر عالم جو رايو ڏنو وڃي.

Scanned by CamScanner

پير حسام الدين سن 1980ع ۾ سچل سرمست جي ميلي جي موقعي تي منعقد ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ فرمايو هو تہ :

"... مون کي معلوم آ تہ سچل سرمست جو رسالو ايڊٽ ڪونہ ٿيو آ. تصحيح بلڪل ڪانهي ڪا. غلط آ، جيڪو رسالو مرحوم انصاريءَ جو ڇپيو."

وري 1981ع ۾ سچل سرمست ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پنهنجي صدارتي تقرير ڪندي فرمايو هئائون تہ :

"... ازين قسم جڏهن اسان شايع ڪيو هو مرحوم انصاريءَ جو رسالو تڏهن مون کي ياد آهي تہ هن مرزا علي قلي بيگ جو يا ڪنهن ٻئي جو رسالو بهترين ڪاتب ڪؤن نقل ڪرائي، سهڻو جلد ٻڌرائي، (ڪٽي آيو) سنڌي ادبي بورڊ ۾ پاڻ ٻي ممبر هيو ۽ ظاهر آهي جيئن ممبر، ممبر جي پرده پوشي ڪري ٿو پيو. اهو عيناً (هو بهو) نقل آهي."

پير صاحب 1980ع واري سچل سرمست ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي مولوي محمد صادق راڻيپوري واري ڪتاب تي راءِ ڏيندي چيو هو تہ: "سرائڪي ۾ جيڪو سنڌي ادبي بورڊ مولوي محمد صادق کان رسالو ڇپرايو سو بہ جعلي آ."

انهيءَ وچور مان اها ڳالهہ صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ مرزا علي قلي بيگ ڀهريون عالم آهي، جنهن تحقيق جو صحيح حق ادا ڪيو. باقي پوين محض عقيدت جي آڌار تي رسالا تيار ڪيا. ٿوري گهڻي محنت آغا صوفي، عثمان علي انصاري ۽ مولوي محمد صادق راڻيپوري ڪئي. پر اهي بہ مرزا علي قلي بيگ جي معيار جا رسالا نہ آهن. انهن جي تيار ڪيل رسالن بابت سنڌ جي هڪ وڏي عالم جي راءِ پيش ڪئي وئي آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ مرزا علي قلي بيگ جيڪا محنت ڪئي، اهڙي محنت بعد جي مؤلفن کانہ ڪئي ۽ هيءَ بہ هڪ حقيقت آهي تہ بعد جي مؤلفن کي ڪي خاص قلمي نسخا هٿ نہ اچي سگهيا. مرزا علي قلي بيگ کي 12 قلمي نسخا هٿ آيا، ان کان علاوه کين پنهنجي وڏي ڀاءُ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جهڙي جڳ مشهور عالم جي رهنمائي پڻ حاصل هئي، تنهن ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هن وقت تائين جيڪي سچل سرمست جا رسالا شايع ٿيا آهن، انهن مڙني ۾ مرزا صاحب واري رسالي جو مانُ مٿاهون آهي. پر اڃان وڌيڪ مستند رسالي جي ضرورت آهي.

ڪريم بخش خالد مرحوم پنهنجي ڪتاب "سچل سائين" جي ديباچي ۾ پنهنجي پاران ۾ عثمان علي انصاري، مولانا محمد صادق راڻيپوري ۽ آغا صوفي جي تيار ڪيل "سچل جي رسالي" بابت

Scanned by CamScanner

پنهنجي ناقدانه راءِ جو اظهار ڪندي لکيو آهي:

”خيرپور ميرس ۾ ڪوٺايل پهرين سچل قومي سيمينار (1982ع) ۾ مرزا علي قلي بيگ مرحوم جي مرتب ڪيل ”سچل جي رسالي“ کي فوٽو آفسيٽ جي ذريعي ٻيهر ڇپرو ڪرائجي ته بهتر ٿيندو، ڇو ته قديم توڙي جديد ڇاپن مان، اهوئي نسخو تحقيق جي ڪسوٽيءَ تي بهتر لڳي ٿو. پر مرحوم عثمان علي انصاري جي سنڌي ۽ مولوي محمد صادق راڻيپوري مرحوم جي سرائڪي ڇاپي کي ٻيهر ڇپرو ڪيو ويو جن ۾ پهرين ڇاپن واريون غلطيون ته بدستور موجود آهن. پر ٻيو ڇاپو طباعتي لحاظ کان ڪسو آهي. ۽ متن به اهڙو ۽ ايترو ئي ناقص آهي، جيئن آغا صوفي مرحوم ۽ نماڻي فقير وارا ڇاپا آهن. آغا صوفي جي رسالي جي ايپاس مان صاف ظاهر آهي ته ان باري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ديوان ولڀداس، سيٺ قيمت راءِ رهيجا ۽ پرنسپل نارائڻ داس شنگواڻي ڪيو آهي ۽ ان جو ثبوت اکيچار لفظن جي غلط صورت خطيءَ مان ملي ٿو. انهيءَ رسالي جي اشاعت، سچل سائين جي سچي سنيهي کي ڪوڙي ڪچ سان ملائي ڇڏيو آهي.“

هيئنر اڇو ته سچل سرمست جي ڇپيل ڪلام تي هڪ نظر وجهون ۽ ان ۾ جيڪي گهٽ وڌايون آهن، سي ايمانداريءَ سان ظاهر ڪيون.

گهڻا سال اڳ راقم الحروف کي پنهنجي استاد پروفيسر عطا محمد حامي صاحب جي ذريعي هڪ قلمي نسخو مليو هو جيڪو هيئنر سچل سرمست پبلڪ لائبريري خيرپور ۾ موجود آهي. اهو خطي نسخو تقريباً سؤ سوا سؤ سال پراڻو آهي. ان جا اڳيان پويان ورق ڦاٽل آهن. تنهن ڪري اها خبر پئجي نه ٿي سگهي ته اهو نسخو ڪنهن جو لکيل آهي؟ جيئن ته ان ۾ سچل سرمست ۽ سندن همعصر شاعرن جو ڪلام موجود آهي، تنهن ڪري اهو چوڻ صحيح ٿيندو ته اهو نسخو سچل سائين جي دور ۾ لکيو ويو يا سچل سائين جي وصال کان ٿورو پوءِ لکيو ويو هوندو. ان ڪري اهو نسخو پوين نسخن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مستند چئي سگهجي ٿو. راقم ان نسخي کي آڏو رکي، سچل سرمست جي ڇپيل ڪلام جو مختصر جائزو پيش ڪيو آهي.

سچل سرمست جي سمورن رسالن مان مثال ڏيڻ سان مقدمو طويل ٿي ويجي ها. تنهن ڪري هتي صرف ٻن ٽن رسالن مان ڪجهه مثال ڏنا ويا آهن. مرحوم عثمان علي انصاري واري رسالي ۾ ڪافي 7 (4) جو ٽلهه هن ريت آهي:

آءُ ادا سالڪ، سهي ڪر تون طلسمات کي،

پيچ دوئي تان ڪل پويئي، دور ڪر درجات ڪي. (5)

خيرپور واري خطي نسخي ۾ ان ڪافيءَ جو ٽلهه هن ريت آيل آهي:

آءَ ادا سالڪ صحيح ڪر تون تا طلسمات ڪي،
پيچ اها تان سڌ پويئي، دور ڪر درجات ڪي. (6)

ان ڪافيءَ جو چوٿون شعر انصاري مرحوم واري رسالي ۾ هن ريت نظر ايندو.

تون ڪيئن وٺي ويهي رهين، هي هاءِ حڪايات ڪي،
ڳالهين منجهئون تا ڪين ٽئي پيچ اوٹ عزي لات ڪي (7)

اهو ساڳيو شعر خيرپور واري خطي نسخي ۾ هن ريت آيل آهي:

تون ڪيئن وٺي ويهي رهين، هي هاءِ حڪايات ڪي،
ڳالهين منجهئون تا ڪين ٽيندو تون اوٹ عزي لات ڪي (8)

مٿين شعر ۾ اوٹ ۽ پيچ لفظن جو اجايو اضافو ڪيو ويو آهي. جو تہ اوٹ لفظ جي هڪ معنيٰ پيچ ڏاهہ پڻ آهي (9).

هيئنئر ان ڪافيءَ جو آخري شعر ملاحظہ فرمايو:

سچو روئين چو هيترو بس ڪر هن برسات ڪي،
تصديع تون چو ڏئين، محبوب جي محلات ڪي. (10)

خيرپور واري خطي نسخي ۾ بہ مصرع هن ريت آيل آهي:

تصديع تون ڪيئن ٿو ڏئين، محبوب جي محلات ڪي.

هن شعر ۾ لفظ "چو" کان "ڪيئن" وڌيڪ موزون ۽ مناسب لڳي ٿو ڇاڪاڻ تہ چو لفظ مان اڻ ڄاڻائي ظاهر ٿئي ٿي، پر هن لفظ استعمال ڪرڻ سان اها معنيٰ ۽ مراد ظاهر ٿئي ٿي تہ تو جهڙو ڄاڻو اهڙو اڻ ڄاڻائي وارو ڪم ڪري، افسوس ۽ تجب جي ڳالهہ آهي!!

انصاري مرحوم جي رسالي ۾ آيل هڪ ڪافي جو ٽلهہ هن ريت نظر ايندو:

Scanned by CamScanner

حاجي حج اڄ ڪيوسي، ڪعبو منهن محبوب جو. (11)

پر خيرپور واري خطي نسخي ۾ ان ڪافيءَ جو ٽُلهه هن ريت نظر ايندو:

حاجي اڄ ڪيوسي ڪعبي منهن محبوب جي (12)

رشيد لاشاري مرحوم واري رسالي ۾ اهو ٽُلهه وري هن ريت ڏنل آهي:

حاجي اڄ حج ڪيوسين، ڪعبو منهن محبوب ڏي (13)

هيئنر ٿورو غور جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ته خطي نسخي ۾ آيل ٽُلهه معنيٰ ۽ مفهوم جي لحاظ کان توڙي فني لحاظ کان صحيح نظر ايندو محققن خبر ناهي ڇو ان ۾ ڦيرڦار ڪري غير ضروري اضافا ڪيا آهن.

سچل سائين پنهنجي هن ڪافيءَ جي ٽُلهه ۾ محبوب جي منهن کي ڪعبي سان تشبيهه ڏيندي فرمائي ٿو ته محبوب جي ديدار اسان کي حاجي بڻائي ڇڏيو. هيئنر ڪعبي وڃڻ جي ضرورت ڪانه آهي، ڇاڪاڻ ته محبوب جو منهن ڪعبو آهي، ان ڪعبي جي زيارت نصيب ٿي. ائين ڇڻ اسان جو حج ٿي ويو ۽ اهڙي ريت محبوب اسان کي حاجي بڻائي ڇڏيو.

ان ساڳي ڪافي جي چوٿين شعر ۾ ٺيٺ سنڌي لفظ نانءُ ڪڍي، ان جي جاءِ تي انصاري مرحوم نام لفظ آندو آهي، خبر ناهي ته ائين ڇو ڪيو ويو؟ اصل شعر هن ريت آهي:

هاريون ڙي حرمين ڏي، سندن نانءُ نيوسي

هڪ ڪافي جنهن جو ٽُلهه آهي:

پرين هي پيغام، ساري ساٿيو ڏيجو.

انصاري مرحوم ان ۾ "ساٿيو" بجاءِ "ساٿيا" لفظ آندو آهي. ان ڪافيءَ جو آخري شعر خيرپور واري خطي نسخي ۾ هن ريت آيل آهي. (14)

جيهو تيهو آهه اصل ڪؤن، سچو سو سنديو سام (15)

اهو شعر انصاري صاحب واري رسالي ۾ هن ريت ڏنل آهي:

Scanned by CamScanner

جيهو تيهو آهي اصل کئون، سچو گولو غلام (16)

هينئر خبر نٿي پوي تہ ڪهڙي مصلحت سبب صحيح ۽ سهڻي شعر ۾ تبديلي ڪئي ويئي آهي؟ ٻي هڪ ڪافي جو ٽلهہ خيرپور واري خطي نسخي ۾ هن ريت آيل آهي:

منهنجا واقف يار سدائين تون جينئدو رهين. (17)

اهو ٽلهہ انصاري مرحوم واري رسالي ۾ هن ريت نظر ايندو:

منهنجا واقف يار سدائي تون جيئنديں.

منهنجي ناقص راءِ موجب جيئنديں، بجاءِ جيئندو رهين، وڌيڪ مناسب ۽ سهڻو لڳي ٿو. دعائيہ ڪلمي ۾ ائين ئي چيو ويندو تہ تون جڳ جڳ جيئندو رهين، سدائين جيئندو رهين. انهيءَ ساڳي ڪافي جو هيءُ شعر انصاري مرحوم واري رسالي ۾ نظر نہ ٿو اچي:

توئي جيهو ڪونہ لهان ٻيو مون جيها لک هزار.

سچل سائين جو رسالو مرتب ڪندڙ اديبن ۽ عالمن هڪ ڪافيءَ جو خبر ناهي ڪهڙي سبب مورڳو قافيو ئي بدلائي ڇڏيو آهي. اها ڪافي خطي نسخي ۾ هن ريت آيل آهي:

ڪڏين ايندؤ هڪ ٿيندؤ نت نهاريان سنديو واٽڙيون،
سانول ڪهين سانگ سان، اڳڻ اسان جي ايندؤ
اهو اٿئون آسرو بديون تا بخشيندؤ
ڪنهن ڏينهن هن ڏکيءَ کي، دوست دلاسو ڏيندؤ
پرين نيندؤ پاڻ سان، ڇپر تان نہ ڇڏيندؤ
ٿوري گهڻي ڏينهڙي، گولي ساڻ گڏيندؤ
پڪا پڪن سامهڻان، اوري آئي اڏيندؤ.
سو ڏينهن ٿيندو ڪهڙو جو سچو ڪري سڏيندؤ. (18)

مٿين ڪافي ۾ محققن پهريون لفظ "ڪڏين" بدلائي "ڪڏهن" آندو آهي، حالانڪ ڪڏين خالص اترادي لهجو آهي. ٻي افسوسناڪ ڳالهہ اها آهي تہ قافيو جمع بجاءِ واحد ۾ آندو ويو آهي. يعني "ڪڏين ايندين هڪ ٿيندين نت نهاريون سندئي واٽڙيون" سڄي ڪافي ۾ ان ريت قافيا آندا ويا آهن. ان ريت سڄي ڪافي جو رنگ ئي بدلجي ويو آهي.

جڏهن اسان سچل سائين جي سرائڪي ڪلام جو اڀياس ڪيون ٿا تہ اهو معلوم ٿئي ٿو تہ سندس سرائڪي ڪلام ترتيب ڏيڻ وقت ڪلام جي صحت طرف گهٽ توجهہ ڏنو ويو آهي. سنڌي ڪلام وانگر ڪن هنڌن تي پنهنجي مرضي موجب ڦيرڦار پڻ ڪئي وئي آهي. هن هيٺ ان جا ڪجهہ مثال نموني طور پيش ڪيا وڃن ٿا. خيرپور لائبريري واري نسخي ۾ هڪ ڪافي جو ٿلهہ هن ريت آهي:

ڪيها اکيان نون رنگ لايئ رنگ لايؤ رنگ لايؤ. (19)

سڄي ڪافي ۾ اهو قافيو آندو ويو آهي، پر مولوي محمد صادق پنهنجي ڪتاب "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام" ۾ ان ڪافيءَ جو قافيو ئي بدلائي ڇڏيو آهي. سندس ڪتاب ۾ ان ڪافيءَ جو ٿلهہ هن ريت آهي:

اکيان نون رنگ لايا، لايا لايا رنگ اکين نون.

نہ صرف قافيو بدلايو ويو آهي، پر ٻي بہ ڦيرڦار ڪئي وئي آهي. مثلاً: ان ساڳيءَ ڪافيءَ جو آخري شعر ان پراڻي نسخي ۾ هن ريت آيل آهي:

حيرت دي وچ مين تان هوئيان
سچو نانءَ سڏايؤ.

مولوي صاحب واري ڪتاب ۾ اهو آخري شعر هن ريت نظر ايندو:

حيرت دي وچ هڪ جو ٿيان،
سچل سر هي سلايا (20)

اهڙيءَ ريت هڪ ڪافيءَ جو ٿلهہ خيرپور واري خطي نسخي ۾ هن ريت آيل آهي:

ڪيهي لاءِ ڳيا ڳيا پرديسڙا، توبہ توبہ پرديسڙا (21)

مولوي صاحب واري ڪتاب مان ٿلهہ جو پويون اڌ الاجي ڇو غائب ڪيو ويو آهي. ان ساڳيءَ ڪافيءَ جو آخري شعر خيرپور واري قديم نسخي ۾ هن ريت آهي:

ڳالهہ عشق دي يار پيارل
سچو ڪون سمجهاءِ ڳيا.

Scanned by CamScanner

مولوي صاحب واري ڪتاب ۾ ان جي اصلاح ڪري اهو شعر هن ريت ڏنو ويو آهي:

عشـــق دي يـــار حــقـــيــقـــت ســاري
ســچــو ڪــون ســمــجــهــاءِ ڳــيــا. (22)

رشيد لاشاري واري ترتيب ڏنل رسالي ۾ اهو آخري شعر هن ريت نظر ايندو.

ڳــالــهـــ عشـــق دي يـــار پـــيـــاري
ســچــو ڪــون ســجــمــهــا ڳــيــا (23)

هڪ ٻيو مثال ملاحظہ فرمايو. خيرپور واري خطي نسخي ۾ هڪ ڪافيءَ جو ٿلهہ هن ريت آهي:

اهي اکيان ڪهين نہ لکيان، نال ماهي دي رنگ رتيان.

ان جو پهريون شعر ان نسخي ۾ هن ريت آهي:

ويــڪــڻ رانــجــهــن دي ڪــنــون هــور نــہ مــائــيــي
رب ڏيــڪــڻ ڪــيــتــي ڏتــيــان (24)

اهو ساڳيو شعر مولوي صاحب هن ريت ڏنو آهي:

ويــڪــڻ رانــجــهــو ديہ ڪــنــون هــوڙ نــہ مــائــي
رب ڏيــڪــڻ ڪــيــتــي ڏتــيــان. (25)

منهنجي ناقص خيال موجب "هوڙ نہ مائي" جي بجاءِ اصل نسخي ۾ آيل "هور نہ مائيي" (ٻيو ڪوبہ نہ اي امان) وارا ٻول وڌيڪ واضح ۽ صحيح معلوم ٿين ٿا ۽ ان ئي نموني شعر صحيح ۽ با معنيٰ ٿي سگهي ٿو.

ان ساڳي ڪافي جو هڪ شعر مولوي صاحب واري ڪتاب ۾ هن ريت نظر ايندو:

عشق ماهي دا غالب هويا، وسريان ٻيان ڳلان ڪٿيان. (26)

مگر خيرپور واري خطي نسخي ۾ اهو شعر هن ريت ڏنل آهي:

عشق ماهي دا غالب هويا، وسريان ٻيان ڳالهيان ڪتيان (27)

Scanned by CamScanner

ان ڪافيءَ جو آخري شعر مولوي صاحب واري ڪتاب ۾ هن ريت ڏنل آهي:

نال سڄڻ ڦري سچو مستانا، مي محبت ديان پي متيان (28)

خيرپور واري خطي نسخي ۾ اهو شعر هن ريت نظر ايندو:

نالي سڄڻ دي سچو رهن مستانيان،
محبت مي پي جي متيان (مدهوش ٿيون). (29)

هينئر غور سان ڏٺو وڃي ته خيرپور واري خطي نسخي ۾ ڪافي صحيح صورت ۾ لکيل نظر ايندي. مولوي صاحب واري ڪتاب ۾ قافيي جي تبديلي ڪئي ويئي آهي، جا مناسب نه ٿي لڳي. حقيقت ۾ ان قسم جي ڦيرڦار سان صحيح ڪافي کي فڪر توڙي فن جي لحاظ کان نقصان رسي ٿو. جا ڳالهه نهايت ئي ڏک ۽ افسوس واري آهي.

جيئن سرمست جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام سان هٿ چراند ڪئي وئي آهي، تيئن سنڌس اردو ڪلام سان به زيادتي ڪئي وئي آهي. حقيقت ۾ سچل سرمست جو اردو ڪلام سنڌي، سرائڪي ۽ هندي گاڏڙ آهي. اهو غزل راڳڻين تي مشتمل آهي ۽ ان کي "غزل نما ڪافيون" چئي سگهون ٿا. سنڌس اردو شاعري زبان جي لحاظ سان ولي دکني واري شاعريءَ سان ڪي قدر ملندڙ آهي. سنڌس اردو ڪلام ۾ ولي جي شاعريءَ وانگر "سون"، "سين" ۽ "ڪون" وغيره لفظن جو استعمال عام نظر ايندو. وٽس جمع جو طريقو به دکني زبان وانگر الف نون جيءُ اضافي وارو آهي. مثلاً فريادان، بهاران، هزاران، پڪاران، عاشقان وغيره. مثال لاءِ سنڌس هڪ غزل (ڪافي؟) ملاحظه فرمايو:

ليا بره بلبلى سون جب رت آئى بهاراں
فرياد وصل سيتى، كرتا جون بيقراراں
ہم حال اسكون پوچها عاشق گلون كا تم ہيں
كہہ وصل يا ہجر ہے، روتے ہيں زاروزاراں
منقار بيچ گل ہے، كرتے ہيں لكهہ فرياداں
كہہ يہى سبب كيا ہے، حاصل ہے گل ہزاراں
ان مجه سون پهر سنايا، اے بے خبر بره كا
اس كام ميں ركها كيا، مجهہ كوں رے آن نگاراں
آئيان نہ خوش فرياداں، ميريان رے اس صنم كو
تس واسطے نہ چهوڑوں سچو يہى پكاراں۔ (30)

Scanned by CamScanner

اهو ساڳيو غزل مولوي محمد صادق واري ڪتاب ۾ هن ريت نظر ايندو:

بلبل کو برہ پہنچا، آئی ہے رت بہاراں
فریاد وصل اس کی، ہے مثل بیقراراں
میں نے یہ اس سے پوچھا، عاشق ہے تو گلوں کا
یہ وصل ہے یا فرقت، روتا ہے زارو زاراں
منقار ہے گلوں پر، پھر بھی ہیں لاکھہ نالے
یہ کیا سبب ہے آخر، حاصل ہیں گل ہزاراں
بلبل نے یہ بتایا، اے عشق سے بے بہرہ
اس باغ میں نہیں ہے، میرے لئے نگاراں
آئی نہ راس میری، فریاد میرے گل کو
اس واسطے سچل میں چھوڑوں نہیں پکاراں (31)

هينئر پڙهندڙ حضرات اهو فيصلو پاڻ ڪري سگهن ٿا ته سچل سائين جي اردو غزل (ڪافي؟) ۾ ڪيڏي نه ڦيرڦار ڪئي وئي آهي. ان ڦيرڦار سبب سچل سائين جي اردو ڪلام جي اصل صورت ۽ قدامت کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي. سچل سائين جي اردو ڪلام جا خاص الفاظ "کون"، "سون" وغيره ته مولوي صاحب واري ڪتاب ۾ ڪٿي به نظر نه ايندا. اهڙيءَ ريت سچل سائين جي قديم اردو ڪلام کي نئون رنگ روپ ڏنو ويو آهي. مرحوم رشيد لاشاري، پنهنجي ڪتاب ۾ مولوي صاحب کان به وڌيڪ اڳتي نظر ايندو. هينئر سچل سرمست جو اردو ڪلام پڙهندڙ کي ائين محسوس ٿيندو ته سچل سائين قديم دور جو نه، پر جديد دور جو اردو شاعر آهي.

هينئر ان ڳالهه جي سخت ضرورت آهي ته خيرپور وارو خطي نسخو ۽ ٻيا ڪي قلمي نسخا هٿ ڪري مرزا علي قلي بيگ وارو رسالو آڏو رکي، انهن جي روشنيءَ ۾ سچل سرمست جو رسالو نئين سر تيار ڪيو وڃي. ان کان علاوه ميرن جي دور جي ٻين شاعرن ابوبڪر، محڪم الدين، قلندر گل محمد، فتح فقير ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام پڻ ڪٺو ڪري ڇپرائڻ جي سخت ضرورت آهي. اميد ته سچل اڪيڊمي جا سڄاڻ اديب منهنجي هن نماڻي گذارش تي غور ڪندا ۽ هن ڏس ۾ پنهنجون ڪوششون جاري رکندا.

Scanned by CamScanner

سچل سرمست جا مشهور طالب

(الف) گهرام فقير جتوئي :

سچل سائين جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام بابت هن وقت تائين جيڪا تحقيق ٿي آهي، سا اڃان اڻ پوري آهي. هين موضوعن کي ڇڏي فقط سچل سائين جي طالبن بابت ٿيل تحقيق تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته اها نه فقط اڻ پوري آهي، پر اختلافن سان پڻ ڀريل آهي. محققن سچل سائين جي طالبن جا فقط نالا ڳڻايا آهن. پر انهن بابت وڌيڪ تحقيق ڪانه ڪئي وئي آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر تنوير عباسي پهريون شخص آهي، جنهن وک وڌائي نانڪ يوسف جي سوانح، ڪلام ۽ پيغام بابت معياري ڪتاب تيار ڪيو جيڪو سن 1983ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان کان پوءِ سنڌي زبان ۽ ادب جي محسن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪافي بابت "ڪافيون" نالي معياري ڪتاب تيار ڪيو جنهن جو پهريون جلد سنڌي ادبي بورڊ سن 1985ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن ۾ سچل جي سلسلي وارن شاعرن تي نهايت ئي قيمتي مواد ڏنل آهي.

سچل سائين جي سيني ٻالڪن/طالبن جو ذڪر ڪيو ويندو ته هڪ ڪتاب تيار ٿي ويندو. تنهن ڪري آءٌ فقط ٽن ٻالڪن گهرام فقير جتوئي ۽ ڪن ٻين جو ذڪر ڪندس. سڀ کان پهرين گهرام فقير جتوئي جو ذڪر ڪجي ٿو جنهن بابت اسان جي محققن مفصل معلومات ڪانه ڏني آهي ۽ نه وري سندس صحيح سوانح لکي وئي آهي. ڪن محققن کيس لاڙ جو ڄاڻايو آهي (32). حالانڪ اها ڳالهه صحيح نه آهي. لطف الله بدوي مرحوم پير علي گوهر شاهه اصغر جي شاعري جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: "اصغر جو شعر جن ٻڌو آهي، تن کان پڇو ته سندس شعر ۾ ڪيڏو نه سوز ۽ ساز آهي. هن ئي درد مان فقير حمل خان لغاري ۽ گهرام فقير جهڙن دردنگار شاعرن درس ورتو (33). اها راءِ پڻ تحقيق طلب آهي.

اهي روايتون ۽ رايا پڙهڻ کان پوءِ دل ۾ خيال ٿيو ته گهرام فقير بابت وڌيڪ تحقيق ڪئي وڃي ته جيئن محققن کي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. تحقيق ڪرڻ لاءِ راقم گهرام فقير جي پوين سان ملاقات ڪئي. جنهن ۾ نانڪ فقير عمر نوي ورهيه ۽ رانجهڻ فقير عمر سٺ سال. هي ٻئي فقير، گهرام فقير جي مزار جا مجاور آهن. حڪيم نظام الدين جتوئي ولد مولوي فقير الله وينل شهر لاڙڪاڻو عمر پنجاهه سال جنهن وٽ گهرام فقير ۽ بخش علي جو ڪجهه ڪلام موجود آهي. ان کان علاوه فقير وندر علي پٽني، وينل باڍهه عمر نوي ورهيه ۽ نوجوان اديب روشن علي تنيو وينل يارو ديرو ضلع لاڙڪاڻو

Scanned by CamScanner

پڻ هن سلسلي ۾ مدد ڪئي. انهن وٽان مليل معلومات جي آڌار تي گهرام فقير جي سوانح بابت ڪي ڳالهيون عرض ڪجن ٿيون.

گهرام فقير ولد بخش علي فقير، ولد غلام حيدر فقير اصل ۾ پاڳ ناڙيءَ جا ويٺل هئا. سندن ڏاڏي غلام حيدر فقير کي بيل پٽ ۾ نوتال جي وچ ۾ ديهه بگو خان جتوئي ۾ جاگير مليل هئي. سندس پاڙو بارگ آهي ۽ نئن بارگ تي اهو نالو شايد سندن پاڙي جي مناسبت سان پيو.

بخش علي فقير اتان لڏي اچي نواب شاهه ضلعي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ويٺو. والد جي وفات کان پوءِ گهرام فقير اچي ٽرڙي هاشم جي ويجهو ڳوٺ ٻڌو. ٽرڙي هاشم نصير آباد کان لاڙڪاڻي طرف اٽڪل ڏهه ڪلوميٽر پري آهي. گهرام فقير جي اچڻ کان پوءِ سندس هڪ عزيز خيرو پڻ اچي اتي رهيو ۽ سندس نالي پٺيان ڳوٺ جو نالو خيرو مشهور ٿيو.

نانڪ فقير جي روايت موجب گهرام فقير جي ولادت سن 1162هه ۾ ٿي. عربي، فارسي جي تعليم پنهنجي والد بخش علي ۽ ملا فيض محمد کان حاصل ڪيائين. ٻارهن مهينا ڪن سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ڪيائين. ڀوهه جوانيءَ ۾ ڪيس سچل سائين وٽان فقيري ملي ۽ سچي سائين کين پنهنجي پڳ عطا ڪئي. گهرام فقير کي نرينو اولاد هڪ پٽ هو جنهن جو نالو بهرام هو جيڪو ڀوهه جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو.

گهرام فقير جا وڏا درازي درگاهه جا پيڙهيائتا مريد هئا. فقير صاحب جو والد مولانا بخش علي هڪ وڏو عالم ۽ صوفي درويش هو. ان ئي خاندان مان بخش علي ثاني وڏو شاعر ٿي گذريو آهي (34). ساڳئي خاندان مان فقير الله نالي هڪ شاعر ٿي گذريو آهي (35).

دوست ساٿي: فقير صاحب جو ان دور جي درويشن ۽ فقيرن سان پرت جو پيچ هو. خاص طور نانڪ يوسف (وفات 1269هه)، خير شاهه (36) (وفات 1236هه کان پوءِ)، ڏنل فقير ويٺل جهل مگسي (وفات 1260هه کان پوءِ)، فقير غلام حيدر شر (37) سندس گهرا دوست هئا.

وفات ۽ مدفن: گهرام فقير وڏي ڄمار ماڻي. هڪ روايت موجب سچل سائين جيتري ڄمار ۾ يعني نوي ورهين جي عمر ۾ سن 1262هه ۾ وفات ڪيائين. سندس مزار ٽرڙي هاشم ويجهو ڳوٺ خيرو خان جتوئي ۾ آهي. سندس فرزند بهرام فقير جي مزار سندس مزار سان لڳولڳ آهي.

گهرام فقير سچل سائين جي درگاهه تي گهڻو ويندو رهندو هو. اڪثر گهوڙي تي چڙهي درازين ويندو هو. سچل سائين کيس تمام گهڻو پيارو گهرندو هو. اهوئي سبب آهي جو سچي سائين کيس پنهنجي پڳ امانت طور ڏني هئي.

Scanned by CamScanner

جڏهن سچل سائين جو وصال ٿيو تہ اها ذڪ پري خبر ٻڌندي ئي پيرين پيادو رئندو درازين روانو ٿيو. رستي ۾ سچل سائين جي شان ۾ هڪ سي حرفي جوڙي هئائين جا اڄ ملي نہ ٿي سگهي. سندس هڪ ڪافي خيرپور پبلڪ لائبريري ۾ رکيل هڪ قديمي بياض ۾ محفوظ آهي، جيڪا سچل سائين جي وصال وقت چئي هيائين، جنهن جو ٿلهہ هن ريت آهي:

هو سچو سالڪ سچل، دانهہ درازي در هيو

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ گهرام فقير ۽ اصغر سائين جون ڪيتريون ئي ڪافيون ساڳئي رنگ ۾ چيل آهن. خاص طور ٻنهن جون ڏگهي بحر واريون ڪافيون نهايت ئي خوبصورت آهن. اصغر سائين جي ڪافين جا ڪجهہ ٿلهہ مثال ملاحظہ فرمايو:

1 – ڪعبي وچن ڪيئن ڪاپڙي، جي عام ڪان آجا ٿيا
2 – رمزان رانول منهنجي روح ۾ اڄ ڪي وري لايون نيون
3 – ڪانگل ڪيي دل تو ڏيان، جانب اڳيان جي تون ڪئين

هينئر گهرام فقير جي ڪافين جا ڪجهہ ٿلهہ مثال طور پيش ڪجن ٿا:

1 – ناپيد ڳالهيون نينهن جون، تنهن مان ڇا ڄاڻن عام ميان
2 – ناحق وڃايئي نينهن ري، ساري عمر افراد ميان
3 – عشق خنجر ڪوڙيا تہ بہ منهن نہ مستن موڙيا

هن ڳالهہ کان ڪو انڪار ڪري نٿو سگهي تہ راشديہ خاندان کي روحانيت خواہ علم ادب جي سلسلي ۾ بلند مقام حاصل آهي. گهرام فقير جي دور ۾ پير علي گوهر شاهہ اصغر (وصال 1263هہ) گادي نشين هئا. گهرام فقير هڪ صوفي درويش هو. هو اصغر سائين جهڙي عالم، عارف، عاشق ۽ پرسوز شاعر جي خدمت ۾ ضرور حاضر ٿيو هوندو. هن سلسلي ۾ مستند روايتون ڪونہ ٿيون ملن. فقط هڪ واقعي بابت بہ مختلف روايتون موجود آهن. هڪ روايت ديوان بيدل جي مقدمي ۾ ڏنل آهي. ٻي ڪجهہ ٿير ڦار سان گهرام فقير جي پوين وٽان معلوم ٿي. هتي اهي روايتون پيش ڪجن ٿيون.

هڪ روايت موجب نم جي ڳوٺ ۾ اصغر سائين جن پنهنجن مريدن وٽ ترسيل هئا. اتي ڪنهن سلوڪ واري فقير جي طلب ڪيائون. سندن مريد گهرام فقير کي وٺي آيا. ان وقت اصغر جي عمر پندرهن ويهہ ورهيہ هئي ۽ گهرام فقير پوڙهو ٿي چڪو هو. فقير صاحب اصغر سائين جي حڪم

Scanned by CamScanner

تي جامو پائي، ڇيريون ٻڌي، جيڪا ڪافي ڇني سا ڪافين جي اڪثر پراڻن بياضن ۾ موجود آهي. ان ڪافي جو ٿلهہ هن ريت آهي:

ناحق وڃايئي نينهن ري، عمر سڄي افراد ميان.

هي روايت جيڪا نانڪ فقير کان معلوم ٿي، ان موجب گهرام فقير درازين ويندي يا ايندي ڪنگريءَ وٽان گذريو تہ پير صاحب کي پتو پئجي ويو. مريدن کي حڪم ڪيائين تہ "فقير کي هتي وٺي اچو". فقير حاضر ٿيو. سائين جن پڇيس تہ "اهو گهرام تون آهين جنهن سچل کي ڪاريو آهي." ٻيا بہ گهڻا ئي سوال جواب ٿيا. اصغر سائين کيس چيو تہ "اهڙو فقير آهين تہ هينئر جو هينئر ڪلام ٺاهي ٻڌاءِ" فقير ڪافي چوڻ شروع ڪئي تہ شاهہ صاحب بيهوش ٿي ويو. فقيرن گهرام فقير تي پٿر ۽ سروٽا وسايا. فقير رتو رت ٿي ويو. جڏهن پير صاحب هوش ۾ آيو تہ فقيرن کي تنبيهہ ڪيائون ۽ فقير صاحب کان سچو ڪلام ٻڌائون.

مٿين بحث مان اهو چٽيءَ ريت واضح ٿئي ٿو تہ گهرام فقير پير علي گوهر شاهہ اصغر جو گهڻو عقيدت مند هو. پر طالب سچل سائين جو هو. جيئن بيان ٿي چڪو آهي تہ گهرام فقير وڏي ڄمار ماڻي. ان دور جي مشهور ڪافي گو شاعرن سان سندس دوستي ۽ نيازمندي هئي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هو سچل سائين جي صحبت ۾ رهيو ۽ اتان ئي شاعري ۽ فقيريءَ جو فيض حاصل ڪيائين. گهرام گهڻو ئي ڪلام چيو هوندو پر افسوس جو اٽڪل سندس پنجاهہ کن ڪافيون ۽ هڪ سي حرفي محفوظ آهي. باقي ڪلام ضايع ٿي ويو. سندس ڪجهہ ڪلام مير محمد حسين علي خان واري بياض ۾ موجود آهي. ان بياض ۾ سندس 30 ڪافيون ۽ هڪ سي حرفي محفوظ آهي. ڪجهہ ڪلام سندس پوين وٽ موجود آهي. ٿورو گهڻو ٻين بياضن ۾ ملي ٿو.

گهرام فقير جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ سندس ڪلام ۾ فني پختگي سان گڏوگڏ فڪر جي گهرائي پڻ نظر ايندي. عشق سندس ڪلام جو اهم جز آهي. سندس هيءَ ڪافي ڪيترن ئي بياضن ۾ موجود آهي:

ناحق وڃايئي نينهن ري، ساري عمر افراد ميان
ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهي، ٿئين مولوي مقصاد ميان
ڪاغذ ڪارا ڪيئي ڪيترا، برهين بنا برباد ميان
منهن ڏکي ماڻهن ڪنان، زاهد ٿئين تون زياد ميان

Scanned by CamScanner

حق نہ حاصل تو ڪيو ٿئين عشق ڪئون آزاد ميان.
گوشي ويهي گهرام چئي، ڪر يار کي تون ياد ميان
تو ۾ نظارو نينهن جو وٺ عشق ڪئون ارشاد ميان.(38)

فقير صاحب عشق جي عظمت ۽ اهميت بيان ڪندي ٻڌايو آهي تہ عشق کان سواءِ جيڪا عمر گذري ٿي، سا افراد سمجهڻ گهرجي. جيڪڏهن عشق شامل نہ آهي تہ ڪروڙين ڪتاب پڙهڻ مان هڙ حاصل ڪونہ ٿيندي. هو ٻڌائي ٿو تہ ڪفر اسلام جي جهيڳڙي کان پري ٿي عشق تي اعتقاد رک ۽ نينهن جو نعرو هڻي سڀ وهم وسوسا، شڪ گمان لاهي شاد ٿي. هن ڪافي ۾ زاهد خشڪ جي بہ چڱي لاک لاٿي اٿائين. آخري شعر ۾ "وفي انفسڪم" جي طرف اشارو ڪندي عشق کان ارشاد وٺڻ جي تلقين ڪئي اٿائين. ٻي هڪ ڪافي ۾ فرمايو اٿس:

ڪاغذ ڪالي ڪرين مطالع برهہ بنان برباد.

هڪ ڪافي ۾ ٻڌايو اٿس تہ حسن جو جلوو باوضو ٿي پسڻ گهرجي. سجدو بہ تڏهن قبول پوندو جڏهن ماهي جي منهن کي ڪعبو ڄاڻي، نماز جي نيت ڪبي. مطلب تہ عشق کان سواءِ ٻي ڳالهہ اجائي آهي.

حسن ويکڻ داوي، وضو ڪيتو سي، نينهن نماز مين نيتي
سجدا ساڈا وي ثابت هويا ميان، ماهي منهن مسيتي.

سندس ڪن ڪافين ۾ رندي ۽ بي باڪي واضح نظر اچي ٿي. گهرام فقير پنهنجي هڪ ڪافي ۾ ٻڌائي ٿو تہ جنهن کي يار ياد آهي سو دين ڪفر کان آزاد آهي. حاجي سڳوري کي مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو تہ : "مڪي مان موٽي، پاڻ کي خوشيءَ مان حاجي سڏائين ٿو اهو حج بہ تڏهن حج آهي جڏهن اندر ۾ عشق هجي." فرمائي ٿو:

يار جنهين نون هوسي ياد، دين ڪفر ڪنون هي آزاد
مڪي ويندئين، حاجي سڏويندئين، عشق بنان افراد

عاشق ۽ زاهد جي ڀيٽ ڪندي ٻڌائي ٿو تہ زاهد وٽ ويراني ئي ويراني آهي، پر عاشق جو گهر سدا آباد آهي.

زاهد دي گهر گهني ويراني، گهر عاشق دا سدا آباد

Scanned by CamScanner

گهرام فقير پنهنجي هڪ ٻي خوبصورت ڪافي ۾ عاشقن جي قربانين جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو تہ عشق جي رازن کان هرڪو واقف نہ آهي. اهي راز ۽ رمزون فقط عاشق ئي ڄاڻي ٿو. ان ڪافي ۾ عاشقن جي قربانين جو ذڪر تمام سهڻي نموني ڪيو اٿائين. هو ٻڌائي ٿو تہ قرباني ڏيڻ جون سوين سڏون ڪن ٿا، پر ڪو ڪو قرباني ڏئي ٿو:

ناپيد ڳالهيون نينهن جون، تن مان ڄا ڄاڻن عام ميان
سوين سورهيہ سنيري هليا، هن تڪيي تي تمام ميان
ڪوڙين مان هن ڪات تي، ڪو هڪ پرينده هام ميان
سوريءَ تي هسوار ڪيئي، منصور ڪي ڏيئي مام ميان
پري پيالو پريم جو هن ڄڻنگ پيتو جام ميان.

آخري شعر ۾ ڪربلا جي شهيدن جي قرباني ۽ وفاداريءَ جو ذڪر ڪندي فرمايو اٿس تہ:

قالوا بليٰ جي قول تي، ٻڌو عاشقن احرام ميان
سرڙا ڏنا اتي صادقن، ڪنهن غرض ۾ گهرام ميان.

ٻي هڪ ٻي ڪافي ۾ فرمايو اٿس تہ:

عشق خنجر ڪوڙيا، تہ بہ منهن نہ مستن موڙيا،
توڙي پاڻ محبن ٻوڙيا، تہ بہ منهن نہ مستن موڙيا.

هن ڪافي ۾ دک درد جي تصوير نهايت ئي اثرائتي نموني چٽي اٿائين. ان کان علاوه نهايت ئي پيارا ۽ نيارا قافيہ نظر ايندا.

پرين سندي پنبڻين پڇاڙيءَ، ورهن وارا واڍوڙيا
نيزا گهمائيون نينهن جا، اڃي پاڻ پرين پوڙيا
ٿهري ڪنڪ قريب جا، هي هي ڪنهين نا هوڙيا
اڃي جوش وارن تي جنبيا، چوهٽون جي دلبر ڇوڙيا
سڏ تنين کي سور جي، جن جا اندر آهوڙيا
گهرام غمزا غم سندا، جن کي لڳا تن لوڙيا

Scanned by CamScanner

گھرام فقير جي ڪلام ۾ سنڌي ماحول جي هوبهو تصوير نظر ايندي. ان ۾ سورمين جو ذڪر آهي ته ان سان گڏ ڪانگل جا قرب ۽ جوڳيئڙن جو ذڪر پڻ نظر اچي ٿو. سندس سرائڪي ڪافين ۾ هير رانجهي جو داستان نهايت ئي خوبصورت نموني ڳايل آهي. گھرام فقير موسيقي جو ماهر هو. پاڻ سٺو ڳائڻو هو. پنهنجون ڪافيون نه فقط پاڻ ڳايائين، پر ٻين به ڪيترن ئي ڳائڻن سندس ڪافيون ڳايون، تنهن ڪري سندس ڪافيون سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويون. ڪيترائي شاعر سندس ڪلام کان متاثر ٿيا ۽ سندس ڪافين پران ڪافيون چيائون. مطلب ته سندس ڪلام ادب جو هڪ املهه خزانو آهي، جيڪو سمورو گڏ ڪري ڇپرايو ويندو ته سنڌي ادب مالا مال ٿي ويندو ۽ سچل سائين جي شاعراڻي فيض جو اندازو لڳائڻ ۾ آساني ٿيندي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "ڪافيون جلد ڀھريون" ۾ گھرام فقير جون 13 ڪافيون ڏنيون آهن. هتي نموني خاطر سندس ست ڪافيون ڏنيون وڃن ٿيون. جيئن پڙهندڙ سندس شاعري کان ڪي قدر واقف ٿين.

ڪافي: 1

يـاد دي ڪـامـڻ ڪـيـتـي، ويـڪـو ڪـمـلـي وي

1. ريــن انــڌاري وي ســوڙهــيــان ڳــلــيــان،

مــحــب مــيــري ٻــانــهــن لــيــتــي

2. دوســت ســجــن دي وهـــ دي وٽـــڙي

بســم الله ڪـــي پـــيــتـــي

3. حســن ويــڪــڻ دا وي وضــو ڪــيــتــوســي

نــيــنــهــن نــمــاز مــيــن نــيــتــي

4. ســجــدا ســاڏا وي ثــابــت هــويــا مــيــان

مــاهــي مــنــهــن مســيــتــي

گــڏ گــهــرام دي مــيــان! يــار چــلــيــن

ڪــيــســي غــيــر پــلــيــتــي.

Scanned by CamScanner

ڪافي: 2

دلـيـن دا عـبـب ڏنـو سـي، ڏاڍا ڪـو جـادوگـر وي
1. حسن دا جلوه ڏيک ڪراهڻ، ڳيو سي وطن وسر وي
اسان تساڏي هوءِ رهيا سي، نيڻان دي نوڪر وي
ڪيس ڪاريھر رخ تي چٽڪي، ڏيل ڳيو سي ڏر وي
غرض گهرام ڪون يار ملڻ دي، دوست دلاسي ڪر وي

ڪافي: 3

چو جدائي ۾ جيئين، هڪ قرب تئون قربان ٿي
1. چو تو وتين تون ۾ور ۾، عاشق ڪهڙو ارمان ٿي
مر، تان ملين محبوب کي، مشڪلون آسان ٿي
2. لاهي لاڳاپا لوڪ جا، تون نينهن اڳيون نيشان ٿي
هوڪو ڏيئي حلاج جو چوٽي چڙهي چوگان ٿي
3. عشق جي آڙاهه ۾، جلدي جلي جولان ٿي
جي شوق شمع جو رکين، تان تون پچي پروان ٿي
4. چڏ گيسر گهرام تون، ادا جُود ڪر جوان ٿي
مر مارني منصور جان، سوريءَ چڙهي سلطان ٿي.

ڪافي: 4

ڪيئن لايق نيئي لا... نينهڙو ڏاڍن سان ميان
1. دل ڏاڍن ڪئون نيئي گهايؤ هٽ هاٽي چا آيؤ
2. تو جيها ڪي لک موهيا، اڳ نہ ڪنهن سمجهايؤ
3. ڳالهيون ڏاڍن جون آهن ڏاڍيون، ڀهرين نہ ڪن پولايؤ
4. گهڙي مارن، گهڙي جيارن، پيچ تنهين سان پايؤ
5. گڏ گهرام آهيون توئي سان، هادي سوهڻي فرمايؤ

Scanned by CamScanner

ڪافي: 5

يار سڄڻ تيڏي گولي، اسان تان ٻانهپ ٻولي
مين گهولي
1. پاءِ پنگهوري امان جا ڏتڙي
لنؤن تيڏي دي لولي
2. نال نماڻي دي اينوين لايو
جيوين هندو دي هولي
3. دين ڪفر ڪنون توبهه ڪيم
ڳڻان تيڏيان دي ڳولي
4. تيڏي آهيس، تيڏي طلبيم
اوران ڪنون ڳيون اولي
5. مين اياڻي نينهن ڪيا چاڻان
تيڏي هڻ چولي
6. طرفئون تيڏي طعني، اسان تان
جهلئي جهولي

ڪافي: 6

بخت ٿيا بحال، منهنجا يار!
مون سان لنؤ لائي لائي
1. لنوين ڪالهاڪون ڪانگ تو
اڄ جاني سو ايندم جائي
2. سا سيباڻي ساهه ڪي ٿي
او جا هير اوڏاهون آئي
3. ڳڏ گهرام سان يار دلبر
اڄي تيو پاڳي پائي

Scanned by CamScanner

ڪافي: 7

رهيان ميڏي روح، ڍولڻ ديان منيان ڳالهيان
1. دوستي ڀاڄهؤن دوست دي، پلاوي
خيال سيئي ڪوهه
2. مفت پريسان مجري، پلا ري
سانجهي تي صبوح
3. اڃا ڪيتس اجرا، پلا وي
پياري دي پاپوهه
4. اساڏي بخت بحال ٿئي
جاني آيا جوهه
5. ڳوش تي ڳهرام ڪون، پلا وي
والي دي وروهه

(ب) سيد خير شاهه:

سيد خير شاهه سچل سائين جو پيارو طالب هو. رتيديري جو رهاڪو هو. جيئن پاڻ ئي پنهنجي هڪ ڪافي ۾ فرمايو اٿائون:

وچ مڪان رتيديري خير شاهه نانءُ سڏايان.

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته رتيديري ۾ سندس مڪان هوندو هو جتي فقراهي ڪچهريون ۽ راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون هونديون.

سيد خير شاهه جي زندگيءَ جو احوال ڪٿان به معلوم ٿي نه سگهيو آهي. سندس ولادت ۽ وفات جو سن به پڪ سان ڪو چئي نه ٿو سگهجي. سندن زندگيءَ بابت ڪي روايتون مشهور آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون.

مشهور صوفي شاعر غمدل فقير جي فرزند لطف علي فقير جي روايت موجب شاهه صاحب گهڻو ڪري پردي ۾ رهندو هو. سواءِ ڪن ويجهن عزيزن ۽ دوستن جي ڪنهن سان منهن ظاهري ڪري

Scanned by CamScanner

نہ مليو. بيحد خوبصورت جوان هو. سندس وار تمام ڊگها هوندا هئا، جي سدائين کليل هوندا هئس. چون ٿا تہ اڪيلائي ۾ پنهنجا وار چت سان ٻڌي رياضت ڪندو هو.

خير شاهہ سچل سائين جو ڪيئن مريد ٿيو؟ ان بابت بہ پڪ سان ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. سچل سائين جي لاڙڪاڻي سان ڪا لنؤ لڳل هئي. پاڻ بہ ٽي ڀيرا لاڙڪاڻي ويا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ سائين خير شاهہ اتي سندن خدمت ۾ حاضر ٿي، طالب ٿيو هجي. يا اهو بہ ممڪن آهي تہ سچل سائين جي طالب گهرام فقير سان گڏجي درازا ويو هجي ۽ اتي سچل سائين جو طالب ٿيو هجي. بهرحال، ان باري ۾ ڪا بہ ڳالهہ پڪ سان چئي نہ ٿي سگهجي.

هڪ روايت موجب خير شاهہ جي ولادت 1190هہ ۾ ٿي ۽ 1260هہ ۾ هيءُ مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي، وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليا. جتي سندن اوتارو هو اتي ئي کين دفن ڪيو ويو. شايد پاڻ اهڙي وصيت ڪئي هجين. هينئر اوتاري واري هنڌ تي غلام قادر دايي جو گهر آهي. اهو گهر ٽيليفون ايڪسچينج جي پرسان آهي. شاهہ صاحب جي مزار غلام قادر جي گهر اندر آهي. جتي اڄ بہ عقيدتمند اچي حاضري ڀريندا آهن ۽ باسون باسيندا آهن.

خير شاهہ جي اوتاري تي هر جمع رات راڳ ويراڳ جي محفل ٿيندي هئي. پري پري کان فقير فقراء ۽ راڳ جا شوقين اچي گڏ ٿيندا هئا. شاهہ صاحب کي ڪامل شاهہ نالي هڪ پٽ هو. سندن وصال کان پوءِ ڪامل شاهہ دستور موجب هر جمع رات راڳ ويراڳ جون محفلون مچائيندو رهيو. ڪامل شاهہ کي پٽ جو اولاد ڪونہ هو. کين فقط هڪ نياڻي هئي. انهيءَ جي غوثل شاهہ سان شادي ٿي. غوثل شاهہ کي هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو ڪامل شاهہ رکيو ويو. ڪامل شاهہ کي هڪ پٽ ٿيو جنهن جو نالو غوثل شاهہ رکيو ويو.

خير شاهہ جو ڪلام گهڻوئي هو. پر هينئر نہ ٿو ملي سگهي. مختلف بياضن مان ڳولا ڪندي ڪجهہ ڪافيون مليون، جن مان گهڻيون مير حسين علي واري بياض ۾ موجود آهن. انهيءَ بياض ۾ سچل سرمست ۽ سندن دور جي ڪن شاعرن جو ڪلام موجود آهي. اهو بياض مرزا علي قلي جي بہ آڏو رهيو. ان بياض جي فوٽو ڪاپي مير حيدر علي مهرباني ڪري ڏني. انهيءَ کان سواءِ ڪن ٻين بياضن ۾ خير شاهہ جو ڪجهہ ڪلام موجود آهي.

ان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سندس ڪلام مشهور هو ۽ مختلف شهرن ۾ ڳايو ويندو هو. سندس ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي مرشد سچل سائين کان تمام گهڻو متاثر آهي. سندس ڪافيون ساڳئي سچل واري رنگ ۾ چيل آهن. سچل سائين جي هيءَ ڪافي تمام گهڻو مشهور ٿي:

پڇو نہ منهنجي ذات، جوئي آهيان، سوئي آهيان.

خير شاهہ کي اها ڪافي ايڏي وڻي وئي، جو هن ان جي پيران هڪ خوبصورت ڪافي چئي:

جوئـي آهـيـان، سـوئـي وي ميـان
هـنـدو مـومـن آءُ نـہ آهـيـان.
عـيـسـيٰ مـوسـيٰ تـي زلـيـخـا
يـوسـف يـار سـڏايـان
هـر ڪـنـهـيـن ۾ حسـن مـنـهـنـجـو
پـوش لـکـيـن تـو پـايـان
نـاهـي غـيـر پـلـيـتـي
جـاتـي تـاتـي آءُ تـان آهـيـان
وچ مـڪـان رتـيـديـري
خـيـر شـاهـہ نـانءُ سـڏايـان.

سائين خير شاهہ جي ڪلام ۾ ڪيترائي نصيحت جا نڪتا نظر ايندا. پنهنجي هڪ ڪافي ۾ هستيءَ جي ڪوٽ کي واريءَ سندو ڪوٽ سڏيندي فرمائي ٿو تہ اهو واريءَ وارو ڪوٽ ڀيجي ڇڏ:

هسـتـي والا ڪـوٽ اهـوئـي
پـن گـهـتـيـن اي واري دا.

هو ٻڌائي ٿو تہ اي انسان جيڪڏهن تون پنهنجو پاڻ کي سڃاڻين ۽ پنهنجي زندگيءَ کان واقف ٿئين تہ اهو سارو سر (راز) سڃاڻين تہ جيڪر هن جسماني بت کان بيزار ٿي وڃين.

جـي تـون جـاڻـيـن سـر اهـوئـي
تـيـويـن بـت ڪـنـون بـيـزاري دا.

عالم ارواح کان روح جي هن جسماني واري چولي ۾ اچڻ واري ڳالهہ هير رانجهي جي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ ڪهڙي نہ سهڻي نموني بيان ڪئي اٿس. فرمائي ٿو:

Scanned by CamScanner

اپڻا تخت هزارا ڇوڙيؤ
يار ڪيويں، ڪيويں، ڪيويں!
ڇڏي بادشاهي ٿئين گدائي
ڳالھ وڏيءَ ايويں ايويں!

سائين خير شاھ جي ڪلام ۾ شاھ لطيف ۽ سچل سرمست جي شاعريءَ وانگر سورمين جو ذڪر ملي ٿو. هن پيتائي وانگر سپ ڪان گھڻو سسئي کي ڳايو آهي. هڪ ڪافي ۾ فرمائي ٿو:

جهليو پليو پلي پينرڙي
پاڻ نه پانهنجي مون وس
ڪم پيو مون ڪيچيان
آهه پنيور ڪؤن بس

خير شاھ ڪافي عرصو پنهنجي مرشد سچل سرمست جي خدمت ۾ رهيو. سچل سائين کيس تصوف جا نڪتا سمجھايا. اھوئي سبب آ ي جو هن پنهنجي ڪافين ۾ تصوف جا نڪتا سهڻي نموني سمجهايا آهن. مثال خاطر سندس هڪ ڪافي پيش ڪجي ٿي، جنهن ۾ ”همه اوست“ جو پرچار ڪندي ”ٻانهپ“ ۽ ”ٻيائي“ کي ٻن ڏئي، تن ڪان بيزاري ظاهر ڪري ٿو. فرمائي ٿو:

شڪ لٿا ويا رولا
جاڏي تاڏي پاڻ مولا
ٻانهپ ٻئائي جا اڄ اسان تؤن
ڇڃي پيا سي ڇولا
ظاهر باطن پاڻ پرين آ
ڦٽي ڪئي سي ٻي ڦولا
خير شاھ سائين، ٻيو تان ناهين
پيچ ٻيا سپ پولا.

حضرت عشق جي تعريف ڪندي ٻڌائي ٿو ته عشق اٽانگو آهي، جيڪو ان کي آسان چوي ٿو سو پليل آهي. حقيقت ۾ هو هوش عقل ڦري، ماڻهو کي مستان ڪري ڇڏي ٿو.

Scanned by CamScanner

عشق چون آسان، پلو پلو جي ٿي ڪنھن تي آيو
هوش نيندو هي ويل تنهين
رکي موج ڪندو مستان
چريو تنهن کي ئي چوندو
سارو سڀ جهان
شمس انور منصور کي
تنهن ڪيو قربان
ڪنهن جو ڪري ڪين کي
ادا ڙي ارمان
خير شاهه خبر پاڻهن پوندءِ
ڪنهن مهل ٿيو مهمان

خير شاهه جي ڪلام ۾ ڪانگل جو ذڪر پڻ نظر اچي ٿو. هو پنهنجي هڪ ڪافي ۾ ڪانگ سان مخاطب ٿي ڪانئس پڇي ٿو ته: ادا ڪانگ منهنجي محبوب وٽ ڪيئن وئين ۽ ڪهڙي ريت ان سهڻي سائين سان ڳالهه ٻولهه ڪيئه؟ ڪانگل وري ڪيس جيڪو جواب ڏئي ٿو سو پڻ پنهنجي ڪافي ۾ ڏنو اٿائين. فرمائي ٿو:

ڪيئن وئين، ڪيئن ڳالهايئه؟
سچ چؤ تون ڪانگل يار
ٻانهون ٻڌي ساڻ ادب جي، ڪيم عرض ائين
لائي حيلا لک هزار
راتو ڏينهان طلب تنهنجي، اٿس حب هنئين
ميان! ساري سڀ چمار

خير شاهه جي ڪلام ۾ تمام سهڻي ۽ پياري ٻولي ڪم آيل آهي. ان سان گڏوگڏ مقامي ماحول پڻ نظر اچي ٿو. مثال لاءِ سندس هڪ ڪافي مان ٻه شعر پيش ڪجن ٿا:

پانڌي مون کي ساري سنيهو آڻي ڏي ڪو الله لڳ
اتي ڪج تون عرض اساهنجو جو پلؤ پائي پڳ
لنؤ جا لائيه خير شاهه سان آهه، مشر ۾ جڳ

Scanned by CamScanner

مختصر طور ائين چئي سگهجي ٿو تہ سائين خير شاهہ کي سچل سرمست کان فقيري ۽ شاعريءَ واري ونڊ مليي ۽ هو سچي سائين جي صحبت ۾ رهي رچي ريٽو ٿيو. سندس ڪلام تصوف، عشق و محبت ۽ اخلاق و نصيحت سان ڀريل آهي. ٻولي توڙي فڪر جي لحاظ سان سندس ڪلام افضل ۽ اعليٰ آهي. هتي سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ڪافي

منهنجي حال جي شل ڪا ٻاجهہ پوي پرين
1. فڪر ڦرهيون هٿن ۾ سبق سور پڙهن
لايو "لام" "الف" سان فضلي قلم وهن
2. سختي سير سمنڊ جي، ڪن بہ ڪڙڪا ڪن
جن تي راض رسول صہ جو ٻيڙا سي تڙ اچن
3. حرم منجهہ حبيب جي، ڪوڙين قنديل ٻرن
پيچري پاڪ رسول صہ جي، ملڪ ميڙا ڪن
4. آءُ آسائتي آهيان، در مٿي دوستن
خير شاهہ چوي خير ٿئي، مهر پوي ڪا محبن

ڪافي – روپ ڪلياڻ

پانڌي مون کي ساري سنيهو آٿي ڏي ڪو الله لڳ
1. اتي ڪج عرض تون اسانهنجو
پلؤ پائي پڳ
2. دوست پانهنجي در جي سائين
ڪرين مانَ سڳ
3. آنءُ وسيلو تون تان منهنجو
ٿاهہ ڪري نا ٺڳ
4. ڪج حقيقت حال جي ميان
عجيبن جي اڳ
5. لنؤ جا لائي خير شاهہ سان
آهہ مشر ۾ جڳ

Scanned by CamScanner

ڪافي – روپ بروه

مار نغارا سچاري دا، هڻ هيئي مرڻ مياري دا

1. هستي والا ڪوٽ اهوئي
پن گهتين اي واري دا

2. نال سپاهه تون چاءِ اهوئي
والا خلق خواري دا

3. جي تون چاٽين سر اهوئي
ٿيوين بت ڪنون بيزاري دا

4. خير رکين تون شاهه سڏاوين
ٿيوين آپ ڪنون اظهاري دا

ڪافي

جڙيا توکي وڃڻ مناسب ناهي، آءُ آرياڻي اڳوار

1. ستي هيڙس سيج تي، گوش ڪيم گينوار
ننڊ نياڳيءَ چا ڪيو جو دم پرينءَ ڪان ڏار

2. اٺ قطاري هليا، بودن چاڙهي بار
جاڏي شهر ڀنڀور جو تاڏي موڙي مهار

3. آءُ تون اوري وڃ نہ پري، ويجهو ٿي ورناءِ
ڪانہ ڀڏي سي ڪاٿهين لا، ڪيچين تند تنوار

4. آکي خير شاهہ رهہ تون صبر ۾، گويا ڪڙن گفتار
جيڪر يار مڙي ملان، ساري سڀ چمار

Scanned by CamScanner

ڪافي – روپ مالڪوس

اچي ٿيو اظهار جيڏيون، اڄ هو سڄڻ آيو

1. عطر عنبير مشڪ ملايو
ڪيو سهيليون سينگار
2. پسي درشن دوست جو
تن من ٿيو بهار
3. ڪاڻ انهيءَ جي مون تان ڪيترو
رنو ٿي زارون زار
4. جو ڪنيزڪ سان قول ڪيائين
پاريائين پنهنجو قرار
5. راتو ڏينهان آهه انهيءَ جو
خير شاهه کي تہ خمار

ڪافي – روپ جهنگلو

اوهان ٻاجهون اداس، توکي، سانول روح سنڀاري

1. هت اسين، هت تون پرين
ڪرڻ هوءِ قياس
2. قسمت قيد السماءِ وتايو
هن وطن جو واس
3. سڪ اوهان جي سهڻا سائين
محبت ڳاريو ماس
4. ڏاڍو فلڪ آ فراق جو
هڪ نا وجي ٿو ساس
5. خيال خير شاهه جو آهه ايذاهين
بلڪل تنهن جو بيماس

Scanned by CamScanner

(ج) فقير محمد صلاح :

فقير محمد صلاح جا وڏا لاڙڪاڻي طرف جا ويٺل هئا. ڪن محققن فقير صاحب کي پيو سڏيو آهي، پر حقيقت ۾ فقير صاحب ذات جو جيهو هو. جيهو ابڙن جو هڪ پاڙو آهي.

فقير صاحب جي ولادت جو سن معلوم ٿي نہ سگهيو آهي. پر اندازي موجب فقير صاحب جي ولادت سن 1190هہ ڌاري ٿي هوندي، ڇاڪاڻ تہ سن 1245هہ ۾ ميرن طرفان کين جاگير جو جيڪو پروانو مليو، تنهن ۾ کين "حقائق معارف آگاهہ محمد صلاح درويش" جي لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. اندازو آهي تہ فقير صاحب ان منزل تي 50 ورهين جي عمر کان پوءِ پهتو هوندو.

سير سفر: فقير محمد صلاح جي ابتدائي زندگي ۽ تعليم تربيت بابت ڪابہ معلومات نہ ٿي ملي. گمان غالب آهي تہ محمد صلاح جو جوانيءَ ۾ فقيري ڏانهن لاڙو هو. هو ڦوهہ جوانيءَ ۾ مخدوم لعل شهباز قلندر (وفات 650هہ) جي مزار تي ويو. پورا ٻارهن مهينا اتي عبادتون ۽ رياضتون ڪندو رهيو. ان کان پوءِ شاهہ خير الدين عرف جيئي شاهہ (وفات 1027هہ) ڏانهن وڃڻ جو اشارو مليس (39). ان کان پوءِ سيوهڻ ڇڏي سڌو سکر آيو. ڪجهہ وقت جيئي شاهہ جي مزار تي عبادتون ۽ رياضتون ڪيائين، جتان اشارو مليس تہ "تنهنجي امانت سچل سرمست (وفات 1242هہ) وٽ آهي. درازن وڃ ۽ وڃي پنهنجي امانت وٺ." ان ڳالهہ جي ثابتي فقير صاحب جي قبي تي لکيل هڪ لکت مان ملي ٿي، جا هن ريت آهي:

ز مهر نظر توجهہ شاہ خيرالدين
شده حكمش سوي سچل بادشاہ
فرموده واقف سر اسرار هو
عاشق سچل پاك اسم هو الله

يعني شاهہ خير الدين مٿس مهر جي نظر ڪئي ۽ حڪم ڪيائينس تہ "سچل بادشاهہ ڏي وڃ. سچل جيڪو ڳجهن رازن جو واقف آهي ۽ سچو عاشق آهي."

فقيري ۽ فيض: فقير سکر ڇڏي اچي سچل جي ديس درازا پهتو ۽ معرفت واري مئي جا پر پيالا پي متارو بڻيو. اهوئي سبب آهي جو هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪن هنڌن تي پاڻ کي متارو محمد صلاح سڏيو آهي. بهرحال فقير صاحب سچل سرمست وٽان "الف" وارو اکر پڙهي ٻيا سڀ ورق وساري ڇڏيا.

Scanned by CamScanner

ان الف سندس اندر اهڙو اجرو ڪري ڇڏيو جو ڪيس دم دم جا ديدار نصيب ٿيڻ لڳا. سچل سائين جي نظر فيض اثر ڪيس رڱي ريٽو ڪري ڇڏيو. هن درازي درويش وٽان وجود وڃائڻ واري رمز سکي ورتي. تنهن ڪري ڪيس ظاهري علم جي ضرورت ئي نہ رهي. جيئن فقير قادر بخش بيدل (وفات 1289هه) فرمايو آهي:

سـک رمــز وجـــود وڃـــاوڻ دي
نـهـيـــن حـــاجـــت پـــڙهـــڻ پـــڙهـــاوڻ دي

فقير صاحب جي شخصيت: هيئنئر فقير صاحب اهڙي منزل تي پهچي چڪو هو جو عام روايت آهي تہ "جتي محمد صلاح، اتي پاڻ الله". پر حقيقت ۾ قبي اندر پٽ جي هڪ پاسي لکيل آهي:

گـفـت: جـائـيـکـہ بـاشـد مـحـمـد صـلاح
فضــل و لــطــف بــاشــد آن جــا هــرگــاه

يعني جتي محمد صلاح هوندو اتي الله جو لطف ۽ ڪرم هوندو. فقير صاحب جي فقيراڻي طبيعت ۽ بزرگي ڏسي ڪيترائي هندو ۽ مسلمان سندس مريد ٿيا. خيرپور جا مير سندس معتقد هئا. مير مبارڪ خان ديهہ اپڙي ۾ ڪبڙي واري کوهہ کان شاهہ لڏاڻي ڪپڙي شاخ تائين ڪين جاگير ڏني هئي. جاگير واري پرواني تي مير مبارڪ خان (وفات 1255هه) جي مهر لڳل آهي. ان کان پوءِ سندس فرزند مير نصير خان ڪين جاگير جو ٻيو پروانو ڏنو ۽ ان تي پنهنجي مهر هڻي، اڳئين پرواني جي تصديق ڪئي. بعد ۾ ٻيرلوءِ ۽ اپڙي وارا علائقا جڏهن مير علي مراد خان اول کي مليا تہ هن اها جاگير فقير صاحب جي ملڪيت ۾ رهڻ ڏني. سن 1291هه ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ان جي تصديق ڪئي وئي. ان تي مير علي مراد خان جي مهر سمندر خان جي صحيح لڳل آهي.

بعد ۾ مير فيض محمد خان فقير محمد صلاح جي وڏي پٽ فقير ولي محمد کي پنهنجي صحيح سان هڪ پروانو ڏنو جنهن ۾ زمين جو وچور ڄاڻايل آهي.

مير علي مراد خان فقير محمد صلاح جو وڏو عقيدت مند هو. ڪڏهن ڪڏهن فقير صاحب وٽ ويندو هو ۽ پلي جي ساڳ ۽ جوئر جي ماني جي فرمائش ڪندو هو. فقير صاحب جي وصال کان پوءِ مير صاحب سندس مزار تي قبو تعمير ڪرايو. مطلب تہ خيرپور جا مير، فقير محمد صلاح جا وڏا عقيدتمند هئا ۽ ويندي مير علي نواز تائين درگاهہ تي حاضري ڀريندا رهندا هئا.

فقير قادر بخش بيدل، فقير محمد صلاح جو عقيدت مند هو. روهڙي ۽ دونهين ۾ گهڻو مفاصلو

Scanned by CamScanner

ڪونہ آھي، ويجھڙائي ۾ عقيدت سبب بيدل فقير اڪثر ساڻس اچي رهاڻيون ڪندو هو. سيد عبدالحسين شاھہ موسوي (وفات 1967ع) "ديوان بيدل" جي مقدمي ۾ لکيو آھي تہ "بيدل جو اهو زمانو جنهن ۾ مٿس سچل سرمست جو گهرو اثر پيو ٿو. نانڪ يوسف (وفات 1269ھ) سان وقت بوقت صحبتي ٿئي ٿو. سيوهڻ ويندي ۽ موٽندي نوشهري فيروز ۾ شاھہ نصير (وفات 1900ع) سان ملاقاتي ٿئي ٿو. فقير محمد صلاح سان جنهن جي لاءِ چوٽي آھي تہ "جاڏي محمد صلاح، تاڏي پاڻ الله" سان گھڻو ڪري روزانو روح رهاڻ ٿئي ٿي." (40)

فقير صاحب جا سچي سنڌ ۾ مريد ۽ عقيدتمند هئا. بيچانجي جا مغل، لکي جا سيد ۽ پناڻ ۽ بين مختلف شهرن جا هندو ۽ مسلمان سندن مريد خادم هئا. فقير صاحب جو اوتارو شاهي سڙڪ تي هو تنهن ڪري ڪيترائي مسافر اتي اچي مهمان ٿيندا هئا. مهمانن جي رهڻ ۽ ماني ٽڪيءَ جو جوڳو بندوبست هوندو هو. فقير صاحب جو ننگر هر وقت جاري هوندو هو. راڳ ويراڳ جون محفلون بہ سدائين متل هونديون هيون. تنهن ڪري آيو ويو اتي خوش گذاريندو هو.

وصال: فقير صاحب وڏي عمر ۾ اندازاً اسي ورهين جي ڄمار ۾ 25 ربيع الثاني جمع جي ڏينهن سن 1275ھ مطابق 3 ڊسمبر 1858ع ۾ هيءَ مٽيءَ جو ملڪ ڇڏي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليو. فقير قادر بخش بيدل جيڪو سندس گهرو دوست هو ۽ سندس مقام کان واقف هو. تنهن سندس وفات واري قطع تاريخ ۾ کين عارف وقت، واصل باالله، حق آگاھہ ۽ چشمئہ فيض الله جي لقبن سان ياد ڪيو آھي. فرمائي ٿو:

چون محمد صلاح حق آگاھہ، عارف وقت واصل باالله
غرق بحر تجليات شهود، محو ذات ور شهيد فيض نگاہ
كرد رحلت ز عالم اجسام، يافت در سلك جان عزو جاہ
سال وصلش بجست دل زخرد، گفت هاتف ڪ: چشمئہ فيض الله (40)

"چشمئہ فيض الله" مان ابجد جي حساب موجب 1275 جو عدد نڪري ٿو.

انهيءَ تاريخ تي فقير صاحب جي درگاھہ تي هر سال ميلو لڳندو آھي. پري پري کان عقيدت مند اچي حاضري ڀريندا آهن. راڳ ويراڳ جي محفل مچندي آھي. جنهن ۾ سچل سرمست ۽ فقير محمد صلاح جا ڪلام ڳايا ويندا آهن.

اولاد: فقير صاحب کي ٻہ فرزند هئا. وڏو فقير ولي محمد ۽ ننڍو فقير ڪريم بخش. ٻئي ڪافي

Scanned by CamScanner

جا سٺا شاعر هئا. فقير ڪريم بخش جي وفات جو سن قبي جي اندرين ديوار تي 1284هه لکيل آهي. اهو سن دونهين جي سيد اڏيل شاهه ولد ناصر علي شاهه جو لکيل آهي. فقير ڪريم بخش بي اولاد وصال ڪري ويو.

فقير ولي محمد کي ٻه فرزند هئا. هڪ فقير امام الدين جيڪو سنڌي مرثيي جو سٺو شاعر هو ٻيو فقير امان الله، جيڪو پنهنجي مريدن جي اصرار تي دونهون ڇڏي بيچانجي ۾ وڃي رهيو. (بيچانجي موجوده تعلقي لکي ۾ آهي.) اتي فقير جو اوتارو هوندو هو جتي ڏينهن رات راڳ جون محفلون متل هونديون هيون. فقير صاحب جو وصال به راڳ هلندي ئي ٿيو (42). فقير امان الله کي فقير حبيب الله نالي هڪ فرزند هو جيڪو بي اولاد وصال ڪري ويو. فقير امام الدين کي ٻه پٽ ٿيا. هڪ فقير نورالدين جيڪو وڏو عالم هو ۽ سندس عقيدت مند سڄي سنڌ ۾ موجود هئا. فقير صاحب سنڌي زبان ۾ قرآن مجيد جو تفسير لکيو جيڪو صوفياڻي رنگ ۾ لکيل آهي.

شاعري: راقم ڪيترن ورهين کان ڪافين جا بياض گڏ ڪندو رهيو آهي. ڪجهه عرصو اڳ موسوي صاحبان جي لائق اولاد نوجوان سيد عطا حسين شاهه ۽ عبدالحسين شاهه ڪجهه بياض عنايت ڪيا، جن ۾ بيڪس فقير، سلامت راءِ چيٺانند، نواب شاهه سڪايل، فقير احمد علي، ڪريم ڏني فقير ۽ مرحوم محمد عثمان قاضي سکري جا بياض شامل آهن. خوش قسمتيءَ سان محمد عثمان قاضي سکريءَ (43) واري بياض مان فقير محمد صلاح جون ڏهه ڪافيون ۽ سندن وڏي پٽ فقير ولي محمد جون به ڪافيون مليون. هڪ ڪافي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ڪتاب "ڪافيون" جلد ٽئين مان ملي. ست ڪافيون درگاهه تي رکيل پيٽيءَ جي پراڻن ڪاغذن مان مليون (44)، پر اهي ڪافيون سکري واري بياض ۾ ٿوري ڦيرڦار سان موجود آهن.

هن کان اڳ ذڪر ٿي چڪو آهي ته فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي نالي سان "متارو" لفظ استعمال ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته فقير محمد صلاح محبت واري مئي جو پياڪ هو. هُو درازي مئي پي مست و مست ٿيو ۽ پاڻ کي متارو سڏائڻ لڳو. خواجه محمد زمان رحه (وصال 1188هه) ڪهڙو نه سهڻو فرمايو آهي:

سُتي ان شراب، جن سري سي سون ٿيا
سمهڻ تن ثواب، ڪتڻ تن کي ڪيميا.

درازا پهچڻ کان پوءِ فقير صاحب ان منزل تي پهچي ويو. ڪيس پنهنجي مرشد سچل سان بي

Scanned by CamScanner

پناهه عقيدت هئي. فقير اڪثر سندن حضور ۾ حاضر رهندو هو. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي آهي ته دونهين ڪان درازين وڃڻ مهل واٽ تي ڻُغبير عبدالله ڪاتيار (45) سان ضرور ڪچھريون ڪيون هونديون. چاڪاڻ ته عبدالله فقير ان دور جو وڏو شاعر ۽ صوفي بزرگ هو ۽ رندي رمز جو رهبر هو. سچل سرمست ۽ عبدالله فقير جي پاڻ ۾ پريت هئي. هن درازن ۾ سچل سائين جي طالبن محمد صلاح درويش، غلام حيدر شر، نانڪ يوسف، شير خان پنيري، گهرام فقير جتوئي، سيد خير شاهه، سيد پيرو شاهه، حاجي عثمان چاڪي، گل محمد فاروقي ۽ ٻين فقيرن ۽ درويشن سان روح رهاڻيون ڪيون هونديون.

اهڙين محبتي مجلسن سندس شاعريءَ واري چڻنگ کي دکايو. اهڙيءَ ريت درد جا دونهان، دونهين ۾ دکندا رهيا. سندن فيض جي چشمي مان ڪيترن ئي اڃايلن اڃ اجهائي. اڄ به فقير صاحب جي قبي جي اندر گهڙڻ سان روح کي راحت ۽ دلي سڪون حاصل ٿئي ٿو. (46)

پنهنجي مرشد جي ديس درازا سان کين دلي محبت هئي. محبت به ڇو نه هجي، جنهن لاءِ خود سچل سائين فرمايو آهي:

ديـــس ســـچـــل دا شـــهـــر درازا
مـــڪـــو نـــا مـــلـــتـــان

فقير صاحب جي به دل گهرندي هيئي ته پڪي ٿي درازين وڃان. اڪثر سندس زبان تي اهائي مصرع هوندي هئي:

اڏر دل درازيـــن، پـــائـــي پـــر پـــڪـــي.

فقير صاحب جڏهن سکر ڇڏي پهريون ڀيرو درازين پهچي ٿو ۽ سچل سائين جو طالب ٿئي ٿو ته کيس درازا ۾ هر طرف نور ئي نور نظر اچي ٿو. ۽ پهرين ئي ملاقات ۾ مرشد جي نظر فيض اثر کيس وڏي منزل تي پهچائي ڇڏيو:

آندو عشق امالڪ اتي اتي، جاتي ظاهر باطن نور پيي
لسان لهرون سيپيئي لنگهياسي، ٽيڙو لحظي منجهه لطف
پهرئين رسياسي پورپي

جڏهن طالب ٿيو ته جڻ سندس جيءَ جاڳي پيو. پرين جي پسڻ سان قلب روشن ٿي ويو. جڏهن

دل صاف آهي تہ ڄڻ سڄو جسم صاف آهي. پر جيڪڏهن انسان جي دل خراب ٿي ويندي آهي تہ سارو جسم خراب ٿي ويندو . تنهن ڪري صوفي سونهارن دل جي صفائي تي گهڻو زور ڀريو آهي. دل صاف هوندي تہ پوءِ دل جي آئيني ۾ دم دم دوست جا ديدار نصيب ٿيندا. فقير صاحب کي پنهنجي محبوب مرشد جون مٺڙيون ڳالهڙيون اهڙيون تہ وڻي ويون جو هو پاڻ کي ڄڻ جيئري جنت ۾ محسوس ڪرڻ لڳو ۽ اهي ورونهان ور ور ياد ڪندي فرمائي ٿو:

واهہ وڻيون مونکي وايون، مٺي ٻاروچل جون ميان
ورهہ وارن جون ور ورونهان، جيءَ جنين جاڳايو
سدا سي ساهہ سيبايون
پسڻ ساڻ ڀرين جي ميان، ٿيڙي سيني کي تہ صفائي
جڙيون جنت منجهہ جايون

فقير محمد صلاح جون ڪي ڪافيون اندروني قافيي سان سينگاريل نظر اچن ٿيون. مثال طور هڪ ڪافيءَ جا ڪي شعر پيش ڪجن ٿا. جن ۾ اندروني قافيي کان علاوه سهڻن لفظن جي سٽاءَ ڪافي کي نهايت ئي خوبصورت بڻايو آهي. فرمائي ٿو:

دم دم تنهين دوست جا، مون کي پُور ٿا پون
لائق ليخ، محبت ميخ، مون کي جيءَ ۾ جڙي جن
سا نہ آهي اکلڻ جهڙي، جيڪا ونڌي وينجهارن
محبت مينهن، راتيان ڏينهن، سي وسن واڍوڙن
متارو محمد صلاح چئي، ڏڏن ڏس ڏين (47)

هي هڪ ڪافي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪنهن خوشيءَ جي موقعي جي مناسبت سان چئي وئي آهي. سندس ڪو دل گهريو دوست يا ممڪن آهي تہ سندس مرشد مهربان ٿي وٽس هلي آيو هجي.

Scanned by CamScanner

محبوب جي اچڻ سان جڻ ٻر ۾ بهاري ٿي وئي، هر هنڌ خوشبوءِ پکڙجي وئي. هڪ مسڪين جي اڱڻ تي سهڻو سائين اچي ته خوشيءَ جو ڪو ڪاٿو لڳائڻ ممڪن ئي نه آهي:

پرين پري آيا پير، ٿيڙي وسئون هن ويچاريءَ تي
واٽان ڪستوريءَ واسيون، سرها ٿيڙا سڀيئي سير
اچڻ سان عجيبن جي
پيوند ڳنڍيائون پاهت جو ڇنندا سي ڪين ڇڳير
سدا ڳنڍيندڙ صاحب سي
پرين ڏنو پاڻ ڏي ميان، نه ته هيءَ ڪميڻي ڪير
عشق اجاري ڄام جي

فقير صاحب کي پنهنجي مرشد سان اهڙو عشق هو جو هر وقت هڪ ئي تات تنوار پرين جي پچار ۽ سڪ سنيار ۾ رهيو ٿي. هو ٻڌائي ٿو نه فقط آءٌ مسڪين، بلڪ سوين عالم، علامه اچي اوهان جو سلام پرين ٿا.

فرمائي ٿو:

ساهڻ سڄڻ توکي ساري، منهنجو يار مدامي
جاڪون اٿم ساه سرير ۾ سڪ تنهنجي سهڻا سائين
نه ٿيندي طلب تمامي
محمد صلاح سائين سهسين سڪايل برھ تنهنجي ڪيا باندي
ڪيئي عالم علامي

افسوس جو فقير صاحب جون فقط يارهن ڪافيون ملي سگهيون آهن. تنهن ڪري سندن ڪلام جو مڪمل جائزو پيش ڪري نه ٿو سگهجي. في الحال فقط فقير صاحب جي شخصيت ۽ شاعريءَ جي مختصر طور سڃاڻ ڪرائي وئي آهي. جڏهن سندن سمورو ڪلام يا ان جو ڪجهه حصو هٿ

Scanned by CamScanner

آيو تہ پوءِ سندن ڪلام بابت پختي راءِ قائم ڪري سگهبي. آخر ۾ فقير صاحب جون ٻہ ڪافيون پيش ڪجن ٿيون:

ڪافي

دم دم تنهين دوست جا، مون کي پُور ٿا پون

1. لائق ليخ، محبت ميخ، مون کي جيءُ ۾ جڙي جن
سا نہ آهي اڪلڻ جهڙي، جيڪا ونڌي وينجهارن

2. سانير سور ٻولن ٻور اهي الوالان پيا ڪن
سي مور نہ وسرڻ جهڙيون، جيڪي ايپون آباهيون ڪن

3. پارؤن يار لک هزار، مون کي مهڻا روز ڏين
سي مون جهولي پائي جهليا، مر ٻيا پي ٻہ ٿي ڏين

4. محبت مينهن، راتيان ڏينهن، سي وسن واڍوڙن
متارو محمد صلاح چئي، ڏڏن ڏس ڏين

ڪافي

واهہ وٽيون مونکي وايون، مٺي ٻاروچل جون ميان
ورهہ وارن جون ور ورونهان، جيءُ جنين جاڳايو
سدا سي ساهہ سيبايون
اٿم تسلو تن کي ميان لا، چني سي ڪين ڇڏيندا
پڪا سي قول ڪيائون
پسڻ ساڻ پرين جي ميان، ٿيڙي سيني کي تہ صفائي
جڙيون جنت منجهہ جايون
محمد صلاح سائين مهرؤن پنهنجي هيڪلڙي جي اڇي حب ۾
سگهڙي سار لڌائون

Scanned by CamScanner

سچل سائين جي دور جون سياسي ۽ سماجي حالتون:

سنڌ جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ سچل سرمست رحہ جي دور (1152هہ/1739ع—1242هہ/1826ع) ۾ سنڌ جي سرزمين تي جيڪي جنگيون لڳيون، جهيڙا جهٽا ٿيا، فساد ۽ وڳوڙ ٿيا، تن جو چڱو تعداد آهي. اٽڪل روءِ ننڍيون وڏيون 45 کن جنگيون لڳيون، جن مان ڪن جا نالا ڳڻائڻ ضروري سمجهان ٿو. سچل سائين جي ولادت کان ٿورو اڳ ۽ سندن دور ۾ هن ڌرتيءَ تي هيٺيان دردناڪ واقعا پيش آيا:

1) خان قلات جو سنڌ تي حملو — 1830_31ع
2) ڪلهوڙن جو کهڙا شهر تي حملو (48) — 1732_33ع
3) ڏاريجن ۽ ڪڪرالن جي وچ ۾ جنگيون — 1739ع
4) نادر شاهہ جي سنڌ تي ڪاهہ — 1739_40ع
5) احمد شاهہ ابدالي جو سنڌ تي حملو — 1754ع
6) ميان مراد ياب ۽ ميان غلام شاهہ جي جنگ — 1757ع
7) ميان غلام شاهہ ۽ سندس ڀاءُ عطر خان جي وچ ۾ جنگ — 1758ع
8) ڪڇ جي راجا جا سنڌ تي حملا — 1763_64ع
9) مير بهرام ۽ مير صوبدار جي شهادت ۽ سنڌ ۾ سرد جنگ جي شروعات — 1775ع
10) ميان سرفراز جي معزولي ۽ ميان غلام نبي جي تخت نشني - گهرو لڙائي ۽ عام وڳوڙ — 1776ع
11) ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ گهرو لڙائي — 1776ع
12) هالاڻي ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ جنگ — 1781ع
13) عزت يار خان پناڻ ۽ ميان عبدالنبي جي، لکي ۽ شڪارپور جي وچ ۾ جنگ — 1781ع
14) تيمور شاهہ بن احمد شاهہ جي سنڌ تي ڪاهہ — 1781_82ع
15) مدد خان پناڻ جو سنڌ تي هيبتناڪ حملو ٿهري ڪوس، باهيون، لٽ ڦر — 1781ع

Scanned by CamScanner

16) ڪلهوڙن ۽ ميرن جي وچ ۾ جنگ	-	1782ع
17) ميرن جي پھرين چوياري، جنھن ۾ سنڌ ڀاڱا ٿي	-	1782ع
18) مير عبدالله ۽ مير فتح خان جي شھادت (49)	-	1783ع
19) دلاور خان پٺاڻ جو سنڌ تي حملو	-	1788ع
20) شاهہ شجاع جو سنڌ تي حملو ۽ ڪرڙي واري جنگ	-	1803ع
21) سکن جو سنڌ تي پھريون حملو	-	1823ع
22) سکن جو سنڌ تي ٻيو حملو	-	1825 ع

نادر شاهہ جڏهن سنڌ تي قهري ڪاهہ ڪئي، تڏهن سنڌ جا شهر، ڳوٺ ۽ وسنديون ويران ٿي ويون. هو هڪ ڪروڙ روپيا جنگ نہ ڪرڻ جو جنگي تاوان ۽ ويهہ لک روپيا ساليانو خراج وٺي وڃي ايران ۾ آرامي ٿيو. مگر پويان جيڪا تباهي ۽ بربادي ڪري ويو تنهن جو داستان دل ڏاريندو آهي. لاشن جا ڍير، درد مندن جون دانهون، رنن زالن جون ريهون، يتيمن جون دانهون، ڪوڪون، مظلومن جون عرش تي پهچندڙ آهون، سڙندڙ شهرن، ڳوٺن ۽ وسنين ۾ دونهان اهڙيءَ ريت سندس ظلمن سبب سڪي، سائي ستابي سنڌ ۾ سيج ٿي وئي.

سنڌ اڳ دهليءَ جي دٻڙ دونس هيٺ هئي. تہ پوءِ وري ايران جي اري ۾ اڙجي وئي. اڳ ڪوس دهليءَ ۾ ٿيندو هو تہ ان مصيبت جو ٿورو گهڻو اثر سنڌ تي ضرور ٿيندو هو. دارا شڪوه جڏهن آگري ۾ اورنگزيب جي لشڪر هٿان شڪست کائي، مظلومن جي حالت ۾ دربدر ٿيو تہ ان دوران سنڌ پڻ اورنگزيب جي ظلمن هيٺ اچي وئي.

سيد حسام الدين راشدي مرحوم "هشت بهشت" جي مقدمي ۾ لکيو آهي تہ : "دارا جي دردناڪ داستان جا ڪيترا واقعا سنڌ جي سرزمين تي مرتب ٿيا. آگري واري پهرين شڪست کان پوءِ دارا ويري لشڪر جو ڪٽڪ ڪڍ لاتيون، پنجاب کان ٿيندو بکر پهتو. سيوهڻ آيو ۽ ٺٽي ۾ پڻ اچي ڪي چار پهر پڳهر سڪايائين. هي هلندو رهيو پٺيانس عالمگيري گهل گهوڙن جي سنبن سان نہ چڙو سنڌ جي سيني کي لتاڙيندا، چيريندا ۽ چچريندا رهيا، بلڪ هنڌين ماڳين معرڪا مجادلا ڪري خون جي سرخي سان واقعن جا عنوان بہ سنواريندا ۽ سينگاريندا آيا. تبرن ۽ تلوارن جا چمڪاٽ تہ ٿيا جتي ڪٿي، پر بکر جي اوسي پاسي ۾ وڃن جا جيڪي ڪڙڪا ۽ بادلن جا جيڪي وسڪا ٿيا، اهي وسارڻ جهڙا ڪونہ آهن. (50)

Scanned by CamScanner

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ سنڌي جوڌا 1520ع کان 1737ع تائين پورا ٻہ سو سترهن سال گوريلا جنگ لڙندا رهيا. پوريون ڇهہ پيڙهيون هڪ ٻئي پٺيان ان باهہ جو بک ٿيون. سنڌين ان ڏکهي جنگ ۾ سوين سور سٺا، ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏٺا. گهاڻن ۾ پيڙيا ويا، برجن مٿان جيئرا جاڳندا درياهہ ۾ اڇلايا ويا. جمعي ۽ عيد نمازن جي موقعن تي ماريا ويا. قرآن شريف وچ ۾ ڏيئي، ساڻن دوکا ۽ دغائون ڪري کين شهيد ڪيو ويو. چوڪنيا ٻڌي تتل ڪڙاهن ۽ ابرندڙ پاڻيءَ ۾ اڇلايا ويا. سوري جو سينگار بڻيا. پر ان هوندي بہ پنهنجي مقصد کان نہ مڙيا. سنڌن سورهيائي ۽ سرويڇي جي داستانن سان تاريخ جا ڪيترائي صفحا سينگاريل آهن. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انهن سورمن جي سورهيائي جو بيان ڪندي فرمايو آهي تہ :

سر جدا، ڌڙ جدا، دوڳ جنين جا ديگ ۾

اڳيان اڏن وٽ، پوئين پير سنبيا هيا.

شاهہ لطيف جون اهي مصراعون ان دور جو دردناڪ داستان بيان ڪن ٿيون.

اها ڏکهي جنگ جاري هئي جو شاهہ عنايت جي شهادت جو دل ڏاريندڙ سانحو پيش آيو. ڏکهي جنگ ۽ وڏين وڏين قربانين کان پوءِ 1737ع ۾ جڏهن سنڌ ۾ "قومي حڪومت" قائم ٿي، تڏهن بہ سنڌين ويچارن سک جو ساهہ نہ کنيو. ڇاڪاڻ تہ فقط ٻہ سال پوءِ يعني سچل سائين جي ولادت واري سال 40-1739ع ۾ نادر شاهہ سنڌ تي وڄ بڻجي ڪڙڪيو. مطلب تہ ارغونن ۽ مغلن خلاف ٻہ سو سترهن سالن واري ڏکهي جنگ کان پوءِ ايراني، افغاني حملن، گهرو لڙاين، هڪ ٻئي خلاف سازشن، سنڌي قوم کي ذهني ۽ اعصابي طور مفلوج ڪري ڇڏيو هو.

اڳي ديني مدرسا، مسجدون ۽ علماء سگهورا سنڌي عوام جي اخلاقي قدرن، روحاني سڪون ۽ سياسي مونجهاري کي سلجهائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هئا، پر اهي بہ پنهنجو اعتماد وڃائي ويٺا هئا. جڏهن تغلقن سنڌ تي حملو ڪيو تہ ڪيترائي سنڌي عالم تغلقن جا طرفدار ٿي ويٺا ۽ سنڌ جي فتح لاءِ دعائن ۽ وظيفن ۾ جنبيا رهيا. ڪي وڏن ماڻهن جي دعوتن ۾ وڃي سٺيا طعام کائيندا رهيا، ڪي مسڪين گوشي نشين ٿي ويا، ڪي پيريءَ جو پوش پائي ڪاني ڪرامت وارا ٿي ويا. سنڌ سنڌن دعائن جي ڪري فتح تہ ڪونہ ٿي، پر عام راءِ سندن خلاف ٿي وئي. سچل سرمست اهڙن ئي انسانن جي طرف اشارو ڪندي فرمايو آهي تہ:

ڪي ڪمائن ورد وظائف، ڪي ٿيا نفلاتي،
ڪي وڃي پيا زهد عبادت، ڪي ٿيا دعواتي،
گوشي نشيني ڪن ڪي پائني، ڪن وٺي رجعاتي،
ڪن جي منزل پٽ پاراتو ڪي ڪامل ڪراماتي،
ڪيئي ڪشف اندر ڦاٿا، دانهه ڪي درجاتي،
سچا! لکن مان ڪوئي ڪندو عشق واري اثباتي.

يا هيءُ شعر:

خيال بزرگي ريتي ڇڏ تون، منگ نہ تون مخدومي،
نڪي پير مشائخ ٿج تون، نڪي ٿج نجومي.

جڏهن ارغونن سنڌ تي حملو ڪيو تہ اڳ ۾ سيد شڪر الله کي موڪليو ويو. جنهن سان ٽي عالم بزرگ ٻيا بہ هئا. جي ٽئي سيد سڳورا هئا. جي وقت جا وڏا عالم ۽ زاهد هئا. پنجون ساٿي سنڌ جو وڏو عالم قاضي قادن هو. پوءِ هنن سنڌين سان جيڪي ظلم ۽ زيادتيون ڪرايون، سي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهن.

مغل دور ۾ جيڪي عالم، زاهد شيخ ۽ بزرگ دهلي دربار سان وابستہ رهيا. تن جي بہ چڱي لسٽ آهي. انهن جي سنڌ ۾ پيري مريدي هئي ۽ اهڙي ريت سندن چڱو اثر رسوخ هو. ڪي ڪاني ڪرامت ۾ مشهور هئا. سندن ڪاني ڪرامت جي مشهوري ڏارئي جو ايجنٽ هئڻ جو ثبوت آهي. جو تہ وقت جي حڪومت جا ڪارندا ئي ڪنهن بزرگ جي ڪاني ڪرامت کي مشهور ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. اهوئي سندن مفاد کي مضبوط ڪرڻ جو بهترين ۽ مفيد ترين طريقو هوندو آهي. ان ڪان علاوه ڪن عالمن سڳورن پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ذريعي تفرقي بازي کي هوا ڏني، تہ جيئن گهڻائي مذهبي ٽولا وجود ۾ اچن. پاڻ ۾ وڙهندا رهن تہ جيئن منجهائن ايڪو ۽ ڀڏي ختم ٿي وڃي. جڏهن شيخ مشائخ پير ۽ بزرگ اهڙي تعليم ڏيندا رهيا، تڏهن سچل جهڙو سچار وڏي واڪي عوام کي ٻڌائيندو رهيو تہ :

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي، بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

Scanned by CamScanner

مرشد آکيو عاشق ٿين تا، منڪر ٿيءَ مشاخي
شيخي، پيري، بم بزرگي، اٿي سڀ هلاڪي
عشق امانت خاص الله جي، دل ڪي ڏي فراخي
سچا! سوز گداز سوا سچ، ٻيا سڀ چور طباخي.

احمد شاهه ابدالي شاهه فقير الله علوي جو مريد هو. هو جڏهن سنڌ ۾ داخل ٿيندو هو ته مرشد جي عقيدت سبب پيرين اگهاڙو هلندو هو. نه صرف سندس پير اگهاڙا هوندا هئا، پر سندس هٿ ۾ ترار به اگهاڙي هوندي هئي. هو جڏهن سنڌين جو قتل عام ڪندو هو ڳوٺن ۽ شهرن کي باهيون ڏيئي ساڙائيندو لٽ ڦر ڪرائيندو هو تڏهن به مرشد جي ادب کان پيرن ۾ جتي نه پائيندو هو ۽ ديندار وري ايڏو هو جو جتي به مولوي مدرسو ۽ مخدوم ڏسندو هو ته اتي ادب سان هلي ويندو هو ۽ ان مدرسي، مولوي ۽ مخدوم جي مالي مدد خاطر هڪ وڏي رقم نذراني طور ڏيندو هو. هو اهي پئسا افغانستان مان ڪونه کڻي ايندو هو پر سنڌ ۾ ڦر لٽ ڪري هٿ ڪندو هو. مختصر ته سنڌ جي انهيءَ ڦرلٽ ۾ اڪثر شيخ، مشائخ، ملان، معلم، مولوي، مخدوم ۽ مرشد احمد شاهي پناڻن سان گڏ هڪ جهڙا ڀاڱي ڀائيوار هوندا هئا. اهوئي سبب آهي جو سچل سرمست فرمايو آهي ته:

بزرگ، شيخ، مشائخ، يارو نا مخدوم ٿياسي،
نڪي قاضي، نڪي ملا، معلم پير بنياسي،
نڪي ناهه نڱيءَ جا ناهي، رنگ رساء رکياسي،
سچا ٻاجهوُن عشق الله جي، ڪوئي هنر نه سکياسي.

سچل سائين ڏاهپ، ذات ۽ ڏانءُ جو ڏٽي هو. هو ان قسم جي ملاڪي ماحول ۽ انسان دشمن ريتن رسمن جو پوئلڳ نه هو. سندس شاعريءَ جو هڪ هڪ اکر سماج جي روايتي ۽ اڏنگن اصولن، انسانيت کي ڇيهو رسائيندڙ رسمن ۽ رواجن جي خلاف اعلان بغاوت نه پر اعلان جنگ هو.

بادشاهن جي چاڙتن اهو مشهور ڪيو هو ته مسلمان بادشاهه کي ستن ولين جيتري طاقت هوندي آهي. پوءِ ڀلي اهو ڪنهن قوم تي ايترو ظلم ڪري، جو اها قوم ستن پيڙهين تائين سئن نه اچي سگهي. بادشاهه سلامت کي "ظل الله" سڏيو ويندو هو. پوءِ ڀلي اهو خدائي پاڇو جيڪڏهن عوام جو ڪوس ڪرائي ته به جائز ۽ مباح! الله تعاليٰ کي فقط سجدو ڪيو ويندو آهي، بادشاهه سلامت آڏو سجدو ڪندي، زمين کي چمي ڏيڻ پڻ لازمي ٺهرايو ويو هو. اتفاق سان جيڪڏهن ڪنهن شهزادي يا

Scanned by CamScanner

امير جي گفتگو دوران ظل الله جي منهن مبارڪ تي سڌي نظر پئجي ويئي ته بغاوت جي ڏوهه ۾ سندس سر قلم ڪيو ويندو هو.

بادشاهه ته بادشاهه هو پر سندس چاڙتا به پنهنجي پر ۾ گهٽ ڪونه هوندا هئا. هنن پڻ انسانن کي انتهائي حقير ۽ ذليل ٿي سمجهيو.

سچل سرمست انسان جي عظمت جو پرچارڪ ۽ حامي هو. اهوئي سبب آهي جو هن انسانيت کي ڇيهو رسائيندڙ رسمن ۽ رواجن خلاف بغاوت جو اعلان ڪندي پير تي ڏونڪو هڻي جنگ جو اعلان ڪيو. انسان کي پاڻ سڃاڻڻ وارو سبق ڏيندي غلامي ۽ ٻانهپ واري ذلت ڀري زندگيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياري کين صحيح مانُ ۽ مرتبو عزت ۽ عظمت عطا ڪئي. فرمائي ٿو ته:

ٽوڙ رواج ۽ رسمون ساريون، مرد ٿئين مردانو
پاڻ بيگانو مول نه ڄاڻين، آهين يار يگانو
وهم "سچل" ڪڍ ٻانهپ وارو، شملو ٻڌ شهانو.

يا هيءَ مصرع ڏسو جنهن ۾ انسان جي عظمت بيان ڪئي وئي آهي.

ٻانهو ٻانءِ م پاڻ، تون ته آهين مالڪ ملڪ جو.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته لڳاتار جنگين سنڌ وارن کي هيسيل، ڀيڙيل، ڏتڙيل، نڌڻڪو ۽ بي واهو بڻائي ڇڏيو هو. سندن شخصيت ڄڻ سندن وجود کان الڳ ٿي وئي هئي. هنن پاڻ کي حلال جانور وانگر هر موقعي مهل تي ڪسندو محسوس ٿي ڪيو. سندن بچاءَ جا سڀ در بند ٿي ويا هئا. اهڙي ڏکئي وقت ۾ درازي درويش وٽ کين ٿاڪ ۽ ٿان مليو. کين اجهو ۽ آسرو مليو عزت ملي ۽ احترام مليو. هنن ڏکهي گهٽ ۽ ٻوسٽ کان پوءِ سڪون جو ساهه کنيو. کين پنهنجي گم ٿيل شخصيت موٽي ملي. نئين سوچ، نئين لوچ، نوان رند، نيون راهون مليون، جن جي ذريعي کين پنهنجي منزل ويجهي نظر آئي.

سچل سائين پنهنجي سماع واري محفلن ۾ سنڌين کي جديد سنڌي قوميت جا اصول ڏنا. جن جو بنياد حب الوطني، مذهبي رواداري، قومي غيرت ۽ خود شناسي تي رکيو ويو.

سچل سارو سچ ٿيو منجهان ڪثرت ڪل،
الف مان آدم ٿيو ڪري هنگامو هل،
هندو مومن هڪ ٿيو پول نه پئي ڪنهن پل،
ٿج گلابي گل، مر مارنئي منصور جان.

Scanned by CamScanner

سچل سائين جي شاعريءَ جو مختصر جائزو

سچل سائين سنڌي ڪافي جو سرواڻ :

سچل سائين جي ڪلام تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ سندن ڪلام نہ صرف تعداد جي لحاظ کان گهڻو آهي، پر اصناف جي لحاظ کان بہ سنڌي ۽ سرائڪي شاعري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. موضوع توڙي مضمون جي لحاظ کان، فڪر توڙي فن جي لحاظ کان سندن ڪلام افضل ۽ اعليٰ آهي. هونئن تہ سندن هر صنف تي چيل ڪلام تعريف جي لائق آهي، پر خاص طور سندن ڪافي ڪمال جي درجي کي پهتل آهي. سندن ڪافين جو جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪبو تہ اها ڳالهہ مڃڻي پوندي تہ بيشڪ هو ڪافيءَ جو شهنشاهہ آهي. سندن ڪافيون هڪ اهڙي مني پاڻيءَ جي چشمي مثال آهن، جتان ڪيترن ئي شاعرن اڃ پنهنجي اڃ اجهائي.

سچل سرمست نہ صرف پنهنجي دور ۾ سنڌي سرائڪي ڪافين جو سرواڻ رهيو پر حقيقت اها آهي تہ اڄ بہ هو صحيح معنيٰ ۾ سرواڻ آهي. ڪافيءَ جي ڪيترن ئي شاعرن سندن عقيدت ۽ محبت ۾ ڪافيون چيون. اهڙن شاعرن ۾ فقير عبدالله ڪاتيار، فقير نانڪ يوسف، گهرام فقير، غلام حيدر گودڙيو خوش خير محمد هيسباڻي، محمد فقير کٽياڻ جا نالا ڳڻائي سگهجن ٿا. هتي نموني خاطر هڪ بہ مثال پيش ڪيا وڃن ٿا:

نانڪ يوسف سچل سائين جو سڀ کان پيارو ٻالڪو هو. فقيري وارو فيض بہ نانڪ کي ئي نصيب ٿيو. هن سچل سائين جي عقيدت ۾ ڪيترو ئي ڪلام چيو آهي. هتي ان جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا. نانڪ يوسف جي هڪ مشهور ڪافي آهي:

والــي ڪــئــي وراڻ، ٻــيــهــر ٻــاروچــل تــي.

ان ڪافيءَ جو هڪ ٻيو بند ملاحظہ فرمايو:

دوڙ درازيــــن، مــــنــــصــــب پــــاويــــن
ٻــيــا وت ڪــهــڙا پــنــڌ پــڇــاويــن.
يـــار يـــقـــيـــن ۾ آڻ.

هڪ ٻي ڪافي ۾ پنهنجي عقيدت جو اظهار اجهو هن ريت ڪيو اٿس:

Scanned by CamScanner

سچو يار تون سچار، سنڌ ۾ سچ نگاهون
گولن جي آهيان گولي، رچڙي بانڌن پولي
ساري سنڌين آهي جهولي، قسم ڪماهون
نانڪ نگاهه ساري، دراز دل بهاري
يوسف سچار ياري، مرشد ڏيو پناهون

معاف مدايون ميريون منهنجون
سچوءَ ڪيڙيون اهنجون سهنجون
شڪر هادي حق ذات

سچل سائين جڏهن ابدي ننڊ ۾ آرامي ٿيو تڏهن سندس هڪ طالب گهرام فقير هيٺين ڪافي چئي هئي:

هو سچل سالڪ سچل، دانهه درازين در هيو
ساول ٿي ساڙيهه تي، جڏهن مينهن محبت جا اٿا
جن فيض فلڪن تي رکيا، هادي حضوري حُر هيو
هندو هزارين مسلمين، معراج لئي سڪندا هيا
جن حوض ڪوثر مؤن چکيو پيتو پيالو پُر هيو
قنڌار ۽ ڪابول ۾، ڪشمير ۽ ايران ۾
هر ڪنهن سٹيو هر ڪنهن ۾ڏو گهرام غازي گُر هيو.

فقير قادر بخش بيدل پنهنجي عقيدت جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو
مست سالڪ شهه سچل، عاشق اتي اظهار هو
وجد وحدت جو سدا، خاصو تنهين خمار هو
مرد سو منصور وانگر عاشق اتي اظهار هو
سن ٻارهن سو ٻائيتاليهه ۾ تيار هو
چوڏهين رمضان جي هادي اهو هسوار هو
قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تنهين داتا جي، "بيدل" پرت جو پينار هو.

Scanned by CamScanner

هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ سچل سرمست جو ڪلام گوناگون خوبين سبب ان دور کان وٺي موجوده دور تائين سنڌي شاعريءَ تي حاوي رهيو آهي. نہ ڪانئس اڳ ڪو ايڏو وڏو ڪافي جو شاعر پيدا ٿيو ۽ نہ وري هن وقت تائين ڪو سندس هن سلسلي ۾ همسري جي دعوي ڪري سگهي ٿو. سندس سهڻي ڪلام کان سوين شاعر متاثر ٿيا. هتي نموني خاطر ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

سچل سائين جي هڪ مشهور ڪافي جا ڪجهہ شعر ملاحظہ فرمايو:

حج ڪٿي ڪيم هاڻي، ماريس تنهنجي ماڻي، الله چاڻي
راتيان ڏينهان يار سچڻ ميان، تن توئي ڏي تاڻي
ڏوڙا طالع ٿين سچوءَ جا، الله جي توڪي آڻي

هينئر ان ڪافيءَ جي پران سندس دوست ۽ عقيدت مند فقير عبدالله ڪاتيار جي ڪافيءَ جا ڪجهہ شعر پيش ڪجن ٿا:

توڙي چاڻي يار نہ چاڻي، اسان دست تساڏي وڪاڻي
ڪيتؤ مست ڏتؤ مدهوشي، ٿي هوشؤن بيهوشي
ڳئي سمجهہ ٿيا سي اياڻي
عبدالله پي آيا آپي، سڻ ڪي نيون نياپي
سچو سائين مانَ سڃاڻي.

ان دور جي ٻئي شاعر، سچل سائين جي ٻالڪي گهرام فقير عشق جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

يار سڄڻ تيڏي ماڻي، ٻهون ميڏي من ڀاڻي، الله چاڻي
ڪڏهن ولاڪي، ڪاوڙ سهڻا، ڪرين نہ نال نماڻي
راتو ڏينهان راهہ پلينديءَ الله تينون اج آڻي.

ساڳئي رنگ ۾ خليفي نبي بخش قاسم وري هيئين ڪافي چئي:

توڙي چاڻي يار نہ چاڻي،
اسان دست رانجهي دي وڪاڻي هون،
نيتئي هوش ڏتئي مئي نوشي،

Scanned by CamScanner

هوشان تي ايان بي هوشي،
ڪڏان اسان خاص سياڻي هون،
ٻنهان لوڪان دي وچ خوشيان جي هونديان،
اکيان ميڏيان وي رت روندييان
اسان ڪارڻ يار ڪماڻي هون.

هيٺئر سچل سائين جي هڪ ٻي ڪافي جا ڪجهه شعر نموني خاطر پيش ڪجن ٿا:

پيالي عشق پلاڪي، ساجن چا مخمور ڪيتوئي
چشمان دي ويکا چمڪاري، ننگ نيتئي ايڪ نظاري
چڪنا چور ڪيتوئي
انا الحق دا ماريئي نعرا، حيرت دي وچ پيا جڳ سارا
ناں منصور ڪيتوئي.

هيٺئر ان ڪافيءَ جي پيران عبدالله ڪاتيار جي هڪ ڪافيءَ جا ڪجهه شعر پيش ڪجن ٿا. عبدالله فقير قافيو بدلائي پنهنجي ڪافي هن ريت چئي آهي:

لنؤ لائي اسان ڪون لالڻ
هڻ چا مجنون ڪيتوئي
الف آهس مين والله بالله
هڻ مينون نون ڪيتوئي
سرخئون، سبز سفيد، سياهئون
هڻ بوقلمون ڪيتوئي
عشقئون عبدالله ڪون يار پيارا
ڪجهه تان ممنون ڪيتوئي

ان دور جي هڪ ٻئي شاعر ميان گل محمد فاروقي جي چيل هڪ ڪافي جا ڪجهه شعر نموني طور پيش ڪجن ٿا، جنهن ۾ هن پڻ قافيو بدلائي، ساڳئي رنگ ۾ سهڻي ڪافي چئي آهي. فرمائي ٿو ته:

Scanned by CamScanner

مٺي يار پلاڪي مينون، پيلا چا مدهوش ڪيتوئي
پرتئون پيالا پي پهلا، ٿيس تهين دم والہ وهلا
برهئون بيهوش ڪيتوئي
او شراب اڪيندا تيڏا، نيتا خورد و خواب اسيڏا
جوشان درجوش ڪيتوئي

نظر علي فقير وري پنهنجو نينهن هن ريت نروار ڪيو:

چا غلام ڪيتوئي، اپڻي ويڙهي دا
ابرو مزگان دا، تير عشاقان وي
چا سيني صاف ستيوئي
لعل لبان تي بينسر سهندي وي
چا قتل عشاق ڪيتوئي

سچل سرمست جي هڪ مشهور ڪافي آهي:

آهيان آءُ اسرار جيڏيون مون کي ڪير ٿيون پانيو
نوري ناري ناهيان، آهيان رب جبار
آکيو صدق يقين سان، اديون ڙي اعتبار
مرشد ٻانهو ناچيو سچا تون سردار.

سچل سائين جي ان ڪافيءَ جي پران بيدل فقير جيڪا ڪافي چئي آهي، ان ڪافيءَ جا ڪجهه شعر ملاحظ فرمايو:

آهيان آءُ اسرار عالم ليکي آدمي
عرشئون اچي اتهين، عشق ڪيتس اظهار
ٻانهپ ٻولي ناهہ ڪا، نور آهيان نروار
بيدل بندو ناهہ تون، آڻ اهو اعتبار

Scanned by CamScanner

جيڪڏھن غور سان ڏٺو وڃي ته نه صرف سنڌ جا شاعر بلڪ پنجاب ۽ بلوچستان جا شاعر پڻ سچل سائين جي ڪلام کان متاثر ٿيا. خواجه غلام فريد جھڙي باڪمال شاعر تي به سچل سرمست جي ڪلام جو اثر نمايان نظر ايندو. ان کان علاوه سيد رکيل شاھه ناڙي وارو ۽ سندن فرزند سيد چيزل شاھه پڻ سچل سائين جي ڪافين کان ڪافي متاثر نظر اچن ٿا. سچل سائين جي ھڪ ڪافي آھي:

نه مان مريد، نه مان پير، ساري فقر جو فقير.

سائين رکيل شاھه ساڳئي نموني جي ڳالھه ڪئي آھي، فرمائي ٿو:

آھيان فقر جو فقير

سچل سرمست جي ھڪ ڪافيءَ جا ڪجھه شعر ملاحظه فرمايو:

ڏسو عشق جو انصاف، سڀئي مذھب ڪيائين معاف
مڪي وڃڻ جو مقصد ڪيھو ڪر تن اندر طواف
واديءَ ۾ وحدت جي، جتي لام نه ڪاف
الانسان سري و انا سره، غازين ايءَ غلاف
سچو مذھب عشق جو سوئي آھي صاف.

ان ڪافيءَ کان متاثر ٿي سائين چيزل شاھه ھڪ ڪافي چئي آھي، جنھن جو نمونو ھيٺ ڏجي ٿو:

ڏس عشق جو ھيءَ انصاف
ڪعبو پاڻ ڪري ٿو طواف
نفل نمازان سنتان ساريون
فرض مڙيئي معاف

سچل سائين پنھنجي ڪافي ۾ وڏي وسعت پيدا ڪئي، نوان تجربا ڪري ان ۾ نواڻ پيدا ڪئي. سندس ڪي ڪافيون ائين معلوم ٿو ٿئي ته سوال ۽ جواب واريون آھن. ھتي ان جو ھڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

Scanned by CamScanner

ڪافي

(عاشق جي طرفان سوال)

اڄ ڪي صبح اچن ٿا، نروار چئو نجومي
مون هت نماڻيءَ جو پرين حال ڪي پڇن ٿا
هن پار ڏي اچڻ جو چئوڪي سچڻ چون ٿا
پرين آهن پنڌ ۾ ڪي ويڙهي پنهنجي وسن ٿا
سچوءَ جي ٻي سڌ لهڻ لئي، قاصد هيڏي منجن ٿا.

ڪافي

(معشوق جي طرفان جواب)

ويل ڪنهن نہ ٿا وسارن، عاشق نہ ٿج تون ماندو
نحن اقرب اها اشارت، گڏ توئي سان گذارن
اصل لاڪون طرف تنهنجي، نت نت گهڻو نهارن
جي تو اڪنڊ انهن جي، سي ٻي توئي سنڀارن
ڏينهن اتهين چو ٿو لائين، تو هت سچو سنڀارن.

ان نموني جا ڪجهہ ٻيا مثال پڻ پيش ڪري سگهجن ٿا. سوال واري ڪافي ملاحظہ فرمايو:

منهنجو ڪي هت پڇيائون، سچ چئو ادا ڙي ساٿي!
گوشي ويهي گڏ اوهان سان منهنجي ڳالهہ ڪا ڪيائون

ملاحظہ فرمايو جواب واري ڪافي:

هيئن اڄ چئي مڪائون، عاشق اچون ٿا ايڏهين
هن جيءَ جڏي ڪي جيڏيون! آڏر وڏي ڏنائون
مون هن نماڻيءَ سان، ڪيڏا ڪرم ڪيائون

Scanned by CamScanner

ڪانگل ذريعي پيغام موڪلڻ واري ڪافي جو هڪ شعر ملاحظہ فرمايو:

هينئن ڪانگ اڄ ڪهي ويو ايندئي صبح سويلي،
ڳالهيون ڪندي سڄڻ جون، اڄ رات هت رهي ويو

مطلب تہ سچل سرمست جي ڪافين ۾ زبان، بيان ۽ اعليٰ مضمون کان علاوه بيون ڪيترڀون ئي خوبيون ۽ خصوصيتون موجود آهن. سندس سهڻين ڪافين کان نہ صرف سندس دور جا شاعر متاثر ٿيا، پر پوئين دور ويندي هاڻوڪي دور تائين ڪيترائي ڪافي گو شاعر ڪانئس متاثر ٿيا آهن. تنهن ڪري ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ بيشڪ سچل سرمست ڪافيءَ جو سرواڻ آهي.

سچل سرمست جي سرائڪي شاعري :

ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ڪونہ آهي تہ شاهہ لطيف کان پوءِ سنڌي زبان جو وڏي ۾ وڏو شاعر سچل سرمست ئي آهي، پر سرائڪي ۾ سچي سنڌ ۾سندس جوڙ يا مٽ ملڻ مشڪل آهي. جيڪڏهن ڪين سرائڪي شاعريءَ جو سرواڻ سڏجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. سندن سرائڪي ڪلام جنهن ۾ ڏوهيڙا، ڪافيون، جهولڻا ۽ سي حرفيون اچي وڃن ٿيون، تن جو تعداد هن ريت آهي: 10 سي حرفيون، 258 ڏوهيڙا ۽ 490 ڪافيون. سندن سرائڪي ڪلام مولوي محمد صادق راڻيپوريءَ ترتيب ڏنو ۽ اهو سنڌي ادبي بورڊ سن 1959ع ۾ شايع ڪيو.

سنڌ ۽ پنجاب جي سرائڪي شاعريءَ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ نہ صرف سنڌ جا وڏا وڏا عالم صوفي شاعر سچل سائين جي ڪلام کان متاثر ٿيا، پر پنجاب جي مشهور صوفي شاعر خواجہ غلام فريد پڻ سچل سائينءَ جو اثر قبول ڪيو. سنڌ ۾ عبدالله ڪاتيار، نانڪ يوسف، غلام حيدر شر، گهرام فقير جتوئي، خير شاهہ رتيديري وارو شير خان پنهرو فقير قادر بخش بيدل، حمل خان لغاري، دريا خان فقير، شاهہ نصير، محمد فقير کتياڻ، فقير هدايت علي نجفي تارڪ، غمدل فقير ۽ ٻيا گهڻائي شاعر سچل سرمست جي سرائڪي ڪلام کان متاثر ٿيا.

سنڌ ۾ سرائڪي شاعريءَ جي شروعات ڪڏهن کان ٿي؟ اها ڳالهہ پڪ سان چئي نہ ٿي سگهجي. باقي ڇپيل صورت ۾ سرائڪي ڪلام ارڙهين عيسوي صدي ۾ ملي ٿو. ڪنڊڙي جي ڪلتارن روحل فقير ۽ مراد فقير جون ڪجهہ سرائڪي ڪافيون ڪتاب "ڪنڊڙي وارن جو ڪلام" ۾ ڇپيل آهن.

Scanned by CamScanner

روحل فقير ۽ مراد فقير جون ڪافيون سندن دور ۾ يقيناً مشهور هونديون ۽ ان دور جا ڳائڻا فقراهي درگاهن ۽ خانقاهن تي سندن ڪافيون ضرور ڳائيندا هوندا. اهي ڪافيون سچل سائينءَ پڻ ضرور ٻڌيون هونديون ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ڪافيون کين وڻي ويون هجن. ان ڳالهہ جو هڪ ثبوت هيءُ ٿي سگهي ٿو تہ روحل فقير جي هڪ مشهور ڪافي آهي:

نينهن لڳا من پياري دا، پياري ڪلنگي واري دا
هردو جهان وچ ڪل رهيا هي، هڪوئي گل هزاري دا
ٻنهان لوڪان نون موت مريندا، عاشق قتل نظاري دا.

هينئر ان ساڳئي رنگ ۾ سچل سائين جي هڪ ڪافي جا ڪجهہ شعر ملاحظہ فرمايو:

نور پريا رخ پياري دا، الا پياري دا، دلداري دا،
سهڻا مينون ايوين پاندا، جيوين گل هزاري دا

سچل سائين جي هن ڪافي ۾ هوبهو روحل فقير جي ڪافي وارو رنگ نظر اچي ٿو. سچل سرمست ان ڪافي جي پيران هڪ ٻي ڪافي پڻ چئي آهي. فرمائين ٿا:

سانون عشق لڳا يار پياري دا
سانون نيڻين قوت نظاري دا
ٻنهان لوڪان نون اجل مريندا
عاشق قتل نظاري دا

سچل سائين جي هن ڪافيءَ جي انهيءَ شعر ۽ روحل فقير واري ڪافي جي شعر ۾ فرق صرف هڪ لفظ جو آهي. اهو لفظ بہ هم معنيٰ آهي. روحل فقير فرمايو آهي تہ:

ٻنهان لوڪان نون موت مريندا، عاشق قتل نظاري دا

۽ سچل سائين فرمائي ٿو:
ٻنهان لوڪان نون اجل مريندا، عاشق قتل نظاري دا

"پاڻ سڃاڻڻ" سچل سائين جي شاعري جو اهم عنوان آهي. ان نڪتي کي ورجائي ورجائي بيان ڪيو اٿس. هتي مثال خاطر سندن هڪ ڏوهيڙو پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ پاڻ سڃاڻڻ کان علاوه

Scanned by CamScanner

منصوري مام ۾ ٻيا صوفياڻا نڪتا پڻ سهڻي نموني سمجهايا اٿن. فرمائين ٿا:

هڪ ڏينهن ميڪون مرشد آکيا، "مئي پيالا پيوين"
آکيم: " اينوين سائين، اينوين"
آکيس: "آپ سڃاڻ ٻاجهون، همدم مول نہ ٿيوين"
آکيم: " اينوين سائين، اينوين"
"اپڻي ذات لڪا اٿ ٻيئڻ، تيڏا مطلب ٿيسي ڪيوين"
آکيم: " اينوين سائين، اينوين"
موتوا قبل ان تموتوا " مئي پڃاڻون جيوين"
آکيم: " اينوين سائين، اينوين"
آکيس : "ماريا حلاج نغارا، "سچل" تون ڀي مارين تيوين"
آکيم: " اينوين سائين، اينوين"

وحدت الوجود جي سمجهاڻي ڏيندي هڪ هنڌ فرمائين ٿا تہ:

ٻيا ڪوئي ڄاڻڻ محض گناهہ هر ڪنهن صورت آپ الله

ٻئي هنڌ فرمايو اٿن تہ:

رانجهو ڪيڙا ڏوهين مين هان، هير رهي وچ ڪٿي ڪٿي
جهنگ سيال تي تخت هزارا، ڏونهين ڏنم اٿي اٿي

سچل سائين جي سرائڪي شاعري ۾، سنڌي شاعري وانگر حسن ۽ عشق وارن موضوعن کي وڏي اهميت حاصل آهي. سندس ڏوهيڙن توڙي ڪافين ۾ جمالياتي شاعريءَ جا جلوا جابجا نظر ايندا. هو وڏو حسن پرست انسان هو. ان جو وڏو ۽ چٽو دليل سندن ڪلام آهي. سونهن کان سواءِ سندس من مونجهو رهي ٿو. سهڻن سان گڏ ئي ڀاڻ کي صحيح معنيٰ ۾ سهڻو سمجهي ٿو. فرمائي ٿو:

سهڻيان نال مين سهڻا هووان، بن سهڻيان مين ڪوجهي
ٻاجهہ حسن هوءِ هوءِ ڀي ٿيوي، دل ملول تي موجي.

Scanned by CamScanner

سونهن وارن جي سراپا ڇڻ عشق جي دعوت آهي. خاص طور ابرو مزگان مطلب ته اکڙيون سراسر عشق آهن. اهي تير ڪمانان به آهن ته باز به آهن. جن کان عاشق ڪنهن به صورت ۾ بچي نه ٿو سگهي.

اکيان عشق تي عشق ني ابرو مزگان عشق سيوئي
عاشق ويک حسن دي مرچي، حال وچيندا روئي
سچل تير ڪمانا، بازان، پج نه سگهدا ڪوئي.

سچل سائين جي ڪلام ۾ عوامي شاعريءَ جا ڪي نمونا پڻ نظر اچن ٿا. مثال خاطر هڪ ڊوهيڙو پيش ڪجي ٿو جو هنر سان تعلق رکي ٿو ۽ منجهس محبوب جي وارن، اکڙين ۽ ڀرؤن کان سواءِ عشق ۽ عقل جي جهيڙي بابت تمام سهڻي تشبيهه ڏنل آهي.

ول ول چلي ڪاليان زلفان، يار سهڻي ديان ڪنڌيان
ويکڻ نال مريندڙيان دورئون، هوءِ هوءِ اکيان ڪنڌيان
عشق عقل دا جهيڙا ايوين، جيوين منجهيان ڪنڌيان
سچل قوس ڪمانان ڪهنديان، وهه وا ڀروان ڪنڌيان

سندس سرائڪي ڪلام ۾ عوامي زبان ۽ محاورا عام جام نظر ايندا. هتي نموني خاطر ٻه ٽي مثال پيش ڪجن ٿا. هير کي سندس ماءُ مهڻو ڏيندي چئي ٿي ته:

اسان سيالين ڪنون ٻاهر پئي اين
ڪيا ڪيتوئي ڙيا ڪيا ڪيتوئي!

هير ماهي خاطر سڀ مهڻا خوشي سان قبول ڪيا، سچل سائين هير جي ان جذبي جي ترجماني ڪندي فرمائي ٿو ته:

ماهي دي مهڻي ڪڏ تيڙليم، هڻ وال پڇي نا ولان

سنڌ جي ڳوٺن ۾ اهو رواج آهي ته سڪ پريت وڌائڻ خاطر هڪ ٻئي ڏانهن ٻوڙ ٻاجي موڪليندا آهن. اها ڳالهه بيان ڪندي سچل سائين فرمائي ٿو:

طرفون تيڏي يار پيارل، ٻاجي عشق دي آئي.

Scanned by CamScanner

ھڪ ٻيو مثال ملاحظہ فرمايو جنھن ۾ محبوب آڏو نوڙت ۽ نياز جو ھڪ نيارو مثال پيش ڪندي موتين ڪان وڌيڪ سھڻي سرائڪي استعمال ڪئي اٿائين. فرمائي ٿو:

ساري راج تيڏي دي گولڙي گولڙي ھوسان،
شالا اسان ڏھون مھر پوويئي،
ايڏي اوڏي مول نہ ويسان، يار سھڻا
تيڏي جھولڙي جھولڙي ھوسان
لوڙ ڪتيان دي، دلبر تيڏي دي،
رڇڙا يا وت پولڙي پولڙي ھوسان
روز ازل ڪنون سڻ سچل سائين،
نانءُ تيڏي توں گھولڙي گھولڙي ھوسان.

انھن مثالن مان معلوم ٿيو تہ سچل سرمست کي سرائڪي زبان تي عبور حاصل ھو. سندن سرائڪي ڪلام ۾ مضمون گھڻي ڀاڱي ساڳيا سنڌي زبان وارا آھن.

جيئن شاھہ لطيف سنڌي شاعريءَ کي عروج تي رسايو تيئن سچل سرمست وري سرائڪي شاعريءَ کي ڪمال تي پھچايو. شاھہ لطيف پنھنجي ذات ۽ ڏانءَ سان سنڌي بيت ۽ وائي کي مقبول بڻايو تہ سچل سرمست وري سرائڪي ڏوھيڙي ۽ ڪافي کي مقبوليت عطا ڪئي. ھن وقت تائين ڪوبہ شاعر سرائڪي زبان ۾ ايترو گھڻو ۽ ان معيار جو ڪلام چئي نہ سگھيو آھي.

اھا ھڪ حقيقت آھي تہ سچل سرمست ھڪ حسن پرست انسان ھو. ھن پنھنجي ڪلام ۾ حسن ۽عشق جون ڳالھيون، مضمون ۽ بيان اھڙي نموني آندا آھن جن جو مثال ملڻ مشڪل آھي.

اھو حسن جنھن جي ڏسڻ سان عابدن ۽ زاھدن کان تسبيح، مسيت مصلو ۽ ورد وظيفو وسري وڃي، اھڙو حسن جنھن جي ڏسڻ سان ملان، توڙي قاضي حيران ۽ مستان ٿي وڃن، ان حسن جي تعريف سچل سائين ھن ريت ڪري ٿو:

Scanned by CamScanner

شمع ڪنون رخ روشن افضل طرحين طرح تجلا
زاهد ويکڻ نال وساريا، تسبيح مسيت مصلا
ويک حسن حيران ٿئي سچل، ڪيا قاضي تي ڪيا ملا

محبوب جي منهن کي هڪ روشن ڪتاب سڏيندي سچل سرمست ان جي صفت ۾ ساراهه ۾ ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

منهن محبوب دا سارا مصحف، زيرين زيرين نالي،
عشق واليان آياتان دي وچ، پيش تي شد برحالي،
جزمان نقطي صحيح سڃاڻين، قاري ڪوئي سنيالي،
"بسم الله" نال لکيان سڀ سوران، پڙهن ورهي والي.

سندس نگاهه ۾ اهڙي محبوب جو ديدار هزار حجن جي برابر آهي. نه فقط ايترو پر محبوب جي حسن کي عام مخلوق سڏڻ کان به منع ڪري ٿو. ڇاڪاڻ ته اهو سراسر ربوبي رنگ آهي.

ڏٺاسين رخسار سهڻي دا، خوش خورشيدي خوبي
نا مخلوق آکيجي سچل، سارا رنگ ربوبي

اهڙي حسن کي سجدو ڪرڻ عيب عبادت آهي. سچل سائين عاشقن کي اها ئي صلاح ڏئي ٿو:

حسن ڪون سجده، چوڙڏي ڪعبه ايوين ڪر تسلا.

هونئن ته هر شاعر پنهنجي ڪلام ۾ حسن ۽ عشق جي مضمون کي وڏي اهميت ڏني آهي، پر سچل سرمست انهيءَ موضوع ۽ مضمون ۾ جيڪا جدت ۽ انفراديت پيدا ڪئي آهي، سا سندس ئي ذات جو ڪمال آهي. هتي نموني طور سندس هڪ اهڙو شعر پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ محبوب جي حسن جي تعريف اهڙي انداز ۾ ڪئي اٿس، جڻ اهو نظارو اکين سان پيو ڏسجي ۽ اهڙي ريت سندس شعر محاڪاتي شاعري جو هڪ اعليٰ مثال بڻجي پيو آهي. فرمائي ٿو:

وقت نماز ديگر دي ڏٺم، واهه حسن دي چالي،
پيچون پيچ لٽڪ پئي ڳل تي، ڪيس بشيهر ڪالي،
ڏوجهي ڏيک حڪومت والي، نيڻ نواب نرالي،

Scanned by CamScanner

مزگان تير، ڪمانان ابرو مارن ڪرن نہ ٽالي،
ڪائي عرض نہ رکندي ڪنهن دي، مست ڦرن متوالي،
لعل لبان ياقوت رماني، عالي منصب والي،
سچل ڏيک انهان دي اڳون، ڪيتا "هان" حوالي.

محبوب جي مڪمل حسن جي تصوير پيش ڪرڻ، ممڪن نہ آهي، تنهن ڪري سچل سائين جي سرائڪي شاعريءَ مان مثالن طور ڪجهہ اهڙا ڏوهيڙا پيش ڪيا وڃن ٿا، جن جي ذريعي سچل سائين اسان سان عجيبن جي اکڙين جو احوال اوريو آهي.

خيرپور جا مير شڪار جا شوقين هئا. باز پالڻ ۽ بازن ذريعي شڪار ڪرڻ سندن عام مشغلو هوندو هو. سچل سائين کي انهن بازن بابت سٺي ڄاڻ هئي. اکين کي باز سان تشبيهہ تہ گهڻن ئي شاعرن ڏني آهي، پر سرمست اها تشبيهہ ڏيڻ وقت بازن جا مختلف قسم پڻ بيان ڪيا آهن. ڪجهہ مثال ملاحظہ فرمايو:

ظالم ديان زوراور اکيان، باشي، باز يا بحريان
ڪجليان قاتل عشاقان ڪون، قتل ڪريندیان ڦهريان.

ٻئي هڪ ڏوهيڙي ۾ فرمائي ٿو:

زُري، باز سهڻي ديان اکيان، شوقي زور شڪاري

محبوب جون اکڙيون قاتل آهن. اهي قتل ڪن ٿيون تڏهن بہ اهي "سڳوريون" سڏيون وڃن ٿيون. فرمائي ٿو:

اکيان باز عقاب سهڻي ديان، شور گهتن شهزوريان
خوني خون ڪريندیان سچل، تاپي سدا سڳوريان.

هڪ ڏوهيڙي ۾ اکڙين کي شهباز ۽ زُري سان تشبيهہ ڏيندي، اسلامي سزا جو ذڪر وڏي خوبي ۽ خوبصورتيءَ سان ڪيو اٿس. فرمائي ٿو:

سهڻي ديان شهباز اکين هن، يا وت ظالم زُري،
مزگان ڏيون تعزير عشاقان، دين والي چڻ دري،

Scanned by CamScanner

سچل سرمست اکڙين کي نہ فقط ٻاڻن سان تشبيھ ڏني آهي، پر انهن لاءِ ڪي ٻيون نيون ۽ نراليون تشبيهون پڻ ايجاد ڪيون اٿس. مثلاً ڪڏهن انهن کي شينهن سڏي ٿو تہ ڪڏهن شهزاديون تہ ڪڏهن وري ڪيفي ڪيف ڪڪوريون سڏيندي انهن جي صفت ۽ ساراهہ ڪندو رهي ٿو. اهي ايڏيون زوراور آهن جو زوري دل جي دنيا تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏن ٿيون.

سهڻي ديان ظالم اکين، شير وتن چڙھ شوري
شور گهتن شهزاديان، ڏوهون ڪيفي ڪيف ڪڪوري
نينهن دي نيزي برڇيان چاون، يا وت جام ڪٽوري
ڪرن تاراج دليان ڪون سچل، زوراور نال زوري

سچل سائين فرمائي ٿو تہ اکڙين جا شير ٻيلائي شينهن کان بہ ٻہ رتيون وڌيڪ ظالم ۽ قاتل هوندا آهن. عام شينهن کان ماڻهو پاڻ بچائي سگهي ٿو پر اکڙين جي شينهن کان بچڻ ناممڪن آهي:

شير اکين دي غالب هوندي، اتي شير جهنگل دي،
شير اکين ڪنون ڪوئي نابچسي، آسي وچ چنگل دي،
جهنگ والا مڙ ويندا، اي تان ڪڙدا ڪاڻ قتل دي،
ماڻ ٻاجهون مشتاقان دي، اهي سچل مول نہ ٽلدي

عجيبن جون اکڙيون عشق ئي عشق آهن. انهن جادوگرن کي ڏسي هر ڪنهن کي حيرت ٿئي ٿي. عاشق ويچارو حسن جا مورچا ڏسي هيسجي وڃي ٿو. ڀلا اهڙي حالت ۾ هو پاڻ کي ڪيئن بچائي سگهي ٿو:

اکيان عشق تي عشق ني ابرو مزگان عشق سيوئي
جادوگر دا جادو ڏاڍا، سڀ نون حيرت هوئي،
عاشق ويک حسن دي مرچي، حال وڃيندا روئي،
سچل تير، ڪمانان، ٻازان، پڄ نا ويندا ڪوئي

حسن جي فوج جا بهادر سپاهي جڏهن ڪنهن تي ڪاهہ ڪن ٿا، تڏهن عاشق ويچارا خوف وچان دانهن ڪندي چون ٿا تہ "يا الاهي پردو رکجانءِ"

Scanned by CamScanner

حسن دي جوهر ڪاري چڙهدي، بانڪي نيڻ سپاهي،
شهر دلين دا لٽ ڪرنيوَن، ڏيندا عشق گواهي،
عشاقان دي سر چڙهه ڪر آوي، فوج حسن دي شاهي،
سچل نماڻي دا تون جڳ وچ، پرده رکين الاهي.

سچل سرمست پنهنجي هڪ سرائڪي ڏوهيڙي ۾ اکڙين جي تعريف ڪندي هڪ بلوچي لفظ تمام سهڻي نموني استعمال ڪيو آهي. فرمائي ٿو ته:

مشتاقان ڪون يار سهڻي ديان چڪن ڪريندي ان "چمان"،
ويک عشاق پيي وقت اهين دم سر دي چاون طمان،
حسن دي هاڪ پئي وچ هر جا، ڪيا ايا، تي ڪيا لمان،
سچل غريب ڪون راتيان ڏينهان، غمزه لايا غمان.

محبوب جو منهن ڪعبو آهي ۽ اتي ٻئي نيڻ نوابن وانگر موجود آهن. لنؤ وارن تي لازم آهي ته انهن جو طواف ڪن:

نيڻ نواب ڪعبي وچ ڪڙدي، عالي تاب انهان دا،
لازم هي لنؤ واليان نون، جو ڪرڻ طواف تنهان دا،
قدر ڄاڻن اهي، نال تنهان دي، پوسي ڪم جنهان دا،
سچل قبله سهي نا ڪردي، ڪيڏي رخ ڪنهان دا.

جنهن تي حسن جي فوج حملو ڪري ٿي، تنهن کي پتو پوي ٿو ته ڪيئن نه اکڙين جي اشارن سان عاشق جي جان، جسم، سر، دل چارئي چٽ ٿي وڃن ٿا. اتي بادشاهه توڙي فقير سڀ نوڙت ۽ نياز اختيار ڪن ٿا.

حسن ديان فوجان جنهان تي چڙهسن، سڌ انهان تون ڏيسن،
جٿا، جان تي سر، دل چارئي نال نيڻن دي نيسن،
شاهه گدا سڄ ڄاڻين سچل، پيرين انهان ڪون پيسن.

مٺي محبوب جون بي پرواهه اکيون، بادشاهن کي به ڪجهه نه ٿيون سمجهن. هر جاءِ سندن حڪم هلي ٿو:

بادشاهان تي فلڪ نه رکديان، ڏاڍا حڪم اکين دا.

Scanned by CamScanner

مطلب تہ اهي شهزور اکيون، ڪنهن جو غرض نہ ٿيون رکن. انهن جي رمز ۽ راز پروڙڻ وارا بہ لکن مان ڪي ڪي هوندا ۽ هزارن انسانن مان ڪي هڪ بہ ان اک جا عاشق هوندا، نہ تہ ٻيا سيئي محبت واري مانَ ۽ مرتبي کان محروم آهن.

سهڻي ديان شهزور اکين، او ڪنهن دي غرض نہ رکدي،
رمز انهان دي راز والي، ڪيئي لکان وچون لکدي،
وچون هزاران يار دي سچل، هن هڪ ڏون عاشق اک دي.

اهي نشيلا نيڻ مشتاقن کي ماري وجهن ٿا. دلين تي ڌاڙيلن وانگر لٽ ڦر لائي ڏين ٿا. عاشق ويچارا هڪ قطار ۾ ٻانهون ٻڌي با ادب بيٺا آهن. اهڙن عاشقن جي در وچي، سندن پيرن جي خاڪ کي عقيدت طور چميون ڏجن:

بانڪي نيڻ سڄن دي غالب، مار ويندي مشتاقان،
دليان لٽ نيوَن هڪواري، ڪردي ڪم قزاقان،
ٻانهان ٻڌ ڪڙوتي اڳون، صفان صف عشاقان،
عشق واليان ديلن هردم سچل، وڃ چميجن خاڪان.

انهن مثالن مان معلوم ٿيندو تہ سچل سرمست اکڙين بابت جيڪي شعر چيا آهن، سي سندس شاعراڻي ڪمال جا شاهد آهن. فقط اکڙين بابت ان نموني ۾ ايترا گهڻا ۽ خوبصورت ڏوهيڙا ڪنهن بہ سنڌي توڙي سرائڪي شاعر جي ڪلام ۾ مشڪل نظر ايندا. سچل سرمست جا اهي ڏوهيڙا سرائڪي شاعريءَ ۾ شاهڪار جي حيثيت رکن ٿا. اهي نہ صرف مضمون ۽ بيان جي لحاظ کان افضل ۽ اعليٰ آهن، پر اهي شاعراڻي سونهن ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

آخر ۾ سندس هڪ اهڙو ڏوهيڙو پيش ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ سچل سائين اکڙين لاءِ نيون تشبيهون استعمال ڪيون آهن. ايترين گهڻين تشبيهن ڏيڻ جي باوجود سرمست ان ڳالهہ جو اعتراف ڪري ٿو تہ عجيبن جي اکڙين جي جيتري بہ تعريف ڪجي سا ٿوري ٿيندي ۽ اکڙين جي سموري صفت ۽ ساراهہ بيان ڪرڻ ڪنهن جي وس ۾ نہ آهي:

اکيان ذوالفقار ظالم ديان، خون ڪريندييان خوني،
نال عشاقان آ ڪر لاون، غمزي گونا گوني،
ديوانيان وهہ، ديوانيان نون، آ ڏيون جوش جنوني،
دُراني، ايراني، رومي يا فوج اها ارغوني،
يار سچل اهي نهين صفت وچ، بيشڪ هن بيچوني.

Scanned by CamScanner

مٿين مثالن مان معلوم ٿيندو تہ سچل سائين پنهنجي سرائڪي ڏوهيڙن ۾ جتي اڪثرين جا عجيب احوال اوريا آهن، اتي ٻيون ڪيترين ئي اهم تاريخي ڳالهيون پڻ ڪيون آهن. جيئن مٿي آيل ڏوهيڙي ۾ دراني، ايراني، رومي ۽ ارغوني فوج جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جن سنڌ تي حملا ڪري ان کي تباهہ ۽ برباد ڪيو. ان کان علاوه سنڌس هيءَ مصرع پڻ تاريخي آهي:

مزگان ڏيون تعزير عشاقان، دين والي ڇڻ دري

انهيءَ مصرع مان مذهبي سخت گيري ۽ سزائن جو پتو پوي ٿو. اهڙي ريت اڪثرين جي ظالمانہ روش جو ذڪر ڪرڻ وقت سچل سائين خاص طور ارغونن ۽ درانين جي ظالم فوجين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سچل سرمست جا ان قسم جا سرائڪي ڏوهيڙا هڪ طرف تاريخي واقعن ڏانهن اشارو ڪندي سندن تاريخي شعور جي شاهدي ڏين ٿا تہ ٻئي طرف اهي فڪر ۽ فن جي لحاظ کان وڏي وسعت ۽ اهميت رکن ٿا.

سچل سائين جي ڪلام ۾ صوفياڻا اصطلاح :

صوفياڻا اصطلاح ٻڌائڻ کان اڳ اهو ضروري آهي تہ تصوف جي مختصر تعريف بيان ڪئي وڃي. تصوف جي ڪتابن ۾ مختلف بزرگن مختلف نموني تصوف جي تعريف ڪئي آهي. ڪن جو خيال آهي تہ صوفي اهو آهي جيڪو صوف جو (هڪ قسم جو ٿلهو) ڪپڙو پهري. ڪن جو خيال آهي تہ اصحاب صفہ مان اهو لفظ نڪتو آهي (51). ڪن جو خيال آهي تہ هي لفظ صفا مان نڪتل آهي. صوفي اهل صفا مان هوندا آهن. حضرت ابو محمد مرتش جو قول آهي تہ حسن خلق تصوف آهي. حضرت ممشاد علي دينوري فرمايو آهي تہ "بيڪار شيون ڇڏي ڏيڻ تصوف آهي." حضرت ذوالنون مصريءَ جو قول آهي تہ صوفي اهو آهي جو اهڙي نصيحت ڪري جنهن تي پاڻ عمل ڪندو هجي.

جيئن تہ تصوف جو تعلق اهڙين ڳالهين سان آهي، جيڪي محسوسات کان مٿاهيون آهن، تنهن ڪري انهن کي سمجهڻ تمام ضروري آهي. جيستائين ڪو شخص انهن کي نہ ٿو سمجهي، تيستائين ڪنهن صوفي شاعر جو ڪلام سولائيءَ سان ۽ صحيح نموني سمجهي نہ سگهندو.

سچل سرمست هڪ صوفي بزرگ هو. سندس سمورو ڪلام عارفاڻو ڪلام آهي. ان ۾ ڪيترائي صوفياڻا اصطلاح استعمال ڪيل آهن، جنهن تي هڪ ڪتاب لکي سگهجي ٿو پر هتي تمام مختصر نموني انهن مان ڪن ٿورن اصطلاحن جي سمجهاڻي ڏجي ٿي. اهي اصطلاح ٻن قسمن جا

Scanned by CamScanner

آهن: هڪڙا علمي ٻيا شاعراڻا. علمي اصطلاحن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن, جهڙوڪ: احديت, وحديت, ڪثرت, برزخ, عروج, نزول, شهود وغيره. شاعراڻا اصطلاح آهن: زلف, رخ, خال, خط, ابرو رخسار قد وغيره.

سچل سائين جي رسالي ۾ ڪجهه ڪلام اهڙو بہ آهي, جنهن کي شطحيات ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

شطحيات, شطح جو جمع آهي, ان جو مطلب آهي تہ اهي گفتا ۽ نڪتا جيڪي مستي جي حالت ۾ صوفي سڳوري جي زبان مان نڪرن, جيڪي ظاهربين ملن کي غير شرعي معلوم ٿين ٿا. اهوئي سبب آهي جو صوفين سان ملن جي دشمني ۽ فتوائن سبب ڪي سوريءَ تي چڙهيا, ڪن جي کل لهرائي وئي, ڪي قتل ڪرايا ويا, ڪي گهاڻي ۾ پيڙايا ويا. جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ انهن گفتن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن راز ڏانهن اشارو هوندو آهي, اهو راز ڪي رند ئي پروڙي سگهن ٿا. سچل سائين فرمايو آهي:

سوئي ڪم ڪريجي, جنهن وچ الله آپ بڻيجي
اها تڪبير فنا في والي, پهلي پهر پڙهيجي
مار نغارا انا الحق دا, سولي سر چڙهيجي
وچ ڪفر اسلام ڪڏاهان, عاشق تان نہ اڙيجي
سبحاني ما اعظم شاني, سچو سر سليجي

آخري مصرع ۾ سچل سائين فرمايو آهي تہ بايزيد بسطامي جيڪا ڳالهہ ڪئي آهي "سبحاني ما اعظم شاني" يعني مان پاڪ آهيان ۽ منهنجو ڪيڏو نہ وڏو شان آهي, اهو راز پروڙڻ گهرجي. هڪ ڀيري بايزيد بسطامي آڏو ڪنهن شخص قرآن مجيد جي هيءَ آيت پڙهي. "ان بطش ربڪ لشديد" يعني تنهنجي رب جي پڪڙ شديد آهي, تہ بايزيد هڪدم چئي ڏنو تہ: ان بطشي اشد, تحقيق منهنجي پڪڙ شديد تر آهي, يعني ان کان بہ وڌيڪ آهي.

ظاهر ۾ هيءُ جملو گستاخانہ معلوم ٿئي ٿو پر جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي تہ ان ۾ بہ ڪونہ ڪو راز ضرور آهي. اهوئي سبب آهي جو سچل سرمست, بسطاميءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي, پر افسوس جو اها ڳالهہ هر ڪو سمجهي نہ ٿو سگهي. ڪاش اها ڳالهہ ڪو سمجهي سگهي.

بسطامي کيهي بات کهي هي,
کوئي سمجهڻ والا هوءِ

Scanned by CamScanner

هيٺئر ڪجهه صوفياڻن اصطلاحن جي معنيٰ ڏجي ٿي:

بتخانو : هر اهاشيءِ جيڪا حقيقي محبوب جي ميلاپ جو ذريعو بڻجي، سا بت آهي. لازمي طور انهيءَ مان مراد آهي: مرشد جي رهڻ واري جاءِ، شيخ جي خانقاه.

برزخ : عالم مثال

باغ : ڪشادو محل. سالڪ جو وجود ڇاڪاڻ تہ اهو نهايت ڪشادو هوندو آهي.

بلبل : عارف رباني، جيڪو نفس اماره کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ذڪر ۽ فڪر ۾ مشغول ٿي ويندو آهي.

حياتي : شعور، ظهور، ڄاڻ

دنيا : صوفين جي نظر ۾ حق تعاليٰ کان غفلت جو نالو دنيا آهي، جيئن مولانا روميءَ فرمايو آهي.

چيست دنيا از خدا غافل بدن
ني قماش ونقرہ و فرزند و زن

ذڪر : الله جي ياد: ان ياد ۾ ٻيو سڀ ڪجهه وساري ڇڏڻ. هر اهو ڪم جنهن جي ذريعي حق کي ياد ڪجي. ذڪر جو ڪمال اهو آهي جو ذاڪر ۽ مذڪور جي وچ مان حجاب ختم ٿي وڃي. ذڪر جا ڪيترائي قسم آهن:

1. **لساني :** زبان سان ذڪر ڪرڻ
2. **قلبي :** دل سان ذڪر ڪرڻ. ان کي ملڪوتي ذڪر چيو ويندو آهي.
3. **نفسي :** عقلي تصور کان اصلي مقصد طرف وڃڻ.
4. **لاهوتي :** سالڪ جي دل ۾ نور جو چمڪاٽ ٿيڻ
5. **نفي اثبات :** ڪلمي پاڪ لا الاه الي الله جو ذڪر.
6. **اسم ذات :** الله جو ذڪر. ملڪوتي ذڪر، الا الله جو ذڪر.
7. **جبروتي :** الله جو ذڪر، هو هو وارو ذڪر.
8. **مريضاڻو :** مريضن وانگر ڪنجهندي ذڪر ڪرڻ. سهروردي طريقي ۾ اهڙي نموني ذڪر ڪيو ويندو آهي.
9. **ڏک پريو ذڪر :** ڏک پرئي لهجي ۾ ذڪر ڪرڻ. قادري طريقي وارا ان طرح ذڪر ڪندا آهن.
10. **عشقيه :** ذوق جي غلبي واري آواز ۾ ذڪر ڪرڻ. هيءَ طريقو چشتين وٽ رائج آهي.

Scanned by CamScanner

ڪي عاشق ذڪر واري منزل کان اڃان اڳتي هوندا آهن، تنهن ڪري اها منزل ڪين معمولي نظر ايندي آهي. ڪي ڏيکاءَ طور ذڪر ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي جو سچل سائين فرمايو آهي تہ پاڻ سڃاڻڻ کان سواءِ اهي سڀ ذڪر اجايا آهن.

قلبي ۾ نہ قرار آهي عاشقن کي
روحيءَ لڪ رلايا، نہ نفي نفع دار
سريءَ سو وڃايا، خفيءَ ڪيا خوار
اپر اخفا ناہ ڪو طالب کي تڪرار
ريءَ پروڙڻ پاڻهنجي، آهہ شيطانن شڪار
"سچو" هي سنسار سارو پاڻ سهي ڪرين.

زبان : الاهي راز

ساقي : محبت الاهي وارو شراب پيارينڌڙ ڪامل مرشد.

شهر : وجود مطلق. سڀ ڪجهہ ان شهر ۾ آباد آهي.

صبح ۽ شام : صبح مان مراد وحدت ۽ شام مان مراد ڪثرت آهي.

فقر : فنا في الله ٿيڻ. ٻنهي جهانن کان منهن موڙڻ.

لاهوت : ڳجهو خزانو. فنا جو مقام. وحدت جي حقيقت، جيڪا هر شيءِ ۾ آهي. **لاهوت** اصل ۾ لاهو الئِ هو آهي.

ناسوت : بشريت، عالم بشريت.

نامرادي : اهو مقام جتي سالڪ جي دل ۾ ڪا خواهش باقي نہ رهي. هن مقام تي عاشق عين معشوق جو ارادو بڻجي ويندو آهي ۽ عاشق جي رضا معشوق جي رضا جي تابع ٿي ويندي آهي. سرمد فرمايو آهي:

سرمد غم عشق را بشادي نہ دهي
دردي اگرت رسد، منادي نہ دهي
صد بار اگر شود مرادت حاصل
زنهار ز دست نامرادي نہ دهي

Scanned by CamScanner

حوالا ۽ واڌارا

1) صوفي نظر محمد منشي ولد الله بخش مغل تيموري دهلوي، ساڪن هشت پشت بہ شڪارپور محلہ دارون گران متصل پير دادوائي رحہ سچل سائين جو عقيدت مند هو ۽ سٺو شاعر هو. سندس تخلص "محب علي" هو. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو نالو تخلص طور آڻيندو هو. سندس ڪلام سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي ۾ موجود آهي. اهو گهڻي ڀاڱي درازي درگاهہ سان وابستہ آهي. هن درگاهہ جي گادي ڌڻين جي وفات جون تاريخون، انهن جو سنڌي ۽ فارسي ڪلام پنهنجي بياض ۾ گڏ ڪيو آهي. ان ڪان علاوه هن نانڪ يوسف جو ڪلام پڻ ڪٺو ڪيو هو. سندس ان بياض جي مدد سان ڊاڪٽر تنوير عباسي مرحوم نانڪ يوسف جو ڪلام مرتب ڪيو. هتي سندس ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ڏوهيڙو:

جي اچين تا اچ اتي مند ملڻ جي، وهڪ وٽ درياهہ جي، نڪي گهپين گچ
پار لنگهيندي پر ڏي، رکي ثابت سچ، محبت مولا جي سندو من ۾ ٻارج مچ
ڪيي ڇڏين ڪوڙ جو منجهان قلب ڪچ، تہ وڃين وائو ورهہ جو سڀ ڪان ڳورو ڳچ
ڪري ثوابي ڪمڙا، برن ڪمن کؤن بچ، "نظر محمد" نينهن جون، چيريون پائي نچ
پرواني جان پچ، تہ پرين ڪرني پانهنجو.

ڪافي:

شاهہ درازا جي هتئون يار الفي عشق جي مون پاتي
1۔ شاهہ قبول محمد سائين ڏنو مون پري پيالو بسم الله ڪر ساڻ خوشي جي ورتم نينهن نرالو دم پرهہ ڦتي پرياتي
2۔ ڇئن پنجن اولاد انهن جو ٿي تون هميشہ گولو سيد شاهہ جيلاني حسيني منجهان ٽيندءِ ڪم سولو جو آ محبوب حق ذاتي
3۔ "نظر محمد" مرشد جي وٽ وصيت جا تو ڪيائين، پشت بپشت اولاد صالح تو عشق بخت سان ئين سا ٻڌي ٿي دل خوشي ڇا تي.

2) تاريخ سکر، مولائي شيدائي، ص: 381، سنڌي ادبي بورڊ، 1992ع.

Scanned by CamScanner

3) سنڌي ڪتابن جو مشهور پبلشر هو. سندس جنم 1868ع ۾ شڪارپور ۾ ٿيو. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي ۾ منشي مقرر ٿيو پر ان سان گڏوگڏ سنڌي ڪتاب ڇپرائڻ جو ڪاروبار پڻ ڪندو رهيو. سندس چالاڻو 16 اپريل 1934ع تي ٿيو.

پير علي محمد راشدي هريسنگھ ۽ پوڪرداس جي تعريف ڪندي لکيو آهي: "جيڪڏهن سنڌي زبان اڄ تائين حيات آهي تہ ان جو هڪ سبب پوڪرداس جو ڇاپخانو بہ آهي. ان ڇاپخاني جي وسيلي اڌ صدي تائين سنڌي ڪتاب ڇپبا رهيا. پوڪرداس جي حيثيت سنڌي زبان جي تاريخ ۾ اهائي آهي، جا اردو زبان جي حالت لکنو واري منشي نولڪشور کي حاصل ٿي. سرڳواسي سوين ڪتاب لڳرايا ۽ هزارين جلد ڇپرائي پڌرا ڪيا. سندس مقابلي ۾ سکر جي ماستر هريسنگھ بہ پوءِ ساڳيو ڪاروبار شروع ڪيو ۽ زبان جي وڏي خدمت ڪئي، پر پوڪرداس جو ڪاروبار وڌيڪ وسيع هو. سنڌي زبان جي ڪا بہ تاريخ اوستائين مڪمل ٿي ڪانہ سگهندي، جيستائين ان ۾ سنڌي جي انهن ٻن محسنن يعني پوڪرداس ۽ هريسنگھ جو ذڪر نہ هوندو."

4) ان ڪافي کي سنڌالاجي طرفان ڇپرايل ڪتاب "غزلن جو غنچو" ۾ غزل ڪري ڄاڻايو ويو آهي. اهو ڪتاب سنڌ يونيورسٽيءَ جي ٻن فاضل استادن وڏي محنت سان تيار ڪيو آهي، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ جي نصاب ۾ پڻ شامل آهي. ان ساڳئي ڪتاب ۾ سچل سرمست جي سر مالڪوس ۾ چيل هڪ ٻي ڪافي "آهي انهين اکين کي خاصو خمار تنهنجو" کي پڻ بحر وزن ۾ ڏسي غزل ڪري ڄاڻايو ويو آهي. ان جي پيروي ڪندي ڊاڪٽر اياز قادري پنهنجي ڪتاب "سنڌي غزل جي اوسر" ۾ انهن ڪافين کي غزل ڄاڻايو آهي.

5) عثمان علي انصاري : رسالو سچل سرمست، ص: 49، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، سال 1958ع.

6) ورق 146، پبلڪ لائبريري خيرپور ميرس.

7) عثمان علي انصاري : رسالو سچل سرمست، ص: 49

8) ورق 146، پبلڪ لائبريري خيرپور ميرس.

9) ڏسو جامع سنڌي لغات، ص: 281، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ.

10) عثمان علي انصاري : رسالو سچل سرمست، ص: 49

11) عثمان علي انصاري، رسالو سچل سرمست، ص: 58

12) ورق 50

13) رشيد احمد لاشاري، سچل جو رسالو ص: 186، آر.ايچ.احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، سنڌ.

Scanned by CamScanner

14) ورق 200
15) ورق 200
16) ڏسو ص: 234
17) ورق 198
18) ورق 186
19) ورق 60
20) مولوي محمد صادق "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، ص: 60، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، سال 1959ع.
21) ورق 215
22) مولوي محمد صادق "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، ص: 81، 82
23) رشيد احمد لاشاري، "سچل جو رسالو"، ص: 326، آر.ايڇ. احمد اينڊ برادرس.
24) اي امڙ! اهي اکيون الله تعاليٰ فقط رانجهن جي ديدار لاءِ ئي ڏنيون آهن. خطي نسخو ورق 189
25) مولوي محمد صادق "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، ص: 172، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، سال 1959ع.
26) مولوي محمد صادق "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، ص: 172.
27) ورق 186
28) مولوي محمد صادق "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، ص: 172.
29) ورق 186
30) ورق 93
31) مولوي محمد صادق "سچل سرمست جو سرائڪي ڪلام"، ص: 363، 364، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ، سال 1959ع.
32) ڏسو ڪليات امين، ص: 2-3، سن 1966ع
33) تذڪره لطيفي، ٻاڱو ٻيو ص: 231، سن 1967-1968ع
34) بخش علي فقير سنڌي سرائڪي ۽ فارسي ۾ ڪلام چيو جنهن ۾ بيت، ڪافيون، سي حرفيون، سهرا ۽ فارسي غزل اچي وڃن ٿا. فقير صاحب جو سمورو ڪلام راقم وٽ محفوظ آهي. فقير صاحب سخي قبول محمد جي شان ۾ ڏوهيڙا چيا آهن جن مان ٻه ڏوهيڙا نموني طور پيش ڪجن ٿا:

Scanned by CamScanner

منصب دار قبول محمد، دوست دلبر درازي،
فلڪ اتون لهه ملڪ گهنن تلقينا طلب طرازي،
ڪڪر ڪرم سرتاج سخيان نوري ننگ نوازي،
بحر هدايت بخش علي هي، مسلڪ فقيران سازي.

2. قرب ڪمال جمال جبيني، صورت يوسف ثاني،
انت حساب نہ ڪوئي اولا راز مٿس رحماني،
پر ڪر ڪوثر جام پليندا دوڙ دراز تو داني،
بخش علي مطلوب مليندا، نال نظر نوراني.

35) 1930ع ڌاري قنبر علي خان پرهيڊ ماستر هو. تصوف جي هڪ نڪتي بابت خيرپور ميرس جي هڪ شاعر انور علي پناڻ سان سندس ڏگهو بحث هليو. انور علي پراڻي فوجداريءَ جي ويجهو رهندو هو. هنن هڪ ٻئي کي منظوم خطن ذريعي جواب ڏنا. مولوي ثناء الله ثنائي پڻ پنهنجي مائٽ جي مدد پر انور علي کي جواب موڪليندو رهيو.

36) سندس مزار رتيديري پر آهي. "وڃ مڪان رتيديري خير شاهه نانءُ سڏايان". وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو راقم جو ڪتاب "سچل سرمست جا طالب"، سچل چيئر، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور 1998ع

37) سندس وفات 1278ع پر ٿي. هڪ روايت موجب گهرام فقير ڪيس سچل سائين جي خدمت پر وٺي ويو.

38) هڪ بياض پر بہ شعر وڌيڪ ڏنل آهن، جي هيٺ ڏجن ٿا تہ جيئن پڙهندڙ پوري ڪافي کان واقف ٿين:

1. ڪوه نہ ڪرين قريب لئي، من معرفت پر ماد ميان
نينهن جو نعرو هڻي، سڀ شڪ لاهي ٿي شاد ميان
دين ڪفر ڪئون نڪري، ٻڌ عشق تي اعتقاد ميان
ديدان پنهنجي دي داد، جون، آڏو ڪنديءَ امداد ميان

39) زباني روايت عبدالحڪيم جيهو عمر 50 سال، وينل درگاهه فقير محمد صلاح.
40) ديوان بيدل، عبدالحسين شاهه موسوي، ص: 43، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع
41) بياض فقير محمد بيڪس، ورق 162، سن 1294هه

Scanned by CamScanner

42) فقير صاحب جڏهن بيمار ٿيو تہ غشي اچي ويس. سندس مريد پاڙي واري مسجد جي ملان کي وٺي آيا. ملان اتي اچي قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪيو تہ فقير صاحب چيس تہ "هون هون"، تنهن هوندي بہ ملان قرآن پاڪ پڙهندو رهيو. فقير کي ڪاوڙ آئي ۽ لت هڻي چيائينس تہ : "قرآن غلط ٿو پڙهين." مريدن کي چيائين تہ : "هن کي ٻاهر ڪڍو راڳ شروع ڪيو." فقير، سچل سرمست ۽ محمد صلاح جو ڪلام ڳائيندا رهيا ۽ راڳ هلندي فقير صاحب فوت ٿي ويو. (زباني روايت عبدالحڪيم جيهو وينل درگاهہ محمد صلاح)

43) محمد عثمان سڪري اصل ۾ شڪارپور جو وينل هو ۽ درزڪو ڪم ڪندو هو. تمام سٺو ڪاريگر هو. سندس پيءُ ماءُ فوت ٿي ويا تہ ڇورو ڇنو ٿي پيو. قاضي عبدالفتاح سکر واري جي گهرواري جڏهن شڪارپور پنهنجن مائٽن سان ملڻ وئي تہ هن يتيم تي ڪيس رحم آيو ۽ کيس سکر وٺي آئي. پوءِ محمد عثمان سڄي حياتي سکر ۾ رهيو ۽ پاڻ کي سڪري سڏائيندو هو. ڪافي جو سٺو شاعر هو. راڳ ويراڳ سان دلچسپي هيس. سن 1930ع ڌاري فوت ٿي ويو. (زباني روايت سيد عبدالحسين شاهہ موسوي).

44) اهي پراڻا ڪاغذ محترم دوست علي محمد جنڊان وينل دونهون، راقم کي آڻي ڏنا.

45) فقير عبدالله، پير صاحب پاڳاري حضرت صبغت الله شاهہ اول جي آخري ايام ۾ اندازاً 1245_1240هہ ڌاري وفات ڪئي. خليفي صاحب جو رسالو ڊاڪٽر بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع

46) فقير صاحب جو قبو نهايت ئي زبون حالت ۾ آهي. ان جي جلد مرمت ڪرائي وڃي ۽ فقير محمد صلاح جي قبر تي بيدل فقير واري قطع تاريخ جو ڪتبو لڳايو وڃي.

47) مٿين ڪافي درگاهہ تي گهڻو ڳائي ويندي هئي. عرشي سومري واري بياض ۾ هن ڪافي کي مولود شريف ڄاڻايو ويو آهي.

48) مخدوم عبدالرحمان ۽ سندن 222 مريد ۽ معتقد مسجد شريف ۾ مراقبي جي حالت ۾ ماريا ويا. ان کان علاوه عورتن جي بي حرمتي ڪئي وئي ۽ عوام جو قتل عام ٿيو.

49) مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان سان قرآن مجيد وچ ۾ ڏيئي واعدو ڪيو ويو هو تہ ڪين ڪو نقصان نہ پهچايو ويندو پر عبدالنبي ڪين دغا سان شهيد ڪرايو. شهادت وقت ٻئي مير صاحبان قرآن مجيد پڙهي رهيا هئا. جڏهن ظالمن مير عبدالله کي شهيد ڪيو تڏهن سندس سسي قرآن پاڪ جي پاسي ۾ ڪري پئي ۽ قرآن شريف جا ورق رت ۾ لال ٿي ويا. (تاريخ خيرپور، مرزا قليچ بيگ، ص: 24، سن 1922ع)

50) هشت بهشت (مقدمہ)، ص: 107_108، سنڌي ادبي بورڊ، سن 1963ع.

51) اصحاب صفہ: صحابي سڳورن جي جماعت، جيڪي ستر_اسي کن هئا. نبي سڳوري صلي الله عليہ وسلم جي خدمت ۾ رهندا هئا. مسجد نبويءَ کان ٻاهر هڪ چبوتري ۾ رهندا هئا. صبر ۽ توڪل واري زندگي گذاريندا هئا.

Scanned by CamScanner

ديباچو

ڍڙو هُجي ته سچل فقير جي ڪَلام گڏ ڪرڻ ۾ مُون گهڻي تڪليف ورتي آهي سو هِنڪري جو شاعرن جي ڪلام ٻُڌڻ جو شوق ته پهريائين مونکي هن فقير جي ڪلام ٻڌڻ کان پيدا ٿيو هو. آءٌ ننڍي هوندي کان هي ڪلام ٻُڌندو ايندو هوس، ڇاڪاڻ ته فقير شير خان جنهن کي حيدرآباد جي پسگردائي ۾ شيرعلي فقير ڪري چوندا هوا. جو سچل فقير جي مُعتبر شاگردن يا ٻالڪن مان هڪڙو هو. تنهنجو پُٽ ميان مير محمد اسانجي ڳوٺ يعني ٽنڊي نُوڙهي ۾ مير ڪرم علي خان جي خدمتگارن مان پرٽيل هو ۽ انهيءَ فقير شير خان جا ٻالڪا فقير قادر بخش ۽ نورو شاه جي حيدرآباد جي پسگردائي ۾ ڪلام ڳائڻ ڪري بلڪل مشهور هوا تن جو اُتي ڪڏهن ڪڏهن اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. تنهنڪري مونکي ڪلام ٻُڌڻ جو گهڻو وَجهه ملندو هو، هن کان اڳ به هڪ دفعو مُون فقير صاحب جو ڪلامُ گڏ ڪيو هو. پر ٿوري هئڻ سبب اُنجي ڇاپائڻ جو بندوبست ٿي نه سگهيو. تنهنکان سواءِ اُهو مُونکان چورائجي ويو. نيٺ ١٨٩٥ع ۾ جڏهن آءٌ حيدرآباد ۾ بدلي ٿي آيس، تڏهن اُنهيءَ سال مونکي نؤشهري ڊويزن ۾ گشت ڪرڻو ٿيو ۽ اتفاق سان ڪنڊياري تعلقي جي ڪوٽڙي شهر ۾ ٽڪڻ ٿيو. جتان معلوم ڪَيَمِ ته درازن جو شهر نزديڪ آهي. اِنهيءَ شهر جو نالو آءٌ سچل فقير ۽ يوسف فقير جي ڪلام ۾ ٻُڌندو هوس، تنهنڪري آرزو ٿيمِ ته وڃي زيارت به ڪري اچان ۽ ڪو ڪتاب فقير جي ڪلام جو به هٿ ڪريان. آخر اُتي ويس ۽ ٻه ٽي ڏينهن رهُي واقفيت پيدا ڪري هڪڙو ڪتاب ڏٺم، پر اُهو گهڻو وڏو نه هو. مُونکي معلوم هو ته فقير صاحب گهڻا ورهيه ڪلام پئي چيو هو، تنهن ڪري ضرور سندس ڪلام اِنهيءَ ڪتاب کان وڏيڪ هوندو. اُتي فقيرن کان معلوم ٿيو ته خيرپور ۾ ٻين ڪن ماڻهن وٽ به ڪتاب هوا.منهنجو رهڻ اُتي گهڻو نٿي سگهيو، تنهنڪري بندوبست ڪري آيس، ته فقير جا ٻيا ڪتاب به هٿ ڪري رکندا، آءٌ ڪاتب موڪليندس جو وٽن رهي سندس صلاح سان نقل ڪري ايندو. ٿورن ڏينهن کانپوءِ مُون ڪاتب موڪليو، جو فقط اُهو موجود ڪتاب جو مُون ڏٺو هو، سو نقل ڪري آيو، شايد ٻين ڪتابن هٿ ڪرڻ جي فقيرن ڪوشش ڪانه ڪئي هُئي. مُون پاڻ به پنهنجي سِر ڪتابن هٿ ڪرڻ لاءِ پيچا ڳاچا ڪئي پئي ۽ معلوم ڪَيَمِ ته ٽنڊي مير علي مردان خان جي مير صاحبن وٽ هڪڙو ڪتاب آهي، اُهو اُتان گهرائي ورتم. ٻيو ڪتاب روهڙيءَ مان

فقير غلام حسين جو مختياركار صاحب جي معرفت هٿ ڪَيَم. هيءَ ڪتاب وڏيڪ ڪمائتو هو جو منجهس اٽڪل چار سؤ کن ڪافيون لکيل هيون، اِهي ٿيئي ڪتاب پيٽي هڪڙو ٻيو ڪتاب لِکيُم. تنهنڪانپوءِ ديوان ليلارام سب آرڊينيٽ جج جنهن سچل فقير جي ڪلام ڳڏ ڪرڻ ۽ ڇاپائڻ جي اِرادي سان ڳچ ڪلام پنهنجي هٿن سان نقل ڪيو هو، اُهو هُن کان ورتم ۽ مرحوم مير صاحب مير حُسين علي خان ٽالپر جي ڪُتب خاني مان به هڪڙو ڪتاب هٿ ڪَيَمِ جو خيرپور مان مرحوم مير صاحب مير علي مراد خان ٽالپر وٽان آندل ڪتاب تان نقل ٿيل هو ۽ وري ٻيو ڪتاب آندل فقير ميراثي (۱) جو اڃان حيات آهي ۽ قريب ستر ورهين ڄمار جو آهي،جنهنجو پيءُ سچل فقير جي حضور ۾ ڪلام ڳائيندڙ هو، ۽ پاڻ به چڱو ڪلام ڳائيندڙ آهي، کان مليُمِ ۽ فقير شير خان جي هٿ سان اصلاح ڪيل هڪڙو ڪتاب سندس پٽ مير محمد جي گهران هٿ ڪَيَمِ. انهيءَ کانسواءِ ميان محمد يوسف فاروقيءَ جو سچل فقير جي خاندان مان آهي ۽ حال چيف ڪانسٽيبل آهي اُنجو ڪتاب به نظر مان ڪڍيُمِ، ۽ فقير همت علي فاروقي جو انهيءَ خاندان مان هو، تنهنجو هٿ اکر لکيل ڪتاب ديوان چنديرام ٽلتي واري جي ڪُتب خاني مان هٿ ڪَيَمِ. ۽ هِڪ ڪتاب هالن وارن پير صاحبن وٽان به مِليُمِ، پر اُهو ڪن جاين تي اڌيهي ڪاڌل هو، جنهنڪري بعضي سَٽون سِٽون ۽ بعضي سِٽن جا پاڳا ڪاٽي ويا هوا ۽ اهو ڪلام وري ڪنهن ٻي ڪتاب ۾ لکيل به نه هو، تنهنڪري ڪاڌل پاڳا لاچار خالي ڇڏڻا پيا. اُنهيءَ اُميد تي ته مبادا هن ڪانپوءِ ڪو ڪتاب اِهڙو هٿ ۾ اچي، جنهن ۾ اُهي لکيل هُجن. به تمام چڱا ڪتاب منشي نظر محمد ڏويم مُنشي ناظر (۲) ضلع شڪارپور جي کان مِليَمِ. مطلب ته مڙيئي ٻارنهن ڪتاب هٿ ڪَيَمِ، پر جيترا گهڻا ڪتاب ڳڏ ڪَيَم، اوترو گهڻو ڪلام هٿ ڪين آيو، ڇاڪاڻ ته گهڻو ڪري اُهي ڪتاب هڪ ٻئي تان نقل ڪيل ڏٺا ٿي. آخر اِهي سڀ هڪ ٻئي سان ڀيٽي هڪڙو ڪتاب تيار ڪَيُمِ. انهيءَ وچ ۾ آءٌ رڳو ڪلام درست ڪرڻ جي ارادي سان درازن ۾ پنج يا ڇهه دفعا ويو هوندس ۽ ٽي چار دفعا ته ميلو ڏٺو هوندو، ڇاڪاڻ ته ميلي جي وقت اطرافن کان فقير ڪلام ڳائڻ وارا اچي ڳڏ ٿيندا آهن ۽ ٽي ڏيهن رهندا آهن، جنهن ڪري شڪي حالتن ۾ اُنهن کان پڇي درست ڪرڻ جو گهڻو وَجهه مليو اٿم، مگر آندل فقير ۽ مُنشي نظر محمد کان بلڪل گهڻي مدد ملي آٿمِ، جنهن لاءِ سندن شُڪر گذار آهيان. آندل فقير ته مهينو کن اسان وٽ رهيل هو، جنهن سان

هڪ دفعو سارو ڪلام پڙهي ويو آهيان ۽ منشي نظر محمد سان ٻه دفعا ميلي تي مِلي دُرستيون ڪيون اٿم. تنهن ڪانسواءِ ٻه لکپڙه جي رستي اچ تائين ٻه پڇا ڪئي اٿم، تہ جيترو ٿي سگهي اوترو صحيح ڪلام هجي. مٿين سيني ڪتابن مان رڳا منشي نظر محمد جا ڪتاب وڏا ۽ اعتبار جا لائق هوا جي هُن پاڻ ڪوشش ڪري صحيح لکيا هوا ۽ هُو پاڻ ٻه چڱو ڪلام ڳائيندڙ آهي ۽ انهيءَ درگاه جو سچو مُريد آهي ۽ ڪلام جي گهڻي عِزت رکندو آهي. نيٺ گهڻي تڪليف ڪانپوءِ هيءُ ڪلام گڏ ٿيو، جنهن ۾ اٽڪل پارنهن سوَ ڪافيون آهن ۽ ڏه سي حرفيون ۽ سنڌي بيت ۽ پنجاپي ڏوهڙا وغيره ۽ متفرقو ڪلام آهي. اگرچہ صحيح ڪلام هٿ ڪرڻ ۽ لکڻ ۾ حتي المقدور ڪوشش ڪئي اٿم، تڏهن ٻه عجب ڪونہ آهي جو پڙهندڙن کي گهڻين جاين تي دُرستيءَ جي ضرورت نظر اچي، ڇاڪاڻ تہ مٿيان گڏ ڪيل سڀ ڪتاب اڳئين وقت جي سنڌي لکڻ جي ترتيب تي پارسي خط ۾ لکيل هوا، تنهنڪري گهڻين جاين تي لفظن جو صحيح پڙهڻ ٻه مشڪل هو، پر لاچار پنهنجي سمجهه آهر ۽ ٻين جي مدد سان جيترو ٿي سگهيو آهي، اوترو صحيح لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.مونکي فقير صاحب جي ڪلام جي سُڌارڻ جي فضيلت ڪانہ هُئي، نڪي اِئين ڪرڻ جو حق هوم. مُون فقط هٿ ڪيل ڪلام پيتي جيڪي واجبي ۽ شائستو ڏٺو آهي، اُهو پسند ڪري نقل ڪيو آهي، اِنهيءَ هوندي ٻه ڀُل چڪ جي لاءِ معافي طلب آهيان. هن ڪلامَ جا ٻہ ڀاڱا ڪيا ويا آهن: پهرئين ڀاڱي ۾ رڳيون ڪافيون آهن ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ سي حرفيون ۽ ٻيو متفرقو ڪلام آهي. مُنڍ ۾ مختصر احوال فقير صاحب جو ٻہ ڏنو ويو آهي.

فقط ۲۱ مارچ ۱۹۰۲ع

حيدرآباد سنڌ

مرزا علي قلي

Scanned by CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

احوال ميان سچل فقير شاعر جو

نالو ۽ نيشان: سچل فقير جو اصل نالو عبدالوهاب هو، جو سندس پڙ ڏاڏي جو نالو هو ۽ اُن کان اڳي سندس خاندان ۾ ڪن ٻين وڏن جو نالو هو، ننڍي هوندي کيس سچيڏنو سڏيندا هوا، جو نالو پڇاڙيءَ ۾ وڌيڪ استعمال ۾ ايندو رهيو. جهڙيءَ طرح سندس ڏاڏو ميان محمد حافظ جو پڻ ناليوارو فقير ۽ شاعر هو، سو صاحبڏني جي نالي سان مشهور هو. شِعر ۾ تخلص ڪري هُن ڪٿي بہ عبدالوهاب ڪم نہ آندو آهي، مگر سچيڏنو ۽ سچو ۽ سچل ڪم پئي آندو آهي، ۽ ماڻهن ۾ بہ اِنهيءَ نالي سان مشهور آهي. پارسي شعر ۾ هُن پنهنجو تخلص آشڪار ۽ خدائي آندو آهي. هُن جي رهڻ جو هنڌ درازن جي شهر ۾ آهي، جتي هو ڄائو هو ۽ جتي سندس وڏا مائٽ رهندا آيا. اِهو شهر رياست خيرپور جي حد ۾ ۽ راڻي پور کاَن ميل ڪن پنڌ تي اُتر ڏي آهي ۽ راڻي پور جي اسٽيشن کان اُتر اولهہ ڪُنڊ تي ميل ڪن پنڌ تي آهي. انهيءَ شهر ۾ درازن وارن فقيرن جي درگاه آهي ۽ ميان سچل فقير ۽ سندس ڪن وڏن جا قُبا آهن، جن جي زيارت تي گهڻا ماڻهو ايندا آهن.

سندس ڄمڻ ۽ مرڻ جي تاريخ: ميان سچل فقير ١١٧٠ هجري مطابق ١٧٥٧ع ۾ ڄائو ۽ سندس وفات تاريخ ١۴ رمضان ١٢۴٢ هجري مطابق ١٨٢٩ع ۾ ٿي. جنهن حساب سان سندس عمر ٧٢ ورهيہ ٿي. پر ڪي چون ٿا تہ سندس عمر ٩٠ ورهيہ هُئي جنهن ڪري سندس ڄمڻ جي تاريخ ١١٥٢ هجري ٿي. پانئجي ٿو تہ هيءَ تاريخ سچي آهي ڇا لاءِ جو شاه عبداللطيف ڀٽائي ١١٠٢ هجري ۾ ڄائو هو ۽ ١١٦٥ هجري ۾ وفات ڪيائين. جيڪڏهن ١١٧٠ هجري ۾ سچل فقير جي ڄمڻ جي تاريخ هجي ها تہ شاه صاحب کان ٥ ورهيہ پوءِ پيدا ٿيل ڄئجي ها، پر اسانکي خبر آهي تہ شاه صاحب سچل فقير کي ننڍي هوندي ڏٺو هو جيئن هيٺ معلوم ٿيندو. انهيءَ ڪري ١١٥٢ هہ ڄمڻ جي تاريخ برابر ٿي ڏسجي. انهيءَ طرح سندس ڄمڻ جي تاريخ شڪي آهي مگر وفات جي تاريخ پڪي آهي. ڪي پارسي مادا تاريخ جا شعر ۾ ڏنا ويا آهن، جن سيني مان اهو سال ١٢۴٢هہ نڪري ٿو. جيئن تہ (پُرغم)) يا (بود مربُرج هُداو آفتاب اوج عشق) يا (سالڪ مستانہ سچو چونڪہ پيوستہ بحق. عاشق سرمست هو پيوستہ شد تاريخ آن).

چون ٿا تہ سچل فقير پيريءَ ۾ پاڻ چوندو هو تہ منهنجي عمر ١٠٥ ورهيہ آهي، پر ١٥ ورهيہ آءُ اڳي سرڪار جي سلام تي ويندس؛ يعني مرندس. جنهن مان تہ ظاهري عمر ٩٠ ورهيہ ٿي. ميان قادر بخش فقير بيدل روهڙيءَ وارو جو پڻ مشهور فقير ۽ شاعر ٿي گذريو آهي

۽ جو انهيءَ درگاه تي گهڻو ايندڙ هو. تنهن هينيون غزل لکيو آهي. جنهن ۾ انهيءَ بابت بہ ذڪر ڪيل آهي ۽ ٻي بہ سچل فقير جي تعريف ڪيل آهي. مٿي ڏنل پويون پارسي بيت تاريخ جي مادي جو بہ قادر بخش فقير جو چيل آهي. اهو سنڌي غزل هيءُ آهي.

(غزل سنڌي)

عــــشـــق جو بـــارو درازن ۾ عـــجب اســـرار هـــو
مَســت ســالــڪ مـــ ســچو عــارف اُتــي اظــهــار هــو
بــره جي بــرســات جو تــنــهــن وِيــرَ تــي وســڪــار هــو
ظــاهــر و بــاطــن تــنــهــين وٽ درد جو ڏڌڪــار هــو.
وِجد وحــدت جو ســدا خاصــو تــنــهــين خُمــار هــو
مــرد ســو مــنــصــور وانــگــر عــشــق جو اَوُتــار هــو
مــنــجهہ ســخن تــنــهــنجي الــوهــيــت ســنــدو آثــارهــو
جُنــگ جَذبــي جوش مـــســتـــيءَ ۾ مـــثـــل عـــطـــار
پــاهــنــجي رائــي پــريــن نَوي ورهــيــ نــروار هــو
پــوءِ وصـــل جي مـــوج مـــاڻـــي ذوق ڪـــون زُخارهـــو
طــور پــارنــهــن سَوُ پــائــيــتــالــيــهہ ۾ تــيــار هــو
چوڏهـــين رمـــضـــان جي هـــادي پَوَن هـــســـوار هـــو
قُربــدارن جي ڪــتــڪ ۾ مــرد مــنــصــبــدارهــو
دَر تــنــهــين داتــا جي ”بــيــدل“ پــرت جو پــيــنــار هــو

سندس اصل نسل ۽ شجرو: ميان سچل فقير ميان صلاح الدين جو پٽ ۽ ميان صاحبڏني جو پوٽو هو. ميان صاحبڏني کي ٻہ پٽ هوا، وڏو ميان صلاح الدين ۽ ننڍو ميان عبدالحق، ميان سچل فقير، وڏي جو پٽ هو، پر ميان صاحبڏني کان پوءِ گاديءَ تي ننڍو پٽ ميان عبدالحق ويٺو ۽ انهيءَ ڪانپوءِ سندس پٽ ميان قبول محمد ويٺو، جنهن ڪانپوءِ پُشت بہ پشت اهي وِهندا اچن ٿا. هاڻوڪو فقير جيڪو انهيءَ گاديءَ تي آهي، تنهنجو بہ نالو ميان قبول محمد آهي، جنهن کي سندس مُريد سخي ڪري سڏيندا آهن. شامل ڪيل شجري مان اُنهن سيني جي عزازت جي چڱي طرح خبر پئجي سگهندي. ميان صاحبڏني ڪانپوءِ جو سندس ننڍو پٽ ميان عبدالحق گاديءَ تي ويٺو ۽ نہ سندس وڏو پٽ ميان صلاح الدين. تنهن لاءِ چونئا تہ شاه عُبيد الله صاحب جيلاني جو ميان صاحبڏني جو مرشد هو. تنهن مسند نشينيءَ جو سِلسلو جو

تاريخ ١١ رمضان ١١٣٤هـ ۾ حبيب الدين جي مسجد ۾ لکيو هو تنهن ۾ ميان عبدالحق جو نالو لکيو هو، ۽ هيءُ ڳالهه بہ ڪندا آهن تہ هڪڙي پيري ميان صاحبڏني پنهنجي پنهي پٽن جو امتحان ورتو. شهر جي اوير ڏي جتي هاڻي درگاه ٺهيل آهي، ڪبڙ بيٺل هوا، اُتي ميان صاحبڏنو هميشه فجر جي نماز پڙهندو هو. هڪڙي ڏينهن هُن پنهنجي پٽ ميان صلاح الدين کي چيو تہ ڪبڙن ۾ پاڻي جو ڪوُنرو پيو آهي سو ڪڍي آءُ.

هو ويو پر وڃي ڏسي تہ اڳيان رت جو درياه لڳو پيو آهي، تنهن ڪري هُو اڳتي نہ ويو موٽي وري آيو ۽ اچي اِهو حال پيءُ کي ڏنائين، جنهن وري پنهنجي ننڍي پٽ ميان عبدالحق کي موڪليو، هُن بہ اُهو ساڳيو درياه ڏٺو، پر پيءُ جي حڪم جي زور تي ۽ دل جي همت جهلي ڪاهي پيو ۽ وڃي ڪوُنرو ڪڍي آيو. اُنهي مان هنڪي معلوم ٿيو تہ فقيريءَ جي لياقت ننڍي ۾ زياده آهي. تنهن تي پنهنجي وڏي پٽ کي تاڪيد ڪيائين تہ مون ڪانپوءِ تون پنهنجي ڀاءُ کي گاديءَ تي وهارجانئِن ۽ حقيقت هيئن آهي تہ جنهن وقت خواجہ عُبيد الله صاحب جيلاني سلسلو لکي ميان صاحبڏني کي ڏنو هو، تنهن وقت مَسَند تي وهڻ لاءِ سندس ننڍي پٽ خواجہ عبدالحق صاحب جو نالو جڏهن لکياءِئين، تڏهن ميان صاحبڏني صاحب چيو تہ، "جو منهنجي وڏي پٽ صلاح الدين جو نالو مسنَد نشينيءَ لاءِ نہ لکيوَ؟ تنهن تي چيائون تہ: ميان صلاح الدين کي هڪ پٽ ڄمندو سو سَرمست زمانہ کان تارڪ رهندو، تنهن ڪري ننڍي جو نالو لکيو ويو، جو هُن جي پشت بہ پشت گادي پوندي ايندي. جڏهن ميان صاحبڏني وفات ڪئي، تڏهن سندس وڏي پٽ پيءُ جي وصيت موجب خوشيءَ سان ننڍي ڀاءُ کي هٿن سان گاديءَ تي وهاريو.

جيڪو شجرو شامل ڪيو ويو آهي، تنهن مان معلوم ٿيندو تہ هي درازن وارا فقير ذات قوم جا فاروقي آهن. فاروق لقب هو حضرت عمر رضي الله عنہ جو، جو نبي ڪريم ڪانپوءِ ٻيو خليفو هو، فاروق جي معنيٰ آهي فرق ڪرڻ وارو ۽ حق ناحق جي وچ ۾ تفاوت سمجهڻ وارو. جڏهن تہ مٿيون خليفو عدل انصاف جي ڪري مشهور هو، تڏهن اِهو لقب مليُس، درازن وارن فقيرن جو نسل وڃي حضرت عمر رضہ سان ٿو لڳي. جيئن شجري ۾ ڏيکاريل ضروري پيڙهين ۽ مشهور نالن سان معلوم ٿي سگهندو.

فاروقين کي قريشي ۽ سرهندي بہ چوندا آهن، مطب آهي تہ هُو اصل عرب هوا، پوءِ هِتي سنڌ ۾ آيا.

Scanned by CamScanner

شجرو فاروقن جو



Scanned by CamScanner

سندن سنڌ ۾ اچڻ: چون ٿا تہ شيخ شهاب الدين فاروقي محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو. محمد بن قاسم جو خليفي وليد بن عبدالملڪ مروان جي حڪومت ۾ حجاج بن يوسف جي حڪم سان سنڌ ۾ اچڻ انهيءَ لاءِ ٿيو تہ ديبل جي چورن جو قريشن جي ڪن قبيلن ڪي ڦريو هو، تن ڪان وير وٺي، سا ڳالهہ سنڌ جي تاريخ ۾ مشهور آهي. هُو سال ٩٣ هـ ۾ سنڌ ۾ وارد ٿيو. ٿوري عرصي ۾ عربن ديبل ۽ ڪيچ مڪران ۽ ڪلات فتح ڪيو پوءِ نيرون يعني حيدرآباد هٿ ڪيائون ۽ انهيءَ ڪانپوءِ گهڻي خونريزي بعد سيوستان يعني سيوهڻ جو قلعو فتح ڪيائون. محمد بن قاسم پنهنجي طرفان شهاب الدين فاروقيءَ کي سيوستان جو حاڪم مقرر ڪيو، تنهن ڪانپوءِ عربن الور ورتو، جتي راجا ڏاهر بن چچ برهمڻ مارجي ويو ۽ اُنهيءَ هنڌ هارون بن عثمان حاڪم مقرر ٿيو. انهيءَ شيخ شهاب الدين تاريخ ٩ محرم ٩٥هـ جي سيوهڻ ۾ وفات ڪئي. تنهن ڪانپوءِ سندس پٽ محمد حاڪم ٿيو جو تاريخ ٧ رجب ١٢۴ هـ جي مُئو ۽ سندس قبر سيوهڻ ۾ آهي. انهيءَ ڪانپوءِ انجو پٽ عبداللطيف حاڪم ٿيو جو تاريخ ١٦ ذيقعد ١٦۴ هـ جي مُئو پوءِ انجو پُٽ اسحاق گاديءَ تي وينو جو تاريخ ٣٠ جماد الثاني ١٩٣هـ ۾ مُئو انهيءَ ڪانپوءِ سندس پٽ محمد نالي حاڪم ٿيو. نيٺ ٢١٣هـ ۾ سلطان محمود غزنويءَ سنڌ پنهنجي هٿ ڪئي ۽ محمد فاروقيءَ کي ساليانو پگهار مقرر ڪري ڏنائين. آخر سال ٢٢١هـ ۾ رمضان جي ٢ تاريخ محمد فاروقي بہ مري ويو. انهيءَ جي اولاد مان مخدوم نورالدين بن وحيد الدين بن عبدالعزيز بن محمود بن ابوالفتح فاروقي مشهور ٿيو. اِهي سڀ سيوهڻ ۾ رهندا ايندا هوا ۽ خداآباد جي ويجهو جو ڳوٺ نورجن جو آهي، سو هِنن فاروقين پنهنجن ٻانَهنِ جي هٿان ٻڌرايو هو. مخدوم نور الدين ٢١ تاريخ رمضان ۴٦۴هـ جي سيوهڻ ۾ وفات ڪئي، هنڪي چار پٽ هوا ابو سعيد، بدرالدين، رُڪن الدين، ضياء الدين. اُنهن مان مخدوم ابو سعيد ۽ مخدوم بدرالدين قسمت جي سانگي سيوهڻ مان لڏي وڃي ڪاڪڙ جي پرڳڻي ۾ وينا ۽ سال ٦٦٥هـ ۾ مخدوم جمار جا مريد ٿيا ۽ ڏاڍيون رياضتون ڪيڍي صاحب حال ۽ ڪمال جا ٿيا. اڪثر جهنگ ۾ گاهَ ۽ ڏٽ تي گذران ڪندا هوا. مخدوم غوث بهاوالدين زڪريا ملتاني جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن هُنَ جي ڏٽ تي گذران ڏسي هُنَ کي "ڏوتڙ" جو لقب ڏنائين. مخدوم جمار جو مقبرو گڏيجيءَ جي شهر ۾ آهي ۽ مخدوم ابو سعيد جو راڻي پور جي ديهہ ۾ مڪان موسيجيءَ ۾ آهي، اُتي سندس اولاد گهڻو آهي.

سندس ننڍي هوندي جا ڏينهن: ميان سچل فقير جي پيءُ ميان صلاح الدين جڏهن وفات ڪئي، تڏهن هُو ننڍو ٻار هو، تنهنڪري ننڍي هُوندي کان وٺي هُو پنهنجي چاچي ميان عبدالحق جي سنڀال هيٺ رهيو ۽ ڪچيءَ ڪان ئي هن جي صُحبت حاصل ٿيس. هُو گاديءَ تي هو، تنهنڪري مرشد بہ انهيءَ کي ورتائين. ٻانڍي ٿو اُنهيءَ کان هُنکي فقيريءَ جو درجو چڱو حاصل

ٿيو، ڇا لاءِ جو سندس ڪلام ۾ گهڻن هنڌن تي ميان عبدالحق جو نالو آندو اٿس ۽ هنجي شڪر گذاري ۽ مِنت پذيري ظاهر ڪئي اٿس. ميان عبدالحق جي وفات ڪانپوءِ جڏهن سندس پٽ ميان سَخي قبول محمد گاديءَ تي وينو، تڏهن سچل فقير وري اُنهيءَ سان رجوع ٿيو. آخر اُنهيءَ جي هُوندي خليفي جو درجو مِليُس. جنهن ڪانپوءِ خليفو سچل چوڻ لڳس. آخر ميان سخي قبول محمد جي وفات کان ٽي ورهيہ اڳي پاڻ وفات ڪيائين. سندس جاءِ تي سندس سؤٽ ميان سخي قبول محمد جو پٽ ميان محمد حافظ خليفو ٿيو. ان ڪانپوءِ ٻيو خليفو ڪونہ ٿيو. ننڍيءَ ڄمار ۾ هڪڙي آخوند وٽ پڙهڻ وهاريو هوائونس جنهنجو نالو حافظ عبدالله هو، جنهن جي تُربت سبزسرن سان قُبي جي ايوان ۾ آهي. اُهو آخوند درازن جي هاٹوڪي آخوند حَسن علي جي آڪه مان هو. چون ٿا تہ اڃان پنجن ورهين جو هو تہ شاه عبداللطيف ڀٽائي درازن ۾ آيو. انهيءَ ميان عبدالحق جا پنج پٽ ۽ ميان صلاح الدين جو پُٽ ميان سچل فقير ڏسي ميان سچل فقير جي نالي چيو تہ: هِنڪي نہ پڙهايو جو هنڪي پڙهڻ جو گهڻو ضرور ڪونهي. ميان صاحبڏني ۽ ميان عبدالحق کي چيائين تہ، "اسان جيڪو ڪُنو رڌو آهي، تنهنجو هي چوڪر ڍَڪڻ لاهيندو." اِها پيشين گوئي نيٺ پوري ٿي، جو سچل فقير پنهنجي صُوفياڻي ڪلام ۽ فقيريءَ جي ڪري سڄي سنڌ ۾ مشهور ٿي ويو ۽ راز الاهي ظاهر ڪيائين ڪلامن ۾. چونڊا تہ هُن چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ علم جي چڱي تحصيل ڪئي ۽ سندس ڪلام مان بہ ظاهر آهي تہ عربي پارسي علم چڱو پڙهيو هُوائين ۽ حافظ ڪلام الله جو هو ۽ تصوف جي استادن جا ڪتاب چڱيءَ طرح مطالع ڪيا هوائين.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انهيءَ وقت کان اڳي بہ هڪ ڀيرو درازن ۾ آيو هو، ميان صاحبڏني جي ڏينهن ۾، تڏهن ميان صاحبڏنو شهر جي ٻاهران ڪٻڙن جي هيٺان هڪڙي ڏرڙ يا غار ۾ رهندو هو، جن ڪٻڙن جو مٿي بہ اشارو ڏنو ويو آهي. شاه صاحب ميان صاحبڏني کي سمجهايو تہ ادا "يار کي لڪائڻ نہ گهرجي" ۽ نيٺ ڪڍائي ٻاهر وهاريائينس پوءِ اُتي اوتارو بہ ٺهرايائون ۽ کُوهي بہ کوٽايائون، انهيءَ هنڌ تي هاڻي قبا ۽ مسجد ٻيئل آهن. چونڊا تہ ننڍي هوندي ميان سچل فقير اڪثر اڪيلو گذاريندو هو ۽ صبر ۾ هوندو هو ۽ جهنگ گهمندو وتندو هو. وڏي هوندي ميان عبدالحق وٽ ۽ انڪان پوءِ ميان سخي قبول محمد وٽ گذاريندو هو.

سندس جواني ۽ شادي: جواني ۾ بہ ميان سچل فقير پنهنجي فقيريءَ جي خيال ۾ رهندو هو ۽ پنهنجي نفس تي قابض هو. اگرچہ حُسن پرستي گهڻي هُيَس جا پيري تائين هليس، تڏهن بہ ڪو اجايو پير ڪونہ ڪيائين. ميان عبدالحق زور ڪري پنهنجي نياڻي سان شادي ڪرايس، نہ تہ ڪيس شاديءَ جو گهڻو خيال

ڪونہ هو. سندس طبيعت هن ڳالهہ مان معلوم ٿي سگهندي تہ ميان سخي قبول محمد جي هڪڙيءَ زال سان خاطر هوندي هُئي، جنهن سان شادي ڪرڻ جي خواهش ڪيائين ۽ اُها زال بہ سائنس شادي ڪرڻ ۾ راضي ٿي پوءِ نيٺ پرٽيو، پر اِها ڳالهہ ميان سچل فقير کي نہ وڻي. جنهن پريندي کان سخي ميان قبول محمد کي منع ڪئي. شاديءَ کان پوءِ بہ کي ڏينهن ميان کان البت رُنل رهيو پوءِ آخر پرچي ويا.

اگرچہ ميان سچل فقير کي شادي ڪرڻ جي خواهش نہ هوندي هُئي، تڏهن بہ ڪنهن ٻئي کي شادي ڪرڻ کان منع نہ ڪيائين. جنهن مان ظاهر آهي تہ هُو شاديءَ کي شريعت جو ڪم سمجهندو هو ۽ اُنجي برخلاف نہ هو. ميان سچل فقير کي هڪڙو پٽ بہ ڄائو هو، جو ننڍڙوئي مري ويو. چونڊا تہ اُنهن ڏينهن ۾ مير رستم خان خيرپوريءَ جو پٽ مير محمد حسن بيمار هو. تنهن سچل فقير کي دُعا ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. فقير ويو ۽ مير صاحب جي پٽ کي دعا ڪيائين ۽ چيائين تہ، "اسين تُنهنجي پٽ جي بدران پنهنجو پٽ خدا کي ٿا ڏيون" پوءِ پاڻ اڃان خيرپور ۾ ئي هو تہ سندس پٽ مري ويو ۽ مير جو پٽ چڱو ڀلو ٿي اُٿيو

خيرپور جي مير صاحبن سان سندس واسطو: ميان صاحبڏنو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ هوندو هو. ميان عبدالحق جي ڏينهن ۾ مير سهراب ۽ سندس پٽ مير رستم خان هوندا هوا. مير رستم خان جي حڪومت ۾ ميان سچل فقير هوندو هو. هنن درازن وارن فقيرن جو پريندي مير صاحبن سان هن طرح رستو ٿيو. جو هڪڙو عامل ديوان حيدرآباد جي مير صاحبن وٽ نوڪر هو. سو ڪنهن سبب ڪري اُتان نوڪري ڇڏي مير سهراب خان وٽ اچي مختيارڪار ٿيو. ڪن ڏينهن کانپوءِ هُن سرڪاري پئسا ڳُتائي وڌا، جنهن تُهمت ۾ هو جهلجي پيو. ديوان جا عزيز ميان فضل الله صُوفي فقير جهوڪ واري وٽ ويا ۽ وڃي سُفارش لاءِ هُنکي منٿون ڪيائون. صُوفي فقير صاحب هڪڙو خط ميان عبدالحق ڏي لکي موڪليو، جنهن ۾ لکيائين تہ "هڪ ٻازو ڪُتن وٽ اٽڪي آهي، سا ڇڏائي ڏيو" تنهن تي ميان عبدالحق پنهنجي دستار مان قادري ٽوپي ڪڍي ميان سچل فقير جي مٿي ۾ وِڌي ۽ چيائنس تہ ميرن کان انهيءَ ديوان جي ٻانهن ڇڏائي اَءِ. سچل فقير مير سهراب خان ۽ سندس پُٽن جي ڪچهريءَ ۾ ويو. اُتي بندوقون ۽ تراريون ڏسي پڇڻ لڳو تہ، "ابا هي ڇا آهن؟ "تنهن تي چيائون تہ: سائين!" هي بندوقون آهن، هنن سان شِينهَن جو شڪار ڪندا آهيون". تڏهن فقير چيو تہ، "آبا شِينهُن ڪو مارڻ جو آهي" خاص خدتمگارن تڪرار ڪيو تہ هِن بندوق هيترن قدمن تي شِينهن ماريو آهي، هن بندوق هيترن وِڪن تي، تنهن تي فقير کي تمام جوش خروش ٿيو ۽ سندس صورت ۾ اهڙو تغير پئدا ٿيو، انهيءَ دم فقير شينهن ٿي پيو، اهو ڏسي هُو سڀ ڏڄي ويا ۽ فقير کي هٿين پيرين پئي معافي گهريائون. تڏهن اصل انساني حالت ۾ آيو ۽ اُنهيءَ ديوان کي بہ آزاد

Scanned by CamScanner

ڪيائون. انهيءَ ڪانپوءِ مير صاحبن جو هنن فقيرن ڏي اعتماد ٿيڻ لڳو ۽ هُن وٽ وقت بوقت زيارت لاءِ ايندا هوا، هن کي نذر نياز ڏيندا هئا. ميان سچل فقير جي وفات مهل مير علي مراد خان مرحوم لاسڙِيات هو، مير صاحب پاڻ چوندو هو تہ، "مون ميان سچل فقير کي ڏٺو هو ۽ هُن هڪڙي پيري ننڍي هُوندي مونکي اکين تي چُمي بہ ڏني هئي ۽ دعا بہ ڪئي هئي." ڪنهن ڏينهن مير صاحب وڏا ۽ ننڍا شڪار تان موٽيا هوا. ميان سچل فقير ميٽ لائي ويٺي کوه تي وِهتو. وڏا مير اڳي هوا سي فقير کي پيرين پوڻ لاءِ آيا، پر فقير ميٽ لايو ويٺو هو، تنهن ڪري ويجها نہ ويس ۽ أتي بيهي ساڻس خوش خير عافيت ڪرڻ لڳا. مير علي مراد خان جو پٽ تي هو، سو جڏهن أتي پهتو، تڏهن لهي پيو ۽ وڏن ميرن کي بيٺل ڏسي سمجهائين تہ پيرين پئي بيٺا آهن، تنهنڪري پاڻ هڪدم وجي فقير جي پيرين پيو. فقير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس اکين تي چِمُيائين ۽ دُعا ڪيائينس ۽ وڏن ميرن کي چوڻ لڳو "تہ اوهين ميٽ کان ڊڄي پري بيهي رهيو، پر هيءُ ميٽ نہ هو مينديءَ جو رنگ هو، جو هِن ننڍي مير کي لڳو آهي".

مير رستم خان ميان سخي قبول محمد کي جاگير ڏني هُئي درگاه جي خرچ پکي لاءِ، جا هُو کٽندا آيا ۽ اجان تائين أها أنهن فقيرن جي هٿ ۾ آهي. جنهنجو ڪو ٻاگو ڪنڊياري تعلقي ۾ آهي. انهيءَ ڪانسواءِ بہ مير صاحب هنن کي گهٽوئي ڏيڻ ولڻ ڪندا هوا. أنهن فقيرن جو قُبو ۽ بنگلو بہ مير رستم خان ٺهرايو، جنهن ۾ ميان صاحبڏني ۽ ميان عبدالحق ۽ ميان سخي قبول محمد ۽ ميان زين العابدين ۽ ميان نجم الدين ۽ سچل فقير ۽ ڪن ٻين جون قبرون آهن، ٻيو هڪ قبو بہ آهي، جنهن ۾ ميان نظر محمد رکيل آهي، جنهنکي طُورسينا وارو صاحب چوندا هوا. انهيءَ ساڳي قُبي ۾ سندس پٽ ميان غوث محمد بہ رکيل آهي.

سندس پيري ۽ مُريدي: ميان صاحبڏنو پهرين ميان شاه عُبيد الله جيلانيءَ جو مُريد ٿيو جو شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليہ جو پوٽو هو. هُو پنهنجن ٻن ڀائرن شاه ڪليم الله ۽ شاه عبدالمالڪ سان سنڌ ۾ آيو. شاه ڪريم جنهنجي اولاد مان شاه عبداللطيف ڀٽائي هو، سو شاه ڪليم الله جو مريد ٿيو ۽ شاه عنايت الله صُوفي جهوڪ وارو شاه عبدالملڪ جو مريد ٿيو. تنهن ڪانپوءِ ميان صاحبڏنو پاڻ جدا فقيريءَ جي گاديءَ تي ويٺو، جتي ٻيا گهڻا سندس مُريد ٿيڻ لڳا. انهيءَ ڪانپوءِ ساڳي گاديءَ تي وهڻ وارن جا مُريد ٿيندا آيا. ميان سچل فقير پاڻ انهيءَ گاديءَ وارن جو مُريد ۽ خليفو هو، تنهنڪري ٻيا مُريد پنهنجي سِر نہ ڪندو هو، جيڪي وٽس طلب ونڻ ايندا هوا تہ مُرشد ۽ أنجي اولاد کان مُريد ڪرائيندو هو. مگر پاڻ چڱو درويش هو، تنهنڪري گهڻا ماڻهو سندس مُعتقد هُوا ۽ گهڻا مريدن وانگي سندس ٻالڪا ۽ خدمتگار هوا، جن سان هُن راز رکيو ۽ جي پوءِ نيٺ وڃي ڪامل درويش ٿيا. ٿوري وقت تائين هالن واري مخدوم جي ميان سچل فقير سان ناسازي هُئي، ڇا لاءِ جو فقير وٽ بہ رُجاعت

هوندي هُئي. خاص هڪڙو فقير قربان علي جو هالن جي مخدوم جو مُريد هوندو هو، تنهنکي ميان سچل فقير جي صُحبت وٽي ويئي ۽ اُهو وٽس گهڻو ايندو هو، انهيءَ سبب مخدوم صاحب خَفي ٿي هُنکي عتاب ڏنو. قربان علي فقير جواب ڏنس تہ، ”قبلا رن گندي ٿيندي آهي تہ وچي لِڪ چوريءَ يار ڪندي آهي، منهنجو مڙس حقدار ٿون آهين. ليڪن ميان سچل فقير سان رڳو سَينڌِ رکي اٿم.“ ڳهڙن وارو مخدوم بہ ميان سچل سان ناساز هو. جو شريعت جو ماڻهو هو ۽ فقير صوفي درويش هو ۽ راڳ وغيره جو شوق رکندو هو، جو شريعت موجب رَوا نہ هو. مشهور آهي تہ ڳهڙن وارا مخدوم هِندُن کي مسلمان ڪندا هوا. هڪڙي ڀيري گنبٽ جو هڪڙو واڻيو کيمون نالي فقير سان ڳالهين ۾ اچي ٿهيو ۽ تنهنکي فقير مسلمان ڪيو، جو سندس مريد ٿيو. انهيءَ ڪري بہ مخدوم چڙندو هو. سچل فقير ڀري ڀري جو سفر ڪونہ ڪيو ۽ نڪو مُريدن ۽ ٻالڪن وٽ ويو. روهڙي، سکر، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻو گهميو هوائين، جتي سندس درويشيءَ جي ماڻهن ڏاڍي تعريف ڪئي ۽ گهڻا ماڻهو سندس طالب ٿيا. لاڙڪاڻي ۾ تہ محمد صالح نالي هڪڙي فقير کي دُعا ڪيائين جو وچي خراسان ۽ قنڌار ۾ درويش ظاهر ٿيو ۽ مُريد ڪيائين.

شڪارپور ۾ بہ اهڙي هڪڙي ڳالهہ سندس مشهور آهي. درازن ۾ سندس فقير يا ٻالڪا گهڻائي هُئا جي وٽس رهندا هوا ۽ سندس خدمت ڪندا هوا. جهڙي طرح سيد دين شاه، پير شاه، حيدر شاه، خير شاه ۽ حسن شاه ”جيڪي فقير سندس مُريدن يا ٻالڪن وانگي هوتدا هوا، تن مان مُکيہ هي آهن: يوسف فقير ذات ڪوکر، يعقوب فقير، گهرام جتوئي، شير خان ڀنيرو يا شير علي فقير، خير شاه، محمد صلاح دونهي وارو، محمدصديق وينل ڳوٺ فتي تعلقہ لاڙڪاڻي ۾ ۽ حاجي عثمان چاڪي، جنهنجي تربت لاڙڪاڻي ۾ لوهرن جي پُليس گهاٽ وٽ آهي، اِهي سڀ پوءِ درويش ٿيا ۽ ڪلام چوڻ لڳا. چونڊا تہ فقيرن منجهان يوسف فقير ۽ يعقوب فقير خُوبصورت جوان هوندا هُوا، تن سان ميان سچل فقير جو ڏاڍو راز هوندو هو. اُنهن ٻنهي مان بہ يعقوب ڀهرين وڏيڪ وڻندو هوس، اهي هميشه ڪيس سوال ڪندا هوا تہ فقيريءَ جي امانت اسانکي ڏيار. هڪڙي ڏينهن ميان سچل فقير جو اڪثر مراقبي ۾ وهندو هو، تنهن رات جو بي وقتو يعقوب يعقوب ڪري پنهنجي مُريد کي سڏ ڪيو. پر يعقوب شايد ڪن ٻين مريدن سان ڳڏجي شهر ۾ تماشو ڏسڻ ويو هو. يوسف فقير حاضر هو. تنهن عرض ڪيو تہ، ”قبلا يعقوب ڪونهي باقي پُٽس يوسف حاضر آهي“. يعني حضرت يعقوب جي پٽ حضرت يوسف جو اشارو ڏنائينس. ميان سچل فقير ڪٽي ماٺ ڪئي. وري ڪنهن ٻئي ڏينهن بہ فقير يعقوب کي سڏ ڪيو. پر هُو حاضر نہ هو. يوسف اُهو ساڳيو اڳيون جواب ڏنس. وري بہ فقير ڪٽي ماٺ ڪئي. ٽئين ڀيري بہ ساڳيو اهڙو اتفاق ٿيو، تنهن تي ميان سچل فقير کي مؤج آئي ۽

Scanned by CamScanner

اچي يوسف کي ياڪر وجهي چيائين ته ”جڏهن خدا به امانت توکي ٿو ڏياري. تڏهن يعقوب کي ڪيئن ملندي“ پوءِ دُعا ڪيائينس ۽ اڪثر چوندو هو ته يوسف مِصر جو بادشاه آهي ۽ صبوح جو به درگاه تي گهرائي چيائينس، ”اي يوسف اڄ ته نانڪ آهين، ايتري چوڻ سان فقير محمد يوسف وجد ۾ آيو. تڀ سان مٿو سندس مسجد جي ڇت سان پيو لڳي ۽ پير زمين تي، پهر کن اهڙو حال ٿيس. پوءِ ميان سچل فقير فرمايو ته، ”نانڪ يوسف کي هٿ ڪوُن وٺو ۽ سُمهاري ڇڏيوس“ جو وٺي سُمهاريائونس ته ڪي ڏينهن غَشُ پيو هو، پوءِ هوش ۾ آيو. جنهن ڪان پوءِ چونتا ته يوسف فقير ڪامل درويش ٿيڻ لڳو جو سندس ڪلام تمام گهڻو ۽ مشهور آهي، اڪثر سندس تخلص نانڪ يوسف يا يوسف آهي. هِندڪيون ڀاٽيون ۽ سبد به گهڻا چيا اٿس. نانڪ جي نالي وٺڻ جو سبب اِهو ٿا ڏين ته يوسف فقير ڇهن فقيرن سان سير تي امرتسر ويو هو ۽ اُتي ۹ ڏينهن مراقبي ۾ ويٺو هو. اتفاق سان اُتي گرو نانڪ جي گاديءَ تي جيڪو فقير هو سو مري ويو هو. يوسف فقير ڊوڙي وڃي هُن جي گاديءَ تي ويهي رهيو ۽ چيائين ته، ”نانڪ آءٌ آهيان“ تنهن تي سندس آزمايش ورتائون ۽ ٽهڪندي تيل سان سِنانُ ڪرڻ لاءِ چيائونس جو هُو ڪري ويو. پوءِ ٿورا ڏينهن اُتي رهي وري پنهنجي وطن تي آيو.

سندس بيماري ۽ موت: ميان سچل فقير بيمار نه رهندو هو. ٿورا وقت بيمار ٿيو. هڪڙي ڀيري اسهال خونيءَ جي سخت بيماري ٿيس، جنهن ۾ تمام ضعيف ٿي لڙهي ويو. ميان سخي قبول محمد کي سندس حُسن پرستي ۽ راڳ جي شوق جي خبر هُئي، تنهن مير رستم خان ڏي چوائي موڪليو ته ڪڃريون روانيون ڪريو. اُنهنکي هار سينگار ڪرائي اوچتو سندس جاءِ ۾ آنڌائون ته اُنهن کي ڏسي اهڙو خوش ۽ سَرهو ٿيو، جو تپُ ڏيئي اُٿيو ۽ هُن جي راڳ تي نچڻ ۽ ٽپڻ لڳو ۽ بلڪل چڱو ڀلو ٿي پيو ۽ ڪي چون ٿا ته جيوائي ڪڃري ويٺل لاڙڪاڻي جي ٻڌو ته ميان سچيڏنو بيمار آهي سو وڃي پڇي به اچان ۽ مُجرو به ٻُڌايانس هُوءَ شهر درازن ۾ اچي سينگار ڪري پيشواز ۽ ڇيريون پائي سندس بنگلي ۾ آئي ۽ پڇيائين ته ڪاٿي آهي؟ طبيبن ۽ فقيرن چيس ته، ”سائين سچيڏنو سخت بيمار آهي ۽ مٿي بنگلي ۾ سُمهيو پيو آهي پوءِ اُها ڪڃري هڪدم مٿي ويئي. سائين سچيڏني هُنکي ڏسي چيو ته، ”بسم الله اسانجا طبيب، اسانجا حڪيم آيا.“ هڪدم تپُ ڏئي اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ نؤ بنؤ ۽ تازه بتازه رهيو.

پڇاڙيءَ ۾ جو بيمار ٿيو سو آخر تاريخ ۱۴ رمضان مهيني جي ۱۲۴۲ھ ۾ وفات ڪيائين. اِنهيءَ تاريخ هر سال ماڻهو سندس قبر جي زيارت تي ايندا آهن، جنهن کي سچل فقير جي چوڏهين جو ميڙو چوندا آهن.

سندس شڪل شبيھ ۽ پوشاڪ: ميان سچل فقير وچولي قد جو هو. رنگ موافق صفا هوندو هوس، نڪ ۽ پيشاني پورا بيٺل هوس ۽ وار ڊگها هوس. پيريءَ ۾ سُفيد رِيش هو.

Scanned by CamScanner

ڪيس ڪونہ لائيندو هو. مٿي ۾ فقيرن وانگي سائي رنگ جي تاج پائيندو هو. اگرچہ ميان عبدالحق ۽ ٻيا گاديءَ وارا پڳ ٻڌندا هوا ۽ سفيد پهراڻ ۽ گوڏ سفيد چادر جي يا ڪٿي جي ڍڪيندو هو. جُتي پهريندو هو اگرچہ ڪڏهن ڪڏهن پيرين اگهاڙو بہ رهندو هو. لٺ يعني عصا هٿ ۾ ڪٿي هلندو هو. وهٽ تي اڪثر نہ چڙهندو هو. اڪثر زمين تي يا ڪاٺ جي صندل تي وهندو ۽ سمهندو هو. ڪٿولو ڪم ۾ نہ آڻيندو هو. طنبور بہ ساڻ رکندو هو.

سندس هٿ جون شيون: ميان سچل فقير جي وفات کانپوءِ سندس هٿ جي عصا يا لٺ ۽ طنبور جيڪي سندس فقير هوندا هوا، تن کي هٿ آيا. اُهي اجان تائين فقير غلام شاه وٽ ڪٽ تي رکيا آهن، جتي ماڻهو اچي اُنهن جي زيارت ڪندا آهن. فقير جي تاج ۽ جُتي محمد فقير هاٽوڪي آندل فقير جي ڏاڏي جي حوالي هوندا هُوا، جو زيارت ڪرائيندو هو. ١٥ يا ١٦ ورهيہ ٿيا جو هُن جي جاءِ کي اوچتو باه لڳي، جنهن ۾ اُهي سڙي ويا ۽ سندن تاج سبز رنگ ۽ بيراڳڻ مچي جي هَڏي سُهڻي منقش جانو فقير پچاري ويٺل شڪارپور جي وٽ وڏن کان هلندي ٿي اچي ۽ خير شاه رتيديري تعلقي لاڙڪاڻي واري طالب جي اولاد ميان ڪامل شاه وٽ بيراڳڻ لوه جي ڏاڍي عجائب نموني سان سائين سچل جي هٿ جي رکيل آهي زيارت لاءِ.

سندس ڪي عادتون ۽ لياقتون: ميان سچل فقير جون عادتون ساديون هونديون هيون، جيئن مٿي سندس پوشاڪ مان معلوم ٿيو هوندو. سندس ڪاڌو بہ سادو هوندو هو. ڏينهن جو ڏڌ ۾ مِرچون وجهي ٿورو ٽڪر ٻوري يا ڪُني منجهس وجهي ڪائيندو هو نہ تہ اڪثر روزي ۾ هوندو هو ۽ رات جو اڪثر نہ ڪائيندو هو. ٿورو وقت گوشت جو شوربو ڪائيندو هو، جو پوءِ ڇڏي ڏنائين. پنهنجي هٿ سان ڪڏهن بہ ٻڪري يا ڪو ٻيو حلال جانور نہ ڪُنائين جو اِئين ڪرڻ پسند نہ ايندو هوس ۽ نڪو شڪار ڪندو هو، رات جو ٿورو سمهندو هو. اڪثر صندل تي مراقبي ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺو هوندو هو. جواني ۾ نماز پورن وقتن تي پڙهندو هو. جيئن ميان عبدالحق ۽ ٻيا گاديءَ وارا ڪندا هوا. مگر پوءِ جڏهن مؤج ۽ مستيءَ ۾ آيو، تڏهن نماز روزو ڇڏي ڏنائين ۽ هڪ استغراق ۾ پيو هوندو هو. نہ تہ مستيءَ ۽ وَجد جي حالت ۾ ناچ ڪندو هو ۽ ٽپندو هو. سُني ۽ شيعي جو تفاوت نہ رکندو هو. اِهي فقير اصل سُني هوا ۽ نماز بہ اُئين پڙهندا هوا. مگر اهلبيت ڏي محبت گهڻي هُين، شيعن وانگي عاشورن ۾ مرثيہ خواني سان ماتم ڪندا هوا. فقير پاڻ ٻي مرثيا بہ چيا آهن. پئسي جي طمع اصل ڪانہ هوندي هُيس، جي ڪٿان ملندو هوس تہ ٻين کي ڏيئي ڇڏيندو هو. ڪنهن بہ نشي پيئڻ يا حُقي ڇڪڻ جي عادت ڪانہ هوندي هُيَس، مگر جڏهن مير صاحب ڪا مجلس ڪندا هوا ۽ ڪجريون نچائيندا هوا ۽ شراب پيئندا هوا ۽ ميان سچل فقير حاضر هوندو هو تہ، شراب پيئڻ کان انهن کي منع نہ ڪندو هو ۽ پاڻ شراب يا ٻيو نشو نہ ڪندو هو. راڳ سان ڏاڍو

شوق هوس جيئن مٿي بہ معلوم ٿيو هوندو، پاڻ ڳائيندو بہ هو ۽ طنبور بہ وڄائيندو هو. راڳ ۽ راڳڻين جي چڱي خبر هُيَس، ٻهرين پنهنجي ڏاڏي ميان صاحبڏني جو ڪلام چوندو هو، پوءِ پنهنجو چوڻ لڳو. جهڙو سندس نالو سچل هو، تهڙو سندس سچو رستو هو. يعني حقيقت بابت پنهنجي ڪلام ۾ بہ سچ چوندو هو ۽ لڪائيندو ڪين هو ۽ دُنيائي ڏنڌن ۾ بہ سچي ڳالهہ ڪرڻ وارو هو. اڪثر ڪِلندو ڪين هو، خيالي ۽ گنڀير رهندو هو؛ چونڊا تہ فقط هڪڙي ٻيري ٿَهڪ ڏيئي ڪليائين. خميساڻي خاصخيلي سکر ماڻهو هوا. اُنهن مان هڪڙي لطف علي خان نالي جي سندس زال سان ناسازي هُئي، اُنهيءَ زال سچل فقير کي مِنٿ ڪئي تہ مونکي مڙس پرچائي ڏي. فقير مڙس کي سمجهايو، پر پوءِ سگهوئي هُن اُها زال ماري وڌي. اِها ڳالهہ جڏهن فقير ٻُڌي، تڏهن چون ٿا تہ ڏاڍو کِليو. ٻيو جڏهن هڪڙي سيد خيرات گهري، تنهن کي پنهنجي جسم تان چوغو زريدار ڇو تہ اُن مهل موسم سياري جي ڪري صبوح جو پائي وينا هوا ۽ ڏندڻ ٿي ڪيائون، لاهي چوغو ڏنائون جو ڪنهن مير ڪين ڏنو هو، تہ سائين اسانجي روبرو هڪڙو دم پايو تہ دل خوش ٿي. اجان سيد ويو تہ پاڻ تي حال پين. چيائون تہ، "جلدي سيد کي وٺي اچو ۽ غُسل ڪرائي زريدار سڀ پوشاڪ ۽ گهوڙو پنج سنجو ۽ پنج سؤ رپيا روڪ ڏنائون. تڏهن ڏاڍا ٿهڪ ڏنائون. فقيرن پڇيس تہ، "سائين! ڇا سبب؟ چيائون تہ، "جڏهن سيد کي چوغو ڏنوسين، تڏهن حضرت محمد رسول الله صہ جن عتاب ڪيو تہ ڇو اسانجي اولاد کي پنهنجي جسم جو ڪپڙو ڏنوَ باوجود تون سچو عاشق ۽ سدا شاهوڪار ۽ لايحتاج هجين ۽ جڏهن سيد کي ٻيهر گهرائي هيءَ خدمت ڪئي سين، تڏهن ڏاڍا ياڪر حضرت جن پاتا ۽ فرمايائون: "سچا عاشق اِئين گهرجي" تڏهن گهڻا ٿهڪ ڏنائين.

سندس شعر ۽ ڪلام: ميان سچل فقير توڙي سندس عزيز سنڌي ٻولي ڳالهائيندا هوا. مگر خيرپور جا مير بلوچ هوا، سي سِرائڪي يا پنجابي ڳالهائيندا هوا. تنهنڪري سِرائڪي جو بہ فقيرن کي گهڻو مُحاورو هو ۽ پارسي زبان ۾ ميرن جي صاحبيءَ ۾ گهڻو نوشت خواند ۾ هُئي، تنهن مان بہ هُو چڱيءَ طرح واقف هوا. ميان سچل فقير جو ڪلام بہ انهن ٽنهي ٻولين ۾ آهي. سنڌي ۽ پنجابيءَ ۾ تہ نهايت عُمدو ۽ سنجيدو ڪلام آٽس ۽ پارسيءَ ۾ بہ مضمون عام خاصو آهي. سندس خُلاصو ديوان آهي، جنهن کي ديوان آشڪار چون ٿا اُهو مرحوم مير علي مراد خان خوشخط ڇاپايو هو ۽ اُن جا نُسخا گهڻا موجود آهن، ۽ ديوان خدائي ۽ راز نامو ۽ رهبر نامو بہ پارسيءَ ۾ آهن. سندس ڪلام اڪثر تصوف جي مَتن تي آهي ۽ مضمون رڳو معرفت ۽ حقيقت بابت آهي. ڇچاڙيءَ ۾ تمام سخت صُوفي هو ۽ ايتري قدر جو منصور وانگي اناالحق جو دم ڪلام ۾ هڻڻ لڳو. چونڊا تہ اڳي وانگي مُلان قاضي اُنهيءَ زماني ۾ زور نہ هوا، جيڪر بيشڪ منصور وانگي سِرُ ڏئي ها. قادر بخش فقير بيدل پنهنجي غزل ۾ بہ هنڪي منصور وانگي

۽ شيخ فريد الدين عطار ۽ شمس تبريز سان مقابلو ڪيو آهي. انهيءَ ۾ بلڪل شڪ ڪونهي تہ هُو اعليٰ درجي جو صوفي درويش هو.

ڪلام چوڻ جي حالت: چون ٿا تہ جڏهن سارنگي ۽ طبالي تي هٿ لڳندو هو، تڏهن بيخود ٿيندو هو ۽ مٿي جا وار ڪرا ٿي بيهندا هُئس ۽ اکين مان پاڻي جاري هوندو هوس ۽ شعر مستي ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾ چوندو ويندو هو ۽ منشي ۽ فقير لکندا ويندا هئا. پوءِ جڏهن هوش ۾ ايندو هو، تڏهن چئي ٻڌائيندا هُوس پوءِ پاڻ چوندو هو تہ، "بابا اِهو چوڻ واري چيو آهي مُونکي تہ خبر بہ ڪانهي. پوءِ سندس ڪلام گڏ ڪري فقيرن ڪتابن جي صورت ۾ ڪري رکيو هو. اُنهن ڪتابن مان گهڻا هن سا ڙائي ۽ ٻوڙائي ڇڏيا، جو اهڙو خطرو دل ۾ گذريس تہ متان ماڻهو اَڻ سمجهائي ڪان شريعت جو رستو ڇڏي وڃي ڪفر ۾ پون.

۾ جيڪي ڪتاب فقيرن لڪائي ڇڏيا، سي رهجي ويا. چون ٿا تہ سندس وفات وقت باقي رهيل ڪلام جو شمار ڪيو ويو تہ ڪُل نو َلک ڇتيهہ هزار ڇهہ سؤ ڇهہ بيتن سُوڌو هو. سچل فقير جو جيڪو ڪلام آهي تنهنجو مختصر تفصيل هي آهي: سنڌي بيت، سرائڪي يا پنجابي ڏوهڙا. سنڌي ۽ پنجابي ڪافيون ۽ غزل، جي ڪافين وانگي ڳائبا آهن. سي حرفيون پنجابي. وحدت نامہ. راز نامو. مُرغ نامو ۽ مرثيا.

اِنهن کان سواءِ سندس فارسي تصنيف ديوان آشڪار آهي جنهن ۾ غزل ۽ مثنويون ۽ رباعيون وغيره آهن ۽ راز نامہ مثنوي طرح گداز نامو ۽ عشق نامو بہ آهن، ٻيو رهبر نامو جن ۾ تخلص خدائي آهي ۽ ديوان خدائي بہ چيو اٿن. انهن مان ديوان آشڪار هن کان اڳي ڇاپيو آهي، جيئن مٿي بہ چيو ويو آهي، باقي سندس ٻيو ڪلام ڇاپ ۾ نہ آيو آهي، جو ڪن مختصر ماڻهن وٽ گڏ ٿيل آهي، جنهنجي ڇپائڻ جي هاڻ ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

فقط ٥ مارچ ١٩٠٢ع

حيدرآباد سنڌ

مرزا علي قلي عفي عنہ

Scanned by CamScanner

رسالو

(میان سچل فقیر جو)

(پاڳو پهريون)

ڪافيون

Scanned by CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم
داستان پهريون
آسا ۽ گجري جي ڪافين جو

ڪافي سُر آسا ١

شاهه ٿيو سيلاني، نه ڄاڻان ڪيهي ڳالهه ڪؤن

١. ٿي گداگر ڪري گدائي
شرف چڙهي سلطاني

٢. صورت انهيئن ڪير سڃاڻي
هي هي سڀ حيواني

٣. ظاهر پنهنجي ذات ڪيائين
جوڙ ڪري جِسماني

٤. ٻول نه ٻئي ڪنهن اوهين ٻُلجو
عين اَتو انساني

٥. اُهو اندر اُهو ٻاهر
ڪير ٿيندو قرباني

٦. **سچو** سرُ سِري ڪر ڄاڻين
جان جُثو سڀ جاني

ڪافي سُر آسا ٢

يار جاني، ري يار جاني
ول اساڏُنهن ٻالين

١. تيڏي طرفؤن طعني ڏينديان
سانُون سڀ سيالين

٢. نال اساڏي دلبر سائين
ڳجهيان تيڏيان ڳالهين

Scanned by CamScanner

٣. مهرپويئي يار پيارل
نال اساڏي جالين

٤. نال سچو دي تو جي کيتي
قول سيئي سڀ پالين

ڪافي سُر آسا ٣

عِشق لڳئي تا ڪر آمين. نامنجهہ ڪُفر نا منجهہ دين

١. سُورن جون سِٽون کهڙيون پڙهين ٿو
وره نہ پڇندئ والضالين

٢. ديد ڏسي کي ديد آڙائن
نينهُن نہ پڇندانئي نابين

٣. جلوه عشق جو عرش ڪُرس تي
سرِ زمين چازير زمين

٤. دِل سان ذرو درد قبوليم
ڪَشف قُبور ڪرامت ڪِين

٥. شُبهاشڪ سيئ لاٿم
پاڻ سُڃاڻ ساڻ يقين

٦. طالب کي تلوين گهُرن ٿا
نڪي تمناتي تمڪين

٧. هادي عبدالحق سچو کي
توڙؤن هِيءَ تا ڪئي تلقين

ڪافي سُر آسا ٤

ڪيئي ڪيئي ڳالهين، ميڏيان يار دي نال

١. آکڻ جيهان ڪڏهان نہ هووَن
سُوري سڀ سيالِين

Scanned by CamScanner

٢. طعنا ٺُهمتان وولڪ لڪ ڏينديان
اسان ڪَنون شَهر والين
٣. **سچو** عاشق پَروُن سُڃاڻين
اکيان اُنهانديان آلين

ڪافي سُر آسا ۵

آءُ تون پاڻ سُڃاڻي، مون وٽ يار پيارا
١. حال مِڙيوئي وي ميان! معلوم توکي
دنيا سا کوڙ ڪهاڻي
٢. ٿينديس گولي وي ميان! در در ڳولي
جانب ڪاڻ جوڳياڻي
٣. سِڪندي تولئ وي ميان! سُهڻل سائين
روئندي سا رات وهاڻي
٤. **سچل** کي سهي ڪيتوسي
پرت جي ناهي پڇاڻي

ڪافي سُر آسا ٦

دَمِ دَمِ لَهين سَنيال، اِهين حالدي هاريا
١. هي دَمُ آوي هي دم جاوي
ڪَرُئي خاص خيال
٢. جو پل پاٹؤن پري ٿيوين
سو پَل جيوڻ جنجال
٣. آپ نہ آٿين سوئي ڇاٽي
فڪر ڪري في الحال
٤. وحدت دي وچ غوطہ مارين
آءُ پوئي احوال

Scanned by CamScanner

۵. **سچو** کون اهو سبق پڙهايا
هـــادي نـــي مُڙّ ڀـــال

ڪافي سُر گجري ۷

جهڙو هي عجائب آءِ. ناهہ عجب کو ٻيو اهڙو
۱. هـيـڏي هـوڏي نـہ ڏسين
مُنـهـن ڀـانڻ ئـي ۾ ڀـاءِ
۲. ڀــؤ تـــصـــور هِن ۾
ٻــي بــازي کــامَ بــنــاءِ
۳. اکـيـون اُپـنـي جي ڏسين
تــا هــادي آهــي هــر جاءِ
۴. **سچو** ســارو ســچ چيــو
رمـــز دل ئـــي ســـان لاءِ

ڪافي سُر گجري ۸

اوڏاهــون آيــا، مــونــڏي عــتــاب ابــاڻــن جا
۱. هـيءُ ڏيـهـہ ويـڙيُ وِسـري
تــو ڏيــنــهــن اِتــي لايــا
۲. يـاد اسـانـکي نـہ ڪـريـن
مُنـــجهـــائـــينءَ مـــايـــا
۳. ڏيـنـهَن اسـان ريءَ گذري
ويـــــڙيُ آجايـــــــا
۴. گـهـٽـا مِيـنـهَن مـلـيـر ڏي
والـــيءَ وســـايـــا
۵. تـنـهـنـجي ڏسـڻ لاءِ هـت
ســـانـــگـــي ســـکـــايـــا

Scanned by CamScanner

٦. ڪاتؤن پُڏا ڪينڪي
جهانگي جهلايا
٧. سائينءَ **سچو** سگهڙا
مونکي مارو ملايا

ڪافي سُر آسا ٩

جنهن دل تي آهي جوش
سا دل سورن سان سنبري
١. آءُ تا گهوري ان تئون
جنهن تي جوش خروش
ڳالهه نه ڳرهڻ جهڙي
خَلق اڳيون خاموش
٢. سالڪ سُک نه سرها
گوندر ڏي ڪن گوش
٣. اثر اهيئي عشق جا
اول وڃائن هوش
٤. خلق الاِنسان عليٰ صورته
هي بادشاهي پوش
٦. **سچو** سوريءَ سي وڃن
جي مَئي ۾ تيا مَدهوش

ڪافي سُر آسا ١٠

پاڻ منجهؤن ڪل پيئي ني پيئي، دوست جي وميان! مونکي
١. ونحن اقرب ويجهو وسي ٿو
ڏسُ هاديءُ جو هيئي

Scanned by CamScanner

٢. ڪڏهن زاري ڪڏهن زوري
ٻوليون سندس اهي ٻيئي
٣. هادي اسانکي وقت ملڻ جي
ڏس اتيا اِهو ڏيئي
٤. يار رنگيلو هڪ رنگ نہ آهي
ڪوڙين سندس رنگ ڪيئي
٥. **سچو** جو اندر، ٻاهر سوئي
وچون ٻيائي ويئي

ڪافي سُر گجري ١١

اڳنان وڃُهہ نگاهہ، ڳالهہ نہ ڪوتاهيءَ جيهي ميان
١. جسم چڙي هل اتهين
تي رهبر متي راهہ
٢. پاڻ ڪٽين ني پاڻ کي
آتج منجهہ الله
٣. ناهي پڇاڻي پنڌ جي
آءُ لهج آگاهہَ
٤. توڙي مطلب کي رسين
مطلب پائين نہ شاهہ
٥. هي وجود وسارئين
تڏهن دوست تئين داناهہ
٦. **سچو** سارو سچ تئين
هوش هلين هرگاهہ

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر گجري ١٢

نــور پــريــا رخ پــيــاريــدا
الله پــيــاريــدا دلــداريــدا

١. مــئين نمــاڻــي هــيــر ڇتــي
تــون صــاحــب تخت هــزاريــدا

٢. سهڻا مئينون اينوين پائندا
جيــويــن گـــل هـــزاريـــدا

٣. وڏڙي ويـلـي جو شـاه مـليـا
ٿـــيـــا ســـبـــب ســـتـــاريـــدا

٤. مستان نون سرمست جو ڪيتيءَ
سچو ڪــئــون بــيــچاريــدا

ڪافي سُر گجري ١٣

آهـــي ڪـــوڇ بـــ ڪـــوڇ يـــار
ڪــيــڏي ڳولــيــو تــيــون ڙي ائــين ســرتــيــون!

١. ظـاهـر آهـي ذات تـنـهـين جي
هـــٺ شـــهـــر بـــازار

٢. ونـحـن اقـرب ڇاڻـو سـيءَ
دور نـــ آهـــي دلـــدار

٣. احـد احـمـد هـيـڪـڙو
نـــاهـــي لـــک هـــزار

٤. مـرشـد هـيـئـن فـرمـائـيـو
آڻـــ ات اعـــتـــبـــار

٥. ڳهـلـيـون انـهـيءَ ڳالـهـ جو
خـــونـــي آهـــ خُـمـــار

Scanned by CamScanner

٦. آهــي سـيــوئــي دوســت جو
سچو هـــيءُ ســـيــــنـــگــــار

ڪافي سُر آسا ١۴

تــيــڏي در زاري زاري، الله الله مــيــڏي آهــي آهــي
١. مـئين نمـاڻي عـيـبن هـاڻـي
تـــار تُـــســاڏي تــاري تـــاري
٢. نـال تُـسـانـڏي روز اَزل تـون
يـــار اســـانـــڏي يـــاري يـــاري
٣. حال اسـاڏيدي دلبر سـائين
سُڌ تُـســاڪـون ســاري ســاري
۴. مک وڪالين تون هڪ واري
هجر تـيـڏي مـئين مـارِي مـاري
۵. سگ سچو هي در تـيـڏي دا
ڳـل تـنـهيـڪـون ڳـاري ڳـاري

ڪافي سُر آسا ١۵

اڱڻ اسان ڏي يار، وي دلبر آوين آوين تون ميان
١. راتـو ڏيـنـهـان تـيـڏي ڪـارڻ
رووان زارو زار
٢. درد مندان دي دل ڪون دلبر
لـــڳڙي آهـــ لـــغار
٣. ڪيئي عاشق ڪيتا بيراڳي
تـــيـــڏي ســو حُـــسن هـــزار
۴. سيـنـي انـدر يـار سچو دي
تـــن مـــن تـــيـــڏڙي تـــار

ڪافي سُر آسا ١٦

نال تيڏي لڪ واري واري
الله الله ساڏي زاري زاري
١. محبت مئيڏي نال تُسان ڏي
گهٽ نہ تنهين وچ گهاري گهاري
٢. مئين ڪنيز ڪ تيڏي آهس
دوست ڪيتُءِ ڪيوين ڏاري ڏاري
٣. **سچو** نماڻي نون ڪيتُءِ بيراڳي
باهہ بره دي ٻاري ٻاري

ڪافي سُر آسا ١٧

پاڻ تہ آهيان پاڪ، پر ڪي ڏينهن هت گذاريان ٿو
١. ساڳيوئي سو رانجهو آهيان
ظاهر ليکي چاڪ
٢. آهيان آءٌ معشوق مڙن جو
موٽي ٿيس مشتاق
٣. آهيان آءٌ خوشحال هميشه
هن غمزي ڪيو غمناڪ
٤. ڪاٿئين زهر پيالو ظاهر
ڪاٿئين ٿيان ترياق
٥. **سچو** آهي وصال سيوئي
ڪاٿي فلڪ فراق

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر آسا ١٨

پنھنجي نظر ۾ پيھي، وئون ھاءِ ھاءِ سالڪ

١. ڪشادگي ميدان جي
ڏس ڏٻائي ڏيھي

٢. آءٌ تا ھن اسرار جي
ڳالھ ڪريان ڪيھي

٣. ڳالھ ساڳجھڙي ھاديءَ واري
آه سلڻ نہ جيھي

۴. سچي ڪوڙي ظاھر ٿيندي
ڏس وچي تون ويھي

۵. **سچو** طلسم ڪر سھي تون
ھي اشارت ايھي

ڪافي سُر گجري ١٩

ميڏڙي مَن وچ يار، پٽ ڊِيان پينگھان پايان وو

١. آپي جھوتي، آپ جھوتاوي
ڏيندا لوڏي لک ھزار

٢. مئين تي دلبر جھوتا ڏتڙا
ڪيتا سھيليان سيگار

٣. جھوتي اتي يار سڄڻ دي
ھوونڙ خبردار

۴. پير جھوتي تي محڪم ڏرٽا
رھڻا بي اختيار

۵. ساري جھوتي **سچو** سھي ڪر
تيوين آپ ڪنون بيزار

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر آسا ٢٠

پئيان وچ گمان، رانجهن ڪنهين نہ لکيان سئيان
١. وچ لباس چاڪاندي آيا
پل گئي نادان
٢. جنهان سهي شهہ رانجهن ڪيتا
ڪوڙئين تيان قربان
٣. **سچو** نام ڏريوني ڪيها
آپي آپ زبان

ڪافي سُر آسا ٢١

ڪٿ پاپل ڪٿ مائي، سيوڙي مئين رانجهن دي لڙهہ لڳيان
١. مئين تا رانجهن هڪ تيو سي
ڪيڙان نال جُدائي
٢. پيلي ويسان رانجهو والي
چوڙ پاپائي شاهي
٣. پي هر ڪائي ماءُ پيءُ جائي
هير عشق دي جائي
٤. **سچل** آکي سوز ماهيدا
تيندي مئين گواهي

ڪافي سُر آسا ٢٢

بار بره دا بارو بار
چڙهڪي آئندا ميان بي اختيار
١. سُڏنهين هي انت بحردي، سِير سمندر دي لَس لهردي
موج خوني هيءُ زور زبردي، جِتان ڪتان هيءُ تارون تار

Scanned by CamScanner

۳. جڏهان وت ساقي جام پليندا، تڏهان وت بيخود كيف كريندا
پچليندا سارا سرُ سكيندا، نيڻ وهيندا نارو نار
۴. جيوين سر اماَمين آيا، بار غمان چُر چشمين چايا
اُنهان آپڻا قرب وڏايا، عالم روئندا زارو زار
۵. **سچو** نيزا عشق سچيندا، هستي والي پت پنيندا
تڏهائين تون وت كيون نہ مَنيندا، چوڙ تہ ٿيوي لنگهہ پارو پار

كافي سُر آسا ۲۳

توبن ماهي يارا! راتيان سو ميڏيان نهين لنگهنديان رانول وي ميان
پلكان جالڻ آيان، رانول ميان
۱. دونهان پاكي در تيڏي تي وو
انگ پيوت رمايان، رانول ميان
۲. جوڳي هوكي جوڳ كميسان وو
ڳل وچ الفي پايان، رانول ميان
۳. ديس اساڏي وي سهڻا سائين!
آكر جوڙين جايان، رانول ميان
۴. عمر سيائي كڙ كميسان وو
بندي هوكي سائنيان، رانول ميان
۵. هجر فراق وو كاهل كيتا
كر وصل ديان وايان، رانول ميان
۶. بره تيڏي ديان ميان سر **سچو** دي
چٽكن لك هوايان، رانول ميان

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر آسا ۲۴

اي چا ڪرو سماءُ، سڀوئي رانجهن هويا

۱. سهس هزار زباناندي وچ
اپـــڻـــا رڪـــيُس الاءُ

۲. هر مظهر دي وچ ظاهر هويا
ڪـــيـــا جي شـــاه گـــداءُ

۳. ڪتي دلق درويشي پهري
ڪـــتـــي او امـــراءُ

۴. انـــاالحـــق اوڏاهـــون آوي
سچو وچ صـــــــــداءُ

ڪافي سُر آسا ۲۵

تون تا آءُ وس ساڏي ويڙهي، سڻ حال وي ميان رانجها

۱. دوست اسـان ڪـنـون دور نـہ جاويـن
پـهـہ نـيـڻـانـدي نـيـڙي

۲. ڪيـڙاندي نـنگري ڪـنون تـوبہ هـوئي
لـتـي اسـان تـون جهـيـڙي

۳. تـون تـا مـيـڏا مـئـين تـا تـيـڏي
گـهـول گـهـتـان سـپ ڪيـڙي

۴. عـــشـــق تُســاڏي ڪـــيـــتـــي
لـهـہ پـئـي سـنـڏي سـيـڙي

۵. سـدا هـويـن تـون نـال ڪـرم دي
دوســت **سچو** دي ديـــري

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر آسا ٣٦

مئين نال تُسان ڪيهي لائي، فرياد وو ميڏي رانجها
١. اسان نماڻيان تون سهڻا سائين
ڪيون ويندئين چت چائي
٢. نهين تساڪون نال اساڏي
واجب بــي پــرواهــي
٣. پاوين نہ تيڪون ڳالهہ اساڏي
جا ڳالهہ تيڏي تن تائي
٤. حال اساڏا ڏيک ڪراهڻ
آءُ تيوين ڏک پائي
٥. طرف اساڏي ڪڏهن نہ مَتوئي
يار ڪتابت ڪائي
٦. راتو ڏينهان تيڏي آهي
وات **سچو** دي وائي

ڪافي سُر آسا ٢٧

چوڙ ٻاپاٽي شاهي وو. مئين وطن رانجهو دي ويسان
١. هتڪي هوري ٻابل پائي، متيان ڏيوي سانون مائي
ست ڪيڙا تيسان راهي وو
٢. سڀ سهيليان ملڪر آنديان، تي ايلازي پلئي ڳل پانديان
گهن متيان تي ڏاهي وو
٣. اوراندي نال ماهي ڪيون متيان. طرف رانجهو ڪريسان پئيان
گهن ڪي قلم سياهي وو
٤. **سچو** اي دل تي اداسي، بيوس هوڪي راهي سناسي
اصل ڪنون ايوين آهي وو

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر آسا ٢٨

هر صورت دي وچ يار، حڪم هليندا آپ وي

١. مظهروچ منصور ٿيا وي
انا الحق اظهار

٢. بحر بره دا زور رکيا وي
عشق أتاهين آر

٣. ميل ڪرڪي مُلين مارايا
سُولي تي سردار

۴. وس نڪو منصور دا
تي ملين ناهي ميار

۵. مست اتاهين ماريا اهو
شائق شهسوار

٦. ڪل لڱن تؤن لاهہ ڪي
نينهن ڪيتا نروار

٧. من خدايم آکدا
عارف شيخ عطار

٨. "اسجدوني" اينوين آکيا
تنهن تبريزي تڪرار

٩. وچ ڪڙسي هڪ ۾
ڪرندئين لک شمار

١٠. **سچو** اِهين سنسار وچ
رهڻا هئي هوشيار

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر آسا ٢٩

تيڏي نال، وو ميان. سهڻا ساڏي زاري زاري
مئين تا تيڏي هوءِ جو رهيان، جيوين وٽئِ تيوين پال
تيڏي نال ياري ياري
اڳڻ اساڏي آءِ تون دلبر. ورق وڇوڙيدا وال
ميان تيڏڙي ماري ماري
اوڳڻ ڏنهون ميڏي نہ ڏيکين. آءُ پلا مُڙ پال
واري واري لک واري
ياد اسانکون رهہ ڳئي دل تي، ڳجهي جا تيڏڙي ڳالهہ
پيارا ساتو پاري پاري
سچو هيُ سگ در تيڏيدا. ڳڏي وڃ تنهنکون نال
ڳل جنهيندي ڳاري ڳاري

ڪافي سُر آسا ٣٠

ائين لکيو، مون ائين لکيو، مون پنهنجو پاڻ ڪي ائين لکيو مون
١. وردوظائف ڪديم مراقبا، پرو پرين جو ڪون پيو، مون
٢. پڙهيم نمازان رکيم روزا، ذرو بہ حاصل ڪونہ ڪيو، مون
٣. سوين ڪلام جاري مون پڙهيا. اثر ڪلامن ڪونہ ڪيو، مون
٤. اول چاتم پوءِ سڃاتم، آهي توريءَ ڪونہ پيو، مون
٥. **سچو** سارو سِرُ حقاني. ڪيئن چوان آهي ڪير ٿيو، مون

ڪافي سُر آسا ٣١

اساڏي جان ڪون لڳڙي، هوائي شمس تبريزي
١. اهين ميخاني آيا، جڻان خاصاندي خونريزي

Scanned by CamScanner

۲. ويکو منصور ڪون عشقي ڪيتا. سر دار آويزي
۳. اتان مئين رهہ ڳئي مدت. آکيا برهاڪِ برخيزي
۴. ويکو يارو عشاقان تي، ڪيتي هيءَ عشق انگيزي
۵. اصل محبوب دي آهي، **سچو** اها خوب پرويزي

ڪافي سُر آسا ۳۲

ادب نال اليسان، هوسان مئين رانجهو دي نال

۱. ٻن ڪيڙاندي طول وهاڻي
پلنگين پير نہ پئيسان

۲. مئين راجهن دي رانجهن مئيڏا
ڪيڙا گهول گهتيسان

۳. پار درياهون جهوڪ رانجهن دي
ٻانهڙ تر تر ويسان

۴. جنهن تڙماهي منجهيان چاري
تنهن تڙ باغ بنئيسان

۵. هڪ دل آهي رانجهن نيتي
ڪيڙان نون ڪيا ڪجهہ ڏيسان

۶. سهڻي صورت يار **سچو** دي
ڪنهنڪون ڪوڪ سڻيسان

ڪافي سُر آسا ۳۳

جنهن دل پيتا مئي دا جام
سا دل مستو مست مدام

۱. دين مذاهب رهندا ڪتان
ڪُفر ڪتان اسلامُ

۲. . سولي تي منصور چڙهايا
اناالحق ڪلامُ
۳. پنجتن پاڪ حمايت ميڏي
حسن حسين امامُ
۴. چاوڻ بار ملامت سِر تي
بره سارا بدنامُ
۵. بخش ڪريندي عُشاقان تي
جنت جاءِ مقامُ
٦. چوڙ ڳيا تنهنکون علم عقل ڏونهين
جنهندا عشق امامُ
۷. سرُ ڏيوڻ عشاقان نون
عشق پڏائي احرامُ
۸. خوشيان خورميان ڏيک ستيندا
عشق وڃايا آرامُ
۹. راتو ڏينهان مشتاقان نون
مستي وچ مدامُ
۱۰. جاءِ صفت دي مول نه ڏردا
ڪلي چوڙ ڪمامُ
۱۱. عاشق دا وت اصلؤن آها
سولي دا سر انجامُ
۱۲. در سائيان دي سوين سپاهي
سچو پي هڪ غلام

ڪافي سُر آسا ۳۴

جي مون پڇوڙي جيڏيون! آهي بره بيقراري
بخشش الاهي آهي، ناهي ڪسب اختياري

Scanned by CamScanner

۱. آهي نـي عـاشـقـن کـي، سـوريءَ مـٿـي سـواري
هـڪ درد دل ۾ تـن جي، ٻـي خلـق جي خواري
۲. ڪيائون حجاب ظاهر، هوءِ هوءِ حسن هزاري
مـشـتـاقـن کـي مـارن، خونـي نـيـڻ خمـاري
۳. مـژگـان وارا مـقـرر، ڪـئـيـبـر مـارن ڪـاري
عـاشـق آهـي ايـلازي، پـائـي ڳچيءَ ۾ ڳاري
۴. محبوب جون اصل ڪؤن، ڪجليون آهن ڦهاري
آهـي اصـل انـهـن کـي، سـڌ سچل جي سـاري

ريختو آسا ۳۵

ساجن پیالہ پریم کا مجھکوں پلادیا
میرے دست میں صراحی رہ گئی ساقی کجا گیا
۱۔ نہیں امید سن کوں، جیسے کہے سجن
دل کوں دلاسادے کے تنہا گیا
۲۔ زخمی ہوا، یہی بخشولا چار ہوپڑا
جانی کمان کس کے جنگی چلا گیا
۳۔ دلبر نے دلڑی لوٹی، مڑکے نہ پائی جہات
سمجنوں سجھ کوں کرکے جانی بھلا گیا
۴۔ طاقت نہ رہی ملن کی سچو جو بولتا نہیں
زخمی جگر کوں کرکے دارو پلا گیا

ڪافي سُر آسا ۳۶

جاني جٿان ڦيرا پايا وي، وه واه ڪيها رنگ لايا وي

۱. جاني ڪيوين آوندا جاوندا. ول ول ڪي رمزان لاوندا. ٻڌ شمشير ڪمر من پاوندا
هـت خنـجر سـر ڪـتـايـا

Scanned by CamScanner

٢. ويک بره دا کيها بانا. هر هک نون پرايس جانا. ڏي حلاج خودي دا خانا
جنهن سولي پکڙ چڙهايا

٣. جاني ناز حسن دي جڙدي. رک ٽور عجب دي ٽردي. هتکا هويا مول نہ مڙدي
تنهندا کؤن ڦيرائي رايا

٤. جاني مار زغابادشاهي. رک ڦردا بي پرواهي. اِهين اسرار دي ڏي گواهي
شاه سرمد قتل کرايا

٥. **سچو** جوئي سٽندي هوسي. سو تہ آکي پلؤ پيوسي. نؤ بهار خوشي وچ ٽيوسي
ايوين کرم سايان فرمايا

ڪافي سُر آسا ٣٧

ميڏا حال ڏنا هادي يار. مئين مستان هويا وو يار

١. قاروني ٽي کار کميندي. عقل دنيا کون سيئي منيندي. ڳالهہ اُهائي اوئي اليندي
عشق کيتي دل خوار

٢. نقش بندي ٽي نقش هليندي، عالم وچ اظهار وار، نقش بندياندي دل تي
دنيا هٿ نہ کيتوني يار

٣. ملان قاضي نهين منيندي، هوندي اسان کنون ڏاروڏار. عشق والياندي منزل اڳي
نهين مُلياندي پار

٤. پنجتن پاک محمد آيا. آپ علي سر آپ سمايا. حسن حسين علي دا ڄايا
آيا ملکاندا سردار

٥. خيال اتي وو حال جو جُهليا. آپ هويا نگهدار يار. هستي دا وهہ کوٽ ڀنوکي
گم هويا دعويدار

٦. **سچل** هيئي سر الهي.هرجا سانون هيئ بادشاهي. اها نوبت اناالحق ڄائي
آپ هويا اظهار

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر گجري ۳۸

آيم رات عتاب، ڏاڍا سخت سنگهارن ڏنهن
۱. مون کي عمر ماريو
جهانگيڙن جي جواب
۲. ويٺيئن اتي مارئي
ڪائي خوب ڪباب
۳. هت سارو ڏيهه ڏڪائيو
عمر جي تڪ تاب
۴. مولي تا معافي ڪيا
سچوءَ سڀ حساب

ريختو سُر گجري ۳۹

اکھیں کے ناز تیرے، مجھ کوں یوں غلام کیا
تہمارا عشق ہمیں پیشوا امام کیا
۱۔ کسی کوں آگھے، اس حال اپنے کی کروں
تمہارے درد ہمن سوں، سجن تمام کیا
۲۔ تیریاں نی دیکھ بے پرواہیاں، سنو رے صنم
اپنی گوش پر انگلیاں، خلق خاص وعام کیا
۳۔ کیا ٹھکانا میرے دل اوپر عشق تیرے
عقل علم تے سنت فرض لکنھ سلام کیا
۴۔ شکر کروں میں صد بار، حمدللہ
سچو کوں عشق جو تم اپنا، انعام کیا

Scanned by CamScanner

ريختو سُر گجري ۴۰

پاس میرے یار آیا، کہتا ہوں حمدللہ
درسن سجن دکھایا، کہتا ہوں حمدللہ
۱۔ میرے حال کی جو کتنی پرسش تمام تجھ کوں
چا دوست گل لگایا، کہتا ہوں حمدللہ
۲۔ غفلت کے خواب میں یوں، دن رین پڑرہا ہوں
اس کے برہ جگایا، کہتا ہوں حمدللہ
۳۔ معشوق کی نگہ سے، میری دل خوشحال تھیوی
غم ہجر پھیر جایا، کہتا ہوں حمدللہ
۴۔ صورت خیال کی تم، ساری سچُو صحی کر
مرشد نے کہہ سنایا، کہتا ہوں حمدللہ

ريختو آسا ۴۱

کرتا ہوں اے سریجن، اس باب شکر للہ
تیرے برہ نے کیا ہوں، بیتاب شکر للہ
۱۔ دیکھن سے نین خونی، حیرت میں ہورہا ہوں
بے آرام کیا مجھ کوں، بے خواب شکر للہ
۲۔ کیا قول کیا سیپارے کیا درد کیا وظیفے
شد جزم بھال گئے ہیں، اعراب شکر للہ
۳۔ آیا اڈر وحدت کا، شہباز دل میرے پر
سارا جوتٹ گیا ہے، آداب شکرللہ
۴۔ ظاہر کیا جو باطن، باہر اندر جو تم ہو
سچُو سپرد تجھ کوں، ہر باب شکر للہ

Scanned by CamScanner

ريختو آسا ۴۲

سوتوا ميں بشارت، برد کی اشارت
مرن ميں صفاتي پائو گے حياتی
۱- فنا ہو بقا ميں حسن ہو لقا ميں
قسم حق حقا ميں رچی ذات ذاتی
۲- شمع پر پتنگاں ديتا ہے اچهنگاں
نہ ترسے تننگاں ميں جلتا جگاتی
۳- يہ ہی معراج سارا منصور يارا
سولی پر نظارا ديکها اثباتی
۴- سچو سمجه پايا سجن ميں سمايا
الکه دل لگايا دوئی دور جاتی

داستان ٻيو بلاوليءَ جي ڪافين جو

ڪافي سُر بلاولي ۾ پهاڙي ۴۳

هيئين آپ الله. ڏوجها ڪوئي نهين وو

١. تون هين اندر تون هين ٻاهر
متان ٿيوين گمراهه

٢. تون هين مست موالي آهين
تون هين شاهنشاه

٣. تون هين آهين تحقيق ڇاڻين
ساهه مڙيوئي سرواهه

۴. صاحب آهين صاحب ڇاڻين
گولي وچ گناهه

۵. آپڪون مول نادان نه ڇاڻين
دوست هيئين داناءُ

٦. **سچو** سچ اهوئي آهين
هوش رکين هر گاهه

ڪافي سُر بلاولي ۾ پيروي ۴۴

آهيان آهيان وو آهيان ميان! موتي چوان تا ناهيان
ڪي ته آهيان وو

١. مقصد منهنجو پاڻ ئي مؤن آهي
طرف ڪيهي وت ڪاهيان وو

٢. هيڏي هوڏي هڪڙوئي آهي
سڱ کهڙن سان ساهيان وو

٣. دوئي واريون لڪين ديواريون
ڍوڙ انهي تو ڍاهيان وو

۴. خبر خيال جي بعضي نه پوندي
وري چوان تا چاهيان وو

Scanned by CamScanner

٥. ورد وظـــيــــفـــا روزا نمـــازان
لـوچ مـتي تـؤن لاهـيـان وو
٦. مـــرشـــد واري ڳالـــهـــ ســـچوءَ وٽ
ٿـاه نـہ ٻيـا ڪـي ٿاهـيـان وو

ڪافي سُر بلاولي ۽ بروو. ڌناسري ٤٥

حسن اسان تي هلان ڪيتيان، ڪهنون آکان حال وو
١. چِت دا چـولا تـيـڏي ڪـارڻ
روئـــي ڪــــيـــتـــم لال وو
٢. دوست تُساڏي دردي ٻاجهون
هـويـا جيـئـڻ جنـجال وو
٣. نظـر اسان ڪون ڪوئي نہ آيا
مـحـبـت جيـهـا مـال وو
٤. نــال اســاڏي آءُ گــذاريــن
سچو دا مـــن ســـوال وو

ڪافي سُر بلاولي ٤٦

اهي اولانـبا آيا، مونڏي مارن جا ميان
١. ڏيهہ ڏاڏاٿو وي ميان ڪيئن وساريئي
ڏيـنـهـن اتـي تـو لايـا
٢. ڪـهڙي ڳالـهيون ويڙيچن ڏنـهـن
مـنـهـن ڦـيـرايـئ مـايـا
٣. ڀـهـنـوارن ري ڪـيـئن ٿـي گـهاريـن
عـــمــــر ســاڻ اجايـــا
٤. تـنـهـنـجي ڪـارڻ راتـو ڏيـنـهـان
سانـگـي سي هت سڪـايـا

Scanned by CamScanner

۵. وس نہ منهنجو سڻ سچو ري
ڏکيا مون ڏينهن لنگهايا

ڪافي سُر بلاولي ۾ جهنگلو ۴۷

هڪو ڏوهہ ڀيو ثواب. اٿئي عشق جو حجاب

۱. وڃائيندي ورهيہ ٿيا
اڳيان رِڍ رباب

۲. پرين وسي پاڻ ۾
ڪڍي ڏس ڪتاب

۳. واديءَ ۾ وحدت جي
آهي ڪو نہ حساب

۴. جيڻ آهي جڳ ۾
ٻنان عشق عذاب

۵. مهندان محبوبن جي
تون ڪُسي ٿيءُ ڪباب

٦. محبت جي ميدان ۾
جهل طريلا تاب

۷. سِلهي سڪاين ڪي
تو نيزا نينهن نواب

۸. سچو سڪاين جو تو
کولي نينهن نقاب

ڪافي سُر بلاولي ۾ جهنگلو ۴۸

ڏسو عشق جو انصاف، سيئي مذهب ڪَيئن معاف

۱. مڪي وڃڻ مقصد ڪيهو
ڪر اندر تن طواف

Scanned by CamScanner

٢. واديءَ ۾ وحـــدت جي
جُزي لام نـــہ كـــاف
٣. الانسان سِري وانا سره
غـــازيـــن آهـــي غـــلاف
۴. جوئي مذهب عشق جو
ســـوئـــي آهـــي صـــاف
۵. **سچو** انهيءَ ڳالهہ ۾
خس نـــہ آهـــي خلاف

كافي سُر بلاولي ۾ جهنگلو ۴۹

اتي كفر نہ اسلام، آهي سيني كي سلام
١. كڏنهن ڏئي كينكي
اهـــو آرانـــيـــو آرام
٢. مذهب مُور نہ ميان
آءُ شرب منجهہ مدام
٣. قيد پيچي ظاهر تيان
آءُ جاري پـــيـــان جام
۴. هاديءَ سائين پاڻ **سچوءَ** كي
عـــشـــق كـــيـــو انـــعـــام

كافي سُر بلاولي ۾ جهنگلو ۵٠

اَتوَ عبديت عذاب. آهيوَ هزاران حجاب
١. هك هنڌ هئڻ حساب ۾
بئي هـنـڌ هـوئڻ نـواب
٢. بئي ڳالهيون هت تانهنجي
ڏي جانـــب مـــون جواب

Scanned by CamScanner

٣. ربــوبــيــت جي راز ۾
آهــي ڪــونـہ حـســاب
٤. جاتـي نُقـطـو نيـنـهـن جو
تـاتـي عـقـل نـہ الـقـاب
٥. **ســچــو** زيــر نــہ زبــر
رڪــين نــہ اعـــراب

ڪافي سُر بلاولي ١٥

منجهؤن نيڪيءَ ۽ گناه، پوندي ڪل نہ سندي الله
ٻـاطــن ۾ تـون پـانـهـنـجي
هـاڻـي نـامـيـا وجهـہ نـگـاه
١. ريءَ پـروڙڻ پـانـهـنـجي
ٻــي راســت نــہ آهــي راه
٢. خير نـہ ٻانئج پاڻ کي
يـــار دوئـــي ۾ دانـــاه
٣. هــادي حــق الحــق تــان
مـونـکـي اهـا ڪـئـي آگـاه
٤. حـقـيـقـتـان حـال جـيـون
يــار چـئـي ڪــيــبر اداه
٥. تــارڪ تـي تـوحـيـد جي
پـئـو دانـهـہ منجهـہ دريـاه
٦. چـئـين قـبـلـون چور تــي
ســر شــاهــي رک ڪــلاه
٧. **سچو** سچي ڳالهڙي ميان
ســلــڻ نــاهــي صــلاح

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ٥٢

اَٿئي انهيءَ ۾ حالت. نہ تصديع نہ راحت

١. نـڪو هـيءَ نـڪو هـوءِ
نڪا صفت نہ صنعت

٢. نـڪو ذڪر، نـڪو فـڪر
نڪو ڪشف ڪرامت

٣. نـڪو غم، نـڪو دم
نـڪو درد نـہ مـحـنـت

٤. نـڪو ڏسڻ، نـڪو پسڻ
نڪو عيش نہ عشرت

٥. نـڪو جيءُ نـڪو روح
نـڪا جان جمـيـعـت

٦. نـڪو سُک نـہ ڏک
نڪو هوش نہ حسرت

٧. نـہ عـبـرت نـہ غيـرت
آهي حـيرانـي حـيرت

٨. **سچو** سچ، آهي، نہ ڪچ
آهي رڳوئـي راحـت

ڪافي سُر بلاولي ٥٣

ڪعبہ چايون وتدئين نال، ڪيون اور ڪعبہ دي پوندئين خيال

١. ڪافر هو ڪر ڪعبہ ڍاهين
اپـڻـا سـر سـنـيـال

٢. مـالـڪ ڪعبي دا هين تـون
ڪيڪر گهتدئين جيءُ جنجال

Scanned by CamScanner

٢. نحن قرب نيڙي آڪيس
وٿ نــهــين هــڪ وال

٣. سهڻي صورت يار دي آهي
جانـــب دائـــي جمـــال

٥. سچو هر جا هي اُهوئي
ظـــاهـــر چوڙ وصـــال

ڪافي سُر بلاولي ريختو ۵۴

ڪس نوں میں کہہ سناواں، میرا یار ہے خیالی
میرا حال پوچھتا نہیں، ہے اصل لائو بالی
١۔ آئو سنوری سکھیاں، وہ واہ یار میرے
ولیاں کے لوٹنے کی، کیتی ہئی استعمالی
٢۔ کجلیں اکھیں کوں دلبر، لالی کارنگ لگایا
پیتا ہے پر پیالی، داروں کے پرتکالی
٣۔ آیا نظر بسیہر مجھ کوں رے پیچا پیچی
گل پر لٹک رہی ہیں، ظالم کی زلف کالی
۴۔ وہ عشق ناز سیتے، آتا ہے عاشقاں پر
مدہوش ہورہا ہوں، دیکھ چست چالی
۵۔ بیچارہ ایک نہیں میں، آشفتہ اس صنم کا
کتنے ہوئے ہیں حیراں، دیکھ حسن لایزالی

ڪافي سُر بلاولي ۾ آسا ۵۵

سـؤدا سـلـف ڪـريـنـدا يـار
ڪـوئـي ڏيـڪـڻ والا هـو هـوشـيـار

١. مئينون قسم الله دي اهي
آپ هــويــا اظـــهــــار
٢. جا شيءِ وچ اکين دي آوي
اوئـــي هَئـــي اســـرار
٣. کيا جي مومن کيا جي مُسلم
کـــيـــا جي کـــفـــار
٤. **سچو** سچ آکان هان هي سب
صـــاحـــب دا ســيـــنـــگـــار

ڪافي سُر بلاولي ۽ بروو ۽ ڪليان ٥٦

ڪريان يارو مُسلمانو عشق جي ڳالهہ اڄ ڪيهي
سورهيہ سوريءَ اناالحق جو هٹن نعرو نسنگ نيهي
١. چڙي جي عيش عالم جا وجن تڙ پيڙ ۾ پيهي
وڏايو غم سندن غمزي تنين دل رمز سان ريهي
٢. وجي تا وره وارن ڪوُن وٺي اڄ وره ڪي ويهي
اليلان عشق ڪيون ڪيڏيون لا تائون جان چڙجيهي
٣. ڪيئي ڪيئن ناز نيٹن جي ديواني درد هيءَ ويهي
سچو روئڻ راتو ڏينهان عادت آهي عاشقن ايهي

ڪافي سُر بلاولي ٥٧

سگها آوين سگها آوين، يار نيڙي ساڏي نيڙي
١. آءِ اساڏي ويڙهي دلبر پري جاوين نہ جاوين
وَسُ ويڙهي هن ويڙهي
٢. اسان يتيمان ٿون سُهٹا سائين!چتُ چاوين نہ چاوين
ڪُهہ ڪيڙي پن ڪيڙي
٣. مهر پويئي نانءُ الله دي، پير پاوين دَر پاوين
ٿُ جهيڙي پُون جهيڙي

Scanned by CamScanner

۴. دوستي تيڏي دل اساڏي كون لنؤ لاوِين هڻ لاوين
لَهه پَوَن سنڌي سيڙهي
۵. حال **سچو** دا ڏيکڻ آئيان سڀ سياوين وي سياوين
كر پيڙي سؤ پيڙي

كافي سُر بلاولي ۵۸

اسان نون عشق وي يارو! اجان ديوان نهين كيتا
هيءَ هيءَ ميڏي جو سر اُتي بره باران نهين كيتا
كرم كركي اڱڻ ميڏي جو آيا ڏينهن هک ساجن
اهو افسوس هي مُجهكون ميان سر قربان نهين كيتا
ڏَاڍي غمزي جو غم دي پئي مئين تا حيران هو رهيان
سئيان وچون حال مئڏي تي كسي ارمان نهين كيتا
سارا احوال اهو كس نون سنيان وي آک سٹاوان مئين
درمندن دي در اُتي سچڻ سئلان نهين كيتا
آهي واءِ واءِ دل ميڏي كريندیان لک فريادان
اهين كثرت وچي مين تا سهي سلطان نهين كيتا
اسا ڏي عشقدا اصلون كفر تي دين هيءَ دشمن
اسا ڏي قلب وچ كلمان جو مسلمان نهين كيتا
اسانكون معلومي مرشد كيتي اسرار اِهيندي
كسيكون نينهن ريءَ نادان مذهب مردان نهين كيتا
اها عبرت تماشي ڏي **سچو** كون هيءَ عمر ساري
پياري نال جهاتي دي مئيكون مستان نهين كيتا

كافي سُر بلاولي ۽ جهنگلو ۽ آسا ۵۹

اسان نا كنهين دي ڄائي هون، اسان نا كنهين دي نپائي هون
۱. چوڙ افلاك زمين تي آيا، عرش كُرسي وچ مئين نہ سمايا
ايڏون دا وت پيوسي رايا، اسان اپڻي خواهش آئي هون

Scanned by CamScanner

٢. اصل آهس لامڪاني، اتان آڪر ٿيُس مڪاني
تڪيا جوڙ ڪيتُم لغاني صورت سڀ سمائي هون
٣. ڏٺي اها عشق ولاٽي، سانون پاڪ منزه چاڻين
ساڏي ذات صفات سڃاڻين، جائي ڪنهن نہ جمائي هون
٤. ڪتان چوڙيم تخت هزارا، ڪتان ڪاسي بيد دوارا
ڪتان آهس نبي سونهارا، ڪعبي حرم بنائي هون
٥. ڪڏهان شمس الحق هوا هون، ڪڏهان حلاج دي نانؤ رهيا هون
قاضي مُلان آپ بناهون، سولي پڪڙ چڙهائي هون
٦. مائي باپ نہ ميرا ڪوئي، بيحد آهس ناحد ڪوئي
هر جا ساڏا سير سيوئي، اتان **سچو** پل سڏائي هون

ڪافي سُر بلاولي ۽ جهنگلو ٦٠

نال جسم نهين جاوڻ، سر لٿي اتان آوڻ

١. سڻ وي عاشق وي مشڪل هووي
مؤج ڪوزي وچ ماوڻ
٢. بار بره دا هويا باري
سر شتابي چاوڻ
٣. جي تون چاڻين آپ سُڃاڻين
تقوي طاعت هيءُ تاوَڻ
٤. هيءُ سعادت وچ شهادت
خون جگر دا ڪاوڻ
٥. لعل لوهو ٻچ لال جو ٿيوين
دُرس تنهانڪون ڏاوڻ
٦. شهہ دريااون مؤجان زوري
سر **سچو** دي ساوڻ

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ريختو ٦١

آدم جس کا نام، مولیٰ کون کیا آویگا
پریم گرو دهم دهام، باتیاں برج بلاویگا
١- انا احمد بلامیمی، آپ کریم تے آپ رحیمی
آپ کرے قتل عام، سنکر مار مناویگا
٢- آپ شرع دے وچ وسدے، کفر اسلام دے مسلے پچهدے
آپ گنگا ہر نام، حاجی بن بن آویگا
٣- اول ہوندے بال ایانا پهر وت تهیندے پیر سیانا
زیرك مست مدام، سہیس رنگ رچاوے گا
٤- چوچك شہر درازیں تهانا، گر وسے اتهاں تعریفانا
آپ آریانی جام، سچو نام سڈاویگا

ڪافي سُر بلاولي ٦٢

منهنجو هوت پنهونءَ سان نينهڙو لڳو
١. پرو پيڙم پاڻ مؤن پينر ڙي
منهنجو پول پڳو
٢. پيائي جو بند پيو ڪاڪيون ڙي
توڙيو عشق تڳو
٣. مونکي اوڏنهن آئيو
سرتيون سندو وره وڳو
٤. پرين سچو آهي پاڻ سان
جيئن سئي منجهہ سڳو

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاول ٦٣

خوشہ توں سدا ہوویں ،یار سانوں بہوں بھائوندئیں
قدماں اتوں صدقے میں ،آنگن جڈہاں آئوندئیں
١- ہویاں مشتاق میں ،طالب دیدار کا
خونی جو اکھیاں نال مار کے ،ول جاوئندئیں
٢- جو گی تھی کر آیوں وو، بھگویاں بگلاں پہر
ونجلی وجا کے روندا،ہر کنھ گلی گائندئیں
٣- عقل شرم ہوش گیا،دل کوئی تھئی دیوانگی
میں کنے وہ عشق دیاں ،فوجاں پچھے وئندئیں
٤- سچُو ہے مشتاق تیرے طالب دیدار کا
تہندی گلی کیوں وے یار،پھیر انہیں پائوندئیں

سُر بلاول ٦٤

ڪيهي ڪيهي ساڏي نال، لنؤ جو سڄڻ لايئي
درد مندان دي دلڙي جو هس ڪر پرچايئي
١. دامن لڳڙي ڪون ڇوڙن تجهہ ڪون مناسب نهين
ڏيک ڪي ميريان مديان مئڪنون دل چايئي
٢. عشق ڪي تلوار يار هوئي تيري هاٿ ۾
سبز رنگين زهر دا عاشقان تي پڙڪايئي
٣. جلوه حسن ديک ڪي هوش سُون بي هوش هون
جاءِ بجاءِ هڻ اهي ڇپر جو ڇمڪايئي
۴. مئن جو تيري هوءِ رهي تجهہ بن اور ڪوئي نهين
بات فنا في الله ڪي **سچو** ڪون سمجهايئي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ٦٥

ساٿي تون يار منهنجي کي، نئي پهچاءِ سنيهو هي

١. جو قيدالماءَ جي قسمت وڌي دوري، توکؤن مونکي
پارج تون واعدا پانهنجا ڪيا هئؤ يار جاني جي

٢. ڪتابن ۾ وِڌم مُنهن تي تہ ٿئي خورسندگي حاصل
لڳي دل اوچتي توسان وساري ٻره ٻي تي ٿي

٣. مونکي توتان فراقي ڪيو اچا فرياد ڪنهنکي ڏيان
هوجي ڳالهيون ڪيون سانول **سچوءَ** کي ياد آهن سي

ڪافي سُر بلاولي ٦٦

آهيان آءٌ تا اهائي
هيٺ مٿي مون لوئي

١. مالڪ منهنجو سو ٿو چاٽي
تنهنکي سڌ سيائي

٢. ٻولي ٻئي تي مٿي ناهيان
اها اٿم اڳين وائي

٣. گلم غاليچا اوهان ڀاڄهون
چار پايان سب ڇائي

٤. جيهي تيهي اوهانجي آهيان
ڪريو اڇڻ جي ڪائي

٥. ظلم جي جائيؤن سڻ **سچو** ري
الله ڪندم آجائي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ٦٧

ويهي جان ڪير قياس، هاريا وو

١. جوئي چونڊڙ سٹنڊڙ سوئي، سڀ ڪنهن صورت آپ اهوئي
رهندو شڪ گمان نه ڪوئي، ڪيتس لک لباس

٢. جائي مُورت صورت سائي، نقش نقاش جي رمز اهائي
لک چوراسو هڪا وائي، وائي وائي واسُ

٣. سر اهيندي سڌ تنهان نون، اهو هوسي احوال جنهان نون
ڪيهي سو خبر خيال ٻنهان نون، نهين سو تول تپاس

٤. سمجهه **سچو** تون ڳالهه اهائي، اندر ٻار هڪا وائي
وحدت ديوچ ٻوڙ ٻيائي، خُودي ڪنون ٿي خلاص

ڪافي سُر بلاولي ٦٨

ساڏيان زاريان وي نال ماهيدي زاريان سؤ واريان وي

١. حسن تيڏي ديان ڇُلڪيان چِڙڳيان
بيحد بحريان باريان وي

٢. اکيان تيڏيان ماسُ يتيماندا
ڪرديان نت نهاريان وي

٣. مويان نون وي ميان مار نه پيارا
تيڏي نيٹان دي مين ماريان وي

٤. بره تُساڏي دل اساڏي ٿون
سنئيان سڀ وساريان وي

٥. زلفان تيڏيان سُنهاريان
ڳل **سچو** دي ڳاريان وي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ٦٩

توکي پيڙو چاءِ ڙي يار، جو آئين دردن جي دامان ۾

١. ڪنگري عرش اتي ڪل ملڪان
بيٺا ڪن صفت ثناءِ ڙي

٢. شاه منجهؤن تي چاڪر آئين
بيحد ڪيتئ بناءِ ڙي

٣. پاٹؤن چاٹي پانهجو هت
آئين لهڻ سُڌ سماءِ ڙي

٤. صورت منجهہ **سچو** جي ڪيڙئي
اهو اصل الاءِ ڙي

ڪافي سُر بلاولي ۽ قصوري ٧٠

ڪيئي ڪيئي، يار ڪيئي، نال ... ي تيڏيان ڳالهين

١. حال اساڏا معلوم تيئڪون، هيئي هيئي يار هيئي
٢. مئين تا رهيان لک ڏوراپي ڏيئي ڏيئي، يار ڏيئي
٣. بخش اسان کون هنئون، اساڏي پيئي پيئي، يار پيئي
٤. ياد ڪرين **سچو** ڳالهين اساڏين سيئي سيئي

ڪافي سُر بلاولي ٧١

ڳالهہ ڪرين ڪائي ميان ساڏهون آوڻ دي

١. وائي ننڌهان ووڪنين نہ سٹيان
جاني دي وو جاوڻ دي

٢. هجر اذارين گذ گذارين
آئي هڻ موسم ساوڻ دي

٣. اسان غريبان تون ڪڏهان نہ ڪرين
سُهٹا سائين چت چاوڻ دي

۴. سينــــي ديــوچ يــار **ســچو** دي
نـاهـين سـک سـمـاوڻ دي

ڪافي سُر بلاولي ۽ قصوري ۷۲

زاري زاري يار زاري، نال تيڏي لک واري

۱. نـال تـسـاڏي مـيـڏي آهـي
يـاري يـاري يـار يـاري

۲. محبت تيڏي سهڻا سائين!
ماري ماري مـئين مـاري

۳. آهـي تـسـاڏي ڳچيءَ اسـاڏي
ڳـاري ڳـاري يـار ڳـاري

۴. ڳالهہ **سچو** دي دست تُساڏي
سـاري سـاري يـار سـاري

ڪافي سُر بلاولي ۷۳

مـان پـريـن ڪي ڪـا پُوي، ڪـن فـريـاد اسـانـجي

۱. عشق جيون ماريون سٽو سيئي
اديـون ڙي نـاهـيـو اَوَهـي

۲. هن نماڻي جو يار سڄڻ ڪي
حــال وجي ڪــو چوي

۳. هيءَ تا هوتن ريءِ راتو ڏينهان
رانـــد روئـــڻ جي روي

۴. در دوستن جي ڪيئي آهـن
سچوءَ جيـهـا سـوي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ۷۴

اهي نياپا ڪو نيئي، منهنجا مارن کي ڏئي
۱. اچڻ اوهانجي جا وس وڏائي
ڪوڙين سي ڪيڙم ڪيئي
۲. ڏک ڏوراپا تا مُنجو اسان ڏي
حال اسان هت هيئي
۳. قسمت ڪو جو قلم وهايو
پري اوهان کؤن پيئي
۴. لوءِ اوهانجي ڏهن لوئي جا آنديم
ليڙان سا هت ٿي ويئي
۵. ڳالهيون سنگهارن جون سڻ **سچو** ري
ساه سيباٹم سيئي

ڪافي سُر بلاولي ۷۵

اها ڳالهه سڄڻ تنهنجي، ڪنهن سان آءُ تا ڪريان
۱. اوهان ٻاجهؤن سُپرين
ويئي هت ڏکڙا ڏريان
۲. هي سر سارو ساه سان
آڏو تنهنجي دوست ڏريان
۳. وره اوهانجي هت وساريا
پاڇاٹن کي پنڌڙا پريان
۴. دوست اوهان ريُ ديس انهيءَ ۾
سُورن جا ٿي سڏڪا پريان
سچو چوي سُپرين! تنهنجي صورت ري
ويئي سُور تريان

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر ٻلاولي ٧٦

لـڳيـان ھُڻ لـڳيـان، اکـيـان تـو نـال

١. سڀ سياليان وي ٻره تيڏي ڪنون
ٻـڳيـان هــڻ ٻـڳيـان

٢. نال تيڏي وو ڳالهيان ميڏيان
اڳيـــان هُـــڻ اڳيـــان

٣. سِر تـي ڳنديَمِ ماهـي واليـان
سڳيـان هـڻ سـڳيـان

٤. نينهن ديان نوبتان دل ساڏي تي
وڳيـــان هـــڻ وڳيـــان

٥. عشق جِنهان نون **سچو** آهيئي
تـڳيـان هـڻ تـڳيـان

ڪافي سُر ٻلاولي ٧٧

مـئـين اصـل ڪـنـون وچ پـانـد نـهـين
اهـا رمـز لـذي لـڪـان وچون وي ڪـنـهـين

١. ڪـيـڏي تـسـبـيح ڪـيـڏي وو سجاد رهـيـا
ڪــيــڏي قــيــدي ڪــيــڏي وو آزاد رهــيــا
صـورت مـرشـد والا سـر تـي بـار سـهـين

٢. ڪـيـڏي ذڪـر ڪـيـڏي وت فـڪـر ڳـيـا
ڪـيـڏي صـبـر ڪـيـڏي وت شـڪـر ڳـيـا
هــر هــر ٻــول ٻـچن نِتُ نِتُ ڳول لَهـين

٣. ڪـيـڏي هُل وت ڪـيـڏي هـنـگـامُ رهـيـا
انــدر ٻـاهـر اهـو سـرتـا اقـدام رهـيـا

Scanned by CamScanner

انـــهـــين نـــال آتـــين أنـــهـــين نـــال ٻـــهـــين
۴. **سچو** تـيـڪـون هـادي اهـا ڳالهـ ڏسـي
اتـــان آتـــان اهـــا وت چال ڏســـي
صدقي صدقي ٿيوون، ڪيتي بخش جنهين

ڪافي سُر بلاولي ۾ جوڳ ۷۸

هوت جي گولي، ني آهيان دوست جي گولي
۱. ڏئي ڏکيءَ جي ويا، هينئڙي ڪي هولي
۲. ڪين ڇڏيندو ڇپرين، هيءَ آرياڻي اولي
۳. سڪيس آءٌ نہ سرتيون! اها ٻاروچي ٻولي
۴. ڪئي انهن ڪاڻ مون، هت ڇيهاڙيون چولي
۵. ڏسندين اکڙين سان، اها تڪر ۾ ٽولي،
۶. انـــدر مـــنـــجهـــ اتـــاري، ڇر وڏي ڇولـــي
۷. جيڪي ڇيو جيڏيون، اها جهلي مون جهولي
۸. راه ڪيائون روه مؤن، **سچوءَ** ڪي سؤلي

ڪافي سُر بلاولي ۾ قصوري ۷۹

يار تيڏيان ڳالهين، ڳجهين سي تيڏيان ڳالهين
يـــاد اســـانـــون هـــويـــان
۱. حـــال اســـاڏا ڏيـــک ڪـــراهـــڻ
آءُ جانـــي گـــڏجالـــين
۲. سائين تون سڪندي نون نانوُ ڏٺيءَ دي
اپـــڻـــا مُک وڪـــالـــين
۳. ڏوٺ ڏوراپا تيئڪون ڏيوڻ نـهـين
سـا مـيـڏي مـجالـين

Scanned by CamScanner

۴. جا تُساڏي وو پڇي لڳي هئي

سا تون پيارل پالين

۵. مئين هميشه نال تُساڏي

سچو سو آپ سنڀالين

ڪافي سُر بلاولي ۸۰

اهو ساڏا اعتبار، هئي ڪنهين تي نيارو

۱. جيڪي ڳالهيان چوڪيان چوڪيان

ٿيوسي تنهين ٿون پچُ بيزار

۲. چاڻ رهيو سي نال يقيني

اي سڀ هئي گرد غبار

۳. اِهين ڳاهيؤن جڏهان تڏهان

ويسون تخت هزار

۴. لوڪان وچون ڪو هڪُ چائيسي

برهين والا بار

۵. **سچو** شبهاشڪ پنيوسي

لافتاح الاعلي لاسيف الا ذوالفقار

ڪافي سُر بلاولي ۽ پورب ۸۱

اوڏنهن رهبر آئي، ميڏي دانيان وي يار!

تساڪون وي ميان ٻهون پچندا

۱. سٽڻ نال وسرڳياسي

ملان جي سبق پڙهائي

۲. سڀ ڪنهن ويلي شوق سڄڻدي

دل تي شور مچائي

۳. آپي چاڻين ياد ڪتوني

سچو دي بخت سوائي

ڪافي سُر بلاولي ۸۲

هيئن مُنجن تا چيون، مونڏي مارئڙا ميان

۱. کهڙي ڏکون ويڙهيچن جون
ڳالهيون وسري تو ويون

۲.گهڙيون اُهيئي گهوريون
جي پوءِ سڄڻ ڪؤن پيون

۳. ڳالهيون ڳجهيون هت ٿيون ظاهر
عمر سان جي تو ڪيون

۴. پڪا پائر ڪنڌئين
وڃن ڪٺيريون ڪنيون

۵. اکڙين مؤن ميان سڄڻ **سچو** ري!
نينهن وهايون نيون

ڪافي سُر بلاولي ۸۳

آخوند سبق پڙهايا، ميڏي دانيان وي
اُهي سيئ ميان عشق وساريا

۱. حسن هادي دي دل ميڏي تي
هوجي حڪم هلايا

۲. زيران زبران وسر ڳيوسي
ورهي مينهن وسايا

۳. ملان سانون جي ياد هوندي
پني سي سوز پسايا

۴. عقل علم دي هڪو واري
خيمان عشق ڪڙايا

Scanned by CamScanner

٥. ڪيئي سائل سانون آکيءِ
سي تا يادنے آيا
٦. نال ڪرم دي سُڻ **سچو** ري!
ويڙها هي يار وسايا

ڪافي سُر بلاولي ٨٤

يار اسان ڏهون لکيان لکيان، ني پٽيان
١. وچ ڪتابت دي ڳالهين فراق ديان
ٻيلي لک مُتيان، ني وو تکيان
٢. سٽڻ نال رورو رهيان
ٻيلي مئين ڪيا جي وو ڏکيان
٣. وَلِ ولِ رووَنِ **سچو**، اهي اکيان
ٻيلي ڪيڏون الا جي وو سکيان

ڪافي سُر بلاولي ٨٥

مئين ماهيدي مستاني، وسدا دلبر دل وچ جاني
١. بره دي غمزي سوين هزارين
مار گهتيا اخواني
٢. عاشق هووين تا سرُ ڏيوين
ڳالهہ هيئي مرداني
٣. دائم دل وچ پائين جهاتي
رمز رهين روحاني
٤. چاڻ **سچو** بن عشق رانجهو دي،
وجهي سب ناداني

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ٨٦

اکيان لڳيان نال رانجهو دي، اکيان لڳيان نال رانجهو دي

١. مئين رانجهو دي رانجهن ميڏي
چوڙ ڪيڙا هڻ پڳيان

٢. نال رانجهو دي ميڏيان ڳالهين
اصل هونديان اڳيان

٣. روز ازل دي رانجهو واليان
سر تي ڳتڙيم سڳيان

٤. سڀ سيالين وچون سچو مئين
هڪا عشق رانجهو دي لڳيان

ڪافي سُر بلاولي ۽ آسا ٨٧

هڻ ڪيون ڪيتيءَ هڻ بي پرواهي، اسان غريبان دي نال

١. عشق تہ تيڏي صبر وساريا، خوني خنجر پرڪي ماريا
شاهد هئي سارا جڳ الهي

٢. آپ ڪنون چا دور ڪتوئي، دل اساڏي ڪون چا چُور ڪتوئي
من تيڏي وچ اصلدي آهي

٣. دامن تيڏڙي آ مئين پئيان، هوش عقل ڪنون هڻ مئين ڳئيان
بخشين گناه اسان ڪون ماهي

٤. در تيڏي تي لڪين دي سُوالي. ڳل وچ پهريم پهرڻ والي
سچو جيهي هن لکين وو سپاهي

ڪافي سُر بلاولي ٨٨

تون رب ڏاڍو بي پرواهہ، آءُ تا ڏڄان تنهنجي ڏاءُ

١. زڪريا ڪي ڪرٽ وجهائيُ
سمي ساه منجهاءُ

٢. ھو جو مکي کوڏيو
تنھنکي ڏنئي کيئي کھاءُ
٣. حسن مرائيئي حسين ماريئي
ڏيئي جيءَ جفاءُ
٤. کربلا منجھ قتل کرائيئي
ترس نہ پيڙءِ کاءُ
٥. ظلمي آھين رحمي آھين
جا وٺئي سا واہ
٦. **سچو** سر تي سڀ منين
سائين جيکا رب رضاءُ

ڪافي سُر بلاولي ٨٩

جھنگ ڪنون مئين چُتيان، نال سُھٽي دي مئين جالين
١. کھہ کيڙاندي طُول وھاٽي
بٹ گھتيسان قالين
٢. آپو چاٽي وو ميان ظاھر ٿيسن
اھي ڳجھيان تيڏيان ڳالھين
٣. عشق اساڏي ٻاڳي پئو ڳيا
نا تا ٻيان بي سئين سيالين
٤. عشق رانجھو دي زوران زوري
خوب کيڏيان چالين
٥. سڀ سيالين صحي کريسن
ويک کي اکيان آلين
٦. **سچو** سنيالان کچي والي ديان
نِتُ نِتُ کرائن نالين

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ٩٠

آهين ڪون جو تو ٿئين، آهين ڪون جو تو ٿئين

١. وس نہ آهين پانهنجي ميان!
وڃي پرديس پئين

٢. جاڏي ڪاڏي آهي اهوئي
ڇا مرين ڇا جيئين

٣. جان جٿو اهو جاني آهي
اهو لائج ساڻ هنئين

٤. وحدت واري واديءَ جي ميان!
ڳالهہ اٿئي ائين

٥. نانءُ سڏائين ڪهڙو ميان!
وڃون پاڻ تون وَئين

٦. نشان ڪج تون نينهن مؤن
ٻي ڪيهي نشاني نئين

٧. **سچو** سچيءَ ڳالهہ جو ميان!
ڏسُ اِهوئي ڏئين

ڪافي سُر بلاولي ٩١

هئين مُنجن تا چيون، مونڏي مارئڙا ميان

١. ٻالا ٻڙچيون نينهن جون وي ميان!
اڇن خنجر ڪنيون

٢. ڪرڙ ڪڪوريا قوڳ ڦلاريا وي ميان!
سير ڪرن مر سنيون

٣. ڳجهہ اندر جون ڳالهڙيون،
ڪالهہ عمر مون سان ڪيون

۴. **سچل** هاري هنجون
نين وهن نت نيون

ڪافي سُر بلاولي ۹۲

ڀاڻ وچ تہ ناهيون، ڀڙي جيڏيون ڪيئن ٿيون ڇاٽو
۱. جوئي آهي سوئي آهي
اسين اصل ڪؤن ناهيون
۲. شوق منجهارون شهہ درياوان
لڪين وهن ٿيون واهيون
۳. جي نہ چون ٿا ڳالهہ اهائي
بره لائي ٿو ٻاهيون
۴. ورد وارن تي حال اهوئي
ڏک نہ ڏسن ڏاهيون
۵. مستيءَ وارا حال انهيءَ سان
ڏِنوَ **سچو** وجن ڊاهيون

ڪافي سُر بلاولي ۹۳

ريجهہ رهين سهڻا! ريجهہ رهين
اسان ايوين ڪرون جيوين تون ريجهہ رهين
۱. بسمي لاڪي ٿيوون ٻيوتي، ڦيريان ڏيڪر ڦرون لاهوتي
اهين ڳالهين رنگ رهين وو رهين
۲. چوتي ڪرڪي ميان نانگي ٿيوُن، مست پيالي مئي دي پيوُن
سڌ اساڏي لهين وو لهين
۳. بازيگر تي لڪڙي چڙهيوسي، ڪجري هو ڪرتپا ڳائيوسي
حيلي آوين من ڪنهين وو ڪنهين
۴. وچ بازار دي ناچ نچيسون، دف دمامي ناد وڄئيسون

Scanned by CamScanner

رل اسان نال ٻهين وو ٻهين

٥. رچان وانگر راڙان ڪريسون، ٻولي ٽيڪر مُجري ڀريسون

تاهي اهين من تهين وو تهين

٦. **سچو** ڪريندا حيلي هزارين، ڪنهن ڏينهن اپٽا سڱ سنڀارين

تيڏا مشتاق هان مهين وو مهين

ڪافي سُر بلاولي ٩۴

ڪيهي ڳالهيون چرلايوئي، ميڏي دانيان وي ميان

ديس اساڏڙي ميان الله آٽيئي وو ميان

١. ڏيک اساڏي عيبن ڏهون

چِتُ اسان ٽون چايوئي

٢، اوڳڻ ميڏا سهٽا سائين

ڏيک نظر ڪون آيوئي

٣. سهٽا اساڏا موک سيئي

وات سا وره وڏايوئي

۴. جو ڪجهه آکيوئي سٽيا مئين سيوئي

اصل ڪنون ازمايوئي

٥. وچ هزاري خبران پئيان

ويڙها سچو دا وسايوئي

ڪافي سُر بلاولي ٩٥

جان جسم ڏونهين گم هوياوي، هويا وي وچ جانان دي

١. وسر ڳئي اهو ڪوزا سارا، مئي والا ول خم هوياوي هويا وي

٢. ڪيا گداءُ گدائي والا، شاهنشاهي هئي دم هويا وي هويا وي

٣. ابر لٿي شمس ٿيا ظاهر، نهين ڪوئي هم تم هويا وي هويا وي

۴. **سچو** بي هڪ خيال چاتو سي، خيال سارا بي غم هويا وي هويا وي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ٩٦

سچو نانءُ ٿو سڏائين، ڇوُ تہ ڪاٿي تون آهين

١. ڇاٽي واٽي پاڻ کي ميان! ڪيئن ٿو ڀول ڀلائين

٢. خُوديءَ واري خيال کي، ميان! راه انهي ٿو رُلائين

٣. پير مٿو آگريون ميان! نانءُ پيا ٿو رکائين

۴. ڪاٿي پيدا نہ ٿئين ميان! ڪاڏهون وري تون آئين

۵. نانءُ اهو ناپيد ٿيو جو، **سچو** اصل ڪؤن تون ناهين

ڪافي سُر بلاولي ٩٧

اچن ٿا پرين اچن ٿا، سل ڪي ساٿي اچن ٿا وو

١. طرف اسانجي هُين تياري
ڀهر اجان ڪي ڀچن ٿا

٢. اديون آتش عشق جا
من ۾ ڪي مچ مچن ٿا

٣. پسڻ ڪارڻ پرين جي
نينهن وارا هت نچن ٿا

۴. **سچو** سورهيہ ڪيترا
رنگ انهيءَ ۾ رچن ٿا

ڪافي سُر بلاولي ٩٨

هر صورت ديوچ موليٰ ڪيها حڪم هليندا يار

١. مظهر وچ منصور دي، ٿيا اناالحق اظهار
مل ڪر ملّيان ماريا، اهو سولي دا سردار

٢ بحر بره دا زور پيا رکيا، عشق اُتاهين آرُ
وس نکو منصور دا، اتي مُليان نهين ميار

٣. ”من خدايم“ آکدا، اُهو عارف شيخ عطار

Scanned by CamScanner

مست اتاهين ماريا، اهو شائق شاهسوار

۴. "اسجدواني" اينوين آکيا، تبريزي تڪرار
ڪل لڳان ٿون لاه ڪي اٿان، نينهن ڪتس نروار

۵. **سچيڏنا** سنسار وچ اٿان، هوڻ هئي هوشيار
وچ جو گهڙيسين هڪ ۾، توڙي ڳڻيندئين لک شمار

ڪافي سُر بلاولي ۹۹

رکين يار جو خيال، ڪوڙا ڇو تو ميڙين مال

۱. تڏهن طالب ڪونجين
جڏهن ڇڏين سڀ جنجال

۲. هلي وڃ حال ڪي
ڪلي ڇڏ قال

۳. وڃي وڃ وره جي
جو ڪونيو ڏئي ڪلالُ

۴. **سچيڏنا** سڀ ۾
اٿئي جانب جو جمال

ڪافي سُر بلاولي ۽ جهنگلو ۱۰۰

يلا يلا لائي لائي مئين نال لائي

سهڻي يار وي ميان لائي، سو ڏاڍڙي لائي

۱. پاروُن سڄڻان دي ميان، طرف اساڏي
پاڇي سابره دي آئي آئي

۲. ساري جهنگ ٿون دلڙي اسان يي
روز ازل ڪنون چائي چائي

۳. ڳالهه اهين وچ امان پيٽيان
وير نه تيسن يائي يائي

Scanned by CamScanner

۴. ڇوڙ هـزارا رانـجهـو سـو آنـدا
اهـا مـئين سـٽـيـنـديـان وائـي وائـي
۵. آڳ عـشـق دي سـيـنـي انـدر
يـار **سچو** پـڙکـائـي کـائـي

ڪافي سُر بلاولي ١٠١

اسان يتيمان ڏهون يار، سگهڙي آوڻ دي ڪر ڪائي
١. هجر تساڏي ڪاهل ڪيتا، برهين چاڙهيا بار
مـئين تـون ڪـيـون تـاتـو دل چائـي
٢. اگڻ اسـاڏي آءُ پـيـارا، رووان زارون زار
مـئين ڪـنـي آءُ تـيـوين ڏک پـائـي
٣. راتو ڏينهان لڳ رهي هي، تن من تيڏي تار
مـيـڏي نـال تـسـان ڏاڍي لائـي
۴. مين تا اصل، ڪون آهس، تيڏي پيراندي پيزار
تـئـيـڪـون مـعـلـوم ڳالـهـہ سـيـائـي
۵. در تيڏي دي ٻانهين، **سچو** جيهي لک هزار
اهـا هـٿ بـزاريـن وائـي

ڪافي سُر بلاولي ١٠٢

پـلا پـلا چائـيـنـدا چائـيـنـدا
اسان نون نہ ڇوڙيندا هو ڇوڙيندا
١. ڏونـهـين رل ڪـرمـيـان چلـون هـزاري
اهـا تـا ڳالـهـہ ڏسـيـنـدا ڏسـيـنـدا
٢. جهـنـگ ديـان ڳالـهـين ڇوڙ اتـاهـين
اڳون تـا ڪـون پُڇيـنـدا پُڇيـنـدا

Scanned by CamScanner

۳. اتــــون جو ويـــــــون ول نــــ آســـون
اهـو سـو پـول پـولـيـنـدا پـولـيـنـدا
۴. جهيـڙي جهـڳڙي تـون ميـان! چـٽ پـيـوسـي
اهـي دلاســي ڏيـنــدا ڏيـنــدا
۵. اســـان تـــســاڏا ديـــس اهـــوئـــي
سچو سـو ديـس وسـيـنـدا وسـيـنـدا

ڪافي سُر بلاولي ۱۰۳

سدا جيندا هووين هووين، چيري والڙا تون روز قيامت تائين
۱. جتان تون وسدئين، ميان نال خوشي دي
هـــوون آبـــاد ســي جائـــين
۲. اســان نمــاڻــيـان ديــان در الله دي
پـــيـــان قـــبـــول دعـــائـــين
۳. نــال اســاڏي تــيــڏيــان هــويــان
لـــک هـــزار پـــلائـــين
۴. اڳڻ **سچو** دي نــانــؤ ســائــين دي
ســگـــهـــڙي واڳ ولائـــين

ڪافي سُر بلاولي ۱۰۴

ويـهـي هـٿ ڪـيـئـن وسـاريـن
پـريـن تـوکـي پاڻ پـڇن ٿا
۱. جيـهـو تـيـهـو آهـي اسانـجو
چئو جو ٗوست چون ٿـا
۲. ڪڏهن ماندو متان ٿئين تون
تــنــهــنـجي اڳڻ اچن ٿـا

Scanned by CamScanner

٣. جڏهن ٿين ٿيون هٿ سنپاران
تڏهن هٿ پور پون ٿا
٤. پرين تو ڪؤن پري نہ آهن
ويڙهي چڻ تہ وسن ٿا
٥. ماندو متان ٿيين خوش **سچو** ٿي
اڄ گوشي گڏجن ٿا

ڪافي سُر بلاولي ١٠٥

تو سان يار عاشق منهنجي پريت اصل ڪؤن پيئي
١. اصل منهنجو عشق تو سان
ڪوڙين آهن ڳالهيون ڪيئي
٢. ڪڏهن مُڪُوَ ڪونہ اساڏي
نياپو ڏک جو ڏيئي
٣. اسين توئي سان هڪ ٿينداسين
وڇون وائي هجر جي ويئي
٤. سيئي سانيج ڳالهيون اسانجون
جاني ڪيڙم تو سان جيئي
٥. جيئي ڪيا هُنم قول توئي سان
سچو پاريندس سيئي

ڪافي سُر بلاولي ١٠٦

اها ڳالهہ سڄڻ تنهنجي ڪنهن سان ڪريان
١. اوهان ڀاڄهون سپرين!
ويئي آءٌ هٿ ڏکڙا ڏريان
٢. هي سر سارو ساه سان
آڏو تنهنجي دوست ڌريان

Scanned by CamScanner

۳. ورهـ اوهـان جي هـت وسـاريـا
پاچاٹين کي پنڌڙا پريان

۴. دوسـت اوهـان ريءَ ديـس انـهـيءَ ۾
سُورن جا ٿي سُڏڪا پريان

۵. **سچو** چوي سپرين! تنهنجي صورت ري
ويـتـي سـور تـريـان

ڪافي سُر بلاولي ۱۰۷

آهي تيڏڙي نال، سهڻا ساڏي زاري زاري

۱. مئين تا تيڏي هوءِ جو رهيان، جيوين وٹئي تيوين پال
تـيـڏي نـال يـاري يـاري

۲. اگڻ اسـاڏي آءُ تـون دلـبـر. ورق وچڙي دا وال
مـيـان تـيـڏي مـاري مـاري

۳. اوڳڻ ڏهـون ڏيـکـين نـہ مـيـڏي، آءُ ٻـلا مـڙيـال
واري واري لـــــک واري

۴. ياد اسان کون رهـ ڳئي دل تي، ڳجهي جا تيڏي ڳالهہ
پـيـارا سـاتـو پـاري پـاري

۵. **سچو** هئي سگ در تيڏي دا. نانوءَ ڳڏي هُڻ نـال
جنـهـن دي ڳـل ڳـاري ڳـاري

ڪافي سُر بلاولي ۱۰۸

غم وچ ڏينهن گذارڻ، هيئي ڪم ڪنهان وو مرداندا وه واه

۱. عـاشـقـانـدا ڪـم اهـو نـاهـين
ڪـو دم دوسـت وسـارڻ

۲. دلـبـر ٻـاجهـونڻ روز حـشـر هـي
هـڪ گـهـڙي تـنـهـان گـهـارڻ

۳. دردمـــنـــدان کـــون دم اهـــوئـــي
ســاعــت ســاعــت ســنــيــارڻ
۴. چشـــم انـــهـــانـــدي لـــڳي اٿـــاهـــين
هــيــڏي هــوڏي نــہ نــهــارڻ
۵. کـــم ســـجڻ دا **سچو** جيـــارڻ
ذري ذري وري مـــــارڻ

ڪافي سُر بلاولي ۱۰۹

ساٿـي منـهـنجي يـار کي، ساري ڏيـج سلام
۱. پـرت منـهـنجي روز ازل کؤن
تـوسـان مـحـب مـدام
۲. چئي مکا هُوَ يار سڄڻ ميان
اچـــڻ جـــا انـــجـــامَ
۳. اوهـــانـــجي نـــي يـــار اچڻ جا
هـــل پـــون هـــنـــگـــام
۴. **سچوءَ** جيها کيترا ميان!
تـــنـــهـــنـــجي در غلام

ڪافي سُر بلاولي ۱۱۰

طلسم افلاطون بنائي ڏسي سا سينگار جي
۱. سکندر ليکي سال لنگهي ويا
ساعت هُئي هک وار جي
۲. نـظـر نــہ آيا بـاغ بـاغيـچا
حِرفت هئي هوشيار جي
۳. ڪاني ءِ اک جي کؤن ٿيو ٻاهر
سڌ پيس سنسار جي

Scanned by CamScanner

۴. چوري پاتشاه اُتي ڪئي
ٻولي ٻُڌائي ٻُلڪار جي
۵ وري واريون جاءِ انهيءَ ڪؤن
خبر پيس اسرار جي
٦. اصل اُهوئي هن جهان جو
ڳالهہ اتؤ اعتبار جي
٧. دنيا هڪدم آهي **سچو** ري
بازي سا بازيگار جي

ڪافي سُر ٻلاولي ١١١

اول ڪاءِ غوطہ تيءُ گم، پڇي مار شاهي دا دَمُ
١. اڇڻ انهيءَ پڙ ۾
ڪڇن ڪونهي ڪم
٢. شادي غمي عام ڪي
غازن ناهي غم
٣. پئو تصور ان ۾
شاغل سان دم دم
۴. **سچل** چوي اتهين
تون قابو رک قدم

ڪافي سُر ٻلاولي ١١٢

تيڏيان مزگان قئبر ڪاري، هر دم مارن مشتاقان ڪون
٢. راتو ڏينهان رنگ اهين وچ
خوني رهن خماري
٢. تيڏيان مثل عقابان
شوقي رهن شڪاري

۳. تنهن ڏينهن لاکون دلبر سائين
ڪجليان هن قهاري
۴. مشتاقان کون محض مريندیان
هوءِ هوءِ حسن هزاري
۵. نيٺان تيڏيان ناگهه آٺيندیان
بره **سچو** تي باري

ڪافي سُر بلاولي ۱۱۳

منهنجي زاري زاري، سهٽايار توسان
۱. معلوم توکي ڳالهه اسانجي
يار سڄڻ سا تہ ساري ساري
۲. هي تا هِيٽي واؤ وهيٽي
بره اوهانجو باري باري
۳. دوست هِئين ۾ يار پيارا
گهوٽ نہ وجهج گهاري گهاري
۴. اصل لاکون آهي توئي سان
يار اسانجي ياري ياري
۵. طرفؤن تنهنجي يار **سچوءَ** کي
آهي ڳچيءَ ۾ ڳاري ڳاري

ڪافي سُر بلاولي ۱۱۴

محمد دي مظهر وچ، هويا نور نظارا وي
۱. حق ظهورا تنهين وچ ڪيتا
سڻ تون يار پيارا وي
۲. هرگز ٻئي طرف نہ وؤڙين
ويک اٿان وٺجارا وي

Scanned by CamScanner

۳. وچ منـاري محـبـت والـي
سج چنڊ سؤ ستـارا وي

۴. ذري ذري تون جهاتي پاوين
ويـکـين نـور نـيـارا وي

۵. آپ نــہ ڇاڻ سـڃاڻ اِهڪُون
هوش رکين هوشـيـارا وي

٦. خُودي کنون تا بي خود ٿيوين
عـين هُئـين اظـهـارا وي

۷. اسم جسم تي ويک کرا هُڻ
ڀــل ڳئــي بــيــچارا وي

۸. قدمان هيٺ پهلي سرُ ڌرڻا
تا گَل پوئي سر سارا وي

۹. انـدر اوئي پاتـشـاه ٻوليندا
سچو مـحــل مُهــارا وي

ڪافي سُر بلاولي ۾ ڀاڙي ۱۱۵

کـهـڙي ديـسؤن آيـو، اديون ڙي هـي پـرديـسـي

۱. ذات اهيندي وو مئين نہ ڄاڻان
جنـهـين تـا چـيـتـڪ لايـو

۲. ڳل لائي ڪفني دست پهوڙا
رکي نـہ ڪـنـهـنجو رايـو

۳. مُنهن مشعلان تنهندي ٻلدي
زُلــفـين رنــگ رسـايـو

۴. اڱڻ اسـاڏي سـيـئـي آئـي
جنـهـان تـي ڏور ڏسـايـو

Scanned by CamScanner

۵. مئين نہ چاتا رانجھو آھا
ڀيو تنھين پير بنايو
٦. ھتون جوڳي دي سڻ سچو ري
مئين تا ھينئڙو کسايو

ڪافي سُر بلاولي ۽ ڀھاڙي ١١٦

تنھنجو ديسڙو وسي وو
ڀلاڙي ني پرديسي
١. اڱڻ يتيمن جي آءُ تون دلبر
آھيون نماڻا اسي
٢. سر اسانجي راتو ڏينھان
نينھن جو مينھڙو وسي
٣. چشمن ٿنھنجي چيٽڪ لايو
ويون منھنجي دل کسي
۴. اچڻ اسانجو آھي توئي ڏي
ڏيھہ سندءِ کو مون ڏسي
۵. پارون تنھنجي سڻ سچو ري
نڪو سو رھبر رسي

ڪافي سُر بلاولي ١١٧

سانون ڀلي ڀلي، لايئي يار وي
١. ڳالھين ظاھر ديان وي وسر ڳيوسي
ياد رھي تيڏي ڳلي وو ڳلي
٢. ڳالھہ ڀيائي دي وو دل اسان ڏي تون
ساري سا ٿلي وو ٿلي

Scanned by CamScanner

۳. جيهي تيهي در تيڏي دي
نال تيڏي هُڻ رلي وو رلي
۴. آگ عشق دي يار **سچو** وچ
آهي سا هُڻ ٻلي وو ٻلي

ڪافي سُر بلاولي ۱۱۸

عشق الله دا هيءَ زور زور، ڪئي ماڻهو هِن ڏور ڏور
۱. دين مسلا هٿ ڪتوئي، لک لک ڪاغذ ڪوڙ ڪوڙ
ڪُوڙي واعظ ڪهڙي ڪريندئين، پا ڳچي وچ نوڙ نوڙ
۲. اهين خاڪي جسم ڪون اينوين ڏووين، جيوين چٽا ڪپڙا اوروڻ اور
هستي دا اهو ڪوٺ ڀنين چا ڪر دوئي ڪون ڀور ڀور
۳. ملان جي قاضي حڪم چليندي، حاڪم ڪردي جور جور
نفس ڪتي دي رشوت ڪاندي، مار تنهاندي گور گور
۴. اندر ٻاهر اسم اهيندا، ٻئي سڀ خيالين تروڙ تروڙ
عشق اُهيندي غلبا ڪيتا، ڳيا اندر دا چور چور
۵. جو هوسي طالب يارڪا، آسي نانوءُ اُسي ڪا وڙ وڙ
وچ اهوئي ڳول جو لهسين، سِرُ اُهين توُن گهور گهور
۶. نانوءُ **سچو** دا گم هويا، جيوين سمندر وچ لوڙه لوڙه
هادي مئڪون بره بتايا، آءُ مچايُس شور شور

ڪافي سُر بلاولي ۱۱۹

عشق پيوسي زور زور، ڪٿ مُليندي ٿوڙهہ ٿوڙهہ
۳. عاشق عشق الهہ دا چاوڻ
چڪ ٻڌيا سي ڏور ڏور
۲. زيران زبران ڪيهان پڙهيوني
هن حرامي نور نور

Scanned by CamScanner

٣. لِک لِک ڪاغذ ڪيتوني ڪالي
هن ڪتابي چور چور
۴. پير همارا عبدالحق هئ
نهين نانئ هادي دا اؤر اؤر
۵. جي وت يار **سچو** ڪون نهين منيندي
ڪلا خارجي ک

ڪافي سُر بلاولي ١٢٠

جب سمجهہ پڙي آهي دلڪون، تاهان اي جڳ سارا مئن وو مئن
١. جهنگ سيال پي سيل اسا ڏا
تخت هزارا مئن وو مئن
٢. هر ڪنهن طرف هي ويک وڳايا
عشق نغارا مئن وو مئن
٣. محبت دي ميدان دي اندر
ماريا نعرا مئن وو مئن
۴. ڏونهين جهانين وچ **سچو** ري
هان بيچارا مئن وو مئن

ڪافي سُر بلاولي ۽ پيلو ١٢١

ساري راڄ تيڏي دي مئين گولڙي گولڙي هوسان
شالا اسان ڏهون مهر پوئي
١. ايڏي اوڏي وي ميان! مول نہ ويسان وي
يار سُهڻا تيڏي جهولڙي جهولڙي هوسان
٢. سر پيراندي وي ميان لڳڙي هان مئين وي
انگ وي تيڏي دي مئين چولڙي چولڙي هوسان

Scanned by CamScanner

٣. لوڏ ڪتياندي وي ميان دلبر تيڏي وي
رچڙا يا وت مئين پولڙي پولڙي هوسان
٤. روز ازل ڪنون ميان سڻ **سچو** سائين وي
نانوُ تيڏيدي مئين گهولڙي گهولڙي هوسان

١٢٢ ڪافي سُر بلاولي پيروي ۾ بر99

اهو سيل ڪريندڙ ڪؤن هويا
هڪ تون هووين اور ڪوئي نهين
١. بي جسم تڏهان برحال آڪيئي
اِهان جسم چائيندڙ ڪؤن هويا
٢. آپ يد رُجل ڪنون پاڪ آڪيئي
وت پير گهميندڙ ڪون هويا
٣. اُهان حڪم آپي اظهار ڪيتئي
اهان ڳالهہ منيندڙ ڪؤن هويا
٤. وچ ذات صرف چپ چاڻ اِتان
اُتان هل ڪريندڙ ڪؤن هويا
٥. بي گوش زُبان جو آپ آڪيئي
وت ڳجهہ آکيندڙ ڪؤن هويا
٦. لامڪان تون آپ ڪون آڪيئُ
اتان محل اڏيندڙ ڪؤن هويا
٧. اناالحق آپي اظهار ڪيتئي
وت دار چڙهيندڙ ڪؤن هويا
٨. آدم هوڪي امر منايئي
عزازيل سڏيندڙ ڪؤن هويا
٩. محمد صہ آپ تي نامُ ڪيتوئي
انڪار آٿيندر ڪؤن هويا

Scanned by CamScanner

۱۰. ايڏون آپ امام تي عُلو ڪيتوئي
اوڏون جنگ جُنبيندڙ ڪؤن هويا
۱۱. وچ نام حسن ع دي صبور رهي
ڦر زهر پليندڙ ڪؤن هويا
۱۲. بازي آپ لاوين ساري آپ سي تون
وت اور کيليندڙ ڪون هويا
۱۳. دونون جڳ ۾ چلاوين حڪم سارا
سچو رمز رکيندڙ ڪؤن هويا

ڪافي سُر بلاولي ۱۲۳

خُوني نيڻان دي رمز، صحيح مئين سُڃاتي وو

۱. شمع حُسن دي دا ويک تجلي، وسر ڳيا سڀ مسائل مُصلي
اڏر پئي دل اتان مئين چاتي وو
۲. مزگان محب ديان قئيبر کاري، پيچا پيچ هويا زلف هزاري
مار گهتيُسِ جڏهان پاتُس جهاتي وو
۳. پچي ول رُخ تي نقاب گهتيوني، ڏاڍا درد فراق ڏتوني
آندا ڪوئي نا اوڏنهن خاطي وو
۴. محو ٿيان ساٿون ڪُل ڪتابان، رُخ وچ نهين ساڏي ڏوه ثوابان
عشق ڳڏي ميڏي چاتي چاتي وو
۵. دل وچ آکان مئين عرض ڪريسان. سِر صدقي مئين سهٽي تون ٿيسان
هو رهيان گنگ ٻاتي وو
۶. سُولي تي منصور چڙهوتا. سعي ڪرتي شوق ڪڙوتا
سچو عشقدي ڪراتباتي وو

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ۾ پوربي ۾ جوڳ ۱۲۴

عاشقاندي ديري ديري. دلبر آوڻا آهي

۱. قدمان تيڏي توُن سهڻا سائين!
گهول گهتان سڀ ڪيڙي ڪيڙي

۲. ڪڏهن ٿيسي ڏينهن اُهوئي
آکي وسين تون ويڙهي ويڙهي

۳. دم اسان ڪنون دور نہ جاوين
هووين سدا شال نيڙي نيڙي

۴. وس اسا ڏا ڪوئي نہ لڳدا
مولي تُسانڪون ميڙي ميڙي

۵. لتي اسان ٿون سُڻ **سچو** سائين!
جهنگ سيالاندي جهيڙي جهيڙي

ڪافي سُر بلاولي ۾ ڪنيات ۱۲۵

بيرنگي تصوير، مولاوي. سهسين رنگين وچ سمائي هي

۱. آپي ڳاتا آپي بجاتا
آپ سميعُ بصير، مولا وي

۲. ڪٿان ليلي ڪٿان مجنون
ڪٿان نينگر پير، مولا وي

۳. ڪٿان صاحب حڪم چليندا
ڪٿان سڏيندا فقير، مولا وي

۴. **سچو** هر جا رنگ رانجهن دا
حاجت نهين تقرير، مولا وي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ۱۲٦

خاص خداوند ہے، پاک خداوند ہے
گاہے شرف بوعلی، گاہے ابیچند ہے
۱۔ گاہے سو آسودگی، گاہے پراگند ہے
گریان سوزان ہے، گاہے خندوخند ہے
۲۔ گاہے سو شہباز شاہ، گاہے سو مروند ہے
عرب عجم روم شام، ساگی سوئی سندھ ہے
۳۔ راہ حقیقت رہا، فکل نہ کوئی فند ہے
گاہے بے قید ہے، گاہے دربند ہے
۴۔ سچل ساکن نہیں ہرجا، اوباشند ہے
پیر عبدالحق ہوا، جان میری جند ہے

ڪافي سُر بلاولي ۱۲۷

ڪئيسا رنگ بنائيندا، شهه وت رنگا رنگ رلائيدا
۱. هيئين تون پاتشاه جهاندا
پيوئي غرض گدائيدا
۲. اندر ٻاهر هڪو آها
ڪنهن ڪنون دوست ٻُلائيدا
۳. عاشق عشق معشوق هڪو ٿيا
ڪيتُس جور جدائيدا
۴. خاڪي محل بناءِ ڪراهُڻ
آدم نانوُ سڏائيدا
۵. جنهنڪون خبر خيالدي ناهين
هيءُ سو ٻڪ چائيدا

Scanned by CamScanner

٦. **سچو** صبر اتاهين ڪرڻا
مٽڻا نانؤ وڏائيدا

ڪافي سُر بلاولي ١٢٨

سمجهي پرجهي نال يار سڄڻ سان، نينهن نسورو لايو ڙي
١. عشق نار احتراق اٿو
فائق هئين فرمايو
٢. محبت منجهه مجازن ڇا ڪيو
جن ايڏو سوز پرايو
٣. ليليٰ تي مستانو مجنون
جنهن حال ۽ قال وڃايو
۴. رانجهن تخت هزاريدا سائين
چاهون چاڪ سڏايو
۵. سيفل سوز بديعل جي مون
واتين ورهُ وسايو
٦. اعليٰ عشق انهيءَ ڪؤن آهي
ڀيو حيلو ڪونہ هلايو
٧. محبت جي منصور مقابل
سُور ئي پاڻ سلايو
٨. شمس ڪڍي شمشير بره جي
جنهن ڪل ڪي خان ڪلايو
٩. **سچو** عشق هاديءَ جي سان
قلب ۽ رُوح رلايو

ڪافي سُر بلاولي ١٢٩

بسم الله وي بسم الله سُهڻا آيا آڪان بسم الله

مٺين صدقي ٿيوان، بسم الله رد بلا وي رد بلا
مٺين واري جاوان بسم الله
١. نال غُماز دي دلبر آندا، سبز چيرا سر ڪج ڪُلاه
٢. پيچان پيچ زُلف ظالم دي، تنهندي زبر ڪيتا زلزلا
٣. ڪل عاشقاندي آڻ گهتيوئي، اهو صورت والا سلسلا
٤. ناز نيڻاندي عاشق ماريوئي، پيا غازياندي گهر غلغلا
٥. حُوران ويک حيران هويان، اِهو ويڙهي ويڙهي ولولا
٦. چشمان تهنديان باشي بحري، ڪرن جوش واليان تي سو حملا
٧. سُهڻي صورت ويکڻ نالي، هڻ **سچو** ڪريندا الاالله

ڪافي سُر ٻلاولي ١٣٠

اسين پاڻ ڪؤن وياسين. ڪنهن جاءِ ٻي پياسين
١. پاڻ ڪؤن پاڻ نڪري ڪري
ڪنهن راه ۾ رلياسين
٢. سنها ٿلها سقرا
سڀ چوليءِ هڪ چناسين
٣. اهي هوڪا حقيقت جا
اسان ڏيهہ منجهہ ڏناسين
٤. جيڪي هُيڙو سو ٿيو
اسين ساڳين سي ٿياسين
٥. ويندي اُنهي واٽ تي
اسين جهنگن ڪين جهلياسين
٦. توڙي پليو پاڙيچن تابي
رتي ڪين رهياسين
٧. موٽي موٽڻ جي سعي
اسان وڏا وس ڪياسين

Scanned by CamScanner

٨. حاضر آهيون سڀ حاج ۾
اسين گولن ساڻ گڏياسين
٩. موج اڙهي مهرياڻ ۾
تنهن پار لنگهياسين
١٠. **سچل** نانءُ سڏائي اسين
ڪن منجهه لڪاسين

ڪافي سُر بلاولي ١٣١

چشمن يار جي مون تي، چؤ جا چوٽ چلائي
١. درد مندن جي دل اچانڪ
آٽي عشق اڙائي
٢. اسان عاشقن تي ازل ڪؤن
تنهنجي حسن هلائي
٣. عاشقن جي ناز نياز سان
نين سُرت سپائي
٤. دل اساڏي تي سُنوري سرتيون
نؤبت نينهن وهائي
٥. ٻنهي اکڙين سيف ستم جي
چوڏاري چمڪائي
٦. ٻڙچي ٻره جي سيني
سچو جي خيال ڪپائي

ڪافي سُر بلاولي ١٣٢

ويهي هت ڪيئن وسارين، پرين توکي پاڻ پُڇن ٿا
١. جيهو تيهو آهين اُسانجو
چئو جو دوست چون ٿا

٢. ڪڏهن ماندو متان ٿئين تون
تُنهنجي اڱڻ اچن تا
٣. جڏهن تين تيون هت سنياران
تڏنهن هت پور پون تا
٤. پرين توکؤن پري نہ آهن
ويڙهي تنهنجي وسن تا
٥. ماندو متان ٿئين، خوش **سچو** تي
اج گوشي گڏجن تا

ڪافي سُر بلاولي ١٣٣

لڳا عشق متيان هڻ چُڪ رهيان
انهان سياليان دي وو صلاح ڪنون
١. سنيان سڻو سيئ، رل مل رانجهو
آءُ وسي سو ساه پساه ڪنون
٢. جي مئين تون پوچو تڪرار ٿيوي
ساري ڳالهہ حاصل ويساه ڪنون
٣. ملامت چاوڻ سر موڙ ڪڙين
اِهين عالم دي وهواه ڪنون
٤. **سچو** سرهادي دا حال جُهليا
گوشا گهن ثواب گناهہ ڪنون

ڪافي سُر بلاولي ١٣٤

يار مرشد تنهنجيون ديدان، مشتاقن کي مارن ٿيون
١. چڪي تہ هڻن ٿيون چوه منجهان، ميان!
ڪان تي جو پچائن ٿيون

۲. ڏسڻ سان ڏور وجهن ٿيون
دامُ دلين جو ڊپائن ٿيون

۳. شهبازن جان ڪرن ستونا
گهور انهي سان گهائن ٿيون

۴. جاڏي چڙهن تاڏي بره براقان
پير رڪيب نہ پائن ٿيون

۵. سچوءَ جهڙا لکين تہ هزارين
ڪئين ڪرنش منجهان ڪنبائن ٿيون

ڪافي سُر بلاولي ۱۳۵

هي طلسم گهڙيءَ جا، جاروُن جوڙيائون ڙي پلو

۱. تنيا ٿوٽيون ڏئي ڪري
هڪ محل اڏيائون ڙي پلو

۲. تنهن ۾ ساز سرود پيا پي
غمزا گڏيائون ڙي پلو

۳. درد ريچا طاق وري
نہ ڦهہ ناهيائون ڙي پلو

۴. دائم ٻن دَرن ۾ وري
وِرهہُ وڌائون ڙي پلو

۵. پڪو در پريت جو
ڏس قابو ڪيائون ڙي پلو

٦. انهي مؤن اسرار ڪئين ٿي
ٻاهر ڪڍيائون ڙي پلو

۷. ويهي اُن درن مؤن ٿي
ڏوروُن ڏنائون ڙي پلو

Scanned by CamScanner

٨. سچو هتيارن رئ ٿي

ڪوڙين ڪنائون ڙي ڀلو

ڪافي سُر بلاولي ١٣٦

آپي محرم هويا مهين دا، آپي محرم هويا شهه جي
١. نہ مئين ياران نال ياري جو لائي نہ مئين عشق ڪمايا
نہ مئين وچ تماشي جو آئي نہ مئين سر چلايا شهه جي
٢. نہ مئين اٿان سينڌ ڳندائي، نہ مئين ڪو چِٽُ لايا
نہ مئين شهه دي ڪول جو ٻيٺي، نہ ڪنهن سهرا ڳايا شهه جي
٣. حال اساڈا ڈيک ڪراهڻ، سينان هي هي لائي
قِليان قڪڙيان ڈيون سيئي، چُم اسان سر چائي شهه جي
٤. ٻنهان نون چاڙهہ ڪي، مل ملاحان لايا ٻني ٻيڙي
اسان نماڻي ڪڙ رهيوسي، ڪوئي نہ آندا نيڙي شهه جي
٥. سچو نال سنيالان لايان، هوءِ هوءِ رمزان والي
چرخي مُني ٻن ڪراهڻ قُردي ني متوالي شهه جي

ريختو سُر بلاولي ١٣٧

حيران كيا حيران كيا، سب كوں حسن حيران كيا
مورے دل كوں تم كس واسطے پريشان كيا پريشان كيا
١۔ تيرے جلوه حسن مجهه سوں رے عاشق فراقى كيا صنم
اس زہد ريا كارى ميرى يكبار گى نادان كيا
٢۔ وه ناز غمزه كا لٹك چاڑها وه دلبر سر ميرے
جادو لگا بر دل ميرے جادو گرى مستان كيا
٣۔ زلفاں سجن ميرے گل پڑيں پيچاں پيچ كاريہر ہوا
مكهہ كيوں چهپايامجهہ سے رے تيری دوستی ديوان كيا

۴۔ منصور يا سرمد کهوں يا شمس تبريزی کهوں
تیری اس گلی میں دوستان سرجان میں قربان کیا
۵۔ سچو نمانا کون ہے ، دعویٰ کرے تیرے عشق کا
وہ واہ اس مسکین کوں تیری دوستی سلطان کیا

ڪافي سُر بلاولي ۱۳۸

مئيڪون مستان ڪيتوئي مئيڪون ديوان ڪيتوئي
نهين آرامُ ڪوئي دلڪُون، حُسن حيران ڪيتوسي
۱. رو رو ڦردي جو وتديان مئين وتو تي بره سڀ بازي
پڇديان دوست دا ديرا بره بئيران ڪيتوسي
۲. محبت موڙي سر ميڏي زغا هيءِ بادشاهي دا
نہ تيسان عشق ۾ ڪاهل، سيو قربان ڪيتوسي
۳. بره دي فوج دل اتي ڪريندي دوڙ دم دم ۾
عجب وه گوءِ ماري مئين جو سر چوڳان ڪيتوسي
۵. ڪمان گهن دست دلبر سر ميڏي هڻ آ ڪڙا چائي
جو چڙڪي تير ترڪش دي ني سر نيشان ڪيتوسي
۶. **سچو** صف عاشقاندي مئين جو آيا ڇوڙ سر سانگي
اهين غمزي گدائي سون سدا سلطان ڪيتوسي

ڪافي سُر بلاولي ۱۳۹

رانجهن ڪيون چر لايا. اڪين اساڏيان راه پلينديان
۱. آڪن سياليان رانجهن سائين
چت تُسان تون چايا
۲. تُسان پاجهون گذر جي ويندي
اُهي سي ڏينهن اجايا

Scanned by CamScanner

٣. طـرفـون تـيـڏي كـڏهـان سـنـيـهـا
اسـان ڏهـون نـهـين آيـا
٤. ايـنـويـن سـٽـيوسي جهنگ سيالـين
هـويـا رانـجـهـو دا رايـا
٥. **سچو** سائيان نون ياد كراهين
اي سـڃـٹـا فـرمـايـا

ڪافي سُر بلاولي ١٤٠

آڻ ونـي مـيـڏا يـار وي، مـئـين رونـدي زارون زار
١. راهان تيڏيان روز پلينديان
سـگـهـڙا آءُ كـنـهـن وار
٢. دل اسـاڏي كـئـي ديـوانـي
عـشـقـين دي اسـرار
٣. مئين مستاني ڏيک تي هان
چشـمـانـدي چمـكـار
٤. نال اسان ڏي آپ كيتوئي
آوڻ دا اقــــرار
٥. بـنـدي بـرڍِي در تـيـڏي دي
هـوسـان سـب چمـار
٦. **سچو** جيهي در تيڏي تي
عـاشـق لـک هـزار

ڪافي سُر بلاولي ١٤١

تـيـڏي ديـس مـئـن آنـديـان، ووشـال تـون جـيـويـن
سُـهـٹـا وطـن وسـئـي ديـسـڙا وسـئـي شـال جيويـن
١. تـيـڏي ٻـاجـهـون مـئين تـا اِٿـان ٻـهون مـانـدي وو

ڪو دم نــاهــي دل وره ڪـنــون وانــدي وو
٢. سوز تُسـاڏي مـئين تـي مـاريان سـانـگان وو
راتـو ڏيـنـهـان مـئـڪـون تـيـڏيـان تـانـگـهـان وو
٣. هـجر تـسـاڏي سـاڪـون ڪـاهـل ڪـيتـا وو
زهـر دا پـيـالا تـسـان ٻـاجـهـون مـئـين پـيـتـا وو
٤. طـرف تـسـاڏي مـئـين تـاڪـانـگ اڏاوان وو
آوڻ تـيـڏي ڪـيـتـي فـالان مـئـين پـاوان وو
٥. اسـان ايـڏنـهـن آوون يـا ڪـي تـون آويـن وو
مـئـين وو نـمـاڻـي اتـون چـت نـہ چـاويـن وو
٦. ديـس تـسـاڏي ڏهـون واونـديي گـهـلـيـان
ٻـيـان سـڀ ڳالـهـين سـهـڻـا مـئـن ٿـون ڀُلـيـان وو
٧. **سچو** تُسـاڏي ٻـاجـهـون آهـا اداسـي وو
تـنـهـن تـا اصـلـون تـيـڏي ٻـانـهـپ بـاسـي وو

ڪافي سُر بلاولي ١٤٢

خوني ميڏي گلو دا. تيڏيان اکيان خنجر

١. تـيـڏي نـين ڪـئـبـران وو دم دم سـانـون مـاريـنـدي
اي يـار راه ويـنـدي مـاريـوئـي ڪـيـون مـسـافـر
٢. ابـرو ڪـيـتـوئـي ڪـمـانـان چاڙهيوني گوشـہ داران
مـژگـان تـيـر وسـائـيـنـدي سـيـنـا ڪـيـتـم سـپـر
٣. جادوگـريـان وو چـشـمـان سـارا سـحـر چـلائـيـنـدي
تـئـي قـتـل وه فـلاطـون ڪـيـا سـامـري سـڪـنـدر
٤. ڪـوئـي ڪـس ونـو تـا يـارو ڪـوئـي نـي ڪـسـي ونـو تـا
سچو ازل دي روزون هـويـا نـيـڻـان دا نـوڪـر

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر بلاولي ۱۴۳

وسدا رهين مئيڏا يار

آءٌ ڪول مئڏي جُڙبڻ جي

۱. جيڪو تيڏا مندا منگي، ٿيسي خجل خوار
چوڙ ويسي ٿُڻ ٿُڻ جي

۲. اسان تيڏا بندي هوسون، جاڪي جيسون چمار
حال وطن چڻ چڻ جي

۳. اسان تيڏي قيامت تائين، هوسين تارو تار
ڪڏهان نہ ٿيسي اڻ بڻ جي

۴. **سچل** ملڪ ٿُساڏي هويا، تنهنڪون چوڙين نہ يار
ڳڻ لڳي ڳڻ ڳڻ جي

ڪافي سُر بلاولي ۱۴۴

ديس اسانجڙي آيو، ٻُڙيون!

ٻاروچو موليٰ سو آڻ ملايو

۱. اچڻ ٻاروچي جي ڪل نہ آنڪي
تيلهان ٿيون وره وسايو

۲. ويڙهي اوهانجي وسي ٻاروچو
پري چو پند پچايو

۳. اڱڻ اسانجي آهي سدائين
گهوري تا پاڻ گهمايو

۴. آءٌ نماڻي عيبن هاڻي
پاڻ پرينءَ پرچايو

Scanned by CamScanner

۵. پـنـڌ ويـنـي يـار **سچوءَ** جو
ڪـيـو سـو يـار سـجـايـو

ڪافي سُر بلاولي ١۴۵

ڪـتـون اُڌر آئـين، وي پـکـيـئـڙا پـرديـسـي
١. ڪـٿ آکـيـرا وو تـيـڏا آهـا
ڪـٿ تُـسـاڏيـان جائـين
٢. پاڻ ڪيتي وي سَڻ پکيئڙا وو
متـان تـون پـر پُـسـائـين
٣. جـٿـا هـيـن هـويـا آوڻ تـيـڏا
ويـسـين اُڌر اُتـا هـيـن
۴. غير نہ آپـکـون ڪڏهان چاٽين
تيـکـون هئين سمجهائين
۵. اٿـان اٿـان سـيـل تُـسـاڏا
سچو يـار سـڻـائـين

ڪافي سُر بلاولي ١۴٦

سانون عشق لڳا هوئي حيراني، صد بار ڪريان جند قرباني
١. مـئـين چاتـا عـشـق آسـانـي
پـڇي هـوءِ رهـي مـئـين مـسـتـانـي
٢. ڪوئي مرد هووي ملهہ مرداني
ڏيـوي مـحـبـت وچ مـهـمـانـي
٣. ڪنهين رمز ڪيتي دل ديواني
گـم غـمـزي ڪـيـا ڪـئـي اخـوانـي
۴. منـصـور ڪـيـتا نـيـهُن نـيـشـانـي
ويـکـو شـمـس الحق دي پـيـشـانـي

Scanned by CamScanner

۵. آهي نينهن بنان سڀ ناداني
سچو عشق آکيا سِرُ سبحاني

ڪافي سُر بلاولي ۱۴۷

عشق ڏتا احوال، جنهان نون بره ڪيتا بي حال تنهان نون
۱. سولهان سودا سر دا ڪيتا
هويا مڙڻ محال، تنهان نون
۲. جي هر دو جهان ڪنڌ ڏيون
هويا خاص خيال، تنهان نون
۳. جيئي سُڌ سيائي ڇوڙن
ڪيتا نينهن نهال، تنهان نون
۴. جنهنڪون شوق ماهيدي ملڻدا
جيوڻ هويا جنجال تنهان نون
۵. سرُ ڏيون جي سُرڪي پيون
ڪردا ڪوٺ ڪلال، تنهان نون
٦. سچو سائين جنهن نون مليا
حاصل هويا حال تنهان نون

ڪافي سُر بلاولي ۽ سارنگ ۱۴۸

يار توسان ڪي تا ڏينهڙا لنگهايم
۱. راتيان ڏينهان سر تي ڪيئي
ڏک جا مينهڙا وسايم
۲. پڇاڻا اوهانجي ڏاها
ڏاڍا سي پور پرايم
۳. سک تنهنجي سپرين!
سارا ئي سور سلايم

Scanned by CamScanner

۴. پـريـن تـنـهـنـجي پـار جا
ڏهـاڙي سـي پـنـڌڙا پـڇـايم

۵. **سچو** سيئي آئـيا، جن لئِ
فـالان ٽـي روز وجهـايم

ڪافي سُر بلاولي ۱۴۹

رانجهن چاڪ سڏايا ڪنهن نون ڪوڪ سٹايان
مـالـڪ مُـلـڪ دلـيـنـدا سـائـين

۱. عـبـرت وچ اهـيـنـدي آ هـس
جنـهـن تختـون جهـنـگ پـچـايـا

۲. هـويـا بـادشـاه ٿـيـا وت چاڪـر
اهـو تـنـهـن هـنـر هـلايـا

۳. دم دا ڪـر جـوڙ آئـيـنـه
آپـڪـون ڏيـڪـڻ آيـا

۴. بـازيـگـر ٿـي بـازي ڪـيـلـي
بـازي سـيـل بـنـايـا

۵. ظـاهـر بـاطـن اسـم أهـيـنـدا
ڪـيـتـس ڪـون ڪـنـايـا

۶. سمجهه **سچو** هر هر وچ سائين
جنـهـن ڏيـک تمـاشـا لايـا

ڪافي سُر بلاولي ۱۵۰

هي تـون مـثـان ٿـئين مـيان هـوش رکـج هـاريـا
۱. مـج مـنـهـنـجي ڳالـهـڙي
هـو ٿـي تـه مـئـي پـئـين

۲. مـرڻ آهـي هـن ۾
هـو آئـون تـه تـون جيـئـين

Scanned by CamScanner

۳. باقي توهين جو رهندين
فاني وچون وئين
۴. چڙ قال بت وڃائج
هي حال ڏي هئين
۵. چؤگان ۾ چڱو تئين
هي گوء جي نئين
٦. ٿيندين سچو تڏهن تون
جي سر سُوري ڏئين

ڪافي سُر بلاولي ۱۵۱

ميري حالدي خبرري پاندي يار نون پهنچائين
۱. هجر تساڏي ڪاهل ڪيتيان
وت وت بره بچائين
۲. درد تيڏي ڪيتي ديواني
ساري سا ڳالهه سڻائين
۳. طرف تُساڏيدا جهليان طعنا
اپڻا درد دکائين
۴. هر دو جهان وچ سهڻا سائين
چِتُ نہ اسان تون چائين
۵. حال ايهوئي ڏيک ڪراهڻ
سچو ڪون سرچائين

ڪافي سُر بلاولي ۱۵۲

عشق ڪي خبر نہ تيئڪون هئي بره ڪي خبر
۱. جي تون پڇين اسان نون
هي بي زيان زهر

٢. تيڪون نهين ڪيا هي
اجان بره بي خبر
٣. سر جان دل سيائي
اڳون دوست ذر نذر
۴. نهين خواب نهين آرام
اهو عشق ڪا اثر
۵. ڏيندا اول نڪالي
تيڪون سارا شهر
٦. **سچو** اساڏي ڪيتي
هووين روز منتظر

ڪافي سُر بلاولي ١۵٣

ساڏي گهر جاني جي آيا، پلي آيا
١. اپڻا واعدا وي آپ پاريوئي
اسان تا درسن پايا
٢. وسر ڳيوسي فلڪ هجر دا
ڳل سجن چا لايا
٣. معاف مدايان ڪُل ڪيتوني
سانون پرين پرچايا
۴. اڳڻ اساڏي آيا سويلي
سانون سجن نال چايا
۵. **سچو** جنهندا سگ اصل دا
سر تنهيندا سايا

ڪافي سُر بلاولي ١۵۴

عشق آهي ارباب، تقويٰ طاعت رعيت تنهنجي
ڪُل ستارا گم ٿيا
جڏهن ايريو آفتاب

جي مُڙي ويا ميدان مؤن
اُتن آهي عتابُ
اصل عاشقن جو
کولي نينهن نقاب
شارڪ ٻگا سنبري
جڏهن آيو نينهن نواب
سچو ورتو جنهن وره کي
عالي تنهن القابُ

ڪافي سُر ٻلاولي ١٥٥

ڏيکڻ نال وي ميان هادي سائين دي غير نہ رهندا وي
١. دلبر باجهون وي ميان
نال ڪنهين دي ناهہ نہ نهندا وي
٢. اوران نال وي ميان يارا الاوي
ساڏي ساه نہ سهندا وي
٣. **سچو** سائنيان اڳون
منصب لهندا وي

ڪافي سُر ٻلاولي ١٥٦

سنوري سنيان وو، سانون ناهين ڪيڙي دا خيال
١. مئين تا رانجهو دي آهي
رانجهو مئڏا حال
٢. ماهي يار دي ڪيتا اسان نون
نيهنڙي ني نهال
٣. روز ازل تؤن تنهندا
هويا مئن سر قرب ڪمال

Scanned by CamScanner

۴. عامان ليکي وچ هجر دي
سچو وچ وصـــــال

داستان ٽيون

پيروي؛ جي ڪافين جو

ڪافي سُر پيروي ۱۵۷

حق اناالحق ٿي چيو، پر منجهہ نظر منصور هو
منجهہ شرع شرڪت چون منجهہ معرفت منظور هو
۱. وس نہ هو حلاج جو ڪوئي محبتي مخمور هو
سر نہ جي سوريءَ ڏنائين قرب ۾ ڪو قصور هو
۲. هوءِ حيرت ۾ هڻڻ تنهن دائمي دستور هو
سر مٿي سوريءَ سَٿڻ تنهن ذوق موٌن بہ ضرور هو
۳. عاشقن جي فوج ۾ تنهن مست جو مذڪور هو
مشرق ۽ مغرب تهين جو مرتبو مشهور هو
۴. عام کي ارمانَ تنهن جو حر کي بہ حضور هو
حال ۾ حلاج جي هيءَ موج ۾ مسرور هو
۵. سر ۾ توحيد جي ڪئي سال مُلهہ مستور هو
پوءِ سچو ڪنهن نينهن نيون، تنهن ڇهڇٽي ڇڪچور هو

ڪافي سُر پيروي، جوڳ ۽ ڪونسيو ۱۵۸

حسن تنهنجو ٿو اچي طرحون طرح ڏيکار ۾
هڪ هئين آئين وري ڪنهن شوق مون بہ شمار ۾
۱. ڏوريان انهيءَ دم ڏور ٿيا واقف پيا ويچار ۾

Scanned by CamScanner

حاصل نہ تن جيئي پيا آهن سندي انڪار ۾
٢. محرم ٿئين منهن جي وجهين هن تن سندي طومار ۾
جي ٿو چوين آءُ شاه ٿيان گم ٿي يڪا يڪ يار ۾
٣. رک هوش تا مدهوش ٿين غمزون اٿئي گفتار ۾
ساري پوئي سڌ تا صحيح جي رخ رکين رفتار ۾
۴. پوءِ تا پڇج هي ڳالهڙي اول اڇج اعتبار ۾
قابل هئين ڪر پانهجي صورت سهي سنسار ۾
۵. ڪر گوش تون درگوش جي دپدان رکين ديدار ۾
آهي **سچوءَ** تي نام جي ناهُي ٻيو نروار ۾

ڪافي سُر پيروي ۽ جوڳ ۽ ڪونسيو ١٥٩

موج مستيءَ جي چڙهي واديءَ وحدت جي منجهًا
ڪيو پسارو پيل پاڻي جوش مان هر جاءِ بجا
١. هن لهر تي جي لڙهيا تن ڪي پيو سارو سماءُ
جي سُڪر جي سير تي ويا تن چيو آ خود خدا
٢. هاءِ هيءَ حلاج جان ڪيئي لعل هن لڙ ۾ لڙهيا
آر هن آيا اُهي جي گهوٽ هو گهيڙون گهڙيا
٣. ڪي تبي ڏيئي ڏسو پاتال منجهہ پيهي ويا
ڪينڪي عاشق اهي ٻهڳڻ وري ٻاهر پيا
۴. غرق ٿيا غازي اُتي ڪن عام بيٺا هاءِ هاءِ
آءُ لڙهي آيس اتي جاتي رتي ناهي رياءُ
۵. دلق ڪي درياه ۾ اُڇلن بهادر بي بها
صاف ٿي نڪتا **سچو** سي صاف سالڪ جي هوا

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر ڀيروي ۾ ڪليان ١٦٠

تن قال ڪؤن ڪوتاه ڪي حاصل جني ٿيو حال جي
صُم بڪم سڪوت ۾ فرمان تينُ في الحال هي
١. حيران حيرت ۾ ٿيا بانڪا هون بيحال هي
فارغ ٿين سڀ فعل ڪؤن نين عشق ڀيو افعال هي
٢. ننگ نام ڪؤن نڪري هليا جيءَ تون لاهي جنجال هي
دارين جون دامان ڇڻ خاصو جنين ڪي خيال هي
٣. هن فڪر ڪؤن فارغ ٿيا عاشق ڇڏي اشڪال هي
ظاهر سهي تن ذات ڪئي وهندو تنهنڪي وصال هي
٤. قابو رهيا قرآن تي عالم تنين عيال هي
جن ڪن سڃاتو پاڻ ڪي ساقط تنين ڪي ٿيو سوال هي
٥. جيئن آهيريءَ ۾ مُنهن وجهي پاڻهن پسن برحال هي
تيئن پاڻ تن پاڻؤن ڏنو ڪُلي لٽن ڪشال هي
٦. حلاج حالؤن جيئن لڌو سُوريءَ وارو سنيال هي
سچو صدق تنهن تؤن ٿئين اعليٰ جنهين اقبال هي

ڪافي سُر ڀيروي ۾ ڪونسيو ١٦١

شخص ڪو جامو ڪري جامون نہ نالو سو سڏاءِ
نانؤ سو پنهنجو سڏائيندو سر جنهين جو نانؤ آءِ
١. ڪئي ڳالهيون ڪوڙيون ڪري محلي ۾ وينو پاتشاهہ
ائين نہ چئبو آهي هي تا ماڳ محلي جو الاءِ
٢. آهي عجائب جيهڙو بازيگري هن جو بناءِ
پاڻ تا پنهنجو لهي هن سر جو سارو سماءِ
٣. رمز مرشد ڪؤن سهي ڪيم جو ندا سوئي صداءِ
اس **سچو** ري سج ڪؤن ناهي ذرو ڪوئي جداءِ

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر پيروي ۽ بروو ١٦٢

ڪير هُئڙس ڪير ٿي آيس نرالي نام ۾
ڪَيئن قائم پاڻکي نئين درد جي هن دام ۾
١. ڪونڪو چاڻين اهو جيڪو پيو هن جام ۾
آهي عجائب هي وڏو پيو خاص خيرو عام ۾
٢. جي الف کؤن آيا هلي لائق نہ پيا سي لام ۾
"لا" کؤن لنگهي آيا هلي مستي سندي بہ مقام ۾
٣. اصل کؤن عارف اهو آندو جڏهن انجام ۾
ظاهر ظهورو ٿيو تڏهن چا ڪُفر چا اسلام ۾
٤. بُت وٺي پنهنجو پيو زاهد خصالت خام ۾
عشق اناالحق چيو منصور ماريو مام ۾
٥. جن عشق آرانيو ڏٺو سي مرد پيا ماتام ۾
هونداسي هڏهين ڪينڪي عاشق اُهي آرام ۾
٦. ڏڙ سرجدا تن آئيا جي عشق جي احرام ۾
طالب ٿيا تڪرار کؤن سوريءَ سندي سر انجام ۾
٧. هُئڙس آءُ جو آيس هاڻ ڪهڙي طرح ڪمام ۾
بي سلاميءَ مؤن اُتي **سچو** آيو تہ سلام ۾

ڪافي سُر پيروي ۽ پهاڙي، جوڳ، تلنگ ۽ سورٺ ١٦٣

تيز تير اندار چشمان جُون خوني خطابُ
ناز پرور نيون نظر سان ٿيون ڪرن عاشق ڪبابِن
١. ڪان قهرن مون سَون سرشائقن ايندا شتاب
لڳڻ سان لوٽ پوٽ ٿيندا جُنگ نا ڏيندا جواب

Scanned by CamScanner

٢. پلڪ جي پاسي ڪري يڪبارگي نيٽؤن نقاب
هيءَ متي تن جي ڏسڻ سان خلق ساريا ئي خراب
٣. آهي ويجهائي جو تن عاشقن ڏوڙو عذاب
موت مارياجي اڳهن تن سالڪن پيٽون ثواب
٤. بره جا باشا چوان يا نينهن جا نيزا ناياب
يا چوان سي باز بحري يا ترارِيون تيز تاب
٥. ملڪ گيري ڪن وڏي غُماز سان لس لاجواب
قتل جي اُنڪون ٿيان تن تي پيو ڪهڙو حساب
٦. پيا جڏهن قطرا ڪري بحرين مؤن جي هيون پرآب
ٿيا سچو روشن اتاهون آفتاب ۽ ماهتابُ

ڪافي سُر ڀيروي ۽ جوڳ ١٦٤

آءُ وچي ڪنهنکي چوان هِن يار جي احوال جي
سُڌ تنهين کي سر جي، هوندو جنهين تي حال جي
١. حال سر جن جي جُهليو ڪوته تنين ٿيو قال جي
ماضي تهين تؤن محو ٿيو ۽ ڪر نہ استقبال جي
٢. پاٹؤن پروڙي ڳالهہ جي تن خبر خاص خيال جي
جي سُرڪ ڪؤن صافي ٿيا ڪل ناهي تن ڪلال جي
٣. شاهي جنهين جو شان ٿيو تن ناهي سڌ سوال جي
مئيخاني مون مخمور ٿيا منجهہ بيخوديءَ بيحال جي
٤. يسمع يُبصر اٿئي ويڏن اها وصال جي
ڪر واقفيت وهم سين سچو تون قرب ڪمال جي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر پيروي ١٦٥

يا امام حسين ع تو قدمن اتون قربان وڃان
ملڻ لئِ محبوب تنهنجي سڪ اندر آهي اڃان
١. تون نبيءَ جو نور صاحب پڻ سپه سالار آنهن
ملڪ سڀ تي آهه روشن تار تنهنجي سان تڳان
٢. تون نبيءَ صہ دلبند ۽ موليٰ علي ع فرزند آنهن
صاحب دلاور گنج آن آذر ڏيو جو تو رئان
٣. ڪربلا جو ڪارآن ڪُل ملڪ جي مختيار آنهن
وارث وسيلو وار آن منتار محمد صہ جو چوان
٤. سڪ منجهؤن سچو چوي دامن لڳو تنهنجي آهيان
پاڙي وهارج پانهنجي آءٌ همت تنهنجي سان هلان

ڪافي سُر پيروي ۽ بنس ١٦٦

يا رسول الله صہ جي روضي جو مقرر ڪر سلام
سو ڪندو واهر ولهين جي هيءُ سندس آهي انجام
١. اٺئي پهر اندر ۾ ڪر يار ڪي ويهي ياد ميان
پنج ئي وقت نماز پڙهه تون سرِ نوائي چؤ ڪلام
٢. آهه اڙين جو آسرو ميرل مديني ۾ مدام
حامي حشر ۾ ٿيندو چئو تنهن تي صلواة و سلام
٣. ابوبڪر رضہ شاه عمر رضہ عثمان رضہ علي ع حسنين ع پاڪ
سان يقيني تي سندن گولو الله جو آهي اعلامُ
٤. رک صدق ثابُوت سچ تنهن ۾ ٿيندئي مشڪل آسان
ڪربلا جو آهه سيد ضامنم روز تمامُ
٥. لافتيٰ الاعليٰ لا سيف الا ذوالفقار
سڪ منجهؤن سچل چوي، تحقيق تن جو هان غلام

Scanned by CamScanner

ريختو پيروي ١٦٧

اگر اثبات کر جانو، نہ ہر گز تم گدا ہوگا
یقیں کرنا گداگر ہیں، ولیکن خود خدا ہوگا
۱-فنا کی بات باطل ہے، اگر پوچھو ہمن سوں رے
بقا باللہ ہمیشہ تو، خدا تا نا فنا ہوگا
۲-نہیں دیدار کوئی دوجھا، نہ جا دیکھن کی
نظر کی جا تمہاری ہے، ببیں تا خود لقا ہوگا
۳-زمیں پر کیا فلك پر کیا، کیا پر عرش کرسی پر
دروں بیروں ہم اندر ہے، کہ کلی جابجا ہوگا
۴-ہوالاول ہوالآخر، ہوالظاہر ہوالباطن
اِباں اوئی، اُباں اوئی سچو کہہ تم کجا ہوگا

ريختو پيروي ١٦٨

بنا کر آدمی صورت سارا مظہر خدا ہوگا
کڈہاں کرار حیدر ہے، کڈہاں شہ مصطفی ہوگا
۱-کڈہاں فرعون یا موسیٰ، چڑھا تھا طور سینا پر
کڈہاں کافر، کڈہاں ملحد، کڈہاں اور کیا ہوگا
۲-کڈہاں یعقوب، کڈہاں یوسف، کڈہاں عاشق زلیخا ہے
کڈہاں اوغُل وکاندا ہے کڈہاں او بادشا ہوگا
۳-کڈہاں خادم، کڈہاں مرشد، کڈہاں ابرہ کڈہاں نقرہ
کڈہاں صاحب سلامت ہے، کڈہاں او رہنما ہوگا
۴-سچ اے صحی جو لیکھا ہے تیرے ہی بیچ وے یارو
اوئی اندر اوئی باہر اوئی ارض و سما ہوگا

Scanned by CamScanner

ريختو پيروي ١٦٩

بنا کر آدمی صورت، سراسر خود خدا ہوگا
کہاں یونس کہاں یوسف، کہاں اوئی مصطفیٰ ہوگا
١- کہاں ماتم زدہ ہوئے، کہاں ہے بیچ عشرت کے
کہاں اسمِ حسن ہوتا، کہاں شہ کربلا ہوگا
٢- کہاں صاحب عظم ہوتا، کہاں ہنستا کہاں روتا
کہاں عیسیٰ کہاں موسیٰ، کہاں اوئی مرتضیٰ ہوگا
٣- کہاں لیڑیاں کہاں گودڑیاں، کہاں اطلس حریرائی
کہاں درویش کہاں پیادہ، کہاں اُوئی بادشاہ ہوگا
٤- کہاں روتا کہاں ہنستا، کہاں سکھ دُکھ بیچ ہوتا
کہاں بدخواہ بدنیت، کہاں اوئی آشنا ہوگا
٥- کہاں ہے موج لکھ لہریاں، کہاں کھڑتا کہاں بہتا
کہاں دریا کہاں کشتی، سچو اوئی ناخدا ہوگا

ڪافي پيروي ١٧٠

نکو مئن، نکو تئين، ٿيوين گم اتان گم
١. نکو قرب نکو بُعد، نکو هجر نکو جم
٢. نه کو ورد، نه کو درد نه کو غم اتان غم
٣. نه کو جسم نه کا جان، نه کو دم اتان دم
۴. نه کوئي بت، نه کوئي رت نه کو ماس نه چم
۵. نه کو غير نه کو وير، هر جاءِ هوئيا هم
٦. اهو اندر، اهو ٻاهر، طالب ٿيوين اتان تم
٧. **سچو** سٽ وچون آهستي، اتاهين غير هووين تم

ڪافي پيروي ١٧١

لوڏا ڏيان ڪاڪيون ڪيڏا، ويٺو سو هوت هندوري الله
١. شاهه منجهارؤن ني وي ميان عبد سڏايس الله
پورا ڪيون پاڻ پوري پوري
٢. ڏک منجهارؤن ني وي ميان ڏولي جا آئي الله
ڏک ڪيون پاڻ ڏوري ڏوري
٣. اوهين ڀاڙيچيون ني وي ميان، پري نه ڀانيو الله
آهي آرياڻي سو اوري اوري
٤. دل دنبوري ني وي ميان، يار سچوءَ جي الله
تار چڏياڻون توري توري

ڪافي سُر پيروي ١٧٢

سِرُ ڏئين تون سِرُ ڏئين جي عشق ۾ تو سِرُ ڏئين
ٿين وڏا طالع توئي جا جان جسم کؤن جي ڏئين
١. تو عمر ناحق وڃائين غير جي خيالات ۾
مُحب بي توکي مڃن جي نينهن جي بازي نئين
٢. محو ڪر ٻي ڳالهه ڪُلي مُڙ مَ چڙهه ميدان تي
جيئن چوان تو سا مڃج هي عشق ٻُڌ آهي ائين
٣. ڳالهه ڪرڻ ۽ ٿيڻ ۾ آهي تفاوت تا وڏو
حال سان هميشگي جي پُر اِهو پيالو پئين
٤. موت موتي نه پڇي تنهنجي اها گهر جي ڳلي
قبل موتوا کؤن پڇاڻون ني وري جاني جئين
٥. پيو مُبدل ڪر سيوئي خيال پؤ توحيد جي
جيئن ڪيو منصور شهه تا آخرين تون ڪر تئين

Scanned by CamScanner

٦. نازباني تو چوان دل سان لائج هي ڳالهڙي
نانءُ **سچوءَ** جي تو چوي ساري رمز سڻ سان هئين

ڪافي سُر ڀيروي ١٧٣

گھوريو هي ڀنيور، مون سڳ ٻاروچن سان ڙي الله
١. مرڪ تا معذور ڪي
سندو هوتن هور
٢. راتيان روان وڏ ڦڙا
ڏينهن ساروئي ڏور
٣. آهي آرياڻي جو
ديواني ڪي دور
٤. **سچو** ڳالهه انهيءَ جي
شوق مچايو شور

ڪافي سُر ڀيروي ١٧٤

هڪ مئين نہ هويا جاني تم هويا
ڏوجها رمز چليندا ڪؤن هويا
١. ڏو ڏو ڏڪڙ تال تماشي
ڏوجها طبل وڄيندا ڪؤن هويا
٢. عاشق ٻڪرا معشوق قاصائي
ڏوجها ذبح ڪريندا ڪؤن هويا
٣. تسبيح ڦردي من نهين ڦردا
ڏوجها مڻڪا ڦريندا ڪؤن هويا
٤. حسن عہ حسين عہ شهادت پائي
ڏوجها قتل ڪريندا ڪؤن هويا

Scanned by CamScanner

٥. سچو هـــــئ مـــــســـــــــکــــين الله دا
ڏوجهـــا رامُ ريــــجهــــيــــنــــدا کـــؤن هـــويـــا

ڪافي سُر پيروي ۾ بروو ١٧٥

ڪـــو ڪـــيـــئــن چوي ڪـــو ڪـــيـــئــن چوي
آءُ جوئـــي آهـــيـــان ســـوئـــي آهـــيـِـان وي

١. ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي، ڪو جاهل نالو ظاهر چوي
ڪو ساحر چوي، ڪو شاعر چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان وي
٢. ڪو پنڊت چوي، ڪو سنت چوي، ڪو باغ بهار بسنت چوي
ڪو ميراثـي ڪلونت چوي، آءُ جوئـي آهـيان سـوئـي آهـيان وي
٣. ڪو مُلان چوي، ڪو قاضي چوي، ڪو مُفتي چوي، ڪو غازي چوي
ڪو روزه دار نمـازي چوي، آءُ جوئـي آهـيـان سـوئـي آهـيـان وي
٤. ڪـو رد چوي، ڪـو بد چوي، ڪـو بـيـديـنـي بـيـحـد چوي
ڪـو مُشـرڪ ڀـي مُلـحـد چوي، آءُ جوئـي آهـيـان سـوئـي آهـيـان
٥. ڪـو صورت ۾ انـسـان چوي، ڪـو شـر ڀريـو شـيـطـان چوي
ڪو بزرگ ڪو مستان، چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان وي
٦. ڪو سُت ڪوئي سرمست چوي، ڪو راه تي دين درست چوي
ڪـو عـاشـق روز الـسـت چوي آءُ جوئـي، آهـيـان سـوئـي آهـيـان
٧. ڪـــو زيـــر زبـــر زنـــديـــق چوي، ڪـــو راه نمــاءُ رفـــيـــق چوي
ڪو غرقيءِ منجهه عميق چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان وي
٨. ڪو رنگ ڪوئي بيرنگ چوي، ڪو مستومست ملنگ چوي
ڪو ننگي ڪو بي ننگ چوي، آءُ جوئي آهيان سوئي آهيان وي
٩. ڪو حالي چوي، ڪو قالي چوي، ڪو خاص الخاص خيالي چوي
ڪـو ازلـي مـسـت مـوالـي چوي، آءُ جوئـي آهـيـان سـوئـي آهـيـان وي
١٠. ڪـو شـڪ چوي نـاحـق چوي، ڪـو بـات اِهـا بـرحـق چوي

Scanned by CamScanner

مونکي مرشد عبدالحق چوي، آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان وي
١١. ڪو خاص چو ي، ڪو عام چوي، ڪو پُختو چوي ڪو خام چوي
ڪو سچوُ سچو نام چوي آءٌ جوئي، آهيان سوئي آهيان وي

ڪافي سُر پيروي ١٧٦

سهسين رنگن ۾ سُهڻو بيرنگي بن آيو
١. بوتيِ وچ مِٽيءَ جي يارو، سارو سمنڊ سمايو
چولين چِرن واهڙن الله، لهرن لس لڪايو
٢. سمنڊ نالو ڪن الله جي، مٿم آٽي ڏرايو
نَتَ اصل پاٽي آهيان، لوڪن نانوُ ٻُلايو
٣. وحدت جي آڙاهه ۾، يار جن جسم جلايو
منصور اُتي موج ۾، سائين سُوريءَ سِرُ سلايو
٤. عرش ڪُرس آسمان مڙيوئيِ، آٽي وره ورايو
باري بار بره جو الله، آدم سِر تي اُنايو
٥. مَن خدايم موج ۾ ميان! سچوءَ يار الايو
آهه ڪُل روح ربي، مرشد عبدالحق فرمايو

ڪافي سُر پيروي ١٧٧

هو اسان وٽ يار تون، آهي هِت اسانجو حال هي
١. اُباڻڪو آهيان گهڻو، توريُ پرين پرديس ۾
آءٌ هڙيوئي معلوم ڪر عاشق سندو احوال هي
٢. آهي اوسيڙو تانهجو، شب روز اکڙين ۾ ميان
جاني سندءِ مون جاڳندي آهي خواب ۾ بہ خيال هي
٣. دوست تُنهنجي دَر اُتي دُونهون وجهي ويهي رهان
مُنهن ڏيکارج مُحب مونکي نہ تہ مٿون آهي وبال هي
٤. درد منديءَ جي در پيهي آءٌ دوست دل خوشحال ڪر

Scanned by CamScanner

صدقي ڪريان سر ساه سان ڇا ملڪ ۽ پيو مال هي
٦. ويئي نهاريان واٽڙي تُنهنجي اچڻ جي لئي ميان
لهه سڌ سنديم ساجن اچي نہ تہ آهي جيڻ جنجال هي
٧. پاٽؤن پري نہ ڪريو مونکي دوست دلداريون ڏيو
هو تون سدائين ساڻ مون آهي **سچوءَ** جو سوال هي

ڪافي سُر پيروي ۾ ٻروو ١٧٨

ڇپر تانہ ڇڏيندين اڙي پلو پُنهڻ يار
١. پاڻ سُڃاڻين پانهجو
گوليءَ ساڻ گڏيندين
٢. اگڻ آسروند جي
آرياڻي تون ايندين
٣. اهو اتم آسرو
نال نماڻي نيندين
٤. پڪا پڪن سامهون
اوري شال اڏيندين
٥. سڪ ۾ سور **سچوءَ** کي
بلوچا بخشيندين

ڪافي سُر پيروي ۾ ٻروو ١٧٩

منهنجي ساه سڄڻ کي ساريو
مونکي ڳالهہ تنهين جي ڳاريو، هوءِ هوءِ هوءِ هوءِ هوءِ
١. اديون آرياڻن جي وچي
توڏن تؤنگ تنواريو
٢. مون من گڏي گوندرين
ڪيچي ڪيچ قراريو

Scanned by CamScanner

٣. اهڙي هوتاڻن کي
ورڻتيون نہ وساريو
٤. جيءُ سچوءَ جو سرتيون!
سندن عشق اُجاريو

ڪافي سُر پيروي ۾ بلاولي ١٨٠

ڪتان وي عشق تون چايا هين
هُڻ آک ڪسي وو نپايا هين
١. ڪيهي ڪيهي ڪم ڪريندئين، مشتاقان نون موت مريندئين
سولي تي منصور چڙهيندئين، انا الحق الايا هين
٢. تيڏي جاءِ مڪان نہ ڪوئي، لامڪاني سير ڪتوئي
حيرت ديوچ اي دل هوئي، ڪس بحري ڪر اڏايا هين
٣. ڪتان رانجهو هير سڏايئي، ڪتان ليلي نام ڌرايئي
مجنون هوڪي پوش چڙهايئي، انگ ڀيوت رمايا هين
٤. سچو تيؤن مسڪين نماڻي الله تُسان ڪون مين گهر آئي
تيڏي جٽ ڪٽ ٿاٽي ياٽي، شاهنشاه سڏايا هين

ڪافي سُر پيروي ١٨١

حق پاک ہے حق پاک ہے، حق خالق کل اخلاق ہے
کب خورم و بیباک ہے، کہیں اوئی غمناک ہے
۱۔ کب وحی پر فرمان کیا، میرے یار پیارے کوں لے آ
صد ناز عزت سوں کیا، اوئی صاحب لولاک ہے
۲۔ کب حیدر کرار تھا، شاہ یتیماں یار تھا
کب دلدل بسوار تھا، مالک زمیں افلاک ہے
۳۔ کب شرع واعظ کہتا ہے، کب میخانے وچ رہتا ہے
کب خاک غلطاں بہتا ہے، کب دست درفتراک ہے

Scanned by CamScanner

۴۔ کب شاه حسن حسین، رنگین پایا پیربن
کب سرخ کب سبزه تن، وه اوئی خوش پوشاک ہے
۵۔ ہر جا ظہورا یار سوں، سچو بھرا اسرار سوں
دیکھا جسے اعتبار ہوں، سوں کا جگر صدچاک ہے

ڪافي سُر پيروي ۾ ڪؤنسيو ١٨٢

منصور سوريءَ تي چڙهيو هر ڪنهن چيو ٿي واهہ واهہ
عاشق اُتي ئي سِرُ ڏنو اناحق ٿيو سڀ ساهہ ساهہ
١. عشق اچي نعرو هنيو آيس سيائي باه باه
نظرمونکي هادي آيو تيو سوئي الا الله
٢. عاشقن سرکي جا پيتي تي سيائي هُو هواءِ
منصور شمس تبريز پارن هٿ ڪيائون جاهہ جاهہ
٣. ويا سمنڊ ڏيئي ٿپي، سارو لذائون سُڌ سماءُ
الف سان جي گم هوا تيا ڪُل شيءِ هر جاءِ جاءِ
۴. **سچو** ڏسڻ سان سُرخ ٿيو ۽ تخت تي هو شاه شاه
رچي اُتاهون لعل ٿيو، سارو اهو هو خود خداءِ

ڪافي سُر پيروي ١٨٣

پُڇي عشق نئو پوشاڪي، هاريا چڏ اها هُشناڪي
١. ابا ڪتي ڪُل عشق ڪون يارو عرش ڪرس افلاڪي
اهو باربره دا چايا، خاص ويچاري خاڪي
٢. عشق نار احتراق، اتو هيءَ هيءَ سڀ هلاڪي
نيست نماڻا جي تيا يار انهن اوطاقي
٣. چٽ چاموت جي جاءِ نهين ڪي ڪامل ڪن قضاڪي
سڪ سڌن سان نہ تي محبت ناه مزاقي
۴. علم پڑهايُس عالم ڪؤن ميان بره بچايس باقي

Scanned by CamScanner

برہ تنهان کون بخشش ڪيتس جي مست هون مميثاقي
۵. انهيءَ فڪر ڪنون جي فارغ، تن تي ترم طراقي
سچيڏني ڪي مئي جي مٿ مؤن سُرڪ چکايو ساقي

ڪافي سُر پيروي ۱۸۴

ڪانگڙا ميان قريبن جا توکي ڪالهہ اُڏايو ڪن
وو وٺؤن ويڙيچن يار
۱. آســـــرونـــــدي آهـــــيـــــان
من ڪو پيرڙو ڪن
۲. پـــڪـــا پـــڪـــن ســـامـــهـــون
اوڏا مـــــــانَ اڏن
۳. سچوءَ جي بـــــ ســـريـــــر ۾
ڏونـــهـــان روز ڏکـــن

ريختو پيروي ۽ سورٺ ۱۸۵

بہتـــــر ہـــے ايســـــى زنـــــد گـــــى
بـــــن عشـــــق ہـــے شـــرمـــنـــد گـــــى
۱۔ جس کوں سجن کا درد ہے، رويت اس کى زرد ہے
اِس اُس جگت سوں سرد ہے، صف عاشقان کى مرد ہے
۲۔ عاشق اوئى جسم غم ہوا، دونى جگت ہکدم ہوا
دن رين اسى ماتم ہوا، اکھيان کوں اب آگم ہوا
۳۔ عشقا عجب آفات ہے، نا کشف کرامات ہے
تقوىٰ نہ کائى تات ہے، تس ميں نہ مرجوعات ہے
۴۔ بربا سارا بدنام ہے، باطن سے کُھلى کام ہے
نا صبر نا آرام ہے، وہ واہ اسے ماتام ہے
۵۔ بارى برہ کا بار ہے، سر عاشقان سينگار ہے
سچُو کے سر خمار ہے، وہ عشق کا اسرار ہے

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر ڀيروي ١٨٦

ڪرن مڙئي قتلام، پاڻ ڪريان جي پڌرو

١. جدا جماعت ڪان
آهيان پاڻ امام

٢. دم نہ اڳيون دين ٿيو
ڪفر نہ ڪو اسلام

٣. فارغ ٿيڙس فرض ڪؤن
سُنت ڪي بہ سلام

٤. **سچو** آيو سچ ۾
ناهي حلال حرام

ڪافي سُر ڀيروي ١٨٧

اهين ڪل دي ناهين ڪل، اٿان آءُ ڪرن اٽڪل

١. آک بندي الله تون
ايوين آکيا ڪرمل

٢. انا احمد بلا ميمي
اها مؤج ڪيتي مُرسل

٣. مومل وچون راڻا هويا
راڻي وچون مومل

٤. جاڏون آيا تاڏون جايا
موٽي سو پار اصل

٥. گل قل ويک سو مول نہ ڀُلين
هوئي هڪ هڪل

٦. **سچو** انا حق عشق الايا
مست ڪڙا پڙ مل

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر ڀيروي ١٨٨

جن گهوري گهوري ڙي، گهوري وو جند گهوري

١. اسي ميدان وچ ڪيوين جو سولي سر سلايا هي
محض منصور محبت ۾، اناالحق الايا هي

٢. اول آخر هوئي هوڪا، گلي ۾ شهه گهمايا هي
اسي هڪ رنگ اپڻي ۾، ويکو، هر رنگ لايا هي

٣. سهي ڪر هر ڪسي شئي وچ، سارا صاحب سمايا هي
جو ڏرڪي نام شمس الحق، جُٿا سارا جلايا هي

٤. اُسي ڪي واسطي مالڪ، اسي گهر ۾ جو آيا هي
اسي ني پُتلي پر آپي، جو **سچو** نانؤ ڏرايا هي

ڪافي سُر ڀيروي ١٨٩

شهر هڪ آهي عجب الملڪ تنهن نالو ٿيو

جنهن گهٽي ڏنڙي تهين ڪوشش ڪشالو ٿيو

١. جو شهرُ سو بادشاهه هي نوع نرالو ٿيو
جو ٿيو واقف شهر چُڪت تهين چالو ٿيو

٢. ڪنهن ڪي سهي تنهن شهر جو ساعت سنڀالو ٿيو
سو خاص عامن جي اڳيون لاغرض گوسالو ٿيو

٣. جو نه ويو اوڏو شهر سو بيشڪ بيتالو ٿيو
سچوءَ سڃاتو شهر سو، عاشق الله والو ٿيو

ڪافي سُر ڀيروي ١٩٠

ساٿون ڀُل ڳئي ڪُل ڪار. ويلا آتڻ لنگهيا

١. آپي چاٽي سر اساڏي يار، چڱي ڪيتي جاني الا
هُڻ آٽڪي لائِيُّي آر

٢. مئين تا تيڏي روز ازل ڪنُون، سُڻ تون مئيڏا سائين
سگها آوين تون ڪنهن وار

Scanned by CamScanner

۳. دلبر سائين دور اسان کنون، اتي هوءِ هوءِ هوئي اسان نون
يار ڏينهن پئي ڏون چار
۴. اکيان تيڏيان سيف ستم ديان، اسان چاتيان خونيان خوب الا
سانون مزگان نال نه مار
۵. آهي غلام **سچو** در تيڏي دا، تنهنکون ياد رکين تون سائين الا
اتي ويلي کنهن نه وسار

ڪافي سُر ڀيروي ۱۹۱

لهندا سار سنڀال، منهنجي، مُنهنجا وو ميان
۱. مونکؤن ڏورڻ نه ٿيا
آهن ڪاف ڪشال
۲. اوهان ڀاڄهون سپرين!
جيئڻ منجهه جنجال
۳. ڪري فناءَ فراق کي
وجهان واجهه وصال
۴. ڀاڄهون ڀاروچل جي
هڙا ٿيم حال
۵. راتو ڏينهان روح کي
مُنجهڻ لاءِ جمال
۶. سڪ ٿُنهنجي سُپرين
جيءَ **سچوءَ** جي جال

ڪافي سُر ڀيروي ۱۹۲

پير وني جي تون آئين يار! وڃؤن وني سي پير سچار
۱. هڪ هنڌؤن هلي ٻي هنڌ آئين
ٽئي هنڌ لاتئي لقب هزار
۲. چوٿين جاءِ سهي ڪر سالڪ!
پوءِ ٿيندين هت گرد غبار

Scanned by CamScanner

۳. بحر اعظم جو اهين پکيڙو
وڃن اڏامي پڄ تنهن پار
۴. سؤدا سُود وهايئي ڪيئي
کهڙا ڪيڙء وڻج واپار
۵. **سچو** سالڪ سمجهہ اتيئي
لاهي سڀ تؤن مرد ميار

ڪافي سُر ٻيروي ۱۹۳

ليڪي "لا" جي ڪؤن جي لنگهيا
ڏاڪي وحدت جي ۾ سي ونگيا
۱. اُچت انا الحق جي
پُني انهيء ٽنگيا
۲. ڳئيڙا هر دو جهانئون
اصل انهيء آهہ چُنگيا
۳. عاشق ڪڏهين ڪينڪي
سُولي ڏسي سنگيا
۴. نيزي اُتي نينهن جي
عاشق اصل لنگهيا
۵. **سچو** سورهيہ سوَن مؤن ڪي
ڀهڳڻ وچي ڀنگيا

ڪافي سُر ٻيروي ۱۹۴

مُلان تہ ڪارڻ مانين جي ميان! ختمان پڙهن ٿا خاصا الله
۱. هلي اچن ٿا ڪُنن تي ميان!
هٿ ۾ ڪيون عاصا الله
۲. جُڙي ويهن ٿا مانين تي، ميان!
ڪُڪيون ڀرن ٿا پاسا

٣. مُلان چون تـا ڪـين ڪـيـون تـا
ڪـائي وڃن تـا ڪاسا الله
٤. **سچو** سـچُ چوي تـو ظـاهـر
ٻُـنيون گهمن تـا ڀاسا الله

ڪافي سُر ڀيروي ١٩٥

ڪڏهن عيسيٰ، ڪڏهن موسيٰ، فرعون تي حڪم هلايم تي
١. ڪڏهن منصور ڪڏهن شمس الحق، اِهي سر تي سور سهايم تي
ڪـڏهـن دارا ڪـڏهـن سـڪـنـدر، ڪـڏهـن ديـس دٻـايم تـي
٢. ڪڏهن اياز ڪڏهن هُئس محمود، ڪڏهن نوڪر نانءُ ڌرايم تي
ڪـڏهـن لـيـليٰ هُـئـس مجنـون، ڪـڏهـن واتـين ورهـ وسـايم تـي
٣. ڪـڏهـن نـام شـداد جو مـون تـي، وري نـئـون نـئـون بـنـايم تـي
ڪـڏهـن وامـق عـذار، ڪـڏهـن شـيـريـن فـرهـاد ڪـوتـايم تـي
٤. ڪڏهن هئس زليخا، ڪڏهن يوسف، ڪڏهن عزيز مصر سڏايم تي
ڪـڏهن رامُ سيـتـا ،ڪـڏهـن لڇمڻ، ڪـڏهـن ڏهـيسـر بـنـايم تـي
٥. ڪـڏهـن نـمـرود هـوس، ابـراهـيـم وچ آتـش پـاڻ وجـهـايم تـي
ڪـڏهـن دائـود هـوس، سـلـيـمـان، ڪـڏهـن تخت هـواءِ اڏايم تـي
٦. ڪـڏهن چـام پـنـهون، ڪـڏهن سسئي، ڏونـگر ڏس پڇايم تي
ڪـڏهن ڳِـهڻ گـهڻ وڃن گـهنگـهرو ڪـڏهن ڇيرين ڇمڪـايم تي
٧. ڪـڏهن آيت مُصحف ياد ڪـيـم، ڪـڏهن ناچو ناچ نچايم تي
ڪـڏهن ٽـيا ٽـيا ۾، ڪـڏهـن ٽـيا، ڪـڏهـن ڦـيري ڏئـي ڦـتڪـايم تي
٨. ڪـڏهن زردا جامـا زربـفـتي، ڪـڏهـن دلق ۾ لـيڙ لـڙڪـايم تـي
ڪـڏهن عاشق، ڪـڏهن معشوق ٿيس، ڪـڏهن چشمان بي اتڪايم تي.
٩. ڪـڏهن لڪ وڏا ٽـي ويس ڪـيم، ڪـڏهن سر سارو سمجهايم تي
ڪـڏهن نـانءُ **سچو** ٽـي، هت آيس، ڪـڏهن روح تا راڳ رسايم تي.

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر پيروي ١٩٦

جنهنکي عشق موليٰ جو ناهي، سوڄڻ جهنگ جناور آهي

١. وهم ارادا خيال ڀيا
وچ ڳاه ٻره جي ڳاهي

٢. هو جو ڪوٽ هُنُڻ جو ميان!
ڊوڙ پهرئين سان ڏاهي

٣. عاشق تڏهن ڪونجي
جڏهن سڀ لاڳاپا لاهي

٤. دوستيءَ ٻاجهون دوست جي
هَڏِ ناهُ نہ پيو ڪو ناهي

٥. محبت جي ميدان ۾
هو ڪامل پون ڪاهي

٦. **سچو** صاحبُ سِڪَ وارن کي
چاه منجهوُن پيو چاهي

ڪافي سُر پيروي ١٩٧

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وٺي نہ وٺي
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دَمُ ٻٽي نہ ٻَٽي

١. سچ تہ پاڻ ڏٺي پيدا ڪيو آهي
انگ تہ آدم جو ٻئي ڪنهن جوڙيو ناهي
سچ چيو منصور نئي چڙهيو ڦاهي
اهڙا بار بره جا پيو ڪو ڪٽي نہ ڪٽي

٢. سچ تہ مُربي مُحب مُجيبَ چيو
اَنا احمد عين عجيب چيو
اسان تہ عاصين خاص نصيب چيو

ڳٽي يار ويو ڀيو ڳٽي نہ ڳٽي
٣. نڪا عيب ثواب جي جاءِ آهي
نڪا تہ نيهن نواب جي راءِ آهي
اهو تا عشق حُسن هر جاءِ آهي
ڇٽي يار ويو ڀيو ڇٽي نہ ڇٽي
٤. سچ تہ **سچل** سائين جي ڳالهہ سچي
مئي تہ محبت وارا ڪندا ڪين ڪچي
رنگ رمز انهيءَ ۾ ويو روح رچي
سڏڙا مالڪ سُٽي ڀيو سُٽي نہ سُٽي

ڪافي سُر ڀيرُوي ١٩٨

سُڻ تون منهنجڙو حال، ميان! واقف سائين!
مرشد سائين وو حال ميان
١. تي خلاص وو خود پرستيءَ ڪوُن
ميان ڪر ٻلا ٻال
٢. بخشش توڏهن وو تي بره جي
ڪاريئي سو ڪون ڪشال
٣. مان مان وچي وسري ميان
تون ئي تي برحال
٤. صحيح **سچوءَ** جي دانهن اها ئي
فضل تئي في الحال

ڪافي سُر ڀيروي ١٩٩

آهيان آهيان تہ ٻي چؤ ناهيان ناهيان، ڪين آهيان آءٌ
١. آهيان ناهيان جي خبر نہ پوندي
موتي چوان تا چاهيان

٢. باقي آهيان سڻوري سرتيون
فانيءَ ڏي ڪيئن ڪاهيان
٣. آهيان ۾ آهي خؤف گهڻيرو
سينو تہ نانهہ جو ساهيان
٤. الله آهہ اثبات اصل ڪؤن
”لا“ کي ڪاڏي لاهيان
٥. **سچو** سچ اهو ئي آهي
تاه نہ ٻيو ڪو تاهيان

ڪافي سُر پيروي ٢٠٠

اتي ڪفر نہ اسلام، آهي سيني کي سلامُ
١. ڪڏهن ڏئي ڪينڪي
اهو آرانيو آرامُ
٢. مذهب مور نہ مڃيان
آءُ مشرب منجهہ مدامُ
٣. قيد ٻيجي ٻاهر ٿيان
جاري ٻيان جامُ
٤. هاديءَ سائين پاڻ **سچوءَ** کي
عشق ڪيو انعامُ

ڪافي سُر پيروي ٢٠١

ڀنگ ٻُوڙيندا اهو نشا ناهين، شوري ڪيف شرابي هي
١. سر ڪنون ٿيا اهو سر پيدا
اي تا ڳالهہ ڪتابي هي
٢. نا اهو خاڪي نا اهو بادي
آگي نا اهو آبي هي

Scanned by CamScanner

۳. اور تا هي گوياءِ سجاڻون
اي بي هڪ حجابي هي
۴. عاشق آهستا نهين ويندا
شاهي شوق شتابي هي
۵. جي مئن کنون پڇو ڳالهہ سيائي
بره سارا بيتابي هي
٦. عشاقان اور مشتاقان کون
عشق اجهل اربابي هي
۷. **سچو** صبر اتاهين کرڻا
نا تان وچ خلق خرابي هي

ڪافي سُر پيروي ۲۰۲

اڄ اڱڻ اجهي آيم، پرديسي گڏيم ميان!
۱. پيهي پکي آئيا
لنوءُ جنين سان لايم
۲. کوڙين قاصد کيترا
هوتن پار هلايم
۳. پُڇيم جن لئي پنڌڙا
سي واليءَ پوءِ ورايم
۴. انهن کارڻ سرتيون!
سر تي سور سهايم
۵. سيئي **سچو** آئيا
جن لئي کانگ اڏايم

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر پيروي ٢٠٣

جهڳ مڳ جهڙڪي عشق مچايا

عــشــق ألانــبــا لايــا هـــي

١. سولـي تـي مـنـصـور چڙهايـئـي

جنـهـن اناالحـق الايـاهـي

٢. فـڪـل سـان فرعـون ٻوڙايُـئـي

جنـهـن الله آپ سڏايـا هـي

٣. آدم ديـــوچ آدم پـــيـــدا

وچ آدم دي سـمـايـا هـي

٤. تيـڏي قصـہ دا انت نہ ڪوئي

شـاهـنـشـاه سـڏايـا هـي

٥. عــشــق تُـســاڏي آنــبــہ لايـا

ڏُونـهـان روز ڏکـايـا هـي

٦. تون طـبـيـب هـئـين من ميـڏيدا

ڏي ٻُـڪـي تــن لايــا هـــي

٧. مـئـين وچـون جا مـين پـيـدا تـي

هي جڳ مـئـين مـرايـا هـي

٨. ڪـو هووي جو مـئـين ڪـون ماري

سـچـل سـچـل الايــا هـــي

جُهولٽو پيروي ٢٠٤

سـاٿـي سـانـون ڪـا ڳالهہ سـٽـائـين وو

يـار دي ٻاجهون مئن نا مـردي نـہ جيـنـديـان

١. راتـو ڏيــنــهـان مـئـين نـاپـوتـيـان پـتـائـين

روز فــقـــيـــران ڪـــنـــون فـــالان وجـهـــائـــين

Scanned by CamScanner

دوست دي ڪيتي مئين تا وره وسائين وو
٢. عشق اسان تي هلان ڪيڏيان لائين
ٻيلي واليان مئين تا ڍونڍ ديان جائين
نانؤ الله دي سانُون دوست ملائين
٣. طرف معشوقاندي ٿيوين تون تا راهي
حال اساڏي دي ڪرين ڪا آگاهي
مهر پوين مان ڪرن ٻلائي
٤. يار دي اتان ماريا هجر اسان نون
ديس سڄڻ دي ساتي ٿيوين تون روانو
طرفون اساڏي ٻرين سؤ لک جانو
٥. دوست اساڏا ٿيا وڃ پرديسي
آهي اُميد سانون نال تا نيسي
اوڏا مئيڏي ٿيسي پري نہ ويسي
٦. سهڻا سانون سائين مُکڙا وکالين
قول جي ڪيتُئِ ميان سي تا پالين
ورق وڇوڙي دا ميان والي تون والين
٧. سڄ ميان ساتي مئيڏا حال اهوئي
آندا نهين اوڏون قاصد ڪوئي
سوال **سچو** دا سائين آکين تون روئي

ڪافي سُر ڀيروي ٢٠٥

ٻلا ميان رانجها آوين آوين ساه سياوين
١. سدا تون هوين نال اساڏي الله
ميان وَل نہ ٻڇون تي جاوين
٢. نانؤ سائين دي اگهڻ اساڏي الله
ميان سگهڙا ڦيرا پاوين

Scanned by CamScanner

۳. جهنگ سيال تي نهين جو پائندا
الله ميان هڪ تون سانون پاوين
۴. بره تساڏا سچو چايا الله
ميان تون بي سچو کون چاوين

ڪافي سُر پيروي ۲۰۶

هاڻي ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهه، پلو هاريون پنهنجي حال جي
۱. پرين نيندا پاڻ سان
پينر پنهنجي پال
۲. ڪرڻ عرض عجيب ڪي
منهنجي چاهي مجال
۳. ڪندي پورهيو ڪيچ ۾
جي نين نماڻي نال
۴. پنهنجي وڙئون پرين پيارا
ڪندا قرب ڪمال
۵. سِڪ سائين جي منجهان سچو جو
وريو ورق وصال

داستان چوٿون

ڌناسري جي ڪافين جو

ڪافي سُر ڌناسري ۲۰۷

ساروئي سِرُ آهي آهي، ڪاتي سچو ڪاتي ذات سچل جي
۱. موج درياه حباب ڪڙا ڪيا
چاڻج ڪو شڪ ناهي ناهي

Scanned by CamScanner

٢. آهـ اونـهـون اسـرار الاهـي
چا آ چا منجهارون چاهي چاهي
٣. پـنـهـنجي پاڻ پـسڻ جي كـارڻ
ناه لكين ٿو ناهي ناهي
٤. عـاشـق عـشـق مـعـشـوق اهـوئـي
ڏانوءُ ڏاڍو كـيـو ڏاهـي ڏاهـي
٥. ”الاالله“ اثـبـات مـڙيـوئـي
”لا“ كـي تـون چڏ لاهـي لاهـي
٦. ”لـي مـع الله“ سـمـجهـ اشـارت
فيل لنگهيو منجهه پاهي پاهي
٧. واٽ اهـا ئـي وحـدت واري
كـامـل ايـنـدا كـاهـي كـاهـي
٨. اوئـي انـدر اوئـي ٻـاهـر
كيئن چوان ائين ناهي ناهي
٩. ڳالهه **سچل** جي كي سالك سمجهن
عـام لـيـكـي تـا چاهي چاهي

كافي سُر ڏنـاسري ٢٠٨

صـاحـب اَتـون اِتـان آكـر آدم نـام سـڏايـا
١. جيـويـن تخت هـزاري رانـجهـن
چاهـؤن چاك سـڏايـا
٢. بـاطـن مـؤن ٿـي ظـاهـر
ويكو عشق جو لاوڻ آيا
٣. آپـي عـاشـق آپـي دلـبـر
آپـي عـشـق كـمـايـا

Scanned by CamScanner

۴. عـبـرت وچ اهـيـنـدي يـارو
كُوپـين كـنـڌ كـپـايـا
۵. هـر شـئـي ديـوچ انـدر ٻـاهـر
صـاحـب آپ سـمـايـا
٦. بـحـر عـميـق وچون ٽـيـان مؤجان
جنهـن پـارو پـار پـسـايـا
٧. **سچو** سـيـكـنـهـن صـورت انـدر
رنـگـي رنـگ رسـايـا

كافي سُر ڌناسري ۲۰۹

ڏوڙو ڏک پيو دوست اسان تي. مُحب جڏهن موكلايو تو
١. دردمـنـدي جي دل كـي دلـبـر
نـازن سـاڻ نـوايـو تـو
۲. منهنجو تنهن ڏينهن پرينءَ ٻاڻ ئي سان
روح آٽـي اٽـكـايـو تـو
۳. گهونگهٽ منجهہ كري كيئي غمزا
عـاشـق ٽـي آزمـايـو تـو
۴. رهـبـر كـج روانـو اسـان ڏي
فـائـق هـيـئـن فـرمـايـو تـو
۵. مـيـلائـي جو مـحـب سـگـهـيـرو
سچوءَ جو آهـي سـعـيـو تـو

كافي سُر ڌناسري ۲۱۰

ٽـيـون ورڻ جون وايـون
يـار سـانـگـيـئـڙي جون

Scanned by CamScanner

١. هٿ پانڌيءَ جي پاروُن پرين جي
اهــي ســي خبــران آيــون
٢. ڪونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏنهن
اســانـــڏي اپــار اُڏايـــون
٣. اســـان پـــريـــن جون شـــل
جدا نہ هونديون جايون
٤. ڪيئي ڪتابتان پهنجي اچڻ جون
مُونـــڏي هـــوت هـــلايــون
٥.ناهن ڳالهيون هي ڳرهڻ جهڙيون
سچو ري ســوز ســـلايُون

ڪافي سُر ڌناسري ٢١١

اهو اتم ارمان، چا منجهان هت چا تي آيُس
١. چاڪـر ٿيس نہ چاٽـان چاڪوُن
نا تہ هوس صحيح سلطان
٢. هــوس دانــاءُ دنــوار انـــهــيءَ ۾
هــت نــانـوُ ٿــيـس نــادان
٣. ڪوئي چاٽي ڪوئي سجاٽي
اهــو مــردي جو مــئــدان
٤. بحر اواگهہ جو لـهر لـڪايو
ٿيو طرح نوين طوفان
٥. اصلوُن ســاڻ وتــي هــت آيــس
سُورن جو ســـامـــان
٦. هڪ گهر ڪوُن تي ٻي گهر آيس
مــحــض آيــس مــهــمــان

Scanned by CamScanner

٧. بحر اُتون جا لهر اُڀي تي
موتي تيو مهران
٨. **سچوءَ** کي کيو ساعت ساعت
حيرت هن حيران

ڪافي سُرَ ڌناسري ٢١٢

اصل آهين اسرار. ظاهر ڳالهه زبانون ناهي
١. ٻهريون پاڻ نه چاتم هنئين تي
شوق پريم شُوڪار
٢. مرشد رمز ڳجهي ٻُرجهائي
آندم هت اعتبار
٣. دين ڪُفر اسلامُ مذاهب
اول ڇڏڻ درڪار
٤. پوڙيم سڀ ارادا
آندم هڪ ارادي آر
٥. جائي ڳالهه سڃاتيم سائي
ساڳي آهيان سردار
٦. يسمع يبصر ينطق هڪڙو
ناهي آڻن انڪار
٧. خلق الا اشياء وهو عينها
تي خاصا خبردار
٨. **سچو** غير خدا جو ناهي
گوش ڪرڻ گفتار

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر ڌناسري ٢١٣

سُنوري سيان بره مٹين ليان، ناهي سوز سماوڻ دا

١. بره برساتيان سر تي لايان
سيل ڪِتس هڻ ساوڻ دا

٢. واسُ جو ويس لبيس ڪراهين
اڄ واعدا شهه دي آوڻ دا

٣. چوڙا پيڙا سينڌ ڳنڊائي
ساڏا وقت اڳهاوڻ دا

٤. عرش ڪُرس ڪل ايوين آڪيا
اي نانهين ساڏي چاوڻ دا

٥. سارا سؤدا سِرُ دا ڪيجي
هٿي چهرا ڏينهن چلاوڻ دا

٦. سر ڏي **سچو** هڪ ساجن ليوين
تل نهين هڪ تاوڻ دا

ڪافي سُر ڌناسري ٢١٤

دل اٿان پٹي وڃ اٿان. جتان ڏوه ثواب دي جاءِ نهين

١. چرخا چار ٽُڪر مٹين ڪيتا
ڪيڪُر هُڻ مٹين ڪتان

٢. . جتان پڙڪي باه بره دي
طالب ويندي ني تتان

٣. . عاشقاندي آءُ منزل ويڪو
قدم ڌريوني ڪتان

٤. لوڪ نه پاوي جاءِ اٿاهين
عاشق ويندي جتان

Scanned by CamScanner

٥. **سچو** سالڪ لنڌهه اڳي پئي
اسان رهيو سي اٿان

ڪافي سرّ ڌناسري ٢١٥

ٻهون ٻهو ن هت ماندڙيان
آءُ جاني ڳل لڳ رَهه پيارا

١. ڪَتڻ اٽڻ دي ڪار ڪريجي
نه ته پيان رهسن پاندڙيان

٢. ڳيان انداريان ڱليان چانڊوڪيان
رلمل ڪيڏن راندڙيان

٣. تيان خراب اوئي هن دليان
وره ڪنون جي واندڙيان

٤. **سچو** هشناڪ اٿانهين رهٽا
جِت سؤ لڪ غوطي ڪاندڙيان

ڪافي ڌناسري ٢١٦

آندا جاندا يار وي، ويڙهي ديوچ يار اساڏي

١. مارڻ ڪاڻ اساڏي ڪيتس
صورت دا سينگار وي

٢. بوءِ عطر دي مست ڪيتا وت
ڪوچم شهر بازار وي

٣. وچ وصال فراق ڳڏوسي
اِهو **سچو** ڪيها اسرار وي

ڪافي سرّ ڌناسري ٢١٧

اکيان ڪول تماشا ڏيکين، صاحب صورت ساري هي

١. ايڏون اوڏون اوئي دلبر، چئون طرف چوڌاري هي

٢. ڪتي بلبل ڪتي گل ڦل، ڪتي باغ بهاري هي

Scanned by CamScanner

٣. ڪٿي بِسمل پڙهندا ڇُلندا، ڪٿي خاص خماري هي
٤. ڪٿي گوشي گهِن ڪر ٻئينا، ڪٿي شاهه شڪاري هي
٥. ڪٿي درد دوزانو ڪيتا، ڪٿي سئيل سواري هي
٦. ڪٿي مومن ڪٿي ڪافر، ڪٿي آپ پساري هي
٧. ڪٿي شيخ مشائخ، ڪٿي حافظ ڪاتِبُ قاري هي
٨. ڪٿي مُغ برهمڻ، ڪٿي ظاهر ذوق زناري هي
٩. ڪٿي دلق درويشي پهري، ڪٿي پَٽ پهاري هي
١٠. ڪٿي مست موالي ڦردا، ڪٿي چؤرنگ چاري هي
١١. ڪٿي تخت تڪبر ڪردا، ڪٿي پاڪُ ٻيناري هي
١٢. ڪٿي لِڪُ لڪوتي ڦردا، ڪٿي مُشڪ مشاري هي
١٣. ڪٿي چنڊ ستاري اوجل، ڪٿي سج سهاري هي
١٤. ڪٿي هر ڪائي ٻولي ٻولي، ڪٿي گنگ گذاري هي
١٥. ڪٿي سُني ڪٿي شيعه، ڪٿي سُرت سچاري هي
١٦. ڪٿي عاشق ڪٿي معشوق، ڪٿي ناز نظاري هي
١٧. ڪٿي اناالحق دمُ مُريندا، ڪٿي زياده زاري هي
١٨. اوئي حُڪم هليندا حاڪم، اوئي ڪل داري هي
١٩. اندر ناچ نچيندا ناچو اوئي ڪيل ڪيلاري هي
٢٠. اوئي ڳاوي اوئي بجاوي، اوئي بيڪ بيڪاري هي
٢١. اوئي خاڪ مَليندا مُنهن ڪون، اوئي عطر عطاري هي
٢٢. اوئي خاڪ قلندر ٻهندا، اوئي وچ هنباري هي
٢٣. اوئي دانهين اوئي ڪوڪي، اوئي مير مهاري هي
٢٤. اوئي لڏڙيا دور تڙيندا، اوئي ڪات قهاري هي
٢٥. اوئي مردا اوئي وڙهدا، اوئي او صُلحاري هي
٢٦. اوئي ڪعبه اوئي بتخانه، اوئي سنگ ديواري هي

Scanned by CamScanner

٢٧. آپــي گــهــوٽ آپــي ڄڄ اوئــي، آپــي او شــرنــاري هــي
٢٨. آپــي اوئــي جُهــمــر مــريــنــدا، آپــي او دُهــلاري هــي
٢٩. آپــي احــمــد صہ آپــي عــلــي عہ آپــي قــربُ قــراري هــي
٣٠. آپــي عــبــدالحــق ڏســيــنــدا، آپــي نــور نــيــاري هــي
٣١. آپــي انــدر آپــي ٻــاهــر آپــي او ســڀ ڏيــکــاري هــي
٣٢. هر ڪائي شــڪــل اُنــهيــنــدي آهي، عين اوئي انواري هي
٣٣. ڪــتــي ڪــيــوين ڪــتــي ڪــيــوين، ميڏا مُحب مــڪــاري هي
٣٤. جيوين ڇيٽ هوئي هڪ نالي، تنهن سر ڪيئن گلڪاري هي
٣٥. ايــڪ داني مؤن سبزه بــرگــان، ڏار ميوه لــک ٽاري هي
٣٦. اصــل مــتــي پــوءِ نــانءُ رَچانــدي نــانــوانــدي نــرواري هــي
٣٧. اصل ڪماند تنهين مون پيدا، ڪيئي ميٺ ميٺاري هي
٣٨. جيوين قند ڪهان ڪنڊ مصري، ڪيئي لک نانءُ ليڪاري هي
٣٩. سون وچون سؤ زيور نالا، هر ڪــنهن نــانءُ اجاري هي
اوئــي **سچو** سچ ٻــولــيــنــدا، اوئــي ســبــد ســنــواري هــي

ڪافي سُر ڏناسري ٢١٨

اپــٽــي ويــڙهــي دا، چا غلام ڪــيــتــوئــي
١، هــوش اســاڏا هــڪــو واري
نــيــٽــان نــال نــتــوئــي
٢. هجر گهتيوئي اسان يتيمان نون
ڪــيــون ڏوراپــي ڏتــوئــي
٣. چشمان ڪاليان لعل شرابي
مَئــي دا مــت پــتــوئــي
٤. چولا تــيــڏا رنــگ رنــگــيــلا
ڳوڙهــي رنــگ رتــوئــي

Scanned by CamScanner

۵. ساهه سريرؤن يار **سچل** دا
ليئي نال لتوئي

ڪافي سُر ڌناسري ٢١٩

مئين مندي مئين سندي
ڪيوين سڏايان سوبندي

١. توبه توبه تي استغفر
ڳچي پاتي سي گندي

٢. اهين ڳالهيون ڪائي مدت
دل تي هئي درد مندي

٣. ٻاجهون سايا ندي هُڻ **سچو** وي
ڪارڻ ٻي ڪائي ڪندي

ڪافي سُر ڌناسري ٢٢٠

ڪيسا بانوري رنگ مچايا هي ڪيسي رانولي رنگ مچايا هي

١. اهو جوڳي ڪلنگي والا
ڪهڙي ديسؤن آيا هي

٢. ڪيڏون آندا ڪيڏون جاندا
انگ ڀڀوت رمايا هي

٣. پاڻ مليندا وتندا روندا
آک ڪنهندا وت چايا هي

۴. مئين نه جانا ڪنون ذاتين
سچو نام سڏايا هي

ڪافي سُر ڌناسري ٢٢١

ڪيون درويش سڏائين، **سچو** تون ڪيون درويش سڏائين

١. وچ عبادت نا وچ طاعت
ڪنهين سي ويل نه آئين

Scanned by CamScanner

٢. ڪوجهي تيڏي ڪم سيئي
تاجان سروچ پائين
٣. اپڻي راه وي گم ڪيتائي
پنهان نُون واٽ وڪائين
٤. هادي مُرشد مهر ڪريسئي
پاند تهين در پائين

ڪافي سُر ڏناسري ٢٢٢

تيڏي شوق مچائي شور، اُڏر اَلنبي آسمان لڳي
١. پُر پيالا محبت والا
زهر پلايا زور
٢. جس تن لڳڙي سوئي تن ڄاڻي
ڪيا ڄاڻي ڪوئي هور
٣. بُت اساڏا ڪيتا بيراڳي
تيڏي چشمان والي چور
٤. لڪان ديوچ صحيح سڃاڻين
عجب رڪائين ٽور
٥. دردمندا دي دل تي سچو
بره بڇائيندا بور

ڪافي سُر ڏناسري ٢٢٣

مونسان نينهڙو لايائون، آهي شُڪر حمد لله
١. مزگن سان هِن مشتاق جي
خوشي خيال دل ڪسيائون
٢. درد منديءَ تي ڪيئي دلا سا
ڏِسُ جو وري ڏنائون

Scanned by CamScanner

٣. حال احوال ني هِن فقير ڪؤن
پيرا پري پڇيائون
٤. ڏنگائن ڏي ڪين ڏنائون
وٺي پانهجو ڪيائون
٥. هڪ ڏهاڙي سڏي **سچوءَ** کي
ائين ڪي چڱو چيائون

ڪافي سُر ڌناسري ٢٢٤

پيا تُساڏي نال ٻَهہُ وي ميان
قاصد ڳالهہ چڱيڙي ڪهہ
١. آوين برابر ديس اساڏي وي
وچون راتين نہ رهہ
٢. ڪوئي اسا ٿون دور نہ جاوين
ڀهڳڙ مئين ڪول ٻهہ
٣. تانگهہ اساڏي تئين ڏهون هوئي
تون ٻي اسان نال ٺهہ
٤. طعني طرفون سڄڻاندي
سڀ يار **سچو** سرتي سهہُ

ڪافي سُر ڌناسري ٢٢٥

وڃي شال ڏسان، پُنهون تنهنجو ڪيچ والي وسايو
١. اديون اوٺارن کي آيل ڙي
رتيءَ منجهہ رسان
٢. ڪاڪيون ڪوهيارل کي، آيل ڙي
پڇي شال پسان
٣. وندر جي واٽن تي، آيل ڙي
گوڏن پر گسان

Scanned by CamScanner

۴. هاريون هوتياڻن جي، آيل ڙي
ويڙهي منجهہ وسان
۵. وجي ڪيچ وڻن ۾، آيل ڙي
هوتن سان هسان
٦. **سچو** سپرين سان، آيل ڙي
ڪنديس چاهہ چسان

ڪافي سُر ڌناسري ٢٢٦

تيڏڙي نال، وو ميان! مئين تا هويان هويان وي
١. نال تيڏي ميڏيان ڳجهيان ڳالهين
اپڻا آپ سنڀال، وو ميان!
٢. ڪهندي ڪارڻ ميان! آک اسان نون گهتدئين
جيءُ جنجال، وو ميان!
٣. آپ سڄاڻين مئين ڪون چاڻين
ٻئي تا خام خيال، وو ميان!
۴. **سچو** ميڏئين مئين تا تيڏي، ميان
نال جميعت جال، وو ميان!

ڪافي سُر ڌناسري ٢٢٧

دل اساڏي لُٽي، زلفان والي يار ڙي ميان!
١. غمزان رمزان لاءِ ڪراهڻ
ٻاڻ تهندي ٻُٽي
٢. راتو ڏينهان سا رت رووي
دوست ڪنون جا ڦُٽي
٣. زهر پيالا محبت والا
گهت پريندي گهتي

Scanned by CamScanner

۴. دل اساڏي آچر ڪرڪي
نال چشماندي چٽي

۵. منزل دور آٽانگيان پٽيان
حب والي نهين هٽي

٦. سڪ **سچو** ڪون ساوڻ ڪيتا
سا وت شال نہ ٺٽي

ڪافي سر ڌناسري ۲۲۸

مُحبن مُڪا مونڏي وري اچ، ڏوٺ ڏوراپا ڏئي

۱. سڻي سنيها يار جا
ٻولي ٻَڏيم ٻانهون ٻئي

۲. دل ديري ڏي دوست جي
وهندو انهي ويلي وئي

۳. مونکي وساريو ڪيئن اٿئي
مون پرت توئي سان پئي

۴. تنهنجي اسانجي ني وڃؤن ڏس
ڏينهن ويا گذري ڪئي

۵. تو دور دل ڪؤن پائين
آهي حيف تا توکي هيئي

٦. مون تا ڪيون توسان جي سانيج
سچو ڳالهيون سيئي

ڪافي سر ڌناسري ۲۲۹

پائي ڏوهہ پنهنجي پاند ۾
آءُ دوست تو در آئيان

۱. راتو ڏينهان پنهنجي روح ۾
تُنهنجا سوين ڳڻ ڳائيان

Scanned by CamScanner

۲. ڏوٽ ڏوراپـــو ڀُـــڏي
آءُ پلـؤ تـوکـي پـائـيـان
۳. زاريؤن ضعيفي مؤن کري
تـوکـي پـريـن پـرچـائـيـان
۴. جا تـو پٽـي پيـزار جي
سـا کهـہ لگـن کـي لائـيـان
۵. سپ ڳالھہ پنهنجي سر جي
تو کـي **سچو** سمجهائيان

ڪافي سُرَ ڌناسري ۲۳۰

مونسان ڪيون ميهار، ڳجهيون ڳالهيون وو دوستيءَ جون
۱. سـي نـہ وسـرن سـيـر ۾ جي
آيـــون ڏنــــهـــن اســـــرار
۲. ســـون لـــيـــکـــو نـــاه کـــو
پـــر هـــيـــون هـــت هـــزار
۳. ڀـــڃي پـــيـــون ڀـــرتـــي
مـــنـــجهـــؤن گـــرد غُبـــار
۴. منهيون اڏن ٿيون ڪيتريون
آٿـــيـــو مـــٿـــي آر
۵. ساه **سچوءَ** جو سوگهو ڪيڙو
پـــاڙيـــچون هُن پـــار

ڪافي سُرَ ڌناسري ۲۳۱

دوست کي دانهون سٽيِ، مانَ مِهر ڪا مون ڏنهن پوي
۱. دردمـــنـــد جي دَرَ اُتـــي تـــو
ڪـــانـــگ لاکـِيـــٽـــو لَوي

Scanned by CamScanner

۲. پيغام پِرين پار جا
چشمن اُتي ويهو چوي
۳. عاشق آهي اُڪنڊيو
گهڻو ٿو راند رُوَنڊ جِي رَوي
۴. سَرَ پِرا اسي ايڏانهن اَچون
يا ڪي اوري ايندؤ اوي
۵. **سچو** سدا سڪ سوز ڪؤن پيو
ماڻ محبت جو موي

ڪافي سُر توڏي ۲۳۲

ياد مونکي اُهي آيون،
وو يار! ڪيئي ڳجهيون جي ڳالهڙيون هوءِ هوءِ
۱. اوهان جي ٻ اچڻ جون
ٿيون وري هَتِ وايون
۲. دردمنديءَ جي وو دل ڪي دلبر
وره وجي ڪيئن لايون
۳. نانؤ سائين جي سُهٽا سائين
چتُ نہ وج مون تؤن چايون
۴. آءُ تا ڏينهڙا گڏ گذاريون
هت ويتا وره وسايون
۵. ڏوهن **سچو** جي ڏي نہ ڏسو
هِت ٿا سندوَ سڏايون

ڪافي سُر توڏي ۲۳۳

شهہ درياه تي وج پياسي، وو لهريون ڪيئي ڪن لس لنگهياسي
۱. سير سمونڊ جي آندا اتاهين
وسري ٻيا سڀ وهڻ وياسي

Scanned by CamScanner

٢. ڪارونيار مڙيوئي قُلزم
هن برابر اُتي وو نياسي
٣. ظاهر پهرون لهر ڏني سي
پوءِ سارو پاڻي پاڻ ٿياسي
۴. فوق تحت جي خبر نہ پوندي
خوني موج بموج ڪنياسي
۵. **سچو** اُتي سچ ٿيو
ڇر ڇلڪ جي سر چڙهياسي

ڪافي سرّ توڏي ٢٣۴

دارون نہ پيو ڏئين، آهي طبيب عشق منهنجو
١. دٻليون دارون وو سنديون
موٽي نال ڇو نئين
٢. ڳالهہ اهائي عاشقن جي
هئي لاءِ سا هنئين
٣. اوڏنهن الانيو آئيو
ڇو ويچ ڏي وئين
۴. رک **سچو** ري سوز سيني ۾
تا تون سچو ٿئين

ڪافي سرّ توڏي ٢٣٥

رهبر ائين چون، اڄ اڱڻ تنهنجي ايندا
١. تون ڪيئن وسارين تن کي
تو هت گهٽو پڇن
٢. در تنهنجي دوست اُهيئي
اڄ ٿا اجهي اچن

٣. پڪا پائر ڪٽي ڪري
اوڏا تنهنجي اڏن

٤. **سچو** سندءِ ني حال جي
ساري خبر لهن

ڪافي سُر توڏي ٢٣٦

مونکي مهٽا ڏئي
مرڪا پارؤن پرين جي

١. هي تا حبيبن ري
پيالا زهر ٿيي پئي

٢. ڏوڙو ڏک مون پرائيو
هئي دوست جي وئي

٣. روز پرين جي پار ڏي
مونکي نيهن ٿو نئي

٤. ساروئي ڪر **سچو** ٿيو
پُنيءَ دوست جي پئي

ڪافي سُر توڏي ٢٣٧

مونکي نيڻ تا نين، هر هر حبيب ڏي

١. دل جوش ۾ خروش،
اکيون روز رت رون

٢. مونکي شڪر آهي خدا جو
ديدان ديدار ڪن

٣. پارؤن يار لک هزار
مونکي ميهٽا ڏين

٤. سر تي مون سڀ سهايا
پينر پلي چون

Scanned by CamScanner

٥. تن ۾ تانگهہ پرين جي
مــن ۾ مــچ مــچن
٦. سچو سِڪ وارن ڏي سائين
پــاڻ اڪــيــرؤن اچن

ڪافي سُر توڏي ٢٣٨

عشق اڪن نئي لايو، مستانن محبن سان
١. سر مٿي مون سرتيون! الله
ورهــي مــيــنــهــن وســايــو
٢. البت ويـنـديس اوڏهين، الله!
پـل پــاڙيچيـون نـہ پـايـو
٣. آءُ ڪيئن وهان مات ڪري، الله!
ســورن هــت ســمــجهــايــو
٤. جا سيبايم وو سرتيون! الله!
ڳالــهــہ اُهــائــي ڳايــو
٥. اصــل آه عــجــيــب جو، الله!
سچوءَ تــي ســپ ســايــو

ڪافي سُر توڏي ٢٣٩

ديواني هن جي دل ڪيو، ڪو دوست دلاسو ڏيو
١. تـو ٻـاجهؤن سانـول سـائـين
چئو ڪير ڪو ڦِچندو ٻيو
٢. توهـون الاجي ڪيئن سـائين
ســو واعــدو وســري ويــو
٣. گهرجي سعيو تنهنجي گهٽو
جو پــيــش اوهــانـجي پــيــو

Scanned by CamScanner

۴. ڪنهن کي ڏيان هي دانهڙي
هئي بره بيراڳي ڪيو

۵. هئي هئي ني ههڙو حالڙو
اي يار تا توريءَ ٿيو

٦. هي ساه منهنجي سرير مؤن
هئي تانهجن نازن نيو

٧. نجهري نماڻي جي اچي
هڪ ڏينهن پاءِ لعل لپو

٨. ڪيو ڪالهہ هاديءَ قول تو
مڙني اڳيون مون سان اهيو

٩. هوندس **سچو** تو سان آئون
پير عبدالحق چيو

ڪافي سُرَ توڏي ٢۴٠

ڪاڪيون مونڏي ني ڪالهہ، دلبر لکيا دلاسا

١. ايندا اڱڻ سي تانهنجي
جن لئي سڪينءَ ٿي سال

٢. هاريون هجر فراق جو
واريو ورق وصال

٣. سرهو ٿيڙو ساه مون
لاٿئون ڪل ڪشال

۴. ڪرم ڪيائون پانهنجو
مُنهنجي ني چا مجال

۵. تر نہ ماندو تون ٿئين
لهندئي **سچو** سنڀال

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر توڏي ٢٤١

منهنجي اصل آهہ، ميان! دل دست دوستن جي

١. جيئن هلائن تيئن هلي ٿي
منهنجو وس ني ناهہ ميان

٢. سوگهي ڪيؤن دل اسانجي
ڪنهين ڏاڍي جاءِ ميان

٣. جاءِ سا ڪهڙي محڪم ڪيؤن مونکي
ڪل نہ ٻيڙي ڪاءِ ميان

٤. **سچو** توڙي پانهنجو ڪيؤن
تہ ٻي ڇڏ نہ هاءِ هاءِ ميان

ڪافي سُر توڏي ٢٤٢

پارؤن تا پرين، جيڏيون اڇن اهي اولانيا

١. تيلهان ترسين تار ۾
جا محبت نا هئي من

٢. ڪنين چانگار چڙن جي
ڪُوڙي پيڙئ ڪن

٣. سڪ سچي جن جي ساه ڪي
سي تارؤن نہ ترسن

٤. ڪين اسانڪؤن تانهجيون
ڳالهيون ٿيون وسرن

٥. ڪيئن اسين تو وسريا
جا طلب ناهي تن

٦. آءُ اسانجي پار ڏي
ٻيون تا ڏيئي ٻن

Scanned by CamScanner

٧. عشق **سچو** جن آهي
سي تا روءِ رسن

ڪافي سُر توڏي ٢٤٣

مون تاڪي مُحبن، ڏيان ڪيها ڏوراپا
١. ڪيئن شريڪت آءُ ڪندي
سرتيون سان سائن
٢. آءُ نماڻي چاهيان
سوين ڪين سڪن
٣. ڏوڙا طالع مون تين
جي ويڙهي هن وسن
٤. ڏسي حال حقير جو
اڱڻ مانَ اچن
٥. ڪين چڏيندا ڪڏهين
سچو سڳُ سندن

ڪافي سُر توڏي ٢٤٤

مونکي ڏور چو ڏسن،سرتيون! ديرو ني دوستن جو
١. جي مون سُٺو سرتيون!
سدا وچ وسن
٢. اکيون عجيبن کي
پلپل تيون پسن
٣. محب مشتاقن جي
تا کليو دل کسن
٤. **سچو** سوز واريون
وجي روءِ رسن

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر توڏي ٢۴٥

اڄ اڱڻ اڄهي ايندم، سڪيا سانگي گڏبم شال

١. ڏسي حال حقير جو، سو دلاسا ڏيندم
هوجي ڪهي ويئڙم ڪالهه

٢. پنهنجي وڙؤن سُپرين، حال ٻائي اچي ٿيندم
جن لــڳ وجهـايم فـال

٣. لڪي ساري لوڪ کؤن، گوشي پاڻ گڏيندم
اُهي ڪـنـدا ٻـلائـي ٻـال

۴. سگُ جنهينجو سڏجي، **سچو** سيئي سڏيندم
جيءَ جيءَ چونـديـس جـال

ڪافي سُر توڏي ٢۴٦

سگهڙي پرين جي ٻار جي، ڪانگا خبر ڪا مون ڏئين

١. دوست جي نـي ديس ڏي
ڪين ڪالهه تون اڏري وئين

٢. اول اسانجي حال جا
نـازڪ ادا نـيـاپـا نـئـين

٣. ساري سنيها سوز جا
هئي هئي سيئي لائج هئين

۴. ماري ميان مشتاق کي
ڪيئن يار تون ٻاقي ٿئين

٥. پورن منجهه پرديس ۾
ٻاجهؤن اوهان آهيون ائين

٦. آءُ جي مُئي تـا گهورينس
جانـي سدائين تون جئين

٧. **سچو** سڪي ساري توکي
تون ٻي تهين سان هوتئين

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر توڏي ٢٤٧

ڪـانـگـي قـريـبن ڏنـهـن
خبر آندي وٺي وهندو وري
١. خط منجهؤن معلوم ٿي ساري
خبـر ڪـئـين جي ڪـري
٢. دوسـت دلاسا لـڪـيـا تـا تـو
اسـان ريءَ ڪـيـئـن سـري
٣. آءُ گـهـٽـو تـو ســاريـان
ڳالهيون چوي ڪهڙيون چري
٤. **سچو** تو سان آهي منهنجي
اهـــا ذوق مـــون دل جي

ڪافي سُر توڏي ٢٤٨

ڪيئن ڙي اديون آتڻ اچان، مونکي پور پرين جو پيو
١. هَئي هئي سورن جي سيف سان
مـاري ويـچاري ڪـي ويـو
٢. مونڪي نـہ پي مصلحت ڏيو
هئي نيهن تا هن ڪي نيو
٣. سـوئـي پـاريـنـدو پـنـهـنجو
جو قول ڪوهياري ڪيو
٤. الحــمــــد لله ٿـــي چوان
هي سگ **سچو** سان ٿيو

ڪافي سُر توڏي ٢٤٩

ڪو دم اسانجي درد ڪؤن، عاشق متان ڪاهل ٿئين
١. يـسمـع ڪـريـن يُبصر صحـي
هن جسم ڪؤن جاهل ٿئين

Scanned by CamScanner

٢. سِرُ ساهہ سان صدقو ڪرين
جي تون منهنجو مائل ٿئين
٣. هن قُرب جي تون ڪل لهين
اناالحق جو قائل ٿئين
۴. صورت سڃاڻين پانهنجي
هر فعل مؤن فاعل ٿئين
۵. دمدم سندن ديدار جو
سچو سدا سائل ٿئين

ڪافي سُرّ توڏي ٢۵٠

اڄ اسان وٽ آءُ، ميان! تون منجهين والا ميهار
١. پاڻي اُپڙڻ نا ڏئي
هڪ ويريون پيو واءُ
٢. ڪاري ڪن لهريون سان
دؤر وڏي درياءُ
٣. ساهڙ تانهجي سرتيون!
ڏين نہ ساءُ
۴. سيڻاهيو تا سئون وڃي
هن ڪنن ڪؤن ڪاءُ
۵. پرين وڙؤن پانهجي
سچو لهہ سماءُ

ڪافي سُرّ توڏي ٢۵١

لڙ وهي لوهاڻو، يار وي
ساڪيئن ترسي تار ۾
جيءَ جنهين جهوراڻو

١. ڪاهيو ڀوي ڪَنِ ۾
ڀوءِ ڏنس عشق اوراٽو
٢. ساهڙ ڀاڄهؤن ساه کي
ڪيو وره ويڳاٽو
٣. سانول سدا آهه مون
اوهين سيئي ائين چاٽو
٤. ڀچندو اچي ڀاٽهين
سچو يار سياٽو

ڪافي سُر توڏي ٢٥٢

ڪنهنکي ڳالهه سڻايان، ميهر سندي مؤج جي جيڏيون ري

١. سڪ ساوڻ ڪيو ساه کي
چولي تا نه چپايان
٢. دُعا ڪريجو جيڏيون
سندن نيهُن نباهيان
٣. سارنگ آيم سِرَ تي
سوتي وِرهُ وسايان
٤. ڳالهه پرين جي ڳجهه جي
ٻين کي ڪيئن ٻُڌايان
٥. وهي سير سرير ۾
لهرون تانه لڪايان
٦. **سچو** ساهڙُ ساه کي
اوڏوئي تي ڀانيان

ڪافي سُر توڏي ٢٥٣

جيءَ جون ڳالهڙيون هُيون جن سان
هاءِ هاءِ سانگ چڙهي وياسيئي
١. ماريس انهيءَ مامري
هيءَ ڀوءِ اُنهن ڪان ڀيئي

Scanned by CamScanner

٢. وٺي ويندس اوڏهين
حال پنهنجڙو هيئي
٣. ايندا اتم آسرو
جيءَ گهريا ٿي جيئي
٤. مونڏي مُڪائون ڪيترا
ڏک ڏوراپا ڏيئي
٥. جيءُ وڏو آهي جار ۾
تن نياپن نيئي
٦. **سچو** سنيها ٻُڌي ميان!
ٻڌ ٻانهون ٻيئي

ڪافي سُر توڏي ٢٥٤

تنهين ڏينهن ڏنائون، ساه منهنجو ساهڙ کي سرتيون ري
١. درد منديءَ جي دلڙي
نازن سانُ نيائون
٢. هيڏي هوڏي نه ويو
سوڳهو ساه ڪيائون
٣. سڻي سنيها يار جا
عاشق تيڙس آئون
٤. جيءُ وڏائون جار ۾
ڪاڪيون تن ڪڏهائون
٥. ميهر سندي معرڪي
هيءَ غريب ڳڏيائون
٦. جيءُ منهنجو جيڏيون!
ويرن منجهه وڏائون
٧. **سچو** ڪڏ سرير مؤن
ميڙي سپ مدايون

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر توڏي ٢٥٥

سانگ چري سيئي آيا، وو ڏينهن لايا
هـوا جن اوڏهـين الـوالـو

١. اُنـهـن ڪـارڻ اوڏهـين مـيـان!
مـون تـي پـنـڌ پـچايـا

٢. سـانـگي جي هـوا سـانـگ تـي
والـــيءَ پــوءِ ورايـــا

٣. پــريــن هـوا پــرديــس تــي
سـي مـولا مُـحـب مـلايـا

٤. قـادر پـنـهـنـجي ڪـرم سـان
مـيـان ويـڙهـي هـن وسـايـا

٥. مـولـيٰ پـنـهـنـجي مـهـر سـان
ســاڻ غـريــب گـــڏايــا

٦. تــون تــا هــڪــڙو نــاهــين
سچو ســوَ ســڪـــايـــا

ڪافي سُر توڏي ٢٥٦

پرين آهن پار، آءٌ تا هِت ڏينهن گذاريان

١. ويـهـي وسـارڻ اتـهـين
آهـــِ ڪـــمـيــٽــن ڪــار

٢. عشق وارن ڪي جيڏيون!
ٻـــوڙي هـــڏنـــ ٻـــار

٣. دڙڪا ڏيو نـ درياءَ جا
تـــري ويـــنـــديـــس تـــار

٤. ايـنـديـون وره واريـون
اديـــون ڙي هـــن آر

Scanned by CamScanner

۵. **سچوءَ** وڏو سُپرين!
جاني ڙي ڪنهن جار

ڪافي سُر توڏي ۲۵۷

عاشق ڪر آرام، آءُ تا توڪي اوڏو آهيان
۱. ٻيو نہ ٻانئج پاڻ کي
آهين هڏ نہ عام
۲. تون تا آءُ ئي آهيان
ٻيج دوئي جو دام
۳. مطلب آهي تانهنجو ميان!
سريرون سر انجام
۴. ڪيئن ڪيو تو پاڻ کي
بندو ٿي بدنام
۵. ڪفر زلف اسانجي ميان!
مُنهن سندم اسلام
۶. ٻانهپ ٻيائي ڪؤن ميان!
سچو ڪج سلامُ

ڪافي سُر توڏي ۲۵۸

اُهي شال اچن، وو واقف هن جي
ني هوا حال جا جيڏيون ري
۱. جيءُ وڏو جن جار ۾، اُهي موتي مان ملن
۲. پنڌ پراهين مؤن پرين! سگها پوءِ ورن
۳. ساريو سنگهارن کي، پلپل پور پون
۴. مانَ مونکي سپرين، چڱي نانءُ چون
۵. جيهو تيهو آهي ميان! **سچو** سگُ سندن

Scanned by CamScanner

ڪافي سرُ توڏي ٢٥٩

نيئي ڪو گوش گذاري، ووهي نياپا مُنهنجي پرينءَ کي
١. آءٌ اوهانجڙي آهيان
ويهه نه يار وساري
٢. اوهانجي نيءِ اچڻ جي
نتُ نِتُ واٽ نهاري
٣. راتو ڏينهان روح کي
تار سنديوَ تي تاري
٤. ساعت ساعت سُپرين!
سچو روز سنياري

ڪافي سرُ توڏي ٢٦٠

جنهن ميهر ملايو، تنهن گهڙيءَ تؤن گهوري آهيان
١. تنهن ڪُنير تؤن قربان ٿيان
جنهن ڪچو پچايو
٢. اوهين جيڪس جيڏيون!
اهو ييلو ٿيون پايو
٣. تنهن مونکي تار ڪُنن مؤن
منجهؤن لهرن لنگهايو
٤. انهيءَ داٻ دِلي جي
سارو درياءُ ڏيايو
٥. پاڻ پنهنجو سرتيون!
ميان! گهوري گهمايو
٦. اصل تا اڻ تاريءَ جو، ميان!
آهه ساهڙ تي سايو
٧. سِيٽاهن جي سرتيون!
مونکي لاري نه لايو

٨. ساهڙ سير ۾ تو وٽ
سچو آکيرؤن آيو

ڪافي سُر توڏي ٢٦١

جا چوڻ جيهي ناه، سائي ڪيئن چوان جيڏيون!
١. ڳجهي آهي ڳالهڙي، ڪنهين ڪل نہ آهي ڪاءِ
٢. ورو ڪڙ هن واٽ ڪي، هيڏي پير نہ پاءِ
٣. اوڏي ناه پروڙ ڪي ميان! ويجهي نہ ويساه
٤. پوڻ آهي اونهن ۾، جتي هوءِ هواءِ
٥. **سچو** سِرُ نہ سلڻ جيهو، متيون سڀ مُنجهاءِ

ڪافي سُر توڏي ٢٦٢

منهنجو ناه ڪوئي اختيار هي، يار وي
١. مون تا سر تي چائيو
باري بره جو بار هي
٢. راتو ڏينهان تيڏي ڪارڻ
روڻ زارو زار هي
٣. ڪيئن ڏنو تو سپرين!
جاني جيءَ ڪي جار هي
٤. **سچو** سارو سمجهين
عشق سندو اسرار هي

ڪافي سُر توڏي ٢٦٣

ڳالهہ پنهنجي حال جي، توريءَ وجي ڪنهن ڪي چوان
١. جوش تنهنجا جان ۾
نِتُ نِتُ آهن مونکي نوان
٢. ڪيئن جي پچان پوءِ تَي خبر
پانڌي اول پيرن پوان

Scanned by CamScanner

٢. پاڻون آيا هن پور هي ڪي
هن مُڪا مونڏي اوهان
٤. سچو متيان آءُ ڪينڪي
هي سور سُکن سان سوان

ڪافي سُر توڏي ٢٦٤

ڇڏ غُصو غمناڪ سان
اچي ملُ تہ ماندائي لهي
١. سڏ سيا توکي پرين!
جيڪا واڍوڙين سان وهي
٢. سور سيبائڻ جيهڙو
پر جي جُدائي نا سهي
٣. پاڻؤن آيا هن پور هي
ڪي تو مڪا پريم پهي
٤. سچو وهاريو وٽ ۾
هي ناهہ تڏهين ڪو نهي

ڪافي سُر توڏي ٢٦٥

تُنهنجي اچڻ جيون واٽڙيون
نتُ نتُ اُيي وو نهاريان
١. لنؤُ لڪايو لَوڪ کؤن
هنج ۾ هنجون ٿي هاريان
٢. سي ڳالهڙيون ڪنهن سان ڪريان
جيڪي سجڻ ٿي ساريان
٣. داغ تنهنجي درد جا
ڏيهہ ڪي ڪيئن ڏيکاريان
٤. سچو چوي سائين! شوق تنهن ۾
ڪو دم نہ وساريان

ڪافي سُر توڏي ٢٦٦

دوست ڪي دانهون سُڻي، مانَ مهر ڪا مونڏنهن پوي
١. درمند جي در اتي، ٿو ڪانگ لاڪيٺو لنوي
٢. پيغام پرين پار جا، چشمن اتي ويهيو چوي
٣. سر ير اسين ايڏنهن اچون، يا ڪي اوري ايندو اوي
۴. **سچو** آهي اُڪنڍيو گهڻو، ٿو راند رُوڻ جي رهي

ڪافي سُر توڏي ٢٦٧

اڄ ڪي صبح اچن ٿا
نروار چؤ نجومي
١. مون هت نماڻيءَ جو پرين
حال ڪي پڇن ٿا
٢. هن پار ڏي اچڻ جو
چؤ ڪي سڄڻ چون ٿا
٣. پرين آهن پنڌ ۾
ڪي ويڙهي پانهنجي وسن ٿا
۴. **سچوءَ** جي ڀي سُڌ لهڻ لئي
قاصد هيڏي منجن ٿا

ڪافي سُر توڏي ٢٦٨

ڪنهن ويل نتا وسارن
عاشق نہ ٿج تون ماندو
١. نحن اقرب ايها اشارت
گڏ توئي سان گذارن
٢. اصل لاڪون طرف تنهنجي
نِت نِت گهڻو نهارن
٣. جي تون اُڪنڍ اُنهن جي
سي ڀي توئي ڪي سارن

Scanned by CamScanner

۴. ڏينهن اتهين ڇو ٿو لائين
تـــو هُتِ سچو سنيارن

ڪافي سُر توڏي ٢٦٩

هـــئين اڄ ڇــئـي مُڪـــائــون
عـاشـق اچون ٿـا ايـڏهـين

١. هـن جيءَ جڏي کي جيڏيون!
آڏر وڏي ڏنـــائـــون

٢. ٿنهـنجي ديس اسين اچون ٿا
عـاشـق نــہ تـج اپـائـون

٣. مُـــونءَ نمـــاڻـــيءَ ســـان
ڪـيـڏا ڪـرم ڪـيائـون

۴. مـطـلـب تـنـهـنجو آءُ آهـيـان
پيون ڇڏ مڙئي مدعائون

۵. دلاسـي لـئـي درد مـنـد ڏي
قـاصـد سچو ڪـديائـون

ڪافي سُر توڏي ٢٧٠

هيئنءَ ڪـانـگ اڄ ڪـهـي ويـو
ايـنـدءِ صُبـح سـويـلـي

١. ڳالـهـيون ڪـري سڄڻ جون
اڄ رات هِــت رهـي ويــو

٢. حـال منـهـنجي جو سماءُ پـي
هـن لـوءِ مـؤن لـهـي ويـو

٣. ڳالـهـيـون ٻُدجي ڏکـن جون
ٻـولـين تـنـهـن ٻـهـي ويـو

۴. پـــريـــن جي پـــار اُڏاڻـــو
ڪـيئن سُورُ هي سهي ويو

۵. سچو سـڄـڻ مـلايـا نـئـي
هـن نـاهـ تـي نـهـي ويـو

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر توڏي ٢٧١

منهنجو ڪي هت پڇيائون
سچ چئو اداڙي ساتيو
١. گوشي ويهي گڏ اوهان سان
منهنجي ڳالهہ ڪا ڪيائون
٢. سڪيو! سنيها ساڻ سلامن
هن ڏاه ڏي ڏنائون
٣. پيغام پرت وارا
چؤ جي مونڏي چيائون
٤. دلاسي جي درد مندن ڏي
ڪا اڄ خبر لکيائون
٥. **سچو** ڪاڻ تو گهٽيرو
هن ڏيهہ تي ڏنائون

ڪافي سُر توڏي ٢٧٢

منهنجو نينهن وڏايو ناز
نينڻن نينڻن ميان!
١. آهن يا تہ ستر جون تنهنجون اکيون ڪجليون ڪاريون
سائين الله، يا تہ بحري باز
٢. درد مند جي دلڙي دلبر، ڏاڍي زور ساڻ سائين الله
آندي نينڻن منجهہ نياز
٣. شال پون ڪَنِ اوهانجي، اوا هڪيئي واري سائين الله
عاشقن جا آواز
٤. ٻئي ٻانهون ٻَڌي **سچو** وچ تون، ساڻ يقيني سائين الله
سر متي ڪارساز

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر توڏي ٢٧٣

لوڪ ڪنون لڄ مُول نہ آوي
عشق گهمايان گهتيان وي
١. طعني تنکي زينت تنهاندي
مول نہ ٿيون ڪٿيان
٢. سوين سٿن ڪن اُنهاندي
پڌن سرانديان پٽيان
٣. پرپر ڏيون هوت جنهان نون
وره والين وٿيان
٤. پيتيان جنهان هان خبر تنهاهان
اور نہ چاٽن چٽيان
٤. بر سر آندا بره جنهان تي
ڀُل ڳيان سڀ متيان
٥. پاندُ اَڙاڪي، خلق ڪلاڪي
هوڪي ڏيون هٽيان
٦. عشق عذاب جنهاندي ڳل وچ
ٻيان ڳالهين سڀ ڪٿيان
٨. اُهي **سچو** سائين ڪيا سڪ سنيلن
وتن فراق ديان ڦٽيان

ڪافِي سُر توڏي ٢٧٤

جيڏيون ڪائي مرِ جهلي
مون کي پاروُن پريت جي
١. خويش قبيلو اوڙو پاڙو
مون کي چا لڳي پلي

Scanned by CamScanner

٢. ميهر جو مون بخشيو
سو تان هيءَ نه سلي
٣. ناحق وجهو نهكران
آءٌ ياڳي پيڙي پلي
٤. ساهه تنهين تؤن صدقي
جا هاريون اوڏهن هلي
٥. **سچو** ساهه سرير کي
ميهر ويتو ملهي

كافي سُر توڏي ٢٧٥

عشق عطاء الهي ملدا. نهين كوئي كسب كماوڻ دا
١. ككر كنهين هٿ نهين آندا
سر تي ابر وساوڻ دا
٢. مئين تا كنهن تون مول نه سُٹيا
هيرا هٿ نهاوَڻ دا
٣. بدلان نال جو نينهن لائي
بدلُ وسي سر ساوڻ دا
٤. **سچو** سؤدا سر دا كيجي
چهرا ڏينهن چلاوڻ دا

كافي سُر توڏي ٢٧٦

چرخي چتُ نه لڳدا وي، هُڻ كيون آتڻ آوان ري سنيان
١. سهج كنون مئن سرتي چايا
مهٹا ساري جڳدا
٢. مئين رانجهن دي، رانجهن ميڏا
كيڙا وت كيون وڳدا

۳. تانگهہ ماهيدي نال اساڏي
اي تن سارا تڳدا
۴. مئن تا تيڏي در دا بردا
آهس عاشق اڳدا
۵. رمزان نال **سچو** سُهڻا
دليان پرايان تڳدا

ڪافي سُر توڏي ۲۷۷

آءُ پانڌي ڪرنال، اسان ڪائي ڳالهہ سڄڻ دي آوڻ دي
۱. هجر تيڏي مئيڏا حال وڃايا
اٿان صورت هئي ساوڻ دي
۲. هُت بسنت بهار جو کُليا
آئي مند ملاوڻ دي
۳. مئين غريب نماڻي نون ناهين
قوت عرضي الاوڻ دي
۴. خبر ڪناندي نال نہ سٽون
جاني دي ول جاوڻ دي
۵. **سچو** ڳالهہ آکان مئين تئڪون
سائين دي سوز سماوڻ دي

ڪافي سُر ڌناسري، مومل ۲۷۸

شوق پچين شمشير وو، پيارل ماري آهيان
۱. ڪوڙن منجهان ڪو لهي
هن پونءُ سندو پير، وو
۲. اچي پيڙس اُتهين
جاتي اير نہ پير وو

Scanned by CamScanner

۳. دوست دشمن هڪڙو
ڪنهن سان پائين ويرُ وو
۴. **سچو** سڪ اوهانجي سان
سندو، سڃاتو سير

ڪافي سُرَ توڏي ۲۷۹

ڏيندي يس ڏوراپو، آءُ وڃي راڻي روبروءِ
۱. پريان سندي پار ڏي
ڪو نئين نياپو
۲. اوهان ڀاڄهؤن سُپرين
آءُ ڪريان ٿي ڪاپو
۳. سوڊل توئي ساڻ آهي
منهنجو سڱ سياپو
۴. دل **سچو** جي تي تو هنيڙو
ڇوه مجهؤن ڇاپو

ڪافي سُرَ توڏي ۲۸۰

دُور ڳئي دلگيري، رانجهو اساڏي اڱڻ جو آيا
۱. مئين نماڻي ڦران ديواني
هُڻ ڀهون ڏيتيس دلذيري
۲. ڏيکڻ نال رانجهو دي سنيان
هوئي ساهہ سُذيري
۳. اِهين اُتون ماهي مهر نہ لاهين
جا تيڏي بره بگيري
۴. بادشاهي ڪنون ڀليري
سچو ڪون تيڏي فقيري

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر توڙي ٢٨١

بـــاري بـــار مـــحـــبـــت والا
آدم جـــاءِ أتـــا ونڃ دي

١. ايهي جاءِ نہ ڏوجهي ڪائي
شـــاه گـــنـــج چـپـــاونڃ دي

٢. پئوڳيس سائين اها ارادت
اپـڻـي مُلهہ وڪـاونڃ دي

داستان پنجون جهنگلي جي ڪافين جو

ڪافي سُر جهنگلو ٢٨٢

آيا تماشي يار آ مل ويڪو

١. نظر اساڪون ماهي آندا تُسان ڪيڪر چاتا
آهہ ڪڏهوڪر. نال أنهيندي سنوري سنيان ناتا
لتا حجاب اکين ڪل پئيان، ساڳي مئين دوست سُجاتا

٢. محلا هڪو رنگا رنگي ڪنون عشق اڏيوسي
پاڻي آگِ تي واؤ ري سنيان متي نال گڏيوسي
محل أهيندا آپي چاڻي آدم نانؤ رکيوسي

٣. بنگلا ايڪُ دريچي ڪتلي، دلبر يار بنائي
جائين جوڙ ڪچهري واليان پيتا حڪم هلائي

Scanned by CamScanner

تختگاه تنهين وچ ويکو سارا دوست سماوي
۴. هکي طاق دريچي وچون آپکون آپ ڏيکيندا
ڏوجهي طاق وچون ري سيان اناالحق اليندا
تيجهي طاق وچون کيئي بوليان دلبر يار بوليندا
۵. جي مئين تون پوچو سُهڻا سائين سارا حکم کريندا
موسيٰ هوکر مُعجزا کرکي بيضايد ڏيکيندا
ڏوجهي صورت جوڙ کرا هڻ آپکون آپ پُليندا
٦. محلي دا کوئي وس نہ آ ها آپي سر حکم هلاوي
جوئي الائيندا سوئي سڻائيندا سوئي ڏک ڏکاوي
بوليان لک هزار کروڙيان **سچو** کون يار سکاوي

کافي سُر جهنگلو ۲۸۳

وس وچ پيان سنيان سهڻي يار دي مئن

۱. عرض آکڻ دي حاجت ناهين
عشق ماهيدي مئين ليان

۲. سؤ سؤ طعني ڏيون سيالين
شرم حياکنون ڳيان

۳. شهر بحر وچ هوکا ڦردا
مئن ديواني تيان

۴. حال اساڏا ڏيک کراهُڻ
پچ ڳيان سب سنيان

۵. **سچو** تيڏي در وکاڻا
برهين لاتيان بهيان

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ۲۸۴

آءٌ ٻاروچل ٻيلي، مُونجهه تنهنجي ماري آهيان

۱. ناهي واجب رُسڻ توئي ڪي، تون گرو آءٌ چيلي
سنگ نه ٿي ڪو ساهيان

۲. عشق اوهانجي ڪؤن هوت ٻاروچا، ڪيئن ٽرن هيءَ ٽيلي
ناتہ ڇپر اڳيون ڇاهيان

۳. سگهه نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، توبن آهيان اڪيلي
ڪيچ وڻن ڪيئن ڪاهيان

۴. وڳٽي آهيان ورهہ تنهنجي ڪؤن، توڙي ڪي پُورن پٽيلي
سچو نہ آسر لاهيان

ڪافي سُر جهنگلو ۲۸۵

آءٌ ادا ڙي پانڌي، دوست دلاسو ڪو ڏنو

۱. سڻ ري ساٿي آهيان اُداسڻ
محب بنان هت ماندي

۲. اڳڻ اسانجي ڪڏهن ايندا
اها خبر توڪا آندي

۳. دل اسانجي دوستن ٻاجهون
ناهي وره ڪؤن واندي

۴. سگهڙي ساٿي ڙي مان ٿيان
آءٌ هوتن سان هيڪاندي

۵. ساران سنيهاران سچو ري لهنديءَ
آهين جني جي تون ٻاندي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ٢٨٦

ياد وو ياد، رانجها! سي ڳالهڙيون ٿهنجون مونکي ياد

١. اوهان ٻاجهون وي دلبر سائين الله
ٻيون ڳالهيون برباد

٢. سچي وعدي وي ڪيئي اصل ڪؤن الله
دوست منهنجي دلشاد

٣. درد منديءَ جي وي دل درد ڪؤن الله
يار ڪرين آزاد

٤. ساه سچوءَ جو وي يار سڄڻ ڙي الله
آهي انهيءَ اعتقاد

ڪافي سُر جهنگلو ٢٨٧

ٿُنهنجو ديس وسي، ميان پري نہ وڃ پرديسي

١. ياقي ٿئين يار اسانڪؤن
دل نماڻي جي ڪسي

٢.اوهان ٻاجهون دلبر سائين
آهيون اداسي اسي

٣. وينا ڏسون واٽ اوهانجي
مان ڪو رهبر رسي

٤. اچڻ اسانجو يار ايڏاهين
ڏيهہ سندءِ ڪو مون ڏسي

٥. سر سچوءَ جي يار سدائين
ورہَ جو مينهڙو وسي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ٢٨٨

اهو نياپو آندو. پانڌي پرين جي پار ڏنهن

١. آهي تياري ايڏنهن اسانجي
متان تئين تون ماندو

٢. عاشق توکي آٿي اسان سان
حب ڪنديئي هيڪاندو

٣. اسين بي اوڙڪ ايندا سين ايڏهن
تج نہ وره ڪؤن واندو

٤. ملڻ مُحبن جو آهي اهوئي
پرت جو پاچاندو

٥. طرفون اسانجي سُڻ **سچو** ري
لاهين تون سپ سياندو

ڪافي سُر جهنگلو ٢٨٩

برهين جهنگ ڏکايا، مئن تا تخت هزاريدا

١. عشق اصل ڪنون سُنو سهيليان
سياليان دا راج پچايا

٢. ايهو طريقہ عشق دا
اصل ڪنهين تانہ سڪايا

٣. مصلحت ڪنهندي مول نہ مَندا
اُهين آپي هي ديس چتايا

٤. وچ ويراني بره ڪيون ڪر
اپڻان گنج لڪايا

٥. فخبت انا اعرف
سچو ري سئيل بنايا

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ٢٩٠

دع نفسڪ وتعال، اتي ڳجهي اها ڳالهه

١. خاڪي جسم ڪؤن ڪر جدائي
بحر عدم جي ۾ حال

٢. خيال وجودي ڇو نہ وسارين
ڪرين ڀي قيل مقال

٣. ڳالهيون ڪُوڙيون سٺ سيئي
پؤ تون خاص خيال

٤. ڪڏهن نہ ٿيندءِ حق سو حاصل
جي تو بت مجال

٥. گرد غبار ۾ ڪاءُ نہ غوطا
سچو ري پاڻ سنڀال

ريختو سُر جهنگلو ٢٩١

عشق کا شہباز معشوقاں،میری طرف اُڑایا ہے
عقل علم تے شرم حیا کوں،ایك طعمہ کر کھایا ہے
۱۔ مرغ ادب کی تاب تسی کوں، لیکر آپ چھپایا ہے
مائی باپ نہ اس کا کوئی ،نہیں کسی کا جایا ہے
۲۔ عرش کرس آرام نہ اس کوں خاك اوپر پائوں پایا ہے
دردمنداں کے دل پر آشیاں،عشق شہباز بنایا ہے
۳۔ رہتی نہیں کائی طاقت جس تس، چنگل باز لگایا ہے
دونوں جگ ایك اس کے پر کے، سچُو رے بھی چھپایا ہے

Scanned by CamScanner

ریختو سُر جھنگلو ۲۹۲

نیں تمہارن ناز سے، میرے دل کوں کوئی اسرار کیا
میرے پاس آئو رے سجن، مجھ کوں برہ بیمار کیا
۱۔ تیرے غمزے سے صنم، بے جان ہوں بے جان ہوں
خوبی حسن کی دیکھ کر، تیرا عشق میں اختیار کیا
۲۔ تس دن دلاسادے کیوں تم ہم سے ہے، میں تم سے ہوں
وہی پال اپنا اے سجن، مجھ سے جو تم اقرار کیا
۳۔ در در پھروں اس درد سے، ہئے ہئے نمانہ ہوءِ کے
دل ہاتھ سوں میرے گئی، تم نے گلے کاہار کیا
۴۔ وہ تار تیرے زلف کی، عاشق پڑا ہے پیچ میں
اس کا نہ پھر چھوٹن ہوا، سچو شکر صد بار کیا

ریختو سُر جھنگلو ۲۹۳

ہاتھ پر لالی لگائی، آج کیسا دن ہوا ہے
وہ لٹکتی زلف چیرا، سر اوپر سوسن ہوا
۱۔ یوں کہیا معشوق، اے مور کھ برہ سوں بے خبر
عشق کی تلوار میرے ہاتھ، کتھ تن من ہوا
۲۔ عاشقاں ہم قتل کیتا، ہاتھ سے لوہو لگا
جب اوّل سر ڈیوتا ہے، تب میرا درسن ہوا
۳۔ رت جگر ہے عاشقاں کا، تس میں چھرا رنگا
میرے ہاتھوں جس کوں شہادت، تس کوں کیا کفن ہوا
۴۔ زلف ہے زنجیر میری، دام کیتے عاشقاں
جو آوے اس دام میں، اوئی اُتھان مدفن ہوا
۵۔ آج دن ہے دیکھنے کا، اب ہمن کھولیا نقاب
نام جو تیرے اوپر، اوئی سچُو سمجھن ہوا

Scanned by CamScanner

ريختو سُر جهنگلو ۲۹۴

ہاتھ پر لالی لگائی، آج کیا اسرار ہے
عاشقاں اب قتل ہوتا، رت سیتی تلوار ہے
۱- ہاتھ میرے رت لگاتا، عاشقاں کے قتل میں
تم بھی آئو سردیو، جب عشق تو اختیار ہے
۲- سر تمنا چھوڑ میرے پاس آئو یکبار سیں
یک نگہ واصل کروں، میرا یہی اقرار ہے
۳- ہو پتنگ سچُو پریم کا، پڑ حسن کی شمع میں
جوں خلیل اللہ پر، اوئی آگ سبھ گلزار ہے

ريختو سُر جهنگلو ۲۹۵

عشق کا شہباز معشوقاں، میری طرف اڑایا ھے
عقل علم تے شرم حیا کوں، ایك طعمہ کر کھایا ھے
۱۔ مرغ ادب کی تاب تسی کوں، لیکر آپ چھپایا ھے
مائی باپ نہ اس کا کوئی، نہیں کسی کا جایا ھے
۲۔ عرش کرس آرام نہ اس کوں خاك اوپر پاؤں پایا ھے
درد منداں کے دل پر آشیاں، عشق شہباز بنایا ھے
۳۔ رهتی نہیں کائی طاقت جس تس، چنگل باز لگایا ھے
دونوں جك ایك اس کے پر کے، سچو رہے بھی چھپایا ھے

ڪافي سُر جهنگلو ۲۹۶

آءُ تا گڏ گذاريون، ري ڏکياسي سُکيا ڏينهڙا
۱. ڳالهيون ڪَيئي جي ڪالهہ اسان سان
ڪيئن تو يار وساريون

Scanned by CamScanner

٢. ڳچي پائي ڪپڙو سائين الله
دوست ڪريان ٿي زاريون
٣. راتو ڏينهان توکي دلبر
سانول ويٺا ساريون
٤. اچڻ سنديون تانهجون سائين الله
واٽان نت نهاريون
٥. پرين پنهنجو پاڻ سان سائين الله
سچو سو سگ سنياريون

ڪافي سُر جهنگلو ٢٩٧

سانون سي هونديان ياد، وو جاني ري ميان
هوجي ڳالهين ڪيتيءَ ڪالهه وي
١. تُسان ٻاجهون سُهڻا سائين
ڏينهن ڳئي برباد
٢. هڪ ڏينهن آوين اڱڻ اساڏي
دوست ڪرين دلشاد
٣. يار **سچو** دي هجر تيڏي وچ
عمر ڳئي افراد

ريختو سُر جهنگلو ٢٩٨

يار ميرا هر صورت، رنگارنگی آپ دکھاوے گا
مُلاں ہووے قاضی ہووے، ول کے تلك لگاوے گا
١۔حافظ ہو کر حفظ کریں گے، پوتھی ول پڑھاوے گا
جوگی ہو کر جوگ کماوے، گنگا پر ول جاوے گا
٢۔ ھٹی پر حجرہ بیٹھ کریں گے، ول کے بانگ کہاوے گا
لون لون دے وچ لالی لاکے، پیالا عشق پلاوے گا

Scanned by CamScanner

۳۔ شاھی نام جو آپ تے دھرنا، سارا دیس دباوے گا
مفتی ھو کر فتوی دے کر، سولی آپ سٹاوے گا
٤۔ کب کب پاءِ برھنہ ھو کے، کونتل پھیر کڈاوے گا
ساگا جوڑ سناسی پھردا، سامی نام سناوے گا
٥۔ جوتا پھر لاھوتی جلدا، دنیا دار لٹاوے گا
دست پھوڑا گل جنبیلاں، ول کے خیر دلاوے گا
٦۔ بزرگ شیخ مشائخ ھوتا، ظاھر ذکر کماوے گا
کب کب مکھ کون خاك ملیندا، جاما پھر پھناوے گا
۷۔ سچُو کیون نہ پچھانے صورت، سارا ایك سماوے گا
نوعانوع پوشاکاں کرکے، دلبر اس جگ آوے گا

ڪافي سُر جهنگلو ٢٩٩

جي هئين عاشق تہ برسر مينهُن محبت جو وساءِ
ساه جو سانگو ڪرين تا پير هن پڙ ۾ نہ پاءِ
١. پاڻ ڪُل قربان ڪر هي دم هٽڻ جي ناهي جاءِ
آءِ ادا اعتبار ڪر آهي هوش نينڊڙ هيءَ هواءِ
٢. رت روئڻ راتو ڏينهان آهي لڇڻ محبوب لاءِ
هِي ملئي سودو سهانگو ڪينڪي سر ڪؤن سواءِ
٣. ڪينڪي مونکون ٿيو هي عمر تا ويئي اَجاءِ
هئي وِساري ني وهڻ جاني نہ هيئن توکي جڳاءِ
۴. هيِ مهل موچاري آهي پوءِ ڪريندين هاءِ هاءِ
هاءِ هئي مون هٿ نہ ايندءِ ويل گذريئي واءِ واءِ
۵. هي حقيقت حال جي ساري وچي سائين سڻاءِ
سو **سچو** مرشد سچوءَ جو پير عبدالحق آءِ

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۰

مونکي نہ وسار وو ڍوليا وو ميان
آءُ تا تُنهنجڙي آهيان يار وي

۱. نانوُ سائين جي اسان نماڻن ڏي
ڪٽي تون نيڻ نهار

۲. پرين وڙوُن پانهنجي
گڏ غريب گذار

۳. ڪيوَ اسان سان يار پيارل
پنهنجا سي واعدا پار

۴. اگڻ اسانجي سگهو ڪي ايندين
والي سو ڪهڙي وار

۵. در پنهنجي جو دلبر سائين!
سچو سو سگ سنيار

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۱

لک ڪريان توڙي زاري، دوست چوي تون کهڙو

۱. هٿين پي پوان وو پيرين پي پوان الله
پايان ڳچي ۾ ڳاري

۲. آءُ اُهائي وو يار اوهانجي الله
تُنهنجي محبت ماري

۳. روز الستي وو منهنجي آهي ميان الله
يار اوهان سان ياري

۴. اسان يتيمن ڪي يار پيارا الله
ڏيج اچي ڏيکاري

۵. ورهـ مـتـي تـي ويـنـي وسـايـان الله
دوســـت ڏيـــو دلـــداري
٦. آءُ اوهان تـوّن ميـان سـهـڻا سـائين الله
واري ويـجـــان لـــک واري
٧. تـوڙي سُجاڻـين وو تـوڙي نـ چاڻـين الله
دوســت نـــ آهـــيـان ڏاري
٨. ڳل اوهـانـجي وو آهـي اصـل كـوّن الله
ڳالـهـ **سچوءَ** جي ســـاري

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۲

يار عشقدا ڪوئي احوال نهين، تئيڪُون پنهان اُنهيدا حال نهين
در تيڏي شب روز دُونهان پاءِ رهي. ايڏي نـ اوڏي عاشق هڪ جاءِ رهي
مئين چاتا تيڪُون تهندا خيال نهين
حال تـهـنـدا هـئـي هجر وچايـا. سـر اُتـي بـاري بـره تـنـهـين چايـا
درد جيها تيڪُون ڏوجها مال نهين
هاءِ هئي هئي تي راتيان رووي. جڳ جيوڻ تهندا نڪائي ساعت سووي
هوءِ ويچاري ڪُون ووءِ وصال نهين
تيـڏي دسـتـوّن قتـل جي عاشـق ٿـيا، اپـڻا سـارا اُنـهـي مطـلـب ڪـيا
قسم تيڏا تو اُتي وبال نهين
جنهن ڏيکيا تيکون اوئي ديوان ٿيا. هوش ڳئي تهندا مگر مستان ٿيا
تيڏي صورت دا ڪوئي مثال نهين
هڪ ڏهاڙي گهر اساڏي آءَ سائين، مئن نماڻي دي اُتون چِتَ نا چائين
اِهو جيها **سچو** ڪُون ٻيا اقبال نهين

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۳

ڪيهي غمزي لائيندا يار وي يارو

۱. سولي چڙهہ منصور اگهاڻا جو نعره عشق مريندا
سؤ مُلان تي قاضي ملڪر فتويٰ سڀ لکيندا
۲. حڪم قتل دا لک ڏتوني مُلين بي ڪُل قاضيان
سڻو تُسان سڀ الله ديان وت ڏيکو ني بي نيازيان
۳. شيخ جُنيد ڪون سُولي هيٺون آڻ ڪي يار ڪڙايا
فتويٰ قتل والي لک ڏيوين آپي سائين فرمايا
۴. عاشق يار اساڏا شبلي جنهن رورو حال وڃايا
در الله دي زاريان ڪردا توڪيڏا قهر ڪمايا
۵. وقت اُنهين هڪ مست ديوانا آيا هسدا روند
پُڇيا تهنڪون عالم ساري روندا ڪيون تون هسندا
۶. ڏتا جواب ديواني تنهانڪون عالم تي ويسارا
اهين جيها نا ظاهر تيسين آپ خدائي نظارا
۷. ڪلدا جو مئين آيس يارو ڏيک تماشا سارا
تهندي پڇون مئن رووڻ لڳس سارا ڏيک نظارا
۸. قتل ڪيتي ڏيکو خلق خدا ڪُون ڳڌا هي هي هوئي
سچو چپ ڪريجي اٿان جوئي آها تيا سوئي

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۴

ڪيون نانهين ڪون مريندئين

وت آهين دي نال اڙيندئين
۱. آهين ناهين دي وت سهڻا ڏونهين ڪم ڏسيندئين
ڪم ڪريندئين اپڻا آپي ول ڏيکڻ نال هسيندئين
ايڏي اوڏي عشق دي ڪيئي مهٽي وره وسندئين
۲. آهين ناهين بي تيڏي سُهڻا سڀ اپٽي نال ڪريندئين

ڪتي شابس شابس آکندئين وت ڪتي موت مريندئين
نعرا مارڪي حق دا سائين سُولي پر چڙهيندئين
٣. خودي ڏوجهي بيخودي ٻيلي آپون آپ بڻيندئين
ول خُودي دي خوف ڪنون تي ٻهون ڏريندئين
بيخودي دي ڪلمه وت ميان نهين نهين وو منيندئين
۴ اتان ڪنهين ڳالهه ڪنون آءُ **سچو** نانوُ سڏيندئين
ظاَهر ڪرڻ واسطي ٻيلي اِس صورت وچ چپيندئين
آخر زمان دي وچي ٻيلي پيدا عشق ڪريندئين

ڪافي سُر جهنگلو ٣٠٥

جي اَئين چاڻون ڙي جيڏيون! آهي الله لوڪ سارو

١. ڪاتي آهي چُپ چپاتيءَ ۾
ڪاتي سو ماري نعرو

٢. بيڪسيءَ ۾ ڪاتي گذاري
ڪاتي سو حُڪمن وارو

٣. ڪاتي شرع ۾ شور مچائي
ڪاتي ڳچيءَ ۾ ڳارو

۴. جاڏي ڏسو تا تاڏي آهي
سندس نينهن نظارو

۵. حقيقت جي حال ڪؤن ميان
سچو تيءُ نه وسارو

ڪافي سُر جهنگلو ٣٠٦

اگڻ اسانجي اسانجڙي سائين ڪر ٻلا تون ٻيرو

١. نانوُ ڏٺيءَ جي دلبر سائين! پاند ڳچيءَ ۾ پائين
ڪج فقير ڏي ڦيرو

٢. سدا سو لڳ يار سڄڻ وي، جايون سي رنگ بنائين
وجهي منهنجي در ديرو

Scanned by CamScanner

۳. حجت رکڻ سان اوهانجي ٻول اهو ٻولائين
ناهيم ايڏو سو جيرو
۴. وات اوهانجۓ جو کنيو **سچوءَ** ني، ڏينهن اُنهۓ اڄ تائين
پيرادي جان پيرو

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۷

لڳڙي وچي دل رانجهي نال، اڙي لوڪو اڙي لوڪو
۱. روح اساڏا راتو ڏينهان
پئي وچ خاص خيال
۲. رانجهو تخت هزاري والا
مئين تا هير سيال
۳. دل تي آۓ جو محڪم رهي هي
رانجهو دي هڪ ڳالهه
۴. اصلون تهندي نال جو آهي
جيۓ مئيڏي دي جال
۵. عشق رانجهو دا اندر وڙيا
وسر ڳئي ٻي چال
۶. ڪيوين اپٹا مئين حال سٹاوان
بره ڪيتس بيحال
۷. اڳون سچڻ دي عرض ڪرڻ دي
مئيڏي ڪيهي مجال
۸. حاضري وچ هووين هميشه
سچو تون آپ سنيال

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۸

ڪيوين ڪران مئين بيوس پيان
سڻُو وي لوڪو لوڪو

۱. طعني ٽُنڪي لڪ لڪ بديان
ڏيوَن سانون سنيان

۲. آڪن سيالين تا هير سياڻي
مئن اياڻي ٽئيان

۳. شرم حيا سڀ ڇوڙ ڳيوسي
عشق رانجهو دي ليان

۴. سيني تي بره بوراق دوڙائي
نيڻين وهنديان نيان

۵. مئينون نصيحت ڪائي نہ ڏيوي
هوش ڪنون مئن ڳيان

۶. ورد وظيفا سَتِ گهتيوسي
قال ڪنُون بي رهيان

۷. ڪوڙيان ڳالهيان سڻ وي سَچَلو
خيال اِهين سڀ ڪيان

ڪافي سُر جهنگلو ۳۰۹

اچي مل وو نماڻياندي نال وو

۱. فلڪ فراق دا سر ميڏي تؤن ميان!
آءُ سائين تون تا تال وو

۲. نانءُ الله دي نال اساڏي
جاني تون جال

Scanned by CamScanner

٣. فلڪ فراق دا سر ميڏي تؤن
آءِ سائين تون ٿال

۴. اپڻي حال دي يار **سچو** ميان!
آکان سا کنهن ڪُون ڳالهه

ڪافي سُر جهنگلو ٣١٠

سانون هجر ڏتا هي وو هاءِ هاءِ

١. عاشق شدا وو ڳلي ڳلي وچ
ڳالهه تساڏي ڳاءِ

٢. تسان ٻاجهون يار پيارا
هئي اسانکون واءِ واءِ

٣. تار تُساڏي يار **سچو** کون
اصل لاکون آءِ آءِ

ڪافي سُر جهنگلو ٣١١

سائون ڪيهي لائي وو يار وي

١. دل اساڏي ڪُون وي درد بچيوئي
اِها سا مصلحت ناهيئي وو يار

٢. اسان نماڻيان تون سهڻا سائين ڪيهي ڳالهيون
دل چايئي وو يار

٣. **سچو** هي سگ در تيڏي دا
دل تنهندي گهايئي وي يار

ڪافي سُر جهنگلو ٣١٢

نوان نياپا آيا، مونڏي مُحبن جا ميان

١. قاصدن وو ميان! هيڏي اچڻ جا
روز سي رستا لايا

Scanned by CamScanner

٢. طرف ڀنڀور جي وو سڻ تون عاشق!
پنهونءَ تي پنڌ پُڄايا
٣. توتا طالب وو يار سڄڻ ري
گوندر ڏينهن گنوايا
٤. اڱڻ تنهنجي وو اڄ سي ايندءِ
جن لئي تو وره وسايا
٥. جيئي گذاريئي يار جانب ري
اهي سي ڏينهن اجايا
٦. هوا پرينءَ کي پار تنهنجي ميان!
سچو اچڻ جا سعيا

ڪافي سُر جهنگلو ٣١٣

ڀلي لائيئي وو يار! ساڏڙي نال، چڱي لائيئي
١. لاهين اسان تون فلڪ فراق دا
آءُ جاني گڏ جال
٢. لوڪ ساري ڪنون توڙي لڪايم
ڳجهي نه رهي ڳالهه
٣. مئين نماڻي ڪيا ڪريسان
تون گهڙي گهڙي ٻئي خيال
٤. حسن اسان تي حُڪم هلايا
بره ڪِٺس بيحال
٥. حال **سچو** دا ويک ڪراهڻ
ورق وڇوڙي دا وال

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جھنگلو ۳۱۴

سجن سئينسار ۾ هويا، نهين ڪوئي دل اولي دلبر. اکيان ڪول ويکين يڪ وو نظر

۱. ڪِنهان ڪيتےٚ ملان قاضي. ڪنهان سُولي اوپر بازي. ڪنهاندي دل اٿان راضي ڪِنهان گهڙي هڪ هويا وي گذر

۲. ڪيئي وتدي ائين آذوري، ڪيئي ڪاون چانور چوري، ڪنهان گذر باه پنيڙ ڳوري ڪنهان نون سڪ هوئي وي ثمر

۳. ڪيئي هن وچ عبادت دي، ڪي طالب تقويٰ طاعت دي، ڪي منگدي دين سلامت دي ڪِنهان نون زُهد هويا وي زهر

۴. اِهين حيرت دي حيراني، ڪتي ميري ڪتي خاني، ڪتي مسڪين اخواني سچو مرشد ميرا قلندر

ڪافي سُر جھنگلو ۳۱۵

ڙي جيڏيون منهنجي يار سچڻ سان زاري زاري

۱. مئين اياٽي عيبن هاٺي
بره سندن آهي باري باري

۲. هيءَ نہ جوڙ ني جسُ جانب جو
تار تهين جي تاري تاري

۳. حاضر ٿينديس در دوستن جي
پائي ڳچي سا ڳاري ڳاري

۴. پوءِ تا ياقي يار ٿيوسي
پهرؤن لايوَ ياري ياري

۵. هٿ سچڻ جي اديون ڙي آهي
ڳالھ سچوءَ جي ساري ساري

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ٣١٦

نيٹان دي عجب نگاه. جو وَل وَل هونديان هادي دي نال

١. هادي سائُون سر انهيندي
اِهـا ڏيـڪـالـي راه

٢. هٹون ٻُهاريان ڏيڪر رهيان
آپ نـهـين هـر گـاه

٣. ڪتي تائين نظر نہ آيا
بِـن الله دي آگـاه

٤. **سچو** تئيڪون رمز ڏيکالي
هـادي ٿـيـا هـمـراه

ڪافي سُر جهنگلو ٣١٧

جيوان تہ جالين نال، اُهين پرديسي دي

١ مئيڏي روز الستي آهي نال ياراندي ياري، بسم الله پڑه اپٹي سِر تي بره چاتوسي باري
لک لک بار ڪريندیان سُهٹا پانهان پڌ سؤ زاري

٢ هجر اسان ڪون مار گهتيا تون تا گهٹا سگهڑا آوين. تئيڪون سڪنديان نانؤ الله دي ڦيرا مئين در پاوين
هووين هميشه يار اسان وٹ ول نہ پچي تون جاوين

٣ پهلي روز اساڏا دلبر جيءُ نتوئي جاني، هُٹ ڪيون يار نماٹيان نون وٹ ڪيتئي فراقي فاني
رهہ ڳئي ميڏي رُوح دي اُتي نيهُن تيڏا نيشاني

٤ اسان غريبان نون نانؤَ ڏٹي دي ڏيوين ڪي دوست دلاسي، تيڏي اُوٹ ڪيتي سائين منتظر اسان هاسي
ڏيک احوال اساڏا دلبر، نہ ٿيوين هڪ پاسي

٥ اسان يتيمان نون يار ڪڏاهان وال نہ هڪ وسارين، شب و روز سنيال تساڏي تون يي ڪي صاحب سارين
ڏکئي سُکئي ڏينهن اُهي تا نال غريب گذارين

٦ نهين سا ٿوڑٹ ڪيتي سائين تئيڏي مئين لائي، عاشقاندا ڪم اهو آها لاء تي توڑ نيائي
آڳون تا مئيڏا شرم تُسان تي ڪرين تون يار پلائي

Scanned by CamScanner

٧ طرفون معشوقاندي مئين ڏهون قاصد آوي ڪوئي. سو سنيهي وچ سچو ري حال مُنجيسان روئي
مُشتاقان ڏهُون تا تئيڏي ڪائي رتي دل دي هوئي

٨ ساڏا ڏيک فراق سهيليان متيان ڏيوڻ آيان. تيڏا دوست سدا پرديسي جوڙ نہ پهندا جايان
مهڙي مسافر نال تُسان ول ڪيڪر اکيان لايان

٩ سهيليان ڳالهہ مئيڏي دل دلبر لٽ ڳيوسي. هئي هئي اهين پرديسي سانون وچ فراق گهتيوسي
عاقبت اهي مهر ڪريسن جنهان ديوان ڪتيوسي

١٠ جوڳي ري مئين هڪو ڏيکا راه تي روندا ويندا. اپڻي حال احوال دي ڪائي ويڏن مُول نہ ڏسيندا
هڪو واري ڪي سريرون نال ميڏا روح نيندا

١١رورو ڪريسان نديان ڪپ ڪپ ڪائي دا قلم بنيسان.لک لک خط هجر دا سُهڻا طوطي دي ڳل گهتيسان
طرف معشوقاندي ويل صُبح دي پهلي پهر پئيسان

١٢ اڏر ميان طوطا طرف محبوباندي خبر اها پُهچائين.اتان فراق اسان نون ماريا سَڄڻ تون ميڏا سائين
سدا اتان خوشحال تون هووين سُک وسن تئيڏيان جائين

١٣ سَنو سهيليان طرف معشوقاندي طوطا اڏرڳيوسي، رورو جهوري نال سڄڻ دي جهولي وچ پيوسي
سارو سو معلوم ڪيوسي جو ڪجهہ حال آکيوسي، **سچوءَ** سؤ مبارڪ تئيڪون اپڻا يار ڪتوسي

ڪافي سُر جهنگلو ٣١٨

عاشق جي احوال جي، تون ڪوه نہ پڇين ڪَل

١. راڻي ڪارڻ تي رُئي
محل چڙهي مومل

٢. سهڻي گهڙي سير ۾
آڻي عشق اجهل

٣. سسئي گوندر گهاريا
پنهونءَ ري هت پل

٤. ڪڏهن ٻُڌي ڪانڪا
جهانگيڙن تي جهل

٥. سک **سچوءَ** کي سرتيون!
ڪيا هينئڙي اندر هُل

ريختو سُر جهنگلو ڀيروي ٣١٩

ایسی ری جمعیت سیتی حیران ہوں بیران ہوں
١۔کب پشیمانی میں ہوں گہ گاہ پریشان ہوں
کعبہ کنشت دور ہے منزل میری کائی اور ہے
بدنام ہوں بدکار ہوں صورت میں گر انسان ہوں
٢۔کھلتا ہوں کب کب رونا کب خوش رہوں تصدیع پر
تسبیح کی خواہش نہیں زنار پر خندان ہوں
٣۔نہ دردخوان نہ متقی زاہد نہ عابد ہم ہُوا
مجنون ہوں مفتون ہوں مستانہ ہوں دیوانہ ہوں
٤۔نہ دین کوئی میرا ہُوا مذہب ملت سے دور ہوں
بدکار نیکوکار میں ہرگز نہیں میخانہ ہوں
٥۔پہروں قبا کب اطلسی خرقہ ہمارا شان ہے
بلبل ہوں کب گل بوستان ہم شمع ہم پروانہ ہوں
٦۔قاضی نہ مفتی میں ہوا، ملا نہیں میں محتسب
ملحد اور کافر ہم رہوں، مومن نہ مسلمان ہوں
٧۔ صورت بشریت میں ہوں، ظاہر گداگر ہور ہوں
باطن پچھانے کو میرا، سلطان ہوں سلطان ہوں
٨۔اس دینداری سوں رے میں، بیزار میں
میں غیراللہ کے نہیں، جنان یا سبحان ہوں
٩۔ سچُو ہمارا نام نہیں، نامی ہمارا پاک ہے
معشوق سرو پاء ہوں، ہم گوئی ہم چئوگان ہوں

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ۳۲۰

عاشق اکيون اُپٽي ڏسين آهي مڙيوسي يار ميان
ظاهر زباني ٿو ڪريان عجب جيهو اسرار ميان
۱. اعتقاد فردا جو نہ رک اڄ دوست ٿي اظهار ميان
جنکي پسڻ هت پرينءَ جو، هت پي تهين ديدار ميان
۲. سالڪ صحي ڪي تا ڪرين صورت سندو سينگار ميان
پانهون پڌين چو ٻين ڪي آهين تون سپہ سالار ميان
۳. بلبل اول ڪر پاڻ ڪي گهٽ گهٽ سارو گلزار ميان
جي تون زليخان جان ٿئين ساجن سيو سئينسار ميان
۴. تون تا سچي هن ڳالهہ کؤن عاشق نہ ڪر انڪار ميان
جيڪي چيو مُرشد توکي آٿج اتي اعتبار ميان
۵. سروپا اهو ساجن وسي، ٿي پاڻ کؤن بيزار ميان
آهي وس **سچو** سڀ يار جو، ناهي اسان اختيار ميان

ڪافي سُر جهنگلو ۳۲۱

پيارا دور نہ جاوين هميشہ ڪول مئن هووين
الله لڳ حال سڻ مئڏا اگڻ ول ڦيرڙا پاوين
۱. ٿسان ٻاجهون اُداسي مئن، ڦران حيران سناسي مئن
اصل ڪنون هان پياسي مئن، سگهيرڙا ول وطن آوين
۲. برهہ تيڏي دي بدنامي، چايم سر تا ڪيم آمين
عاشق هرگز نہ آرامي، اسان تي تيڏڙيان چاوين
۳. سجن تئيڪون سنيالين مئن، نہ ڪوئي دم وسارين مئن
راهان نت نت نهارين مئن، اسان نون چت متان چاوين
۴. اسان تي رهہ سجن راضي، نہ ڪرمئن نال بينيازي

Scanned by CamScanner

ميـڏي هـي در تـيـڏي آزي، نـيـبهـ دا نـيـنـهـڙا لاويـن
٥. تـيڏيـان هـن جا بجا جائين، سنپارج تـون هـڪـو سـائين
ڪـيـهـا ول رنـگ اٿـان لائين، عـشـاقـان نـون ايـويـن پـاويـن
٦. اسان نـال رنـگ جو لايئي، تـي دم دم جوش جاڳايايئي
دلاسـا آپ فـرمـايـئـي، **سچو** ڳڻ يـار دا ڳاويــن

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٢

هيءَ تا خبر ڪنهنسان ڪريان هئي هئي نـ مهڙي حال جي
آهي مـڙيائـي محـبـوب ڪـي آگـ منـهـنجي احـوال جي
١. ماريـومِ فلـڪ فراق جي ڪـنـهـن در ڏيـان هـي دانـهـڙي
طـالـب آهـيـان ديـدار جو، نـاهـي طـمـع مـلـڪ ۽ مـال جي
٢. عـام آهـي نِتَ تـا ڪـرن طـعـنـ مـٿـي مـون تُهـمـتـان
آهـي نـ ٻـي ڪـنـهـن خان ڪـي خاص خبـر هـن خيـال جي
٣. آخر خجل سـي خر تـيـنـدا، ڏسـي يـڳـانـائـي يـار جي
هـن تـؤن هـجر مـعـافـي ڪـنـدا، وائـي ٿـيـنـدي وصال جي
٤. جيـڪـي ٻـيـائـي ۾ ٻُڏا رهـنـدي نـ نـيشـانـي تـنـهـين
صاحب مدد سگهڙي ڪـنـدا، **سچو** سـنـدي بـ سـوال جي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٣

شـال ڪـنـهـنـدي پـيـش نـ آوي
اهـو سـو فـلـڪ فـراقـدا وي
١. ڪـڏهـان رووي درد هـجر وچ
ڪڏهان سو دوست ڪلاوي
٢. ڪـڏهـان هـووي نـال اسـاڏي
ڪـڏهـان سـو ديـس جاوي

Scanned by CamScanner

٣. ڪڏهان گذاري گڏ اسان نال
ڪڏهان سو بره بچاوي

٤. گهڙي گهڙي وچ نوعان نوعين
عجب رنگ بناوي

٥. نَويان نويان ڪتليان ٻوليان
سچو ڪون يار سڪاوي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٤

دوست ڪيتي مئين قران قيريدار وانگر سڀ شهر
گشت ڪرسان تي گداگر درد سيتي دربدر

١. يا تہ تيسان مئين سئلاني هو فراقي بر بحر
دل جهين هي لٿ نيتي مانَ آوي سو نظر

٢. ڏينهن ڪنهن من ڳلي اساڏي يار دا ٿيوي گذر
محب دي ميلاپ ٻاجهُون زندگي ساري زهر

٣. دورِ دريا لنگهہ پياسي، شوق لايا شور شر
بره آءُ پائي تيوسي خام ڳئي ڪلي خطر

٤. سُڌ اهينڪون هي ساري، عشق دا جنهنڪون اثر
ڳالهہ اِهين ڪنون دم نہ پاسي سُڻ **سچو** ري با خبر

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٥

اڄ اوڏاهون آيا، گڏيا سي قاصد مونکي اهي ڏنائون واڌايون

١. وري ورڻ جا هوا پنيور ڏي، سات ڏڻين جا سعيا
٢. اڄ اڇي ويجها سي وهندءِ، ڏور جنين ڏينهن لايا
٣. گوشي گڏجي ڪندءِ سي ڳالهيون، جنجا تو پنڌ پڇايا
٤. خيال سچوئي هيڏي سوهئڙن، ڏکيا تو ڏينهن لنگهايا

Scanned by CamScanner

٥. طرف ٿُنهنجي اڪي بي رهبر، ڪيئن تو هوت هلايا
٦. تنهين جا نياپا ڏنا جنين هي، **سچو** سي ساه سيبايا

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٦

جي اڄ وو اســــان ڏهــــون تــــون آويــــن
تا صدقي ٿيوان مئين سؤ وار
١. در نماٽيدي دلبر سائين! نانوُ ڏٿي تون پير پاوين
تا مُئيان ڪنون جيوايو ئي يار
٢. نال اساڏي هووين هميشه، جاني تون نا ول جاوين
تيڏي ڪارڻ رووان زارؤن زار
٣.اسان غريبان ٿون نانؤ الله دي، سُهٽا چت نہ چاوين
ميڏي تن من لڳڙي تيڏي تار
۴. ڳالهہ **سچو** دي دلبر سائين، آپي تئيڪون شال پاوين
نا تہ مئڏا ڪوئي نهين اختيار

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٧

تئيڏا ديسڙا ڪتان يلا پرديسيا وي ديسڙا ڪتان
١. ڪم تسان ڪُون آها ڪيها
جو تــــون آئــــين اتــــان
٢. آوڻ جاوڻ تئيڏا هٿ پنهان دي
ڪيهان ڪريندئن رتان
٣. آوڻ تيــڏا وي سُويا جتــائــون
ول يـــي ويــــسين اتـــان
۴. ڪيون وساريئي ياد ڪر سائين
جال تُســــاڏي جتـــــان
٥. **سچو** هـوڪـر اتــان جو آئــين
چوڙ پــيــان حــرفــتــان

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٨

نـہ مـان مُريـد نـہ مـان پـيـر
سـاري فـقـر جو فـقـيـر

١. نہ مان حاڪم، نہ مان ظالم
آهـيـان آمـن جو امـيـر

٢. نہ مان ڪُچڻ نہ مان پچڻ
آهيان دوست لئي دلگير

٣. سچوءَ ٻڌو محڪم سر تي
مـحـبـت جو مـنـديـرُ

ڪافي سُر جهنگلو ٣٢٩

آگـهـہ لـهـہ اسـرار دي ڪـائـي
ڇـوڙ وجـود وسـار اِتـاهـين

١. شـبـهـي نـال نـہ حـاصـل ٿـيـوي
ڳالـهـہ هـيـئـي اعـتـبـار دي

٢. ڪيوين هلدئين ڪيوين چليندئين
رمـز ڏيـکـين رفـتـار دي

٣. ڪيوين سُٽدئين، ڪيوين اليدئين
عـبـرت گـهـن گفـتـار دي

٤. سـر سـهـي ڪـر نـؤبـت مـاريـن
حـلاجي هـوشـڪـار دي

٥. سـچـو سـري سـره هـويـا
صـورت هـيـئـين سـردار دي

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ۳۳۰

لک ڪريان شڪرانا، راضي ٿيو يار مون تي

۱. سور ٿيازي وو سرتيون ميان الله
ونـــي ســـي راه روانـــا

۲. ڏينهن گهٽا وو هواسين سرتيون! الله
دوســت پــاجهــون ديــوانــا

۳. راضي ٿيڻ جا وو آيا اسانڏي، الله
پـــريـــن جا پـــروانـــا

۴. اڄي لـــڳا وو ســـر اســـانـــجي، الله
خوشـــئ جا شـــامـــيـــانـــا

۵. ڪيا **سچوءَ** ڏي وو دوســت اڄڻ جا
هـــاريـــون ڙي هـــاوانـــا

ڪافي سُر جهنگلو ۳۳۱

ڪيهي ڪريان مهماني، يار اڱڻ منهنجي آيو

۱. دوست گڏيو وو دلجاءِ ٿي ميان الله
هِئـــين لئـــي حـــيـــرانـــي

۲. هن وڙ لائق وو هوس نہ آئون تا الله
مُحـــب ڪـئـــي مـــهـــربـــانـــي

۳. مشڪل جا هئي وو ڳالهہ اسانکي، الله
اُهـــا ڪـــيـــؤن آســـانـــي

۴. فضل ڪرم سان وو پاڻ بخشيائون، الله
سچوءَ ڪـــي سُلـــطـــانـــي

ڪافي سُر جهنگلو ۳۳۲

تون ڪهڙا، مئين ڪهڙا، آهيون سي جلوي جهڙا

۱. جوڙ پاتا سي سِرُ اپڻي تي
صورتدا وت سِهرا

۲. شاه بلاشڪ قدم جو پاتا
پيچ پيا سڀ مُهرا

۳. جيئي ڇاڻيندئين ساڳي ڇاڻيندئين
آهيون سو اصل تهڙا

۴. جاڏي ڏيکان تاڏي هيئين
چو طرفين هڪجهڙا

۵. نانءُ **سچو** تي آيو، صفت وچ
لاوڻ ڪيتي نينهڙا

ڪافي سُر جهنگلو ۳۳۳

سل ڙي سؤداگر، تون تا آئين وٺي هِت سؤدو ڪهڙو

۱. هُتؤن آڻي هِت ڪيئن لڪائيُي، ڪٿي مُشڪ عطرِ
۲. هوڪو هت ٻيو ڪيهو گهمائيُي، ڪري تا گم گهرَ
۳. ههڙي جواهر جي هت تا ڪنهن سان، ڪيئي ڪا نہ خبر
۴. پنهنجي اڳيون ڪَيُئي، ميڙيوئي سارو مُلڪ شهر
۵. ڇا ڪون تو تا شاه ڇپائي، هَنيئي سان هٿ مُهر
۶. لڪي ڏنا تو ڪيترا، مُلن ڪي محضر
۷. لعلان لڪين ڪيون پڌريون، **سچو** ري سرور

ڪافي سُر جهنگلو ۳۳۴

بحربره جي مؤج ڪڙي تي، ناگهہ تنهن سر آيا سي

۱. مؤج مؤج برابر آئي، جان جسم جي سُڌ نہ ڪائي
ڪام نهنگ نياسي

Scanned by CamScanner

٢. لهر لڙات منجهي لڙ لايو، تنهن تا هِيءُ وجود وڃايو
خُوني مؤج کنياسي

٣. ڪاروٻار مڙيوئي ڦلزم، تاتي جان نہ جسم نڪو دم
چوهي چولي سر چڙهياسي

۴. شه درياه تي اچانڪ آيس، مُهره ساڻ تني لڙ لايُس
ٻيا سڀ غرض گنواياسي

۵. سير سرير ڪيو سڀ پاڻي، خاڪي جسم ٿيو گم هاڻي
عينؤن عين ٿياسي

٦. **سچو** نالو آهين ٻهانو، تون يگانو، ناهين بيگانو
عشق معشوق ڪياسي

ڪافي جهنگلو ٣٣۵

ڪم نہ عاشق سو ڪرين جنهن ۾ تهنجي تعريف ٿئي
ڪڻ ملامت ڪا متي مَرُ ڏيهہ تو طعنا ڏئي

١. ٻره ۾ بدنامُ تي پيو ڪين ٿئي ڪسبن ڪئي
عشق جي درياهہ جي چولي چڪي مَرُ تو نئي

٢. پوءِ تا خبر ساري جو پوندئي دوست جي هن پنڌ پئي
راه گم ڪر پانهجي وؤن وِڪ نہ ڪنهن ڀهڳڻ ٻئي

٣. ٻيچ حجابان پڌر پؤُ لُوئيو توکي کهڙي لِئي
چا ٿيندو پوءِ تا **سچو** هئي هئي انهيئن ورهي وئي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٣٦

حال اچي ڏس هاڻي، وهي تو پنبڙيؤن پاڻي
پاڻ چاڻي

١. آءُ ڪنيزڪ مُلهہ خريدڻ، سائين تون پاڻ سڃاڻي
پاڻ چاڻي

Scanned by CamScanner

٢. سڌ لهج تون سگهڙي منهنجي، جاني ڪيؤ جا جوڳياڻي
پاڻ ڄاڻي

٣. ڏئي ڏيڪاري پاڻ ڇپايوَ، ڀلي اِها توکي ڀاڻي
پاڻ ڄاڻي

٤. روز ازل ڪؤن، در تنهنجي تي والي، سا هيءَ وڪاڻي
پاڻ ڄاڻي

٥. سيني اندر يار **سچوءَ** جي، سڪ سنديؤ ساماڻي
پاڻ ڄاڻي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٣٧

مُلڪ جا مالڪ ٻيا هن تون وچؤن بيٺين بٽي
هَي ڪنهين هن حال ۾ توکي وڏو هستي هٽي

١. سير الله، سير بالله، سير مؤن الله گهرُ
سير في الله لاهه تون خود ڪؤن وجي منزل ڪٽي

٢. هي جيڻ آهي عاريت جن جو آهي تن کي وٽي
ڪڍ وچؤن تون پاڻ کي اندر ٻاهر آهي ڏٽي

٣. آهي امانت ٻين جي تون آهين ڪاٿهن ڪينڪي
سِرُ هي سارو سهي ڪر هڪ ٻه تي چو ٿو ڳٽي

٤. انسان جو اولو ڪري، سؤ رنگ ڪري سنسار ۾
شاهه کي هيءَ ڳالهڙي وهه واهه جا **سچو** وٽي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٣٨

حُج قِتي ڪيَمِ هاڻي، ماريس تنهنجي ماڻي
الله ڄاڻي

١. تهن ڏينهن لاکون يار اوهان سان، لايو هن نينهن نماڻي
الله ڄاڻي

Scanned by CamScanner

٢. ويـنـي ڏسـان وات اوهـانـجي، آءُ پـلا هـن پـاڻـي
الله چاڻـي
٣. جيهي تيهي آهيان اوهانجي، سائين تون پاڻ سڄاڻي
الله چاڻـي
۴. راتيان ڏينـهان يار سڄڻ ميان، تـن تـوئي ڏي تاڻي
الله چاڻـي
۵. ڏوڙا طـالـع ٿين **سچوءَ** جا، الله جي تـوکي آڻـي
الله چاڻـي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٣٩

يـار چڱي تُسـان لائـي، وات مـئـيـڏي تـئـيـڏي وائـي
قـسـم آهي
١. طرفون تنهنجي يار پيارل، پاڇي سا عشق دي آئي
قـسـم آهي
٢. تيـڏي در دي بردي آهـس، ڏوجهي ڪـاڻ نـہ ڪـائي
قـسـم آهي
٣. حال مئيڏي دي رانجهن سائين، تئيڪون سڌ سيائي
قـسـم آهي
۴. تسان پاجهون پنهان سياليان ٿون، دل اسان هُڻ چائي
قـسـم آهي
۵. دل **سچو** دي نـال تُسـاڏي، بـرهـين آڻ اڙائـي
قـسـم آهي

ڪافي جهنگلو ٣۴٠

ڪـيـهـا چيـتـڪ لانـدا لانـدا، رانـجهـن يـار اسـانـون سـنـيـان
١. ساه سريرون ڪڍ چوڙيندا، جڏهان ڪنگڻ پانهن لڏاندا ولاندا

٢. مئين تا ڇاٽان درد ڪنهين ڪنون، ڳلي ڳلي وچ ڳاندا گهماندا
٣. ساري راج وي سياليندي ڪنون، ڀهون ڀهون أهو ٻاندا سيياندا
۴. ڪنهن تا ڳالهيون اگڻ اساڏي، ڦيرا ول ول ٻاندا آندا
۵. **سچو** ڇاتا وي تخت دا سائين، ميان اٿان سو چاڪَ سڏاندا ٻُلاندا

ڪافي سُر جهنگلو ٣۴١

رانجهو چاڪ تي آيا سو الله ملايا
واري واري مئن چاوان

١. تخت هزارا ڇوڙ ڪراهڻ
تهن تا چاڪ سڏايا

٢. ڪتون آڪر ڪتي، نينهڙا
نال اسان تنهن لايا

٣. ٻگوي ڪپڙي ٻهر ڪرا هُڻ
برهين دا مينهن وسايا

۴. مئين تا صدقي تيوان تهن تون
جنهن **سچو** نانوُ سڏايا

ڪافي سُر جهنگلو ٣۴٢

رانجهو يار ديان ڳلان، تي سنيان سانُون ٻانديان

١. ڳجهيان رمزان وي رانجهن واليان
سي تا لوڪ نہ سلان

٢. سڻو سيالين وي رانجهو ڏانهون
ڪيڪر ڪنهن تون جهلان

٣. ماهي دي مهٽي وي ڪوڏ قبوليم
والُ ٻچي نہ ولان

Scanned by CamScanner

۴. سچو ڪيتيان وي سيني اندر
حُسن هادي دي هلان

ڪافي سُر جهنگلو ۳۴۳

جوئي آهيان سوئي آهيان، غير خدا جو ناهيان ناهيان
۱. آدم شيث ۽ يعقوب يونس نالو نينهن سڏايم
ڪيم طوفان تمام زمين تي عالم سڀ ٻوڙايم
هنومان ٿي ڪانئيم ڏنيم لنڪا لنڪا باهيان
۲. وامق عذرا ليليٰ مجنون ڪيئي ڏينهن ڪوٺايم.
ديعل سوئي صيفل ٿي ڪر برهين بار اُٺايم
سو بديعل سوئي صيف لڪين ناهه تو ناهيان
۳. شيرين ۽ فرهاد جو ٿي ڪر ٽَڪر ٽاڪ ٽُڪيوسي
خُسرو ٿي حيران ٿيوسي حيلا سو ڪيتوسي
ذات نڇاٽا پانهنجي آءُ تا اصل ڪؤن ٻي چاهيان
۴. يوسف ٿي زليخا خاطر مصر بازار وڪاٽس
عيسيٰ ٿي وت ساڻ اشاري چڙه آڪاس اڏاٽس
رنگا رنگ لباس لڪين ڪر ڪي پهريان ڪي لاهيان
۵. سولي چڙهه منصور جو ٿي ڪر اناالحق الائِمِ
شمس ٿي تبريزون آيس خوشؤن ڪل ڪلايم
لک لباس ڪري ڪئين اهڙا ڦاهيءَ ۾ ڦتڪايان
۶. مدت پڇاٽون نانوُ سچو ٿي عالم ۾ هن آيس
نانوَ انهيءَ ۾ وحدت وارو سارو سر سٽايس
نعري نينهن جي ٻاجهون يارو ڪون سڳو پيو ساهيان

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ۳۴۴

اسان وچڻا تخت هزاري، رهڻا راوي دي ڪناري

۱. هي دل اساڏي تي ديواني
ويکڻ هڪ نظاري

۲. هو ڪنيزڪ وچ اُتاهين
باقي سا عمر گذاري

۳. تڏڙيان تالين راوي والين
جتان رانجهو مست پُڪاري

۴. هي ضرور اسان ڪون وچڻا
هُتِ ڪيتا ياد پياري

۵. ڪڏهان ملسُون نال سايانديِ
چوڙ **سچو** پئي لاري

ڪافي جهنگلو ۳۴۵

مئين ٻُلي ٻُلي آهيان
پاند ڏئي ڍَڪِ اسانُون

۱. سڻ ميان رانجهن عرض اساڏا
نال تيڏي هُلي آهيان

۲. مئين ڪنيزڪ در تيڏي دي
يار تا اڻ مُلهي آهيان

۳. متي پيرين مئين ڏُهارڻ
يار تيڏي ڳلي آهيان

۴. سڻ تون سُهڻا ڳالهه **سچو** دي
ڳل تيڏي اصلي آهيان

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جھنگلو ٣٤٦

جوئي ڳيا وو ڳيا وو الله سوئي ڦِر نہ آيا وو ميان

١. ٿھٿھہ اُتي وو جوئي چڙھيندا
چِتُ اُنھين سر تون چايا

٢. ڪاسي ڪلوت جيئي ويندي
اُنھان سوڳر ڳنوايا

٣. وچ ھمالي آپ ڳاليندي
برف وچي سڀ ڪايا

٤. پيٽ دوارڪا پچندي اُٽان
يار اٿان سو رنگ لايا

٥. ھٿ وچ بئيرق ھُئي جنھانڪون
تنھان جوش جڳايا

٦. انھيندي ڪيتي اڳون پيرل!
سونا محل بنايا

٧. ڪيا ھمالہ ٿھٿھہ ڪاسي
دُوارڪا پنڌ اجايا

٨. آپ سڄاڻي ڪوئي لڪان وچ
اٿان سو دوست سمايا

٩. **سچو** اپڻان سِرُ سنڀالين
پڙھا سي يار ڳھمايا

ڪافي سُر جوڳ ٣٤٧

ھُتؤن ھلي ھِت آئين، ڪرڻ واپار ري تون وڻجارا

١. وچ بازار جي چوسول وچ ۾
ٻڙي پرت جي پائين

Scanned by CamScanner

٢. شاه پنهنجي سان واعدو جو ڪيڙئي
ڏينهن سجيهي چت لائين
٣. شاهوڪارئ جي ڪوٺي جا پاتئي
سا ويهج ڪيم وسائين
۴ وٽج وره جو تئي موتي لعلان
ٻي گهوري سا ڪيم گمائين
۵. سودو سچ جو آهي **سچو**
هي ڪوڙڪنگڻ ڪچ ڪانئين

ڪافي سُر جوڳ ٣۴٨

اڄ جو جوڳي آيو، نانؤ تنهنجو نئي چاٽان
١. صورت سهٽي وو آهہِ اُداسي
لڳين تهن بسمو لايو
٢. ذري جوڳي وو ذري سناسي
تنهن سامي نانؤ سڏايو
٣. ذات اُنهيءَ جي وو نئي سُچاٽان
چندين پاڻ ڇپايو
۴. **سچو** ساڳي وو رانجهو هيوني وو
مونکي بسمي پلايو

ڪافي سُر جهنگلو ٣۴٩

اڄ جو جوڳي آيو نانؤ تنهنجو نئي چاٽان
١. سر جتائون جوڳين واريون
لڳن تنهن بسمون لايو
٢. ڪڏهن نہ ڏنم ڏيهہ انهيءَ ۾
مولي سو آڻ ملايو

۳. ڏسڻ ساڻ تهين جوڳي جي
ڏاڍو مون ڀُور پرايو
۴. سپرين بازارين ڳِهڻ گهڻ گهنگهرو
ڇم ڇم تنهن ڇمڪايو
۵. سوئي ساڳو رانجهن هئڙو
سچوءَ سر سٽايو

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵۰

جسم اٿاهين ڇوڙين ڇوڙين
ميڏي يار وي يار ميان
۱. جدا جسم ڪنون جي تون ٿيوين
عيش انهي لوڙين لوڙين
۲. محبوباندي منزل اهائي
خيال ٻيا سڀ توڙين توڙين
۳. زائل جسمي ڪر تُون عاشق
خيما عشقدا ڪوڙين ڪوڙين
۴. گهن طريقي وحدت والي
در نہ ٻئي ڪنهن دوڙين دوڙين
۵. سچو سورهيہ جي تون آهين
مُنهن نہ اٿون موڙين موڙين

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵۱

ٿورا ڪيڏا مونسان لايا
يار سانگيڙي ميان
۱. جيئين جيوسي، تيئن مجيائون
موتي نہ تن موٺايا

Scanned by CamScanner

٢. چپ چُپاتي ويڙهي اسانجي
اچ اچانـــــــڪ آيـــــــا
٣. دل سـان لايم هـوجي دلـبـر
ســچا ســخن فـــرمـــايـــا
۴. ڏکن سُکن ڏي کين ڏٺائون
تــوري عــاشــق تــي آزمــايــا
٥. **سچو** هواسي اُداسي جن لئي
سـي مـولـيٰ مـحـب مـلايـا

ڪافي سُر جهنگلو ٣٥٢

اُيريان لڙ ديان لهريان وي ميان! سر اساڏي آءُ ٺهريان ٺهريان
١. مــؤجان مـــؤج پــيـــائـــي آوي
ڪڙيان ٽيان بره ديان بحريان
٢. چوه ڏادي ڪنون چوليان چٽڪيان
ڪڙڪي قـهر ديان قـهريـان
٣. زورا زوري مــؤجان چڑهــديـــان
ڪڏهان سو وهنديان نـهريان
۴. هــيـئـي پــيـوڻ نــال ٿــبـوتــي
سچو هـي سُرڪيـان زهـريـان

ڪافي سُر جهنگلو ٣٥٣

ڪيهي جدائي ٿو پائين، وو اسين پري توڪؤن ناهيون
١. هيڏي هوڏي چوٿو نـهارين
پـاڻ مـنـجهـئـي مُنـهـن پـائـين
٢. آهيون سدائين طالب توسان
ڪـنـهـن لـئـي ورهــ وسـائـين

Scanned by CamScanner

۳. ڀيو نہ ڇاڻج ڀرين ڀاڻ کي
آهــيــان اُمــوئــي آئــين
۴. تون تـا آهين آءٌ تـا تـون ئـي
لـنؤ ٻئي کـنهن سان لائين
۵. ٻولي ٻيائي جي ساري وسارج
آهـ **سچو** سـ سـائـين

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵۴

جاني جدائي ماريو، ڏينهن ڏهيلا سي گهوريا
۱. اصـل لاڪـون آهـيـان اوهـان جي
ويـچاري نـا وسـاريـو
۲. نـانؤ سـائين جي اسـان نماڻن سـان
اچي سـو گـڏ گـذاريـو
۳. مـشـتـاقـن ڏي مـهـر پـئـي تـا
ڪـٽـي نـيـڻ نـهـاريـو
۴. پـري نـہ پـاڻـؤن يـار ڪـريـجو
پـنـهـنـجي وٽ وهـاريـو
۵. سگ **سچو** آهي در تنهنجي، جو ميان!
پنـهـنجي سو ڪـڍ قـطـاريـو

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵۵

رانجهو ديان رُسوايان، سارا لوڪ اسان نون ڏيندا
۱. جو ڪُجهہ سـانـون رانـجهـو ڪـيـتـا
سـو ڪـيـون لـوڪ سـٽـايـان
۲. ڳجهـيـان ڀـاچيـان مـاهـي والـيـان
ڪـنـهـنـون مـئـين وڪـلايـان

Scanned by CamScanner

۳. **سچو** سؤ لک طعني بديان
چشمان تي چُم چايان

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵٦

هوءِ رهي، ڙي الله مئين ديواني هوءِ رهي

۱. عشق اسان نون يار سڄڻدا
لوڪ ڪيتا هڻ صحي

۲. طرف اساڏي ڪوئي نہ آوندا
پريان ڏهون هڪ پهي

۳. دلبر ٻاجهون دل اساڏي
تاهہ نہ ٻئي ڪنهن ٿهي

۴. ياد تُسانڪون دلبر ڪيتا
ڳالهہ ڪانگي اِها ڪهي

۵. آپي چاٽي ڳالهين ڪريسن
ڪول **سچو** تيڏي ٻَهي

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵۷

پيالي عشق پلاڪي، ساجن چا مخمور ڪيتوئي

۱. چشماندي ويکا چمڪاري.نسنگ نيتي ايڪ نظاري
چڪنا چور ڪيتوئي

۲. اناالحق دا ماريئي نعرا، حيرت دي وچ پيا جڳ سارا
نانوُ منصور ڪيتوئي

۳. ڪيتا سِر تُسان اظهارا نانوُ منصور دا يار پيارا
ڪيون مشهور ڪيتوئي

۴. ملان تي منصور بي تون هين، ايڏون اوڏون هڪو ڏونهين
ڪُل منظور ڪيتوئي

Scanned by CamScanner

۵. سرمد هوڪي ڦيريئي هوڪي، نال شمس دي مُلان هوڪي
ڪيها مذڪُور ڪيتوئي
٦. ڪرمل هوڪي الله آکيوئي، تنهن وچ اپڻا راز رکيوئي
سچو وهلور نيتوئي

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵۸

اِهي اولانبي ني آئي آئي، سي اوڏاهون آئي

١. سگهي آوڻ دا وعدا ڪيتوئي
ڏينهن گهٽي تو ڪيون لائي
٢. عاشق سانون ڪيون وساريئي
نال اسان لنوُ لائي
٣. اسان ٻاجهون گذر ويندئي
اتان سي ڏينهن اجائي
۴. **سچو** اساڏي هڪو واري
پڪي تون آوين پڇائي

ڪافي سُر جهنگلو ۳۵۹

دل اُتي وچ پيئي، جاءِ جتي دم ناهي

١. شئي عجب جي پار اسانجي
ڏِسُ مُڪائون ڏيئي
٢. خيال لڳوسين وچي اُتاهين
وائي ٻي سڀ ويئي
٣. دهسشت واري مؤج ڏسي تا
ڪُوپا موتيا ڪيئي
۴. نيڪي بدي تن برابر
جر گهڙيا وچي جيئي

Scanned by CamScanner

۵. بحر عميق ۾ سڙوري سرتيون!
نــانــؤ وڃايم نــيــئــي

٦. حال منهنجي جا محرم آهن
سچوڙي واقــف ســيــئــي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٦٠

ڳالهين رانجهي ديان پائنديان پائنديان
تي پهون وي سيباونديان

١. سُڻ ڪر رانجهو جهنگ سيالـيان
پيڙي تہ ڪر ڪر آنديان

٢. ويــڪ ڪـي صـورت سُهـڻـي والـي
پـانـد ڳچيءَ وچ پـانـديـان

٣. هـو هـو ڪـرڪـي پـيان حـيرت وچ
خون جگــر دا ڪــانــديــان

۴. **سچو** رانـجهـو مِـلـڪ هـيـري دي
پيان ڇوڙ دعويٰ گهر جانديان

ڪافي سُر جهنگلو ٣٦١

پـونـدي ويـندي غازيـانـدي غُلغُل
خبــر نـــہ جاڻــي ڪُل ڪُل

١. شـاهـہ منـصور دا سولـي اُتـي
هــوا هــنــگــامــان هُل هُل

٢. شـيخ عطـار تي شبـلي اُوپـر
عــشــقــي ڪــيــتــي اُل اُل

٣. عــشــاقــنــدي راه اُنــهـين وچ
پـــونـــدي وڃي ڇُــل ڇُــل

Scanned by CamScanner

۴. راه انهيڪون سنوري سئيان!
لـــوڪ ڳيـــا پـــل پـــل
۵. دوڙي دل تـي يـار سچوءَ دي
دردان دٻي دُل دُل

ڪافي سُرُ جهنگلو ۳۶۲

ڪـيـڏون وي عـشـق تـون آنـداهـين، هڻ آک ڪـسـي ول جانـداهـين
ڪـيـهـارمـزان غمـزان لانـداهـين
۱. موسيٰ تي وت ڪيتئي ڪشالي، آپڪون آپي ڏتئي ڏيکالي عيسيٰ تي وت دم دي نالي
هـويـان نـون قـيـر جيـوانـدا ئـين
۲. وچ حلاج دي ڪيتي نظارا، اناالحق دا وت ماريوئي نعرا، ايڏون اوڏون ڪر پسارا.
آپـڪـون آپ مَنـا ويـنـداهـين
۳. ڪڏان آ وهين وچ صبوري، ڳهن ڪڙوتيئ اِنهين دوري، آپ تي آپ هوندئين مخموري.
وت ڪـيـهـي بـات بـنـائـيـنـدا هـين
۴. ڪڏان تون آن وهين يار يگانا، ڪڏان وت هوندئين آپ بيگانا، پر پر آپڪون آپي جانا
اپـڻـا آپ ريـجهـنـونـدا هـين
۵. عشق واليان نون اها وت ڏيندا، جيڏ وَن آندا، تيڏون ويندا. اپڻي نال جو آڻ لنؤ لويندا.
ڪـسـڪون سچو پـچانـونـدا هـين

ريختو سُر جهنگلو ۳۶۳

سجھ کوں تیرا جادو لگا، نا صبر نا آرام ہے
تیرے طرف سے اے صنم نا خط آیا نا پیغام ہے
۱۔ آتش لگائی جان سوں، فریاد پر فریاد ہے
مرتا ہوں تیرے ہجر میں، سرسوز کی صمصام ہے
۲۔ اس حال اپنے کی خبر، کس کو سنائوں اے سجن
جنجال ہے یہ زندگی، مرنے میں میرا کام ہے

Scanned by CamScanner

۳۔ یا مکھ سے برقعہ دور کر،یا خون تیرے گُل ہوا
تم ہی بہا میرے خون کی،سچو کوں یہی الہام ہے
۴۔ اکھیاں جادو گر تیریاں،دل ہماری لٹ نِتی
پھر پڑے زلف کے پیچ میں سچودلوں کا دام ہے

ڪافي سُر جهنگلو ۳۶۴

پانڌي اوڏاهون اڄ آيو، پريان سندي پار ڏنهن، پلو ميان
۱. طرفان تُنهنجي هون اچڻ جو
ساٿ ڏٺين ڪي سعيو
۲. گهٽو پڇن هُت پرين توئي کي
گهمين تون هت اجايو
۳. آهه توئي ڏي سُڻ زي عاشق
روح سندن جو رايو
۴. پاڇاٽين جو هن پيغامن
وري سو ورهه وڏايو
۵. ٻُڌي نياپا ٻانهون ٻڌي ٻئي
آٽي سچوء سرُ نايو

ڪافي سُر جهنگلو ۳۶۵

ٿي تون رهبر راهي، پريان سندي وو پار ڏي، پلو ميان
۱. ڏيهه اُنهيءَ جي ساٿي تون
سگهڙي آءُ لهي آگاهي
۲. تِرُ نه هڪڙو ترس اتاهين
والي آهي تنهنجو واهي
۳. هن نماٽي سان نانوُ سائين جي
ڪرين تون هي همراهي

Scanned by CamScanner

۴. درد اسانجي جي اڳيون دوستن جي
ڏيندا هي نيڻ گواهي
۵. يار مسافر سگهو **سچوءَ** سان
آٽي تون ميڙ الاهي

ڪافي سُر جهنگلو ۳٦٦

سُڪ وسن تيڏيان جائين
جيوين تون مئيڏا سائين
۱. نانؤُ سائين دي اگڻ عاشقاندي
سگها تون قيرا پائين
۲. اسان نماڻيان تون سُهڻا سائين
چِتُ نہ دلبر چائين
۳. جيها تيها **سچو** تُساڏا
هَسُ سجڻ ڳل لائين

لڪافي سُر جهنگلو ۳٦٧

اوهين پانهجو پاڻ آهيو، ننگ نباهڻ وارا
۱. هي نماڻي، عيين هاڻي الله ميان! هٿ متئون مون نہ لاهيو
نيڻ وهائن نارا
۲. عاشق شودا وي آهن اُداسي، الله ميان! چاه منجهؤن سي چاهيو
ورهہ ڪيا ويچارا
۳. ميلائي جو مشتاقن سان، الله ميان! تاهہ ڪو سگهڙو تاهيو
مرتا ڪرن نظارا
۴. اصل لاڪون وو آهن اوهان تي، الله ميان! پاڻ پرين نباهيو
ڪم **سچوءَ** جا سارا

Scanned by CamScanner

ڪافي سُر جهنگلو ٣٦٨

نچاٹان نچاٹان جوڳي ڪيهي ديسؤن آئي

١. اڳي ڪڏاهان نهين سؤ ڏيکيم
صورت تا نہ سڃاٹان

٢. ڪيون ڪريندا سُنوري سنيان
نال ميڏي ڪئي ماٹا

٣. ڳل ري ڪفني دست پهوڙا
آءُ مليندا پاٹا

٤. مئين اُهوئي رانجهن آهُسِ
تيڏي سو در وڪاٹا

٥. طعني تُهمت سڀ لوڪان دي
سچو ڙي ساه سيباٹا

ڪافي سُر جهنگلو ٣٦٩

گهُمن بره دي گهوڙي، وره واليان نون وو ڙي هوءِ هوءِ هوءِ

١. نال زوريدي زور گهتيندا
ڪيهي اڏين پئي اوڙي

٢. ڏوهين چشمان مشتاقان ڪون
پاڻ مريندڀان پوڙي

٣. مسافر جنهاندا هوندا
ڏک تنهان نون ڏوڙي

٤. بره بوراق نون ڪون قسائي
مُنهن پنهاندي موڙي

٥. ياد ڪريندا يار جنهان نون
اُهي تر نہ رهيس توڙي

٦. اُهين جيهي سُڻ **سچو** ري
ڳڏي چڪن ڪر چوڙي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٧٠

تنهنجو ديس وسي ميان! ڀري نہ وڃ ڀرديسي
١. ٻاقي ٿيون يار اسان ڪون
دل نماڻي جي ڪسي
٢. اوهان ٻاجهون دلبر سائين!
آهيون اُداسي اسي
٣. وينا ڏسون واٽ اوهانجي
مان ڪو رهبر رسي
٤. اچڻ اسانجو يار ايڏاهين
ڏيهہ سندو ڪو مون ڏسي
٥. سِر سچوءَ جي يار سدائين
وِره جو مينهڙو وسي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٧١

ساجن هر ڪنهن صورت سنيان! سارا سيل ڪريندا وي
١. ڪڏهان مُلان، ڪڏهان مُفتي
قر اناالحق اليندا وي
٢. ڪڏهان تسبيح آپ پڙهيندا
ڪڏهان جٽيان جوڙ گهتيندا وي
٣. ڪڏهان ڪافر ڪڏهان مومن
ڪڏهان ملڪ ناهيندا وي
٤. موسيٰ يا فرعون ڪڏهان شداد
بهشت بنيندا وي
٥. آذر يا نمرود ڪڏهان خليل
سونام سڏيندا وي
٦. آدم عزازيل حوا سوئي
سچو سِرُ سُڻيندا وي

ڪافي سُر جهنگلو ٣٧٢

جي آيا، ڀلي آيا ساٿي سڄڻ جي ڏيهه ڏنهنُ

١. مـــون تـــا چاتـــو واٽ واهـــو
پر مـونـڏي سـي هـوت هـلايا

٢. ڏينهن پڇاڻون پانڌي پرين جا
ســـاڻ غريـــب گـــڏايـــا

٣. پاڻ متائن ڪـريـان قربانـي
لـــڪـــين ٿـــورا جن لايـــا

٤. اول دلاسـا ڏيـئـي انـهـن هـي
پـــوءِ پـــيـــغام سڻـــايـــا

٥. طـرف تـنـهـنجي اهي عجيبن
ســـچا سُخن فـــرمـــايـــا

٦. اڻ ٽُڻ اها ئـي آهي اسـانـڪـي
ڏڪـيـا تـو ڏيـنـهـن لـنـگـهـايـا

٧. پـيـا اسـانـوٽ هـاٽـي ٿُهـيـنـجا
سچوڙي پـــنـــڌ ســـجايـــا

ڪافي جهنگلو ٣٧٣

اهين اڪياندي نال آزي ساڏي سنيان

١. خون جگـر دا جڏهان سـي پيـنـديـان
تـڏهـان تـا رهـنـديـان راضـي

٢. خونـــي خاشـــي بـــره دي بـــاشـــي
قـــتـــل ڪـــريـــنـــديـــان غازي

Scanned by CamScanner

٣. دل ڪنون هُڻ وي أنهان چشمان
ڪٿ نيتي ڏيک بازي
۴. زوراوريانـدي اڳون اصل لاکون
اسان ٿيونڑ ايلازي
۵. قدر أنهاندا سڻ **سچو** ري
کياسي چاٽن قاضي

ڪافي جهنگلو ٣٧۴

يار ملي تامئين جيسان، لوک کري مَرُ ريسان
الله دي سُنهُن هي
زهر پيالا محبت والا، بسم الله ڪرپيسان
الله دي سُنهنُ هي
١. رانجهو دي ڪيتي سُنوري سنيان مئين ديواني ٿيسان
الله دي سُنهن هي
٢. راتو ڏينهان ياد ڪريندان تيڏيان، سوهادي حديثان
الله دي سُنهن هي
٣. ڏوث ڏوراپي ول نہ ڏيسان، لکين ڪيتُم ڪُل کيسان
الله دي سُنهن هي
۴. شاهہ رانجهن دا سُنو سهيليان، نِينهُن نباهہ ڪي نيسان
الله دي سُنهن هي
۵. ڏونهين جهانين يار پيارا، دامن تيڏي ليسان
الله دي سُنهن هي
٦. سر **سچو** هي اڳون سايانـدي، پهلي ست ستيسان
الله دي سُنهن هي

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ٣٧٥

پُڇو نہ منهنجڙي ذات، جوئي آهيان سوئي آهيان

١. اڄڻ اسانجو تيو اتاهين
جاتي ڏينهن نہ رات

٢. ظاهر تيو ذاتي ديوچ
سمجهڻ منجهہ صفات

٣. ظاهر آه زبانون منهنجي
قرب سندي ڪلمات

٤. ”لا“ کي لاهي نفي ڪيوسي
الا الله اثبات

٥. **سچو** سر صحي ڪر پنهنجو
عشق منجهون عشقات

ڪافي جهنگلو ٣٧٦

ڪيها غمزا لآيا وي لايا لايا يار وو

١. شاه منصور کُون هٿين گهن ڪر سُولي پڪڙ چڙهايا
تهنکون تهن ڏهاڙي آڻ کي پيالا عشق پلايا

٢. پُرزا پُرزا عَضوي ڪرکي اي سِرُ گهول گهمايا
اهو نغارا نينهڙي والا بر سر آڻ وڄايا

٣. قاضي مُفتي مُلان مل ڪر ڏاڍا مچ مچايا
هٿون اُنهاندي پاهڻ پڙ تي لاکين سر وسايا

٤. حضرت شيخ جنيدُ کون اوڏون امر اهو ئي آيا
فتوي لکي خُون اُنهيندي جنهن اناالحق آلايا

٥. شيخ آيا چل حُڪم اُنهيندي جنهن پنا مس بنايا
لک ڏتي تنهن فتوي يارو رو رو حال وڃايا

٦. وچ ميدان وحدت والي آٿي عشق کڙايا
سچو چول ستاران اتان جتان غازي سر گنوايا

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ٣٧٧

آءُ ادا سالڪ صحي ڪر تون تہ طلسات ڪي
پيچ دوئي تاڪل پويئي دور ڪردجات ڪي
١. ڪيئن وساري ويهي رهين هر هر نفي اثبات ڪي
اثبات ڪؤن اڳنان لنگهي ڪرتم تون طلاعات ڪي
٢. ڪيئن وٺي ويهي رهين هئي هئي تون حڪايات ڪي
ڳالهين منجهؤن تاڪين تيو پيچ اوٽ عُزا لات ڪي
٣. غازي نہ پانئج غير تون هن محض موجودات ڪي
سِرُ گهور ڪر هن گهور ۾ ڏي مُنهن نہ ٻئي مصلحات ڪي
٤. سِرُ سڃاڻج پانهنجو ڏي ڪن نہ ڪرامات ڪي
ذاتي منجهؤن ظاهر ٿئين تون سمجهہ هن صفات ڪي
٥. **سچل** روئين ڇو ايترو بسڪار هن برسات ڪي
تصديع تون ڇو ٿو ڏئين محبوب جي محلات ڪي

ڪافي جهنگلو ٣٧٨

بات برهُ دي ايهي هي سا عجب جيهي
١. مِل معشوقان مصلحت ڪيتي عاشق قتل ڪريسُون
قتلَ ڪنون جو پڇي تهنڪون شهر ڍنڍورا ڏيسون
ڪنون ڍنڍوري پڇي تنهنڪون سولي سر چڙهيسون
سولي ڪنون جو پڇي تهنڪون لهرين وچ لڙهيسون
٢. لهر ڪنون جو ٻاهر آيا رمز اَهين دل ريهي
لهر ڪنون جو پڇي تنهنڪون آتش وچ سٽيسون
آتش وچ جو سٽ تهينڪون ڦوڪ آڙاه مچيسون
ڦوڪ آڙاه مچاءِ تهنيدي وائين خاڪ اُڏيسون
خاڪ عاشقدي اکياندي وچ سُرمہ جوڙ پئيسوُن

عاشق سوجو سُرمہ ٿيوي ڳالھہ اُهين دي ڪيهي
٣. سنيان طرف صُبح دي ويلي عاشق تيار ڪريسون
شباشب تنهندي پچون فوجان حُسن چڑهيسُون
وچ لٽاندي عاشق شهدا قابو قيد ڪريسون
اول هُشيان ڏيڪر پچي اهو منصوب چلئيسون
نال تهيندي جيهي وٽيسم آپي ڪريسُون تيهي
٤. چلو ري سنيان عاشق ڪيتي سُرها ميٺ مليسون
وچ درياءِ لوهُودي تهنڪون ڏوپان نال ڏٿيسُون
ڏوپي نال ڏوائي تهنڪون غوطا خوب ڏيويسُون
غوطي ڪنون جو پچي تهنڪون ڏيڪرلت پوڙيسون
پڌڻ ڪنون جو پاهر آيا ڳالھہ ڪريسين ڪيهي
٥. رنگا رنگ نقاشي والا محلہ ايڪ بٽيسُون
هڏي گڏي عاشقدي وت ٿنيين ڪام ڪريسُون
چارئي باري ڪرڪي ڏاڪا پوڙي جوڙ جڙيسون
سر عاشق دا تهندي اُتون دِڪي درس ڏريسون
پير ڏري وت تهنتي چڑهُسون اندر روح پهيسون
خُون دي قيمت اسان ٿيوسي قتل ٿيا پرڏيهي
٦. عاشق آهُو معشوق شڪاري اهو شڪار ڪريسون
رمزان غمزان مزگان والي تهنڪون تير مريسُون
الله دي نال عاشق ڪُون چا تڪبير گهتيسون
هتين اپٽي گهن عاشقدي چا وت ڪل ڪليسون
پوتيان ڪرڪي آتش ديوچ سيخين سرُ چڑهيسُون
سيخين اُتون لاه ڪر اتي تل قل ڪرَ ونڊيسُون
تل قل دا وت ذرا پُرزا ڳيا جان جگر وچ پيهي
٧. اصل ڪنون جو اساڏا آها **سچو** يار پچيسون

Scanned by CamScanner

وچ درازين جاءِ تنهيندي تهنڪون لوڙ لهيسُون
تي مُلاقي نال تنهيندي سارا وِرهُ ونديسُون
اُهو اساڏا اسان اُهيندي عاشق ڪيتم نيهي

ڪافي جهنگلو ٣٧٩

ڪريو ڪون گمان
جوئي آهيان سوئي آهيان
١. نا مئن مُلان نامئن پانيڙ
نامئن ورق قرآن
٢. نامئن اولهہ نامئن اوپر
نامئن زمين آسمان
٣. نا مئن شيعا، نامئن سُني
صُوفي حق مستان
۴. شهر **سچل** دا وچ درازين
ناهي مکي نا مُلتان

ڪافي جهنگلو ٣٨٠

مڙسُ تي منصور چئو نہ تہ ڪيم چئو منصور آن
١. منصور جي منزل اُتي ڏاڍا تماچا تُهمتان
سگهہ نہ جي ساري سگهين سائين مُنهن رکين تنهن تي ميان
٢. ڇو چوڪراٽيءَ ۾ پئي رانديون روين راتو ڏينهان
احوال سڀ اسرار جو سائين عشق کي آهي عيان
٣. ٿڙڪو ٿڳيءَ جي ٿاهہ جو ناحق ڪرين ٿو ناتُوان
هنکي چيو هُنکي چوين آهيان لاهوتي لاطمعان
۴. منصور جي تنهن مُلڪ تي آهن سدا نُکتا نوان
سڻ **سچو** تون سمجهہ رک توکي چڱائي ٿو چوان

Scanned by CamScanner

ڪافي جھنگلو ٣٨١

ڪو دَمُ اسانجي درد، ڪؤن عاشق متان ڪاھل ٿئين

١.يسمع ڪرين يبصر صحي، ھن جسم ڪؤن جاھل ٿئين

٢. سر ساھ سان صدقو ڪريان، جي تون منھنجو مائل ٿئين

٣. ھن قرب جي تون ڪل لھين، اناالحق جو قائل ٿئين

۴. جي دم سڃاڻي پانھنجو ھر فعل ڪؤن فاعل ٿئين

۵. دم دم سندم ديدار جو، سچو سدا سائل ٿئين

ڪافي جھنگلو ٣٨٢

پيتا مئن آب حيات وي ھاڙيا

پيتا مئن آب حيات

١. پيوَڻ سيتي تنھندي ھويا عيان

تن من سڀ تجلات

٢. خيال اساڏا ڪتان نہ اٿڪيا وي

لنگھ پيا ظلمات

٣. ھڪو ھوڪر وي ھڪو چاٽين

ھڪا ذات صفات

۴. جوئي الينداوي سوئي سُڻيندا

ھيئي اھو اثبات

۵. مئن خدائي، خدا ھان وي

آکين اھو ڪلمات

٦. اٿان جو ويندا وي مول نہ مردا وي

آءُ ڪرين تسلات

٧. ڪنھن ڪنھن ويلي اٿان جو ويندا وي

جتان سچو دن نہ رات

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ٣٨٣

بحر بره دا تارو تار، مؤجان مؤج پئي پاهار

١. وچ بحر دي عُشاقان کون
نينهن ڪريندا نگوسار

٢. لڙهہ ڳئي لڙ وحدت ديوچ
غير والي خس و خار

٣. اُهين بحروچ مئين وچ پئيان
جهندا هئي ڪوئي نہ ڪنار

٤. ڏيکڻ وچ نهين سو آندا
سارا هئي جو ڏنڌڪار

٥. **سچو** سِرُ تيا وچ ظاهر دريا
دل ڪيتا ڌڌڪار

ڪافي جهنگلو ٣٨٤

مئن تا تيڏڙي نال، رانجها وو هوسان

١. تون تا تخت هزاري دا سائين
مئن تا هير سيال

٢. چوڙکي ديس چوپاري والا
آۓ اسان گڏ جال

٣. تيڏي ڪيتي بسمي لڳيسان
پيان اهين وو خيال

٤. ڪنهن دي نال ڪريان وو بيان
ڳوڙهي عشق دي ڳالهہ

Scanned by CamScanner

۵. اتلي ڏينهن جو ڪيون وي وساريئي
اپڻا سچو سگ سنيال

ڪافي جهنگلو ۳۸۵

وهنيان وساريان ڪيئن، جيڏيون جي لنؤن لائي ويا
۱. گهوري چڏيم هي گهر جايون، بره ٻهيران ٻُني لايون
پير نہ پوءِ ورايان وري سنپاريان ڪيئن
۲. شهر ڀنڀور ڪؤن ٿيم آزادي، ڪيچ ويندي ڏنم شادي
تنهن سان نيهن نباهيان، پوءِ نهاريان ڪيئن
۳. ٿي ٻئي منهنجي دلڙي ديواني، محبت ڪيڙس آءُ مستاني
دردر ڦيريون پايان، هت گذاريان ڪيئن
۴. ٻُور پرين جي ڪئي پڌرائي، اوڙي پاڙي وڃُني وائي
چاڪي عشق چپايان هُڻ گهر گهاريان ڪيئن
۵. ڪيچئڙن جي ڪم اچان جي، رنگ پرين جي رنگ رچان جي
سچو ري ڳڻ ڳايان، هي سرِ واريان ڪيئن

ڪافي جهنگلو ۳۸۶

آهي ههڙو حال، ويچاريءَ جو، سُهڻا ڪر ڪو ڪرم ستاريءَ جو
۱. لئي پنهل جي ڪانگ اُڏايان، ڪوئيون پوتيدار پٺايان
ورُ وري ورَ واريءَ جو
۲.حال ڏسي پنهنجو پال پلائج، پر پچاڻون وره ورائج
ڪج ڏپ داروُن ڏک واريءَ جو
۳. درد فراق جا ڏونهان ڏکن ٿا، مچ مگر هن من مچن ٿا
ڪو ور وري ويچاريءَ جو
۴. سڪ سچل جي توکي ساري، ڪيچي ايندم نرتيون نهاري
ساه سڪي سڪ واريءَ جو

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ٣٨٧

هڪ آهيان ڀوءِ هاڻي وي ميان! ڇئو ٻيو آهي ڪهڙو

١. اندر ٻاهر حڪم اسانجو ميان الله
صورت هيءَ سڄاڻين

٢. عاشق ۽ وو عشق معشون ميان الله
يار مڙيوئي هڪ ڄاڻين

٣. تون ٻيوئي وو آءٌ تا آهيان وي ميان
متان اِتي شڪ آڻين

٤. ڳالهہ هجر جي وو ڄاڻي واڻي ميان الله
سچوءِ ساه سيباڻين

ڪافي جهنگلو ٣٨٨

دل جا دلبر يار يار ري، سگهو سگهو ايندو رهين

١. اسان نماڻن جي نانءُ سائين جي
لهين تون سار سنيار

٢. پار اوهانجي ڪيئي مُڪاسين
قاصد سَوَ هزار

٣. اوهان ٻاجهون يار پيارا
اڄن ٿا اوتار

٤. سي تون پارج پرين پانهنجا
ڪيءُ جي قول قرار

٥. هُوءَ جا هُئڙي مٿي مونهنجي تي
ڪرين سا معاف ميار

٦. سچو اوهان لئي يار سياڻا
روئي سو زارو زار

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ٣٨٩

مُڪاسين قاصد ڪالهہ، اجهي ڄاڻ آيا آيا

آهي تياري ايڏهن اسانجي
آهيون سومنجهہ خيال

١. اڪند تُنهنجي اصل اسانجي
آهي سا جيءُ جو جال

٢. عاشق توتي ڪرم ڪيوسي
سُڻي سندءِ احوال

٣. پنهنجي لُطف سان هاڻ لاتا سين
تو تؤن ڪُل ڪشال

٤. اچي لهون تا اجها تنهنجڙي
سچو ري رات سنيال

ڪافي جهنگلو ٣٩٠

يار مئن ڏهون ڪرين ڪا آوڻ دي

١. چٽڪ پيان هُڻ عشق ديان چوليان
مؤج نهين اٿان ماوڻ دي

٢. ابر اکين دا مينهن وسائيندا
سِٽ تي اٿان ساوڻ دي

٣. ڪنان نال نهين شال سُڻيان
ڳالهہ جاني دي جاوڻ دي

٤. **سچو** سوز چپاءُ سيني وچ
بات نهين وو سٹاوڻ دي

ڪافي جهنگلو ٣٩١

نال اساڏي ڪي ڪرين، ڳالهين يار ديان قاصد

١. ڳالهين سڄڻ ديان ڪيون چپائين
الله ڪنون ڪُجهہ ڏرين

Scanned by CamScanner

٢. طرف معشوقان دي هُڻ تون ويندئين
ول سـگـهـا تـون وريـن
٣. پـارؤن اسـاڏي اڳون سـجڻ دي
وج تُون مـجرا پـريـن
۴. دسـت دلاسـا دل مـيـڏي اُتـي
آءُ ادا هـڻ ڏريـن
۵. شـوق مـاهـيـدي سُڻ **سچو** ري
كـولـيـان دل ديـان دريـن

كافي جهڱلو ٣٩٢

مُنهـنجو هـينئڙو پـيو، وِجي پـريـن جي پـار وو
١. سُپـيـريـان ڏي سـرتـيـون!
مـونـكـي نـيـنـهـڙي نـيـو
٢. ڳـٺـن ڳالـهين يـار سـجڻ جي
سـوگـهـو سـاه كـيـو
٣. پـاٽـون پـائـي اڱڻ اسـانـجي
لـعـلـن شـال لـيـو
۴. جڙ لـڳي هُيـوَ جيـڏيـون!
تـہ كـيـئـن مـون ڏوه ڏيـو
۵. سُپيريان جي سك ۾، مون سان
پـيـلـي كـونـہ پـيـو
٦. سـگ سـجڻ سـان سـگ **سچوءَ** جو
جيـڏيـون جيءَ ٿـيـو

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ٣٩٣

جيڏيون مون کي چوٽيون جهليو، ويندي پرين جي پار

١. هن پر پيرا ٿي ڪريان،
جو مون هُت روح رکيو

٢. ڏانهن گهٽا ڏينهڙا،
مون ٿي عشق اليو

٣. روح پريان جي پار ڏي،
وٺي سا حُب هليو

٤. پريان سندي پار ڏي
پاڙيچون نہ پليو

٥. **سچوءَ** جو ڙي سرتيون!
محبت مَن مليو

ڪافي جهنگلو ٣٩٤

آدم ٿي ڪر آيا، آوڻ جاوڻ دي سُڌِ تا ناهين

١. ظلم جوئي باطن سوئي، مرشدَ اينوين سمجهايا
تنهين مڪاني نانوءُ بتايُس، تنهن قدم ڊگهيرا چايا
٢. چوٽان مڪان صحيح ڪر چاٽين، تنهن هڪ گهر رنگ جو لايا
٣. جنهان خانان ڪنون گذر ڳياهس، سوول اٿان جايا
سچو وچ صفات بنا ڪر، سارا سر چايا

ڪافي جهنگلو ٣٩٥

سانول ياد ڪيتا، ڪي ڀلا ميان پانڌي يار وي

١. پريٽين ڪائي ڪرين اساڏي، نينهن سانون اٿان نيتا
زهرپيالا درد فراق دا، هٿون ماهيدي پيتا
٢. ڏيکڻ نال ساتي ٿساڏي، جي مُوا ول جيتا
نال لئي دي ساهہ **سچو** دا، ٿسان ڳالهين ڪرليتا

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ٣٩٦

ساڻي ري ديس دلبر جي سگهو وڃ پار پرين جي
خبر ڪا خير جي آڻين، آهي خوش خاص سو مظهر
١. پانڌي پيغام هي نين تون سنڀاري دوست کي ڏي تون
ڳالهيون ڪر ياد پيي ڪي تون آهيم تون دل گهريو دلبر
٢. عاشق ايذهن نهاري ٿو توئي گوندر گذاري ٿو
سڄڻ ڪون سرس ساري ٿو، اوهان لڳ آهي منتظر
٣. زياده ٿو ڪري زاري، ڪيائين سو ڳچي ڳاري
مَ ڪج تنهن ڪون تون بيزاري، ڏسي ڏوهن سندو دفتر
٤. درد ۾ دل ٻجانو ٿيو، اُتي يڪدل يگانو ٿيو
ونئي نياپا روانو ٿيو، رسيو تا روءِ وڃي رهبر
٥. اڳيون پيي ٻاجهہ هُت پيئي، وائي تا هجر جي ويئي
دلاسا دوست ڪيا ڪيئي، لڪڻ ڪؤن هن اُهي ٻاهر
٦. آهي سڀ خيال هي مُنهنجو، اوڏنهن ويو حال هي منهنجو
سچو ري سوال هي مُنهنجو، حُضوري ۾ ٿيو حاضر

ڪافي جهنگلو ٣٩٧

مون تاچشمن کي پرجهايو، پر جهليان پليان وونهين رهنديان
١. انهن اکڙين وو ويڙهي پرائي، الله وڃي سو وره وهايو
٢. ڏاڍي جاءِ وو انهن مستانن، الله، تئين سو آ پاريو
٣. آڪڻ ميڏي تي لڳديان ناهين الله، انهان پور پرايو
٤. جٿان پڪياندا پيرناهي، عشق اکن اُتان لايو
٥. خيال **سچو** دا لڳا اُتاهين، جٿان تنهن هينڙو کسايو

ڪافي جهنگلو ٣٩٨

آهيان اوهانجڙو آئين، دوست چوي ڪير آهين
١. پرين ڏسج تون پاڻ ڏي ميان الله، آءٌ ٻانهون تون سائين

Scanned by CamScanner

۲. پنهنجي درؤن وو سپرين! ميان الله، پير منهنجي در پائين
۳. ڳچي پائي وو ڪپڙو ميان الله، پرين ڪي پرچائين
۴. آءُ اوهانجڙو آهيان ميان الله، چت نه هن تؤن چائين
۵. ديدان ڪڻ وو تون متي الله لڳ ميان! **سچو** ڪي سرچيائين

ڪافي جهنگلو ۳۹۹

صحح سُجاتو سي هاٿي، اصل اسانجو تون آهين
۱. عاشق متان وو اوتئين ميان الله، پنبڙن مؤن پاٿي
۲. ڪڌهين اسانجي ڳالهه ڪؤن ميان الله، عذر ڪو متان آٿين
۳. عاشق متي وو ڳالهه جي ميان الله، وري تا ڏين وراٿي
۴. ڏينهون نئين وو آهي سا ميان الله، ناهي سا پرت پراٿي
۵. تن ۾ تنهنجي وو اصل اسانجي الله، **سچو** ري سڪ سجاٿي

ڪافي جهنگلو ۴۰۰

عشق وڏي مرتنهنجو، وي ڍولڻ! پارت سان طعنه ڪير توڪي
۱. نه ڪي سُجاٿان وو عاشق توڪي ميان الله، اِهو هُنر آهي مُنهنجو
۲. ڪني ڪني ڪي وو لڳي اسانجو ميان الله، عشق اصل ڪؤن اهنجو
۳. اها وراٿي وو آئي **سچو** ڏنهن الله، راضي اوهين هٿ ڏرجو

ڪافي جهنگلو ۴۰۱

وج نه يار پراهون، وس اساڏڙي ويڙهي
۱. پرلڙا ويندين اسان ڪنون ڪيوين، آک ته ڪيهي گناهون
۲. درد تساڏي ڪاهل ڪيتا، آوين تون دوست اڳاهون
۳. اوڳڻ ڏهون ميڏي نه ڏيکين، ڪيتم لک الاهون
۴. هووين هميشه نال اساڏي، سٽين اساڏيان آهون
۵. اينوين نال عُشاقاندي ايندا ناهين، يار سُهڻاهن چاهون
۶. **سچو** هي سگ در تيڏيدا، ڪرين نه دور نگاهون

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ۴۰۲

پانڌي آيم اڄ پيهي، پريان سندي وو پار ڏنهن
۱. ڏوٿ ڏوراپا ڏئي مُڪائون، تن ڪئي ديواني ديهي
۲. ڳالهيون اهي يار سڄڻ جون، ڪيئين وساريئه ويهي
۳. جهڙيائي آهي تنهنجي سان، هت ٻي گذري تيهي
۴. هوش **سچو** جو ميان نيو نياپن، ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي

ڪافي جهنگلو ۴۰۳

ڪؤن آهيان ڪؤن آهيان، جوئي آهيان سوئي آهيان ڙي
۱. جسم اُتون ڪُل آسرو، لحظي انهيءَ ڪؤن ٿو لاهيان
۲. ٿيا خلافي خيال سپيئي، نروار ٻم تا ناهيان
۳. جان ٿي خود ڪؤن خلاصي، پاڻ اها ٻي پانيان
۴. بحر جي هن موج تي، جان چڙهان تا ڇاهيان
۵. بادشاهيون ڪيتريون، **سچو** عجب سروپائيان

ڪافي جهنگلو ۴۰۴

سک وسن تيڏيان جائين، جيوين تون مئيڏا سائين
۱ نانءُ سائين دي اگڻ عاشقاندي، سگها تون ڦيرا پائين
۲. اسان نماڻيان ٿون سُهڻا سائين، چت نه دلبر چائين
۳. جيها تيها **سچو** ٿُساڏا، هَسُ سڄڻ ڳل لائين

ڪافي جهنگلو ۴۰۵

الله تون آڻ ملاوين آهين پرديسي نون
۱. طرف معشوقاندي عرض عريضي، لکين لک مُتياسي
ڪونه جواب لکيوني تهندا، هنجين هار پوتاسي
رب تا آڻ مليسي پلا، آهين پرديسي وو
۲. راتو ڏينهان آهي اسانون، وات تنهاندي وائي

Scanned by CamScanner

جنهان تا لائي نال اساڏي، تنهان توڙ نباهي
آءُ تيس دک پائي أهين پرديسي وو
٣. هجر تنهاندي كاهل كيتا، كنهنكون كوك سُناوين
سانون سڄاندي هک واري سائين تون سات رلاوين
لاءِ ڳئي سانون كيهي، أهين پرديسي وو
۴. سٺو سهيليان حال اساڏا، جو برها مشكل بازي
ٻانهان ٻڌكي ٻانهيان وانگر، آپ كريسائين آزي
مهر پويئي ني مان أهين پرديسي نون وو
۵. اكيان بحري باز سڄڻ ديان، شوخي كرن شتابي
نال خماري قرن خماري، شاهبازان هوشرابي
مار سانون رويندي أهين پرديسي وو
٦. نال اساڏي سي هون سدائين، دور نہ تيون
اكيان قيد كريندیان ڏهاڙي، ڏيون نت ڏيكاريان
الله تون عرض اگهائين، ملان پرديسي نون وو
٧. چرخي چت نہ لڳدا مئيڏا كيون كر كڙيان كتان
دست كنون تند چڻ پئي دور، كيون روندیان رتان
گهلي وچوڙي دي واءُ سُهٽي پرديسي وو
٨. آتڻ دي وچ سنگيان ساڏيان، وارا كر كر آيان
دوست ميڏا پرديس سڌاٽا، مئين كيون چرخا چاوان
ڳئي كتڻ دي كار پلا پرديسي وو
٩. پڇي پوٽين نون مئين سنيان، تكلي آگ لڳيسان
ديس بديس تهين پرديسي دا سئيان ڏس پُڇيسان
مولا تون واڳ ولاوين، أهين پرديسي وو
١٠. پير تنهاندي مئين نہ ڇوڙيسان، جنهان كيتم جوڳياٽي
كفني پاءَ ڳچي ۾ ڳولسان، پنبٽين وسايان پاٽي
جوڳڻ كيتا اسانون أهين پرديسي وو

۱۱. سنو سھيليان يار مُسافر، ميکون بيراڳي کيتا
مار سانون پرديس ڳئي، چڻ زھر پيالا مئين پيتا
ھوءِ ھوءِ سانون لائي، اھين پرديسي وو
۱۲. جيءَ جٿي جھر جُھوري دي وچ، يار مُسافر کيتي
کنھنکون آہ فرياد ڏيوان مئين ڏک دي پيالي پيتي
رونديان زاروزار اھين پرديسي لئي وو
۱۳. دوست کنون جو دور پياسي، ڀن پئي وو جدائي
ھجر کنون اھين بردي کيتي، در در کنون گدائي
نينھن لڳا ول نال اھين پرديسي دي وو
۱۴. درد فراق کنون ھُڻ ميڏيان، منجھ ڳيان مصلحتان
اسان ڏھون مان لک کي ٻيجن، آپ سکيان تسلاتان
ڏاڍي بره دي بار اھين پرديسي وو
۱۵. ڏونھين جھانين يار جيھي، ٻيا نظر نہ کوئي آوي
روز ازل کنون، اصلون تنھندا **سچو** سگ سڏاوي
کيھي ڳٺين مئن پار اھين پرديسي دي وو

کافي جھنگلو ۴۰۶

لڳڙي وچي دل رانجھي نال، اڙي لوکو مئيڏي

۱. روح اساڏا راتو ڏينھان، پئي وچ خاص خيال
۲. رانجھو تخت ھزاري والا مئين تا ھير سيال
۳. دل تي آءُ جو محکم رھي ھي، رانجھو دي ھک ڳال
۴. اصلون تھندي نال جو آھي، جي ميڏي دي جال
۵. عشق رانجھو دا اندر وڙيا، وسر ڳئي ٻي چال
۶. کيوين اپڻان مئين حال سڻاوان، بره کيتس بيحال
۷. اڳون سڄڻ دي عرض کرڻ دي، ميڏي کيھي مجال
۸. حاضري دي وچ ھووين ھميشہ، **سچو** تون آپ سنڀال

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ۴۰۷

ڪنهن سان ڪيم نہ ڪل، جو سودو آندم پاڻ سان

۱. سودو ڪنهن نہ پُڇيو، آيس ۾ مُشڪل
۲. گِران قيمت ڪؤن، سيئي موتيا تهن مهل
۳. سودي هـهـڙي جي اُتي، لاهن سڀ نقل
۴. ميڙو موڙن تي ڪري، عالم ڪئي اُچل
۵. حال ڏسي تا هُن جو، پيو جيئڙو منجهہ جنجل
۶. ڏوهہ نہ مونکي ڪو ڏيو، پئي خلق منجهہ خلل
۷. **سچو** سرافراز ڪيو، آٽي سو عشق اجهل

ڪافي جهنگلو ۴۰۸

زهد طاعت ۽ عبادت ترڪ تقوي ۽ تجل
نينهن نگونسار نيسئي عشقدا ڏاڍا عمل

۱. سر سولي منصور شهہ ڪون عشق تا ڪيتا قتل
هيئي جو ڪجهہ بره هيئي اور تا خامان خلل
۲. هجر ڪنون تا هِجر چاڻين وره تا هيئي وصل
سمجهہ تاتون گهن ڪي آيو عشق ڪون روزازل
۳. سر زمين تي ظاهر ٿيوين، برهين دا مارين طبل
آءُ اِتان سالڪ سُڄاڻين، اولون اپڻا اصل
۴. عشق عالي هئي امانت بئي موقوفي سڀ مثل
زيب بئي ڪل ذبح ٿيسين، عشق **سچو** هئي اجهل

ڪافي جهنگلو ۽ ڪونسيو ۴۰۹

دل چين سان جي چُمين پير مُغان جي آستان
محبت سچي محبوب جي بانڪا وڃي تون باس تان

۱. ڪي ڏينهن مون دلدار لئي، ورد وظائف ٿي پڙهيا
جڏهن عشق آرانيا ڏنا، تيون خود خدا جون خواستان

Scanned by CamScanner

٢. جڏهن شوق مون شامل ٿيو ٻيو خيال خاطر ڪڍي ويو
هڪ واسطو تهن جو رهيو، وسري ويون ٻيون واسطان
٣. راهون سڀئي گمراه ٿيون، جي مون پڇين تون ڳالهڙي
ڪر گذر ڀئي گوڙ ڪڍون، اٿئي راه رب جي راستان
۴. رنگ روح ڪي جيڪو لڳو، دُنيا ۽ عُقبا پؤ پڳو
غمزي تهين گم ڪل ڪيو، وهواه ڀيا وسواس تان
۵. عشق جي ڙي جيڏيون، ناهي تماميت ادا
چاهون چوائي ٿو گهڻو، هي درد مونکي داستان
٦. **سچو** سدا سڪ ۾ رهين، متان تون جهلين رڻيون اکيون
هُت درد وارن جي پرين پاڻهين ڪرن ٿا پارتان

ڪافي جهنگلو ۴۱۰

مئين تا ڦردي وتديان تيڏڙي نال
١. تون تاتخت هزاريدا سائين، مئين تا هير سيال
٢. پاءِ رڪاب ٿساڏي هوسان، جيهي تيهي حال
٣. تون بي پرواه جاليندئين، ساڏي جوشان وچ جال
۴. اپڻي در دا دلبر سائين! **سچو** سگ سنيال

ڪافي جهنگلو ۴۱۱

ويڙهي اساڏڙي وسي رانجهو يار ڙي ميان
١. ناز اسا ڏي نال پيارا، دليان پرايان ڪسي
٢. راه رانجهو دي سُنوري سنيان، ڪائي نماڻي نون ڏسي
٣. قتل ڪريندا عشاقان نون، يار **سچو** ول هسي

ڪافي جهنگلو ۴۱۲

حڪم ٿنهنجو ٿو هلي، پرڏوه پاڻئي ڪي ڏيان
١. آهي فعال لِمايريد، نانءُ هي ڪاڏي نيان
٢. آهي وبي ينطَق و يُبصر، ترُ نه هڪ توريءَ جيان

Scanned by CamScanner

٣. جاڏهون اچي ظاهر ٿئين، هلي هيج مؤن تاڏي هيان
٤. يُرجع علي اصله ائين، سُڻ مام هي مونهؤن ميان
٥. گم نام غمزي ۾ ڪري، ساڳو سچو سوئي ٿيان

ڪافي جهنگلو ٤١٣

عشق پنهنجي جي خبر، جي ڪنهن ادا عاشق آهي
مُشرڪ ۽ مُرتد آهي، توڙي اُهو تارڪ آهي
١. جو ٿيو گم يار ۾، پاڻئن ڪؤن لاتعلق آهي
پانهنجي هووٽون اُهو هر فعل ڪون فارق آهي
٢. ڪفر ۽ اسلام ڪؤن، لاڙو انهي لاشڪ آهي
رمز تا هن راز جي، سمجهي سير ئي سالڪ آهي
٣. دائم دوئي وارن نظر هڪ خلق ٻيو خالق آهي
اُپٽي جو عبرت جون اکيون، تنهنکي مڙيوئي مالڪ آهي
٤. جيئين هادي فرمائيو، سوئي سيوئي برحق آهي
سو سچو مرشد سچو جو، پير عبدالحق آهي

ڪافي جهنگلو ٤١٤

عاشق هووين تا سِرُ ڏيوين، سؤدا ڪرين جي يار دا
هَئي ازل دي روز ڪنون، باري بره دي بار دا
١. سِرُ ڏيوين مليسين يار ڪُون، اڱنان هيئي اختيار دا
عاشق تماشا آءُ ڏيکين، اهين بره دي بازار دا
٢. صدقي ڪرين سِرُ يار تؤن، واقف ٿيوين اسرار دا
سر دي تمنا چوڙ ڏي، جهل تاب اهين تلوار دا
٣. آپ ويچ ليجي عشق نون، اهو حرف هَئي اعتبار دا
دام اپڻي مهر مُرشد مئڪون، طالب ڪيتا تڪرار دا
٤. روز ازل ٿون سگ هوان، دلبر دي مئين دربار دا
آهم پير عبدالحق دي چاڪر سچو ئي پيزاردا

Scanned by CamScanner

ڪافي جهنگلو ۴۱۵

جيڪي هوندين، سوئي ٿيندين، تون ئي مالڪ مولئ

۱. تن دا نجهرا چوڙ ڪرا هُڻ
نانءُ پنهنجو نيندين

۲. شاه اتاهون ٿي ڪر چلٽا
ناتے عذابين ايندين

ڪافي جهنگلو ۴۱۶

نيٽاندا هُڻ ناز، سائون مزگان نال مريندا

۱. دل اساڏي تتر آهي
چشم شهان شهباز

۲. باشا برهے ماهيدا
ڪردا برسر ني پرواز

۳. اِهين بي پرواه دي اڳون
ساڏي نِتُ نياز

۴. **سچو** صدقي سچڻ تؤن
جو رهندا وچ دراز

ڪافي جهنگلو ۴۱۷

ڪيوين وساريوَ، وومياڻ! عاشق ديس اساڏا

۱. نال اساڏي ياد ڪرين سيئي
ڪي تا ڏينهن گذاريوَ

۲. ڪنهين ويلي اٿان اسانڪون
سچو ڙي ڪين سنياريوَ

داستان جهنگلي جي ڪافين جو پورو ٿيو

Scanned by CamScanner

شروع داستان ڇهون

سارنگ جي ڪافين جو

ڪافي سارنگ ۽ بلاولي ۴۱۸

جيءُ آئين ڀلي آئين ٿون، ڪنهن منزل مون ڀهچائين تون،

ٿو موٽي سر وڃائين تون

١. سرمد کي ڏيئي لت ڪُهائي، سوريءَ تي منصور چڙهائي، شيخ عطار جو سِرُ وڃائي

هاٿي هيڏي پنڌ پچائين تون

٢.زڪريا ساڻ ڪرت چيرائي، يوسف کي منجهه کوه وجهائي، شمس مُلن جي هٿون مارائي

عاشق تو آزمائين ٿون

٣. جٿيو ڪُفر صَنعان وجهائي. بُلي شاه کي ذبح ڪرائي، جعفر کي درياءَ ٻوڙائي

تن کي پار لنگهائين تون

٤. گهاٽي ۾ بلال پيڙائي. عنايت ۾ ميدان مارائي. ڪرمل کي هن حڪم هلائي

ڦيروءَ ڪَنڌُ ڪپائين ٿون

٥. قاسم دُرن ساڻ ستائي، موسيٰ کي بي سُهاڳ وتائي، آڪيداس تعزير ڏوائي

سو اڄ ساڳيو آهين تون

٦. **سچو** سندئي پنڌ پچائي، گهوريو پنهنجو سِرُ گهمائي، نَهيءَ واري ڳالهه ڳالهائي

عاشق تي فرمائين تون

ڪافي سارنگ ۴۱۹

عشق اسانوٽ آءُ. اڄي تو تا سانوڻ لايا

١. چئنچل چيعل تي چوڏاري، مينهنِ رات ڪئي موچاري

عزت لڌي آسمان. پرينءَ اڄي پير گهمايا

Scanned by CamScanner

٢. بوند برہ جي برسي باري، جوش اکين سون جَرَ ٿيا جاري
بـيـحـد ٿـيـا بـاران. اصـل کـؤن واہ وهـايـا
٣. گل قل گاهن ڪئي گلزاري، ميجيائون سارنگ جي سرداري
سـهـسـين ٿـيـا سـامـان. اکـين اچي آگـم لايـا
٤. يار **سچل** چئي مُحب ملياسي، بيشڪ دل جا درد لتاسي
شـاهـي رڪـيـائـون شـان، اچي تـن حـڪـم هـلايـا

ڪافي سارنگ ٤٢٠

آتش عشق دي آنبھ ڪيت،ا چٽگان ٻاهر پئيان وو
١. آگ دا شُعلہ ويک ڪرا هُڻ
پـچ ڳيـان سـپ سـئـيـان وو
٢. آڏيان آتش عشق ارانييان
ڏوريـان تـابـش تـئـيـان وو
٣. متـا عـشـق مـيـڏي دل اُتـي
رمـزان ڪـيـتـيـان رئـيـان وو
٤. باہ برهہ دي ڀڙڪا ڪيتا
آپـي دلـبـر ڏيـان وو
٥. لڳيان قناطان **سچو** سچ ديان
آئُ نـيـٽـان تـي نـيـان وو

ڪافي سارن ٤٢١

پـانـڌي مـنـهـنـجي يـار کـي
سـاري چئـج سـلام
١. چئـي مُڪـا هـوا ڪـيـتـرا
مـيـان الله پـرت وارا پـيـغـام

Scanned by CamScanner

٢. اوهانجي ني اچڻ جا سائين الله
هُل پون هنگام

٣. محبت منهنجي وي روز ازل ڪنون
توسان محب مُدام

٤. سچو جيها ميان ڪيترا سائين الله
تنهنجي در تي غلام

٥. ڪڏهن ڪندين يار اسان ڏي
اچڻ جا انجام

٦. عشق اوهان جي شور مچايو
هُل پون هنگام

٧. پانهي گولي يار سڄڻ جي
ميان مُلهه خريد مدام

٨. روز ازل ڪنون آهي، اوهانجو
سچو سنديوَ سام

ڪافي سارنگ ٤٢٢

شئي آهيان ڪاڪيون ڪهڙي جا سمجهي نہ ڄاڻان
١. بعضي پايان پُتلي يا آهيان گُڏي ڏور
ياڳوءِ آهيان هٿ يار جي يا وانگيءِ وانگر زور
٢. يا تہ محل آهيان جنهن ۾ شاهنشاه
ٻوليون ڪري ڪيتريون تو دَرُونئون داناه
٣. يا تا گهوڙو آهيان، جو هلائي هسوار
يا تہ موج درياءَ جي جا ٻوڙي تي ٻاهار
٤. يا مينديءَ گل تا آهيان جنهن اندر لالائي

Scanned by CamScanner

يا آهيان گل گلاب جو جنهن سِرِ ۾ سرهائي
۵. يا تہ چشمون آهيان جو آبِ ۽ پريو آب
تهن ۾ سايو سج جو يا ڀاڃو ئي مهتاب
٦. ياتہ ڀاڃو حق جو آءُ اصل کون آهيان
جنهن ۾ ڳالهہُ ناهہ تا سوڀي تا ناهيان
٧. ڳالهہ **سچوءَ** تا سمجهي ڪؤن هاديءَ اهائي
تا غير خدا جو ناهين آهي صاحب سدائي

ڪافي سارنگ ۴۲۳

وٹيون سين وه واهہ
پڑهندي پروانو پرين جو
١. اوڏا مينهن ملهار ٿيا
گل ڪليا ۽ گاهہ
٢. سيئي سجڻ سامهان
حال پائي همراهہ
٣. محبت پنهنجي من ۾
چوريءَ مچايو چاه
۴. سِڪَ تا سڄڻن جي
اُجهايو آڙاهہُ
۵. ديس ڇڏي پرديس ويا
دوست پرين داناه
٦. هوتن ڏانهن نہ هڪڙي
مڙيئي مانڌانهن
٧. پرين جي پيغام ڪيو
آرامي ارواح

٨. قاصد تو تان آءُ ڪريان هي
سر صدقي ساهُ

٩. اڱڻ آسروند جي
آئيندن الله

١٠. سچو چوي رب ميڙي
روز پسچان آءُ راه

ريختو سارنگ ۴٢۴

ليا بره بلبلى سوں، جب رت آئى بہاراں
فرياد وصال سيتے كرتا جوں بے قراراں
١۔ ہم حال اس كوں پوچھا، عاشق گُلوں كا تم ہے
كہہ وصال يا ہجر ہے، روتى ہو زارزاراں
٢۔ منقار بيچ گل ہے، كرتى ہولكھ فرياديان
كہہ يہى سبب كيا ہے، حاصل ہے گل ہزاراں
٣۔ اُس مجھ سوں پھر سنايا، اے بے خبر بره كا
اس كام ميں ركھا ہے، مجھ كوں رے آن نگاراں
۴۔ آنديان نہ خوش فرياديان، موريان رے اس صنم كو
تس واسطے نہ چھوڑوں سچُو رے يہى پكاراں

ڪافي سارنگ ۴٢۵

مارڱيان تلواريان، اکيان تيڏيان خون ڪريندين
قهر ڪمائيندين
١. بجلي وانگر جهلڪا ڏيندين
پارپيان ڪٽاريان
٢. مئين نماڻي دي مارڻ ڪارڻ
فوجان چڙهيان باريان

Scanned by CamScanner

۳. آءَ ســاجن لـــهـــين سچوءَ سـنـيـالان
مـهـر كـريـن سـرمـاڙيـان

كافي سارنگ ۴۲۶

رانجھن نُون پرچاوين، كيڙا رُنا تـہ پي گھوليا وو

۱. مئين رانـجـهـن دي رانـجـهـن مـئـيـڏا
كـيـڙا كـؤن بـلائـين

۲. لـوڪ آڪـي چاڪ مـنـجـهـيـنـدا
رانـجـهـو سِـر دا سـائـين

كافي سارنگ ۴۲۷

تُنهنجي چشمن چيتڪ لايو
آءُ هـاڻـي كـيـئـن كـريـان

۱. ڪـل نـہ مونـكـي كـا هُئي
عـشـق اچـانـڪ آيـو

۲. دل اسانجڙي لعل لـپـيـٽيو
رمـزن جو رنـگ لايـو

۳. سـدا گـهـرجي سـپـريـن!
مـحـبـت جو مـون مـايـو

۴. راتـيـان ڏيـنـهـان يـار سچل جي
روح جــو ايـڏهـن رايـو

كافي سارنگ ۴۲۸

يار تئين وجي ياقي، متان هي وسارين ميان

۱. پـيـو سـيـو مُون وسـريـو
بـره رهـيـو هـڪ بـاقـي

Scanned by CamScanner

٢. تنهنجي طالب آهيان
مُحب مون تا ميثاقي

٣. ڪم منهنجو ڪيچ ۾ وو
هاڙ هو سڀ هلاڪي

۴. لاهج پنهنجي لطف سان
گولي، ڪؤن غمناڪي

۵. ڪر پاچاڻي پانهنجي
سچو هي ڪُساڪي

ڪافي سارنگ ۽ بروو ۴٢٩

نيو هي نماڻي نال، مَ ڇڏ يار

١. جيهي تيهي تانهجي
سا تا پرين پال

٢. پير پيادي هلندي
جيهي تيهي حال

٣. هر دم اوريان دل دي اندر
ڳجهي تيذي ڳالهه

۴. سائين لڳ **سچو** دي اُتون
ورق وڇوڙيدا وال

داستان سارنگ جي ڪافين جو پورو ٿيو

Scanned by CamScanner

داستان ستون

بروي ۽ تلنگ جي ڪافين جو

ڪافي بروو ۴۳۰

اسين ساڳي خُود آهيون، عام چوي ائين ناهي

۱. ماڳ انهي ۾ وي ميان شاهه منصور جون وي. ڏنيون لک گواهيون
ڪيئن چڙهيو وجي ڦاهي

۲. شاه شرف جي ني وي ميان سر تي سَمهيون وي. سر وُڍهيون سرواهيون
عشق اوقات پِي آهي

۳. بتخاني کون وي ميان رهي بيزاري وي. ڪيئن ڪعبه ڏي ڪاهيون
دين ايمان پِي چاهي

۴. ساعت هِن ۾ وي ميان سڀ چنيون سي وي. ڦِڪل واريون ڦاهيون
چاڙهه انهيءِ توَن ڪير لاهي

۵. زوران زوري پون اوقاتان وي ميان. ڏاڍيون بره جيون باهيون
سچو آهي ڪڏهن نآهي

ڪافي برو ۴۳۱

هيءَ غريب نماڻي، ڪيئن بيراڳڻ ڪيئِي

۱. معاف مدايون ڪر تهين تئون الله لڳ آرياڻي
پيش اچي جا پيئِي

۲. بيٺي آهيان يار انهيءِ تي حُب منجهوَن هوتياڻي
ڳالهه چُڪيءِ جا چيئِي

۳. هڪ خيال ني دل تي تُنهنجو تنهن ڪَيَسِ جوڳياڻي
خيال ٻيا سڀ ڪيئِي

۴. واعدن واري ڳالهه اسان سان هوت ڪَيَئِي جا هاڻي
ڪيئن وسري سا ويئِي

Scanned by CamScanner

٥. ڏک ڏوراپا ڪهڙا توسان پرين سا ڪيئي پڇاڻي
نــال نمــاڻــي نـــ نــيـئِي
٦. پري ناوڪ نينهن جي سائين **سچوءَ** کي. ني سڃاڻي
هــوت پــري جا هـــيـئـــي

ڪافي بروو ۴۳۲

آڪوڙي آءٌ ڪير، آهيان ذات نہ ڄاڻان ڪير وي
١. سهي ڪري ڪين سگهان ٿو
پــيــنــر پــنــهــنـجو پــيــرُ
٢. ڪاٿؤن ٿي آءٌ ڪاٿي آيس
پــريــؤن پــاڻُم پـــيـــر وو
٣. ساڳوئي سو رانجهو آهيان
تــنــهــن ۾ ڦــنــد نــ ڦــيــر
۴. پاڻون ڄاڻي پير گهمايم
ســرهــو ڪــيــڙم ســيــر وو
٥. جوڳي ٿي ڪر جوڳ پڇايم
ڏاڍو ڪـــيـــم انـــڌيـــر
٦. مڪي منجهہ مسيت بنايم
جڻــيــون جيـســلــمــيـر
٧. **سچو** ناڻؤ نہ آهي منهنجو
هـــڏ نـــ آهـــيـــان غيـــر وو

ڪافي بروو ۴۳۳

آهيان آءٌ اسرار، جيڏيون! مونکي ڪير ڀانيو ٿيون
١. ڪن نہ ڏيان ڪيچ ڏي
پـــنـــيـــورؤن بـــيـــزار

Scanned by CamScanner

٢. ڇڏي پاتشاهي پانهنجي
ڪيـــڙم هِت شـــڪـــار
٣. آيـــس هـــن عـــالـــم ۾
بـــاري چائـــي بـــار
۴. آڻـيون صدق يـقين سـان
اديـــون ژي اعـــتـــبـــار
۵. نـــوري نـــاري نـــاهـــيـــان
آهـــيـــان رب جبـــار
٦. ماريـو آهـ منـصـور جي
خُونـــن هـــن خمـــار
٧. مُرشـد پانـهـون نـ چيو
تـــون سچو آهـــين ســـردار

ڪافي بروو ۴٣۴

دوست تنهنجي درد جي هي ڳالهہ
آءُ ڪـنـهـن سـان ڪـريـان
١. ڇڏ پـريـن پـرڏيـهہ تـون ميـان!
ڏک اوهـان پـاجـهـون ڏريـان
٢. دوست رَهـہُ هِن ديس ۾، ميـان!
ساهہ سرُ منجهون سورن پريان
٣. لڪ سيئي وٺي لنگهيس ميان!
پُورئـون اوريـان پـريـان!
۴. ســانڻ چرخي چٽ جي مـــيـــان!
وره جا ڏاڳـــا وريـــان

Scanned by CamScanner

۵. سِرُ **سچو** چوي پانهنجو ميان!
دوست تو آڏو ڏريان

ڪافي بروو ۴۳۵

ڪنهن ٿون آپ لڪائئي وو ڪنهن ٿون آپ ڇپائئي وو
۱. ڪسدي ڪيتي رانجهن سائين
جُهونا بگل هندائُئي
۲. تون تا تخت هزاري دا سائين
ڪيون ڪر چاڪ سڏائُئي
۳. جوڳي هوڪر مُرلي هٿ ڪر
دردر ڦيرا پائئي وو
۴. منجهيندا تون مانجهي هوڪر
ڪيڏا هُنر هلائُئي
۵. سڀ سنيان دي وچون والي
ويڙها ساڏا وسائئي
۶. بار بره دا سرتي چا ڪي
سچو نام ڌرائُئي

ڪافي بروو ۴۳۶

تون تا وسين منهنجي من ميان!
توڪي چئي ٻڌايان چا
۱. هوت سنديوَ آءٌ حاضري
ٻيون سي ڏنڙيم ٻن ميان
۲. مقصد منهنجو تون ٿئين
ٻيا ڪعبي نيت ڪن ميان
۳. آءٌ گهٽو گهوري تن جي
ڪيو سر صدقي جَن ميان

Scanned by CamScanner

۴. عـــرض اِلاهـــون عـــاجزن
ڪوه نـہ ڪـريـن ڪـن ميان
۵. اکــين عــام آوڙي تــوکــي
جانـــي ڏنـــو جن مـــيـــان
٦. آهـــي **سچوءَ** کــي ســدا
طـلـب تـوهـانـجي تـن مـيـان

ڪافي بروو ۴۳۷

سوئي ڪـم ڪـريجي، جنهـن وچ الله آپ ٻـٽـيجي
۱. وچ مـيـدان مـحـبـت والـي
دم قـــدم ڌريـــجي
۲. اها تـكـبـير فـنـا في والي
پـهـلي پـهـر پـڙهـيجي
۳. مـــار نـــغارا انـــاالحـــق دا
سُـولـي سِـرُ چڙهـيـجي
۴. انـدر ٻـاهـر هـڪـو هـويـون
مـوتـواقـبـل مـريـجي
۵. وچ ڪُفـر اسلام ڪـڏاهـان
عـاشـق تـانـہ اڙيـجي
٦. سبـحـانـي مـا اعـظـم شـانـي
سچو سِرُ ســٽــيــجي

ڪافي بروو ۴۳۸

مئين ويسان تخت هزار، چوڙکي جهنگ سيالِيندا سنيان وي
۱. ٻاٻل وير تي مايو مئينوُن، حيلي ڪرن هزار
مئين تا شرم حيا ڪنُون ڳيان وي

Scanned by CamScanner

۲. لوڪاندا ڪوئي غرض نہ مئينون، رووان زارو زار
مئين تا در سُهڻيدي پئيان وي
۳. رنگپور مڏا روح نہ ڀاوي، ڪيڙي سڀ خوار
مئين تا ملِڪ رانجهو دي تيان وي
۴. ويسان ويسان مول نہ رهسان، سٺ سيو سينگار
سچو ٻره لائيندا ٻهيان وي

ڪافي بروو ۴۳۹

ٻول نہ ٻئي ڪنهن ٻُل، تون تہ آدم ناهِئين
۱. لڪو ٽو لاتيون ڪرين
جيئن باغ اندر بلبل
۲. ملڪن تي سجدا ڪيا
واهہ متي تنهنجو مُلهہ
۳. ڪير ٽَپائي ڪير ڪُڏائي
شاه بنا دُلدُل
۴. احد منجهارؤن عبد سڏايُئي
هُئين تا پاڻ اصل
۵. **سچل** چوي سچ تي آئين
ڪونهي ٽُنهنجو ٽُل

ڪافي بروو ۴۴۰

ساروئي سِرُ آهي، ڪاٽي سچل ڪاٽي ذات سچل جي
۱. موج درياء حُباب ڪڙا ڪيا
چاٽج ڪو شڪ ناهي
۲. آهي اُونهو اسِرار الهي
ڇا منجهارؤن چاهي

Scanned by CamScanner

۳. پنهنجي پاڻ پسڻ جي ڪارڻ
ناهه لڪين تو ناهي
۴. عاشق عشق معشوق اِهوئي
ڏانوءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي
۵. اِلاالله اثبات مڙيوئي
”لا“ ڪي ڄڏ تون لاهي
٦. لي مع الله سمجهه اشارت
فيل لنگهيو منجهه پاهي
۷. واٽ اِهائي وحدت واري
ڪامل ايندا ڪاهي
۸. اوئي اندر اوئي ٻاهر
ڪيئن چوان ائين ناهي
۹. ڳالهه **سچل** جي سالڪ سمجهن
لوڪ ليکي ٻيو چاهي

ڪافي بروو ۴۴۱

هيئين ۾ وڄ تون ماريون
هوت نماڻيءَ کي ميان

۱. سک تُنهنجي سپرين!
ڪُوڪان هنڪي ڪاريون
۲. پرين پري ڄو وڃي
ٻارڻ دل ۾ ٻاريون
۳. ٻاجهه ٻاروچا تو پوي
سُٽي ضعيف جيون زاريون
۴. جايون ساري جيءَ ۾
وره اوهانجي واريون

Scanned by CamScanner

٥. ميــان مــشــتــاقــن جون
سَهــُ آريــاڻــي آريــون

٦. سُک اُتـي تـيوَ سـپـريـن!
ڏک هــتــي ڏيــهــاڙيــون

٧. راتـو ڏيـنـهـان تـو روئـي
سچو تــوکــي ســاريُون

ڪافي بروو ۴۴۲

هوت ڪڏهن هت ايندو، ڪَهُ ڪانگا ڪَل ڏي ڪا

١. چؤڪـي وهِـنـدؤ اتــهـين
ڪـي سـاڻ نمـاڻـي نـيـنـدو

٢. هـيـڪـنـد اچي هوت مُون
هِن تــڪــي ســان تــيــنــدو

٣. پـاڻ پـنـهـنـجو سـپـريـن
ســاڻ غريــب گــڏيــنــدو

٤. پــڪــا پــاچاڻــن ڪــي
اوڏا يـــــار آڏيــــنـــدو

٥. هـوت پـنـهـنـجا هـتـڙا
هــن ڏڪــي تــي ڏيــنــدو

٦. سنـگـت پـنهـنجي سپرين
سچوءَ ڪــي بــ ســڏيــنــدو

ڪافي بروو ۴۴۳

عشق عقل ڪيا لڳي، وو لڳي سُڻ ري قاضيا

١. دوڙ عـقـل دي ڪـتـلـي تـوڙـي
عشق دي منـزل اڳـي وو اڳـي

Scanned by CamScanner

۲. نال عقل دي ڪيئي پساري
ڏيک بره ڪنون ڀڳي وو ڀڳي
۳. مئين رانجهو دي رانجهو مئيڏا
ڪيڙا ڪيون وت وڳي وو وڳي
۴. بوءِ بره دي جنهان نون هوئي
يار اُنهان نون ٺڳي وو ٺڳي
۵. دوست منگي تو **سچو** جنهان نون
پرت تِنهاندي تڳي وو تڳي

ڪافي بروو ۴۴۴

عشق عقل دي نهين نهين، سُڻ ري قاضيا
۱. مسلي واليان ڳالهيان چوڙين
اڳون اسان ناڀهيون ڀهين
۲. وَسُ اساڏا ڪوئي نہ آها
نال اسان ڪيون ڪهين ڪهين
۳. عشق اسان نون وي علم تسان نون
نال اسان ڪيون ٺهين ٺهين
۴. صاف دليان دي ڪيئي هوسن
پت پرائي ڪنهين ڪنهين
۵. عاشق هوڪر آءُ **سچوري**
سوز سڄڻ دا سهين سهين

ڪافي بروو ۴۴۵

پرديسي گڏيا دوست لو هجر هلاڪي
آيا اگڻ منهنجي جن ڪيو فراقي

Scanned by CamScanner

١. جن ڪاڻ سِڪيس سال ويٺي واٽڙين تي
مـون ساڻ اچي سـي مُحب تـيا مُلاقـي
٢. پـرديـس لـڳ مُون تـي پـانـدي روز پـچايـا
مونکي ڪانہ پئي خبر اچي سي ٿيم اوطاقي
٣. پـهريـون پـانـدي هـٿ پـاڻ مُـڪـائـون تـي
هاڻ هڪ ٿيا مُون سان جي يار هوا ياقي
٤. آهـي سـگ **سچو** دوسـتن جي درجو اصـل ڪـون
تن ڏيڻ ڏوراپو ناهي مست ميثاقي

ڪافي بروو ۴۴۶

يار پاندي ڙي ميان يار، ساٿي ڙي ميان پلوڙي ميان
ڪيچيئڙا يار وي پيليئڙا ڪڏهن اسانوٺ ايندا
١. هـونـدا اسـانـوٺ يـار هـمـيـشـه
ڪـي ڏک ڏئـي پـوءِ ويـنـدا
٢. اهــــو اٿــــم آســــرو
چوري تــانــہ چڏيــنـــدا
٣. صـاحـب پـنـهـنـجي سـاٿ سـان
هــي غريــب گــڏيــنــدا
٤. پکا پنهنجا چؤ ڙي ساٿي ميان!
ڪـي هـٿ عـجـيـب اڏيـنـدا
٥. **سچو** تـوتي سـپرين پلو ميان!
پــاڻ اچي هـــٿ ڏيـــنـــدا

ڪافي بروو ۴۴۷

دوست دلاسا ڏيئي، ڏک ڏوڙو وري ڏيندئي
١. متان ويهين مات ڪري، يار سڄڻ سان تو پيئي
ســاڻ نــيــٽــن دل نــيــنــدئــي

Scanned by CamScanner

۲. مون تا ڏٺا ڪيترا، مارياسي ڪجلين ڪيئي
اڄ صبح تو وٽ ايندئي
۳. **سچو** آڏو سجڻان، پانهون ٻڌي آءُ پيئي
سڀ بديون بخشيندئي

ڪافي بروو ۴۴۸

رات پرينءَ ڪاتي پيئي، اڙي ساٿي سُڌِ ڏيجو
۱. پڇاڻا پرين جي، حال اسان هِت هِيئي
ساڻ ٿَڪيءَ هڪُ تيجو
۲. پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪانگ اُڏايم ڪيئي
نال وٺي هي نيجو
۳. عرض آرياڻي ڪي، نانوُ ڏٺيءَ هي نيئي
پانهون ٻڌي چڱيان چئجو
۴. **سچوءَ** پارؤن ساٿيو! ڪين ڏوراپا ڏيئي
پيرين پانڌيو وجي پئجو

ڪافي بروو ۴۴۹

حال هلڻ جو مون ناهي، آءُ تا ڪيچ پهچان ڪيئن
۱. ناتو نماڻيءَ جو اصل توسين آهي
هي هوت نہ ڇڏج هيئن
۲. تون تا صاحب سپرين سڳ نہ ٿي ڪو ساهيان
ڪر جاني وٺي جيئن
۳. پسي حال حقير جو آءُ ڪوهيارل ڪاهي
ڪر **سچو** پنهنجي سِيئن

Scanned by CamScanner

ڪافي بروو ۴۵۰

آيو منهنجي گهر يار، جنهنجي ڪارڻ
مون تي ساتي سنياپا
۱. در پيهي مون آئيو
دوست مِٺو دلدار
۲. سوئي گڏيو سپرين
هو جنهن جو جيءَ کي جار
۳. بلڪل ڪيائون پانهنجو
ڏنائون قول قرار
۴. معاف ڪيائون مهر سان
جا مونتي هُئي ميار
۵. **سچو** سُرهائي ۾ رهي
ڇڏ روئڻ زارو زار

ڪافي بروو ۴۵۱

منهنجي اکين لڳي، ناتا هاڻ لڳي دل
الوالو تنهن يار سان
۱. روز ازل کؤن اکيون لايون سي
دوست مٺي دلدار سان
۲. ڪيئي دانا ديوانا ڪيائين
چشمن جي چمڪار سان
۳. دوستن جي در اچي پيس
اصل سچي اعتبار سان

۴. پرين اسان وٽ پيهي آيو
صورت جي سينگار سان
۵. جيڪي ٿئي ٿو جوش وارن سان
سو نہ ٿئي هوشيار سان
٦. ناز نياز جي نينهن وارن کي
ترِ ڪيو تلوار سان
٧. سر **سچوءَ** ڪيو صدقي سائين
عقل ڇڏي اختيار سان

ڪافي بروو ۴۵۲

هُو ڪهڙي وات ويام، آءُ تا ڳوٺ رهيس سڀ ڳولي
١. عشق تہ عاشقن جا اڳهين ٿي ٻُدام
ٽولي ڪيئن لڪ ٽولي
٢. ڪوڪان چڙهي ڪوه تي ڪيچيئڙن کي ڪيام
چولي سر مون چولي
٣. ڏوريندي مون ڏونگرين، سرتيون سال ٿيام
هاٿي رندلڌم مون رولي
۴. **سچو** آءُ تا ناهيان، پوءِ ساري سُڌِ پيام
تو پاڻ ٻاروچو ٻولي

ڪافي بروو ۴۵۳

ڳلي ڳلي مون ٿي ڳولي ڳولي، يار سڄڻ تنهنجي ڪارڻ
١. ڇڏي لاڳاپا لوڪ جا، اسان تا ٻانهپ ٻولي
٢. ٿيس ديواني دوست اوهان لاءِ، ڪري چيهاڙيون چولي
٣. اچي اچانڪ اندر اسانجي، حُب مچائي هولي

Scanned by CamScanner

۴. اصل لاکون آهي اوهانجي، هئي غريب سا گولي
۵. سک وارن کي **سچو** ملندي، ٽکر منجهؤن ٽولي

ڪافي بروو ۴۵۴

اڄ تا خبران آيون آيون، دوست اوهانجي ديسؤن

۱. وري وسائيندو سگهڙي جاني
پسو پهنجيون جايون جايون

۲. تہ کو ويندين نکري هيئن
ٻلي کين پانيون پانيون

۳. ڏک وڏو ئي ڏيل منهنجي کي
وئين تون لعل لايون لايون

۴. راتو ڏينهان روح پنهنجي سان
ڳالهيون سنديوَ تا ڳايون ڳايون

۵. اڄڻ اوهانجي جُون طرف **سچوءَ** جي
شال وري ٿين وايون وايون

ڪافي بروو ۴۵۵

قلندر جوڳي کيسي تو بين بجائي

۱. دل درياه ديان سؤ لک لهريان، لهرين نال لڙهائي
۲. رانجهن آيا اڱڻ اساڏي، سُرهي سيج وڇائي
۳. الگ لکيو ني اکهين، سُهٽي نال سدائي
۴. مئين رانجهن دي رانجهن مئيڏا، لؤن لؤن رانجهن ماهي
۵. **سچو** هي مسکين الله دا، در در باب تي مائي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروو ۴۵۶

ڪريان اسرار مئين ظاهر هُئي حيرت ۾ حيراني
نڪا ڪا جوڙ جسماني رهي ڪٿ شڪل انساني

۱. عجائب بحر وچ پيوسي، جسم ۽ جان ڪون ڳيوسي
لهر آپي آپ هُڻ ٿيوسي، ٿئي سڀ موُج نوراني

۲. سنو منصور ڪي سرسي، سُولي ڪنون نہ ڪڙا ترسي
بره دي بُوند سر برسي، جسم ڪنون ٿيا فنا فاني

۳. ماريُس اناحق دا نعره، ٿيا هس جسم سو پارا
پڙهيُس سرِ حق دا سارا، ڪيتُس جند جان قرباني

۴. نظر ڪوئي غير آئندا نہ دم وچ غير سماندا
آپ نال آپ لوُن لائندا، ٿئي سڀ رُوح رُوحاني

۵. منجهہ انا اليہ اشارت، هُئي عبرت همہ حيرت
جيهي وحدت تيهي ڪثرت، **سچو** هي سرِ سُبحاني

ڪافي بروو ۴۵۷

اهو ويو هاٿي ڪاڏي، جنهن سچو سو نانءُ سڏايو

۱. مُڪڙيءَ منجهوُن ني وي ميان ٿيو گل پيدا وي ميان
مُنهن ڪري بيٺو ماڏي

۲. سُڌِ نہ پيئي وي ميان طرف انهي جي وي ميان
جان جٿو ويو جاڏي

۳. اهو هلي ٿو وي ميان اهو چلي ٿو وي ميان
گوشو ڪيو وچي ڪاڏي

۴. ڏيهہ ڏاڏاٿو وي ميان اڳ ڏنوسي وي ميان
پلڪ ڪئي پڙ ڏاڏي

۵. نانءُ **سچوءَ** جو وي ميان ويو اوڏاهين وي ميان
طلب وئي پي تاڏي

Scanned by CamScanner

ريختو بروو ۴۵۸

خدا کس جا نهيں ڇهپدا، الـه جگ لوك سارا هے
نـه کوچے نـا گلی ڇهپدا، الـه جگ لوك سارا هے
١-بـه هر جائيں بـه حاضر هے، اندر باهر بهی ناظر هے
اکهيں کهولو تو ظاهر هے، الـه جگ لوك سارا هے
٢- کهاں دعوت کی درويشی، کهاں دردوں سے دلريشی
کهاں رکهدا هے بدکيشی، الـه جگ لوك سارا هے
٣- کهاں لکهه ورد پڑهتا هے، کهاں آپ نال لڑتا هے
کهاں خُوناب کرتا هے، الـه جگ لوك سارا هے
٤- کهاں بازيگراں بازی، کهاں ميدان کا غازی
کهاں مفتی کهاں قاضی، الـه جگ لوك سارا هے
٥- کهاں دلقی گداگر هے، کهاں پيری محاور هے
کهاں سلطان سرور هے، الـه جگ لوك سارا هے

Scanned by CamScanner

ڪافي بروو ۴۵۹

تون آهين صاحب صورت جو، هي آهي غلامِ تنهنجو
آهي ذوق شوق سهڻا مونکي مدام تنهنجو
۱. جي آهن اصل اوهانجا، سي ناوسارجو ميان
مُون تي آهي مقرر، سائين سلامُ تنهنجو
۲. راتو ڏينهان روئڻ ۾، هينئڙو اُداس هُئيڙو
رهبر آڻي رساڻيو، پريم پيامُ تنهنجو
۳. دلگير تون متان ٿئين، ڪر دُور درد ڪي ميان
اول آخر اسانوٽ، هوندو مقام ٿُنهنجو
۴. رد ڪر فنا فڪر ڪي، اُميد وار ٿي رَهه
هِت هُت يقين چاڻج، آهيان امام تنهنجو
۵. تونَ آهين اصل اسانجو، آهيون اسين سي تهنجا
آهي قبول ڪُلي، **سچو** ڪلام تنهنجو

ڪافي بروو ۴۶۰

آءٌ اصل ڪؤن آهيان گولو غلاٌمِ ٿُنهنجو

۱. مونسان وعدو ڪيڙيءَ ويهي ڪالهه پڪي هنِ پيهي
ناهيان ڏُور اوهان ڪؤن ڏيهي، ڪن لايان ڪلام تنهنجو
۲. تنهن ڏينهن لاڪُون تائين، مُنهنجو ساه سڪي ٿو سائين
پيو اوچتو هندائين، دلڪي دام تنهنجو
۳. ڇڏ سڀ لاڳاپا لاهي، اُهو وجڻ تہ واجب ناهي
اهو فرض اسان تي آهي، سجدو سلام تنهنجو

Scanned by CamScanner

۴. ڏاڍا خوني نيڻ خُماريئي سي ڏاڙي ڪارڻ ڏاريئي
ملڪ نيڻن سان ماريئي هر جا حُڪام تنهنجو
۵. آئي سائين ڏهون وراڻي ٻيا خيال ويا اُڪاڻي
تون تہ سرور ٻڻي سڄاڻي، **سچو** آهي امام تنهنجو

ڪافي بروو ۴٦١

سڄڻ تنهنجو بره ٻاري، اسانجي تو سان ياري
آءٌ تا ٻانهي تون تا سائين، ٻڌي ٻانهان ڪيم زاري
۱. اچانڪ لؤن جا تو لائي، پئي تا ڪَل نہ مُون ڪائي
وٺيئي جائي ڪيئي سائي، ٻاتيسُون ڳل ڳچيء ڳاري
۲. وڏوسين طلب ۾ توئي، نہ هو هِت حال مون ڪوئي
چوان هي حال ڪنهن روئي، معلوم آهي توکي ساري
۳. اُليلان عشق جي لايون، ويون وسري سيئي وايون
اسانجي طرف ڏي آيون، ڪئي سڀ لوڪ بيزاري
۴. لکان ڪيئن ڳالهہ هن دم جي، ڏاڍي آهي راه هو غم جي
ملامت ڪُل عالم جي، اسان تا اصل اختياري
۵. **سچو** ڪرسو شڪرانا، ٻُڇي نا بره بيگانا
توڙي هت تياسي ديوانا، مليوسين دوست هڪواري

ڪافي بروو ۴٦٢

جڏهن پرين پاتم جهاتي، تڏهن حاجت ناهي حج جي
۱. اچڻ سانڻ اُنهن جي يارو، عشق ڪئي اثباتي
۲. سڀ ڪجهہ تيئڙم حالون محرم، وسريُم ذڪر ذاتي
۳. چوريءُ چوريءُ يار سڄڻ سان، ڏس **سچو** دل ڦاتي

ڪافي بروو ۴٦٣

تيان خوشيان، جو پانڌي آيا هي

Scanned by CamScanner

اُهـــين دي پـــار دا. پـــلا مـــاهـــي يـــار دا

١. گهنڪي نياپي وي دلاسي دي وي ميان ساڏي طرف دي نال

پـــتـــيـــان ســـئـــي چـــتـــيـــان

٢. مئن وي اياڻي نينهن کي چاڻان ڳوڙهي عشقدي ڳالهه

لُتـيـــان ســـي نـــيـــتـــيـــان وي

٣. ندي ڪناري وي رانجهن سائين، جاري چاڪاندي چال

ڪـــتـــيـــان ســـي مـــتـــيـــان

۴. تلي ڪرڪي سڀ سياليان وي. آنديان اپڻي خيال

چَتـــيـــان ســـئـــي مـــتـــيـــان

۵. رانجهن سائين تخت هزاري دا وي مئن ڪيا. هير سيال

وتـــيـــان ســـئـــي ڪـُـتـــيـــان

٦. جهنگ سيال پيي وي **سچو** ساري وي ميان! ويڪو اساڏڙي چال

سَتـــيـــان ســـيُ چـُـتـــيـــان

ڪافي بروو ۴٦۴

اصـل اسـانـجڙو آهـي، نـنـگ ٻـاروچل تـوتـي

چڏڻ مـنـاسـب نـاهـي، نـنـگ ٻـاروچل تـوتـي

١. ذرڙو جنهنڪي ذوق تُنهنجي جـو

چـپـر تـــهـــنـــڪـــي چـــاهـــي

٢. جاڏي گهمائين تاڏي گهمون ٿا

ڏور وڏي مـــون ڏاهـــي

٣. جيـهـو تـيـهـو يـار اوهـانـجـو

چـــڏڻ لائـــق نـــاهـــي

۴. تـريـن بـريـن يـار تـڪـيءَ ڪي

رس ڪـوهـيـارل ڪـاهـي

Scanned by CamScanner

۵. ساه سچوءَ جو در تنھنجي ڏانھن
هڏ نہ آسرو لاهي

ڪافي بروو ۴٦۵

نڻي وٽي ڳالھ ٻي، ڙي جيڏيون! مونکي نڻي وٽي
۱. آءٌ نہ ڪنديس وي اهڙي پلو ميان
ڪيچين جا مونسان ڪي
۲. اوهان مڙن ۾ وي مَستُ جو تيڙس
پيالو عشق جو پي
۳. اوهين مڙيئي وي عقل واريون وي
آءٌ جو بيراڳڻ ٿي
۴. سچو پچاڻا وي سپرين، پلو ميان!
ڪوه ڪنديس هتي وهي

ڪافي بروو ۴٦٦

آهي انهن اکين کي، خاصو خُمار تنھنجو
وينو وٺي مان آهيان ڪامل قرار تنھنجو
۱. هن کي اوهانجي ٻاجهون آهي نہ ماڻ ڪائي
هي تا غريب آهي اميدوار تنھنجو
۲. ٿي پاڻ ڪؤن پري تون، فرمائيو اوهان جو
آهي جميل اصل کون، هي اعتبار تنھنجو
۳. هن تي ڪرم وڏو ڪيو، جو درد دل ٻَچايُوَ
ساريان لُطف سنياريان، ني بيشمار تنھنجو
۴. چاهؤن ٿيو اوهانجو، دامن لڳو جو آهي
سچو غلام چاڻي جو، داغدار تنھنجو

Scanned by CamScanner

ڪافي بروو ۴٦٧

لنگهي ويون ڪالهہ قطارون، ڪُونجڙين جون
ڪيچ وٽن ڏنهن ميان

١. ڪنديون ويون وو ڪيچ ڏي ميان، الا
طرحين طرحين تنوارون

٢. ويچاريون ميان الا ولر ڪيو وڙڪن
ڦٿي ٿيون سي ڦارون

٣. ولر ڪُونجڙين جو، ميان
الا ڪنهن اندوه اُڏاريون

۴. انهن جي افسوس جو، ميان الا
پونديون ويون پچارون

۵. اتن ڳانا پٽ جا ميان الا
موتين مڙهيون مهارون

٦. **سچو** هليو سوز ۾، ميان الا
لاهي لوڪ مياروں

ڪافي بروو ۴٦٨

مني اساڏي ڳالهہ اتي ڪوئي نہ يارو
اهو افسوس اسان ون گِهندا وت ميان

١. دشت بلا ڏنهن اسان جو ويندي وي
ڪوئي نہ چلدا نال

٢. ڪڏهان دي اسان ڏسدي آئندي
درد مندان دي چال

٣. مرڻ جيوڻ تي آوڻ جاوڻ وي
پوين نہ اهين خيال

Scanned by CamScanner

۴. ڏيندئين صلاحان لوڪان نون ڪيهيان
سچو تون آپ سنيال

ڪافي بروو ۴٦٩

ندي دي ڪناري ڪڙا وي رانجهو وي، چل ويکو ڪريندا ني زاري
پچ پچ آيا سو راج سياليندا وي. ونجهلي وڃيندا ٻهون روندا
ليندا اکين رک رک ياري
٢. ڪڏهان ڪڏهان سو تا ٻيٺا روندا وي، ڳالهہ سياليندي سيڪنون پڇدا وي
اُهين تي آيا ڪوئي بره باري
٣. سوهيدا سڀ ويس ڪريسُون وي، چُوئي نال چنڊدي ۋال ڳنڌيسون وي
تن ڳل گهتيسون ڳاري
۴. مُشڪ گلاب دي نال ڌئيسون وي بويان خوشبويان لڳين لئيسُون وي
ڪرسُون ڪجليان ڪاري
۵. عطر عنبير دا مينهن وسيئسو وي سچو، سُرها چاه ڪريسون وي
تنهن تون ٿيسُون وارڻ واري

ڪافي بروو ۴٧٠

اي پرين! تون ڀاڻ سان هي گداگر نئين گڏيون
١. هو هميشه مُحب مُون وٽ
وَئُون مَ هيئن لوئون لڏيون
٢. محبت اوهانجي مون پرين
ڪئين مال هن مِلڪ ۾ مڏيون
٣. مُحب مهميزان اسان تي
وره تنهنجي ڪيون وڏيون
۴. تنهنجي اچڻ جي ڪاڻ مون
جايون سي اکڙين ۾ اڏيون

Scanned by CamScanner

۵. دوست دلداريون ڏجانئي
چو وچين هنڪي ڇڏيون
٦. ساڻ نيون سانول سائين جي
سگ **سچو** پنهنجو سڏيون

ڪافي بروو ۽ ڪڙنسيو ۴۷۱

پينر هي پنيور، اسين ڇڏي ويندا سون
وس نہ آهيان پانهجي پلو ميان پورُن ڪيڙو پورُ
هِت رتي نہ رهنداسُون
۲. جاءِ عقل جي ناه ڪا پلو ميان! عشق ڏيکاريو هت زور
اُهو وٺي وينداسُون
۳. پورهيو ڪنديس وي پِرَ جو پلو ميان! پيو تڪ تور
اسين جان ڪي جيئنداسون
۴. ڪاڪيون وجي ڪيچ ۾ پلو ميان، هينئن جو هور
ڏک ڏوراپا ڏينداسون
۵. **سچو** ڏني سڄڻ پلو ميان شوق مچايو شور
تن جي پکي پهنداسُون

ڪافي بروو ۴۷۲

نال ميڏي ڪيئي ڪيئي
يار سڄڻ تيڏيان ڳالهين
۱. فضل ڪرم ڏهون ڏيک تون اپٽي
اسان هتون پيئي پيئي
۲. ڏک ڏوراپي تئيڪون دلبر
مئين رهيس ڏيئي ڏيئي

Scanned by CamScanner

٣. ڏيک پيارل نال ڪرم دي
حال مئڏا هيئي هيئي
٤. هتون اساڏي مُحب ملڻ دي
ويل اِها ويئي ويئي
٥. آوڻ مئڏا اڳون تساڏي
ٻانهان ٻڌڻ ٻيئي ٻيئي
٦. نال نماڻي دي ڳالهين جي ڪيتئ
ياد ڪرين سيئي سيئي
٧. **سچو** حاضر تئيڏي ڪيتا
نينهن اجهل نيئي نيئي

ڪافي بروو ٤٧٣

چوڻو چنين چو ڻو چنين، وو محبت لايئي جُڙيا جاني مون سان
١. ٻانهو ڪَيَڙُو پرين پانهنجو
ڳڻن سان ڳنهين وو
٢. جوڙي هنيوَ جان ۾
اکين ٻاڻ ٻنهين وو
٣. الا ڦت فراق جا
رکو اڇي پاڻ پنهين وو
٤. سگ **سچو** ڪيو در تنهنجي جو
اصل ڳالهه انهين وو

ڪافي بروو ٤٧٤

وڃڻ آءِ وڃڻ وو ڪيئن ڏيان
جُڙيا جاني توکي
١. وڃڻ تنهنجو سپرين!
منهنجو موت ميان

Scanned by CamScanner

۲. اوهان ٻاجهون سانول سائين!
وڃي زهر پيان
۳. صورت ٹنهنجي سپرين!
ڏسيو ٿي جيان
۴. **سچو** ٻاجهون عشق الله جي
ٻيو سڀ آهي زيان

ڪافي بروو ۴۷۵

زاريون ڪيو زار زار ميان!
وينٽي رُوان ٻڙي جيڏيون
۱. ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان ميان!
ياڪي ٿيڙم يار ميان
۲. راتو ڏينهان ڳالهہ انهيءَ جو
جيڏيون ڙي جيءَ ڪي جيار ميان
۳. پاتو اٿم لڳ پرين جي
ڳل هنجن جو هار ميان
۴. عاشقن کي وو سوز **سچو** ڙي
آهي سدا سينگار ميان

ڪافي بروو ۴۷۶

آهي معلوم توکي حال، ميان! اسان نماڻن جو ميان
۱. راتو ڏينهان، آهي اوهانجو خيال، وو
۲. نانوُ ڏٽيءَ جي، اسان غريبن سان، آءُ پلا ڪر پال وو
۳. آءُ اچي سُڻ وو يار سياڻا، **سچوءَ** جو احوال وو

ڪافي بروو ۴۷۷

پرين نہ چڏ ٻئي پار، ساريو تهنجيون ڳالهيون رُوان آءُ

۱. اڱڻ آســرونــدجي والـــي
ايـــنـــديـــن كــهـــڙي وار
۲. مــاري هِن مــشــتــاق كـــي
كــانــڌ نـــ وچ كــوهــيــار
۳. آهــين جنــهــن تــون آســرو
ســـا ويـــچاري نـــ وســـار
۴. نمـــاڻـــيءَ جي نـــجهـــري
آءُ گـــهـــڙي هـــك گـــهـــار
۵. كيئي **سچو** سان جي واعدا
ســي پـــرور لـــئـــي تـــون پـــار

كافي بروو ۴۷۸

مونكي هوتن هاڻي، كوني تا پنهنجو كيو
۱. جت گهڻا ٻيا جڳ ۾ سائين! منهنجو هوت آرياڻي
كنديس كون ٻيو
۲. لكين پڇن پرين كي، آءُ تا كير نماڻي
سندن نينهن نيو
۳. جيهي تيهي در دوستن جي، عاشق هي اگهاڻي
سارو كم ٿيو
۴. كيائون كناري پانهنجي، هيءَ تا پاڻون ڇاڻي
جڏو جيءُ جيو
۵. پرين كيو پانهنجو، **سچو** سگ سڃاڻي
وڇوڙن وِره ويو

Scanned by CamScanner

ڪافي بروو ٤٧٩

پرين اوهان ڪؤن پوءِ، ميان،

هت راتيون رهنديس ڪا
ٻئي ايـنديس تانهنجي ميان الا

لال وري هن لوءِ پوءِ، سُور سهنديس ڪا
واعدا ويڙوَ وسري

هوت ڪيو َجي هوءِ، ٻئي ٻول ٻهنديس ڪا
پرين تنهنجي پار ڏهن،

قاصد اچي ڪوءِ، وري هت وهنديس ڪا
سچو سڪ اوهان جي،

هينئڙي ۾ هوءِ، هوءِ، ٻئي ناهہ ٺهنديس ڪا

ڪافي بروو ٤٨٠

آءُ اڳڻ منهنجي آري، توکي صاحب ساريان ٿي

١. وندر جي ني وٽن ۾، ميان! الاهوت مِلج هڪواري
توکي گهڻو نهاريان ٿي

٢. پرين وَڙؤن وو پانهنجي، ميان الا دوست ڏيو دلداري
سارو ڏينهن سنڀاريان ٿي

٣. دوست اوهانجي وو درد سان، ميان الا، ڳچيءَ پائي ڳاري
سارو روه رُئاريان ٿي

٤. ڪڏهن ايندين، وو تون پرين ميان الا، **سچوءَ** ڪج ستاري
هت هنجون ني هاريان ٿي

ڪافي بروو ٤٨١

پينر هئين نہ پايون، تہ هوت ڪندا ڪا ههڙي

١. عشق تا آتش جهڙو
لالن وجن لايون

Scanned by CamScanner

۲. ڏينديس پاروچن رئِ
پنيور کي باهيون
۳. سرتين سُڌِ نہ سُور جي
هي تَنُ وجن تا تايون
۴. ڏنءُ ڏين تيون ڏيل کي
سنديون جتن جايون
۵. **سچو** وجي ساٿڙو
ڇُپ ڇپاتيون چايون

ڪافي بروو ۴۸۲

ڏي دلاسو دوست هِن کي اصل تنهنجو آءِ ميان
۱. هت ٿي گذاريان ڏينهڙا، سانول اوهانجي ساءِ ميان
غُصو نہ ڪر غمناڪ سان، ناتہ حال هن هاءِ هاءِ
۲. دلبر اوهانجي در بنان، جاني نہ مون ٻي جاءِ
جنهن کي نہ تنهنجي دوستي، آهي انهيءَ واءِ واءِ
۳. ڏسي اسانجو حالڙو، تون پير اسان وٽ پاءِ
پاڇي وٺي هي پانهجو لالن پهنجي ڳل لاءِ
۴. مطلب اهو محبوب ڪر، طالبُ نہ هيئن ترساءِ
آهي دم اسان ديدار جو، ڪنهن وار هي ورساءِ
۵. راتو ڏينهان هُوتانهجون، ڳالهيون ويٺو هت ڳاءِ
ڪڻ نيڻ نالي ڏٽيءِ جي، هي سگ **سچو** سرچاءِ

ڪافي بروو ۴۸۳

هوندي سڀ پر سائن ساڻ، جيڏيون
هي پورهيو بندي وچي ڪيچ ڪندي
۱. ڪالهہ ڪالهوٽي سپرين!
اڃان مون وٽ ها مهمان

Scanned by CamScanner

٢. لڳي ڪافن ڪيچ جي
پُرزا ڪنديس پاڻ
٣. اتن اوڻارن توُن آءٌ
ڪاڪيون ڙي قربان
٤. هٽي ويڙو نڪري
ٻاروچو مون ٻاڻ
٥. وهڻ مونکي وِهـُ تيو
چيتڪ ڪيڙس چاڻ
٦. **سچو** سوز فراق جو
ڏئي ويڙم ڏاڻ

ڪافي بروو ٤٨٤

هيڏي هوڏي نہ نهار، تنهنجي ويڙهي سو تا يار وسي ٿو
١. ساڻ سدا آهي تانهجي
پرين نہ آهي ٻئي پار
٢. قولي لهج پاڻ مؤن
چو وچين وٽڪار
٣. پرين نہ پيچ پنڌڙا
تون **سچو** پاڻ سنيار

ڪافي بروو ٤٨٥

ڙي جيڏيون آءٌ تا ٻيو نہ ڪندي
منهنجو پيچ پُنهڻ ساڻ آهي
١. آءٌ جنين جي آهيان
سوتا مهر نہ لاهي

Scanned by CamScanner

٢. ڪير ڪميڻي هوت سڄڻ سان
سنگ سياپو ساهي
٣. هٿ وجي پئي هوت جي
وس نماڻي ناهي
٤. سوال **سچو** جو اهو آهي
نينهن سندن نيباهي

ڪافي بروو ٤٨٦

ويجها شال رهن، ميان ڏور لايا جن ڏينهڙا

١. سِڳها منهنجي سپرين
پڪي مانَ پهن
٢. وڏا طالع تن جا
جن جي راج رهن
٣. هن مُنهينجي حال جي
سگهڙي سي سُڌ لهن
٤. طعنا ڏيو تن جا
ڏاهيون سي ڏنهن
٥. **سچو** صدقي تن تؤن
جي تا ڪيچ ڪهن

ڪافي بروو ٤٨٧

ڏئي مون ڏيکاري، اڙي وريو ويو در تون دلبر

١. ڏنم اکيڙن سان، هوءِ هوءِ حُسن هزاري
٢. وس نہ هُن جو ڪو هيو، هوش نئين هڪواري
٣. دين ڪفر اسلام ڪؤن، بره ڪيئي بيزاري
٤. ڪنهن در ڏيان دانهنڙي، مونجھہ انهيءَ مونجهاري

Scanned by CamScanner

٥. سوز سفيران لايون، هن ڇڪي ڪي چوڌاري
٦. حاجت هن جي نہ هئي، جا تاتل فوج قراري
٧. گهٽي مدت ڪان پوءِ اچي، دوست ڏني دلداري
٨. باسيائون تا بره جي ميان! **سچوءَ** ڪي سرداري

ڪافي بروو ٤٨٨

هوت ڏهؤن هاٽي آيون
مانڏي خوشخبران هي
١. اچي اڏيون تا اوڏڙيون
جار ٽُنهنجڙي جايون
٢. چڏي شهر پنيور ڪي
پير وري ايڏهن پايون
٣. تيون جيارن جيڏيون!
اِهي ويچاريءَ ڪي وايون
٤. **سچوءَ** سنديون دانهڙيون
دوست وري ورنايون

ڪافي بروو ٤٨٩

ڏني ڏيکاري ڙي، ميان صورت سپرين جي لو
١. حسن عہ حُسين عہ جي ڪارڻ، زاري ڙي زاري
٢. ورتيم ساري لوڪ ڪؤن، پينر بيزاري
٣. محبت محبوبن جي، مون اصل اختياري
٤. چوان حقيقت حال جي، هي سڄڻ ڪي ساري
٥. هِت هُت ڪندا ڪاڪيون، آهي مون سان موچاري

Scanned by CamScanner

٦. **سچوءَ** سـدائـين گــهـرجي، يـارن جي يـاري

ڪافي بروو ٤٩٠

ڳالهه صحيح ڪيم ساري، ٻڌي جيڏيون يار جي
وو ٻـلـو جيڏيـون هـوءِ هـوءِ هـوءِ

١. جي مــــون وسَهـــو جيـــڏيـــون!
آءُ اُهـــو آهـــيـــان آري

٢. پـــوءِ پـــروڙڻ پـــانـــهـــنـــجي
لاتـــي خلـــق خـــواري

٣. پـــاڻ ڪـــري ٿـــو پـــاڻ ڪـــي
يـــــــار زوراور زاري

٤. **سچـو** ري سِر پـــنـــهـــنـــجي
بـــره ڪـــيـــائـــون بـــاري

ڪافي بروو ٤٩١

هوت وئين ڪيئن ماري، ٻلو هيءَ نماڻي ڇو

١. هيءَ ڪميڻي ڪوڙي، وينين ڪيئن وساري
مـــانَ قـــاصـــد مُـــنجين ڪـــو

٢. هيءَ ڪميڻي ڪوڙي، سڪئون اوهانکي ساري
تـــون هـــوت اســـان وٽ هـــو

٣. **سچو** سـگ اوهـان جو، واٽـان نِتُ نـهـاري
هـــي لـــعـــل نـــــه ڇڏج لـــو

ڪافي بروو ٤٩٢

هو سو سڄڻ مون ساڻ، جنهنجي ڪارڻ مون ٿي پوٿيون پٿايون

١. وهو معڪم اينما ڪنتم، آهي سندن اُهڃاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون تي فالون وجهايون

Scanned by CamScanner

٢. سدا مون وٽ سپرين، مُحب نآهني مهمانڻ
جنهنجي ڪارڻ مون تي واٿون پچايون
٣. اهڙي اوڏائي ۾ ڪونه پيو مون چاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون تي راتيون لنگهايون
۴. هيڏي هوڏي تي ڏنم، ڪين پروڙيم پاڻ
جنهنجي ڪارڻ ويني ورهُ وسايون
۵. پري پچ نه پنڌڙا، **سچو** تون پاڻ سڄاڻ
جنهنجي ڪارڻ مون تي ميڙيون سنپاهيون

جهولڻو روپ بروو ۾ پيروي ۴۹۳

آءُ ميان ٻانڌي سائين! اسان غريبا دا حال. آکين وچ ٻاو ٻيارڻ نُون
١. يار دي ٻاجهون ٻهون مئين تا ماندي. ورهين ڪنون دل دم نهين واندي
بلڪل مئين تا آهين يار دي باندي وو
٢. يار دي ڪيتي مئين تا جوڳڻ هوئي. خبر سڻاوڃ مانَ قاصد ڪوئي وو
حال سڻاوان تنهنڪون سارا روئي وو
٣. دوستان ٻاجهون مئن ڪون هي دلگيري. آپي ڏيندا سانون **سچو** دل ڏيري
جواني ساڏي ڳئي آئي هڻ پيري وو

ڪافي بروو ۾ جوڳ ۴۹۴

هيڏي هوڏي نه نهار، تنهنجي ويڙهي سو تا يار وسي ٿو
١. ساڻ سدا آهي تانهجي، پرين نه آهي ٻئي پار
٢. قولي لهج پاڻ مؤن، چو تو وجين وٽڪار
٣. وفي انفسڪم افلا تبصرون، ويجهو ڪيم وسار
۴. پرين پري ناهي تو، تُون **سچو** پاڻ سنيار

ڪافي بروو ۴۹۵

هوت اسان وٽ ايندا، وني نال پي نيندا

Scanned by CamScanner

١. سؤ دلاسا سرتيون، هِن ڏکي کي ڏيندا
گــولــي پــاڻ گــڏيــنــدا
٢. پــکــا پــاچاڻــن جي اوڏا، آڻ اڏيــنــدا
چوري تــانــ چڙيــنــدا
٣. جانچي ڏسجو جيڏيون! هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا
وري پــوءِ نــ ويــنــدا
٤. پسي حال حقير جو، بديون تا بخشيندا
سچو نــانءُ ســڏيــنــدا

ڪافي بروو ٤٩٦

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اُهو، جو مان روز ڏسان ٿي
١. ويــنــي هُــڙس واٽ تــي، اچي وســيــلــو ٿــيــو
٢. مــاڙيءَ مــنجهہ مــعــشــوق ڏنــوسين، لالــن پائي لــيو
٣. دريءَ مــنــجهؤن ديــد ڏنــي ســون، لالــن پــاتــو لــيــو
٤. جتن ڪــج جتن جو، ســنــگ ســبــب ســان ٿــيــو
٥. صــحــي ســڃاتم ســپــريــن، يــار يــقــيــنــؤن ٿــيــو
٦. خلق الا شــيــا وهــو عــيــنــهــا، شــڪ وڃؤن ٻــيــو ويــو
٧. ڪٽي وڃان آءٌ خوشيءَ سان، سرتيون جي سنهن ڏيو
٨. ســيــر ســارو ئــي صــورتــين، پــاڻ قــريــبن ڪــيــو
٩. پريون پڇان ٿي ڪينکي، مونکي نينهن اُنهن جي نيو
١٠. ڪــيــو سچوءَ کي ســرتــيــون! اُنــهــن خــمــارن ڪــيــو

ڪافي بروو ٤٩٧

يـــار تـــوســـان مـــنـــهـــنـجي زاري
آهــي ســو لــک واري، مــيــان

Scanned by CamScanner

١. وندر جي تہ وٽن ۾، واجھہ وجھي ويچاري
ســاتــا مــحــبــت مــاري

٢. هي تـا حـال حـقـيـر جو، آءُ اچي ڏس آري
كــنــيــم بــره بــاري

٣. ازل لاكون آهيئي يار توسان، منهنجي ياري
پــاتم ڳچــي ۾ ڳــاري

۴. سُور تنهنجا سپرين! چُكيءَ كي چوڏاري
وجهـج گـهـوٽ نـہ گـهـاري

۵. آهي هٿ حبيب جي، ڳالهہ **سچوءَ** جي ساري
كــنــدا نــي پــوءِ واري

كافي بروو ۴۹۸

يــار اســان كــي ٿــيــون مــارن
تــهــنـجـيــون الــغـرضــايــون

١. دانـهـون دانـهـن تـي سائين!
هــن كــيــمــٽــي كــارن

٢. باهيون تـنـهـنجي بره جيون
پــــارڻ دل ۾ پــــارن

٣. كـيـئن جون ڏنـئـون خبـران
سچو تــــو هُت ســــارن

كافي بروو ۴۹۹

ســـاڏي ويـــڙهـــي وســـدا يـــار، وو

١. وهـو مـعـكـم اهـا اشـارت
دور نـــہ ٿـــيـــو دلـــدار وو

Scanned by CamScanner

۲. اندر هڪو ٻاهر هڪو
تـوڙي صـورت لـک هـزار

۳. آپـي لِڪ لِڪـوتـي ڦِردا
آپـي هـويـا اظـهـار وو

۴. جيڏي تيڏي سُهٽي دا هئي
سچو ڙي سـيـنـگـار وو

ڪافي بروو ۵۰۰

ناهي ويچاري سا وَس، هيءَ تا بيوس آهي ميان

۱. پرين پنهنجي پار جو، ڏاها ڪو پَهہ ڏسِ
تنهنجي ڪس ني آهيان ميان

۲. اول آخر آهيئي رانول منهنجي رس
تنهنجي وس ني آهي ميان

۳. اوهان ٻاجهون سپرين، ڳالهيون نہ اچن ڪس
روح رس نـي آهـي ميان

۴. پچاڻا پرين جي، آهي پنيور ڪؤن بس
سو تا چس نہ آهي ميان

۵. ساڻ **سچوءَ** تون سپرين! هوت ڳالهائج هس
پيو ڪو جس نہ آهي ميان

ڪافي بروه ۵۰۱

ڪيا ٿيا، اڄ ڪيا ٿيا، وي سيو سانون اڄ ڪيا ٿيا وي

۱. دين ڪُفر ڪنون منزل چاتم
عشق اسان نون قابو نيا وي

٢. پهلي ست سرير اسا ڏا
ناز نيڻان دي ناگهه نيا وي
٣. پُر پيالا مستي والا
ساقي اسان نو آڻ ديا ڙي
۴. موتوا قبل انت موتوا
مئا هئا تا ڦير جيا ڙي
۵. جنهندي ڪاڻ هاسي بيراڳي
سوئي **سچو** تون آپي پيا وي

ڪافي بروه ٢٠٥

آهي صبح انجام اسانجو
پرين تنهنجي پلا پار ڏي
١. اسان ڪنيو تانهجو
سر تي ڪُل ڪمام
٢. دانهون ڪري درد مؤن
بره نه ڪر بدنام
٣. جي تون پڇين ڳالهڙي
طلب نه ڪج تمام
۴. اگڻ اچن ٿا تانهنجي
عاشق ڪر آرام
۵. **سچو** سيو تانهنجو
ڪيوسي قبول ڪلام

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۰۳

چوڙڪي جهنگ سيال، جو ويسون
اهو خيال اسانون جو هويا

۱. ڪتلي ڏهاڙي آها اسان ڪون
خاطر وچ خيال

۲. نظر نگاهان ڪوئي نہ آوي
مئيڏي مُحب مثال

۳. ڪيڙاندي نگري ساڙ ڪراهڻ
لائيسان، ٻوتي برحال

۴. **سچو** سايانڊي وو حاضر هوسون
توڙين ٻي قيل مقال

ڪافي بروه ۵۰۴

اسان ٿيو، اڄ اسان ٿيو، ميان!
نتا چاٽون چا اسان ٿيو وي

۱. هيڏي هوڏي هيون نہ باسي
سچڻ اسان هت صحيح ڪيو

۲. عقل علم تا شرم حيا ميان!
وڏي ويلي اهو آئي ويو

۳. دين ڪفر اسلام مذاهب
ناز نيڻن جي پري نيو

۴. پارؤن پرين جي پُور اهوئي
مونکي اوچتو اچي پيو

۵. **سچو** عشق سائين جو ائين
جيئن انذاري ٻري ڏيو

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥٠٥

ڪيا ٽيوئي، وو ڪيا ٽيوئي، آکن سنيان تئيڪون ڪيا ٽيوئي

١. راتو ڏينهان آهہِ رئڻ تُساڪون
پوُر پريان دا مگر پيوئي

٢. دوستي دي وت ڳالهہ وچون ڙي
آک اسان نون تا ڪيا هيوئي

٣. اسان سيالان ڪنون ٻاهر پئين
ڪيا ڪيوئي ڙي ڪيا ڪيوئي

٤. نصيحت ساڏي نهين منيدئين
هوش تساڏا سارا ڳيوئي

٥. **سچو** پريان دي ٻارؤن اسان ڏي
اِهوئي نياپو عشق آيوئي

ڪافي بروه ٥٠٦

رانجهن تخت هزاري دا تنهن جهنگ سيال پڇايا، وي ميان

١. اصلون ملڪ ڪيڙياندي ناهَس، مئين تا مِلڪ ماهيدي آهس
جنهن انگ ڀيوت رمايا وي ميان

٢. ماهي عشق ڪيتا درماندا، درد هجر ڪنون ونجهلي وڃاندا
جنهن بره دا مينهن وسايا وي ميان

٣. رانجهو چوڙيا راج ٻباڻا، عشقي ڪيتا آڻ نماڻا
جنهن ڪم چاڪان دا چايا وي ميان

٤. ميڏي سِر تي ناڻ جهيندا، هر ڪنهن دي وچ ماڳ تهيندا
جنهن سچو نام سڏايا وي ميان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۰۷

پيڙي ڪر ڪر آنديان، ساڏهون سڀ سياليان وو پيلي

۱. قسم الله دي ميڪون آهي
ذرا نهين هڪ پانديان

۲. ماهيدي طرفون مهٽي ڏيوَن
پڇون ڦِٽيان وو ڦڪڙيان لانديان

۳. ڪڏهان اساڏي ڪڍ نہ ڇوڙين
ڦيرا ول ول پانديان

۴. اسان تي رانجهن هڪ ٿيوسي
ٻيان آپي **سچو** گهر جانديان

ڪافي بروه ۵۰۸

چئو ميان عشقا! ڪيئن ڪيئن، تون سوين سئيل بنائين تو

۱. يا تون آهين ذات ديوانو، جو ڪيڏا ناهہ ناهين تو
۲. ڪاٿئين مُلا قاضي تون، ڪاٿئين سيد سڏائين تو
۳. ڪاٿئين مُغ برهمڻ تون، ڪاٿئين ٻانگ ٻُڌائين تو
۴. ڪاٿئين مُنهن ۾ محراب، ڪاٿئين تلڪ لڳائين تو
۵. ڪاٿئين تسبيحان تون سورين، ڪاٿئين جٽيان پائين تو
۶. ڪاٿئين پيرين آهين پيادو، ڪاٿئين بور بچائين تو
۷. ڪاٿئين منبر واعظي، ڪاٿئين پوٿيون پٿائين تو
۸. ڪاٿئين زربفت قبائون، ڪاٿئين ليڙان لڙڪائين تو
۹. ڪاٿئين ڏئين شرعي فتويٰ، ڪاٿئين منصور مارائين تو
۱۰. ڪاٿئين هنومان ڪوٺائين، ڪاٿئين ڏهيسر ڏسائين تو
۱۱. ڪاٿئين تئين رامُ يا سيتا، ڪاٿئين لڇمڻ لکائين تو

Scanned by CamScanner

١٢. ڪاٿئين نمرود ابراهيم تي، ڪيئي بيک بنائين ٿو
١٣. ڪاٿئين تي فرعون يا موسيٰ، سڀ صورت ۾ سمائين ٿو
١٤. ڪاٿئين ٿئين پاتشاهه مُلڪ جو، سارو ديس دٻائين ٿو
١٥. ڪاٿئين ٿي غرض گداگر، ڪاٿئين توليون ٽڪائين ٿو
١٦. ڪاٿئين مُفتي تون ”خدائي“ ڪاٿئين اناالحق فرمائين ٿو

ڪافي بروه ٥٠٩

ڪاڻ اچڻ تنهنجي ڪندي، آءٌ هِت حيلا هزارين وي

١. پرچ پرين ڏِسُ پاڻ ڏي، بره اوهانجي بندي آءٌ
وري مان نهارين وي

٢. پرچي اڱڻ آءُ تون، پايان ڳچيءَ منجهه گندي آءٌ
يار گذ گذارين وي

٣. جيهي تيهي هوت اوهانجي، چڱي سا توڙي مندي آءٌ
ساتون چو تو وسارين وي

٤. اوهان ٻاجهون سپرين! نيٽؤن وهايان ندي، آءٌ
پيو **سچو** پنارين وي

ڪافي بروه ٥١٠

مَتان تون مونکي ڇڏين، سُونهان ڙي سڄڻ جا

١. محبوبن سان نانءُ ڏٺيءَ جي
نِئي غريب گذين

٢. نتو چاٽان ڏينهن اُهوئي
تيندو الاجي ڪڏين

٣. جڏهن تون حاضر ٿئين حضور ۾
نانءُ **سچو** ڪري سڏين

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥١١

جاني سو تيڏڙا جمال، ڪيها ڪيها هوندا

١. ذري هوندا شڪر شيرين
ذري زهر زوال

٢. ذري آندا خوش اسانون
ذري جي دا جنجال

٣. ڏيکڻ دي وچ جوئي آندا
هيئي سو خاص خيال

٤. سڻ وي **سچو** يار مئين جو ڪيتا
اهيندي نيهن نهال

ڪافي بروه ٥١٢

مئين رانجهو هڪ ٿيان
ڪيڙا سَتِ گهتيجي ميان

١. ظاهر ناهي جڏهان ذات ڪيڙاندي
تڏهان عشق رانجهو دي ليان

٢. در رانجهو دي مئين وڪاڻي
ٻيان ڪيهان اسان تي ٻيعان

٣. جنهان دي آهس روز ازل ڪنون
وس اُنهان دي مئين پيان

٤. ڪرين نصيحت سانون نہ ڪائي
شرم حيا ڪنون ڳيان

٥. دعوي اسان تي ڪنهندي نہ لڳدي
سُڻو سڀي تسان سنيان

٦. ڪيون وهائنديئن سُڻ **سچو** ري
نيڻين نير ديان نيان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۱۳

حاجي اڄ ڪيوسي، ڪعبي مُنهن محبوب جي

۱. هاڻ حاصل سرتيون!
اڪبر حج ٿيوسي
۲. ٿيو قبوليت منهنجو
جيڪو عرض ڇيوسي
۳. هي تَنُ طوافي ٿيو
وڇڙن غير ويوسي
۴. هاريون ڙي حرمين ڏي
سندن نامُ نيوسي
۵. انهيء ٻاجهون ناه ڪو
اهو احرام پڌوسي
۶. اِهو ڪعبو اهو قبلو
سچو ڏسُ ڏهيوسي

ڪافي بروه ۵۱۴

اجهي آيا ڪلي گڏياسي، جنهنجي ڪارڻ پانڌي پڇياسي

۱. فلڪ فراقي ڏينهن ڏهيلا
سڀي وسري وياسي
۲. پاٽؤن ڇاٽي سي پيهي آيا
جنجي ڪارڻ چلاڪ ڪياسي
۳. اسان ٻانيو آرام ٿيوسي
ن ـاز نيٽن جي نياسي
۴. جيئن وٽين ڪين تيئن ڪرن سي
وس پرين جي وجي پياسي
۵. ويڙهي اسانجي **سچو** سي آيا
طرف جنهين جي قاصد ڪياسي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥١٥

يار چڱي توتان مونسان لائي لائي، ري دلبر لائي

١. دوست دلاسي جي دردمندن ڏي
مُنج ڪتابت ڪائي ڪائي

٢. تنھنجي اچڻ جي يار پرين ڙي
ھت وري ٿي وائي وائي

٣. جا وٹيوَ دل پنھنجي کي
ڪيوَ سانول سائي سائي

۴. خبر خوشيءَ جي پاروُن اوھانجي
اڄ اسان وٽ آئي آئي

٥. حال ڏسي ڪري يار **سچوءَ** سان
ٿيءُ اچي ڏک پائي پائي

ڪافي بروه ٥١٦

ڪالھ اسان وٽ ويھي ويھي
وو يار سچڻ ڪيون ڳالھيون

١. سي نہ وسرن ساه منھنجي کي
ڳالھ ڪريان ٻي ڪيھي ڪيھي

٢. ڀھ ڀاروچا ڀاجھ پئي تون
آءُ پڪي ھن پيھي پيھي

٣. ڏينھن ۾ ٿي چار دوست اساھنجي
دل سا رمزن ريھي ريھي

۴. ھج ھميشه يار اسان وٽ
پرين نہ تج پرڏيھي پرڏيھي

٥. ڪيو بيراڳي ڏينھن أنھيءَ لاڪون
دوست **سچوءَ** جي ديھي ديھي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥١٧

يار سڄڻ تيڏي باندي هان، مئين باندي گهول گهماندي هان

١. تيڏي هٿون يار پيارا
جي مران تا چاندي هان

٢. ڪيا جي لوڪان ٺوڪان چايان
ساجهر جهوڪين جاندي هان

٣. ڏک ڏوراپي رانجهن والي
سيي سرتي سهاندي هان

٤. **سچو** ويڙهي يار سڄڻ دي
پرتئون پانؤ مئين پاندي هان

ڪافي بروه ٥١٨

بيرنگي سڄڻ رنگ لايو، ڏسو ڪيهو ڪيهو ڙي ميان

١. سُرخ، سياهي، زرد، سُفيدي
اُنهيءَ عجائب آيو

٢. ڪاٿي فرعون، ڪاٿي شداد
ڪاٿي موسيٰ نانءُ سڏايو

٣. تخت هزارو ڇڏي ڪري وو
تنهن تا جهنگ پڇايو

٤. سج ڪکر ۾ سُنوري سهيان
ڪنهن تا چند ڇپايو

٥. ذات صفات کي **سچو** صحي ڪر
هاديءَ هئين سمجهايو

ڪافي بروه ۵۱۹

ڪــڏهــان آ مِل مـــيــڏڙي جان، بـــيـــبـــا

١. عشق ديان باتيان منصوبا ڪرٹا
عشق دا ڪهڙا وو مڪان، بيبا

٢. اسان نماٹيان تي سُهٹا سائين
آءُ ڪــريــن احــســان، بــيــبــا

٣. عشق تُساڏي ڏيک جو ڪيتا
سچو ڪُون ســلــطــان، بــيــبــا

ڪافي بروه ۵۲۰

وات وندر جي ڪو ڏسي، وو ڏسي، مونکي جيڏيون!

١. سپيريان جي سات جا، آهيون سو عاشق اسي وو اسي

٢. سُڌِ تنهن کي سور جي، چامر پنهون جا پسي وو پسي

٣. وهان ڪيئن پنپور ۾، خان ويو دل ڪسي وو ڪسي

۴. پريان سندي پار ڏهون، مانَ ڪو رهبر رسي وو رسي

۵. هيڪند ٿيان جي هوت سان، هينئڙو منهنجو هسي وو هسي

٦. سر سچوءَ جي ساوڻ وانگر، بره جو بادل وسي وو وسي

ڪافي بروه ۵۲۱

تهنجي حُسن ماريا، سُوريءَ سي سنياريا، اِنهي ڳالهہ ڳاريا
هـــزاريـــن هـــزار

١. اُهي يار آيا، نيزن جي نوايا. نيئي سِرَ سلايا
تـــنـــهـــيـن تـــو آهـــار

٢. جنهين موج آئي، تنهين سُڌ سيائي، ڪيهي ڳالهہ ڪائي
لـنـگـهـيـا شـهـسـوار

٣. ڪمر جا ٻڌائون، وري نا چوڙيائون، نِئي سِرَ ڏنائون
لاٿـــائـــون مـــيـــار

Scanned by CamScanner

۴. مچڻ هٿ هٽي سي، اِها ڳالهہ ڳٽي سي، ترِيءَ سِرُ ڪٽي سي
ڪـيـائـون نـثـار
۵. جي موجن چڙهياسي، لهر هن لڙهيا سي، اناالحق پڙهيا سي
ڪـنـيـا هِن خمـار
۶. هي نعره هنيائون، اناالحق پڙهيائون، نئين سِر سليائون
تـيـا گم غُبـار
۷. مَي جا پيتائـون، هي سِهرا ڳتائون، وڏي وڪ وڏائـون
پـاڙيـائـون قـرار
۸. پهلوان پاسي، نہ تيندا ڪڏهان سي، اِها بات باسي
هـلـيـا حُڪـم دار
۹. مُلڪان مُلڪ ۾، مَلڪ ۽ فلڪ ۾، سڄو سڀ خلق ۾
پـئـي هـيءَ پـچار
۱۰. منجهؤن حُب هليا سي، ماري چوٽ چليا سي، وِجي رنگ رليا سي
تـنـهين هـيءَ تـنـوار
۱۱. اُهي اعتباري، سُوري جن سُواري، عجب خوش خماري
ڪُـنـن جي قـطـار
۱۲. نشانا کوڙيائون، مُنهن نـا موڙيائون، ٻئي هٿ ٻڌائون
ڪُـنـا قــربــدار
۱۳. ٿي منصور مستي. ڪيئن گم هستي، هنيائين دو دستي
تـپـش جي تـرار
۱۴. ٿِي شبلي شابس آهہ. سُورن جي سراپاءِ، ڍڪيائين لڱين لاءِ
وجـــودؤن وســار
۱۵. مُلا سو قاضي، ڪڙي ڪيائون بازي.منجهن گنؤ غازي
ڪڙو هو جهونجهار
۱۶. فتويٰ لکيائون، قتل سو ڪيائون، مبارڪ ڏنائون
نــي ڪـي هـوشـيـار

Scanned by CamScanner

١٧. هُئين پير جنهن تي، ڏئين سِرُ ٻي تنهن تي، نہ سُڌ هي سيني تي
تـئـين سـچ سـچـار
١٨. سچو سڪ تنهين جي، جذب جاءِ جنهين جي، نہ پرواهہ ڪنهين جي
رڪـي نـہ سـنـيـار
١٩. وڏي سِر پڇاڻون، اناالحق واڻئون، اُهو سِرُ سڃاڻون
آڻـيـو اعـتـبـار
٢٠. هنيائين هڪل هي، وئي تا شڪل هي، نہ حاجت عقل هي
جلـيـا جلـوه دار
٢١. ڏنئون مُنهن متاري، نہ ڪاڏي نهاري، سٽيو سِرُ سچاري
دلـيـون دوسـتـدار
٢٢. سچي ڳالهہ ڪيائين، نہ ڪوڙي چيائين، نباهي نينهن نيائين
ڪـارڻ هـڪ نـظـار
٢٣. باهِن ۾ وڌائون، پوءِ لهرين لوڙهيائون، اناالحق ٻُڌائون
تـي هَي هَي هُونـگـار
٢٤. ٻـي بـغداد سـارو، مِڙيو بهُتُ ڀـارو.مَنجهنِ نَر نـعـرو
هـڻـي هـوشـدار
٢٥. **سچو** عشق ايندئي، اچي ذاڻ ڏيندئي، مَني ماؤ نيندئي
ڪـنـدئي گل بـهـار

ڪافي بروه ٥٢٢

مـهـنـجو هـيـنـئڙو هـوتـن سـاڻ

ڪهڙي ڪريان ٻي آءٌ تا ڳالهڙي ڳالهڙي

١. ونـدر سـنـدي واٽ تـي
پُـــرزا ڪـــنـــديـــس پـــاڻ
٢. اچي لـــڳو مُون اوچتـــو
پـــاروچـــي جـــو پـــاڻ

Scanned by CamScanner

۳. دُعا ڪريجو جيڏيون!
شال موٽي مُئي جو ماڻ
۴. ويڙو درد فراق جو
ڏيئي ڏکيءَ کي ڏاڻ
۵. اڳڻ ايندو تانهنجي
سچو سو سرواڻ

ڪافي بروه ۵۲۳

پانڌي نئي پهچاءِ، پلا هي نوان نياپا نينهن جا
۱. هوت اسانکي هيترو
تون سانول ڪيم سڪاءِ
۲. ڏينهن گذري ڏک ۾
راتيون هن هوش هواءِ
۳. اوهان پاجهؤن سپرين!
هيءَ ويني ورهه وساءِ
۴. پرين ڏِسج پاڻ ڏي
وايون هي ورناءِ
۵. اڳڻ اچي هِن جي
سگ **سچو** سرچاءِ

ڪافي بروه ۵۲۴

نينهن ڏاڍي سان لايوسي
آءُ تاهاٽي ڪيئن ڪريان
۱. عشق سوَلو سرتيون!
هُت سيرپايوسي

Scanned by CamScanner

٢. جو ڏنائون جيڏيون!
سو پلؤ پايوسي

٣. سوئي **سچو** سرتي
هاڻ چُمي چايوسي

ڪافي بروه ٥٢٥

آهہِ علاج نہ ڪوئي، هن اکين ماري آهيان

١. ڪنهنکي سليان سرتيون!
حال اهو روئي

٢. ڦڪيون ٻڪيون لکين هزارين
ڪيون طبيبان توئي

٣. ناحق ٻڌين ٻَتيون
ڪل نہ حاذق هوئي

٤. ويج وني وج وات اِهائي،
سانول ايندم سوئي

٥. دوست سڄڻ جي دارون آهي
سچو يار سيوئي

ڪافي بروه ٥٢٦

اڙي مهر پئي، مونکي يار سڄڻ مانَ دارون ڪو دل جو ڏئي

١. قدر پيو مونکي ڪاڪيون!
ني وو وو، ويچن وئي

٢. اثر منهنجي درد جو اديون!
شال طبيبن ٿئي

٣. ورهيہ ويڙا گذري
هن عاشق آهون ڪئي

Scanned by CamScanner

۴. وره وهـايم جيـڏيـون!
پـوءِ تــا پُرجهــڻ پــئــي
۵. ٻُڪي ڏين جي ٻاجهہ جي
تـــا جِيءُ **سچوءَ** جو جئـــي

ڪافي بروه ۵۲۷

ڏس ڪهڙيون ڦيريون پائي
اهو لِڪُ لڪوتي يار سڄڻ
۱. غمزي هن جي عبرت تي جو
عــشــق لــڳن ســان لائـــي
۲. عـلــم عـقـل ويـو اُڏري
عـــين عـــشـــق جي آئـــي
۳. طـبـل ٻـيا سڀ تَمُ تـيا
جڏهن نوبت نينهن وڄائي
۴. نـحو صرفُ ويـو وسري
جاتـــي پــاڻ خيــال ڪُپــائـــي
۵. رمـز پـنـهـنجي راز جي
تــو **سچو** ڪي سـمـجهائـي

ڪافي بروه ۵۲۸

آءٌ آريــاڻـــي اوري، آءٌ دامــن لــڳڙي آهــيــان
۱. سِرُ پـهـنـجو سُـپـريـن!
آءٌ گهـروُن آيــس گــهــوري
۲. هِيءَ ڪميٽي ڪينڪي
ڏونـــگـــر ســگـــهـــي ڏوري

Scanned by CamScanner

٣. ڪاجا تند طلب جي
چِتُ وئين تون چوري

٤. نيو پاڇاٽي پاڻ سان
تر نہ رهي توري

٥. **سچو** سگ اوهانجو
ڪين ٻُجي تهنجي ٿوري

ڪافي بروه ٥٢٩

متان ڪنهن لاري لڳين وو لڳين
هي بازي بازيگر دي ميان

١. ڪم آسئي عاشق!
أها ڳالهہ اصلدي اڳين وو اڳين

٢. اي سب هين ني ڦرتيان ڦاهيان
تار طلب دي تڳين وو تڳين

٣. تڏهان ٿيسين ڪناري يار دي
جڏهان پول اِهي سب پڳين وو پڳين

٤. عاشق هوڪر ٿي ديوانا
مار برهہ ديان ڪڳين وو ڪڳين

٥. سر **سچو** دي آڪر هُڻ ميان!
نينهن دي نؤبت وڳين وو وڳين

ڪافي بروه ٥٣٠

أهي ڪهڙي طرف ويام، آءُ ڳوٺ رهيس سب ڳولي

١. عشق تہ عاشقن جا ميان! اڳهين ٿي ٻُدام
هاٺي ٿولي مؤن سؤ ٿولي

Scanned by CamScanner

٢. ڪُوڪان چڙهي ڪوه تي ميان! ڪيچئڙن ڪيام
هاڻي چولي مؤن سؤ چولي
٣. ڏوريندي مُون ڏونگرين ميان! سرتيون سال ٿيام
هاڻي رمز لڌي مون رولي
٤. **سچو** آءُ تا ناهيان ميان! ساري سُڌِ پيام
اِتي پاڻ پاروچل پولي

ڪافي بروه ٥٣١

چاوڻ بار بره دا سنئيان، بيدليان دا نهين وو نهين
١. راه اِهيندي طالب ٿولي، لوڪان وچون تا مهين وو مهين
٢. لڪين هزارين وچؤن وي ميان، پُور پرايا ڪنهين وو ڪنهين
٣. آءُ تہ ٿيوئي بره بيراڳي، ناه اِهين تي ٿهين وو ٿهين
٤. مئي دا پيالا پي ڪرا هُڻ، رنگَ اِهين وچ رهين وو رهين
٥. عاشق هو ڪر، سُڻ **سچو** ري! سوز بره دا سهين وو سهين

ڪافي بروه ٥٣٢

تون تہ پاڻهين ٿو سائين چاڻي
ڪيهو حال چوان توکي هاڻي
١. دل ديواني ڪئي اسانجي
مُحب اوهانجي ماڻي
٢. ڏوهن ڏي ڏِسُ ڪين اسانجي
سائين تون پاڻ سڃاڻي
٣. درد مندي جي دل توئي سان
اکين اڙائي آڻي
٤. ڪڏهن اسان وٽ ايندين دلبر
ويني وجهان ويچاڻي
٥. سوال **سچوءَ** جو آهي اهوئي
تنهنجو عشق نہ شال اُڪاڻي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۳۳

ڪالهہ اسان تون ڪيون ڪيون
يار سڄڻ ڳجهيون ڳالهيون

۱. تين پُراڻيون ڪينڪي
نتُ سي آهن نيون نيون

۲. رهيون آهن روح ۾
چڱيون اوهان جي چيون چيون

۳. ڪين وسرن ساه ڪؤن
اُهي تا پاڙڻ پيون پيون

۴. منيون ڳالهيون تاهنجيون
هِن **سچوءَ** ساه سيون سيون

ڪافي بروه ۵۳۴

ڏک وڏو وئين ڏيئي ڏيئي
وو يار سڄڻ اڄ مونکي

۱. اوهان ٻاجهون يار پيارل
حال اسانجڙو هيئي هيئي

۲. پرين ڏسيجو وڙ پانهنجي ڏي
اسان هتؤن هي پيئي پيئي

۳. ياد ڪرين يار ڏينهن اُهيئي
ڳالهيون ڪيوَ ڳڏ ڪيئي ڪيئي

۴. هو جي ڪيون ڳالهيون توئي سان
نينهن **سچو** ري سيئي سيئي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥٣٥

ويـــڙا جي وٽـــڪـــار، اجان وري ايـــنـــداســـي

١. ڪي ڏينهن پهچڻ ڪيچ ۾، قصد ڪندا ڪوهيار
اسين ڪاڏي نہ ويندا سي

٢. پوءِ مُنهن رکي جيڏيون! پاٽون چاڙي هن پار
اسين ڪاڏي نہ ٿيندا سي

٣. آيا چاڻ سـپـريـن، جيءَ نـي پـيـڙو جار
نينهن نيبه ليندا سي

٤. ويئي سچو مونکؤن وسري، ڪتڻ واري ڪار
اسين جالڪي جيندا سي

ڪافي بروه ٥٣٦

جي مون وٽ دوست اچي، آءُ ڦيريون ڙي لک پايان

١. شال نہ ڏسي جيڏيون! ڏنهن هِن جي ڪر ڪچي
آءُ ويڙي تاڳڻ ڳايان

٢. جيهي تـيـهي سـرتـيـون! آهيان سـام سـچي
سِرُ پيرن ٿي لاهان

٣. دل ويچي ٿي دورجي، ٿو جيئن مهرياڻ مچي وو
ياڻ جُٺي ڪي پايان

٤. ساه سچوءَ جو سرتيون! ٿو اِنهيءَ رنگ رچي وو
آءُ ٻانهي هُو سايان

ڪافي بروه ٥٣٧

آيس آءُ ڪي اوڏي، جهاڳيا مُون تا جبل جال

١. جي مُون وسِهو جيڏيون! آهيان ڪيچين جي آءُ ڪوڏي
٢. حب جهينڪي هوت جي، درد نہ ٻئي ڪنهن ڏوڏي

Scanned by CamScanner

٣. ڪيئن ڪريان آءٌ ڪاڪيون! هوت منهنجو سو هوڏي
٤. درد جهين ڪي دوست جو، لڪن سا نہ لوڏي
٥. سيڻن خاطر سُڃ سچوءِ، گاه ڪنديس ٻڏي گوڏي

ڪافي بروه ٥٣٨

اڄ هوتن رئي هت هاڻ، پيا ڪير لهن مُون ساران
١. قاصد ڪيچ وڃن ڏنهن، سائين سگهڙو آڻ، ٿي روز وجهايان ڦاران
٢. وجهان وڃاڻا ڪيترا قريبن جي ڪاڻ، يار ملن شل ياران
٣. آيون انهيءَ پار ڏهون، اديون ڪر اُڪاڻ، ڪونجن جون پيي قطاران
٤. سنجهي صبح سرتيون، ميان! ٻاروچي جي ٻاڻ، آهن سچوءَ ڪي سنڀاران

ڪافي بروه ٥٣٩

اديون اُهي اڄ آيا، جن ڪاريو مونکي الله
١. سيئي ڳڏيا سپرين! ڏينهن ڳهٽا جن لايا
٢. ويٺا ويڙهي وچ ۾، جن لئي پند پڇايا
٣. ڏينهان راتيان ڏک جا، متي مُون مينهن وسايا
٤. جن جي ڪارڻ جيڏيون! ڪوڙين مون ڪانگ اُڏايا
٥. هيڏي هوڏي نہ ڏسين، سچوءِ وچ سمايا

ڪافي بروه ٥٤٠

هوت پرين هڪواري
مونکي اڄ ملج ميان
١. ڏونگر ڏورڻ مون نہ ٿئي
اوري آءٌ تـــــــون آري
٢. ڳچيءَ پائي ڪپڙو ميان لا
زور ڪريندي س زاري
٣. جا اوهانجڙي ميان ڪونجي
سا تو ڪيئن وساري

Scanned by CamScanner

۴. هيجؤن ڪنيم سر تي
بار بره جو سو باري
۵. ويتي ڏسان واٽڙي
مُونجهہ اوهانجي ماري
٦. سچو سَندُوَ سڄڻا
ٿيو فراق فراري

ڪافي بروه ۵۴۱

ڇوڙيا مئين جهنگ سيال، وي رانجهن رمز رلائي
۱. پار درياهُون جهوڪ رانجهن دي وي، رانجهو منجهيندا مهوال
وي ويندا لوڪ ڇپائي
۲. اسان ول جوڳي وي جادوگر ٿيوسي وي، ويک مُرلي دي هڪ تال
وي ويندا مند چلائي
۳. اکيان سُهٽياندييان وي ٻلن مُشعلان وي، ٻهڳڻ ٻتوين جهندي وال
وي چولي اندر عشق نہ مائي
۴. سچو سائين ڄِجُ، ڪيڙاندي آئي وي، ڪيڙان ڪنون بيخيال
وي مولا مُحب ملائي

ڪافي بروه ۵۴۲

زاري ٻينر زاري، اڳيون عجيبن جي آهي اسانجي
۱. روز ازل ڪنون عاشقن جي، سُوريءَ تي هسواري
۲. شاه منصور حلاج حُسيني، سوري ڪيئن سينگاري
۳. هي تئي گم اُهو تئي ظاهر، ڇُپ ڇپان چؤڏاري
۴. سچو ساه سري ڪر صدقي، سرسُ وڻين سرداري

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥٤٣

اڙي پلو يار ڪيفي تهنجي ماريو مونکي اکن

١. شوري مَتَ شراب مؤن ٽُنهنجي
چکيو کي چشمن

٢. هو جي عاشق تانهجا
سي قهرون قتل ڪن

٣. گؤنتا گل گلاب جا
تن هنيون پاڻ پنهن

٦. هرڻ تا حيران ٿيا
سي ڏسو پؤ پڇن

٥. جي نيزا لڳن نيهن جا
متي تا مستن

٦. بڙچيون تنهنجي بره جُون
اُهي پارؤن پار لنگهن

٧. نرگس کي تن نيست کيو
ٿيو **سچو** ترس سين

ڪافي بروه ٥٤٤

ڙي جيڏيون هاڻي گهوريو
هوتن ري سارو شهر پنيور

١. لاهيندا وو لطف سان
هِن ڏکيءَ کؤن ڏور

٢. هي هالاڻي اُنجي
شُعلي وڏڙو شور

Scanned by CamScanner

٣. منت نہ منهنجي موٽيا
زاري آهي نہ زور
٤. درسن ساڻ دفع ٿيندو
سندو هينئڙي هور
٥. **سچو** سندين راه تي
هڪ جفا پيو جور

ڪافي بروه ٥٤٥

ڙي جيڏيون! هاڻي هوت ويا جي
وو سي موٽي مان اچن
١. دعا ڪريجو جيڏيون!
پري نہ هوت وچن
٢. سگها موٽن پوءِ تي
اچي ويڙهي هو وسن
٣. وچي ڪيچ وٽن ۾
پورهيائت پچن
٤. ڪيچي ڪميٽيءَ جي
هُتِ ڪچي شال نہ ڪن
٥. **سچو** اصلون آهي
سرتيون سگ سندن

ڪافي بروه ٥٤٦

هوت اچج هت هاڻي، پنهنجا ڏک ڏسنديس ميان
١. دوست اوهانجڙي آهيان، ميان الله، سائين لڳ سجاڻين
پاڻ گولين گڏيندس ميان

Scanned by CamScanner

۲. تون تا صاحب وو سپرين! ميان الله، ھيءَ سا نانءُ نماڻي
توکي سائِين سڏينديس ميان

۳. پکا پکن وو سامھان، ميان الله، آرياڻي مون آڻي
توکي اوڏا اڏيننديس ميان

۴. ڀُنيءَ لڳس وو تانھنجي، ميان الله، حُبَ منجھؤن ھوتياڻي
آءُ کا پاند چڏينديس ميان

۵ **سچو** اوتي وو سپرين! ميان الله، پنبڻن مؤن پاڻي
ڏک ڏوراپا ڏينديس ميان

ڪافي بروه ۵۴۷

ڳوٺ ساري جيون ڳليون ڳليون
وو نِتُ ڏسڻ مونکي آئيون

۱. رت روئڻ کؤن اھي اکڙيون، ڪين سي جھلجن جھليون جھليون
۲. ڪيچيڙن جون وري قطارون، ھيڏي ٻڏيون سين ھليون ھليون
۳. سي نہ وسرن ڳالھيون، اھي يار سڄڻ جي تو سليون سليون
۴. چاڙھيئي اسان تي درد فراق جون، چوھہ ڏاڍي مؤن چليون چليون
۵. روز ازل کؤن ڪيو **سچوءَ** سان، يار پلا ڪيئي پليون پليون

ڪافي بروه ۵۴۸

جاني سوتيڏا جمال
ڪيھا ڪيھا ھوندا

۱. ذري ھوندا شُکر شيرين، ذري زھرزوال
۲. ذري آندا خوش اسان نون، ذري جي دا جنجال
۳. ڏيکڻ ديوچ جوئي آندا، ھيئي سو خاص خيال
۴. سڻ وي **سچو** مئين جو ڪيتا، اھيندي نينھن نھال

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۴۹

هـــوت وئـــين ڪـــيـــئـــن مـــاري
پــلــو هـــيءَ نمـــاڻـــي ڇو

۱. هِيءَ ڪميٽي ڪوڙي، ويٺين ڪيئن وساري
مـــان قـــاصـــد مُجين ڪـــو

۲. راتو ڏينهان سپرين، سڪؤن اوهانڪي ساري
تـــون هـــوت اســـان وٽ هـــو

۳. **سچـو** سگ اوهانجو، واٽان نِتُ نهاري
هـــي لـــعـــل نـــہ ڇڏج لـــو

ڪافي بروه ۵۵۰

جي آئين، پلي آئين، ڪيچي ڏنوَ ڪالھ ڪاتي
مـــان وهـــن اچي ويـــجهـــا

۱. سگـهو سگـهو وو تون ڏيج سنيها
ڏيـــنـــهـــن گـــهـــٽـــا ڇو لائـــين

۲. تـــورا لائـــين تـــو هـــن ٽـــڪـــيءَ تـــي
پـــيـــر اگـڻ جو تـــون پـــائـــين

۳. پـــاڻ تـــوئـــي تـــؤن ڪـــريـــان قـــربـــانـــي
جو ڳالـــهـــہ ســـجـڻ جي تـــو ڳائـــين

۴. طـــرفـــؤن تـــنـــهـــنـــجي هـــيءَ نمـــاڻـــي
ســـپ پـــلائـــي تـــي پـــائـــين

۵. ڏيـــهـــہ ســـجـڻ جو ڏســـيـــون ڏهـــاڙيـــون
سچـو تـــو ڪـــانـــگ اُڏائـــين

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥٥١

پـورهـيـت پـاڻـي ڏوئـي
خان ٻـاروچا تـنـهـنـجي

١. حـاضـر خدمـت اچي اوهـانـجي
حـال چونـديـس روئـي

٢. سـاٿـي اسـانـجي سُدِ لـهـڻ لـئـي
ڪـڏهـن نـہ مُـڪـئـہ ڪـوئـي

٣. قـول ڪـيـو هـوءِ جو هـوت اسـان سـان
سـائـين پـورو ڪـر سـوئـي

٤. ڪـيـئـن وسـاري وهـان اوهـان کـي
ڪـئـي تـا هـهـڙي تـوئـي

٥. طـوطـي جي ٻچيءَ سَوَ سـلامـن
سچوءَ مُـڪـا پـڻ پـوئـي

ڪافي بروه ۽ ڪماچ ٥٥٢

پـيـاري نـي رمـزان لايـان لايـان، وي مـيـان!

١. لڳا فراق ني وو ميان هادي والا سائين! ڳل ڪي ڪفني پايان پايان
٢. سـڀ سيالين وو ميان ميڙا ڪرڪي سائين، سانون ويڪڻ آيان آيان
٣. پـنـدڙا سـاڏا وو مـيـان اوڏنـهـن هوسن سائين، جتان هادي ديان جايان جايان
٤. جتان ساياندي وو ميان ڳالهہ نـہ هوسين سائين، تتان سو دوزخ پايان پايان
٥. نانءُ **سچو** تي وو ميان هي جو تـيـڏا سائين! پاند ڳچيءَ وچ پايان پايان

ڪافي بروه ٥٥٣

تـو دوسـتـيءِ جو دم هـڻـين، پر ڪـين ڪُسي قـربـانـي ٿـئـين
مـهـنـد مـنـصـورن جي تـون مـنـجـهـہ مـعـرڪـي مـردان ٿـئـين

Scanned by CamScanner

١. وري صحي انا سره، تنهن اسم تون انسان ٿئين
٢. جي تو ٻوي سُڌ سر جي، حيرت انهي حيران ٿئين
٣. جنازي گدائي جي منجهون صوبہ عجب سلطان ٿئين
۴. تون شاهہ تو شاهي ٿئي، تون گوءِ تون چوُگان ٿئين
۵. نعره اناالحق جو هٽي، ٿي مرد سر ميدان ٿئين
٦. جي دم سڄاڻين پانهنجو، تون دين تون ايمان ٿئين
٧. هي پنڌ سيو پُرزا ٿئي، جي نينهن جي نيشان ٿئين
٨. **سچو** يڪايڪ يڪ ٿئين، تون شمع تون پروانہ ٿئين

ڪافي بروه ۵۵۴

گم هوئيان، مئين گم هوئيان، مئين اِهين سهٽي وچ گم هوئيان مين

١. خاڪي جسم مئين تا ناهيان
اصل ڪنون مئين دم هوئيان
٢. لامڪاني سير اسا ڏا
هر جا حاضر هوئيان
٣. الله وچون بندا بڻيا
اِهين ڳالهيون پُر غم هوئيان
۴. جيڏي ڪيڏي اُهو آها
چاڻ **سچو** تا تُم هوئيان

ڪافي بروه ۵۵۵

آهي ويچاري ڪا وس، ميان! توکي معلوم مِڙيوئي

١. وينئي آهيان واٽ تي، گوليءَ ڪجو گس، ميان!
٢. سارو وندر وڙيان، ڏاها تنهن ڏس، ميان!
٣. ماٺهو شهر ڀنڀور جا، رُوح نہ اچن رس، ميان!
۴. **سچو** پوءِ پريان ڪؤن، آهي ڀنڀوران بس، ميان!

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۽ ڪسوري ٥٥٦

گهوري گهوري، وو ميان!
جند سڄڻ توتان گهوري

١. راتو ڏينهان وو آهي اوهانجي
سائين جهوري جهوري

٢. ڳچيءِ وڌيوَ عجب جيهي
سُهڻا ڏوري ڏوري

٣. تند نہ ڇاڻان وو ڪنهين هي
سهڻا چوري چوري

٤. دل ڪسيائي وو لٽ نيتيائي
سهڻا زوري زوري

٥. اول آساني ڳالهہ تي، پوءِ ڪيڙ
سائين ڳوري ڳوري

٦. **سچوءَ** لايوَ سچ منجهارؤن
لالن لوري لوري

ڪافي بروه ٥٥٧

يار ساٿيؤڙي ميان يار پانڌيؤڙي ميان! پلوڙي ميان!
ڪيچن جي وو ڪل مونکي ڪائي ڏيجو

١. هيءَ نماڻي ني وو در وڪاڻي ميان
نال نباهي نيجو

٢. ڪيم وساريو مُئي نہ ماريو، ميان!
چوري تا مَ ڇڏيجو

٣. ڏيو دلاسا ڪڏهن ايندا ميان!
لوئون تان لڏيجو

Scanned by CamScanner

۴. آءُ اوهانجڙي اصل آهيان گولي
گولي ساڻ گڏيجو
۵. جنهن ويلي وو هلو اِتاهين
سچو نانءُ سڏيجو

ڪافي بروه ۽ تلنگ ۵۵۸

رانجهو دي ڪيتي ٻهون وي ٻائندا اُتي ٻلا ٻهون وي ٻائندا
سو ٻائندا مهٽي يار دي ٻلا ڪلنگي والي دا
۱. ويل صبح دي ندي ڪناري، ونجهلي پس چاڪ وڃائيندا
۲. اگڻ اساڏي وو ميان جوڳي هوڪر، ڪڏهان ڪڏهان اوئي آئندا
۳. لوڪان ڪنون چوري چوري ڳجهڙي، سو ليا وت پاوندا
۴. چال حُسن دي نال مهينڪون مارڪي، ول ول جائندا
۵. زوران زوري نال **سچو** دي، رمز نيٽاندي وو لائندا

ڪافي بروه ۵۵۹

ڏيکين يار تماشا لايا
جي ڪُجهہ هووي حال وو
۱. حيرت وچ هميشه هووين
ڪُلي ڇوڙين تال وو
۲. خاص خيال اوهيندي ٻاجهون
جيوڻ هٿ جنجال وو
۳. مُوتوا قبل انت مُوتو! ٻاجهون
مرڻ محال وو
۴. دين ڪُفر ڪنون منزل چاوين
هوئي خاص خيال وو

Scanned by CamScanner

٥. پـيـائـي وچ ڏُون تـــي ڏيــکــين
غلـــط هـــئـــي امــــثـــال وو

٦. **سچو** کـــنـــون زُهـــد ڇُڙائـــين
بـــخش اهـــو احـــوال وو

ڪافي بروه ٥٦٠

اڄ اڱڻ اڄهي آيم، پـرديـسـي گـڏيم ميـان
١. هـي پـکـي آئـيـا، لـئـون جنهـين سـان لايم
٢. کـوڙيـن قـاصـد کـيـترا، هـوتـن پـار هـلايم
٣.جن لئي هُيس اُباڻکي، موليٰ سي مُحب ملايم
۴. پـچيم جن لـئـي پـنـڌڙا، سـي والـيءَ پـوءِ ورايم
٥. انهن کـارڻ کـاکـيون! سرتيون سُور سهـايم
٦. سـيـئـي **سچو** آئـيـا، جن لـڳ کـانـگ اُڏايم

ڪافي بروه ٥٦١

اديـــون اُهـــي اڄ آيـــا
جـــن کـــاريم الله الله

١. سـيـئـي گـڏيـا سـپـريـن
ڏيـنـهـن گـهـٽـا جن لايـا

٢. ويـــنـــا ويـــڙهـــي وچ ۾
جن لـــئـــي پـــنـــڌ پـــچايـــا

٣. ڏينهـان راتـيان ڏک جا
.مٿي مون مـيـنـهـن وسـايـا

۴. جن جي کارڻ جيڏيون!
کوڙيون مون کانگ اُڏايا

٥. هـيـڏي هـوڏي نـہ ڏسـين
سچوري وچ ســـمـــايـــا

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥٦٢

حال منهنجو ڪونہ هو، جيڏيون ري پنهنجو ڪرم ڪيائون

١. معاف ڪيائون مديون
ڏوهـــن ڏي نـــہ ڏنـــائـــون

٢. جيڪو خال حوال هو سائين
الا! پـاٹـون واڻ پـڇائـون

٣. پاڻ پنهنجو وو پاٹهين
ســاڻ غريــب گـڏيــائــون

٤. **سچو** ڪي ڪيئي وو سرتيون
تـــي دلاســـا ڏنـــائـــون

ڪافي بروه ٥٦٣

زار روئي ڪيم زاري، تورڻتانہ سري

١. محبت تُنهنجي وو ڪيس مستاني، بار بره باري
دوســـــت ري چوي لــــوڪ چري

٢. هــن بــنـديءَ ڪــي بــخش بــلـوچا ســائـين وو
هــوت جي هـــڪـــواري، ذوق ذري

٣. ميلائي لڳ مُحب اوهانجي واجهہ وجهي ويچاري
هـــــوت ڙي وجان تـــــام مــــري

٤. آهــي مـڙيــوئــي وي تــوڪــي مـعـلـوم ســائـين
وو حال حقيقت ساري وج م يار وري

٥.جيڪي آهين وي سوتا توهين، سائين وو حڪم سندو آهي جاري
دوســـت ڙي پـــيـــڙم خبــر ڪــري

٦. **سچو** آهي وو سگ اوهانجو سائين وو ڏجو تنهن دلداري
وجــــن ڳـــــچ ڳـــــري

Scanned by CamScanner

ڪافي بروہ ٥٦٤

لوڪان ٹون لُڪئيندا وو
رانجھن آپ چُپائيندا

١. رانجھن تخت ھزاري والا
ڪس لگ جھنگ پُچائيندا

٢. ڪر ڪر ناز نياز محبوبان
چشمان تير چلائيندا

٣. جوڳي ھو ڪر رانجھن آيا
گھٹ گھٹ آپ گھمائيندا

۴. اسي لباس ۾ ڪؤن سجاٹي
جھونا بگل ھنڊائيندا

۵. اپٹا نانءُ ڪٹين دا سائين
سچو آک سُٹائيندا

ڪافي بروہ ٥٦٥

گھٹا وجي ڏينھن لايا
يار پياري ميان

١. آءُ ري پانڌي ڪل ڪائي ڏي
ھُون اچڻ جا سعيا

٢. انھن ڪارڻ راتو ڏينھان
مُون ٿي وره وسايا

٣. ڏينھن اُنھيءَ ڏي ڏسان ڏھاڙيون
ھن ٿي ڪانگ اُڏايا

۴. يار مسافر مولئي مھر سان
ساڻ غريب گڏايا

Scanned by CamScanner

۵. تـورا تـن جا **سچو** سنڀارين
جـي اجھـي چـون اڄ آيـا

ڪافي بروه ٥٦٦

تـيـون ورڻ جيـون وايـون
يـار سـانـگـيـڙي جـون
١. هٿ پانڌين جي پاروُن پرين جون
اِهـي سـي خبـران آيـون
٢. ڪونجان هزارين ڪيچ وٽن ڏنهن
اهـي سـي دوسـت اَڏايـون
٣. اگڻ اُهي ئي اسان پـرين جون
جدا نـہ هـونـديـون جايـون
۴. ڪئين ڪتابتان پنهنجي اڇڻ جون
مونـڏي سي هـوت هلايـون
۵. ناهن ڳالهيون هي ڳرهڻ جهڙيون
سچو سي سـوز سلايـون

ڪافي بروه ٥٦٧

الا اُهـي اڄ ايـنـدا، پـريـن جي هـوا پـرڏيـهـي
١. فلڪ فراق جو وو معاف ٿيوسي، ميان! هاديءَ ڪيا هيڪاندا
ڳالهيون ڪيون سي گڏ ويهي
٢. پنهنجي ڪرم سان وو ساه سريرؤن پيي، ڪيائون وره ڪؤن واندا
آيـا ڀـڪـي هـن ڀـيـهـي
٣. اگڻ ڀيـهـي وو آئـيـا ڀلـو مـيـان! هـواسـين جن لـئـي مـانـدا
ڳالـهـہ ڪـريـان ڀـي ڪـيـهـي
۴. آرامـي وو رُوح اسـانـجو مـيـان! لٿيـاسـين سـڀ سـيـانـدا
خوش ڪـيـائـون هـي ديـهـي

۵. **سچو** هواسين وو سال گهٽيرا الا، دوست ڀاڄهون درماندا
ڏيهه گڏيا أهي ڏيهي

ڪافي بروه ۵٦٨

هٿؤن پيتو مون تا پير مُغان جي
جام شرابون شوري
۱. دؤر ڪارائي دل کي ٿو
چشمان ڪيف ڪڪوري
۲. اصل ڪؤن منصور جو انهيءَ
ڪاتيو ڪنڌ ڪٽوري
۳. نشي منجهه نواز ٿي
گهوريون هي سرِ گهوري
۴. جنهن ساقي سُرڪ پياري
آءُ ڪيئن پڇان تنهنجي ٿوري
۵. پنهان ڪيائين پاڻ کي
چِتُ **سچوءَ** جو چوري

ڪافي بروه ۵٦۹

ڪيڙاندي هن جهڳڙي چُوچڪي ميان ماهيدي نال جالون وي رانولا
۱. ٻاٻل ٻائي سانون ستيندا وي، ڪيهي ڏوهؤن ڳالهيون وي رانولا
۲. هڪو جيڏيان متين جو ڏينديان وي، ڳئين ڪيهي وٽ حالون وي رانولا
مئين سُهڻين چاڪ دي ٻڪي پئيان وي رانولا
۳. مايان ٻيٽيان مهٽين جو ڏينديان، ميان غرض أنهاندا ڪيها وي رانولا
۴. هڪ دل آهي رانجهو نيتي، ناڪوئي اهين جيها وي رانولا
۵. سانگ بره دي وي ڏاڍي لڳڙي وي ميان، ڪنهندي اڳون وٽ نالون
مئين سهٽي چاڪ دي ٻڪي پئيان وي رانولا

Scanned by CamScanner

٦. آتڻ ڀهان ڀهڻ نہ ڏيندیان ميان، ڇٽي وٽي جهٽڪي وي رانولا
٧. وڏڙي ويلي وي عشق ماهيدا ميان، سر ساڏي تي ڪڙڪي وي رانولا
٨. عشق رانجهو دا غالب هويا وي ميان، ڳئيان آپ خيالون وي
مئين سهٽي چاڪ دي پُکي پئيان وي رانولا
٩. گهر کيڙاندي نون آگ جو لئسان. مئين ديواني ٿيان وي رانولا
١٠. خويش قبيلا ڇوڙ ڪراهڻ، در تيڏي تي پئيان وي رانولا
١١. جوڙکي الفي ڳل وچ پئيان، ڇُٽ پيان هُڻ سيالون وي رانولا
مئين سهٽي چاڪ دي پکي پئيان وي رانولا
١٢. ٻن کيڙاندا نانءُ گهتيجي کُهہ کيڙاندي راڄي وي رانولا
١٣. رانجهي طرفؤن ڏي جو پنيان سانون عشق دي ٻاڃي وي رانولا
١۴. کيڙي نون وو ڏاج ڏتوني، آءُ **سچو** آگ ٻارلون رانولا
مئين سهٽي چاڪ دي پُکي پئيان وي رانولا

٥٧٠ کافي بروه

آڻ گهتيا هَسِ ڏُونهين ڏُونهين
رانجهو سائين اگڻ اساڏي
١. مئين تي رانجهو هڪ ٿياسي
مست رهياسي ڎونهين ڎونهين
٢. راه اهيندي واقف ناهي
عشق اسان ڏي سونهين سونهين
٣. ڪٿان مئين تي ڪٿان رانجهو
سؤدا کيتا هي روحين روحين
۴. ايڏي اوڏي مُول نہ ڏيکين
سچو يار سموهين سموهين

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۷۱

شال اوڏاهون ايندا وٺي خاطي خبران خير جون

۱. مون هِن نماڻي کي، اڃان دلاسا ڏيندا
۲. پرين پاڻهين پاڻ سان، هي گولي گڏيندا
۳. محبت مون مسڪين سان، شال نباهي نيندا
۴. ڏک سُک ڀائي سپرين، هن ڏکي سان ٿيندا
۵. ڪيچي ڪڏهن ڪينڪي، هِيءَ ڇپر ڇڏيندا
۶. جيڪي اڳيون پويون، بديون سڀ بخشيندا
۷. پڪا پڪن سامهون، آٽي اوڏا اَڏيندا
۸. ٻاجهه ڀريا ڀي ٻاجهه مؤن، ڪري **سچو** سڏيندا

ڪافي بروه ۵۷۲

دل اسان ٿون سا چاپئي، ڀلو ڪيهي گناهون يار

۱. اها صلاح ني وي دلبر سائين
ميان سمجهه دي وچ آيئي
۲. وصل والي وي ڳالهه اسان نون
ميان اپڻي مُک الايئي
۳. **سچو** تيڏا وي در دا بردا ميان
تنهن ڪون سرڪ ڀلايئي

ڪافي بروه ۵۷۳

بره بيراڳي ڪيو ڙي جيڏيون! مونکي درد ديوانو ڪيو

۱. ڀچو ڪيم طبيب ڀيا، مونکي نينهن سو نيو
۲. هاريون اڄي اوچتو، پور پرين جو پيو
۳. اونده عشق عجيب جو آهي، ڏوکي ني ڏيو
۴. جو امر اوراٹو ڏنس، سوتا ساڳي ٿيو

٥. سرتيون ٻاجهون سوز جي، آهي جُنَن ڳاڏؤن جيو
٦. راتو ڏينهان روح تي، خيال ڪيو هن ڪيو
٧. **سچو** باقي سچ ٿيو، غير وڃؤن تا ويو

ڪافي بروه ٥٧٤

جاني آءُ ڙي جاني ميان! آءُ تا روز پچان ٿي پانديؤن

١. تنهنجي اچڻ ڪاڻ آءُ هت پوٽيون پٽايان، سنجهي صبح سرتيون ٿي پاندي پڇايان
ڏاها تنهنجي ڏيهه ڏي ٿي ڪانگل اُڏايا

٢. پرين تهنجي پار ڏنهن اچي قاصد جي ڪوئي، حال سڻايان پانهنجو تنهن رهبر کي روئي
جاني جال اسانجي هاٽي هجر ۾ هوئي

٣. دلبر تنهنجي ديس ڏي ٿي ڏسان ڏيهاڙيون، ناڻ تهنجو سپرين اسين وس نہ وساريون
ڳچيءَ پائي ڪپڙو اسين ڪريون ٿا زاريون

٤. اتي ويٺي اوتيان آءُ پنبڙين مؤن پاٽي، اچي ڏسج سپرين! تون حال منهنجو هاٽي
درد منديءَ جي دل ۾ تنهنجي سڪ تا ساماٽي

٥. تاڪون سڄڻ تانهنجي هينئڙي حيراني، ڏئي ڏکيءَ کي وئين تون نينهن تہ نيشاني
سدا **سچو** آهي ميان! تنهنجي ڳچيءَ ۾ ڳاني

ڪافي بروه ۽ سارنگ ٥٧٥

پري ٿين نہ شال، پرين پاڙيچا پرڏيهي

١. ساڻن ٿيس نہ سنگتي
هيَ هيَ هڙي حال

٢. جتن ڪيڙم جيڏيون!
جتن سان مون جال

٣. دوسن بنان ديس ۾
جيئڻ منجهہ جنجال

Scanned by CamScanner

۴. ڪنهن در ڏيان دانهڙي
هُوجي ڪُهي ويڙا ڪالهہ
۵. ڪوڙيون ڪيئڙم ڪيترا
اُنهن ڪاڻ ڪشال
٦. سيئي سچو آئيا
جن لڳ وجهايم فال

ڪافي بروھ ۾ سارنگ ۵۷٦

پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، ڪيا آگم اکڙين
۱. ملڻ لئي محبوب جي
تيون راتو ڏينهن وسن
۲. جهور نہ لهي جُهڙ جي
نا ڪڏهن اوڪاڻن
۳. سدا ساوڻ تن کي
بُوندان بس نہ ڪن
۴. سچو سپيرين لئي تيون
جهوريءَ منجهہ جهڄن

ڪافي بروھ ۵۷۷

منهنجو پانديئڙا، پرئين کي ڏيج هي نياپو
۱. ڏئي باھ پنيور کي، هي ڪيچ ڪندي ڪاپو
۲. اصل لاکون آهي، منهنجو ساٿوَ سياپو
۳. آهي اوهانجو سپرين! هن ڇوري تي ڇاپو
۴. منهنجو محبوبن کي، ٻيو ڏيج نہ ڏوراپو
۵. سدا آهين سچوءَ کي، تون جيءَ جو جياپو

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٥٧٨

پُڇيو ڪي پرين، ميان! حال منهنجي جيون خبران ساٿيوري

١. ساه سڪي ٿو جن ڪي، مونڪي ڪي سارن
٢. هن دم دلاسا ڏنا، سرتيون ساٿيئڙن
٣. تون هت ڪهڙيءِ ڳالهه ۾، هُو هُت ياد ڪرن
٤. آهين جنين جي آسري، سي توکاءِ ڇڏن
٥. **سچو** سنگت پانهنجي، مانَ غريب گڏن

ڪافي بروه ٥٧٩

هاريون ههڙي حال، ڏيان ڏوراپو ڪهڙو وو پرين کي

١. مئين نماڻي ياد يارانون
آپئون نيندا نال
٢. راتو ڏينهان آهہِ اسان نون
جوشان دي وچ جال
٣. نال تُساڏي دلبر آها
سچو آپ سنيال

ڪافي بروه ٥٨٠

يار ٻَڌا هوا لوءِ بلوءِ پيي، هاجا تنهنجي حُسن جا وو

١. جهڙي ڪيئي أهڙي پرين
سا ڪنديـن پوءِ پيي
٢. تاب تنهنجي ڪؤن سچ صريحن
ڪير سگهي ٻيو چوءِ پيي
٣. ڪيرنماڻي آءُ عالم ساري کي
تنهنجي آهي ووءِ ووءِ پيي
٤. جي ڪارايو يار پيارل
سچوءَ کي هوءِ هوءِ پيي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروہ ٥٨١

ڏونگر آهي ني ڏسُ ميان
هاريون منهنجي هوت جو

١. هلان تہ هلڻ نہ ٿئي
ناہ ويچاريءَ جو وس

٢. راتيون رهڻ راہ ۾
ڪاڪيون آهي ڪسُ

٣. ڪيڙو عشق عجيب جو
هينئڙي منجهہ هنبس

٤. آهي عجيبن جي
سچو سڪ سرسُ

ڪافي بروہ ٥٨٢

ڳالهہ ڪريان ڪيهي، تهنجي مزگن ماري آهيان

١. پرين وڙؤن پانهنجي ميان الله
آءُ پڪي هن پيهي

٢. پاڙي ساڻ وو پرينءَ جي ميان الله
ورہ وهايم ويهي

٣. پلؤ لڳي وو پرينءَ جي ميان الله
جيهي سا آهي تيهي

٤. ڳالهہ ڏسيائون وو سا تہ ناهي وي ميان!
سچو سلڻ جيهي

ڪافي بروہ ٥٨٣

ڪيهي چال چلي تو وو، اڙي جيڏيون! يار منهنجو

١. ونفخت فيه من روحي
ساري ڳالهہ سلي تو

Scanned by CamScanner

٢. انا عبده ورسوله

مُلن گهر ملي تو

٣. ڪاٿئين تعظيمان ڏئي

ڪاٿئين ڪل ڪلي تو

٤. ڪاٿئين سُڪيو سپرين

ڪاٿئين جوشِ جلي تو

٥. **سچو** سڀ ڪنهن صورتين

هيڙي طرح هلي تو

ڪافي بروه ٥٨٤

چاڪي ڏونگر ڏوريان

من وسي يار منهنجو

١. پرين آهي پاڻ سان

تڪ پيا چو توريان

٢. راتو ڏينهان رُوح ۾

آرياڻي تي اوريان

٣. سيڪنهن پارين پاڙي سُپرين!

آءٌ گهٽوئي گهوريان

٤. هوت هميشه حاضري

وندر ڪنهن لڳ وڙيان

٥. **سچو** سچي ڳالهڙي

چت اهائي چوريان

ڪافي بروه ٥٨٥

هوت اچي هٿ ڏيندو، پلو جيڏيون! مون هن نماڻيءَ تي ووءِ ووءِ

١. پرين وڙوُن پانهنجي

چپر تان چڏيندو

٢. ڏسنديو اکڙين سان
نال نماڻي نيندو
٣. پاڻؤن پاسي نہ ڪري
گولي ساڻ گڏيندو
٤. پانڌين پچارون ڪيون
آرياڻي اڄ ايندو
٥. اڳڻ آسروند جي
پڪا پاڻ اڏيندو
٦. ڪيچين سندو قافلو
لوئون تا نہ لڏيندو
٧. ساجن سنگت پانهنجي
سچو شال سڏيندو

ڪافي بروه ٥٨٦

ڪيچ منهنجڙو ڪم ني، آهي پلو پينر ڙي
١. ويا ڪيچيئڙا نڪري
گوليءِ ڏيئي غم ني
٢. دعا ڪريجو جيڏيون!
جانيءِ تيان جم ني
٣. ڪنهين چن نہ چڏيان
دوستيءِ وارو دم ني
٤. قيامت تائين ڪينڪي
تيندي طلب تم ني
٥. پير نہ چڏيان پرين جو
توڙي تئي چيهاڙيون چم ني

Scanned by CamScanner

٦. جهڙ نہ پانئجو جيڏيون!

اِهو اکين جو آگم نـي

٧. سکؤن سچو پرين ڏي

راتو ڏينهان رم نـي

ڪافي بروه ٥٨٧

توکي جاني نہ جڳائي ٿو، رُسڻ نماڻن سان

١. جيهي تيهي تانهجي، آءٌ اصل کؤن آهيان، اوهانجي تا اچڻ جو آسر هڏ نہ لاهيان

سرتي سو فراق جا، هي مينهنڙا وسائي ٿو

٢. پري ڪر نہ پاڻ کؤن ڏي دلبر دلاسو، توريءَ سُجهي ڪونکو مونکي پرين ٻيو پاسو

جيهو تيهو اصل کؤن هي سندوَ سڏائي ٿو

٣. سُکن مٿي ڏُکڙا ٿي مُحب مٿايان، غم خوشيءَ کؤن اڳرو آءٌ ٻليرو ٻايان

مُنهن مقابل تانهنجي اِهو گوندر گڏائي ٿو

۴. اگڻ نماڻي جي تون اچج الله ڪاڻ، هيڪر وت ڪريج تون يار ٻيرو منهنجي پاڻ

سوز تنهنجو سُپرين هت سانول سجهائيٿو

۵. وٺي ويٺي آهي اهو وعدو ويچاري، ڳچيءَ پائي ڪپڙو هي ڪري ٿي زاري

سچو سگ اوهان جو هت پانڌي پچائي ٿو

ڪافي بروه ٥٨٨

خبر ڪا مُون ڏيو ساٿيو، سائين عجيبن جي اچڻ جي

١. ڪيچيئڙن جو قافلو

وچئين رات ويو

٢. آئين نہ چڏيو چيرين

هي تا نال نيو

٣. توڙي وره وهاريو

ڪنديس ڪون ٻيو

Scanned by CamScanner

۴. ونـدر سـنـدي واٽ تـي
مـون صـدقـي سـر ڪـيـو

۵. ڇڏ سـاهـا بـنـا سـنـبـر
سچوڙي جي تـو پُور پـيـو

ڪافي بروه ۵۸۹

تيڏي طرفؤن ڏيندا لوڪ اي جاني، طعني سؤ طعني

۱. اگڻ اساڏي وو آوين پيارل، ميان! مئين ڪيتي قرباني
جانـــي ســؤ جانـــي

۲. ڳل اساڏي وو آڻ گهتيائي ميان! ڀانهپ دي نشاني
ڳانـــي ســوڳانـــي

۳. صحي ڪران مئين وو ڪيڪُر تيڏي ميان! ڪُل يوم هُو في شاني
بـانـــي ســوبـانـــي

۴. دل اساڏي ڪون وو لڳ جو رهيا ميان! تيڏي ديدار دي رُوحاني
دانـــي ســو دانـــي

۵. **سچو** هوندا ني وو يار سهٽي ديان ميان! شرط سيئي سُلطاني
خانـــي ســو خانـــي

ڪافي بروه ۵۹۰

ميڏي تيڏڙي نال ني، لک زاري هوءِ هوءِ يارڙي

۱. مئين تا آڪان وو اڳون سايان دي ميان! حال حقيقت ساري
روءِ روءِ يــــــارڙي

۲. سهج ڪنون وو سرتي چائي ميان! بره تُساڏا باري
ڪـوءِ ڪـوءِ يــارڙي

۳. هار هنجون دا وو ڳچي پايم ميان! يڪدل چاتم ياري
پـــوءِ پـــوءِ يــارڙي

۴. تيڏي طرفؤن وو طبل طعني دا ميان! **سچو** آهِ سرداري
ســوءِ ســوءِ يــارڙي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروھ ٥٩١

جاني تونہ جڳائي، رُسڻ نماڻي سان يارڙي
١. دوست اوھانجي در تي
ويـــنـــي وِرهُ وســـائـــي
٢. ٻاھر ٻانھي تانھنجي
ســـانـــول ھـــي سـڏائـــي
٣. اچــڻ لاءِ اوھــان جــي
پـــانـــدي روز پـــڇائـــي
٤. فالان فلڪ فراق جيون وو
وريـــتن ڪـــان وجھـــائـــي
٥. سوال **سچوءِ** جو سپرين!
عـــجز ســـاڻ اڳـــھـــائـــي

ڪافي بروھ ٥٩٢

ھيئي عشق نيشاني ايھي
آڪان ڳالھہ أنھاندي ڪيھي
١. سپر سينہ ڪر اڳون سولاندي
مـــنـــډ ڪـــڙون ديـــھـــي
٢. وچ دريـــاءَ مـــحـــبـــت والـــي
ڳئي پـــنـجاھـــي پـــيـــھـــي
٣. سـولـي أتـي ويـر وڃائـيـنـدي
نـيـنـھـن دي نـوبـت نـيـھـي
٤. عـاشـق اولـي مـول نـہ اٿـڪـن
ڪي ويل وڃائيندي ويھي
٥. **سچو** سـوز والـيـان دي اٿـان
ھي ڳالـھہ نـہ آڪـڻ جـيـھـي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ۵۹۳

ڪنيون نينڻ نهار ڙي ميان! پلو منهنجا يارڙي وو

۱. مون من گڏي گوندرين
تـئين تـون ڪـيـچ قـرار

۲. ڏڪيا سُڪيا ڏيـنـهـنڙا
گـــڏ غريـــب گـــذار

۳. دلبـر پـنـهـنـجي دل ڪؤن
ويـــچاري نـــہ وســـار

۴. منهن نہ مؤن پئي پار ڏي
پـنـهـنـجي ڪـي قـطـار

۵. **سچو** آهــين اســان جو
هـــنـجون هــڏ نـــہ هـــار

ڪافي بروه ۵۹۴

سڪ هُئي جنهينجي سر وو، دوست آيو اسانجي در

۱. پرين وڙؤن پانهنجي، ڪيئي ويچاريءَ ڏي ور
۲. هي سر ڪريان صدقي، گهوٽ اچي مون گهر
۳. ڏنـم هــن اڪـين ســان، پــريــن مــوچاري پــر
۴. جاءِ ڪـيـائـون جيءَ ۾، ٿـهـريـا هـڏ نـہ ٿـر
۵. قرب ڪارڻ سڻ **سچوريءَ**، ڪوشش ڪائي ڪر

ڪافي بروه ۵۹۵

ڏنوهي پانڌيءَ پيغام، تنهنجي اڱڻ اڄ يار اچي ٿو

۱. عاشق عجيبن جو توڪي
ســؤ لــک آهــي ســلامُ

۲. ســپ قـبـولـيـو سـپـريـن
جيـڪـو ڪـيـوَ ڪـلام

Scanned by CamScanner

۳. پڪو آهي پرين جو
تو سان اڄ انجام
۴. روءُ نہ رت اکين مؤن
عاشق ڪر آرام
۵. سچو گڏ جن پوءِ پيي
آهہ نہ طلب تمامُ

ڪافي بروه ۵۹٦

هوت پارؤن مونکي هاڻي
ڏنا نينهن نياپا هي
۱. هتؤن پئي تانهنجي ميان!
عُذر ڪيها ٻيا آڻي
۲. اوتين کهڙيءَ ڳالهہ کؤن
پنبڙن مؤن پاڻي
۳. وينئن کيئن پنيور ۾
سُور هُيئي جي ساڻي
۴. سچو توکي ساه کؤن
آهہِ اوڏو آرياڻي

ڪافي بروه ۵۹۷

اسان غريباندي نال
دلبر چڱي کيتيءَ
۱. آڱي پيچي ڳل تُساڏي
جيوين وٹئي تيوين پال
۲. ونحن اقرب اها اشارت
ورق هجر دا وال
۳. سچو کون هيءِ عُمر سيائي
جوشاندي وچ جال

ڪافي بروه ٥٩٨

ڪيچؤن آيم ڪالهہ، سي تا سڻو سنيها

١. ڳالهيون ڪندي گذريئي
سُوراتي توڪي سال

٢. اُڪنڊ اسان ڏي ڪانہ تو
ڏينهن اتي جاليئي جال

٣. ڪنهنجي ڪارڻ ٿي ڪيا
لَڪ روئي تو لعل

٤. ڪرين نہ قطري جيتري
ساعت هڪ سنيال

٥. ٻڌي ڏوراپا مُون ٿيو
جيڻ منجهہ جنجال

٦. جن لئي ڏونگر ڏوريان
تن پي هڙا حال

٧. سي سڀ تنهنجا اگهيا
جي ڪيئي ڪالهہ ڪشال

٨. ٻُڌندو پاروچو وري
سچوءَ جاپي سوال

ڪافي بروه ٥٩٩

مُون ڪَر تا ڪين پچيائون، هاڻ ڪانگل ڪل ڪاڏي

١. ڏوٿ ڏوراپا وو ڪيترا، ميان الله، ڏئي سي سخت مُڪائون
هت حال اسانجا هي

٢. سگها ايندا وو سپرين! ميان الله، ڪي تاپاڻ اُتيائون
جڏوجيءَ جيارن جي

Scanned by CamScanner

۳. ڏاها ڏيهہ وو ڀرينءَ جي، ميان الله، آهيان اُباڻڪو آئون
منهنجو هيءُ نياپو ني
۴. طعنا طرفؤن تانهنجي، ميان الله، هِن ذڪيءَ ڪي ڏنائون
سائين سڀ قبوليم سي
۵. سي نہ وسارج وو سپرين! ميان الله، ساڻ سچوءَ سمجهائون
اهي قول ڪيا هُيءِ ڪي

ڪافي بروه ۶۰۰

يارو! منهنجو يار، ڪئي ڪئي صورت سير ڪري ٿو
۱. ڪاٿئين ٻُڍڙو پير ٿيو
ڪاٿئين ٻولي ٻار
۲. ڪاٿئين بيراڳي ڦري
ڪاٿئين ڪَيُس قرار
۳. ڪاٿئين وظيفن ۾
ڪاٿئين خَمُ خمار
۴. ڪاٿئين آهي بادشاه
ڪاٿئين چونريدار
۵. ڪاٿئين پيرن پنڌ ڪري
ڪاٿئين گهوڙي جو هسوار
۶. ڪاٿئين احمد ٿيو علي
ڪِٿ عبدالحق اظهار
۷. آهي دلبر دوست جو
سچو سڀُ سينگار

ڪافي بروه ۶۰۱

ديس اساڏي آوين، يار پيارل وي ميان

Scanned by CamScanner

١. رَهـ ُ اسـاڏي وه دلـبـر نـيـڙي
دُور نـــ ســاڻون جاويـــن
٢. اگڻ نمـاڻـي دي وو سـهـڻـا سـائين
پـيـر سـگـهـيـرڙا پـاويـن
٣. تـسـان ٻـاجُـهـون ڦران بيراڳڻ
چِرتـا وت كـيـون لاويـن
٤. نـانءُ الله دي تـيــوان ايــلازي
چت **سچو** تـون نــ چاويـن

ڪافي بروه ٦٠٢

تيـڏي طعـني ڏيـنـديان شـه واليـان، سـائُون سـڀ سـيالـيان
١. كاوڻ كيتي وو ماسَ يتيمان دي، تيڏيان بحريان اكيان ني توپاليان
٢. زُلفان تيڏي وو نـانگ بسيهر، تيڏيان اكيان ني وه كجليان كاليان
٣. نـال كـرم دي وو ڏيك **سچو** ڏهون، سهڻا يار سُٽي تهنديان نـاليان

ڪافي بروه ٦٠٣

ڳالهہ كريان آءُ كيهي، حال پنهنجي جي ڙي جيڏيون
١. كالهہ كالهوٽي سپرين!
ويـا وڃـئـون مـون ويـهـي
٢. ڇڏي شـهـر ڀـنـڀـور كـي
ويـا پـهـاڙيـن پـيـهـي
٣. كـري پـريـشـان ويـا
درد مـنـديءَ جي ديـهـي
٤. آءُ اُنـهـن جي آهـيـان
جيـهـي جي تـيـهـي

٥. مــارڻ پــوءِ جيــارڻ

رســم أنــهــن جي ايــهــي

٦. **سچو** ســوز فــراق جا

بــار ڪـٹـن ڪي نـيــهــي

ڪافي بروه ٦٠٤

هـوت ڏهـون هاٹـي آيـون

مـونـڏي خوشـخـبـران هــي

١. اچي اڏيون ٿا اوڏڙيون

جــار اوهــانـجڙي جــايــون

٢. چڏي شـهـر پنـيـور کي

پــيــر وري ايــڏي پــايــون

٣. ٿيون جيارن جيڏيون!

اِهــي ويـچاري ڪــي وايــون

٤. **سچوءَ** سنديون دانهڙيون

دوســـت وري ورنـــايـــون

ڪافي بروه ٦٠٥

هوت اوهـان تـي آهـ، ميان، سارو نـنگ نمـاٹـيءَ جو

١. سائين ڪارڻ سپرين! پير اگٹ مٿهنجي پاءِ، ميان

٢. پرين وڙؤن پانـهنجي، لؤن نمـاٹـي سان لاءِ، ميان

٣. ماٹـهو شـهر پنـيور جا، ساه نـہ اچن ساءِ، ميان

٤. ڏسنديس آءٌ اکڙين سان، جانب ٿنهنجڙي جاءِ، ميان

٥. ڪاري ڳٹن تانـهنجي، **سچوءَ** کي هاءِ، هاءِ، ميان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٠٦

هوت اچڻ جي ڪا ڪر ميان! پانڌي روز پڇايان ٿي

١. راتو ڏينهان روح ڪي ميان الله، سڪ اوهانجڙي سر
ميان توئي هت ڪانگ اُڏايان ٿي

٢. سِر ُتوئي تؤن وو صدقي ميان الله، گهوٽ اچين جي گهر
ميان گهوريو پاڻ گهمايان ٿي

٣. ايند يس اهڙي وو حال سان ميان الله، دوست اوهانجڙي در
ميان ڳچيءَ پلؤ پايان ٿي

۴. پرين! پارؤن وو تانهنجي ميان الله، ٿئي ويچاريءَ جي ور
ميان ويٺي ڏک وسايان ٿي

۵. سارو مطلب وو مون ٿئي ميان الله، پرين اچي ڪنهن پر
ميان هت پوٿيون پٿايان ٿي

٦. **سچوءَ** اُتي وو سپرينِ ميان الله، دست مبارڪ ڌر
ميان سنديوَ يار سڏايان ٿي

ڪافي بروه ٦٠٧

آءُ ڪوهيارل ڪائين، وري ويڙهو وسائج ميان

١. ٻانهون ٻانهنِ وو جان ٻڌي ميان الله، پاند ڳچيءِ ۾ ٿي پائين
مون تؤن چت نہ چائج ميان

٢. مون هؤن مدايون وو ٿيڙيون ميان الله، ٿيس ايلازڻ آئين
پرين پاڻ پسائج ميان

٣. آءُ ڪنيزڪ وو تانهنجي ميان الله، تون منهنجڙو سائين
ٻيو عيب نہ لائج ميان

۴. ڏئي حال وو حلاج جو ميان الله، **سچوءَ** ڪي سمجهائين
سارو سرُ سٽائج ميان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٠٨

هم هويا تم هم هويا، ڏوجهي رمز چليندا ڪؤن

١. عاشق ٻڪرا معشوق ڪاسائي، ذبح ڪريندا ڪؤن
٢. ڏو ڏو ڏڪڙان تال تماشي، طبل وڃيندا ڪؤن
٣. تسبيح ڦردي منُ نهين ڦردا، مَڻڪا ڦريندا ڪؤن
٤. حسن حُسين شهادت پائي، قتل ڪريندا ڪؤن
٥. **سچو** سچ ڪر چاڻ اٿاهين، رامُ رجهئيندا ڪؤن

ڪافي بروه ۽ پيروي ٦٠٩

هينئڙي ڳالهيون ياد

آريءَ ٻاروچي جيون

١. ويا ويساهي نڪري

عشق ڏئي امداد

٢. پينر شهر پنيور ڪؤن

آءٌ ٿيندس آزاد

٣. انهن ٻاجهون جيڏيون!

عُمر مڙئي برباد

٤. درد مندن جي دلڙي

شال ڪنداسي شاد

٥. **سچوءَ** سندي سرتيون!

پُني سڀ مراد

ڪافي بروه ٦١٠

آءٌ اچي رَهيُ رات پلو، منهنجا يارڙي

١. راتو ڏينهان روح کي

آهي اوهانجڙي تات

Scanned by CamScanner

٢. مشر آهي مُلڪن ۾
سنديوَ ڏاڍي جات
٣. اچڻ رئي اوهان جي آهـِ
هينئڙي کي هيهات
٤. **سچوءَ** کي تنهن سرت جي
ڪاٿهون تيندي ڏات

ڪافي بروه ٦١١

آءُ ويڙهي تون تا وَسُ، ڙي ڀلو ڀُنهڻ يار ميان

١. پرين مونکي پانهنجو
ڏاها ڏي ڪو ڏَسُ ڙي
٢. نماٽيءَ جو حالڙو
پريم اچي پسُ ڙي
٣. ڪاهي ايندي ڪيچ ڏي
گولي وتي گس ڙي
٤. پوي پاڇاٽي جو ڪو
توکي مان ترس ڙي
٥. وهڻ آهي ڀنڀور ۾
بنا عشق عبث ڙي
٦. سوز اوهانجو سپرين!
سچوءَ آهـِ سرس ڙي

ڪافي بروه ٦١٢

ڪيون هيريندئين يار وي، سائين! غريبان نون

١. خبر تئيڪون درد ميڏي دي، روؤن زارو زار وي
ڪيهي ڪل طبيبان نون

Scanned by CamScanner

٢. ڏوه اسان تي ڪوئي نہ آها ٻاري، سو برهين ٻار وي
ڪوئي آکي عجيبان نون
٣. يار دي ڪارڻ سُنوري سنيان! هنجون دا ڪيتم هار وي
هوئي سڌ حبيبان نون
٤. جهٽڪان ڏيڪر آپ جهليندئين، وس نہ مئيڏا وار وي
ڪيها ڏوه رقيبان نُون
٥. سچ صريحن سُڻ سچوري، آکي ني سو هڪ وار وي
ٻيا ڪؤن قريبان نون

ڪافي بروه ٦١٣

اچي لايوَ ڪيئن، سڄڻ توتا نينهن نماڻي سان
١. ماريس انهيءَ مامري، هوت ڪندين ڪو هيئن
٢. ساتا ڪَيئي پانهنجي، جاني وڻيئي جيئن
٣. جهڙي پُنهڻ توڪئي، آءٌ پڻ ڪريان تيئن
٤. ڪان ونندي ڪڏهين، نالو سندوَ نينهن
٤. وري وهاريو ويجهڙو، سچو پانهنجي سيئن

ڪافي بروه ٦١٤

اهو ڏونگر ڏهاڻي، مون ڏوراپو تو ڏئي
١. هاري ههڙا هوت تون
تي ويجها وسارين
٢. هيڏي هوڏي تي گهمين
تون نال نہ نهارين
٣. ٻنيورؤن بيزار تي
جي سانول سنيارين
٤. پاڻ سچو تون پاڻهين
وجي ساڻن سلهاڙين

ڪافي بروه ٦١٥

وسئون تانہ وسار، ڀلو يار ڙي، آءُ اوهانجڙي آهيان ڀلو ميان

١. سڪائِي ڏي سپرين!
ڪٽي نين نهار
٢. هيڏي هوڏي نہ ڇڏين
پنهنجي ڪڍ قطار
٣. توکي ڏسان مون ڏسين
پرين کهڙي پار
٤. **سچو** صبر ۾ رهين
گوندر ڏينهن گذار

ڪافي بروه ٦١٦

هُئي نہ مون ڪل ڪائيِ، سِر انهيءَ جي ڙي جيڏيون

١. اڳ نہ سيم ڪڏهين
هي وراڻي واري وائي
٢. ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي
سائن جا سجهائي
٣. ڏوهہ ثواب جي ڳالهڙي
سڀ ويساه وڃائي
٤. سائي حقيقت حال جي
سر اچانڪ آئي
٥. **سچو** سانيج ڳالهڙي
پرين جا پُرجهائي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦١٧

رهبر روز بروز، اچن مونڊي يار جا

١. ڪنهن سان سليان سرتيون!
سُپيريان جو سوز

٢. اندر منجهہ عجيب جي
ڪيڙو سڪ سروز

٣. هيڪند ڪارڻ تي ڪريان
خاطر اندر خوض

٤. شال ڪنهين تي نہ ٿئي
سندو جانب جوز

٦. **سچو** اجهو آئيو
آرياڻي امروز

ڪافي بروه ٦١٨

طعنا سر تي سهندي هان، سرتيون! ساري لوڪ جا

١. ٻاجهون ٻاروچل جي، راتيون هت ڪا رهندي هان
٢. ڪاف منجهاروُن ڪاڪيون! لعلن لوڙي لهندي هان
٣. پسڻ بنان پرينءَ جي، ٿاه نہ ٻئي ڪنهن ٿهندي هان
٤. ٻينر هن ٻنيور ۾، ريءُ ٻاوچي نہ ٻهندي هان
٥. **سچو** سچيءَ سڪ ڪوُن، ڪيچن ڪڍ ڪهندي هان

ڪافي بروه ٦١٩

دل جيون ڳالهيون ميان! آءُ تا توسان اوريان

١. ڳجهيون ڳالهيون وو ڪريان ڪن سان الله
تڪ ويني تي توريان

٢. سڳو تنهنجي وو سڪ جو، ميان الله
ساه اندر ٿي سوريان

٣. سڪ اوهانجي وو سر ٿي ميان
ڏيهه ساريوئي ڏوريان

٤. راتو ڏينهان ڪاڻ اوهانجي ميان الله
چت ۾ چرخو چوريان

٥. اڱڻ سچوءَ جي آءُ پيارا، ميان الله
پاڻ گهٽوئي گهوريان

ڪافي بروه ٦٢٠

هيئن نہ مونکي ماريو، اوڙڪ اوهانجڙي آهيان

١. ٻانهي آهيان وو تنهنجي ٻاروچا الله، پورهيت پنهنجي پاريو
سگ نہ ٿي ڪو ساهيان

٢. آسروندي وو آهيان ميان الله، واڳ مُئي ڏي واريو
لالچ نہ ٿي لاهيان

٣. ڏاڍا ڏونگر وو لڪيون ميان الله، توه پنهنجي سان تاريو
ڇپر اڳيون نا تہ ڇاهيان

٤. آءٌ اوهانجڙي وو آهيان ميان الله، وسئون ڪيم وساريو
جوڙ اوهانجڙي ناهيان

٥. سانول انهين وو سڌ ۾ ميان الله، ڳالهين تنهنجن ڳاريو
ڪيچ وڻن ڏي ڪاهيان

٦. آءٌ اُڪندي ووهوت اوهانجي الله، سچو ڪِي سانول ساريو
ڳاه بره جو ٿي ڳاهيان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٢١

رهو مون وٽ رات، اڙي پانڌيو پرين جا

١. آءٌ اوهان تؤن صدقي، جا وائي منيو وات
٢. پسان اکڙين سان، ٻاروچاڻي جات
٣. راتو ڏينهان روح کي، تن جي آهي تاتِ
٤. هئي هميشه ساٿيو! **سچو** سندو ساٿ

ڪافي بروه ٦٢٢

ڙي جيڏيون آءٌ تا ٻيو نہ ڪندي
منهنجو پيچ پُنهونءَ سان آهي

١. آءٌ جني جي آهيان، سو تا مهر نہ لاهي
٢. ڪير ڪميڻي هوت سڄڻ سان، سگ سياپو ساهي
٣. هت وڃي تي هوت جي، وس نماڻي ناهي
٤. سوال **سچوءَ** جو اهو آهي، نينهن سندن نيباهي

ڪافي بروه ٦٢٣

تون آءٌ آرياڻي اوري، تنهنجي دامن لڳڙي آهيان

١. سِرُ پنهنجو سرتيون!
آءٌ گهرؤن آيس گهوري

٢. ڪامل ڪڌهن ڪينڪي
آءٌ ڏونگر سگهان اڏوري

٣. ڪاجا تند طلب جي
چِتُ وئين تون چوري

٤. نيو نماڻي پاڻ سان
ترُ نہ رهي توري

٥. **سچو** سگ اوهانجو
ڪيئن ڇڏي تنهنجي ٿوري

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٢٤

مونکي تايو طبيبن، ميان! ٻن ٻڪيون وجهان تن جيون

١. نظر ساڻ نهال ڪيو
هاريون حبيبن ميان

٢. آزارؤن آزاد ڪيو
اچي عجيبن ميان

٣. دل کي دلاسو ڏنو
ڪاڪيون قريبن مِيان

۴. ڏيندا **سچو** سپرين!
گوش پي غريبن ميان

ڪافي بروه ٦٢٥

خود هي اُهوئي خود هي نهين اور ڪوئي اليندا

١. طرحون طرح تماشا اپڻان جو آپ ڪريندا، منصور هوڪي ويڪو سولي اُپر چڑهيندا
٢. عاشق ٿيوي آپ تي ڏيک حُسن اپني ڪون، نعره اناالحق دا وچ بيخودي مريندا
٣. ڪيا وصل ڪيا هجر وچ آپي جو آپ هوندا، وت عشقدي اَلنبي آسمان پر اُڏيندا
۴. مئڪون قسم مُصحف دا هويا قسم هادي دي، نهين دوسرا بي ڪوئي اوئي ڏيکيندا سُٹيندا
٥. موسيٰ فرعون هڪو اهو پول ڪوئي رکا هئي اهو، سيڪنهين صورت وچ پوليان لکين پوليندا
٦. ڪافر مومن اُهوئي اس ۾ نهين تفاوت، ڪڏهان پوٿيان پٽيندا ڪڏهان وت ورد پڑهيندا
٧. سينگار ڪر بازاريان لاءِ تلڪ آپ پيٺا، سؤدا سلف تنهين وچ آپي جو آپ ڪريندا
٨. عالم ڪُون چڑهم مُناري واعظي وعظ سناوي، مُلان بي هو مهت وچ بانگان بُلنديان ڏيندا
٩. لشڪر پچون تي لاءِ ڪي آپ بادشه سڏا وي، وت خرقه پهر آئندا درويش آپ سڏيندا
١٠. هر ڪوئي آڪي مئيڪون اهو جسم جان گم ڪر، گم ڪنون پچي تا آپي اُهو خود لَهيندا
١١. عبرت رهي اسان ڪون اِهوئي سخن بجا نهين، هئي جسم جان اهوئي ڪُوڑي حرف بنيندا

Scanned by CamScanner

۱۲. جانِن جسم ڄاڻ ڪنهندا ڪهڙي طرفون جو آيا، آپڪون جو آپ ٻٽايس ڪس واسطي ٻُلينِدا
۱۳. جنگ و جدل اُهوئي اوئي صلاحيت وچ، بيرنگ وچ رنگان دي اِهي چاليان چلينِدا
۱۴. **سچو** تون ڪٽ نهين اندر ٻاهر اُهوئي، بدنيڪ اوئي ڪريندا تون آپ ڪيون ڳٽينِدا

ڪافي بروه ٦٢٦

مُنهنجو هئينڙو هوتن ساڻ، ڪهڙي ڪريان ٻي آءُ تا ڳالهڙي ڳالهڙي

۱. وندر سندي واٽ تي
پُرزا ڪنديس پاڻ
۲. اچي لڳو مون اوچتو
ٻاروچي جو ٻاڻ
۳. دعا ڪريجو جيڏيون!
شال موٽي مُئي جو ماڻ
۴. ويڙو درد فراق جو
ڏئي ڏکيءَ کي ڏاڻ
۵. اڳڻ ايندو تانهنجي
سچو سو سرواڻ

ريختو بروه ٦٢٧

اس چشم سورے، ایسا اسرار دیکھا تھا
بیچ ابر کے، آفتاب کا انوار دیکھا تھا
جس نور کی تجلی، سارا طور جلایا
اس دل کی گلی میں، اوئی چمکار دیکھا تھا
۲۔ جس جاء سے علمائوں، پرہیز کیا ہے
تس جاء میں سر نور کا، جھلکار دیکھا تھا
۳۔ بے فکر بہ ہر ذرہ، نہ دیکھن ہے مناسب
ہر شے کی نگہ ہم نے، ذوالفقار دیکھا تھا

Scanned by CamScanner

۴۔ از دیکھن ہادی کے، سارا کام میرا تھیا
اس صورت مرشد کعی سوں، دیدار دیکھا تھا
۵۔جیوں سورج کا نور، ہر جا ہے برابر
تیوں ہر مظہر اس کا، انظار دیکھا تھا
جس کوئی آیا ہے، اس رنداں کے بزم میں
یکبار ہوا منست، نہ ہشیار دیکھا تھا
۶۔ کہہ کلمہ اناالحق کا، یکبار یقیں سے
منصور یہ اسرار، اوپر دار دیکھا تھا
۸۔ تس بحر میں آیا ہے، سچو جس نہ کنارہ
اس بحر میں عشاق، نگونسار دیکھا تھا

ریختو بروه ٦٢٨

ایک دن بزار میں، میں دیکھا عجب نظارا
طفلاں کے ہاتھ میں رے، بلبل ہوا بیچارا
۱۔ پر بال رشتہ سیتے، اس نے کیا ہوا محکم
تڑپن سے اوئی نہ چھوٹے، کرتا ہے لکھ پکارا
۲۔ ہم حال اس کا پوچھا، کہہ بلبل ہمن سوں
کس جاء آپڑا ہیں، چھوڑیئی چمن ہزارا
۳۔ ہس ہس ہمن سے گویا، ہویا ہے تجھ خبر نہیں
عاشق جو کوئی ہوا ہے، جانے حال وئی ہمارا
۴۔ دم عشق جس نے ماریا، اس گلے پڑی ہے گاری
سر جان صدق سجن پر، سچو سریر سارا

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٢٩

نينهن ڏاڍي سان لايوسي
آءُ تا هاڻي ڪيئن ڪريان
١. عشق سولو سرتيون!
هت پينر پايوسي
٢. پڇي اسان جا پڪڙا
اديون اجهو آيوسي
٣. پينر شهر پنيور جي
هت طعنن تايوسي
٤. جو ڏنائون جيڏيون!
سو پلئي پايوسي
٥. سوئي سچو سرتي
ڄاڻي ڄمي ڄايوسي

ڪافي بروه ٦٣٠

اسين آهيون ڇا اسين آهيون ٻيلي. نتا ڄاڻون ڇا اسين آهيون
١. ذري باران برساتيون لايون، ذري ٻرن تيون وڏيون باهيون
٢. ذري پڙهون تا نمازان روزا، لوچ متي تؤن ذري لايون
٣. ذري چئون تا آهيون سيئي، ذري چئون تا اصل ناهيون
٤. ذري آرام آهي هن دل کي، ذري وهايون نيڻؤن واهيون
٥. ذري چون تا اسان ڀاڻ سڃاڻون، ذري چون تا اسين ڇاهيون
٦. سچو اصلؤن سوئي آهين، ٿاه هتي ٻيو ڪيهو ٿاهيون

ڪافي بروه ٦٣١

ڪوئي نہ آندا وي يار دي پارون، ڪڏهان خاطي سگها ساٿي
١. سڀ سيان دي وچون لوڏ سڄڻ دي، مايو اسان وو سڄاتي، هُڻ ڄاتي

Scanned by CamScanner

٢. ويجهو وهاري دوست پيارل، اندرون وت جهاتي، ڏيکو پاتي
٣. نال اساڏي روز ازل کنون، رمز رانول هي لاتي، دل ڦاتي
٤. ٻيان ڳالهيان سڀ وسر ڳيان عشق ڳڏي ميڏي چاتي، دن راتي
٥. ڏوه ثوابون زُهد ريا ٿون، دل **سچو** هُڻ چاتي، ڏيک ذاتي

ڪافي بروه ٦٣٢

محبت مست مجنون ڪيا ڪئين خاصا خماري لو
١. اصل ڪؤن عاشقن آهي، مٿي سُوريءَ سواري لو
٢. هُئي هڏ شال منصوري، جريده راه جاري لو
٣. هتؤن مُنهن سانـ موريندي، هوندي ڄا وره واري لو
٤. سنو جو مير محبت جي، ڪُنن کي کوٽ ڪاري لو
٥. جنين کي جوش جاڳايو، تنين کهڙي تياري لو
٦. ڇڏي هي عيش عالم جا، هلياسي هڪواري لو
٧. پياسي هُوءِ حيرت ۾، ڇڏيئون سُڌ سار ساري لو
٨. بره جي باب ڏِسَ تن کي، سيا وائي وساري لو
٩. سدا تن آهي ساجن جي، اچڻ جي انتظاري لو
١٠. **سچيڏنـ** سمجهہ کي اتهين، متان ٿئين هُتِ مياري لو

ڪافي بروه ٦٣٣

ڪڏهن الاجي ايندا
يار سانگيڙا ميان
١. سگهي اچڻ جون ڪانگ اسانکي
اچي واڏايون ڏيندا
٢. ڏئي دلاسا دل منهنجيءَ کي
نال نماڻي نيندا

Scanned by CamScanner

٣. اِهي اُميدان آهن اسانکي
هڪ ٽڪيءَ سان ٽيندا
٤. ڪين ڏسندا ڏوهن اسانجن ڏي
بديون سڀ بخشيندا
٥. آهي اوسيئڙو اکڙين کي
گولي ساڻ گڏيندا
٦. ڪيچ وٽن ڪؤن پتي سي پکڙا
آٽي هت هُو تہ اڏيندا
٧. جيهو تيهو **سچو** سندن آهي
پانهنجو ڪين ڇڏيندا

ريختو بروه ٠ ٦٣٤

دوست میرے گھر جھاتی پا کے، درد ہمن سوں لاءِ گیا
بڑچھیاں نیزا سڑ گاں والا، سینے میں سٹکاءِ گیا
١۔ وہ وہ کر سینگار سجن، میرے ساتھ اکھیں اٹکاءِ گیا
غمزے رمزے نازے سیتے دل، ایک واری چٹکاءِ گیا
٢۔ سنو سہیلیاں حال میرا، مجھ کوں رے صنم پھتکاءِ گیا
پیچ زلف کے وچ ہماری، دلبر دل انکاءِ گیا
٣۔ کُو کُوں آہ فریاد سیتے، مجھ کوں رے سجن ھٹکاءِ گیا
بحری باز بر ہیں کے باشے، طرف میری چھٹکاءِ گیا
٤۔ کس کوں میں فریاد کروں، جو کنڈی دل اٹکاءِ گیا
سینے وچ سچُو کے آتش، برھے کی بھڑکاءِ گیا

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٣٥

رانجھن جھنگ پچايا وي پچايا

الله ٻيلي تنهندا سو الله ٻيلي

١. ڳالهين سڻ ڪي سيالين واليان

ڏاڍا تنهن ٻُور پرايا پرايا

٢. تخت هزارا ڇوڙ ڪراهڻ

ڪنڌي چناه وي آيا آيا

٣. مال ملڪ تي ملڪ خزاني

تنهن لحظي وچ لٽايا لٽايا

۴. رانجھن سائين نال هيري دي

مولي سو آڻ ملايا ملايا

۵. سوز سهڻي دا حاصل هويا

سچو دا بخت سوايا سوايا

ريختو تلنگ ٦٣٦

کیا کروں میں، جو میرا کوئی اختیار نہیں

ہائے ہائے پاس میرے، آج وہ دلدار نہیں

۱۔ مجھ کوں اس ہجر لیا، دیدوں کسی کوں فریاد

ہائے ہائے حال میرے، جو یکدل یار نہیں

۲۔ نبض دیکھن سے افلاطون، سوں لیا بے خبری

ہوۓ ہوۓ کرنے رہیا، مست سو ہوشیار نہیں

۳۔ یار بن ہے زندگی، ایسی مجھ کوں عذاب

خاک ہے دیدہ اسی میں، جسمے دیدار نہیں

۴۔ یوں کہا یار سچُو، تجھ کوں میرا درد نہیں

روۓ روۓ ہمیں، پڑا ہوں، تو بھی اعبتار نہیں

Scanned by CamScanner

ريختو بروه ٦٣٧

ميري جند جان قربان هے، دلبر تيرے ديدار پر
ميرے حال كي تجھ كوں، تيرياں خوبي كريں گياں خوشخبر
١۔ تيري آنكھيں كے ظلم كا، هوكا پھرے گا دربدر
چھٹ كے خدنگ مزگاں كا، كيتا ہے ميں سينا سپر
٢۔ ميں كون ايك مسكين هوں، تيرے ہرہ سے بے خبر
زوري زلف كے پيچ ميں، تھيا قيد دارا سكندر
٣۔ لقمان افلاطون كيا، ديوانه نيناں كي نظر
ساجن اسي سنسار ميں آئينه تم مارن مگر
٤۔ تس كوں خبر اس سر كي، جس عشق كا ہوتا اثر
سر جهل سچو اس راه ميں، مقصد تيرا سارا صبر

كافي بروه ٦٣٨

كيهي لاءِ ڳيا پرديسڙا
توبه توبه پرديسڙا
١. اپڻي نال دل اساڏي
هكواري چاءِ ڳيا
٢. روز ازل كنون اسان نماڻيان تي
بار بره دا آءِ ڳيا
٣. عقل علم تي شرم حيا كون
عشق سجن دا كهاءِ ڳيا

Scanned by CamScanner

۴. جو ڪجھ هيئي عشق هيئي
ڳالھ سڄن سچي فرماءِ ڳيا
۵. ڳالھ عشق دي يار پيارل
سچو ڪون سمجھاءِ ڳيا

ريختو تلنگ ٦٣٩

تیرے آون کا مجھ کوں، یہی انتظار ہوناں
تیرے مکھ دیکھن کے کیتے، دل بے قرار ہوناں
١۔ اس دل میں عشق تیرے وہ شور شر مچایا
تیری ہجر سوں روون، مجھ بار بار ہوناں
٢۔ سولی اُوپر چڑہیا ہے، منصور اس درد سیں
پیوں شراب سیتے، خونی خمار ہوناں
٣۔ چشماں تیریاں شکاری، مجھ کوں قتل کریں گی
تجھ کوں نی عاشقاں کا، شوقِ شکار ہوناں
۴۔ تجھ بن نہیں کائی طاقت، مجھ کوں رے اے سریجن
روز ازل سے یوں میں، بے اختیار ہوناں
۵۔ عاشقاں کی آہ سیتے، تجھ کوں کنارہ لینا
یہی آگ عشق کی میں، شور شرار ہوناں
٦۔ سچُو بے چارہ کیا ہے، آشفتہ تو صنم کا
عاشق تیرے درسن کا، کوئی لکھ ہزار ہوناں

ريختو بروه ٦۴٠

تیرے ملن کے کیتے، میں منتظر ہوا ہوں
بے زر غلام تیرا، ہم سر بسر ہوا ہوں

Scanned by CamScanner

۱- پھر دیکھ طرف میرے، تجھ بن پھروں اداسی
تیرے کیتے گداگر، میں دربدر ہوا ہوں
۲- رو ون تیرے ہجر سیں، دن رین ہمن ہوتا
حبل الورید سیتے، ہم بے خبر ہوا ہوں
۳- امید ہے فضل کی، تجھ میں ئی عاشقاں کوں
لاتقنطو من رحمت، میں بے خطر ہوا ہوں
۴- دوری نی ہمن جاتی، کوئی دم نہ دور تم ہیں
تیرے کرم کے سیتے، ہم درد نظر ہوا ہوں
۵- فریاد اے سریجن، سن نائو خدا سچو کی
آءُ دیکھ حال میرا، کہ اندر شرر ہوا ہوں

ڪافي بروه ٦۴۱

سرتيون ڏين صلاحان، چت تون چرخي لائين
آءٌ ڪتان ڪي ڪانگ اُڏايان
۱. راتو ڏينھان روان انھن لڳ
پرين جي ٿيئم پراھان
۲. دل جميعت تڏهن ڪي ٿيندي جڏهن ايندا
ڪي هوت اڳاھان
۳. اديون اُنھيءَ جُون، ويٺي اچڻ جون
روز نھاريان ٿي راھان
۴. والي ورائين وري پنيور ڏي
سُڻي اسانجون آھان
۵. ڪيون قبوليت سيئي سچوءَ جون
سائين عرض اِلاھان

ريختو بروه ٦٤٢

اگــر اپــنــا قــدر جــانــو،سپــه سٰــالار تــم هــو گــا
كيــا انــدر اوكــي بــاہــر،ہــمــه اظهــار تم ہو گــا
١- عـجـب ہے بات بـاطـن كي،بگوش دل كے تم سن كر
يـقيـں كــے آءُ ميـداں ميـں،اصـل اسـرار تم ہو گـا
٢- گـمـان كـر ٹـوٹ آو يـكهـن،دوئي كـر دور وادي سے
جسـي كـي طـلـب كـرتـے ہـو،اوئي تكـراتـم ہـو گـا
٣- اسي جگ سوں جو مطب كر،چلے منصور مستي سوں
تـصـدق سـوں انـاالـحق كـهـه سبهـو دلـدار تم ہـو گـا
٤- سـولـي پـر وه چلے حلاج،فارغ ہوا سو ہستي سوں
كـمـر بـنـد انـا احـمـد كـي،نـه ڈر نـروار تـم ہـو گـا
٥- كيـا كيـا كـام سـكـنـدر جو،سارا مـلك لے جاتا
پـكــڑ لـے مـلك دل كـا تــم،سـكـنـدر وار تم ہـو گـا
٦- رمـوز يسـمـع و يبـصـر،تـحـقيـق ميں صحي كـرنـا
عـجـب كيـا جـانتـا نـاہيـں،يـكـايك يـار تـم ہـو گـا
٧- سـچُـو كـي ذات مـعـلوم ہے،سچُو سچ ہے جو اوئي ہے
نـہيـں كـوئـي دوسـرا دلبـر،اوئـي دلـدار تم ہـو گـا

ريختو بروه ٦٤٣

ميـتهـا جـب سـر اول كـرنـا،عشـق بـازار آون كيـا
نـه كـجـهـ ديويں نه كجهـ ليويں،اسي سودے ميں جاون كيا
١- كهـڑا ہے يـار چـوسـول ميـں،ديـكـهـن آيا تماشے كوں
نـكـل كـر جـان سـرصـدقـه،عـاشق اب مكـهـ چهپاون كيا

Scanned by CamScanner

۲-تیکون حاصل نہ کب ہووے، ایسارے اور کوئی سودا
دیویں سر دوست تب لیویں، خریدی اس میں تاون کیا
۳- بہت عاشق یہی سودا، کرن آئے ہیں خواہش سیں
سودا لے اسی سوں، آگے اوراں سودا کماون کیا
۴- گرم بازار دیکھن سے، ملاحظہ سرکار کرتے ہیں
ایسی سوداگری میں سچو تب پائوں پاون کیا

ريختو تلنگ ٦۴۴

ناو نوش دارو، مجروح کی دوا ہے
یہی اصل عاشقاں کو، اس درد کی دوا ہے
۱- یہی ہے طریق مشکل، آسان نہیں رے جانی
دم عشق کے میں یارو، جور و رے صد جفا ہے
۲- سر کی چھوڑین تمنا، جب راہ عشق کی پوچھیں
خونریزی عاشقاں کی، دوستوں کو یہی روا ہے
۳- اس کوں خبر نہیں کائی، اس قرب کی وے یارو
یوں جو کوئی کہے رے، معشوق بے وفا ہے
۴- آشفتگان ہزاریں، قربان سر کیا ہے
سچو بے چارہ مسکین، درگاہ کا گدا ہے

ڪافي بروه ٦۴۵

اوهين پهنجو پاڻ آهيو، ننگ نباهڻ وارا

١. هي نماڻي وي عيبن هاڻي، هٿ مٿؤن مون نہ لاهيو
نيڻ وهائن نارا

٢. عاشق سندوَ آهن اُداسي وي، چاه منجهؤن سي چاهيو
وره ڪيا ويچارا

Scanned by CamScanner

۳. ميلائي جو وي مشتاقن سان وي، تاهم ڪو سگهڙو تاهيو
مَرُتــا ڪــرن نــظـــارا
۴. اصل لاڪون وي آهن اوهان تي وي، پاڻ پرين پُرجهايو
ڪــم سچوءَ جا ســـارا

ڪافي بروه ٦۴٦

اڪـــيـان جو ڪـوئـي ڪـولـي
نـهـين سـو دلـبـر اولـي

۱. ڪؤن ڏيکيندا، ڪؤن سٹيندا
ڪـؤن زبـانـون بـولـي
۲. خلق الا انسان علي صورته
يـن پـئـي سـب پـولـي
۳. سـولـي آتـي سـهـين چڑهـيـا
شاه ڪيئي اهين شعلي
۴. ذاتـين دي وچ ظـاهـر هـويـا
ڍَڪُ ڪيتا ڪيها ڍولي
۵. ڪِس ڪـيتـي سـڻ سچيڏنا
چاڪ ڪـريـنـدئـين چولـي

ريختو بروه ٦۴٧

ڪــانـگـے مـجـھ کـون خبر کیتی، اب یـار میرے گھـر آویـگـا
آویـگـا ول جـاویـگـا، پھـر تـجـھ کـون بـره بـجـاویـگـا
۱۔ یـار غیـور ضـرور اول سـے، عـاشـق کـو آزمـاویـگـا
پھـلـون مـکـھ وکھـاکـے ول ول، سیتـے هـجـر اڑاویـگـا
۲۔ دم دم دوسـت دلاسـا دے کـر، پیـالا سـوز پـلاویـگـا
کـس دن آپ دکھـاویـگـا، پھـر کـس دن آپ چھپـاویـگـا

Scanned by CamScanner

۳۔ سچو تجھ کوں دلبر اپنا، اپ دیدار دکھاویگا
جب تب اول آخر ساجن، پاؤں تیرے در پاویگا

ریختو بروہ ٦۴٨

کانگے سجھ کوں خبر کیتی ،اب یار میرے گھر آویگا
آویگا ول جاویگا،پھر تجھ کوں برہ بچھاویگا
۱۔ یار غیور ضرور اول سے ،عاشق کو آزماویگا
پہلوں سکھ دکھالے ول ول، سیتے ہجر اڑاویگا
۲۔ دم دم دوست دلاسا دے کر،پیالا سوز پلاویگا
کس دن آپ دکھاویگا،پھر کس دن آپ چھپاویگا
۳۔ سچُو تجھ کوں دلبر اپنا،آپ دیدار دکھاویگا
جب تب اول آخر ساجن،پائوں تیرے در پاویگا

ڪافي بروہ ٦۴٩

اي اچي ڏس حال منھنجو
آ اچي سڻ عرض ھي
١. نينھن مون کي نيو طاقت نہ ڪاتن کي رھي
مشتاق جي مارڻ سندو آھي اوھان کي عرض ھي

Scanned by CamScanner

٢. ڏاھا وڃي ڀيا چو پڇان مون تا پروڙي ڳالھڙي
درد ڀيو مون کي نہ آھي محبت تنھنجي جو مرض ھي
٣. دل کسي مون کؤن وئين موڻي نہ آئين چا چوان
سُڌ لھو ساجن اڇي آھي اوھان تي قرض ھي
٤. آ اڇي امام ٿي تو تي اسان نيتي نماز
سر کرڻ صدقي اوھان تؤن آھي **سچوءَ** تي فرض ھي

ڪافي بروه ٦٥٠

جاني جواب نہ ڏيندا
عرض اساڏيدا سائين
١. بي نيازي دي نال پيارل
اسان ڏھون نہ ڏيکيندا
٢. جي مئين آکان حال اپڻا
تاپي نہ يار اليندا
٣. پاند ڳچيءَ وچ جي مئين پانديان
جھٽکا ڏيکي جھليندا
٤. ھتين پي پونديان پيرين پي پونديان
تذھان پي نال نہ نيندا
٥. سُنوري سنيان ڳالھين مُحب ديان
مار ويچاري کون ويندا
٦. رمزان غمزان دي مؤج کرا ھُڻ
ڏاڍي سو ستم سھائيندا
٧. سوال **سچو** دا جڏھان تذھان
سارا سو مُحب منيندا

Scanned by CamScanner

ريختو بروه ٦٥١

ایسی رے جمعیت سے حیران ہوں بیران ہوں
کب پشیمانی میں ہوں گہ گاہ پریشان ہوں
۱-کعبہ کنشت دور ہے منزل میری کوئی اور ہے
بدنام ہوں بدکار ہوں صورت میں گر انسان ہوں
۲- ہنسنا کب رونا کب خوش رہوں تصدیع پر
تسبیح کی خواہش نہیں زنار پر خندان ہوں
۳- نہ ورد خوان نہ متقی زاہد نہ ہم عابد ہوا
مجنون ہوں مفتون ہوں مستانہ ہوں دیوانہ ہوں
۴- نہ دین کوئی میرا ہوا، مذہب ملت سے دور ہوں
بذکار نیکوکار میں ہرگز نہیں میخانہ ہوں
۵-پہروں قبا کب اطلسی، فرقہ ہماری شان ہے
بلبل ہوں کب گل بوستاں ہم شمع ہم پروانہ ہوں
۶-قاضی نہ مفتی میں ہوا ملا نہیں میں محتسب
ملحد اور کافر ہم رہوں، مومن نہ مسلمان ہوں
۷- صورت بشریت میں ہوں ظاہر گداگر ہو رہوں
باطن پچھانے کو میرا سلطان ہوں سلطان ہوں
۸- اس دینداری سوں رے میں بیزار میں بیزار میں
میر غیر اللہ کے نہیں جناں یا سبحان ہوں
۹- سچو ہمارا نام نہیں نامی ہمارا پاک ہے
معشوق سروپاء ہم گوئے ہم چوگان ہوں

ڪافي بروه ٦٥٢

تو ڪيئن اُهي وسري ويا، جن تي ڪارُون توسان ڪيان

١. پانڌي پرين جي پارڏنهن، آندي خبر اِها يار ڏنهن

Scanned by CamScanner

آيـو اصـل اسـرار ڏنـهـن، دوسـتن سـنـدي دربـار ڏنـهـن
٢. ڪيئن تون پئين ٻي ڳالهہ ۾، هئي جيءُ وڏئي جنجال ۾
چئـو آهـين ڪـهـڙي خيـال ۾، رهـين هـمـيـشـه حـال ۾
٣. ڳالهيون سچڻ جون ياد ڪر، دل ساڻ سڀ عاشق اپر
تـاتـو اچي نـازڪ نـظـر، هَي هَي مـتـان ٿـين بـيـخـبـر
٤. بيڪس فراق جي فال هئي، ڪا ڪين تنهنجي ڳالهہ هُئي
تـو گـڏ جيـڻ جي جال هُئي، اچ تـو نـہ تـن سـنـيـال هـئـي
٥. اتي وساريئي ڪيئن ويهي، جي ڏيهہ هُئا تهنجا ڏيهي
تـوڪي آئي مصلحت ڪـيـهـي. هـاڻ پـاڻ اچ ايـنـدا پـيـهـي
٦. **سچو** مـتـان دلـگـيـر ٿـئـين. اچ پـاڻ فـرمـائـيـون ائـين
طـالـب وجي تـسـلا ڏئين. مـعـافي مـدايـون ڪـيـون مـئـين

ڪافي بروه ٦٥٣

هڪ ڏهاڙي پير مُغان مونکي ڳالهہ ڳجهي فرمائي

١. سـلـڻ جهـڙي نـاهـي سـا، جا پـاڻ پـريـن پُرجهـائـي
٢. عـام نـہ مـجن ان ڪـي، جا صـاحـبن سـمـجهـائـي
٣. مٿ منجهارؤن مَئي جي، تنهن ساقي سرڪ چڪائي
٤. پـيـالـي مـؤن پـرواز ٿـيـو، واءِ وئـي ٻـي وائـي
٥. عـبـد چاتـو ٿـي وو جنـين، تـن بـازي هـٿ هـارائـي
٦. حق ڪؤن حق نـصـيب ٿـيـو، ٿـي مُدعـا **سچو** سيائي

ڪافي بروه ٦٥٤

واعدا اُهي اچ يادپيا مُون سان قريبن جي ڪيا

١. ڳالهيون ڳجهيون اُهي يار جون، اصلون ٻڌيم اسرار جون
سي ٿـيـون سـڀ اعـتـبـار جون. دل ۾ رهـيـون دلـدار جون
٢. والـي اهـو واعـدو ڪـيـو، جو ڪـم چيـوسـي سـو ٿـيـو

هڪ ٻول تُوسان ٻيو، وسري نہ مونکؤن سو ويو
٣. فائق وري فرمائيو، تو سر اسانجو سائيو
اِهو ڏسڻ مون آئيو، دل ساڻ سو مون لائيو
٤. **سچو** سدا سرهو رهين، هن ٻول اسان جي تي ٻهين
تون ٺاه تا هن تي ٺهين، سر بار برهي جو سهين

ڪافي بروه ٦٥٥

مئين ناهيان، مئين ناهيان، قسم سچي صاحب دا
١. آهيان وچون ناهيان، ٿيندڀان ناهيان وچون آهيان
٢. طلسم نقش نقاش چاڙين، ويکو رنگ الاهيان
٣. غوطي ڏي وچ غوطہ مارن، ڪيئي ڪج ڪلاهيان
٤. اِهين ڪُوچي وچ سنيان سنوري، گم هويان بادشاهيان
٥. شاه محمود دا مال لتيو ني، **سچو** سچ سپاهيان

ڪافي بروه ٦٥٦

هوت غريب نماڻي، اِتي ڪيئن وساريئي ميان
١. اڱڻ آسروند جي آءُ تون پاڻون چاڙي
هوت سڻي چو ماريئي ميان
٢. وندر جن وڻن ۾، حُب منجهؤن هوتياڻي
مُون تا گهڻو نهاريئي ميان
٣. ٿورا گهڻا ڏينهڙا، هِن عاجز سان آرياڻي
مان گڏ گذاريئي ميان
٤. آتي هلي هيڪلي، پرت منجهؤن پاچاڻي
جڏهين سانول ساريئي ميان
٥. چڏي وئين چپرين، ڪيئي پنهون چام پچاڻي
هي ڪيئن آزاريئي ميان

Scanned by CamScanner

٦. **سچو** سگ اوهانجو، سائين لڳ سجاڻي
پنهنجي ڪڍ قطاريئي ميان

ڪافي بروه ٦٥٧

آءُ ڪا رهندي هوتن ريءَ
هونديس سانول ساڻ
١. لون لون منجهه لڳي رهيو
وو پاروچاڻو پاڻ
٢. وندر سندي واٽ تي
پرزا ڪنديس پاڻ
٣. ڏير ڏئي ويا ڏک جو
هن ڏکيءَ کي ڏاڻ
٤. درد مندي داهون ڪري
چيتڪ ڪيڙس چاڻ
٥. مانَ اچي تئي ڪڏهين
هِن مُئي جومهماڻ
٦. **سچو** سگ اوهان جو
سوتہ پنهنجو چاڻ

ڪافي بروه ٦٥٨

ڙي جيڏيون هوتن ري
آءُ ڪنديس ڪوه رهڻي
١. اندر وره وٺاڻ ڪيا
لون لُون منجهہ لهي
٢. چڙي شهر پنيور کي
هي ويندي ڪيچ کهي

۳. ڪونهي ڪوهيارل ري
سرتيون! هت سهي
۴. قول پاريندو پانهنجو
ڪيو ٻاروچل ٻهي
۵. **سچو** گڏيم ساٿڙا
پنڌن منجهه پهي

ڪافي بروه ٦٥٩

پرين نا ٻئي پار، ميان جانب تنهنجي جان ۾
۱. سبق ڏيئي سُور جو، ڳتابي نه ڪار
۲. حرف صحي ڪر هيڪڙو، ورق سڀئي وار
۳. نينهن وارن ڪي ناحقي، مُلا هيئن م مار
۴. راتو ڏينهان آهي توئي ڪي، ڪتابن جي ڪار
۵. پاجهون نالي نينهن جي، **سچو** سبق وسار

ڪافي بروه ٦٦٠

پُرجهي پاڻ نه جاڻان
ڪير آهيان يار ڙي ميان
۱. مورت موڳائي ڪئي
صورت تان نه سڃاڻان
۲. ڪنهن تا ڳالهيون ڪاڪيون!
تياسين هت اڃاڻا
۳. جان جُٺو دل سيوئي
آڏا تيم آڏاڻا
۴. ڏنم ڏاڍي ڏک سان
عشق جا اوراڻا

Scanned by CamScanner

٥. خام خيال ني سُڻ **سچو** ري
انـــهـــيءَ فـــكـــر اُڏاٽـــا

ڪافي بروه ٦٦١

اُهـو بـر ٻـي بـازر آءِ جتـي ديـرو دوسـت جو
١. ڏونـگـر ڏولـي ٻـائـيـان، سـپـيـريـان جي سـاءِ
٢. چمـنـديـس چپـن سـان ميان! سـنـدي جانب جاءِ
٣. محبت محبوبن جي ڪارڻ، هينئڙي کي هاءِ هاءِ
٤. ويـنـي ڪـانـگ اُڏايـان، لـڪـين لـعـلـن لاءِ
٥. مـونـکـي ڪـيچ وٺـن ۾، نـئي پـانـديـڙا پـهـچاءِ
٦. سـاٿـي سـپـيـريـن سـان، هـي گـداگـر گـڏاءِ
٧. **سچو** سـچـڻ کـي مـيـان! پـانـد ٻـچـيءِ ۾ پـاءِ

ڪافي بروه ٦٦٢

ڙي جيڏيون هاٽي گهوريم
هـوتـن ري شـهـر ڀـنـڀـور
١. لائـيـنـدا وو لُطف سـان
هـــن ڏڪـــي، ڪـــي ڏور
٢. هـــي هـالاٽـــي ان جـــي
شـــعـــلـــي وڏڙو شـــور
٣. مِنت نـہ منهنجي موٽيا
زاري نـــــ آهـــــي زور
٤. درسن ساڻ دفع ٽـيندو
ســنـدو هـيـنـئـڙي هـور
٥. **سچو** سـنـدن راه تـي
هـــڪ جفـــا ٻـــيـــو جور

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٦٣

حال معلوم توکي هيئي، آءٌ تا وس نہ وينياس

١. پرين تنهنجي پار ڏي، قاصد مُنجان ڪيئي، ايڏنهن مُنهن ڪيون بيٺياس
٢. ڇڏي وڃ نہ ڇپرين، مُنج دلاسا ڪي ڏيئي، تنهنجي محبت مارياس
٣. ڇئي ٻُڌايان سرتئين، هن سپاجها سيئي، آءٌ تا وار نہ وسرياس
٤. پاٽؤن پري نہ ڪرين! آءٌ پلئي اوهان جي پيئي، تهنجي پکي ني پيٺياس
٥. ساٿي ڏيج **سچوءَ** اهي، نياپا تون نيئي، آءٌ تا گهٽو اُڪنڊياس

ڪافي بروه ٦٦٤

ڙي جيڏيون! هاٿي هوت وياجي وو سي موٽي مان اچن

١. دُعا ڪريجو جيڏيون! پري نہ هوت وڃن
٢. سگها موٽن پوئتي، اچي ويڙهي هن وسن
٣. وڃي ڪيچ وٺن ۾، پورهيائت پڇن
٤. ڪيچي ڪميٽيءِ جي، هُت ڪچي شال نہ ڪن
٥. **سچو** اصلون آهي، سرتيون! سگ سندن

ڪافي بروه ٦٦٥

منهنجو پنڌڙو پهہ آهي، پلو سرتيون! سانول سانڻ

١. سو تا چنڻ جيهو اصل ڪؤن ناهي، آهي سگ تہ پنهونءَ سانڻ
٢. ايندو، اٿم آسرو، آسر هڏ نہ لاهي، ٿيندو مُئي جو مهماڻ
٣. ڇڏي شهر پنيور ڪي، ڪيچ ويندي هي ڪاهي، لڳم ٻاروچي جو ٻاڻ
٤. هي ڪميٽي ڪوڙي، سگ ڪا ساٿن ساهي، پر پرين ڏسندا پاڻ
٥. **سچو** چاڻ صحي ڪري، توڙي باب سندن هي ٿاهي، تہ يي نيندا سپاجها ساڻ

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٦٦

دل آپـنـي سـنـيـال، تـيـڏا عـشـق ڪـٽ لـڳا
١. ديـن ڪُفر تـي ڪُل مذاهـب، هيئـي سـو سـارا ٺـڳا
٢. سـروپـاءِ ٺـي اڳـهـاڙا، وره سـارا هَئـي وڳا
٣. ونحن اقرب سُڻ **سچو** ري، هيئي سا تن ڪُون ٺڳا

ڪافي بروه ٦٦٧

هوت اِچج هت هاٽي، پانهجا ڏک ڏسينديس ميان
١. دوست اوهانجڙي آهيان، ميان الله، سائين لڳ سُڃاٽي
پـاڻ ڳـولـين ڳـڏيـنـديـس مـيـان
٢. تون تـا صاحب وو سپرين، ميان الله، هي سا نانؤ نماڻي
توکي سائين سڏينديس ميان
٣. پـکـا پـکـن وو سـامـهـان، مـيـان الله، آريـاڻي مُون آٽـي
تـوکـي اوڏا اڏيـنـديـس مـيـان
٤. پُکي لڳيس وو تانهنجي، ميان الله، حُب منجهؤن هوتياڻي
آءُ ڪـاپـانـد ڇـڏيـنـديـس مـيـان
٥. **سچو** اوتـي وو سـپرين، مـيان الله، پنبڙين مؤن پـاٽي
ڏک ڏوراپـا ڏيـنـديـس مـيـان

ڪافي بروه ٦٦٨

آءُ اوهـانـجڙي آهيان، مـونـکـي ڪـيـم وسارج مـيـان
١. دوست اوهانجي وو در تي، ميان الله، مران تا نابرناهيان
پـنـهـنـجي ڪـڍ قـطـارج مـيـان
٢. ميلائي جي وو مُون پرين، ميان الله، لالچ هڏ نـ لاهيان
ڪـٽـي نـيـڻ نـهـارج مـيـان

Scanned by CamScanner

۳. سچو ٻڌي وو سندرو، ميان الله، ڪيچ وڻن ڏي ڪاهيان
اچي گـــڏ گـــذارج مـــيـــان

۴. هي ڪميٽي وو ڪوڙي ميان الله، سگ ڪو ساٿوَ ساهيان
پانهنجي وٺ وهارج ميان

۵. سوال سچوءَ جو وو اهو آهي، ميان الله، نينهن سندوَ نيباهيان
پانهنجو سگ سنيارج ميان

ڪافي بروه ٦٦٩

پير اسان وٽ پاءِ، سڪندي سال اوهان کي گذريم

۱. هي هت هجر هلاڪ ڪيو، آهي هينڙي کي هاءِ هاءِ
۲. حال نہ هن جو ڪو هُئو، تنهنجي بره ڪيو برپاءِ
۳. راڳ رڳن ڪي تانهنجو، راتو ڏينهان آءِ
۴. اچي نظر ڪون پيو، سانول تنهنجي ساءِ
۵. عرض ڪريان آءٌ ڪهڙو، تون جاني آهين هر جاءِ
۶. **سچو** سگ اوهان جو، تون دانهن تهنجي ورناءِ

ڪافي بروه ٦٧٠

ويندي تا وڻڪار، جيڏيون! هي لڳ هوت بلوچ جي

۱. آءٌ ڪيئن وهان هتهين، آهي منهنجو ڪم ڪوهيار
۲. ساه منهنجو سرتيون! آهي پرين جي پار
۳. هي دل ديواني ڪري، هو تيا پاڻ قرار
۴. جات جتن جي جيڏيون! جيءُ وڏو آهي جار
۵. **سچو** نہ وسار ساه ڪؤن، دوستن جي درٻار

ڪافي بروه ٦٧١

أهين پيرمُغان دي پيالي
مَئي مَست مَنُ ڪيتوسي

Scanned by CamScanner

١. ڏونهين جهانين وسرڳيوسي
اُهين خُمر دي خيالي
٢. لاٿي حجابان هڪواري
اُهين پيالي هادي والي
٣. سُري دي سُرڪي ڪيتا اسان ٿون
پئي معاف ڪل ڪشالي
۴. سر اساڏي تؤن لهه پئي لوري
اهين جڳ دي سڀ جنجالي
۵. سُرها ڪيتا وو ساه **سچو** دا
اُهين ناز پري دي نالي

ريختو بروه ٦٧٢

اگر اثبات کر جانو نہ ہرگز تم گدا ہوگا
یقیں کرنا گدا گر ہیں ولیکن خود خدا ہوگا
١۔ فنا کی بات باطل ہے اگر پوچھو ہمن سوں رے
بقا باالله ہمیشہ تو خدا تانا فنا ہوگا
٢۔ نہیں دیدار کوئی دوجہاں نا جائے دیکھن کی
نظر کی جائے تمہاری ہے بیں تا خود لقا ہوگا
٣۔ زمیں پر کیا فلك پر کیا کیا عرش کرسی پر
دروں بیروں ہم اندر ہے کہ کلی جابجا ہوگا
۴۔ ہوالاول، ہوالآخر، ہوالظاہر، ہوالباطن
یہاں اوئی وہاں اوٹی سچو کہہ تم کجا ہوگا

Scanned by CamScanner

ريختو بروه ٦٧٣

عشـقـا امـام ميـرا، ديـگـر امـام كيـا ہے
ميـخـانـه ميں ہوا ہوں، جرعـه كـا جـام كيـا ہے
۱- ميں يـار، يـار ميں رے، تـس ميں نهيں تفـاوت
انـا معـى انـت معـكـم، ديگـر كـلام كيـا ہے
۲- اس جـاء مـلائـكـاں رے، مجـھ كـڙن سـلام كيتـا
كهـه قـاضيـا ہمـن سوں، اس جـاء سـلام كيـا ہے
۳-يسـمـع و بـى يبـصـر جـانـوں يـقيـن سيتـے
ہم خـانـه يـار ہوتـا، پـڙهـنـا پيـغـام كيـا ہے
تـحـقيـق الـحـقيـقـت سـارى، نـى ہے اللـه كـوں
صـاحـب سـچـو ہـواہـے، دوجـا غـلام كيـا ہے

ريختو بروه ٦٧٤

كهـا كـر سـرانـا ہُـوكـا،سـرِ ميـدان آئـونـگـا
۱- گـلـى اب چهـوڑ دلبـر كـى،طـرف ديگـر نه جـائونگـا
كهـا اسـرار انـاسِـرّہـى،يهـى معـلـوم ہوتـا ہے
جتهـاں پـائـوں خـلـق نهيں پـايـا، اتهـاں كونتل كڈائونگا
۲- مـزد كـر سر چلاتـا ہوں،جـو ركـھ كرخيال خانى كا
بسـاطِ بـره كـى بـازى،بـلاشك وه بـنـائـونـگـا
۳- دُئـى كـا دين بـاطـل كـر،نكل بـاہر مذاہـب سوں
حـكـم يهـى ہيـكـڑائى كـا، چپ وار سو چلائـونـگـا
۴- وبى يسمع وبى يبصر،نشانى حق كى يهى ہوتى
وبـى ينـطـق صحـى كـر كـے،سبهـوسـر ہم سنائونگـا
۵-مـقـرر ہـوں ميسر ہوں،قدم بـاہـر نـه دهـرتـا ہـوں
مـلامـت بـار بـارى ہے،جـو اب سـر پر اٹهـائـونـگـا

Scanned by CamScanner

۶۔ کہا ہے پیر یوں مجھ کوں،نہ ہوتا غیر حق کا تم
ولاموجود الا ھو نغارا یھی لگائونگا
۷۔ حکم ہوتا ہے جب مجھ کوں،بجانب اناالحق کی
اسی عالم میں برھے کا، تماشا تب دکھائونگا
۸۔ ہواالظاہر ھوالباطن جو دونوں جگ میں حق ہوتا
جو کچھ منصور سر سولی،کہا اوئی ہم کہائونگا
۹۔ سچُو ہے سرّ معنیٰ کا،جو جس دیکھا ہے تس دیکھا
عشق کی آگ میں یارو،دل وجان دم جلائونگا

ڪافي بروه ٦٧٥

مرغ خيال دا سنوري سنيان پانؤ نہ پر ڪوئي ڏردا
لامڪان پرواز ڪريندا، يا وت عرش اُڏردا
١. جاءِ نهين آشيان نہ تهندا، هير ڪهين ڪس گهر دا
جاءِ نہ ڪنهن جميعت، تهنڪُون ڪردا ڪامر گذردا
٢. زنده ذوق هميشه هوندا، ڪڏهان مؤل نہ مردا
لهر جهين وچون اُڏردا آيا، وت بحري شوق بحردا
٣. ڦڙڪڻ نال ڏيندا سؤ ڦيريان، چوٽ برابر چڙهدا
اپڻي اوئي اختيار والا هي، ڪس مڪان نهين ڪڙدا
۴. هو هواءِ وچي وج پوندا، ناهين خط خبر دا
سچو رنگ رُوپ تنهيندا، نا امڪان نظر دا

ڪافي بروه ٦٧٦

عين اٿو انسان
پول متان پلي ڪائي

١. دلــق درويــشــي ڦــهــري آيــو
صــورت هِــن ســلــطــان
٢. آهــي جڳ ۾ ســنــوري جيــڏيــون!
صــاحــب جو ســئــيــلان
٣. ڏسـي تمـاشـو يـار سـڄڻ جو
هــر هــمــه حــيــران
٤. واهـ عجائب جيهو ڪيائين
سچو ري ســـامـــان

ڪافي بروه ٦٧٧

ٻُت اهوئـي ضايـع ٿيـسـي
اول آخــر ڏيــڪــٺــان وو
١. ضايع ڪنون اڳ مايا ٿيوين
حــرف انــاالحــق آڪــٺــان
٢. مــسـتـان دي تـا مـنـصـب هيئـي
پــوءِ اڳي هــڪ چاٽــٺــان
٣. عــشــق لــهــر دم جٺــان ماريــا
غيــر نــ اُتــان آئــٺــان
٤. خاڪــي اُتــي نــظــر نــ آٺــين
اپــٺــا ســر ســڄاٽــٺــان
٥. صوفي هو ڪر صافي پاوين
گـــردا گـــرد اُڏاوٺـــان
٦. **سچو** سُولــي اُتــي جاويــن
جي تــو درســن پــاوٺــان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٧٨

رکڻا جي ايڪ خيال وي، تون سمجھ سمجھ، ٻُڌ پاوين

١. خيال خُودي سَتِ جان جلاوين بيخودي پاوين ٻوجھ
دردرمانوين هستي چتڙا چاوين تڏهان آئسئي هٿ حال وي

٢. دل درياءَ ديان ڪئين لک لهريان، بي پايان گوناگون
جنهان وي اِهين وچ غوطہ ماريا چُڪ پئي هي قيل وقال وي

٣. عشق آتانبر کُل اُڏارئي رهي نہ رسمان ريت
ملامت مُول اُسي گهر پاوين ڪرسئي بره بحال وي

٤. هات اتي پنڌ پير نہ چلڻا، اکيان ڪنين مت ناه
سمجھ صفاتي هر ٻول پڇاڻين هئي سو ڳالھ محال وي

٥. **سچو** اي دم هُو حق رهڻا ويسئي وسر وصال
حال نہ قال ُڪسي نهين هووڻا ناڪوئي اَمر اعمال وي

ڪافي بروه ٦٧٩

ٻاروچي لؤن لائي، ميان! ڪوهياري لؤن لائي

١. ڳالھ نہ ڳرهڻ جهڙي، ڏاڍي سُور سلائي

٢. سرتيون! مونسان سُور ۾، پينر ڪانهي پائي

٣. هير وٽي سا هانوَ کي، ڏانهن عجيبن آئي

٤. سِرُ ڏيڻ سيٽن کي، **سچو** آهي سچائي

ريختو تلنگ ۽ بلاولي ٦٨٠

جگت ادهيں،توں تا کابے کوں جاوں

١۔ جس گھر تیرا بھیرا ہوا تھا،جل پل کوئیل ڈھیر
آپ میں سادھو آپ پچھانو،ہمری ذات ادھیں

٢۔ بھوں ساگر میں کھیل ہمارا،جانی تا کچھ جان جانیندے
آوے سادھو بستی دکھاوے،ہمری ذات تسیں

Scanned by CamScanner

۳۔ طلب تُلس سکھ ماہ سمائی، جان سکے تو جانی
گُر کی چرن سادھو چیت سدھاروجانی تا تو سدھیں
۴۔ پیر ہمارا حق الحق، جس گُر راہ بتایا
آپ سیں ڈھونڈہ تو آپ ہی رہ گئی سچُو نا نوء مسکین

ڪافي بروه ٦٨١

صحيح سڃاڻج ساري، خود آهين وي خدائي

١. لکين ستارا گم ٿيا، روز ڪئي روشنائي
٢. ڪوڙين قطرا ڪارونيار ويا، ڪئين سمونڊ سمائي
٣. سُڌِ جنهين ڪنهين سِرَ انهيءَ جي، مٿي جهين جي آئي
٤. تخت هزارو اوري رهيو، پري رهي بادشاهي
٥. **سچو** سچي ڳالهڙي، پاڻ پرين پُرجهائي

ڪافي بروه ٦٨٢

جاني تون آءُ اسان گڏ جالين، ڪرون ڏک سُک ديان ٻهه ڳالهين

١. اڱڻ ڪيڙاندي وڃن شرنائين، ڏوڏو دُهل گنجن شرنائين
تون تاميڏي سردا سائين، جهڳڙي ڪرڪر رهسان سيالين
٢. اي تا ڪؤن ڪميٽا ڪيڙا، نال اساڏي لائيندا جهيڙا
وسدا تهندا مُول نہ ويڙها، رانجهو سائين هڪ تون ڏڪالين
٣. آوڻ ساڏا تخت هزاري، رهڻا راوي دي ڪناري
ٻانهان ٻڌسي عرض گذاري، دامن لڳڙي دي لڄ پالين
٤. اي تا ڪوئي ڪميٽي ڪيڙي، جنهاںٰ ٻڌي ڪُوڙي نيڙهي
لهيسين ڪتون تون رانجهن جهڙي، دم دم لهين ساڏيان سنڀالين

Scanned by CamScanner

۵. ڪهنيدي خويش نہ ڪنهندي قبيلي، ميڏي نال راڄ رسيلي
ڪيتم لک هزارين حيلي، بٺ اُنهان دي طول نهالين
٦. پڇ پڇ آيون راڄ ڀڀاٽا، عشق دي خواهشن ڪيتئي ٽڪاٽا
ميڏي دل وچ تون هڪ سماٽا، ڪنهندي مئين اٿان مئين نالين
٧. مئين تا مِلڪ تُساڏي آهي، ڪيڙان نال اصل دي ناهي
ميڏي دل وچ ماهي ماهي، **سچو** ديان هِن اهي حالين

ڪافي بروه ٦٨٣

لڳي وي رانجهي نون واءُ عشق دي تڪيرڙي ڪائي، هُڻ ڪائي ملڪ سياليندي
١. جڏهان وت دائي چاڳهتڙيس جهولي، تڏهان سُولان ڏتڙيس لولي
ياڄي عشق دي تهين ڪني آئي
٢. تنهن تا آڻ ڪي جهنگڙا وڪايس، هڪ هڪ نون ڪر پلڙا پايس
ڪاڻ ڏڪان دي چٽيان مائي وي مائي
٣. ندي دي ڪناري ونجهلي وڄئيندا، وڏڙي ويلي ڪتيان چاريندا
ڪڙدا اٿان اڪيان لائي وي لائي
۴. رلمل آنديان سي ٻاپل واليان، نازان نيازاندي نال سياليان
آونديان پڇون فوجان چائي وي چائي
۵. سوهيدا سڀ ويس ڪريندريان، چوئي چندن نال ڏڙيان ڳنڏيندريان
تهندي اتي سُرخي لائي وي لائي
٦. هار سينگار تي ڪُڙيان ڪريندريان، غمزين رمزين نال مريندريان
آنديان **سچو** چُلڪيان چائي وي چائي

ڪافي بروه ٦٨۴

وس ڪا آهي ويچاري، هئڻ هن جو هوت رئ ناهي
١. اُنن اُنارن تؤن، سائين الا، صدقي آءٌ سؤ واري
٢. چاير ڏاڍي چاه مؤن، سائين الا، بره بلوچي باري

Scanned by CamScanner

٢. هيڏي هوڏي جان ڏسان، سائين الا، اندر ٻاهر آري
٣. ٻانهان ٻانهن جان ٻڌي، سائين الا، زار ٿي ڪريان زاري
۴. **سچو** صحي جي ڪرين، سائين الا، حق حقيقت ساري

ڪافي بروه ٦٨٥

قيمت دي وچ ڪيون آيوئين، وچ پڇو بي قيمت سُون
١. آپؤن آپ، بلايوئي، شور چاڪيتئي شربت ڪون
٢. مين اٿان حيران جو رهيان، مورچا ڪيتئي پربت ڪُون
٣. جي تون چاٽين بادشاه ٿيوان، ترڪ ڏيوين چا تربت ڪُون
۴. سچل سائين سچ تون ويکين، غرق ڪرين چا غربت ڪون
۵. هئي حباب تي آپ **سچو** ٿيا، بعد ڇاتوئي ڪيون قُربت ڪون

ڪافي بروه ٦٨٦

يار سڄڻ تيڏيان ڳالهين، نهين لوڪ سڻاوڻ ديان
١. هڪدل آهي رانجهن نيتي، ڪيڑان نون ڪيا ڏيسان
نهين لوڪ الاوڻ ديان
٢. مئين تيڏي ٻانهي تون ميڏا سائين، ادب نال اليسان
نهين هُل هُلاوڻ ديان
٣. اکيان تيڏيان عجب جيهان، ڪيهيان سڪيان هڻ چالين
اهين دل لُٽاوڻ ديان
۴. تخت هزاري وچ جاءِ رانجهن دي، **سچل** سچ اکيسان
نهين سچ سچاوڻ ديان

ڪافي بروه ٦٨٧

ويکو چشمان دي چمڪاري
دل حيرت دي وچ هو رهي

Scanned by CamScanner

١. انهان اکيان منصور مرايا
سولي اوپر نعري
٢. جيوين بجلي وچ بدل دي
کر جهڳ مڳ جهلڪاري
٣. نال اکين وي نيزي مارن
هڪ ماري ٻي آلاري
۴. مستان کون سرمست کتوئي
سچو کون بيچاري

ڪافي بروه ٦٨٨

تون آءُ اسان وٽ يار، تنهنجي اچڻ ڪاڻ جيئڙو جُکي ٿو
ساهڙو سڪي ٿو
١. بس نہ وَهڻ ڪؤن ڪرن
نيڻن سندا نار
٢. ماٺ ڪنديئي چاڙهيا
بره اسان تي بار
٣. پرين پارج پانهنجا
جي ڪيئي قول قرار
۴. چمي چشمن تي ڪنيم
تنهنجو عشق الله توهار
٥. باهہ جيهو آءُ پانئيان
جو دم توهؤن ذار
٦. راتو ڏينهان تانهنجي
آهي **سچو** سار سنيار

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٨٩

قاضيا! ڪيهي مسلي ڪريندئين
عشق شرع ڪيا لڳي لڳي
١. دوزخ بهشت دي ڏي نا دڙڪي
پؤ اسان ڪنون ڀڳي ڀڳي
٢. باب بره دا ڪوئي نہ پڙهدئين
ڪاغذ لکيندئين بگي بگي
٣. مئين رانجهي دي رانجهن ميڏا
ازل ڪنون اڳي اڳي
٤. **سچو** هي مسڪين نماڻا
توه تيڏي نال تڳي تڳي

ڪافي بروه ٦٩٠

درد مندن جي دل جو ميان! شوقي وو يار شڪاري
١. يار سهڻي جون ڏسو ڏهاڙي
ڪن تيون خون خماري
٢. سوز وارن ڪي سيني اندر
ماري قئيبر ڪاري
٣. چشمان.چوڻڪ ڏاڍو لائن
ڪجليان هن قهاري
٤. ٻانهون ٻڌيم اڳيون انهن جي
زاري سؤ لک زاري
٥. دِل اسان جي وو لٽ نين تيون
بئي چشمان چاري
٦. پاڻان چاڻي ظاهر ڪيائين
هوءِ هوءِ حسن هزاري
٧. جِيءُ **سچوءَ** جو جار وڏائون
ڏيئي پاڻ ڏيڪاري

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٩١

سگها ايندا سگها ايندا، پانڌي پرين جا ڪي تا

١. سڪائي سان سرتيون! الله ڏک پائي اچي ٽيندا، پلي ايندا
٢. دردمنديءَ جي دل کي ميان! دوست دلاسا ڏيندا، پلي ايندا
٣. ڪين ڇڏيندا ڇپرين ميان، نال نماڻي نيندا، پلي ايندا
٤. پڪا پڪن سامُهان ميان، آٽي پاڻ اڏيندا، پلي ايندا
٥. پاڻ پنهنجو سپرين، ميان، ساڻ غريب گڏيندا، پلي ايندا
٦. سو ڏينهن ٽيندو کهڙو جو، **سچو** نانءُ سڏيندا، پلي ايندا

ڪافي بروه ٦٩٢

تنهنجي محبت موهيو موهيو، رمزن ريهيو ريهيو

هي تا ساه، آڻئي الله

١. طرف تنهنجي راتو ڏينهان
چت گهڻيرو چاهه

٢. آهه اسان سان سپرين
حُب سندو همراه

٣. پيو پناري تانهجي ميان!
هي ڏُهاري ڏاه

٤. واڪا ڪيون ٿو وهي
دل اندر درياه

٥. ڪاڇي ڪري ڪپڙا
سچو مليندا پاه

ڪافي بروه ٦٩٣

هوت ڪڏهن نه هلايوُ پانڌي، پنهنجي پار ڏنهن اسان ڏي

١. طرف تنهنجي مُڪو سين قاصد
سوبي وهندو ڪين ورايو

Scanned by CamScanner

٢. نياپو منهنجي نينهن جو
جيڪس ساٿي ڪونہ سٽايو
٣. هو جو ڪيو هوءِ واعدو
سو تا ياد نہ آيو
٤. هر دم هونداسين اسين تئين سان
فائق هيئن فرمايو
٥. تنهن ڏينهن لاڪون يار **سچوءَ** کي
باري سو بره بچايو

ڪافي بروه ٦٩٤

محبت عشق مولا جي گهٽاسي گهوت گهايا ها
هزارين ساه سانول تؤن ڪنين گهوري گهمايا ها
١. ڪنين سر ساه ساجن لئي مٿي سُوريءَ سنپايا ها
وره جي واٽ تي ويرن ڪُلهن ڪؤن ڪنڌ ڪپايا ها
٢. ٿيوتن ميهٽو موتڻ تڪي ڪنهن تاوَ تايا ها
مٿا ميخانہ تي مستن وٽي جي وٽ وڏايا ها
٣. انهيءَ پڙ ۾ پهلوانن جوشؤن جيءَ جلايا ها
ڪنيان جي مؤج محبت جي اُهي هنِ آر آيا ها
٤. ڏسو هي نينهن جي ناتي ڪنين جا سرَ گنوايا ها
سچو ري ٿي صدق تن تؤن جنين هي رنگ رچايا ها

ڪافي بروه ٦٩٥

ڪالهہ قاصد اوڏانهون آيا، اِها ڪيؤن آگاهي
١. يار پنهور جي هوا اچڻ جا ساٽ ڏٽي ڪَي سعيا، چڱي ڏنائون گواهي
٢. منهن محبوب جو ٿيو اسان ڏي، پيا سي پنڌ سجايا، ڪيها رهبر ڪريان راهي
٣. يار مسافر ڪيُم اُداسي، ڏُور جنهين ڏينهن لايا، آٽي تون ميڙ الهي
٤. پاند ڳچيءَ پائي اڳيؤن پرين جي، اسان ڏوهہ سيئي بخشايا، ٿياسي پاڻ صلاحي
٥. **سچو** اُتاهون اچي رهي، هت ويڙها سي يار وسايا، غم لٿي گمراهي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٩٦

ھاري سو پاڻئي ھار، تا آءُ چام چنيسر آوڙان

١. جنھن دوست ڪسايو دم ۾، سَٽِ اُھو سينگار

٢. ھٿوُن پئي تاھنجي آھي، روئين ڇو زارو زار

٣. ڏاڍو ھُئڙو درد جو، جنھن ڪيو بھشتوُن بيزار

۴. ڏوه تہ تنھنجو ڪونہ ھو، پر نينھن ڪيو نروار

۵. پلنگوُن پئين پٽ تي، ڪري گوندر گفتار

٦. **سچو** صحي ڪرين، ھي ھو عشق جو اسرار

ڪافي بروه ٦٩٧

ھار چنيسر چام، ليلان ڪسايو دستوُن پنھنجي

١. ڏاڳو مٺيو ھو ڪسوٽي، جو دل جو ٿي پيو دام

٢. نظر وڌيئي تا غير تي، تيلھان تون ٿئين تمامُ

٣. پُلي پولي ۾ پئين، ھار پانيئي آرام

۴. تنھن ڏينھن آنديئي پاڻ سان، سُورن جو سرانجام

۵. **سچو** ره صبر ۾، عشق ٿيئي انعام

ڪافي بروه ٦٩٨

گھن ٻيٺين آرام رانول! راوي دي ڪناري

وڃ ڪيتئي آرام، ڀولڻ تخت ھزاري

١. اسان نماڻيان ڏھون ڀولڻ سائين، ڪيتي ڪونہ انجام

٢. اسان يتيمان نون سگھي آوڻ دا، پٺيئي نا پيغام

٣. سدا ساڏا توتي آھا، آءُ ٿيوين تون امام

۴. تسان ٻاجھون سُھٹا سائين! مست قران وو مدام

۵. در تيڏي دا اصلون آھُس، غلامان دا غلام

٦. سڻ **سچو** ميان! اساڏا ھيئي، ٻانھپ ڪُون جو سلام

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٦٩٩

البت ويسون، پار چناه دي، اسان ڇوڙڪي ويسون

١. جا ڪائي آسي اُهان منهن ڏيسون، جيئڙي ڪون نہ جهليسون

٢. چاڻ رهيان مئين، اهو هيئي رايا، ڳل وچ الفي پئيسون

٣. تي نماڻي باندي حاضر سايان دي، عاجزي نال اليسون

۴. راڄ ٻاٻاڻا ڇوڙ دلون بجانون، راوي رنگ وِڪيسون

۵. ٻاجهہ سايان‌دي **سچو**، ساعت اتان نہ مول رهيسون

ڪافي بروه ٧٠٠

ڪيئن چوين تو، ڪيئن چوين تو، لوڪ ناهي ٻيو ڪيئن چوين تو

١. لوڪ سيوئي اُهو آهي، ڪيئن ٻيائي منجهہ پوين تو

٢. اچا بنائي پاڻ بهاريئي، غمزي انهي ۾ ڇونہ گنوين تو

٣. ساڻ سچي تا **سچو** گذارين، راند روئڻ جي ڪيهي رُوين تو

ڪافي بروه ٧٠١

ٻُل وچي تو ٻُل وچي تو، لوڪ ساروئي ٻُل وچي تو

١. مان تُون ويندي اُهوئي ٿيندو، ٻول اهوئي جيڪو ٻچي تو

٢. اِهو اهوئي آهي سرتيون! اها نہ ڪوئي ڳالهہ مچي تو

٣. اَندر ٻاهر اُهوئي آهي، **سچو** هي سِرُ ڪنهنڪي سچي تو

ڪافي بروه ۾ جوڳ ٧٠٢

سُونهون سگَ تيو، ڪاڪيون ڙي ڪيچ ڏٺين جو

شال مؤلو ميڙيندو

١. اڳئين ڪؤن ٻي اڳرو، ٻائن تا ورهُ ويو

٢. آريءَ جي اولاد سان، ڏاڍو ٻيچ ٻيو

٣. بيڪسي جي دائري، تنهنڪي نينهن نيو

۴. صدقي تن سيرن تؤن، **سچو** ساه ڪيو

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٧٠٣

شال مونسان وريون وريون
ڪانگ ڪرين منيون ڳالهيون
١. جدائي جيون جان جسم تي
ڪيون پُورن پريُون پريون
٢. درد سڄڻ جي دل منهنجيءَ ڪي
زور ڪيون زريون زريون
٣. ڏکن واريون ڳالهيون اسان ۾ي
دل پائي ڏريون ڏريون
٤. وايون وصل جيون يار **سچو** تون
متان ڪرين ڏريون ڏريون

ڪافي بروه ٧٠٤

متان تون مونکي ڇڏين، سُونهان ڙي سڄڻ جا
١. نتو ڇاڻان ڏينهن اُهو تا ٿيندو، الاجي ڪڏين
٢. نانءُ مولا محبوبن سان، نئي غلام ڪي گڏين
٣. حاضر تئين حضور ۾، نانءُ **سچو** ڪري سڏين

ڪافي بروه ٧٠٥

جنهن ٻيلي دي وچ شير، ٻيا ڪُل جناور گم ٿياوي
١. اڳون شير ٻچون ڦيڪاري، سارا جهنگ سڻاءِ رهيا
٢. سڻُڻ نال گروڙ تهيندي، ٻيا سڀو بيوطن ٿيا
٣. هڪو شير آٿاهين ٽڪسي رهسي، آٿان ڪون ٻيا
٤. تٿان اور دي باس نہ رهندي، جٿان شيرمڪان ڪيا
٥. **سچو** دا ڪوئي وَسُ نہ هويا، نينهن اجهل نروار نيا

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٧٠٦

اُهو آهي آهي، يار ساڳي ساڳي

١. اوهين ڇاڻون ساڻ يقيني، ٻيو سوناهي ناهي

٢. ميخاني وچ مست هميشه، ڪيئن سو ڪعبي ڪاهي ڪاهي

٣. لوڪ سارو تي هن جو آيو، سڀ حجابان لاهي لاهي

٤. ظاهر باطن آهي اُهو ئي، جان جُٺو وري ڇاهي ڇاهي

٥. نانءُ **سچوءَ** جو آيو صفت ۾، ڏانوُ ڪيو ڪيهو ڏاهي

ڪافي بروه ٧٠٧

آءُ ميان پانڌي وي، ماروئڙا ڪڏهڻ آسي

١. آپ وچالي آپ نون ڏيوين، ڪائي خبر خاصي

٢. اهو اُهوئي هڪ تياسي، هويا ٻيا ڪؤن اُداسي

٣. تاج تخت ڪُون ڇوڙ ڪراهڻ، ڇُلسون وانگ سنياسي

٤. نال شراب دي رليا شرابي، پيالا رهيا سو پياسي

٥. **سچو** سمجهي ڳالهه اهائي، جيها آسي تيها جاسي

ڪافي بروه ٧٠٨

سائين ڪول حجابئون پردي
هن ڏون تي ڏينهن گذر دي

١. آ گڏ جالين تون نال اساڏي
ڏينهن لنگهي او سردي

٢. ٻيان ڳالهين سڀ ڇوڙ ڏتيان سي
اسان عاشق هڪ نظر دي

٣. ڏونهين جهاني نہ مطلب ميڏا
مئين طالب تو دلبر دي

٤. اپڻي حال دا عرض تُساڪون
آک نہ سگهنديان ڏر دي

Scanned by CamScanner

٥. تيڏي دا دلبر سائين!
اسان رھسون بندي بردي
٦. سچو دا ايھو سوال مَنين تون
نيت سب فقردي

ڪافي بروه ٧٠٩

ھي پورھيت پاٽي ڍوئي
خان ٻاروچا تھنجي
١. حاضر خدمت اچي اوھان جي
حال چونديس روئي
٢. ساٿي اسانجي سُڌ لھڻ سان
سوال پورو ڪر سوئي
٣. ڪيئن وساري وِھان اوھان کي
ڪئي تا ھھڙي توئي
٤. طوطي جي ڳچيءَ سَوَ سلامن
سچو مُڪا پڻ پوئي

ڪافي بروه ٧١٠

وات مونکي آھي وائي
خان ٻاروچا تنھنجي
١. پرين نہ مُڪي طرف اسان جي
لکي ڪتابت ڪائي
٢. پيرو ڪندين وري پنيور ڏي
اھا آڌر مون آئي
٣. حال منھنجي جي خبر نہ ڪنھنکي
چڱي سچڻ تولائي

Scanned by CamScanner

۴. اِهو آسرو مونکي آهي
تيندين اچي ڏک پائي
۵. اڄ صبح تا اڳڻ **سچوءَ** جي
جاني ايندين شال جائي

ڪافي بروه ۷۱۱

سڻ منهنجڙو حال، دلبر ديس وسيئي
گهوريو ڙي پرڏيهه تو تؤن
۱. مونکؤن پري نہ تيندين، سائين مڄ سوال
۲. منهنجو توسان تا آهيئي، خاصو يار خيال
۳. روان واٽڙين تي، ڪريون هھڙو حال
۴. واڳان وطن پانهنجي، ڦيري آءُ في الحال
۵. توکؤن ٻجهو ناه ڪو، عاشق جو احوال
۶. ڪر **سچوءَ** کي سپرين، ڪٽي نيڻ نهال

ڪافي بروه ۷۱۲

ڪڏهن قاصد وري ويندين
ديس ٻاروچل جي ميان
۱. خبر خوشيء جي وٺي اُتاهون
سگهو اسانڏي ڪي ايندين
۲. دردمنديءَ جي دل کيِ هاٽي
ڏڍ دلاسو ڏيندين
۳. سپيرين جي ڳالهہ ٻجهيء جو
وڃي سو واقف ٿيندين
۴. سوز فراق جو **سچوءَ** جو
تون هي نياپو نيندين

Scanned by CamScanner

ڪافي برو ه ۷۱۳

مئين ڪٿ نهين وو، ڪٿ نهين، اهو يار جو آليندا

۱. عبرت ويکو يار دي، ڪيهي چال نوين چليندا

۲. آپ کون دلبر آپ کنون، ڪس واسطي پليندا

۳. گوش ڪڏان گهن ڪي روندا، ڪڏهان همہ نال هسيندا

۴. ڪڏان نَنُوا ڪڏان پکتا، ڪڏان بازيگر بليندا

۵. رانجهو هير تي ليليٰ مجنون، سوين نام سڏيندا

۶. ڪيجري هوڪي صورت والي، **سچو** ناچ نچيندا

ڪافي برو ه ۷۱۴

مئين اُٿ ڳئي وو اُٿ ڳئي، شاه جو ٻوليندا

۱. آپي سُخن آپٹي اُهو، سوين طرح سليندا

۲. اپٹي صورت سهٹي، وتدا آپکو ڏکيندا

۳. عاشق ٿيوي آپ اتي وت، آپي عين اَڙيندا

۴. ڪٿ مريد محبت والا، ڪٿ پير بنيندا

۵. لک مظاهر جوڙ ڪي، اٿ **سچو** نانءُ سڏيندا

ڪافي برو ه ۷۱۵

عاشق يار دمامان ماريا، ٿيا اناالحق اظهارا

۱. شمس طلوع جڏهان وت ڪيتا، تاريڪي کُون تهن وت نيتا
گم ٿيا وو ستارا ستارا

۲. عشق جڏهان آفتاب اُياريا، ليڪا چوڪا ڪُل وساريا
ڳئي لک شمارا شمارا

۳. خاڪي وچون ٿيا حق ظاهر، جيها اندر تيها ٻاهر
سيو نور نظارا نظارا

Scanned by CamScanner

۴. مؤج حلاج دي سِر چڙهہ آئي، تڏهان نوبت نينهن وڄائي
كيتس قرب قرارا قرارا
۵. **سچو** سچ لڪاوڻ ناهين، اي تا سِرُ ڇپاوڻ ناهين
شاهي مار نغارا نغارا

ڪافي بروه ۷۱۶

آئين قاصد ڪالهہ، پرين جي پار ڏنهن
آنڌئي جي سنيها سَلِ اهيئي
۱. هاريا هن جي حال جي، ڪا هُئي هُت قيل مقال
۲. ٻاڇيءَ ڪي پرديس ۾، سڪندر تَيڙا سال
۳. پرين ڪِي مُون پڇيو، ڪا خبر ڏي خوشحال
۴. ڪي ڪيندا هجر فراق ڪي، ڪي ورندو واؤ وصال
۵. **سچوءَ** سندي ساه جي، ڪا هُئي هُت ڪين سنڀال

ڪافي بروه ۷۱۷

عاشق ڪر آرام، پرين گهٹو پڇيو تنهنجو
خوشيءَ ۾ رَهُ ري
۱. طرف تنهنجي آهہ اچڻ جو، اسانجو انجام
۲. رهبر عاشق ڪي وجي، سَؤ لک ڏيج سلام
۳. اڳنان آهي تانهنجو، سَرهائي سر انجام
۴. جيڪي چيو تانهنجو، آهي ڪُلي قبول ڪلام
۵. **سچو** تنهنجي ساه ڪي، آهہِ محبت بخش مدام

جهولڻو بروه ۷۱۸

رمزان سي هاديءَ يار جُون ميان جيڪي چيائون
مونڪي سي تاسلڻ جيهون ناهن هوءِ هوءِ
ڏريـــون آهـــن دل تــــي ري مـــيـــان

Scanned by CamScanner

١. ڳالھيون ڪري ڳجھہ جون تا صاحب سمجھائين
لا الله ڪؤن اڳنان تا ھادي ھلائين
سمجھڻ سمع بصر جو تا فائق فرمائين
٢. خوديون خاص نہ پائنجو ھي نِتَ نِتَ نمازان
چاڙو پلي ڳالھڙي ھي سوزو گدازان
اتو انالحق جا ھي عبرت آوازان
٣. ھيءِ ھيءِ ھڪڙي ڏينھنڙي تا ھادي ائين چون
جن نہ سمجھي ڳالھڙي سي سيان گھٹو رُون
جن سچاتو ھتہين سي ھُتِ پي ائين ھُون
۴. جيڪي پليون ڳالھڙيون اُنھون پڇڻ پري آھہِ
ڪُوڙا قصا ڪھہ پيا يار سڃاڻڻ سواءِ
پُرجھڻ آھي پاڻ کي پي پلي بات نہ ڪاءِ
۵. ھاديءَ حقيقت جي يار موتي ھئين چيو
آغا آھي ھي اداءِ آھي ڪونہ ٻيو
جيئي لنگھيا جڳ ڪؤن مقصد تن ٿيو
سائين ساڳيو سو اتو جو وجودئون ويو
٦. مرشد ھادي رھنما تا سمجھائن ائين
ھو تون چاڙج پاڙڪي متان ھِي ٿئين
وحدت جي چؤگان ۾ اِھا گوءِ نئين
سچو ساڻ يقين جي ھي حال ڏي ھئين

ڪافي بروه ٧١٩

يار منھنجي کي ڪريو منت وڃي ڪائي

١. پرڏيھہ وچ ۾ مون پرين! يار تو سان مون تا لائي
٢. اندر ھن جو اڌ ٿيو، ڪري وڃڻ جي تو وائي

۳. ڏسو اوهين ٿيون دل ڏاڍي سان، اديون! مون اٽڪائي
۴. چڱا مڙيئي ميان! ائين چون ٿا، لائي تہ توڙ نڀائي
۵. هِجر منجهاروُن ٿيندي وصالت، اها ڳالهہ **سچو** سمجهائي

ڪافي بروه ۷۲۰

هاڻي مونکي پرينِ پوءِ، جيڏيون جيڻ جنجال ٿيو
۱. ويڻي واٽڙين تي، هي راتو ڏينهان روءِ
۲. وهڻ هن جو وِهُ ٿيو، هو لڏي ويڙا لوءِ
۳. درد مندي دانهون ڪري، آهي هوتن ريءُ هوءِ هوءِ
۴. ڪاڪيون مونڏي ڪيچ ڪوُن، شال قاصد اچي ڪوءِ
۵. **سچوءَ** ڪندي سال ٿيا، وريتيون ووءِ ووءِ

ڪافي بروه ۷۲۱

يار ساٿيو ڙي ميان! يار پانڌيو ڙي ميان پلوڙي ميان!
دوستن جي ڪل مونکي ڪاڏي
۱. هيءَ نماڻي، دَرِ وڪاڻي
نال نباهي نيجو
۲. ڪيم وساريو، مُئي نہ ماريو
چوري تانہ چڏيجو
۳. ڏيو دلاسا ڪڏهن ايندا
لوئون تانہ لڏيجو
۴. آءُ اوهانجڙي اصل ڪوُن آهيان
گولي ساڻ گڏيجو
۵. جنهن ويلي هلو اتاهون
سچو نانءُ سڏيجو

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٧٢٢

ساجن انهيئن سير، ايندئي ڙي اجا

١. سيئي پهتيون پرين سان، جي گهڙيون انهين گهيڙ
٢. سپيريان جي سير ۾، هيجؤن هنيڙو هير
٣. ٻڌي نچج نينهن جي، چاتي چاتي چير
٤. سچو سائين جي پچين، ڦند سپيئي ڦير

ڪافي بروه ٧٢٣

مُنهن لڪائيندين اسان ٿون، ڪيهي گناهون يار

١. پانهون ٻڌ ڪر زاري ڪريسائين، جاني ميڏڙا جانو
٢. شمع حُسن دي ويک ڪراهڻ، آپ ڪيتم پروانو
٣. عقل شرم تا چوڙ ڳيوسي، دوست ڪِتم ديوانو
٤. سڏ تيڏي نون سدا مئين سڪدي، ڪُجهہ تا ٻول زبانو
٥. سِر سچو دي آڻ ڪڙايا، شوق تيڏي شاهانو

ڪافي بروه ٧٢٤

هوت اسانجڙو حال، تون تاپاڻهين تو چاڻي

١. اوهان ڀاڄهون وو سپرين! ميان الله ساعت ڀايان سال
اوري اڇج آرياڻي
٢. راتو ڏينهان وو روح کي، ميان الله، سندو خواب خيال
هي اٿو نماڻي
٣. چڏي ويندين وو چپرين ميان الله، تو لڳ ڪ ر ڪ نال
تون هيئن هِئين هوتياڻي
٤. معلوم توکي وو مون پرين، ميان الله! عاجز جو احوال
تون تا سانول سڃاڻين
٥. سوز اوهانجي وو سپرين! ميان الله! بره ڪئي بيحال
تہ ٻي عُذر نہ آڻين

Scanned by CamScanner

٦. لاهه فراق وو فقير ڪوٺ، ميان الله، **سچو** مچ سوال
هيءُ هاديءَ لئي هاٿي

ڪافي بروه ٧٢٥

يار تو تا مون سان ڪيهي ڪيهي، ڪيهي لؤن لؤن لائي
١. درد منديءَ جي دلڙي دلبر، رمز اوهان جي ريهي
٢. سي نہ وسرن ساه منهنجي ڪوٺ، ڳالهيون ڪيو ڳڌ ويهي
٣. سڀ ڪنهين جو ڪم نہ آهي، نينهن ڪٺن ڪي نيهي
٤. ملڪ فلڪ تا ڪين قبولي، عشق امانت ايهي
٥. ٻاجهہ پئي تون يار ٻاروچا، آءُ پڪي هن پيهي
٦. ڪرم ڪيڙئي يار **سچوءَ** سان، ڏيهہ ڳڏيا اڄ ڏيهي

ڪافي بروه ٧٢٦

توکي عاشق پنهنجو ڄاڻا، توکي سَوَنِ ۾ سڃاڻا
١. اسين تا توسان آهيون سدائي، وجهج ڪين وڃاڻا
٢. اُهي تا آهن نظر اسان کي، اڇي جي در وڪاڻا
٣. دستئون ڪري ڏنوَ مون کي، يار داروُن جا داڻا
٤. سهج **سچو** تون ساڻ يقيني، محبوبن جا ماڻا

ريختو بروه ٧٢٧

سجن چا بار برہے کا، اسی عالم میں آیا ہے
سیہ لالی سفیدی کا، برابر رنگ بنایا ہے
ا۔ کڈھاں موسن کڈھاں مسلم، کڈھاں کافر کہایا ہے
کڈھاں ملا کڈھاں قاضی، کڈھاں بانبھن بلایا ہے
۲۔ نہ جاناں اس معما کوں، کسی نوں کس بھلایا ہے
خلق الانسان علیٰ صورتہ، اہوئی کہہ سنایا ہے
۳۔ دیکھو منصور ہو کر کے، جو سولی پر سلایا ہے

Scanned by CamScanner

زلیخا ہو کے یوسف پر، مصر سوں دُھم مچایا ہے
۴۔ سچُو کی صفت میں ساجن، یہی انچھر الایا ہے
کوئی سمجھے لکھاں وچوں، رمز ربی رلایا ہے

ڪافي بروه ٧٢٨

هادي ويڙهي آيو، هنئين سمجهايو، والي ويڙهي آيو
١. ڪڏهن ٿيو ڪونڪو، عاشق آرام ميان!
راتو ڏينهان تن اُتي آهي محبت جو ماتام ميان
٢. خاڪؤن هلج خاص تي، ڪرپاڻ ئي ڪون پرواز ميان
چِڙيءَ چنبو ماريئي، تي شاهين آئون شهباز ميان
٣. جيڪو اصل آهي، ٿيو هاٿي سو سلطان ميان
گهوڙي چڙهندڙ گم ٿيو پيو گهوڙي ۾ جولان ميان
۴. آيو بحر جوش ۾، تڏهن مؤج پئي ٻاهار ميان
هئي هئي آيو نانؤ ۾، ٿيو ساوڻ جو سينگار ميان
۵. لڙ منجهون ٿيو اڃو ڪارو، اصل سو درياه ميان
بيحد رنگ گهٽا ٿيا ٻاهر، ڪير ٿيو گمراه ميان
٦. سانوڻ لٿو ماٿ تي تڏهن پاٽي موتي پوءِ ميان
اڇو ڪارو لڙ ٿيو اهو سارو سمندوءِ ميان
٧. نانؤ لهي ويا ٻاهريان اُهو باقي رهيو نام ميان
ڪُوران ڪسيان واهڙان، هُت ڪُلي ٿيا گمنام ميان
٨. هت سيئي درياه ٿيو، ٻيا ڪوڙا لٿا نانءَ ميان
ميان اول آخر هڪ ٿيو ويو وڃائون گناهہ ميان
٩. اصل جيڪي هوس، آءُ هت آهيان سو ميان
آخر ٿيندس سو وڃي، هڏ آهيان ڪونہ ٻيو ميان
١٠. اڪيون اکڙين ۾ رکي، تون پنهنجو پاڻ سڄاڻ ميان
پئي نظر جتي تانهنجي تتي پنهنجي چشم چاڻ ميان

Scanned by CamScanner

١١. اکيون اکڙين ۾ رکي، تا هت هُت توهين آنهن ميان
جي خبر اکين جي لهين، تا تَون نرالي نانءُ ميان
١٢. اکين مؤن معلوم اهو صورت جو سينگار ميان
سچو سارو سچ ٿيو ٻيو ناهي تفاوت وار ميان

ڪافي بروه ٧٢٩

اوڏاهُون قاصد جي آيا تن هُلائي هيءَ وائي
١. هاڻي هوتياڻن جي هُئي توڏي تياري
واڻان پڇي تانهجون ٿو اصل کؤن آري
ساري سنديوَ حال جي هُت معلوم سيائي
٢. اهو رکج آسرو جو اَڄُ توڏي ايندا
ڏئي ٻانهون ڳل تو وري پرين پرچائيندا
هيڪند ٿيندئين هوت سان تون جاڳندي جائي
٣. مارُئي ماندي نہ ٿي چو گوندر گذارين
واڻان اچڻ اُنجون ٿي نتُ نتُ نهارين
جهڙي تون هِت آهين آهِين هَت ٻي اُهائي
۴. ويو وچوڙو وچ مؤن تون ڳڌئين سائين ساڻ
توسان آهنِ سپرين پري ٻانءِ نہ پاڻ
سچو ٿينديوَ سيگهڙي، اها وائي سوائي

ڪافي بروه ٧٣٠

عشق والي تڪبير هڪا ٿي، ڪيهان ٻيان تڪبيران
١. جيهي تيهي نون بره نہ پچدا، ماري عشق ميران
٢. ڪاه پوسن پرواني وانگڻ، نينهن نہ نال نظيران
٣. چشمان چاون مزگان سارن، چوٽ چلاون نيران
۴. "الفقر فخري والفقرمني"، اهو بخشش حال فقيران
٥. **سچو** نينهن دي نئيل اسان ڪون، ڪيها زور زنجيران

Scanned by CamScanner

ڪافي تلنگ ۽ ڏوليو ٧٣١

ڪرڪي ساٿي وو سڄڻان ديان مٺيان ڳالهين وي
نال ساڏي ڏون ٿي تا چار گهڙيان ڪي جالين
١. فوجان تا حُسن چڙهيان سرتي عاشق دي
طرحين طرح تہ ڪيتي عشقديان چالين وي
٢. هن لکين طالب ديدار دي اُنهين پاوين ڪؤن
رانجهو تا هڪ هويا سؤ ڪڙيان سيالين وي
٣. اصل نال سهڻيان دي ني رانجهو ڪيڏيندا
ندي دي ني ڪناري وو ٿڌيان ٽالين وي
٤. دانهن فرياد ڀهون آوي سڄڻان نون
خواه مخواهون در سُهڻان دي تون نالين وي
٥. يار دا خيال هڪ رک جي تون تا عاشق هيئين
دل اُتون غير دا خيال تا سيي ٽالين وي
٦. عشقدا سبق سانون ڏيوين جي تون واقف هيئين
چوڙ مسلي مُلين والي پاس پرين دي جالين وي
٧. قاضيا ڪوري ڪاغذ ڪُوڙي تن ثابت نہ هووي
سچو اهين راه وچون جان جُثا تا ڳالين وي

ڪافي تلنگ ٧٣٢

ڳل پيان وو ڳالهيان، يار تساڏيان سانُون وي الله
١. طرفؤن تيڏي طعني ڏيوَن، سانون سڀ سياليان
٢. راوي واليان ڀهون سُهڻانديان، تيڏيان نديان ٽاليان
٣. راه تساڏي نهين چوڙيسن، ول ول ورهين واليان
٤. پٽر تساڏا سانون سيباوي، ڪُهہ ڪيڙانديان قاليان
٥. عرض آکڻ اڳون تساڏي، نهين **سچو** ديان مجاليان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٧٣٣

منهنجي اڱڻ اڄ آءُ، پرديسيئڙا ڙي يار

١. والي شال وصال جو، ڪو وري لڳي واءُ
٢. اڄي هڏ نہ هتهين، سانول توريءَ ساءُ
٣. ميان مشتاقن جو، اڄي صاحب لهہ سماءُ
٤. دانهون ڪري درد ۾، جا ڦتي فراقاءُ
٥. ٿيون منداين ڪيتريون، سائين **سچوءَ** ڪانءُ

ڪافي بروه ٧٣٤

ڪيچي ڏنم اڄ اتي
اوهين تا چاتا پانيو

١. سال لنگهي ويا ڪيترا
ڪاڪيون ري تا ڪَتي

٢. اڄ تا ويندس، ڪاڏي ڪينڪي
هوت سو منهنجو هتي

٣. منزل محبن جي جتي هوندي ميان
هونديون سرهايون تتي

٤. موڳائي جي مُونجهہ ۾، سائين الله
ڪانڌ ڏسي گپ ۾ گتي

٥. سودو سيڻن سان حاصل ٿيندو
ميان **سچو** تا سر ڏتي

ڪافي بروه ٧٣٥

ڪيها اکيان نُون رنگ لايوَ، رنگ لايو رنگ لايوَ

١. نال اکين دي وي عالم دي وچ ميان
ڪيڏا حڪم هلائيوَ

٢. جام ڪٽوريان نون جام شرابي
جيڪس سو پُر پلائيوَ

Scanned by CamScanner

٣. عاشق شودا وي لکين هزارين
ڪاتي نال ڪُهايوَ
٤. حيرت دي وچ هڪ جو ٿيان
سچو سر سلائيوَ

ڪافي بروه ٧٣٦

ڪيتي تيڏي ڏوري جا بيقراري
١. بيقراري دي ميان ڪنهن نون هوئي، ڳالهه سمجهڻ اها ساري
٢. غين دا نقطا گم ٿيا هڻ عين ڪيتي اظهاري
٣. لک چالي وچ شهه دا هويا، هوءِ هوءِ حُسن هزاري
٤. خودي وچون ميان بيخودي آئي، بُت ڪنون بيزاري
٥. جان دي گردش ڪيهي ڪريندئن، هوش نيندا هوشياري
٦. بقا باقي دي آپي بخشش وي، **سچو** ڪُون سرداري

ڪافي بروه ٧٣٧

اڄ اوڏاهين سي آيون، مُون ڏي خبران خير جون
١. ٻيو تا توسان دوست ري، ڪونه برابر پايون
٢. لڪئي مون معلوم ٿيو سائين! پير ايڏاهين ٿا پايون
٣. سيڪو توکي ميان ڏيهه سنديوَ لک ٿورا ٿا لايون
٤. سُورن واريون سيئي ساعتان، تو تا لک لنگهايون
٥. توکي ٿينديون وي هاڻي حاصل، **سچوري** سرهايون

ڪافي بروه ٧٣٨

يار ديواني سان ڪيتئي، ٻي تا ڪيهي آکين ڳالهه
١. درد مندان دي دلبر دلڙي ميان! نال نگاهان نيتئي
٢. چشماندي جو چوپڙ ڪراهڻ، ساري بازي جيتئي
٣. دلبر سائين مشتاقاندي وي، رت دلين دي پيتئي

Scanned by CamScanner

۴. آپڻي محبت وي سُهڻا سائين وي، نال **سچو** دي سيتئي

ڪافي بروه ۷۳۹

منهنجي حُجت تو سان ناءِ
توکي مؤلو ميڙي يار
۱. مؤن هن نماڻي کي
آسر سند آءِ
۲. اندر ٻاهر تانهنجي
جانب آهي جاءِ
۳. ڏونگر ڏورڻ آئيا
ساجن تنهنجي ساءِ
۴. **سچو** آهي سڪ ۾
لعلن تنهنجي لاءِ

ڪافي بروه ۷۴۰

۱. مارڳئي غمزان دي نال هورهي هئي دل ديوان
مئين بچاري نِت جو بردي، رُسين ڪيهي گمان
۲. محرم هُوا اس راز ڪاتس سرديا ميدان
خلق اس سُون اُس جدائي هو سدا بيران
۳. عشق ڪر استاد ڦريون درد ڪا ديوان
تحقيق مئين تائب هُوا ايڪدان تيرا مهمان
۴. جس سنايا هئي شوق سُون سارا ميرا فرمان
عشق ڪي ايوان ۾ ڪيا سِرُ اُسي قربان
۵. پهلوانان ڪي هي بازي عشق نهين آسان
تُجهہ ڪون اپڻا هو ڪيا هي هو **سچو** سلطان

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٧٤١

تئيـنـون مـعـلـوم سـائـين!
حـال نمـاڻـي دا مـيـان
١. ڪـيـڙي پـيـڙي وو آتـون تـئـي
رانـجهـو يـار مـلائـين
٢. دل جا رانجھن سوگھي ڪيتي
ڪـيـڙا گـهـول گـهـمـائـين
٣. چڄ ڪـيـــڙان دي اڳڻ آئـــي
تهنڪون **سچو** آک سڻائين

ڪافي بروه ٧٤٢

پڇن ڪوه طبيب، او سوز واريون سرتيون پلو الو
١. پـيـدا تـيـنـدا پـاڻـهـين
ڪـــول آيـــس قـــريـــب
٢. ڏين ڏيڪاري ڏيل مؤن
اچانـــڪ عـــجـيـــب
٣. **سچو** وسـن سي سـدا
هـيـنـئـڙي منجهـ حـبـيـب

ڪافي بروه ٧٤٣

الا باري بره ڊولڻ جي دل ديواني منهنجي ڪيئي
١. اوري اتـــڪ نــہ رهـي، خاص پـريـن ڪُڪـئـي
٢. پـيـاريـائـون پُر ڪـري، ڀـي سـڀ وائـي ويـئـي
٣. راتـيـان ڏيـنـهـان روح ۾، تـيـا تـيـا آهـي تـيـئـي
٤. اڪيون دل **سچوءَ** جيون، پاڻ سُڪيون ڪيون پيئي

Scanned by CamScanner

ڪافي بروه ٧۴۴

يار لايو رنگ ڏس تون جي هئين ڪنهن حال ۾
١. محڪم رهين احوال ۾، قائل نہ ٿي تون قال ۾
٢. خيال ٻاجهون خاص ٿُنهنجو، هُئي جيڻ جنجال ۾
٣. جي هئين ڪو دم اتي تا هُج تون، خاصي خيال ۾
۴. اصل ۾ يڪتا ٿئين، عاشق جو چئو امثال ۾
۵. محبت مگر مرشد سندي، آٿي انهيء احوال ۾

ڪافي تلنگ ٧۴۵

هَسُدا وي ميان! ڪرڪي ڳالهين رُسدا وسدا وي ميان
١. جاءِ قتل دي ميان نال اشارت! سائين ڪڙڪي ڏورؤن ڏسدا
سيني اندر تير ماريوني، سو غمزه مُول نہ گسدا
٢. درد منديان ديان دليان دلبر، ڪل ڪي خوني ڪسدا
٣. ڏي پيار **سچو** ڪون سائين! ڪيون پر نسدا

Scanned by CamScanner

داستان اٺون ڪسوريءَ جي ڪافين جو

ڪافي ڪسوري ٧۴٦

عشق اول آزمائي، ڪاڪيون ڪيچن جو ميان
پير تهان پوءِ پائي
١. سر تي سهج وو سور ستاٽا
ٻاروچو ٻولائي
٢. صحي ملندئي هوت حقاني
رانول مؤن رولائي
٣. عاشق صادق سڻ **سچيڏنا**
پول نہ ڪنهن پولائي

ڪافي ڪسوري ٧۴٧

ڪيڙان نال گذاريم ڏينهڙي
هُڻ ويندي يان رانجهن يار ڏهون
١. مئين مُئي دي هُڻ دلشاد هوئي
گهليا واءُ ٿذا اُهين پار ڏهون
٢. اس جڳ ديان جايان چوڙڪي
رک ڏيان سچي اقرار ڏهون
٣. توسين هنيان سيي هت
پاتيون دير نہ پوي دلدار ڏهون
۴. ڪتي تائين مهجور هوسئين
آيا پانڌي اصل اسرار ڏهون
٥. ٻيڳي شڪ **سچو** دي غير ڪنون
دل آءُ پئي اعتبار ڏهون

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪسوري ٧٤٨

عاشق مرندا ڪينڪي، رهندا ڪين مڪان ۾

١. ديــوانــي دريــاهه جو پــيــتــو پــيــالــو ڀُر ڪــري
اجر مــنــجهــه امــر ٿــيــو آهــي گــڏيــا ڪــين جهــان ۾

٢. غيــب ۾ جي غرق ٿــيــا تــن گــهــاوَ گــردن ۾ لــڳا
ٻــولــي ٻــولــن ٿــا ٻــي نــڪــا آهــي رهــن الامــان ۾

٣. ڪــنــي پــڙهــنــدي ســال ٿــيــا روزا نمــازا نــفــل نــي
تــن ڪــتــن ڪــل ڪــانــڪــا بــاطُون جي بــيــان ۾

٤. چين ولايــت گــهــر ڪــري گــهــڙي گــهــارن ڪــيــنــڪــي
پــس هــاديءَ حــق ڪــي رهــن تــا بــئــيــبــان ۾

٥. هر دم آهي دم دوست ڏي آهي سُونهن ٿا سرانجام ۾
سو **سچوءَ** ڪــي ئــي مــلــيــو هــي ڪُر اچي تــه گــيــان ۾

ڪافي ڪسوري ٧٤٩

آءُ ڪــانــگــا ڪــا پــريــن جي ڳالــهــه ڪــر
واعــدو ڪــيــئــي ڪــالــهــه ســو بــر حــال ڪــر

١. ڪيئن ڏٺو تو دوست مهنجو ديس ۾، خوش ڏٺو هُئي يار ڪهڙي ويس ۾
سا خبر مون سان ساري في الحال ڪر

٢. ڪي پڇيائون خبــر هــن جي حــال جي، ڪــي ڪــيــئــي آگــاهه هــن احــوال جي
سو مونسان ڏاها اهو احوال ڪر

٣. هِت فراق آهي ماريو مُون ٻيو چا چوان، سور هن جي ساهه ڪي نِتَ نِتَ نوان
آءُ ادا خاطر منهنجي خوشحال ڪر

٤. ڪــي اُڏاڻــو هُئين پــريــن جي پــار ڏي، ڪــي نــيــاپــا هــي نــيــا هُــئــي يــار ڏي
ڪا مدد منهنجي ادا الحال ڪر

Scanned by CamScanner

۵. دوست جي ٻـ حـضـور جي حـاضـر ٿـئـين، زاغ زاريءُ مؤن اهـي نـيـاپـا نـئـين
لڳ سائين سارو **سچوء** جو سوال ڪر

ڪافي ڪسوري ۷۵۰

مـــانَ پـــريـــن پـــهـــچائـــي
هـــي نـــيـــاپـــو ڪـــو نـــيـــئـــي
۱. ڳچي پائي ڪپڙو پاڇاٽي پرچائي
حـــال ڏئـــي وچ هـــيـــئـــي
۲. پـــريـــن ڏســـج پـــاڻ ڏي
چت نـ وچ مون ٿئون چائي، يار اسان نال پيئي
۳. الله ڪـــارڻ آءُ تـــون ســـائـــين!
ٻـانـهـي ٿـي ٻـاڏائـي مـنـج دلاسـا ڏيـئـي
۴. اوهـــان ٻـــاجـــهـــون ســـپـــريـــن!
ويئي ورهـُ وسائي ڪـانـگ اڏائي ڪـيـئي
۵. در اوهـانـجـي جـو دلـبـر سـائـين!
سچو ٿـو سـگ سڏائي، ٻانـهـون ٻانـهـون ٻيئي

ڪافي ڪسوري ۷۵۱

ميڏهون آوين، وو ساري روان تيڏيان ڳالهين
۱. اڱڻ اســاڏي وو نـــانءُ الله دي، آڪـــر ڦـــيـــرا پـــاويـــن
۲. اسان يـتـيـمـان، ٿون سهٹا سائين! چِتَ نـ دلـبـر چاوين
۳. آءُ وس سهٹا ويڙهي اساڏي، جاني تون ول نـ جاوين
۴.**سچو** هـي سـگ در تـيـڏي دا، ٻـڌي مُـڪـڙا وڪـاويـن

ڪافي ڪسوري ۷۵۲

ڪـئـنـتـون آپ لُـڪـيـنـدا، سائـين! ڪـئـنـتـون آپ ڇُـپـيـنـدا
۱. طـرحـين طـرح هـڪـائـي ٻـولـي، آدم وچ الـيـنـدا وي

٢. نوعان نوع تماشا ڪيتا، اوران چال چلیندا وي
٣. آپ اناالحق الیندا، سولي آپ سلیندا وي
٤. هر ڪنهن مظهر ظاهر هوسين رنگان وچ رلیندا وي
٥. **سچو** دي وچ تُوهين سائين! سارا سر سلیندا وي

ڪافي ڪسوري ٧٥٣

آپي سير ڪريندا، مولا آپي سير ڪريندا وو
١. جوڙ تماشا ملڪر دلبر، ڇهه ڇپ نال چليندا مولا
٢. هر ڪنهن صورت هر ڪنهن ٻولي، عينؤن عين اليندا مولا
٣. **سچو** سچ اهوئي آهي، ڀول ڀئي نہ ڀُليندا مولا

ڪافي ڪسوري ٧٥٤

زاري ڀينر زاري، اڳيون عجيبن آهي اسانجي
١. روز ازل کؤن عاشقن جي، سوريءَ تي هسواري
٢. شاه منصور حلاج حُسيني، سوريءِ ڪيئن سينگاري
٣. هي تئي گم، اهو تئي ظاهر، ڇَپ ڇنان چؤڏاري
٤. **سچو** ساه سري ڪر صدقي، سرسُ وٺين سرداري

ڪافي ڪسوري ٧٥٥

هيون هوتن هت آهي آهي
ڪير چوي تا ناهي ناهي
١. فهم فراست عقل ارادت
نينهن بنان سڀ ناهي ناهي
٢. مست ٿيا مخمور اٿاهين
ڪل نہ پئي ڪنهن ڏاهي ڏاهي

Scanned by CamScanner

٣. ڏوڙا طالع ٿين انهن جا
يار جنهان نون چاهي چاهي

٤. وس مڙيوئي يار سڄڻ جو
هيءَ نماڻي چاهي چاهي

٥. سگ سپاپو سڄڻ سان
ڪير **سچيڏنا** ساهي ساهي

داستان نائون

ڀهاڙيءَ جي ڪافين جو

ڪافي ڀهاڙي ٧٥٦

چوڙ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهيدا
١. مار نغارا وحدت والا، فڪر رکين پاتشاهيدا
٢. غير خيال گذار نہ دل تي، غمزا هئي گمراهيدا
٣. گمراهي وچ هَئي هدايت، نور سفيد سياهيدا
٤. هر ڪنهن طرفؤن تارڪ ٿيوين، ڪر ڪم ڪج ڪلاهيندا
٥. مارِ زُغا تا ظاهر ٿيويئي، سُرڪا پيءُ صُراحيدا
٦. آپ سڃاڻ اناالحق آکين، لوڙين عيش الاهي دا
٧. نفي **سچو** اثبات ڪريندا، ويڪو سيل سپاهيدا

ڪافي ڀهاڙي ٧٥٧

برها هئي سارا مشڪل بازي، ڪؤن ري هات لاويگا
١. بي سروپا يگانا هو ڪر، دلبر اس جڳ آويگا
٢. عشق ڪي نيشاني پهلي، دين ڪُفر ڪُون اڏاويگا
٣. جسڪا هات پڪڙ ليا برهي، تسڪا سر ڪٽاويگا

Scanned by CamScanner

۴. عشوه عشق ۾ هئي يارو، سُولي سر چڙهاويگا
۵. ديکنا هي اب اُسکي پيڇي، کيسا رنگ بناويگا
٦. دليان کي ميدان کي اوپر، کونتل عشق کڏاويگا
۷. **سچو** سوز فراق ديان فوجان، پئي پئي بره بڄاويگا

ريختو پهاڙي ۷۵۸

بربا ہے سارا مشکل بازی، کون رے ہاتھ لگاویگا
بے سرو پاء یگانہ ہوکر، دلبر اس جگ آویگا
۱۔ عشقے کی نیشانی پہلی، دین کفر کوں اڈاویگا
جس کا ہاتھ پکڑ لیا برھے، تس کا سر کٹاویگا
۲۔ عشوہ عشق یہی ہے یارو، سولی پر چڑھاویگا
دیکھنا ہے اب اس کے پیچھے، کیسا رنگ بناویگا
۳۔ دلیاں کے میدان کے اوپر، کونتل عشق کڈاویگا
سچو سوز فراق دیاں فوجاں، پئے پئے برہ بچھاویگا

ريختو پهاڙي ۷۵۹

اے یار جب تم سردیویں، تیرا نام عاشق ہوا
منصور اول سر دیا، تب سوں سارا اناحق ہوا
اس عشق اناالحق کا، یہی مار نعرا آءُ کے
سرؔ اپنا جب ظاہر کیا، ہر طرف سوں تارک ہوا
طالب ہوویں جب یار کا، آءُ عشق کے میدان میں
عاشق اسی کوں ہم کہوں، جو تیغ سے دو تک ہوا

Scanned by CamScanner

۳۔ عشق میں روون زار ہے، نا خواب نا آرام ہے
جس دل سیتے بربا لگا، اوئی سب سوں لاتعلق ہوا
۴۔ پیر مغان کے آستان، سیتے پڑا وہ اے سچو
تجھ کوں کیسی پرواہ ہے، تیرا پیر عبدالحق ہوا

ريختو پهاڙي ٧٦٠

سجن کوں جو مارتی ہے، جانان تیری جدائی
دلبر تیرے ہجر سے، در در کروں گدائی
ا۔ در در پھروں دیوانی تیرے فرق سیتے
مجھ پر تمام کیتی، یوں خلق نے رسوائی
۲۔ دو چار دن وصل سے، دو چار دن فراقی
سکھتا نہ کس سوں جانی، یہی رسم آشنائی
۳۔ لوتا کے دل پڑا ہے، سچو تیرے شہر میں
اس کے اندر میں تیری، نوبت برہ بجائی

ڪافي پهاڙي ٧٦١

هوش مان پي هوش مان بي هوش
١. ڪڏهان زاهد ڪڏهان عابد
ڪڏهان نوشا نوش
٢. ڪڏهان هجر فراق ڏسيندا
ڪڏهان غوشا غوش
٣. ڪڏهان دلبر ڏور گهتيندا
ڪڏهان گوشا گوش
۴. ڪڏهان جاءِ ڪناري ڏيندا
ڪڏهان پوشا پوش

Scanned by CamScanner

٥. ڪڏهان موڄ وهيندي مائي
ڪـڏهـان جوشـان جوش
٦. ڪڏهان سچو جاءِ نہ لهندا
ڪـڏهـان دوشـا دوش

ڪافي پهاڙي ٧٦٢

تاب مان بي تاب

١. نہ مئين گويا، نہ مئن جويا نہ سوال جواب
٢. نہ مئن خاڪي، نہ مئن بادي، نہ مئن آگ، نہ آب
٣. نہ مئن جني، نہ مئن اِنسي، نہ مائي، نہ باب
٤. نہ مئن سُني، نہ مئن شيعہ، نہ مئن ڏوه ثواب
٥. نہ مئن شرعي، نہ مئين ورعي، نہ مئين رنگ رباب
٦. نہ مئن مُلا، نہ مئن قاضي، نہ مئن شور شراب
٧. ذات سچو دي ڪيهي پڇدئين، نالي تا ناياب

ڪافي پهاڙي ٧٦٣

آءُ ٻـانـهـي تـون سـائـين
وي پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو
٢. طـرفـؤن تـنـهـنجي يـار پـيـارا
ڪانگ اچن من ڪائين وو
٣. نـانءِ مـولا جي مـهر پـويـئـي
ٿـورا مـون تـي لائـين وو
٣. روز ازل ڪؤن تـنـهـنجڙي آهيان
غير نہ مونـڪـي پـائين وو
٤. هڪڙي ساعت اڳڻ سچوءَ جي
پـيـر مُبـارڪ پـائـين وو

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ٧٦٤

پيو ڪو ڄاڻ محض گناه، هر ڪنهن صورت آپ الله

١. ڪتي گداء گدائي والا، ڪتي جو شاهنشاه

٢. ڏونهان ڏيک متان ڪو ڀولي، اولي ابر ماه

٣. و نفخت فيه من روحي، آهي سهي ڪر ساه

٤. خلق الاشياء وَهُو عينها، اهو قول گواه

٥. صورت منجهه سچوءَ جي، ڀولي پاڻئي بي پرواه

ڪافي پهاڙي ٧٦٥

ڪيها غرض پيوئي وي
اپڻا ديس ڇوڙيوئي

١. خوشيان خورميان وي ڇوڙ ڪراهَڻ
ڏک قبول ڪيتوئي

٢. شان شاهي داگم ڪيتوئي
جهونا بگل هنڍيوئي

٣. اَٿان هو ڪر اٿان جو آئين
رهبر عشق ٿيوئي

٤. تخت هزاريدا وي تون سائين!
ڪيونڪر جهنگ پڇيوئي

٥. درد هجر وچ سُڻ سچو ري
ڪيونڪر آپ گهتيوئي

ڪافي پهاڙي ٧٦٦

نماڻي دا ننگڙا تئين تي، جيوين تيوين پالڻا

١. ميري آهيان مندي آهيان، بيشڪ بندي آهيان

Scanned by CamScanner

ڏکين ميڏا ڍولڻا مئيڏي عيب نہ قولڻا

٢. پيان پناري، لڳي آهيان لاري
جوڳي نال جالڻا، اسان ول هين آوڻا

٣. يار **سچل** تؤن لتي کشالي
گهونگهٽ کولڻا، ٻهہ ٻهہ ٻولڻا

ڪافي پهاڙي ٧٦٧

ڪيوين ڪاغذ ڪيتي ني ڪارا، هاءِ هاءِ وي يارا

١. عالم ساري ڪُون مسلي والا
سبق پڙهايو سارا

٢. ڪيتئي مُنهن ڪتابان ڏهون
ڀُل ڳيون بيچارا

٣. ٻيان ڳالهيان سڀ ڇوڙ ڪراهڻ
وِرهُ گهنين وڻجارا

٤. ڪيڪر ڳالهہ الست والي
وسر ڳيئي ويسارا

٥. ورد وظيفي دا راتو ڏينهان
ڪردئين لک شمارا

٦. **سچو** يار سڄڻ دا ڏيکو
هي تا محل موچارا

ڪافي پهاڙي ٧٦٨

سڻو سنيان تسان ملڪر آئو، يار تماشا لايا هي

١. سُرخ سُهاءِ اکيان رنگ ڪيتس
بره بڻاءِ بنايا هي

Scanned by CamScanner

٢. سيرين بازارين آڪر ڏيڪو
لعلي ڪا رنگ لايا هي
٣. ڏيڪو تسان اهو سيل سڄڻ دا
جو ڪنهن جاءِ سمايا هي
۴. طرف اساڏي دلبر سائين
برها باز اَڏايا هي
۵. ايڏي اوڏي هر ڪنهن طرفين
هوڪا حُسن گهمايا هي
٦. **سچو** دا اهو آڪڻ ناهين
آپي دوست آلايا هي

ڪافي پهاڙي ٧٦٩

پانڌي پريان ڏهون آوين، يار آوين
١. سگهڙا سگهڙا آندا رهين، مُدت مُور نہ لاوين، يار لاوين
٢. گهنڪي نياپي ول ول وو ميان دل ميڏي ڪون سيباوين، يار سيباوين
٣. مويان نون وت ڦير جيوائين، اگڻ ڦيرڑا پاوين، يار پاوين
۴. **سچو** تيڏا وي بندا در دا، چِتُ نہ تهين تون چاوين، يار چاوين

ڪافي پهاڙي ٧٧٠

عشق تي باز، اسان مرغابي، پيان دست شڪاري دي
١. دين ڪُفر ڪنون ٻاهر پيان، لڪير خط بيزاري دي
٢. يار تا بي پرواه ٿي گهمندا، ناهي وس ويچاري دي
٣. ٻئي دن گهوريئي ڳئي اجائي، دم ٻلي دوستداري دي
۴. ساتي **سچوري** آءُ اسان ڏهون، دوست ڪنون دلداري دي

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ٧٧١

اڪيان باز تي دل مُرغابي، پيان وچ دست شڪاري دي
١. عشق سارا اتفاقي هوندا، ڪم نهين اختياري دي
٢. جري جنهين ڪُون چنگل ماريا، خيال ڳيا سناري دي
٣. ٽڙڪڻ نال مُول نهين ڇڏيندين، مُنهن پيان وچ ماري دي
٤. ڪل تنهين ڪون آپي هوسي، ماريئي حُسن هزاري دي
٥. سانگا ڇوڙ **سچو** سر سٽڻا، سودي نهين پساري دي

ڪافي پهاڙي ٧٧٢

عشق ديان اُلٽيان بازيان، ميان! اُلٽ بازيگر ويکو
١. بره ديان باتيان سنو سنيان
تن من اندر تازيان
٢. علم حقيقي عاشق چاڻن
ڪيا چاڻن مُلا قاضيان
٣. محبت دي ميدان وچون
گوءِ چاتي ڪنهان غازيان
٤. **سچو** سائين در الله دي
ڪردا سؤ لک آزيان

ڪافي پهاڙي ٧٧٣

سانورا جي ميڏي سو ماهي آويا، ميلاپاڪيي هوي سدا هووي
١. ابڪي وچڙي ڪب سون هو ملونگي جائونگي ندي دي ڪناري
٢. راتيان ڏينهان تانگهه تساڏي، سيني سڪ نہ سماوي
٣. الله ڪريسي ڏينهن اهوئي، اڱڻ سچو دي آوي

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ۷۷۴

ٻلا اسان ڪريسُون تيڪُون حيلي هزاري وو هزاري

۱. گهر اساڏي ٻہ چوڙين ندي دي وو ڪناري هو واري وو ڪناري

۲. تيڏي ڪيتي هار سينگار ڪردي ني، جي ساري هو واري وو ڪناري

۳. تنهن ڪنون ٻچي ڏونهين رل ڪرويسون، تخت هزاري هو واري هزاري

۴. راڄ سيالين درست چوڙين، ٿيون فقير بيچاري، هو واري بيچاري

ڪافي پهاڙي ۷۷۵

عشق تنهنجي ماري آهيان، آءٌ اچي ڏي دوست دلاسو دل کي

۱. سگهہ نہ ساريان پنڌ ڪرڻ جي، ٻلو ميان!

ڪيچ وٽن ڏي ڪيئن ڪاهيان

۲. آءٌ تا ٻانهي تون تا سائين

سگ نہ ٻيو ڪو ساهيان

۳. ڪم اچي جي هي سر تنهنجي، ميان!

تاٻي نابر ناهيان

۴. آءٌ اڻ سُونهين سُنهين ناهيان

ڪاڏي ڪرهل ڪاهيان

۵. هوت ڪرين ٿو ڪهڙيون ميان!

آسر هڏ نہ لاهيان

۶. اگڻ آءٌ تون يار پيارا،

سڀ ٻلايون ٿي ٻايان

۷. وره اوهانجي ڪيئي ولوٽيا

سچو چوي آءٌ چاهيان

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ٧٧٦

مئين تا ڪوئي خيال هان هُڻ ليسان نال خيال دي

١. زُهد عبادت تقويٰ طاعت، ناهن ڪم ڪشال دي

٢. فڪر اهين وچ فاني ٿيوين، ويکين جوڙ جمال دي

٣. أهين جو منزل سيي ويسن، صاحب جي احوال دي

٤. مئين ديدار مئين وچ، پهريم ويس وصال دي

٥. اصل أنهان آگاه نهين جي، عاشق شئي شڪال دي

٦. **سچو** سچ ڪريندئين ظاهر، الا ڪاڻ قتال دي

ڪافي پهاڙي ٧٧٧

جادو لايا جادو لايا، جوڙ بيبا أنهان رنگ پريان

١. حُسن ماري عاشقان نون، عشقا وي هوء هوء
درد ڏاڍي آوتو تا روز شب تا ووء ووء
بيبا يار دل دا ڏاڍا

٢. شمع حُسن دي تي عاشقان جيوين، سر ستن پروانڙي
راتو ڏينهان ڪڙ رهي معشوق در ديوانڙي
بيبا موت باس ڪڙوتا

٣. عشق بازي وچ هوئي سڀ جان بازي ياوٽا
عشق ڪي ميدان ۾ سرڪاٽ دي تا آوٽا
بيبا پنڌ هئي اڙنگا

٤. مئن پچيام سُهٽي يار ٿون تيڏي طرف ڪيونڪر آوٽا
اها تي ولاٽين يار ڏهون جهنگ چوڙڪي نا ول جاوٽا
بيبا ڀهون ڏک ڏسيندا

٥. ڏاڍي چالي سهٽيان دي ڳل گهتن سوني هار
ڪنڌي چناه دي ڪڙ رهيان جوڳي ڏيک رانجهو سهٽا يار
بيبا ڀهون آزيان ڪردا

Scanned by CamScanner

٦. ديس اپڻا ڇوڙ ڪي هڻ يار چليا پرديس
هجر تنهندي مئنون ماريا ول آوي شال ديس
بيبا رب آن ملاوي

٧. جوڳي زلفين والڙا ويڙهي ساڏڙون تي ول آئنداهي
پوڇو مئين نون حال حقيقت روح ميڏي ياندا هي
بيبا اڪين نال مريندا

٨. ديدان اڄ عيد هوئي ٿيا حاصل ديدار
گهر **سچو** دي گهڙ جو آيا ڇوڙ ڳئي آزار
بيبا خوشدل هوئي

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٧٨

اپڻا ديس سنڀال، وو ميان! ڀلا پرديسيا وو

١. ديس اهوئي ڪيوين وساريئي جاني
ڪيتؤ اٿان جال

٢. ڀل ڳئي هي ڳالهه اهائي
ڪيهي ٻي قيل مقال

٣. ياد نه ڪيتئي، وطن اصل دا
پو ڳيؤن ٻئي خيال

٤.**سچو** سنڀالين دوجا
ڪا آهي اصل دي ڳالهه

ڪافي پهاڙي ٧٧٩

آک اسان نون تون حال وو، ڪيوين ٿيون پرديسي

١. اُتان هوڪر، اٿان جو آئين
پيئي ڪيوين اهو خيال وو

٢. ديس تا اپڻا وو ڪيوين ڇوڙيوئي
ڪرين اسان نال ڳالهه وو

Scanned by CamScanner

٣. مـــئـــن نـــہ چاتـــي رمـــز اهـــائـــي
جاني وٺيئي اها جال وو
٤. اڄ تـــا اوُ ڳئـــي، ســـڻ **سچو** كـنـون
كيا هووين تون كال وو

كافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٠

ســاڏڙي نـــال، وو كـــيتـــي ويـنـــدا ڏاڍپ يـــار
١. يـــار زوراور اســـان نمـــاڻـــيـــان دي، وو
نـهين منـيـنـدا ڳالـهـ
٢. روز الـــســـتـــي وو آهـــي اســـاڏي
جوشـــان دي وچ جال
٣. درد مـــنـــدان دي وو ڏاڍا دلـــبـــر
نـهين سـڻـيـنـدا حـال
٤. دوســـت اســـاڏا وو ســـڻـــوري ســـنـــيـــان
گهڙي گهڙي پئي خيال
٥. نـــال تـــســـاڏي وو مـــئـــن تـــا آهـــس
سچو تـون آپ سـنـيـال

كافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨١

كـيويـن دل لائي وو، تـسـان پـرديـسي نـال
١. نـال تـنيـنـدي لنؤ تـولائي، ڏک نـہ تـيوين پـائي وو
٢. يار مسافر چيتک لائيي، هت تئيكون كيهي آئي وو
٣. جاءِ أهـيـنـدي نـان آهـي، شـل نـہ هـوئـي كـائـي وو
٤. آوڻ جاوڻ دي سڌ نـہ تـئـيكون، اڳيان تيڏي دل چائي وو
٥. الٽ پلٽ دي وي ڳالهہ **سچو** هي، سمجهہ ساري اها وائي

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٢

رانجهي دي رسوائيان
سارا لوڪ اسان نون ڏيندا
١. جو ڪجهه سانون رانجهن ڪيتا
سو ولا لوڪ سٽايان
٢. ڳجهيان ڳاچيان رانجهي واليان
ڪنهن نون مين وڪلايان
٣. **سچو** سؤ لک طعني تهمت
چشمان تي چُم چا چايان

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٣

فوجان اسان تي ڏاڍيان
حسن والي ديان چڙهيان وي
١. غمزي رمزي لڳي آهين يار دي
اسان وو نماڻيان نال اڙيان وي
٢. مزگان والي بڙڇين نيزي، لڳي تڪيرڙي
دلبر تيڏيان زلفان قابو ڪڙيان وي
٣. ڳجهيان ڳجهيان ڳالهين سهڻا **سچو** سنيالي
حال ڍوليا سدا ساڏي جي نال جڙيان وي

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ٧٨٤

سانون وو مريندييان،
حسن والي ديان چشمان وي
١. نينهن دي نيزي لڳي وو لڳي وو نظاري سهڻا
مئن تا لڳڙي وتان تيڏيان قدمان وي

Scanned by CamScanner

۲. برھ ديان ٻڙڇيان ھرڇيان ڳتيان وو خُمار يار
ڪيڏيان ھويان ڪيھان رسمان وي
۳. ڏاڍي ڏاڍي ڏاڍي وي چــلا ونــدئــين
سھٹا مئيڪون تيڏيان قسمان وي
۴. تئيڏي ٻاجھون مردي جھردي ڦردي اداسين
سچو وو مليندا بسمان وي

ڪافي پهاڙي ۽ پيروي ۷۸۵

آءُ ادا سالڪ صحيح ڪر تون طلسمانت ڪي
پيچ ڏئي تا ڪل پويئي، دور ڪر درجات ڪي
۱. سر اھو سارو سڻائج، ڪن نہ ڏي ڪرامات ڪي
ظاھر ٿي تا ذات مؤن، پر سمجھہ تون نہ صفات ڪي
۲. غازي نہ پانئج غير تون، ھن محض موجودات ڪي
سر سڻج ھن سر ۾، ڏي منھن نہ ٻي مصلحات ڪي
۳. بي اعتباري سان ڪرين، ھر ھر نفي اثبات ڪي
اثبات ڪؤن اڳنان لنگھي، ڪر تم تون طاعات ڪي
۴. تون ڪيئن وني ويھي رھين، ھي ھاءِ دڪايات ڪي
ڳالھين منجھؤن تا ڪين ٿئي، پيچ اوٹ عُزي لات ڪي
۵. **سچو** رُئين چو ھيترو بس ڪار ھن برسات ڪي
تصديع تون چو ٿو ڏئين، محبوب جي محلات ڪي

ڪافي پهاڙي ۽ بلاولي ۷۸۶

اي يارو ميڏا ڪوئي اختيار نھين
آکٹان اھو عشق دا اسرار نھين
۱. درد اھيندي وو يار قيمت نھين، اھو جيھا وو مرتبہ حاصل نھين
عشقدا سؤدا شھر بازار نھين

Scanned by CamScanner

۲. عشق تا منصور نون ڏيک کيا کيتا، تنهنکون سر سولي اُنهين برهين نيتا
شوق واليان دا ڪوئي شُمار نهين
۳. کنهن پوڇيا عاشق کنون جا تم پاس صنم، مرض تئيکون آهِ کيها سوکر معلوم
عشق جيها اور ڪوئي آزار نهين
۴. زهد تقويٰ آئون طاعت کيها کام ڪِيتا، عشق بن کيا ڪُفر کيا اسلام کيتا
جيوين لک سپاهي هئي هڪ سردار نهين
۵. کيون نہ مروينديِ هجر والا هاءِ هاءِ، روز شب وائي تنهينديِ واءِ واءِ
کنار ديوچ جنهندي يار نهين
٦. جي بره دي تيغ تئيکون ٽک کيتا، يار تئنکون آپڻا عاشق کيتا
خون دي قيمت منگڻ درکار نهين
۷. لک هزاران وچون ڪوئي عاشق ٿيا، بي سرو سامان اوئي لاشڪ ٿيا
هر کهين تي عشق دي تلوار نهين
۸. گم ٿيوين تون يکا يک يار وچ، دل و جان آوين اُهين اعتبار وچ
ايوين آکيا مرشد **سچو** انکار نهين

ڪافي پهاڙي ۷۸۷

پلا پلا کيهان وو کيهان، تو تا سانون تانگهان لايان
۱. هڪبئي پچون فوجان حسن ديان، چڙهہ چڙهہ آيان
۲. آوڻ دا وت ديس اساڏي، تيان سهڻي ديان
۳. وڏڙي ويلي ويسان اتاهين، جتي سهڻي ديان جايان
۴. هر هر توبه عشاقان نون، **سچو** سي بره پڙهايان

ڪافي پهاڙي ۷۸۸

تيرا تير لگا هي ميري جان جداهي مُجکون قسم خداهي
۱. اس عاشق بيچاري کون تم مار چليا هو
سر اوپر چيرا لعلي کيئي اور تير چلا هي
۲. شمشير خونريزي کي سجن عريان مت کر

Scanned by CamScanner

تيري الم کي آگي عاشق جو فنا هي
٣. ڳل پر جو لٽڪ زلف تيري شاه وگدا کيا
تيريان اکيان خوني کيسا قهر کيا هي
٤. کسدن کريئي مهر ميري آءِ گلي ٿم
تيري خاڪ قدم کي تؤن سر ساه فدا هي
٥. الظالم اس ناز سون مشتاق مارياهي
عاشقان کي خونريزي تجهکون جو روا هي
٦. تيري نام کا عاشق جو پيا اصل همن هون
از روز ازل تيري **سچو** در کا گدا هي

ڪافي پهاڙي ٧٨٩

آءُ پانڌي ڪرنال اسان ڪائي ڳالهه سڄڻ دي آوڻ دي
١. هجر تيڏي ميڏا حال وڃايا، اٿان هوت رهي ساوڻ دي
٢. خوب بسنت بهار جو ڪليا. هڻ آئي مُند ملاوڻ دي
٣. مين غريب نماڻي نون، ناهي قُوت عرض الاوڻ دي
٤. نال **سچو** دي سهڻا سائين! ڪرڪا نينهن نڀاوڻ دي

ڪافي پهاڙي ٧٩٠

ٺڳدا وتدا دليان يار ني وي
١. ساري عالم ڪون عاشق ڪيتا، چشماندي چمڪار
٢. ده بده نون ديوانا ڪردا، اکياندا اسرار
٣. نڪل ٻاهر هُڻ ٻرقعے چاوين، عشق هويا اظهار
٤. ايڏون ايڏون خون ڪريندا، اِنهان خونياندا خمار
٥. اکيان ڪول تے هادي والا، **سچو** ڏيک سينگار

ڪافي پهاڙي ٧٩١

پار چناب دي سڻو سنيان! رانجهو سائين وسدا وسدا
١. سڀ دي سيتي هر ڪنهن جائين، ڪڙڪي آپي هسدا هسدا

Scanned by CamScanner

٢. اُيالمان وو يار اسان نون، نينهڙا لاڪي ڏسدا پسدا
٣. ڳالهين نال وي دليان سڀ ديان آکين، چاءِ ڪي ڪسدا ڪسدا
٤. سيان نال وو هڪو جيها، ڪيون وو **سچو** ڪنون نسدا نسدا

ڪافي پهاڙي ٧٩٢

اُهي اڱڻ مهنجي آيا، جن ڪاڻ سي پير پڇايم تي
١. پڪي اسانجي پيهي آيا، ڏينهن گهڻا جن لايا
جن ڪاڻ سي پوٿيون پٿايم تي
٢. جن لئي روز نهاريم راهان، مولي سي محب ملايا
جن ڪاڻ سي ساٿي سنيايم تي
٣. هن غريب ڪي گڏ نيڻ جا ڪياسي سڄڻ سعيا
جن ڪاڻ سي ڪانگ اُڏايم تي
٤. ڏينهن فراقي لنگهيا اسانون روئندا دوست ڪلايا
جن ڪاڻ سي ڏڪڙا لنگهايم تي
٥. رهيا آهن روح منهنجي تي، فائق جا فرمايا
جن عشق جا سبق پڙهايم تي
٦. دل **سچيڏنـ** جي تي اصلوُن هادي حڪم هلايا
جن ڪاڻ سي وره وسايم تي

ڪافي پهاڙي ٧٩٣

آوين تون ميڏڙي ڪول، وي مئين مرديان
١. تيڏي ڏيکڻ ڪيتي سُهڻا لک لک خيالي ڪرديان
٢. اسان تسان وچون وهندي وي، راتيان نديان نديان
٣. سيالين وچون ٻاهر جو پيان، ٻانهي سا تيڏڙي در ديان
٤. لاوباليان وي يار سهڻي ديان، ويک سچو مئي ڏرديان

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ٧٩٤

آءُ تنهنجي، سارو عالم ڇاڻي، يار ڇگي تو تا لائي وو
١. گهوريو پرين پرديس اوهان توُن، ڪر تون اچڻ جي ڪائي وو
٢. اندر اسانجي يار سڄڻ وي، سنديوَ سڪ سمائي
٣. طرف اسانجي شال اوهانجي، ٿئي ورڻ جي وائي
٤. مهڻا ڏئي ٿو لوڪ مڙيوئي، دوست توتوُن دل چائي
٥. شال سچوءَ جي يار پيارا، لهين تا سُڌ سپائي وو

ڪافي پهاڙي ٧٩٥

ناهي ڏوراپو ڪو ڏيڻ اوهانکي
يار توسان منهنجي زاري
١. روز ازل کوُن چاڙهيئي اسان تي
بار بره جو باري
٢. جاڻي ڪاڻي صاحب ساريان
يار اوهانجي ياري
٣. راتو ڏينهان ڳالهہ اوهانجي
ٻي وائي مُون وساري
٤. درد منديءَ سان ڪنهن ڏينهن
دلبر ڪرڪا ورهن واري
٥. حال احوال جي آهي اوهانکي
سُڌ سچوءَ جي ساري

ڪافي پهاڙي ٧٩٦

مئين بندا هويا ني يار تيڏا وي، شل جيوين، وي يار
١. نال اساڏي ني وي، رانجهن محبت لايوئي وي ميان
آڳ اندر وچ وي ماهيا آڻ جڳايوئي وي ميان
هُڻ ناپڇدئين ڪيوين وو شل ڪيوين، وو يار مئين بندا

Scanned by CamScanner

٢. جهنگ سيال وي رانجهن تئي تون صدقي وي ميان
راڄ ڪيڙانديِ ني وي ڏولڻ هويا رد ڪي وي ميان!
مئنون ڀاوين اينوين ايوين، وو شل ايوين، مئين بندا
٣. وهمَ ديان وٽيان نديان ني وي رانجهن سانون ڏسيندئين وي ميان!
نال ٻنهانديِ وي ڏولڻ ٻهون هسدئين وي ميان!
ملڪ **سچو** دي ٿيوين ٿيوين، شل ٿيوين، مئين بندا

ڪافي پهاڙي ٧٩٧

مئن تا نالان ڪر ڪر رهيان،
سانون لڳڙا عشق اويڙا

١. ساڏي حال دي خبر نہ ڪائي
تسان نال ميڏي ڪيهي لائي
ڪيون مريندِيان سنيان

٢. هڪو جيڏيان اسان تي هينديان
رلمل هوڪي رانجهو ڏسينديان
مئن تا حال ڪنون هڻ ڳيان

٣. ڪيتا حسن اسان نون اُداسي
ڪڏهان رانجُهو مئن ڪني آسي
اهيندي ڪيتي بيراڳڻ ٿيان

٤. ميڏي حال دا محرم نہ ڪوئي
ڪنهن ڪون آک سٽايان روئي
مئن تا وس انهان دي پئيان

٥. ڪيتا عشق هادي دي اليلان
آوي ڏيک نہ ويل ڪُويلان
سچو لحظي مئن ليان

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ۷۹۸

عشقي ٻاجهون ٻيا سڀ ڪوڙ، سُولي تي منصور
١. نہ ڪوئي دوزخ نہ ڪوئي، جنت نڪا حُور قصور
٢. من اساڏا نهين منيندا، مُليان دا مذڪور
٣. ڏينهن جواني لنگهہ ڳيوسي، هُڻ تياسي جهُور
۴. ظاهر ڏيکيم يار سڄڻ دا، نيڻن والڙا نُور
۵. ٻيان سڀ ڳالهيان ڦڙتيان ڦاهيان، چوڙڻ هين ني ضرور
٦. **سچو** سچ صحي ڪر ڄاڻين، هيئين آپ حضور

ريختو پهاڙي ۷۹۹

تیرے چشم کا چمکار، میری دل کو اثر کیتا
وہ بات اثر کی نہیں، تس بلکہ حشر کیتا
١۔ وہ ناز غمزہ سیتے، آیا ہے یار میرا
یوں دیکھ لائو بالی، زاہد نے حذر کیتا
٢۔ ایك دن تماشے کیتے بازار وچ چلا تھا
تس ہائے ہائے عاشق سارا سو شہر کیتا
٣۔ ابروء کج کمانان، مژگان کا تیر کاری
سینے میں عاشقاں کے، لاگن سے گذر کیتا
۴۔ لکھ میر شہزادے، حیران دیکھ ہوتے
دیکھ آپنی غریبی، سچُو سو صبر کیتا
۵۔ دیون سے ہکا پھیری، لٹ لے گیا دل میری
آہا فتح سجن تیری، گھونگھٹ سے گذر کیتا
٦۔ تیرے دیداں کا ہے دور تم آپ ہم زور
وہ واہ کی عجب شور، ظاہر سے ضرر کیتا
٧۔ ہك چھیر کا چھکار، ڈوجھی دست وچ تلوار
ٹیچھی صورت سینگار، سچل کو سحر کیتا

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ۸۰۰

چيرن تـا اڄ چم چم لائي، يـارويـڪـو رنـگ لايـا هـي
۱. غـمـزي رمـزي سـاز ڪـڙي تـئـي، ڳـاوڻ والـي ڳـايـا هـي
۲. مُنهن مهتاب ڪنون هئي زياده، صورت وچ سوايا هي
۳. شـاه گـداگـر پيران ميران، ڦـيـر اهـين ڦـتـڪـايـا هـي
۴. عـشـق جنهاندي اندر وڙيا، نـظـر تـنـهان نـون آيـا هـي
۵. رانـجـهن سـائين جاءِ جوڙائي، وچ **سچو** تـہ سـمـايـا هـي

ڪافي پهاڙي ۸۰۱

نـانءُ اهـو ئـي اهـو نـانءُ وارو، صـورت مـورت سـائـي وو
۱. اسـم خـانـي وچـون اسـمـا، اِهـو ڏس هـاديءَ جـو جـائـي وو
۲. آهـہ تـعـجـب اهـو جـو ڪـرَ لـوڪـان، ذات لـڪـائـي وو
۳. گـاهـي طـاعـت گـاهـي عـبـادت، سجدو سـهـو سـهـائـي وو
۴. ٻـي پـاروُن تـا ڏئـي ڏيـڪـاري، اوڙڪ خـلـق مـنـجـهـائـي وو
۵. **سچو** صحي ڪـيـئـي اهـا سـيـائـي، جا بـازي يـار بـنـائـي وو

ڪافي پهاڙي ۸۰۲

دلڙي ڪس ڪـي ميري وي چل ڳـئي تخت هزاري بيبا
سـڀ سـيـالـيـان ٿـون هُڻ تـا هـڪـواري ٿُٽ پـيـان بـيـبـا
۱. مـاهـي ٻـاجـهـون وو ڏِڪـيـان مـئـين ديـوانـي ٿـيـان بـيـبـا
هـتـڙي ڏوڪـي ول ڳـيـان سـيـي سـنـيـان بـيـبـا
۲. حـال اساڏي تـي روءِ روءِ رهـيـان، ويـڪـو سـيـالـيـان بـيـبـا
ڏاڍيان ڏاڍيان هُيان عـشـقديان وو علحديان چاليان بيبا
۳. انـگ پـيـوت رانـجـهـو يـار دي ڪـيـتـي لـڳـئـيـسـان بـيـبـا
وچ هـزاري ٻـانـهـيـان وانـگـون پـلـڙا پـئـيـسـان بـيـبـا
۴. بره تـڪـبـيران تـڪـيان وو نـي ويـڪـو اسان تـي وهـائـيان بيبا
سـاڏي سِر تـي آڪ **سچو** اهـي ڪـيـڏون آئـيـان بـيـبـا

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ۸۰۳

رانجها طبيب دليندا پيارا
سڻ اساڏي فرياد ماهي
۱. مئن تي رانجهن ڪوٽ وساريا
هنجون دا ڪيتم گارا
۲. ڪوٽ جڙيا بر آمد هويا
چوڙ چُليا وڻجارا
۳. مئن تي رانجهي ڪوٽ اُهين وچ
نينهن دا ماريا نعرا
۴. ڏينهن آوڻ ٿيندا ناهين
راتين لنگهسون چارا
۵. **سچو** سئل تنهندا هويا
ڪيها محل مُهارا

ڪافي پهاڙي ۸۰۴

مُک مهتاب سجڻ تا سنيان، گهونگهٽ وچ لڪايس
۱. ڏونهين نُور تجلا ڏيندا، ڪيون وت آپ چپايس
۲. ظاهر باطن سوئي آها، بازي پيد بنايس
۳. چشمان دي چمڪار نہ لڪدا، لاشڪ برها لايس
۴. **سچو** وچ آدم دي آڪي، سارا سوز سمايس

Scanned by CamScanner

داستان ڏهون جوڳ ۽ مارئي جي ڪافين جو

ڪافي جوڳ ٨٠٥

اوڏنهن آئين ڪانگل ادا لئون تون چڱي اچ لات ڪا
ڪي هُت هُئي محبوب ڪي مشتاق جي مصلحات ڪا
١. هيڏي اچڻ جي ڪا هُين ڏي تون مونکي تسلات ڪا
مُون هن نماڻي وٽ اُهي رهندا اچي هت رات ڪا
٢. ٻي تا هوندي هيٺي ادا ظاهر جهڙيم ذات ڪا
پيغام مون ڏهن پرت جا ساتي آندوَ سوغات ڪا
۴. هيڪند هُئڻ جي هوت سان سائين ڪندم ساعات ڪا
دلبر ٻاجهون هڪدم **سچو** بيهي اها برسات ڪا

ڪافي جوڳ ٨٠٦

سر ساڏي آيا وو يار، عشق زورازور هئي

١. حُسن ديان فوجان چڙهيان، لٽ پٽ سيتي لحظي لڙيان
مئين بيچارا ڪؤن وي يار! شهر مچايا شور ٻي
٢. مئي دا پيالا پُر ڏتوئي، هوش سارا لُٽ نِتوئي
ايڪ پيالي پيوڻ دي نال دل جو ڪاڏا دؤر ٻي
٣. دستؤن سوئي هادي ڏتا، بسمل سيتي مئن پر پيتا
قدر پيالي دا وو يار ڪؤن چاڻي اور ٻي
۴. مُدت پڇاڻون آءُ ڪي دلبر سانون ڳل لاءِ ڪي
اپڻا ڪيتس وي يار، تيا **سچل** دا غور ٻي

ڪافي جوڳ ٨٠٧

عاشق شهادت ڪر قبول، رک فنا دا خيال ٻي

١. ان في قتلي اشارا سخن اي تون سڻ سچارا
اينوين آکيا رب رسول، جسم هي جنجال ٻي

۲. اِهين جسم دا كر وسارا مار اناالحق دا نعرا
وحدت اندر ٿي وصول، وصل برحال يي
۳. موج زورازور آسي، مُشت خاكي لڙه كي جاسي
نينهن خود كرسي نزول، دم اُهين هك سال يي
۴. عشق انبوه كريسي، سير سڀ عالم وكيسي
سر سچو كر قتول، پكڙ نيسئي نال يي

كافي جوڳ ۸۰۸

اڄ اساڏنهن آئي آئي
پانڌي پريان دي وو ميان
۱. روندي سكدي سال جو لنگهه ڳئي
ڏينهن گهٽي وچ لائي لائي
۲. درد فراق رانجهن دي ميان
ڏاڍا كو مچ مچائي
۳. نينهن دي نياپي رانجهن والي
ڏاڍي سو جوش جڳائي جڳائي
۴. آگ عشق دي من ميڏي وچ
ڏاڍا كو دود دكائي
۵. بار بره دا مشكل هويا
چُر سچو سِرچائي چائي

كافي جوڳ ۸۰۹

مئين تا ڏيوان هو ڏيوان
سُهٽي كُون وي كيهي ڏوراپي
۱. اپٹا حال اڳون سيان دي
ٻيلي نيوان هو نيوان

Scanned by CamScanner

٢. وچ هزاري ڪوليانديِ ڪولي
ڀيلي جيوان هو جيوان
٣. هنجون دي نال چاڪ سيني دي
ڀيلي نيوان وو نيوان
۴. **سچو** پيالا محبت والا
ڀيلي پيوان هو پيوان

ڪافي جوڳ ٨١٠

حُسن دا هرڪارا، سهڻي والا وي آندا
چڙهہ ڪي سانگين والا ڀر پيالا
١. ڏيندا دستؤن آڻ ڪي سانون، ڪيفي ٿيا هشيارا
٢. آوڻ نال جو لٽ نتوني، شهر دليندا سارا
٣. بانڪي نيڻ انهاندي هوندي، مار گهتين سردار سهڻي والا
۴. **سچو** وڪالت گهن جو آيا، بره وڏائڻ بار سهڻي والا

ڪافي جوڳ ٨١١

يار وچ بيخودي ڪڏهڻ ڪڏهڻ آوندي هُون
چوڙ عناصر چارئي صاحب سڏاوندي هون
١. مملڪت مُفلسي بادشهہ بيڪسي
تنهن وچ اسڪندري نؤبت وڄاوندي هون
٢. ياد نہ ڪوئي آوندا غير نہ سماوندا
هڪو هڪ هورهيا راه نہ پڄاوندي هون
٣. ڪشور ڪئخسروي طبل وڳا سنجري
اٽ اُٽ نغار دي چوٽ پي چلاوندي هون
۴َ. خيماهي خاڪ دا چاڪ ڪرون چاڪ دا
واءُ جو وحدت والي نال چا اڏاوندي هُون
۵. سچو اٿان نانءُ نهين، ڪنهندا اٿان پانءُ نهين
ظاهر اهو نانءُ رک عالم ٻُلاوندي هون

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ۸۱۲

رو رو رهيان يار، تئيڪون آوڻ مناسب هي سائين
۱. روز الستني سر چاتم، بره تُساڏيدا بار
هجر تساڏي ڪاهل ڪيتا، رووڻ زارو زار
۲. لون لون وچ لپيٽ رهي هي تن من تيڏڙي تار
لک ڪروڙين ڪتلي آڪان، مارئيي سو حُسن هزار
۳. اکيان تيڏيان گل گلابي، خوني عجب خمار
ظاهر نال زبان ڪريسان، عشق تيڏيدا اسرار
۴. چشمان بحري باز تساڏيان، شوقي ڪرن شڪار
عاشق ڪتلي قتل ڪيتا هئي، صورت دي سينگار
۵. تيڏي ڪارڻ جوڙ پاتوسي، ڳل هنجون دا هار
سولي تي منصور چڙهيا، تيڏي چشمان دي چمڪار
۶. ڪيون ڪر اسان نون ڪيتا، برهي بي اختيار
دين مذاهب ڪل ڪنون، يار **سچو** هي بيزار

ڪافي جوڳ ۸۱۳

نهين آوندي اسانون ڪس وي يار
قاضي ڪيهي جو ڪريندئين مسلي
۱. پاپل آڻ ڪي چاڪ ڪڙايا
ڳيا ميڏي دل ڪس وي يار
۲. چڙيسان وو تخت ضروري
ويسان جهنگ دس وي يار
۳. اهين دي خاطر ويندي ميڙ
اهين وي يار
۴..............................
....
۵..............................
....

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ٨١٤

سيو ميڏي من ڀائندا ڀائندا، رانجهو محرم حالدا

١. ڀڳوي ڪپڙي پهر ڪرا هڻ
ڳلي اساڏي ڳائندا ڳائندا

٢. سيرين بازارين ڳلي ڳلي وچ
ول ول ڦيرا پائندا پائندا

٣. تخت هزار چوڙ ڪراهڻ
اتان سوچاڪ سڏائندا سڏائندا

٤. ڪيهي ڳالهين رانجهو سائين
عالم وچ ڀلائيندا ڀلائيندا

٥. آها صاحب ملڪ ساريدا
عاشق هوڪر آئندا آئندا

٦. شاهي قرب وڃاءِ ڪرا هڻ
ڪم چاڪدا چائندا چائندا

٧. ڳل ڪي ڪفني دست پهوڙا
آندا جهنگ پچائندا پچائندا

٨. ڪڏهان سيل سيان وچ ڪردا
ڪڏهان **سچو** وچ سمائندا سمائندا

ڪافي جوڳ ٨١٥

جهانگيڙن ڪؤن جدا ٿيڙس جيلاهون،
سهسين سور سهٽا هتڙي ٿيلاهون

١. هئي هئي حال منهنجو عُمر هي آهي، اُنهن ڀاڄهون جيئڻ منهنجو ناهي
پنوهارن ڪون وو پيڙس پراهون

٢. قسمت قيدالماء جي هٿ آندو، اُنهن ڀاڄهون آهي هي هنڙو ماندو
وساريو مونکي جهانگيڙن چاهون

Scanned by CamScanner

۳. راتو ڏينهان رُئان ٿي ساريون، ويٺي در الله جي ڪريان ٿي زاريون
ٻُڌندو اُهو ئي هن جون ايلاهون
۴. مارو شال وري مونکي ياد ڪري، پلڪان ڪانئس جي هت پئيڙس پري
حال ڏسي اچي اوراهون
۵. چڙي محل ماڙيون وچي پٽ پسان، بيگانن ڪؤن وچي پنهنجي راڄ رسان
ڳالهيون ڳرهيون ڪي ڳل ٻاهون
۶. وري پنوهارن جي پکي آءٌ پيهان، سگهڙي مارن سان لاوان شال لهان
ويٺي ڪريان اهي آهون ۽ دانهون
۷. **سچو** سنگهارن سان هيڪاندي آءٌ ٿيان، گڏجي اُنهن سان پاٽي مينهن پيان
ڪين جو خبرون وو ايندم اوڏاهون

ڪافي جوڳ ۸۱۶

تجهہ بن ڪهين نهين ڪيتا، دلبر وي دارو درد ميڏيدا حال ميڏا
۱. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا
ڪيــڙا لــڪ پــلــيــتــا
۲. آنـدي جانـدي ڦيـرا پـانـدي
نـيــٹــين خيــال نــيــتــا
۳. مــســت پـيــالا رانــجهــن والا
دسـت انـهـان دي مـئـن پـيـتـا
۴. نـاڪـنهـن اُٹيا نـا ڪـنهـن ٹـٹـيا
سچو ڪـهـين نـهـين سـيـتـا

ڪافي جوڳ ۸۱۷

رات مُڪم روئي، ساري سلام سنگهارن ڏي ميان
۱. اڪيـون اُبـاٹـي پـار ڏي، بـيـنـيـون جُهـڙ جهـوئـي
۲. ابــاٹــن جي آســري، لــيــڙون تــيــم لــوئــي
۳. ونـــٻن ورچن پـــاڙ ســـي، ڏونـــرن جي ڏوئـــي

Scanned by CamScanner

۴. لـکـي کـاغذ مـون وڌو، پـکـيءِ کـي پـوئـي
۵. کـي ڏيـنـهـن ڊويم کـيـت سـان، آب ٻـري اوئـي
٦. اوهـان ٻـاجهـون کـونـکـو، کـل لـهـي کـوئـي
۷. مـارو مـلـنـدئـي مـارئـي، **سچل** کـي سـوئـي

ڪافي جوڳ ۸۱۸

ڏاڍا سـقيـلا وي جنهـان لڳا، تـنـهـان خاصيان خبـران
۱. لـکـان وچون کـوئـي ڀـچـسـين، رانـجهـن والا ٻـيـلا
۲. جان جٺا جنهن صدقي کيتا، نـال ماهي تنهين ميلا
۳. ٻارنهن ماه جو نال لوکان دي، نال رانجهو هک ويلا
۴. وايان سيي ٻيان **سچو** وسارِيان، روح ڏنـا اٿـان ريلا

ڪافي جوڳ ۸۱۹

تون تا کڏهين ايندين وو يار، تنهنجي روز نهاريان راه
۱. سـرتـي چاڙهـيـا سـپـريـن، بـره تـنـهـنـجي بـار
۲. راتـو ڏيـنـهـان رُوح کـي، تـنـهـنـجي سـار سـنـيـار
۳. وهـن ٿـا واکـا کـيـو، نـيـٽـن سـنـدا نـار
۴. آءُ تـا هـکـڙو نـاهيان، تـنـهـنـجا عـاشـق لـک هـزار
۵. سور سندئي ميان سپرين، مونکي کوه ۾ هٽن ڦهار
٦. پـريـن پـارج پـانـهـنـجا، جي کـيـئـي قـول قـرار
۷. ڏوه ڏيـان ٻـئـي کـنـهـنـکي، آهي مؤن ئـي سر ميار
۸. انـدر مـنـهـنـجو اڌ کـيـو، جانـي انـهـيءَ جار
۹. انـئـي پـهـر ٿـي وڃي، تـنـهـنـجي تـنـد تـنـوار
۱۰. مُئـي مـاري اتـهـين، تـون وئـين ڏنـهـن وٽـکـار
۱۱. **سچو** سـگ اوهـان جو، ٿـو روئـي زارو زار

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ٨٢٠

هـجر مـاهـي دي مـاريـان

اڙي سـنـيـان مـئـين تـان

١. نـال ڏاڍي دي زور نـہ چلـدا

پـائـي ڳچي وچ ڳاريـان

٢. پـون مـيـڏيـان مـانَ قـبـولـيـت

يـار ڏاڍي نـون زاريـان

٣. فـوجان فـراق ديان ابـر اسـاڏي

بـره چاڙهـيـان هُن بـاريـان

٤. ڳالهين رانجهو ديان يار راتو ڏينهان

سارين أهي ٻيئي ساريان

٥. نير ديان نديان سُڻ سچو ري

جوش ڪنون هويان جاريان

ڪافي جوڳ ٨٢١

مـيـڏي تـو دل زوري زوري دي نـال نـيـتـي هـي

١. سِڪين ڪنهان ڪنون سُهٽا سائين

چشماندي هڻ چوري چوري

٢. راتـو ڏيـنـهـان آهـہ تـسـاڏي

جيءَ اساڏي ڪون جهوري جهوري

٣. ڳل اسـاڏي تـيـڏي آهـي

يـار ڏاهـا وت ڏوري ڏوري

٤. يـار سچو ڪون سُهٽا سائين

لاءِ ڳيون ڪيهي لوري لوري

ڪافي جوڳ ۸۲۲

نينهن نشان ڪتوئي، هڻ تا مُڙڻ ناهين

۱. روز الستي آپي چاٽي، ٻاري ٻره چاتوئي
۲. ظاهر هو ڪر مار نغارا، عشق ڪيون اڪتوئي
۳. زهر پيالا محبت والا، ڀُر ڪر پاڪ پيتوئي
۴. سر **سچو** دا يار پيارل، ڳوڙهي رنگ رتوئي

ڪافي مارئي ۸۲۳

ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هٿ مُجان وو مارئين

۱. وساري ويهي رهيوَ، حال ٻڌي هيئي
۲. مڙي اچو مُون ڳري، آهيو جهانگيئڙا جيئي
۳. ڪيئن سا پهنوارن، پري هيءَ پيئي
۴. لهو سڌ سنگهار جي، آهيو اتيئي
۵. ڪو رساٽي راج ڪي، هي نياپا نيئي
۶. **سچو** چيائون ڪين سا، جا ويڙيچون ويئي

ڪافي مارئي ۸۲۴

مارو اهي مليام، عمر چام، وو طلب جنهن جي آهي مون ڪي

۱. ڪرم ڪيائون ڪيترا، ڏوتي هٿ ڏنام
۲. هٿ جنهن ڪي هٿ ۽ي تنهن ڪي نا آرام
۳. پاريائون سي پانهنجا ميان! ڪيئُن جي انجام
۴. ڪاڏهن **سچو** سالڪ سان، ميان تي طلب تمام

ڪافي جوڳ ۸۲۵

ٻيارا لي چل اپٽي نال، نهين تہ مر مر جانديان وو الله

۱. عشق تساڏي ماريا نعرا. جهنگ سيال ۽ي چوڙيم سارا
تخت هزاري مئن آنديان

Scanned by CamScanner

٢. تيڏي ڪيتي قران اداسي، ويس وڳا سڀ رنگ سناسي
ڀهون ڀهون اٿي مانديان وو الله
٣. درد فراق جو مئنون ماريا، خويش قبيلا وطن وساريا
خون جگر دا کاونديان وو الله
٤. تون تا ميڏي دلدا جاني، عشق گهتي ڳل وچ ڳاني
جوڳڻ ٿيڪر ڳانديان وو الله
٥. گهت جدائي تؤن نہ مارين. **سچو** سائين تون نہ وسارين
پاند ڳچيءَ وچ پانديان وو الله

ڪافي جوڳ ٨٢٦

نِتَ نِتَ پڇدئين سهڻا سائين! ساڏڙا حال ذري ذري وو
١. رانجهن سائين چا ڳل لائين، ڪيڙا ٿيوَن هُڻ پري پري
٢. عشق لڳا هُڻ دعوىٰ چُڪ پئي، ڪيهي ڪيهي وت شري
٣. عشق واليان تي طعني جو مارن، سوئي ڪيد شال مري مري
٤. دوستان ٻاجهون ڪوئي ساڏا، نهين **سچو** سري سري

ڪافي جوڳ ٨٢٧

رانجهو سردا سائين وي سُڻ هُڻ مايا وي موليٰ ملايا وي
١. جتان ڪتان وي سنوري سنيان سڀ سهڻي ديان جائين
تنهندا مهڻا مئن سر چايا وي
٢. اندر ٻاهر اهو هي هادي، ڪيون تا تخت پڇائين وي
لُون لُون ديوچ سڄڻ سمايا وي
٣. بخشيا مئين وي آپ اُهينڪون، تهنديان سؤ ٻلائين
تنهن تان ميڏا وي ٻاڻ وسايا وي
٤. وچ هزاري وي هُل جنهندا پاند تهينڪون ني پائين
سچو يار وي چاڪ سڏايا وي

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ٨٢٨

ماهي يار محرم ميڏي حالدا
مُنيڪون ڪيڙانديِ راه ڪنون

١. ڪهي ڪوڙي مسلي تون اکيندئين قاضي
ڏر عشاقاندي آه ڪنون

٢. ڪيڙي ڏهون ميڏا ڪوئي خيال نهين
دلؤن چاڪ چاتم ڏاڍا وي چاه ڪنون

٣. لڳا عشق مين تاهڻ چڪ پيان
اهين سياليانديِ صلاح ڪنون

٤. سنيان سڻو سيي رلمِل رانجهو
اوڏا وسي سو ساه پساه ڪنون

٥. جي تا مئين ٽون پوڇو تڪرار ٿيوي
ساري ڳالهہ حاصل ويساه ڪنون

٦. هڪو پل پاسي شال نا هووان
مئين تا يار ماهيدي نگاه ڪنون

٧. ملامت چاوين سر موڙ ڪڙين
اِهين عالم دي وهواه ڪنون

٨. **سچو** سر هادي دا وو حال جهليو ئي
گوشاگهن ثواب گناه ڪنون

ڪافي جوڳ ٨٢٩

مئين تا آپ هويان رانجهو يار
سائين صحي ڪر ڏيکيا سارا سير اسان

١. توحيد والي ڳجهي ڳالهہ هوئي
ڪيتي عشق سا اظهار

Scanned by CamScanner

٢. جائي ڳالهہ لکايم لوک کنون
سائي اڄ ٿئي نروار
٣. لانگها لنگهہ ڏريم پير سير اتي
وچ تار پيس تکرار
۴. چوٿي پير ڏيکيم سارا آپ دا
عجائب جيها اسرار
۵. منصور والا معلوم ٿيا
خونيان وچ ميڏي خمار
٦. **سچو** نام تيڏا عجائب سارا
کليا گل وچون گلذار

٨٣٠. کافي جوڳ

جتان گرد ٿيون روگردان
آکڙي خان وچ ميدان
١. وچ ميدان محبت والي، الله ميان
نهين آون نامردان
٢. جان جمعيت نهين اُنهان نون
سدا هوون سرگردان
٣. اهو طريقا وحدت والا
آک چوڙيا شاه مردان
۴. عشق والي اهو درجا ڄاڻن
سُڌ نهين بي دردان
۵. **سچو** ساعت اِها کر ڄاڻين
کم نہ گهتين فردان

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ٨٣١

اوڍهون آئي آئي
ڏاڍي ڏوراپي
١. انهان عتابان سنوري سيان
عشق دي مچ مچائي
٢. خاطي دي هتون آک مُتيوني
تهن ساري آن سٽائي
٣. سٽڻ نال مونجهہ سو ڳيڙي
برهين بور بچائي
٤. تهين ڏهاڙي **سچو** نماڻا
انگ پيوت رمائي

ڪافي جوڳ ٨٣٢

مون تا توکي اِڳهين تي چيو، نہ تون دل قاساءِ
١. آهون داهون چو ڪرين سپر سيڻ سندياءِ
ڪُڇ پڇ ڪنهن سان ڪينڪي، ٻولي ٻي نہ ٻڌاءِ
٢. وچڙيا گڏ گڏي پرين! والي ورق وراءِ
ٿوري گهٽي ڏينهڙي، ڪندءِ ماڙ خداءِ
٣. سانگي ويڙا سانگ تي، پنهنجي سانگ سُٽاءِ
پاٽون جاٽي پريت مؤن پوءِ ڪرين هاءِ هاءِ
٤. **سچو** سپرين لاءِ ڪوڙين ڪانگ اُڏاءِ
تو پئي ساريو جن کي، تن ٻي سک سندياءِ

ڪافي مارئي ٨٣٣

هوجي ماروئڙا ٻيهر مانُ ملن، شل الهہ اوراهون ڪندن
سانگي سانگ سندن
١. ويني آهيان وات تي
من اچيو حال پڇن

Scanned by CamScanner

٢. پـڪـا پـڪـن سـامـهـون
اوري آٽـــــــــــي اڏن
٣. انـهـن ڪـارڻ جيـڏيـون!
مـنـهـنـجون اڪـيـون رت رُئـن
۴. اصـــل لاڪـــون آهـــي
سچو ســـگ ســــنـــدن

ڪافي جوڳ ٨٣۴

مئين اصل ڪنون وچ پاند نهين، اِها رمز لڌي لڪان وچون ڪهين
١. ڪيڏي تسبيح ڪيڏي وو سجاد رهيا، ڪيڏي قيدي ڪيڏي آزاد رهيا
ڪيهي سُور تسان ول سِر تي سهين
٢. ڪيڏي ذڪر ڪيڏي وت فڪر ڳيا، ڪيڏي صبر ڪيڏي وت شُڪر ڳيا
هر ٻولي پچن نِتَ ٻول رهين
٣. ڪيڏا هُل ڪيڏا غوغاءُ رهيا، اندر ٻاهر اهو هو سَرُ پاء رهيا
اهين نال اٿين، اهين نال ٻهين
۴. ڪيڏي جان، ڪيڏي وت جسم ڳيا، ڪيڏي مئن تسان ڪيڏي رسم ڳيا
اهو اوئي هويا جو آڪدا هين
۵. **سچو** ڪون وو هادي اها ڳالهه ڏسي، اٿان اُٿان اها ول چال ڏسي
صدقي تنهن تون وڃان، ڪيتي بخش جهين

ڪافي جوڳ ٨٣۵

آءُ وَسُ ميـڏي ويـڙهـي، سڻ حـال وي مـيـان رانـجـهـا
١. مئين تـا تـيـڏي تون تـا ميڏا، ڳهول گهتـان سـڀ ڪيڙي
٢. ڪيڙياندي ننگري ڪنون توبه هيئي، لٿي اسان ٿون جهيڙي
٣. راتو ڏينهان تئن ڪاڻ سـڪدي، رب تسان نون ميڙي
۴. لـڳيان دلين دي ڪيهي مسلي، قاضي ڪؤن نـبيڙي

Scanned by CamScanner

٥. رانجهو سائين دُور نہ جاوين، وَسُ نيڻاندي نيڙي
٦. سدا تون آوين نال فضل دي، يار **سچو** دي ديري

ڪافي جوڳ ٨٣٦

رهجي اڄي يار، توسان منهنجي
١. آءٌ ڇا ڇاڻان عشق منجهارون، برهي والڙا بار، توسان
٢. طرف نہ ٻئي ڪنهين خيال نہ پايا، آهي سدائين يار، توسان
٣. هونديون هي گڏ اسان سان، نيڻن وهايم نار، توسان
٤. ٻانهن **سچوء** جي سهڻا سائين، لاتي آهي سردار، توسان

ڪافي جوڳ ٨٣٧

رانجهن ويڙهي آيا، هي هُل پيا وچ ڪُل سيالين
١. ڳل وچ ڪفني دست پهوڙ، اتهن ڪيا بيڪ بنايا هي
٢. جيڏي تيڏي رانجهو سائين، ڪيڙا ڪنهن ڪڙايا هي
٣. ايڏون اوڏون سنيان آکن، اڄ چوچڪ چاڪ منايا هي
٤. شاهي قُرب وڃاءِ ڪراهڻ، تنهن ڪم چاڪ دا چاياهي
٥. صورت وچ **سچو** دي سائين، آکي آپ سمايا هي

ڪافي جوڳ ٨٣٨

تخت هزارا ڇوڙ ڇوڙ آيا، ماهي ميڏي سانگي
١. لوڪان ليکي چاڪ منجهيندا، ميڏي ليکي حق توڙ آيا
٢. تخت هزاريدا جوڳي آيا، ٻنهان ڪنون مُنهن موڙ آيا
٣. اسان رانجها هڪ ٿيوسي، ذات ڪيڙاندي ٻوڙ آيا
٤. **سچل** نون چا اپڻا ڪتوئي، گهت زلف دي ڏور آيا

ڪافي جوڳ ٨٣٩

سو حقيقت سنيان، وو ماهي مزگان نال مريندا وو
١. دم دم دي وچ دوست سڄڻ دي، لحظي لحظي ليان

Scanned by CamScanner

٢. زوري زور ڳهتدا سهڻا، رمزان ڪيتان ريان
٣. ناچو وانگر نينهن نچيندا، شرم حياڪنون ڳيان
٤. شهر بحروچ هوڪا ڦردا، مئن مستاني ٿيان
٥. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا، ڪيڙيدي پاس نہ پيان
٦. سيني ديوچ سرس سچو دي، برهي لايان بئيان

ڪافي جوڳ ٨٤٠

غير دي خيال ڪنون، هڻ هادي، سانون توبه توبه
١. جيهي تيهي تيڏي آهس، دور نہ ڪرين وصال ڪنون
٢. آپون آپ جمال وڪايئي، مئين ڳيان هر حال ڪنون
٣. نانءُ سائين دي سانون بچائين، اوران دي قيل قال ڪنون
٤. عرض اساڏا من تون هادي! سُنهن مئيڪون پئي سوال ڪنون
٥. ڳڏ هووڻ دي آکيئي اسان نون، ڳهلي ٿيان اهين ڳالهہ ڪنون
٦. دين ڪُفر ڪنون قسم ڪنيو سي، بس اهين وو ؤبال ڪنون
٧. عشق اسان نون الف پڙهايا، تهہ ڳئي دل دال ڪنون
٨. ڪڙم سيوئي ڪوڙي آکي، سچي ٿيان سنيال ڪنون
٩. جند سچو دي نال تُساڏي، ڇُٽ پئي جنجال ڪنون

ڪافي جوڳ ٨٤١

رانجهو يار تساڏي مئن تان ٿال ڪيڪر ڪتان
جيوين تيوين پالين چوڙين متان
١. راتو ڏينهان آهہ اساڏي جوشان دي وچ جال
تند نہ ڳهتان
٢. پيتم روز ازل ٿون سُهڻا عشقدي زهر پيال
ڪيتم نہ تان
٣. دل اساڏي ٿون دلبر سائين، ڀول ڳئي سب چال
پنجان ستان

۴. ڇوڙ آياسي اپٽا ديسڙا ماهي تيڏي خيال
روندييان رتان
۵. مهر پويئي يار لهين تون **سچو** دي ٻ سنڀال
ڏيوين نيٽين لتان

ڪافي جوڳ ۸۴۲

ڇو ٿو ڇڏين، ڇوٿو ڇڏين
آءٌ تانهنجڙي آهيان مونکي هاٿي
۱. پاڻ پنهنجو پاٿهين
ساڻ غريبن گڏين
۲. پڪا پڪن سامُهان
اوري سي دلبر اڏين
۳. **سچو** نهاري واتڙيون ايندين
سو صاحب ڪڏين

ڪافي جوڳ ۸۴۳

سهٽا توکي ڪيهو هاٿي هاٿي
ڏوراپو ڏيان پلو من موهٽا
۱. وس ويچاريءَ جو ناهه اصل ڪؤن
تون پرين پاٿهين چاٿي
۲. اندر منهنجي وو آهي اوهانجي
ڏادي سا سڪ ساماٿي
۳. اوهان پاجهون ويئي اوتيان
پنبٽن مؤن پاٿي
۴. **سچو** اوهانجو آهه اصل ڪؤن
پنهنجو سو سگ سجاٿي

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ۸۴۴

تسان نال ميڏي ڪيهي لائي، فرياد وي ميان رانجها
۱. جي آوين تا آءُ پيارا نہ تہ ويساندي مرجائي
۲. طرف اساڏي ڪڏهان نہ لکيئي، يار ڪتابت ڪائي
۳. اسان نماڻيان ٿون يار پيارا، ڪيون ويندئين چت چائي
۴. پاوين مئيڪون سهٽا سائين! ڳالهہ تيڏي مئين ڳائي
۵. روز ازل ڪنون يار تساڏي، وات **سچو** دي وائي

ڪافي جوڳ ۸۴۵

تخت هزاريدا رانجهو آيا وي آيا
سيالين تامُشڪ مَلاياوي مَلايا
۱. عطر عنبير دي ٿئي هُبڪاري
جهنگ سارا تنهان چايا وي چايا
۲. سوهيدا سڀ ويس ڪتوني
رنگ رنگيليان لايا وي لايا
۳. عشق حُسن ديان فوجان رلڪي
ڏوهين مچ مچايا وو مچايا
۴. فوج حُسن دي زور پؤڳئي
عشق ايلاز الايا وي الايا
۵. سوز گداز دا سبق اسان نون
سچو يار سڪايا وي سڪايا

ڪافي جوڳ ۸۴۶

آڪہ تہ نالا فقير ڪيون ڪر سڏاوندئين
عشق دي ميدان وچ مول نهين آوندئين
۱. غفلت وچ عمر سڀ تيڏڙي برباد هُئي

Scanned by CamScanner

مستي ميخانہ ڏهون وقت نہ ڪنهين جاوندئين
٢. زندگي هئي عذاب هئي هئي اونهين يار بن
سمجهہ تساڪون نهين لوڪ نون سمجهاوندئين
٣. بات بره دي بيان ڪردئين عالم اڳون
واءِ تيڏي حال تي پانؤ نہ اوڏهون پاوندئين
۴. دعوا ڪرين عشقدي خوش رهين تعريف وچ
بار ملامت والا سر تي نهين چاوندئين
۵. خوش لباس اَون غذا تيڪون پهون آرزو
يار دي جدائي ڪنون انگ نہ بسم لاوندئين
٦. حيف تا صد حيف هئي حال تُساڏي اُتي
كير منجهين دا پيوين قورمي رل ڪاوندئين
٧. مست **سچو** هو رهيا پيالاپي شوق دا
آپ تہ نچدا نهين لوڪان نون نچاوندئين

ڪافي جوڳ ٨۴٧

مالڪ هئين مُلڪ دا چاڪ ڪيون سڏاوندئين
تخت هزارا تيڏا جهنگ ڪيون پچاوندئين
١. عشق وي لاوڻ دي پئي خواهش تئينون ڪيهي
سيل سياليندي ڪاڻ ڏک سر وساوندئين
٢. آيو ئي خوش درد ايهہ چوڙ گهتيوئي عشق ڪون
عشق دي ميدان وچ نوڪرتي آوندئين
٣. تولي ڪر آونديان تيڏي ويڪڻ دي ڪيتي
ڪُڙيان سيئي سُهٽيان درس تينهان پاوندئين
۴. ويڪ چناه دي ڪنڌي سبز ڪڙيان تاليان
نال سياليان اتان رلڪي جهمر پاوندئين
۵. اتون آڪر اتان ويس جوڳيانداـ ڪيتئي وو

Scanned by CamScanner

مانجهي منجهياندا تي ونجهلي وچاونديئين
٦. **سچو** پيا ڪوئي نهين باقي وحدت هوئي
جوڙ ڪي ڪثرت ساري اڪيان اتڪاونديئين

ڪافي جوڳ ٨٤٨

دم دم جا ديدار وو، اپر اسان جي ائيث تي
١. ٻگا ڏاند ٻڌائون ٻيئي، تن جي ڳالهہ ڪريان آءٌ ڪيهي وهن ڏارو ڏار، اسان ڳاڏي ڪاها ڳتڪارتي
٢. ياروني هڪڙي چڪريون ٻيئي آرا انهن جا آهن اهيئي وهن بارو بار وو، اسان لٺ واري للڪار تي
٣. ڦرهيون ونگڙيون آهن اوياريون، اِرڙيون سونهن مالهہ ڪي موچاريون جهلڻ جا جهلڪار، اسان لوڻن واري ڏڏڪارتي
٤. ڊِڊِي ڇؤنڪ جوئر جا نسري، ڳنا تن جا ماکي مصري ڪيرن جا ٻـ خمار وو آهن پيهي واري جي پونجارتي
٥. ڪانگن ڪانگيرو وهين واهيرو، ٻوڙين جهرڪين ڳيرن گهيرو ڳوڙهن جا وسڪار وو، اسان جي جوئرجي جنسار تي
٦. آيو نيسر پارڄ ۾ پاٽي، مرشد اچي ٿيڙم ساٿي ساڄئرِ پچايم جار، آهن ڪم **سچل** جا ڪلتارتي

ڪافي جوڳ ٨٤٩

جڏهان موج مستي دي آئي، بيخودي ٿئي جسم ڳيا
١. چوه ڏاڍي ديان چتڪيان چوليان، هڪي آون ٻيان وت نوليان تي ڳئي موج سيائي
٢. وچ درياه وحدت والي، جان جسم دي ڳئي وي سنيالي ڪار نـ چلدي ڪائي

Scanned by CamScanner

۳. جنهندي وچ وجود نہ رهندا، قيام قعود سُجود نہ ٿهندا
رمز اناالحق لائي
۴. **سچو** سارا ٿيا وت پاٽي، وچلي وائي گرد اُڏاٽي
جوئي آها سو ٿيا جائي

ڪافي جوڳ ۸۵۰

گهوري هي جدائي اڙي ميان! پنوهارن ٻاجهون پور پيا
۱. صبح ويلي ميان سومرا، الله ميان خبر اها مون آئي
۲. لنگهي مُلڪ ملير جو، ويڙئي ويڙه سيائي
۳. لاڏن پنهنجي لوءِ ڏي، وائي پوءِ ورائي
۴. پائر ڪنڌئين ڪينڪي، وهندا ساعت ڪائي
۵. . ڪنين ٻُڌان ڪينڪي، وري اها شل وائي
۶. ڏوٿي پنهنجي ڏيهہ مؤن، ڪندا ڪيئن نوائي
۷. عمر اباٽا ڏيهہ ۾، سرها هُون سدائي
۸. موٽي نہ وجن اوڏهين، جنجي سڪ سمائي
۹. هوءِ هوءِ هنجي حال تي، پاڳيا ڪرڻ پلائي
۱۰. **سچو** سندن سات ۾، ڪري مَرُ تہ گدائي

ڪافي جوڳ ۸۵۱

ڏوجها ڪوئي نهين، هيئين آپ الله
۱. صاحب توهين، صاحب چاٽين، ڪولي وچ گناه
۲. آپ ڪون مول نادان نہ چاٽين، دوست هيئين تون داناه
۳. جوئي اندر، سوئي ٻاهر، متان ٿيوين گمراه
۴. **سچو** سچ اهو ڪر چاٽين، هوش رکين همراه

ڪافي جوڳ ۸۵۲

تون تا ميڏڙي جان
رانجها وو تون تا ميڏي

Scanned by CamScanner

١. عاشقان ٿون دل ڪيوين وي چاتئي
عالم پئي وچ گمان
٢. آپ چاڻيندڙئي مئين تا آهس
تيڏيان قدمان تؤن قربان
٣. راتو ڏينهان دلڙي اسا ڏي
درد ڪيتي ديوان
۴. عشق تيڏي ڪنون يار **سچو** وي
هوئي جند حيران

ڪافي جوڳ ٨٥٣

آءُ ميان رانجها سائين ساڏڙي نيڙي
ڪيتوئي بيراڳي سانون آ وس ويڙهي

١. شوق تساڏي سائين شور مچايا، سوز فراق وچي دن رين گنوايا،
لوڪ ساريدا مهڻا سرتي مئن چايا
٢. تيڏي ڪيتي مئين تا ڦران وو فراقي. ڪِس ڏِن آوڻ مئين ڏهون ٿيوين اوطاقي
ڪيون ٿيون اسان ڏهون يار تون ياقي
٣. دور نہ جاوين ساٿون چتڙا چائي. ڳالهہ ملڻ دي سائين ڪرين تون ڪائي
دل ڪون ميڏي تُسان هوءِ هوءِ لائي
۴. آهہ اُداسي ميڏا جيئڙا جاني. روح تي رهہ ڳيا نينهڙا نشاني
اِهين ڳالهيؤن مئين تا ڦران وو ديواني
۵. اسان وو مُسافر تيڏي شهر آيوسي. نال تُساڏي سُهڻا عشق لايوسي
ڏيک تُسان نون ڏوڙا ڏکڙا پايوسي
٦. نال هجر دي مئين تا دن رين گذاريئي. مئين نال ڪيتئي سي ڪيون واعدي وساريئي
طرف تساڏي مئين تا ڪانگ اڏارئي
٧. نال منجهيندي تسان چڙ ڳيون جاني. تيڏي ڪارڻ ڦران مئين تا مستاني
هوءِ هوءِ لايئي سانون يا گماني

Scanned by CamScanner

٨. آهہِ تساڏا سائين سچو وو نماڻا. روز ازل ٿون تيڏي در وڪاڻا
عشق نہ ٿيسي ڪڏهان يار پُراڻا

ڪافي جوڳ ٨٥٤

تنهنجي ڪارڻ ڪاريو
هوءِ هوءِ هو ليڙو
١. ڪنهن سان ڪريان سپرين!
تنهنجين ڳالهين ڳاريو
٢. ڪنهن در ڏيان دانهڙي
تنهنجي محبت ماريو
٣. آگ عشق جي اندر اسانجي
ڏاڍو ٻارڻ ٻاريو
٤. آءُ اوهانجڙو آهيان
والي ڪيم وساريو
٥. پاڙٺن پاسي نہ ڪريو
سگ سچو پنهنجو ساريو

ڪافي جوڳ ٨٥٥

يار تُساڪون ني حال وو حال وو، آوين تہ آڪ سڻاوَئين
١. راتو ڏينهان طرف تُساڏي، ميڏا خواب خيال وو خيال وو
٢. آهہ اساڏي تساڏي ٻاجهون، جوشان دي وچ جال وو جال وو
٣. اسان يتيمان نون مُول نہ ڇوڙين، نيوڻا هئي نال وو نال وو
٤. نال اساڏي يار جا لايئي، پرت اهائي پال وو پال وو
٥. نال سچو دي آهي تساڏي، يار سا ڳجهڙي ڳالهہ وو ڳالهہ وو

ڪافي جوڳ ٨٥٦

ناز اساڏي نال ڪريندئين، دردمندان دي وو دل لٽي
١. عرض ڪرڻ دي حاجت ناهين، هيءَ ويچاري ڪيون ڦٽي

Scanned by CamScanner

۲. ڪيڏي اسانون وچڻ نہ ڏيندا، راهہ لنگهڻ دي گهتي
۳. دل اساڏي آچر ڪرڪي، چشماندي نال ڪيون چُتي
۴. ول ول بازي بره لائيندئين، اسان هاري تو ڪتي
۵. نال غمزي دي مئيڪون مريندئين، لوڪ سيا ٻئي نهين ڪتي
۶. **سچو** ڪُون ٻئي ٻاڻ نہ مارين، گهاءُ اڳين ٻي نهين چتي

ڪافي جوڳ ۸۵۷

اڳڻ ميڏي آوين، ميڏي دلبر وي
دامن لڳڙي نون ڇوڙ نہ پيارا وي
۱. جيهي تيهي ميان تيڏي آهان، چٽ نہ مئي تون چاوين
۲. هووين هميشه نال اساڏي جاني نہ پري جاوين
۳. **سچو** هئي سگ در تيڏي دا. پير اُنهين ڏهون پاوين

ڪافي جوڳ ۸۵۸

سهڻا ڪيون سانون فراقي، ڪيتوئي ٻلا يار
۱. تيڏي ٻاجهون هئي هئي هلاڪي، برهي چاڙهيئي بار
۲. اڳڻ اساڏي وو ٻاجهہ پويئي، ٿيوين اوطاقي. رووان زارو زار
۳. دل سا ميڏي وو لٽ نيتائي، ڪيون ٿيون ياقي، لڳڙي تيڏي تار
۴. نال تساڏي ميڏي آهي، محبت روز ميثاقي، بيحدبي شمار
۵. بخش **سچو** ڪون سهڻا سائين! آپڻي عشاقي، لئون لئون لائين لار

ڪافي جوڳ ۸۵۹

آهي لک زاري، ساڏي تيڏي نال
۱. نال تساڏي ميڏي آهي، يار ياري، جيوين وٽيئي پال
۲. ڪيوين آکان يار پيارل، هئي هڪواري تيڏي ڳجهي ڳالهہ
۳. مئين تا تيڏي چاڻ رهي هي، سُدساري، ورق هجر دا وال
۴. روز ازل دي يار تساڏي، هئي ڳل ڳاري، آءُ گڏ اسان جال
۵. **سچو** هئي سگ در تيڏي دا، تنهنڪون دلداري، ڏيوين تون غم ٽال

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ٨٦٠

آءُ تــا آپــي پــيــڙس اُتــي
جــت جــاءِ ادب جــي نــاهــي

١. نــادانـــن نـــادان آهـــي
بـــيـــهـــڻ اُتـــي ٻُتـــي

٢. وحــدت جو پــيــو بــار جتي
مُئــو مـــرغ ادب جو تـــتـــي

٣. وهـــم خيــال وڃايــا غيــري
خيـــال هــيـــڪــڙي ڪــتـــي

٤. سر ڪـتـايـو سوڪين موٽي
ويـــڙو جو شــــرط تـــــي

٥. **سچو** سـچ اهـوئـي آهـي
وسـريـئـي نـي پــنـج سـتـي

جهولڻو جوڳ ٨٦١

١. يــار مُســافــر هــوءِ ڳيــا مـئـين ڪـيـنـون آڪـان ڪـوڪ
خبــر اســانــون ڪـنـهـين نـہ ڪـيـتـي ســاري ڏنــا لـوڪ
عــالــم لـيـڪـي ديـس ڇوڙيــونــي ڳئـي وســاوڻ جهــوڪ
٢. آپــي وچ آرام پــئـي، ســانــون لايــئـي فـلــڪ فــراق
راتـــو ڏيـــنـــهـــان آهـــِ اســاڏي اڪــڙئــين اشــتــيــاق
مـئـين نمـاڻـي دي سـردا سـهـرا لـوڪـان لـيـڪـي چاڪ
٣. آءُ ڪـانـگـا ڪـائي نـال، اساڏي ڪـريـن پـريـانـدي ڳالهـ
آوڻ دي ڪــائــي ڏيـويـن واڏائـي، بــره ڪـيـتـس بـيـحـال
ســـوز فـــراقـــدي وچ اســاڏي جانـــي هــيـــئـــي جال
٤. دوست ٻـاجهون پـرديـس اسانـڪـون هجر لاتي هـوءِ هـوءِ

Scanned by CamScanner

حال ميڏا آکين يار پياري نون رهبر وچ روۓ روۓ
راتو ڏينهان آهے تساڏي عاشق کون ووۓ ووۓ
٥. جهاتي پا ڳيون دل دلبر سانون بره بچاۓ
هک واري اسان يتيمان ڏهون تون ڦيرا پاۓ
سُڻ ري کانگ فريادیان ميڏيان ساريان تون دل لاۓ
٦. آۓ ڙي کانگ الله دي کارڻ اُڏر پريانديپار
حال ميڏا وچ آک سڻاوين دوستان دي دربار
سوز فراقدي بيان کرين اڳون دلبر دي هنجون هار
٧. زاري نال تون عرض کرين جو ڏيک ويندئين احوال
ميڏهون مان مهر پويئي سٽي اهوئي احوال
عيبن ڏهون ميڏي شال نہ ڏيکين پلا کريسين پال
٨. آۓ کانگا تون لڳ خدا کائي تن کون ڏين تسلات
سوز گداز فراق کنون ميڏي مونجهہ ڳئي مصلحات
طرفون معشوقان دي کائي سڻائين سانون پليري بات
٩. فلک فراقدا سهہ نہ سگهنديان بره کيتس بيتاب
اج توڙي تا کوئي نہ آندا جانب ڏهون جواب
دوست ٻاجهون پرديس اساڏا هويا جيوڻ عذاب
١٠. اُڏر جاوين تا طرف محبوباندي نيئي پهچائين پيغام
ٻانهان ٻڌ حبيبان نون آکين سؤ هزار سلام
سچو نماڻي ڏهون کرين کوئي آوڻدا انجام

کافي جوڳ ٨٦٢

روح رانجهي دي رمزان لُٽ نيتا مئين نون، کيڙي کنون بيزاريان
١. ماهي کيتي مهڻي جهولي پاۓ جهليم ساري خلق ديان خواريان
پچي لڳ انهان دي مئن رهے ڳئي مست محبت ماريان

٢. ڪينزڪ هووان ٻانهان ٻڌ ڪڙان ڳچي ٻاءِ ٻاءِ لڪ زاريان
آسڻ وچ مهٽا سيئي ڏيون، ڪلان ڪن قبيلي واريان
٣. لوڪان ليکي منجهيندا چاڪ آها، مئين تا ٿيوان صدقي سو واريا
لهسن ڪل سيئي جنهندي ڪاڻ مئين تاغمان وچ جو ڏينهن گذاريان
٤. پچي پوٽين چرخي ڪون ساڙ گهتان تاڙين منا تمام اُڏاريان
سچو سڀ سياليِن وو چوڙ ڳئي مئين تا رانجهو دي ڪڊ قطاريان

ڪافي جوڳ ٨٦٣

تهنجي آهيان، آءٌ پنهنجي ڪر چاڻ
١. جاڏي تاڏي توهين دلبر، ڪاڏي ڪاهيان، آءٌ هونديس اوهان ساڻ
٢. آءٌ ڪنيزڪ تون تاسائين سگ نہ ساهيان، آءٌ چيتڪ ڪيس اچاڻ
٣. سڪن ڪيئي تولئي سانول، هڪ تاچاهيان، آءٌ صدقي ڪيم پاڻ
٤. توهؤن ٻاهرسڻ **سچو** ري ڪو دم ناهيان. آءٌ منهنجو جهلج ٻاڻ

ڪافي جوڳ ٨٦٤

وسين اساڏڙي ويڙهي، يار وي ٿيوين نماڻي دي نيڙي وو
١. راتو ڏينهان تئيڪون سڪنديان، دوست آوين ساڏي ديري
٢. جي تون آوين اڱڻ اساڏي، ٿُت پون سڀ جهيڙي
٣. دل اساڏي ڪيتئي ديواني، ڪؤن ڪميٽي ڪيڙي
٤. آءٌ تون دلبر درد مندان ڏهون، اڏين ساجهرڪ اويري
٦. سبق وساريئي **سچو** ڪون ساري تيڏي سو عشق اويڙي

ڪافي جوڳ ٨٦٥

انهين ڳالهيون بيراڳي مئين هوءِ رهي، ڏاڍا يار سانون بره لاءِ ڳيا
١. ڪينون ڏيوان فرياد فراق دي وو ميڏا يار دروني جهاتي پاءِ ڳيا
ڪيهي ڳالهہ آکان مجنون والي، اهو حال اسان سر آءِ ڳيا

Scanned by CamScanner

٢. اُسي يار ڪيتي جوڳڻ هوءِ قران، هاءِ هاءِ بره ٻچاءِ ڳيا
مزگان مار هڪي غمزي نال ميڏي دل چاڪ برابر چاءِ ڳيا
٣. پچي پوٹين چرخي ڪُون سٹو سنيان، لڳا عشق دا واءُ اَڏاء ڳيا
رُليا روح تا وچ رانجهي نال ميڏا، تهندا سيني ۾ سوز سماء ڳيا
٤. مئيڪون محبت دي ميدان وچي ويڪو، آڳِ ماهي پڙڪاءِ ڳيا
مهر نال آپي سهٹا يار سانون، سارا سِرُ **سچو** سمجهاءِ ڳيا

ڪافي جوڳ ٨٦٦

مئين تا آپ مستاني وو هوءِ رهي
هُڻ نال سنيان آڪان حال ڪيها
١. ماهي يار محرم ميڏي حال دا، ميڏا ڪم اوراندي نال ڪيها
٢. سٹو سپ سيالين وو ڳالهہ ميڏي، رانجهو يار ٻاجهون ملڪ مال ڪيها
٣. ماهي چاڪ ميڏي دل لٹ نتي، تسان ڪون ڪيڑاندا خيال ڪيها
٤. جنهن دي روز الست مئين هوءِ رهي، تنهندا آهس پيا وو سيال ڪيها
٥. مئين ڪؤن ڏوراپا جو تئيڪون ڏيوان، سڻ يار ميڏي هي مجال ڪيها
٦. رانجهو آءُ اسان وو نماٹيان تي، ساڏا ڏيک هيئي احوال ڪيها
٧. مهر نال پچين جي تون آپ مئيڪون، **سچو** آک تيڏا هئي سوال ڪيها
٨. ول آڪان سٹجين تون هڪو مئيڪون ميڏا ٿيوي اٿان اقبال ڪيها

ڪافي جوڳ ٨٦٧

ميلو ٿيندئي ميلو ٿيندئي، نينهڙو لايو
جڙيا جاني مونسان ميلو ٿيندئي
١. وهو معڪم چيو وصالون
وري سو وره وسايو
٢. ونحن اقرب پاڻ اُتيوئي
موتي تابره ٻچايو

Scanned by CamScanner

٣. اسين تـوسـان تـون اسان سـان
پـــاڻ پـــريـــن فـــرمـــايـــو
۴. زلـفـان كـولـيـو خـيـال اسان جي
ڏاڍو كـــو ستـــم سـهـايـو
۵. ڪـري اُمـارو اڳـيـون اسـان جي
تـــيـــرن ســـاڻ تـــپـــايـــو
٦. راند روئڻ جي سڪئين **سچو** ري
ڏاڍو كـــو پُور پـــرايـــو

ڪافي مارئي ٨٦٨

سـاريـان آءٌ تـا لـوءِ پـنـهـنجي جون لـويـون
عـمـر گـهـوريا هي پٽ پـٽيـهر ميان
١. هت ويڙهيچا وو ويٺا ورهائن ڏيهاڙيون
ســي ڏونـــرن ســنـــديـــون ڏويـــون
٢. ســـنـــگـــهـــارن ڏي ســـوز ســـنـــيـــهـــا
راتـــين آئـــون تـــا روز مُجان رويـــون
٣. ڪنـديـون ڪوڪڙ وو سنـديـون ميان
ڳـچيءَ پـائـن هـت پـيـكـا پـويـون
۴. صبح سانجهيءَ وو ڪٽن خوشيءَ سان
اُهـي سـي تـا آب پـريـون اويـون
۵. پـانـديـن پائن وو پُسيون، ساڳن سگر
سـنـگـهـار **سچو** ســي ســويـــون

ڪافي جوڳ ٨٦٩

رُئان زارو زار، يـار مانَ مـارن ڪي مـلان آءٌ
١. ڏيـــان ڏوراپـــا ڪـــن ڪـــي، پـــري تـــيـــم پـــنـــوهـــار، يـــار
٢. وئـــي ويـــڙا پـــاڻ ســـان مـــنـــهـــنجو ســـاه ســـنـــگـــهـــار، يـــار

Scanned by CamScanner

۳. اهـــو اتـــم آســـرو، ايــــنـــدم اجڙوار، يـــار
۴. كــنــدا مُهــڙ مــلــيــر ڏي، رڻ چڙي ريــدار، يــار
۵. ســو دم گـــونـــدر گـــذري، جو دم اُن ريءُ ڏار، يـــار
٦. روئـــي رت اکـــين جا، جهـــونـــا ٿـــيـــا جهـــالار، يـــار
۷. وڃي ٻــڌنــديــس اُتــهــين، ســنــدي پــنــهــن پُكــار يــار
۸. ركــي ويــڙهــيــچا ويــا، مُونــهــين ســر مــيــار، يــار
۹. پــيــكــين مُون پــهــچائــين ســومــرا ســردار، يــار
۱۰. راتـــو ڏيـــنـــهـــان اوڏهـــين، **سچو** ســاه ســنـــيـــار، يـــار

كافي جوڳ ۸۷۰

اديون ري اُهي اچن، جن كاريو مونكي الله الله

۱. هـــون ســـدا هـــت ســپـــريـــن، وري نـــه شـــال وڃن
۲. پـــري نـــه وڃن مـــون پـــريـــن، ويـــڙهـــي ســـي هـــن وســـن
۳. آءُ گـــهـــوري كـــاكـــيـــون! راضـــي ســـي پـــاڻ رهـــن
۴. دعـــا كـــجو شـــال هـــن كـــؤن، رتـــي تـــانـــه رُســـن
۵. جيـــهـــو تـــيـــهـــو وو جيـــڏيـــون! **سچو** ســـگ ســـنـــدن

كافي جوڳ ۸۷۱

جائي وٽيئي كَيئي سائي، هن ڏكيءِ ڏوه كيهو كيهو
۱. ڳالهه اوهان جي عالم سڀ ۾، ڳڌي سا عشق اُڏائي
۲. حال منهنجي جي هوت پنهون ري، توكي تا سُڌ سيائي
۳. پاڻ لكائي سر پانهنجي كي، وري گهمايئي وائي
۴. ڳالهه ڳجهي جي دوست پيارل! كل نه هن كي كائي
۵. سائي نيائج نانءِ ڏٽي جي، لنؤن **سچوءَ** سان تولائي

Scanned by CamScanner

ڪافي مارئي ٨٧٢

مارُو تر تيام، پلو ميان وو ڏيان ڏوراپو آءٌ ڪنهن کي

١. سي پاريندي‌س پانهجا، ميان!
جي هُتِ قول ڪيام

٢. چڏي مُلڪ ملير جو
پرين وس ويام

٣. گهوريا پري ڏينهنڙا
جي پنوهارؤن پيام

٤. سنگهارن جي اچڻ جا
ميان **سچو** سنيه سُيامِ

ڪافي مارئي ٨٧٣

ڏوتين ڪؤن نہ ڏور آهيان، وو جيڏيون!
عُمر آءٌ اوڏي انکي سائين الله

١. ناهيان ٻاهر تن ڪؤن ميان، هڪڙو ئي دم دُور
٢. الانسان سري وانا سره، دوستن جي دستور
٣. هي مڙيوئي آهي تا ميان! مارن جو مذڪور
٤. **سچو** سانيج ڳالهڙي، ميان! مارن جي مستور

ڪافي مارئي ٨٧٤

هلي ههڙي حال ميان وڃي ڏوتن کي ڏسان آءٌ

١. پيڪين مُون پهچائيين، ٻلا پنهنجي ٻال
٢. منهنجو ماروئڙنْ ريءَ، جيڻ آهي جنجال
٣. ههڙي وڇوڙي جي، ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهہ
٤. هئن سدا خوش سومرا، مارُو پنهنجي مال
٥. **سچوءَ** جي تہ سرير ۾، مارن جي آهِ مقال

ڪافي مارئي ٨٧٥

مارو مونکي نہ وسارين، آهيان اُنهن جي ميان
١. درد جنين جو دل کي، ڪرم سين اُڪارين
٢. ائئي پهر اوڏهين، تا نين نهارين
٣. هردم طلب جون تن اندر ۾، تارون تنوارين
٤. **سچو** سارين جن کي، سي پي تو سارين

ڪافي جوڳ ۽ ڌناسري ٨٧٦

اول دلاسي ڏي ڳيون، هڻ ڪيهي گناهون تون رُس ويندئين سائين
١. دل اساڏي ٿون وسر نہ وينديان، تو ڳالهين اسان نال ڪيون
٢. سؤ سؤ طعني لک لک بديان، سانون ڏينديان تيڏيان سبي سَنيون
٣. مهر تنهان ٿون مول نہ چاوين، جي پيش تُساڏي آءُ پيون
٤. عشق تيڏي دا ديرا دلبر، ناگهہ نيٽان تي آءُ نيون
٥. **سچو** اپٽا سگ نہ ڇوڙين، نيوين يار پيارل نال ليون

ڪافي جوڳ ٨٧٧

اسان يتيمان نون ڪيوين وساريوئي
تيڏي ويکڻ ڪيتي، ٻهون مئين تا سکنديان
١. ڪينون ڪُوڪان ڪينون آکان، سانون سيف هجر دي نال ماريوئي
٢. ڏک ڏوراپي تيکون ڏيسان، ڪڏهان ڪو دم ساڏي نال گهاريئي
٣. **سچو** تيکون مُک وڪائيا، ميڏي ڪيتي راتو ڏينهن پڪاريوئي

ڪافي جوڳ ۽ ڌناسري ٨٧٨

سُنو حقيقت سنيان، وي ماهي مزگان نال مريندا
١. دم دم ديوچ دست سڄڻ دي، لحظي لحظي ليان
٢. زوري زور گهتيندا سهٽا، رمزان ڪيتان ريان
٣. ناچو وانگر نيهن نچيندا، شرم حيا ڪنون ڳيان

Scanned by CamScanner

۴. مئن رانجهي دي رانجهن ميڏا، کيڙان پاس نہ پيان
۵. شهر بحر وچ هوکا ڦردا، مئن ڏيواني ٿيان
٦. سيني دي وچ سرس **سچو** دي، برهي لايان ٻهيان

ڪافي جوڳ ۸۷۹

سانون متيان ٻهڻ ديان نا ڏيو، مئين تا جهوک هادي دي جانديان
١. مئين تا طعني تهمت يار دي، کر هار ڳلي وچ پانديان
٢. سڻو سڀي سنيان رانجهو نال هوسان، مئين تا کيڙي وچؤن نهين چاڻنديان
٣. راتو ڏينهان اُسي يار ديان **سچو**، ڳلي ڳلي وچ ڳالهين ڳانديان

ڪافي جوڳ ۸۸۰

تون تا تخت هزاري دا سائين اِت چلينديئين چال چليديئين
وي رانجها هر کنهن دا سهنجا وي رانجها
١. کيهي سبب وچ جهنگ سيالين، ٻول جو اپڻي پلنديئين
وي رانجها هر کنهن دا سهنجا وي رانجها
٢. تون تا کڙديئين ندي دي کناري، حُسنان دي وچ هَلنديئين
وي رانجها هر کنهن دا سهنجا وي رانجها
٣. اپڻي ذات تي اپڻا نالا، **سچو** کنون کيوين الينديئين
وي رانجها هر کنهن دا سهنجا وي رانجها

ڪافي جوڳ ۸۸۱

مئين تا تينون منگدي آهي
تون مئينون ٻهون منگدا رانجها
١. تون جو ٻڌديئين سر تي چيرا، سبز سُرخ چورنگدا
٢. مئين تا تيڏي روز ازل کنون، کيڙا مول نہ سگندا
٣. اول آخر توتي هوسين، شرم اساڏي ننگدا
۴. نال پيڙاندي سڻ **سچو** ميان، ذرا نهين کوئي زنگدا

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ٨٨٢

سهڻي نال وي ساڏيان اکيان اڙڪن هو اڙڪن
١. بار بره دي درد مندان تي، چُڙڪن هو چُڙڪن
٢. غمزي رمزي يار سڄڻ دي، ٻيلي ڪڙڪن هو ڪڙڪن
٣. درد تيڏي ڪنون عاشق شُهدي، ٻيلي ڦڙڪن هو ڦڙڪن
٤. سوز تيڏي ڪنون برهي والي، ٻيلي تڙڪن هو تڙڪن
٥. سُولي اُتي سر عاشقاندي ٻيلي لڙڪن هو لڙڪن
٦. باهين بره ديان اندر **سچو** دي، ٻيلي پڙڪن هو پڙڪن

ڪافي جوڳ ٨٨٣

مئين تا ٿيوان هو ٿيوان، سهڻي توُن وي گهولي هو گهولي
١. رل مل سيالين ڪر ڪر آنديان، ٻيلي ٽولي هو ٽولي
٢. ڪانهن رانجهن دي سنوري سنيان! ٻيلي ڪهيلي هو ڪهيلي
٣. تختؤن آءُ ڪي جهنگ ڪون، رانجهو ڳولي هو ڳولي
٤. سر **سچو** دي تيغ عشق دي، ٻيلي تولي هو تولي

ڪافي جوڳ ٨٨٤

سانون اداسي ڪيتئي پلا يار، سانون اُداسي ڪيتئي چڱا يار
١. تيڏي اسان نون دلبر ڪيتا، برهي بيماسي، ٿيوين نہ تون ڏار
٢. سهڻا سائين! ڪيتيان تي·يان سوزان سناسي، تيئڙا دونهن انذار
٣. اڱڻ اساڏي پل پل آوين، هويان پياسي، وچ نہ تون پئي پار
٤. ساه **سچو** دا ملڻ تُساڏي ڪيتا آساسي، تون آوين بار و بار

ڪافي جوڳ ٨٨٥

ٻيلي زاري هو زاري، سهڻي نال وو ساڏي هوئي هوئي
١. دلبر اُتون مئين تا ٿيوان، ٻيلي واري هو واري
٢. ڏونهين جهانين ٻهون لٽيجي، ٻيلي ياري هو ياري

Scanned by CamScanner

٣. ڪل اساڏي يار سڄڻ دي، ٻيلي ڳاري هو ڳاري
۴. بات بره دي سُنوري سنيان، ٻيلي باري هو باري
۵. ڳالھ **سچو** دي دست ماهيدي، ٻيلي ساري هو ساري

ڪافي جوڳ ٨٨٦

جو اڱڻ پيهي اڄ آيو، سوسامي مُون تا صحيح سڃاتو
١. بيراڳيز جو بيک ڪري، تنهن ڪيڏو هنر هلايو
٢. سر جٽائون جوڳين واريون، تنهن لِڱين بسمون لايو
٣. مرلي مست آواز اُنهين جي، منهنجو روح ريجهايو
۴. رانجهو تخت هزاري وارو، مولٰي آڻي ملايو
۵. عطر عنبير اُنهين جي ڪارڻ، مون تا مشڪ ملايو
٦. پياري هي سِرُ پاٺون چاڻي، **سچوءَ** کي سمجهايو

ڪافي جوڳ ٨٨٧

پاڙيچون ني پرين جو، مونکي پُور اڄ ني پيو
١. انتر ۽ جنترن موُن ٿي، هي نينهڙي نيو
٢. جيڪي چيو نجومي، سو تا صحيح ٿيو
٣. چرخو ڀچي چيهاڙيون، مون ڪاڪيون ڪيو
۴. هِي جان ٿئي جمعيت، لعلن جي پائي لِيو
۵. ڪو ڏَسُ اچي پرين جو، هن ڏاه کي ڏيو
٦. جي در اچي سو دلبر، تا جِيءُ **سچوءَ** جو جيو

ڪافي جوڳ ٨٨٨

آيم رات عتاب، سخت سنگهارن جا
١. مونکي عمر ماريو، جهانگين جي ني جواب
٢. وينيئن اتي مارئي، ڪائي خوش ڪباب

٣. هِت سارو ڏيهہ ڏڪائيو، عمر جي تڪ تاب
٤. مولي تا معافي ڪيا، **سچوءَ** توَن سڀ حساب

ڪافي جوڳ ٨٨٩

اڱڻ ميڏڙي آوين، ميڏي دلبر وي
دامن لڳڙي نُون ڇوڙ نہ پيارا وي

١. جيهي جي تيهي ميان تيڏي آهيان، چت نہ مئين ٿون چاوين
٢. هووين هميشہ نال اساڏي، جاني پري نہ جاوين
٣. **سچو** هي سگ در تيڏي دا، پير اُهين ڏنهن پاوين

ڪافي جوڳ ٨٩٠

آءٌ تا صدقي اُن توَن، جي آيا پنهل جي پار

١. مُڪم نياپا نينهن جا، هوتن ڏانهن هزار
٢. محبت محبوبن جي، ڪئي هينئڙي ۾ هُشڪار
٣. وچي ڏسنديس اکڙين سان، وڻ سندا وٽڪار
٤. سڪ **سچوءَ** ڪي سرتيون! ڪيا اندر ۾ الغار

ڪافي جوڳ ٨٩١

تون آءٌ ڙي قاصد آءٌ ميان! ڪا خبر ڏينهون ڪيئن جي

١. پرين سندي پار جو، ڪو لهي اچ سماءُ ميان
٢. منهنجو ٿئي هِت ڪينڪي، ٻاجهون هوت هلاءُ ميان
٣. ملڻ ٻاجهون دوست جي، ڪندو ورهُ وڏاءُ ميان
٤. **سچو** سمجهين ڪينڪي، اهو اٿئي لوڪ لقاءُ ميان

ڪافي جوڳ ٨٩٢

رانجهو ڪيڙا ڏونهين مئين هان، هير رهي وچ ڪٿي ڪٿي

١. جهنگ سيال يي تخت هزارا ڏونهين ڏنم اِتي اِتي

Scanned by CamScanner

٢. اسان پياسي وچ اُتاهين، نانءُ ڪنهندا تتي تتي
٣. گم هوئي بي هير اتاهين، مؤج اُڙهي هئي جتي جتي
٤. **سچو** صاحب هڪو ها، وٿي وال نڪوئي وٿي وٿي

ڪافي جوڳ ٨٩٣

پلپل پونم پُور، عمر تن مارن جا ميان
١. دم دم منهنجي دل ۾، ميان مارن جا مذڪُور، سرتيون سُورن جا ميان
٢. سانگيڙن ڪي سدا نِتُ ساريان، هينئڙي هُريم هُور، پُورن جا ميان
٣. مَنِ مچائي **سچو** ويو سانگي دائم، دُونهان دستور، خاص ڪورن جا ميان

ڪافي جوڳ ٨٩٤

والي تُساڏا واهي يار، سدا سُکيا هووين .
١. ڪوئي دم اسان تئون دُور نہ تيوين، خوش هووئي بادشاهي
٢. ڏونهين جهانين نال تُساڏي، هادي دي همراهي
٣. قيامت توٽي بخش تُساکون، اوجو عيش الهي
٤. وڏڙي ويلي ندي ڪناري، ڪران سو ماهي ماهي
٥. دُعا ڪريندي لکين هزارين، **سچو** پي هڪ سپاهي

ڪافي جوڳ ٨٩٥

پلؤ تساڏي پئيان، مئين پلؤ تساڏي پيان
١. اوڳڻ ڏهون ڏيک نہ ميڏي، حال ڪنون هُڻ ڳيان
٢. عشق پيالا پي ڪراهُڻ، اينوين ديواني تيان
٣. طعني تهمت ڏيوَن مئينون، رِلمل سيالين سنيان
٤. اگڻ **سچو** دي آءُ پيارا، بره تساڏڙي ليان

ڪافي جوڳ ٨٩٦

عشق نهين آساني، ڪم هئي ڪنهان ڪُوپاندا
١. ڏينهان رات برابر هويا، هئي هئي سڀ حيراني

Scanned by CamScanner

۲. سِرُ ڏيوَن سلطان اٿاهين، ڪيا جي دُر دُراني
۳. فوج ٻره دي لکين هزارين، تالان ڪيا طولاني
۴. سِر **سچو** دي ساوڻ وانگون، ٻره ڪيتي باراني

ڪافي جوڳ ۸۹۷

لوڪان نون خبر ڪيهي، طعني ڏيوي چٽي چٽي
۱. اصلون آهي نال رانجهن دي، پرت ميڏي گهٽي گهٽي
۲. مئين تا رانجهن گڏ پيتا سي، ڪير مکڻ جهٽي جهٽي
۳. ٻولي جوڳي وي دل ميڏي ڪُون، ٻهون ٻهون وٽي وٽي
۴. عشق دي مصلحت مئين تي ماهي، ڳوڙهي اها ڳٽي ڳٽي
۵. سُنوري سهيان پرت اساڏي، نال **سچو** دي ٻٽي ٻٽي

ڪافي جوڳ ۸۹۸

سَنديوَ سار سنڀال، يار مونکي آهي منهنجا ميان
۱. مُون هئُون ڏورڻ نہ تيا، الله آهن ڪاف ڪشال
۲. اوهان ٻاجهون سپرين، جيڻ منجهہ جنجال
۳. ڪريو فناءُ فراق کي، وجهان واجهہ وصال
۴. ٻاجهہ ٻاروچا تو پوي، ههڙا ٿيئڙم حال
۵. راتو ڏينهان روح ۾، جُڪان لاءِ جمال
۶. سڪ **سچوءَ** کي سپرين! آهي جيءَ ۾ تنهنجي جال

ڪافي جوڳ ۸۹۹

اري الوالو منهنجي يار سڄڻ جو سات سلامت آيو
۱. سيئي اڳڻ آيا، مون جن لئي ورهُ وسايو
۲. اُهي گڏ مسافر هِن گڏيا، مُون جن لئي پنڌ پڇايو
۳. ڏئي دلاسا دل کي، تن ريهي روح رسايو

Scanned by CamScanner

۴. حال ڀائي اچي سي تيا، جن تا چيتڪ لايو
۵. ريتيون وصال جو، هاڻ واليءَ ورق ورايو
٦. **سچوءَ** کي ري سرتيون! آهو مولىٰ محب ملايو

ڪافي جوڳ ٩٠٠

مِنڙا رانجهو تيڏا لڳڙا
سو کو ڳڻ زور

١.ڏونهين جهانين ڪوئي نہ ليي
هادي جيها کو هور

٢. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا
کيڙا گهتينديان گهور

٣. بره دي بادل برسن لاگي
عشق کيتي گهنگهور

۴. تيڏي اسانون سهڻا سائين!
شوق مچايا شور

۵. تسان ٻاجهون سڻ **سچو** سائين
جُهرجُهر هوئيان مور

ڪافي جوڳ ٩٠١

مئينون لڳڙا نينهن نيارا، ڍوليا

١. چشمان تيڏيان جادو کيتا، برهي بار اٺايا، ڍوليا
٢. اي کم کيتا وي عشقي ڏاڍا، درد فراق ٻچايا، ڍوليا
٣. شاهي نانءُ وڃاءِ کرا هڻ آکي، تو چاڪ سڏايا، ڍوليا
۴. عشق رانجهندي ڏم مچائي وي، جهنگ سيال پچايا، ڍوليا
۵. اڳڻ **سچو** دي رانجهن سائين! ول ول ڦيرا پايا، ڍوليا

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ٩٠٢

دامن تيڏي مئين لڳيان لڳيان
حاضر تيڏي اڳيان اڳيان

١. ماءُ پيءُ ڇوڙ لڳيس لڙه تيڏي
برهين بانگان وڳيان وڳيان

٢. سگ سيالاندا ڇوڙ ڪراهڻ
طرف تساڏي مئين پڳيان پڳيان

٣. مئين تہ راجهندي رانجهن ميڏا
ڪيڙاندي گهر ڪڳيان ڪڳيان

٤. **سچل** هئي مسڪين الله دا
عشق تساڏي تڳيان تڳيان

ڪافي جوڳ ٩٠٣

تخت هزاري دا شاه، ميان رانجها، دامن تيڏي لڳي آهيان

١. جوڳي ٿيڪر ڦردا سيلاني، رهندا بي پرواه، ميان رانجها

٢. تو وت پاجهون نال ڪيڙان دي، نهين سو ٿهندا ٺاه، ميان رانجها

٣. نال ڪرم دي ديد مهر دي، مئين ٿون مُول نہ لاه، ميان رانجها

٤. نانءُ الله دي آپ سڃاٹين، سنگ **سچو** دا پناه ميان رانجها

ڪافي جوڳ ٩٠٤

رانجهو سائين اڱڻ اساڏي
آڻ گهتايس دونهين دونهين

١. مئين تا رانجهو هڪ رهياسي
مست ٿياسي ڏونهين ڏونهين

٢. راه اَهيندي واقف نہ هاسي
عشق اساڏي سونهين سونهين

Scanned by CamScanner

٣. ڪٿي مئين تا ڪٿي رانجهو
سودا ڪيتا روحين روحين
٤. ايڏي اوڏي مُول نہ ڏيکين
سچو يار سموهين سموهين

ڪافي جوڳ ٩٠٥

رانجهو ڏنم نال اکيندي، هڻ تا مئين جڳ جيندي هان يارو
١. رانجهو اڱڻ ميڏي آيا، ڀهون ڀهون خوش ٿيندي هان يارو
٢. رانجهو مئين تا صحي سڄاتا، ڳليان شڪر ونڊيندي هان يارو
٣. زهر پيالا، وحدت والا، شربت ڪر ڪر پيندي هان يارو
٤. سيني اندر چاڪ سچو کون، صحبت نال مين سيندي هان يارو

ڪافي جوڳ ٩٠٦

جو جوڳي زلفن وارو، سو سام مون تاڪين سڃاتو
ڳل ڪي ڪفني، دست ڀهوڙا، مشعل مُنهن موچارو
انگ ڀڀوت بنائي آيو، ٻيک پئي وڻجارو
پئي لباس ڪو رانجهو ايندو، چڙي تخت هزارو
سبب انهيءَ ڪؤن ڪين سڃاتم، ماريون مرليءَ وارو
سچو سڃاتو رانجهو آهي، جڏهين حال سليائين سارو

ڪافي جوڳ ٩٠٧

سهڻا توبن ساڏڙا حال وي. ڏکي هويان نسي جينديان وو الله
١. ميڏي نال تسان جا لائي، وسر ڳيوسي ٻاپل يائي
زهر پيالا مئين پينديان وو الله
٢. عشق جڏهان پيي سِرتي آيا، ٿيا ٿيا نينهن نچايا
اينوين ديوانڙي ٿينديان وو الله

Scanned by CamScanner

۳. مزگان تير مريندريان برڇيان، سيني اندر لڳديان هُرچان
هوءِ هوءِ هوءِ آکيندريان وو الله
۴. بره اسان تي برڇيان لايان، سڀ سهيليان مل کر آيان
مهڻي نال مريندريان وو الله
۵. **سچو** سوز سنيال ڏتوسي، جان تڏهان قربان کيتوسي
سانگان نال سلهيندريان وو الله

ڪافي جوڳ ۹۰۸

ٻيلي وسدا رانجهو يار! اسان نماڻيان نون الله مليندا
۱. تنهندي عشق آرام وڃايا، ڳيا سو صبر قرار
۲. ڏونهين جهانين وچون يار سڄڻ دا، عشق کيم اختيار
۳. رانجهن جيها هور نہ ڪوئي، ٻئي تي کيڙي لک هزار
۴. اڄڻ اساڏي جي رانجهو آوي، ٿيوي سا دل بهار
۵. آهي **سچو** کون سُهڻي ٻاجهون، روئڻ زارو زار

ڪافي جوڳ ۹۰۹

سانون مليا محرم يار، اري الا الا ميڏا ٻلا ٿيا
۱. مئن رانجهن دي، رانجهن مئڏا
کيڙا سو خجل خوار
۲. ڳيا فراق وصال ٿيوسي
سهج کيتم سنگار
۳. پڇي پوٺين نون آگ جلايا
هوئي سا دل بهار
۴. **سچو** جان جميعت ٿي
هويا ماهي دي نال اقرار

ڪافي جوڳ ٩١٠

وچ ميدان محبت والي اپڻان سِر ستيسان
هادي دا سُنهن هي
١. بات اُهائي، اڳي آکيم وائي، سا ڪين مٽيسان
هادي دا سُنهن هي
٢. مئي دا پيالا، محبت والا، پيسان سو جام جهٽيسان
هادي دا سُنهن هي
٣. ڳالهہ هادي دي ظاهر ڪرسان، لوڪاندي ڳالهہ لٽيسان
هادي دا سُنهن هي
٤. بازي ڪليسان نال ياراندي، ڏيکو جا مئين ڪٽيسان
هادي دا سُنهن هي
٥. رانجهو سائين ملڪ **سچو** دي، ڪيڙاندي پاڙ پٽيسان
هادي دا سُنهن هي

ڪافي جوڳ ٩١١

دم الله وسدا مُلڪ رباني

سڻ ميان قاضي، نهين دل راضي، توُن ڪيها جهڳڙا لايا
١. اول عشق الله نون هويا، جنهن رسول اُپايا
ڏوجها عشق محمد صہ نون، جنهن ڪلمان جوڙ پڙهايا
ٽيجها عشق هئي چئون ياران، جنهان صدق خوب سنايا
چوٿان عشق حيات خضر جنهن نديان نير وهايا
پنجوان عشق زمين آسمان، جنهان ٿنيا نا جهٽڪايا
ڇهوان عشق هي هير ڇٽي جنهن جڳ ڪُون ڪُوڪ سڻايا
ستوان عشق تون بخش اُنهان، جنهان زمينان ڪنڌ لٽايا
سرمد نون شهہ عشق يارو اينوين قتل ڪرايا

Scanned by CamScanner

بخش دلاور گھتين نہ وچوڙا قاضي مسلہ تينون ھٽ نہ آيا
٢. قاضي! مس قلم نال کتلي کاغذ کيتئي کالي
عالم کُون وت کيھا، ڏسدئين مسلي والي چالي
عشق جيھي ٻي راه نہ کائي اينوين آکيا متوالي
٣. جڏھان مئين دلبر دي وت ھوئي ضديت تؤن کيھي لاتي
وچ پينگھوڙي پئي تڙپان، ميڏي ويڏن کنهن نہ چاتي
عشق قاصائي اندر وڙيا، گھن کُھاڙي کاتي
رڳين رڳيندا ماس کپيندا سيني اوپر چاتي
سؤ وره دي زحمت جائندي، جڏھان رانجھن پائي ھڪ جھاتي
٤. جڏھان ھير کُنواري ھوندي سُٽکي جواب نہ ڏيندي
شينھان تي ھسواري کريندي، چھبک نانگ ڏريندي
جيکو منگدا نانءُ رانجھو دي، پرکي کتورا ڏيندي
جيکو جو منگدا نانءُ کيڙاندي، پريا چاتہ وٿيندي
٥. ھک ڏھاڙي مُرشد مئئنون آپ اينوين فرمايا
اھو طريقہ، وحدت والا، سانون پھون خوش آيا
سچل پنڌ عشقدا سچا، پيا کُل پنڌ اجايا

کافي جوڳ ٩١٢

مونکي عبرت آھي اھڙي، حال جي
ھاريون! حيرت آھي انھيءَ ڳالھہ جي
١. کاٿئين ڏاڍو کاٿئين ھيڻو، کاٿئين جوڙ جٽيان تو پائي
٢. کاٿئين ٿوري، کاٿئين موچي، کاٿئين سيد سڏائي
٣. کاٿئين تارک، کاٿئين شارق، کاٿئين مُک ملائي
٤. کاٿئين شاھي کاٿئين، سپاھي، کاٿئين حکم ھلائي
٥. کاٿئين کافر، کاٿئين مومن، کاٿئين سُوريءَ سِرُ سلائي

Scanned by CamScanner

٦. ڪاتئين گوسائين، ڪاتئين سنياسي، ڪاتئين ٿو بت بنائي
٧. ڪاتئين سامي، ڪاتئين انعامي، ڪاتئين، تلڪ لڳائي
٨. ڪاتئين قادر، ڪاتئين نادر، ڪاتئين **سچو** نانءُ سڏائي

ڪافي مارئي ٩١٣

شال نہ وسارين، مونکي شال نہ وسارين، درد جنين جو آهي دل کي
١. اٺ ئي پهر اوڏهون، نين ٿا نهارين
٢. پهون پنوهر پاهنجا، ويجها وهارين
٣. جهور اسان جا جُهوپڙا، ماڙيون ٿيون مارئين
٤. هردم طالب جون تن ۾، تاروُن تنوارين
٥. سنگهارن جون ساه کي، ڳالهيون ٿيون ڳارئين
٦. **سچو** سارين جن کي، سي پي تو سارين

ڪافي جوڳ ٩١٤

هُتِ تا ڪير هُياس، ميان وو
هِت تي ڪير آيس نہ چاٽان
١. نانءُ پيو هُت هو منهنجو، هِت پئي نانءِ ٿياس
٢. اچڻ نہ هو هِت منهنجو، پر ڪنهن تا خواهش ڪنياس
٣. هُت هُيُس معشوقيءَ ۾، هِت عاشق ٿي آياس
٤. هئي هئي هُت ڪانڪا، هِت منجهہ پروڙ پياس
٥. **سچو** سارو وو سچ ٿيو، وڃؤن آءٌ وياس

ڪافي جوڳ ٩١٥

اري ساٿي سڄڻان دي اڳون تون ڪيوين جالين
١. تيغ ستم دي وهي تسان تي، سانون مارينديان ڳالهين
٢. آه تيڏي ڪنون طول وهاٽي، جل ڳيان سي نهالين
٣. اڳي اسانون تو جي ڏتيان، اجاسي پٽيان آلين

Scanned by CamScanner

۴. جنهندي آنڌئي وو ڳهن نياپي، اُهو تا دوست وڪالين
۵. خوني خنجر دست سڄڻ دي، **سچو** تون آپ سنڀالين

ڪافي جوڳ ۹۱۶

ڳالهيون ڳارن ٿيون، مياںَ دل کي دوستن جون ميان
من کي مُحبن جون ميان!
١. ياد اچن جي ڳالهيون، اُهي ڪوڪان ڪارن ٿيون
٢. هوجي ڪيائون ڳجهه ۾، اُهي مامان مارن ٿيون
٣. دلين واريون ڳالهڙيون، اُهي ڀارڻ ڀارن ٿيون
۴. پسڻ ڪارڻ اکڙيون، صاحب سارن ٿيون
۵. ڀاڻيءَ ڳاڌون رت جان، هنجون هارن ٿيون
٦. اکيون ڏسن غير جو، واحدؤن وارن ٿيون
٧. **سچو** اُهي ڳالهڙيون، نِتَ مونکي مارن ٿيون

ڪافي جوڳ ۹۱۷

عاشق ڪيتئي اُداسي، وهواه ڳالهه خاصي
١. روز ازل ڪؤن لون لون منهنجي، واءَ وره جي واسي
٢. دلڙي اسانجي سهڻا سائين! ڀهريون ڪيتي پياسي
٣. هيڏي هوڏي ڪون وياسي، باس اها اسان باسي
۴. عشق دا نعرا سڻ اشارا، هي دل لڳي هراسي
۵. بيخوديءَ مؤن باغ بهاران، خوديءَ ڪانءُ خلاصي
٦. بره آنجي ڪيو بيراڳي، **سچو** رنگ سناسي

ڪافي جوڳ ۹۱۸

انهين سهڻي تؤن مئين تا صدقي ٿيوان ٿيوان
١. صدقي ٿيوان وي جاني، جانکي جيوان جيوان
٢. دُعا ڪريو تُسين سنيان، نينهڙا نيه شال نيوان نيوان
٣. هنجون والي ڏاڳي ڪر ڪر چاڪ سيني دا، مئين سيوان سيوان

Scanned by CamScanner

۴. هئون سهڻي دي سڻوري سنيان، وي پيالا عشق دا پيوان پيوان
۵. **سچو** دامن دوست دي وي ميان، نال يقين دي ليوان ليوان

ڪافي جوڳ ۹۱۹

اُڏر پکيڙا پار پرين جي
خبر آڻي مُون ڏئين لا
۱. ڪين گڏيئي سي سپرين
وات تا ڪنهن ٻي وئين
۲. پاڙي ويهي پرين جي
وڃي تون واقف ٿئين
۳. سُڌ سيائي مون ڏئين
جڏهن پاڻي اکين جو پئين
۴. سوز **سچوءَ** جو پاڻ سان
اداڙي نازڪ نئين

ڪافي جوڳ ۹۲۰

ويئا منهنجون ڳالهيون ڪن
هُت ماروئڙا ٻـ ملير ۾
۱. عمر آنديئي مارئي
تاسف ڏيئي تن
۲. سدا آهن سومرا
مارو منهنجي من
۳. مون جيڏيون ٻـ ملير ۾
چانگن پاس چڙن
۴. چڏي پائر ڪنديون
مَنهيون اوري اڏن

Scanned by CamScanner

٥. سچوءَ جي ٻہ سرير ۾
ويــڙيــچا ٿــا وســـن

ڪافي مارئي ٩٢١

غم ۾ ڪيئن نہ گذاريان
ڏوٿين وچؤن مونکي ڏينهن پيا
١. ميان مُلڪ ملير ڏي
گــهــٽـو نــيــڻ نــهــاريــان
٢. پـڪــا پــنــوهــارن جا
ساعت ساعت سنياريان
٣. راتيان ڏينهان روح ۾
ســاهــيــڙيــن ڪي ســاريــان
٤. وس جي هوڪو منهنجو
گــڏ هُن پــاڻ قــطــاريــان
٥. پت پنهنجي پاٺهين
پــنــوهــارن ســان پــاريــان
٦. ياد ڪيو سي ڳالهيون
پانــهنجو پاڻ ٿــي ڳاريان
٧. موڪل ڏينم مٿين مڙان
گــهــڙيِ هتِ نـہ گــهــاريــان
٨. ٻــڪــر ٻــاٻــاڻــن جا
چهــرائــي ســان چاريــان
٩. جان مون زوح رڳن ۾
ويــڙهــيــچانـــ وســاريــان
١٠. جا لوئي آنديم لوءِ ڏنهن
عـــمـــر شـــال اُجاريـــان

Scanned by CamScanner

١١. حال پسي هي پانهجو
مــاروئــڙن لــڳ مــاريــان
١٢. پٽ پٽيهر گهوريا
طــول پــايــان تــلــواريــان
١٣. ڪر لهڻ لئي ڪانگڙا
اوڏنــهــن روز اڏاريـــان
١٤. **سچو** سنگهارن ڪؤن
هـي سِرُ هـڏ نـہ واريـان

ڪافي جوڳ ٩٢٢

دل ناهي سا منهنجي وس، ڙي جيڏيون! ڪيئن ڪريان
١. انـهـن اڪـڙيـن ڪـي، نـاه ڏسـڻ ڪـؤن بـس، ڙي جيـڏيـون!
٢. اصـل لاڪـون آهـيـان، پـاڙيـچون پـروس، ڙي جيـڏيـون!
٣. ڪاڪيون آهہ نہ عام سان، روح منهنجڙو رَسِ، ڙي جيڏيون!
٤. ڀاڄهون ويڙهي دوست جي، ڀي ڳالهہ نہ لڳي ڪس، ڙي جيڏيون!
٥. ساه **سچوءَ** جو سرتيون! دوست وٺي ڪيو وس ڙي جيڏيون!

ڪافي جوڳ ٩٢٣

يــاقــي تــيــوَ يــار اســان ڪــؤن
دل نمـــاڻـــي جي ڪـــســـــي
١. ويـنـي ڏسـان وات اوهـان جي، مـان ڪـو رهـبـر رسـي
٢. اچڻ هـن جو يـار ايـڏاهـين، ڏيـهـہ سـنـدئـي ڪـو ڏسـي
٣. سـر **سچوءَ** جو، يـار سـدائـين، وره جو مـيـنـهـڙو وسـي

ڪافي جوڳ ٩٢٤

سچو هي نا پيدا، سو تا ڏيکڻ وچ نهين آندا
١. تـنـهـيـنـدي نـا پـيـدائـي وچون، آپـي آهـائـيـنـدا
٢. تـنـهـنـدي جات جمـات نـہ چاڻـان، ٻـيـنـا پـيـدا ڪـانـدا

Scanned by CamScanner

٣. سؤ پيرا هر گليان وچون، ڏيک نہ آندا جاندا
٤. گم ٿيوڻ هِن غمزي وچي، شاه شرف شهاندا
٥. ڏيکڻ وچ نہين مطلب کوئي، هوکا يارگهماندا
٦. آپون آپي پيدا ٿيوين، **سچو** سِرُ سٹاندا

ڪافي جَوڳ ٩٢٥

جو تون پير پِري آئين، تنهنجي ٿوري هک نٿي پچان الله ميان
١. عاشق هتي لکين هزارين، لئون اسان سان ٿو لائين
٢. عيب اسان ۾ آهن اپارين، اِهي پلا کيو ٿو پائين
٣. ڏوهہ ڏنگايون ڏسي اسان جون، چِت نہ اسان توُن چائين
٤. راتو ڏينهان يار اوهان جا، ڳڻ **سچو** ٿو ڳائين

ڪافي جوڳ ٩٢٦

رانجهي تا ديس پچايا، چوڙ هزارا اسان نماٹياندا
١. پگوا کپڙا پهر اتاهون، اگڻ اسا ڏڙي آيا
٢. نال اساڏي رانجهو جوڳي، عشق آڻ مَلايا
٣. کنهن تا ڳالهيون سٹو سياليان، اٿان تنهن چاک سڏايا
٤. ناچاٹان مئين کس دي کيتي، رانجهي بڳل هندايا
٥. نال فضل دي يار اساڏا، ويڙها چاءِ وسايا
٦. ايڏون اوڏون آکن سيئي، **سچو** دا بخت سوايا

ڪافي جوڳ ٩٢٧

محبت جي مئي ماريو، ڙي مونکي
کاکيون کنهن سان وره وراهيان
١. عقل علم سڀ چوڙ ڏتوسي، عشق ڏنو اولارو
٢. اکيان کول تہ ظاهر ڏيکين، سير سڄڻ جو سارو
٣. پُرجهي پير ايڏاهين پايو، هوت اٿؤ هاکارو
٤. محبت مؤن منصور وجهايو، ڳچيءِ جي وچ ڳارو
٥. سنبر **سچيڏنا** چوڙ سانباها، وره کيو جان وارو

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ۹۲۸

ويکو سنيان رنگ رانجهن دا، جو آيا ويس مٽائي

۱. اپڻا ديس ڪٿان وت ڇوڙيس، اٿان آيا چاڪ سڏائي
۲. رانجهو تخت هزاريدا سائين، آندا جهنگ پڇائي
۳. ظاهر اپڻي ذات نہ ڪيتس، لوڪان ٿون آپ لڪائي
۴. شال نماڻيان دي نال آهوئي، منڙي محبت لائي
۵. سر جٿائون جوڳن وانگڻ، بسمہ انگ لڳائي
۶. ڳجهہ دي ڳالهہ سيائي ڳيا وت، **سچو** ڪُون سمجهائي

ڪافي جوڳ ۹۲۹

واعدا ڪيئن وساريوَ ڀلا سائين!
ڪيهي ڳالهيون ڳالهيون

۱. اسان نماڻن سان يار پيارا
ڪو ڏينهن مانَ گذاريوَ
۲. ڏک ڏئي وئين اڳي ڪؤن اڳرو
وري نہ پوءِ نهاريوَ
۳. هيڏنهن هوڏهن جُتي اسانکي
پنهنجي ڪي قطاريوَ
۴. آتڻ چرخو ويني چوريم
ڏيئي سو عشق اُڏاريوَ
۵. سڀ ڪنهن ساعت سانول سائين!
سچو هت سنياريوَ

ڪافي جوڳ ۹۳۰

اسان جيها ڪوئي اور، ڪٿ نہ ملسي
ايڏي اوڏي اکين ڪول ويکين

۱. نال اساڏي تون محبت لاوين، عشق ٻنهان ڪنون توڙ

Scanned by CamScanner

٢. اسان جنهان کُون ياد ڪيتوسي، گهتون تنهان ڳل ڏور
٣. لکان دي وچون ڪوئي جهليندا، عشق اساڏيدا زور
٤. **سچو** راه اساڏي دي آتي، هڪ جفا پيا جور

ڪافي مارئي ۽ جوڳ ٩٣١

لڄايان نہ لوئي، وو عمر آنديم جا اوڏاهون
١. هي تا مُلڪ ملير ڏنهن، قاصد اچي ڪوئي
٢. سارو سنگهارن ڏي، حال مُنجان روئي
٣. وجهان پرندي باه ۾، شالون پٽ سيوئي
٤. ڪتي ڪنيم ڪيئي جي، اڌو ٻنڌ جا هوئي
٥. آنديم ڪٽي ڪوه تؤن، آب ڀري اوئي
٦. پيڻ ڪاڻ پنهوار جي، ڪلي مون تا ڊوئي
٧. اهڙي اڳي ڪنهن نہ ڪئي، جهڙي ڪيڙي توئي
٨. مونسان مدد ني ڪندو، **سچو** صاحب سوئي

ڪافي مارئي ٩٣٢

مارن کي وڃي ملان ملان، هادي الله الوڀلو
١. لاوان لهنديس ڪيت پنهنجي سان، سرتيون ٽينديون مون ڇڄان ڇڄان
٢. ڪڍ بندياٽي بند مؤن، ڪُرف ڪڙا ٽي ڀڃان ڀڃان
٣. واٽ جنهنين ڪؤن سانگي ايندا، سائي واٽ مون وڃان وڃان
٤. **سچو** سائل آهي اوهانجو، سر سائين اڳيون سڃان سڃان

ڪافي جوڳ ٩٣٣

نينهڙا اپٽي نال لايوئي، تون تا رانجها تون هير سيال
١. تون تا تخت هزاريدا سائين، هڻ چاڪاندي ڳڌئي چال
٢. اپٽي نال ڪريندئين آپي، عشقي والڙي ڳجهي ڳالهہ
٣. ظاهر ويس چؤپارا آها، جهنگ سيال ڀي تيڏڙي جال
٤. اندر ٻاهر توهين وسدا، **سچو** ڪائي نہ شئي شڪال

Scanned by CamScanner

ڪافي جوڳ ۹۳۴

مهٽي ماهيدي ڏيندا

سانون مايا لوڪ سارا

۱. وچون سياليان هڪ اسان نون، نينهن أنهيندا نيندا

۲. تخت هزاريدا رانجهو سائين! اٿان سو چاڪ سڏيندا

۳. پچ پچ آيا راڄ ڀباٽا، ونجهلي آڻ وڄئيندا

۴. ڳجهيان ڳالهين ڪر ڪر رهيان، **سچو** ڪون بره ٻڇيندا

ڪافي جوڳ ۹۳۵

مئين تا سوين هو سوين، سؤ هزارين ڪُون ڏيسان ڏوراپي

۱. يار دي پاروُن آون نياپي، ٻيلي نوين هو نوين

۲. دل دي اندر دُود بره دا، ٻيلي ڏوين هو ڏوين

۳. بار بره دا چاون ڪيتي، ٻيلي گنوين هو گنوين

۴. نال پياري راند رووڻ دي، ٻيلي روين هو روين

۵. سڄٽاندي پيرين سڻ **سچو** سائين! ٻيلي پوين هو پوين

ڪافي جوڳ ۹۳٦

عشقاندي ديري ديري، دلبر آوڻ هيئي

۱. ڪڏهڻ تيسين ڏينهن أهوئي

آءُ ڪي وسين تون ويڙهي ويڙهي

۲. وس اساڏا ڪوئي نہ لڳندئي

مولي تسان ڪون ميڙي ميڙي

۳. دم اسان ڪنون دُور تہ جاوين

سدا هوين شال نيڙي نيڙي

۴. تيڏيان قدمان تُون رانجهن سائين

گهول گهتان سڀ ڪيڙي ڪيڙي

Scanned by CamScanner

۵. لتـــــي اســـــان ٿون **سچو** ســائــين
جهـنـگ سـيـالـيـنـدي جهـيـڙي جهـيـڙي

ڪافي مارئي ٩٣٧

متان مُنڌ مارن تئون وهين آسرو لاهي
١. بند تنهنجي باب ۾، اصل ڪوُن آهي
٢. سگ اسانجو سومرا، چنڻ جيهو ناهي
٣. پرين نيندا پاڻ سان، سگر ڏي ساهي
۴. نَير هي جي نينهن جا، ڪير سگهي لاهي
۵. رکج مُنهن ملير ڏي، تاه نہ پيو تاهي

جهولڻو جوڳ ٩٣٨

ساٿي ساري سنيها هي، چئج پنهونءَ کي بيراڳي آهيان وو
١. حال ڏسيو تو جو وڇين، سارو عرض ڪرين وو
دلاسو ڪو دوست ڏنهن، وٺي جلد ورين وو
٢. ڪارو ڪج نہ ڪيچ ڪي، ڇپر تانہ چڙين وو
پانهي پائي پانهنجي، گولن ساڻ گڏين وو
٣. توسان عُمر گذاريان جا ڪين هت هُئان وو
ڳالهين تُنهنجن ڳاريو جاٿي رت روان وو
۴. ڏوريندي مون ڏونگرين، گهٽا ڏينهن ٿيا وو
ٻُڌا هوندا هوت تو، جي **سچوءَ** سڏ ڪيا وو

جهولڻو مارئي ٩٣٩

ڪانگل ساري سنيها هي، چئج مارن کي ويراڳي آهيان
١. اوهان پاجهون آءٌ گهٽيرو، محلن ۾ ماندي
قسمت قيدالماءَ جي، ارادي آندي

Scanned by CamScanner

٢. چانــــور چا چُورمـــــان، آڇن نِتُ نـــوان
ڏونــرا پُسـيــون ڏيــهـــ جا، ســاريــون هِتُ روان
٣. زهــر پــيــالا ســوز جا، اوتــيــون آءُ پــيــان
اوهــان ٻــاجهــون ســپــريــن! مــران آءُ كــي جيــان
٤. ڏكــن كــارڻ ڏيــهـــ ۾، نــپــايــس اوهــان
سچو اكـــــڙيــــن مـــؤن هـــاري، رت رُوان

جهولڻو مارئي ٩٤٠

جاليُئي جن سان تي وو، سي تا مارو كيڻ ويا
هوءِ هوءِ حالڙو كنهن سان ڳرهيان

١. پــكـا پــتــي اُتــهــون، ويــا پــرئــين پــنــڌ كــٽــي
راتــو ڏيــنــهــان روح كــي، اوڏنــهــن گــهــر گــهــٽــي
٢. گــهــڙي جا هُت گــهــاريــان، ســا ويــڙيــچــن نـــ وٽــي
جهـــلـــيـــان شـــال وجي اُن، ٻَهُن جي بـــ پـــٽـــي
٣. مـــون مـــن مـــانـــدو مـــارئـــين، چاٽـــي هـــڪ ڏٽـــي
پــكــا پــائــر كــنــڌئــين، هــو ويــنــا حــال هــٽــي
٤. جدائــي كــؤن جهــانــگــيــڙن، مــنــهــنجي بــاب بــٽــي
سچو ســنـــگـــهـــارن جا هِت، ويـــنـــي ڳـڻ ڳـٽـــي

كافي مارئي ٩٤١

سومرا سائين! توكي وو ڳالهيون چونديس آءُ حال جون هوءِ هوءِ
١. عــمــر ابــاٽــي پــار ڏي، كــرڙ كــكــوريــا كــي كــي
٢. كــوكــڙ چُونــڊيــان كــانــڌ ســان، پــٽ چڙهــي پــيــكــي
٣. ســگــر كــيــن ســفــرا، ســئــين جان ســيــكــي
٤. **سچو** ســنــيــاران تــن جون، جتــي جڙيــا جيــكــي

Scanned by CamScanner

داستان يارهون پوربي جي ڪافين جو

ڪافي پوربي ۹۴۲

سانون عشق لڳا يار پياريدا سانون نيڻين قوت نظاريدا
۱. سڻي آوازان عاشق جهولن، نوبت نينهن نغاريدا
۲. هير نماڻي جهنگ دي چڙهي، رانجهن تخت هزاريدا
۳. ٻنهان لوڪان نون اجل مريندا، عاشق قتل نظاريدا
۴. الفقر فخري والفقر مني، وت ڪيها ڪم پساريدا
۵. اڪيان نال جو عاشق ماريُوَ، ڪيها ڪيس ڪثاريدا
۶. اينما تولو فثم وجه الله، تيو ڳولا اهين وو اشاريدا
۷. **سچو** سنيها ڪيڪُر پهچي، ناهي سو ڪم هرڪاريدا

ڪافي پورب ۹۴۳

تيڏي چشمان ڪيتا چُورُ ميڏي دانياوي
ڪهنون آکان ڳالهہ اهين حالدي
۱. بُلي شاه ڪُون بيراڳي ڪيتوئي، جنهندا شهر قصُور
۲. نازنينان دي نال پيارا، سُولي چاڙهيئي منصور
۳. خوني نيڻين تيڏي ڪيڏا ڪيتا، ڪرمل نال ڪلور
۴. سرمد ڪنون لت ڏئي ڪُهايُئي، وره نيتا وهلور
۵. شمس الحق دي ڪل ڪلايُئي، مُلڪين وچ مشهور
۶. قتل تُساڏي تنهان وو قبوليا، جي هوندي وچ حضور
۷. **سچو** حيرت دي وچ هووين، ٻئي محو ڪرين مذڪور

ڪافي پوربي ۹۴۴

پُتلي ديوچ ڳالهيان يار ڪريندا ني
ڪيهان ڪيهان سي تعجب جيهان
۱. تند تهيندي دست سچڻ دي، سؤ ڪرائيندس چاليان
۲. آپ هليندائس، آپ چليندائس، رنگ ڏيکي رنگ واليان

Scanned by CamScanner

٣. ڪنهان پتليان نون خرقا ڏيندا، ڪِنهان نون شالي شاليان
٤. ڪيئي ٻوليان آپ ٻوليندا، هڪ هويان هرتاليان
٥. بن بازيگر ناچ نچينديان، ڪڏهان نہ هونديان خاليان
٦. پتلي أتي نام سچو ڌر، باتيان ڪري پرجهاليان

ڪافي پورب ٩٤٥

اکيان تيڏيان عُقاب وي
عاشق مار شڪار ڪتوني
١. غمزي نال گلابي هونديان
ڏونهين نين نواب
٢. دل تي درد مندان دي دم دم
شوقي آون شتاب
٣. شير ڪڏهان گاه نہ کاون
أنهاندا قوت ڪباب
٤. دائم پيوَن چشمان تيڏيان
شوري مست شراب
٥. قتل ڪيتا اکيان تساڏيان
سچو لڳ ثواب

ڪافي پورب ٩٤٦

آهي مون عين عذاب وي ميڏي دانيان وي
جيڻ منهنجو ميان جوڳيڙن ري الله
١. ساميئڙن ري وي ميان سرتيون! الله، جيئڻ جُڻن هاب، وي ميڏي دانيان
٢. اڳيائن وي ميان ٽيئڙس اڳهين الله، ڪُسي چو نہ ڪباب، وي ميڏي دانيان
٣. هجر هلاڪي وي ميان آهي تو تا الله، ٻابوين جو باب، وي ميڏي دانيان

Scanned by CamScanner

۴. مونهين مٿي وي ميان، انهن جو پلو ميان، آهي اڄ عتاب، وي ميڏي دانيان
۵. **سچو** سنگت وي ميان! تن جي ٿئين الله، پڇين هي ڇونہ حجاب، ميڏي دانيان

ڪافي پورب ۹۴۷

آخوند سبق پڙهايا وي ميڏي دانيان وي
اُهي سيئي ميان عشق وساريا، وي ميان
۱. حُسن هاديدي وي دل ميڏي تي ميان
هوجي حڪم هلايا، وي ميڏي دانيان وي
۲. زيران زبران وي وسر ڳيوسي ميان!
ورهين مينهن وسايا، وي ميڏي دانيان وي
۳. مُلان سانون وي جيوين پاڙهيندئين ميان!
پني سوز پسايا، وي ميڏي دانيان وي
۴. ڪيئي مسلي وي سانون آکيندئين ميان
سي تاياد نہ آيا، وي ميڏي دانيان وي
۵. نال ڪرم دي، سُڻ **سچو** وي ميان
ويڙهي يار وسايا، وي ميڏي دانيان وي

ڪافي پوربي ۽ ڌناسري ۹۴۸

تيڏيان اکيان بحري باز، دليان مارڪي قُوت ڪريندي يان
۱. يا وت باشي برهي دا، يا وت شاهين يا شهباز
۲. مشتاقاندي مارڻ ڪيتبي، پلڪ ڪرن پرواز
۳. ڪڏهان مئين تا مول نہ ڏيکيا، نيڻان وچ نياز
۴. **سچو** يار دا هووي سدائين، نال نماڻيان دي ناز

ڪافي پوربي ۹۴۹

هئي هئي هن جي حال، وي ميڏي دانيان وي
سگر ٿيس نہ ساميڙن جي
۱. منهنجو آهي وي ميان ڪم ڪاپڙين ۾، ناتہ جوڳي آهن جال

Scanned by CamScanner

٢. ويم ويساهي نڪري اوهيئي، رات لانگوتيا لال
٣. ڳوليان ڦوليان واٽڙين تي، جي ڪهي ويڙم ڪالھ
٤. ڪات اُتي ڪنڌ آڻ ڪپاوڻ، لاهي جيءَ جنجال
٥. منجهہ گداوَ وري من گڏجن، جنجا خواب خيال
٦. راتو ڏينهان آهي هوتن جي، **سچو** ساه سنيال

ڪافي پوربي ٩٥٠

ڪيهي آک سٹايئين ڳالهہ. مئين شرط پيا وچ وچ شه دي
١. آب اواگهہ وچ غوطا ماريم، پڇي ولڻ دا خيال وساريم
جُڪ پئي قيل مقال، وي ميڏي دانيان وي
٢. آءِ اچانڪ وچ پئي مئين. لڙ لهر دي نال هڪ تئي مٺن
پهريم ويس وصال، وي ميڏي دانيان وي
٣. تانگها لنگهہ ڪر تار پيوسي، تن من لهرين وچ ڏتوسي
جوني چوڙ جنجال، وي ميڏي دانيان وي
٤. ايڏون اوڏون آواز هُليا. سر تي آ ڪر سارا اُجهليا
هادي والڙا حال، وي ميڏي دانيان وي
٥. توبي وانگي ٹُپ ڳئي مئين، ساري سپ پروڙ پئي مئين
سچو دست وڪال، وي ميڏي دانيان وي

ڪافي پوربي ٩٥١

تيڏيان اکيان لال
شوقي يار شرابي هونديان
١. بانهان ٻڌ ڪر دُور ڪڙوتن، ڪيفي ڏيک ڪلال
٢. ڏيک پتنگ پرواز ڪريندي، تيڏي مُک شعال
٣. دليان دي ني سؤدي وچ سائين! ديدان ڏونهين دلال
٤. **سچو** صفت تمام نہ تيوي، ڦرنديان بي خيال

ڪافي پوربي ٩٥٢

ڪل اهين ڪل پيئي، ميڏي دانيان وي

صورت مُورت هڪا جا ڄاتيم ميان

١. سمع بصر مؤن وي ميان! سر اهيندي وو اها جا ٿل پيئي

٢. دم الف نون وي ميان! آدم ڪيتا وو اها عجائب اُل پيئي

٣. ظاهر ڏيکڻ وي ميان! غير الله دي وو، جهوڪ ڪنون جهل پيئي

٤. سائي ڇوڙڻ وي ميان ناهي مناسب وو، ڳالهه! جائي ڳل پيئي

٥. نال يقيني وي ميان! صحي **سچو** دي وو ايڏنهن اهل پيئي

ڪافي پوربي ٩٥٣

ڪهڙي ڳالهيون يار، ڪيتئي بيراڳي اسانڪي

١. درد مــنـديءَ جي دل تــي، بــاري چاڙهــيــئــي بــار

٢. اصــل ڪــؤن آرام وڃايــا، جانــي تــنــهَــنـجي جار

٣. مــون ڪــي يــار جدائــي مــاريــو، آءُ روان زارو زار

٤. ڪــيــئي دانــا ديوانــا ڪــيــڙا، تــنــهــنجي حُسن هــزار

٥. غمــزي ســاڻ غلام ڪــيــا ســي، **سچو** ري ســــردار

ڪافي پوربي ٩٥٤

عـــشـــق ڪـــري اُل الان، مـــيـــڏي دانـــيـــان وي

ڪيتئي بـانـڪي منصوراندي جيـهي نون مـليان مـيان

١. عاشق اينوين ڦرن اُداسي، جيوين باغ بنا بُلبلان. ميڏي دانيان وي

٢. عشقدي آهه تيز تڪيري، قتل ڪري ڪُل ڪُلان. ميڏي دانيان وي

٣. يار محبوباندي مشتاقاندي، پوندي وڃي چُل چُلان. ميڏي دانيان وي

٤. محبت تيڏي مشهور هُئي، هوءِ ڳئي هُل هُلان. ميڏي دانيان وي

٥. سِر سُولي دي سالڪ سَرهي. غازي ڪرن غُل غُلان. ميڏي دانيان وي

Scanned by CamScanner

٦. اهي آرائيي عاشقان نون ڀاون. مول نہ چاڻن مُلان.ميڏي دانيان وي
٧. گلا غيبت گار ملامت. سرِ غازيان گل گلان. ميڏي دانيان وي
٨. صاف **سچيڏنا** عشق دا مشرب ڀُل نہ ٻئي کنهن ڀُلان. ميڏي دانيان وي

ڪافي پوربي ٩٥٥

سر اساڏڙي ساوڻ، ميڏي دانيان وي
کيها لحاظ لوکاندا وو سانون ميان

١. سرِ دي تمنا ڇوڙ کراهڻ، عشقدي بات الاوڻ
٢. آپ صحي کر حال حَلاج دا، سر ميدان ستاوڻ
٣. سانگي سٿ کر کم کنهاندا، ڏيک اجل ڏهون آوڻ
٤. عشق صادق منصور دا هيئي، اها بازي گم بناوڻ
٥. سر ميدان دي جي تون مڙندئين، هيئي آپ لڄاوڻ
٦. **سچو** سارائي مشکل بازي، عاشق نام سڏاوڻ

ڪافي پوربي ٩٥٦

اکيان لڳيان ڏاڍي جاءِ
عشق ديواني مئين کيتيان

١. لڳي جنهان نون سيئي چاڻن
خبر لوکان نون ناءِ
٢. عالم وچ پئي هُل حُسن دا
جلوه جاءِ بجاءِ
٣. درد اِهين دا اور نہ آهي
ٻاجهون درس دواءِ
٤. سک **سچل** کؤن سنهيون!
رات ڏينهان هي هاءِ هاءِ

Scanned by CamScanner

ڪافي پورب ٩٥٧

واه ٻاروچي ٻولي، هوئين گهولي ميان
١. اناالحق منصور الايا، ڪيتس حشر هولي
٢. من خدا عطار الايا، هُڻ ڇُل پئي اِها ڇولي
٣. خود خدا هون آکيا قلندر، راه لذايس اها سولي
٤. عشق بُلهي دي سر دي اُتي، تيغ اجل دي تولي
٥. **سچو** نال سدا سُک هووي، عشق واليان دي ٽولي

ڪافي پوربي ٩٥٨

خوني عجب خمار وي، تيڏي روز بروز مشتاق مريند يان
١. درد منديان ديان دليان ڪُون، سائين شوق ڪرن شڪار
٢. چشمان وو ڇڙواڳ تساڏيان، ڦرديان بي اختيار
٣. قتل ڪيتا تيڏي سهڻي چالي، عاشق لک هزار
٤. ڪالين ڪجلين تيڏيان، چشمان نيڻن ناز نظار
٥. **سچو** ڏيک سينگار سڄڻ دا، سِرُ ڏيوَن سردار

ڪافي پوربي ٩٥٩

نال ياراندي ياري ميڏي دانيان وي
ساڏي لڳڙي روز ازل ڪون سائين
١. ٻانهان ٻڌڪي پيش پوائين، نال سانياندي زاري
٢. عقل علم تي شرم حيا ڪنون، عشق ڪيتي بيزاري
٣. نال خواهش دي آپي چاڙي، ٻره چاتوسي ٻاري
٤. اڳڻ اساڏي نال فضل دي، آءُ هادي هڪواري
٥. دوستي تيڏي دلبر سائين! اسان اصل اختياري
٦. معلوم تئيڪون يار پيارا! ڳالهہ **سچو** دي ساري

Scanned by CamScanner

ڪافي پوربي ٩٦٠

تيڏيان چشمان گھتديان چاڪ
دردمندانـدي دلـيان ڪون

١. مشتاقاندي مارڻ ڪيتي، چُست قرن چالاڪ
٢. ھي ھئي تيڏي خونين دي ھي، ھر ڪنھن طرفين ھاڪ
٣. ناز غماز سيتي عاشق ڪون، ڪر ديان ھن ھيراڪ
۴. غرض نہ ڪھندي رکديان، ڦرديان بانو، ريان بيِ باڪ
۵. سر گھنڻ بن ڪڏان نہ رھنديان، ورھين ڏيوَن واڪ
٦. جادو جوڙ **سچو** نون مارن شاھي سي لولاڪ

ڪافي پورب ٩٦١

ٻنھان ڳالھيان تُون ھُڻ ٻگيان وي ميڏي دانيان وي
اڙي سنيان وي، مئين ٻنھان ڳالھيان تون

١. ورِد وظيفا ميان ست گھتياسي الله. دست بره دي مئين پيان وي
٢. تُسان سياليان وي ميان! سيئي سياٽيان الله، مئين ديواني ٽيان وي
٣. خيال سچڻ دي ٻاجھون ڪو دم الله، سردا ناھين سيان وي
۴. نين **سچل** وي وچون ھميشہ الله، وھنديان نير ديان نيان وي

* ھن ڪافي ۾ ٻہ فقط ٻہ بند ھئا، ان ڪي مڪمل ڪيو ويو آھي (ن.ش)

Scanned by CamScanner

داستان ٻارهون پيلي جي ڪافين جو

ڪافي پيلو ٩٦٢

ڪيها شڪ گمان، دانيان وي
سڀ ڪنهن صورت سير تساڏا

١. لک پوشاڪان وي ڪرڪي
عاشق ڪيتئي همہ حيران

٢. شاه منصور نون وي سرڪپايئي
ملهہ ڪڙا ميدان

٣. او بي تون هين اي بي تون هين
آپ ڪرين ارمان

۴. مُلان تيڪر ڏيوين فتوئي
آپ ٿيوين قربان

۵. **سچو** هويا نام تساڏا
ڪردئين آپ بيان

ڪافي پيلو ٩٦٣

بره ڪيتس بي حال، دانيان وي
آئڪي ڏيکين حال وو ميان

١. آپڪون پاسي مُول نہ چوڙين
ميان! ماهي توئي نال

٢. ٻٽ ڪيڙاندي مجلس ڏيوان
وو پيا سو هُڻ خيال

٣. **سچو** اُتي رحم ڪيتوئي ميان!
اپڻي قُرب ڪمال

Scanned by CamScanner

ڪافي پيلو ٩٦٤

مئين مُئي هويان، ڍوليا تون نا چر لاوين

١. جيندا جيندا هووين ڍوليا، تيري بندي هويان
اهين جڳ ساري ديوچ تيري نال لوئيان
جنيديان تائين ڍوليا، پهون من ٻاوين
٢. آهين دانهين ڪر ڪي ڍوليا، رين وهاٽي
توبن ڪتان ڦردي وتان مئين وڳاٽي
آءُ وَسُ ويڙهي ڍوليا، دُور نہ جاوين
٣. ٻن وڇوڙيا گهوليا، آءُ گڏ جالين
نال اساڏي تيڏيان، منيان جو ڳالهين
اوڳڻ ڏيکين ڍوليا، چتڙا نہ چاوين
٤. ڏينهن گذاريئي ني مئين ڏيهہ وچ گهٽيري
آءُ اوراهون ڍوليا وچ نہ پريزي
مِهر پويئي ڍوليا، **سچو** ڪنين آوين

ڪافي پيلو ٩٦٥

آئين سو ڳالهہ سٽائين، وهنيا ڪانگل تون ٻلي آئين

١. خط جو آندي يار سڄڻ ڏهون، هلي سو نال پڙهائين
٢. آءُ تہ جوڙيون جاءِ اکين ۾، اچ اوڏاهون آئين
٣. سگهڙو سگهڙو آءُ اسان ڏنهن، ڏينهن گهٽا چولائين
٤. اچون اچون تون چونہ اچين تُو، محرم راز رَلائين
٥. نانءُ الله جي يار **سچوءَ** ڪي، مُحبن ساڻ ملائين

ڪافي پيلو ٩٦٦

ٻول ٻکي پرديسيڙا وي تون
ڪهڙي ديسؤن آوندئين

Scanned by CamScanner

١. هٿ وچ مُرلي پيرين گهنگهرو
گلي گلي وو بجاوندئين
٢. آتون آياهين پيرون لنگڙا
اٿان تہ پاڻ پرياوندئين
٣. جڏهان تون آيون ڊونڊي محل وچ
تڏهان تون ڪيا ڪجهہ ڪاوندئين
٤. جڏهان تون آيون ٻالاپڻ وچ
هر ڪسي نون ڀاوندئين
٥. جڏهان تون آيون مد گهر ديوچ
عادانت ڀُل جاوندئين
٦. لالا موهن لڄ نهين آوندئي
ذرا نهين شرماوندئين
٧. **سچو** ذات صفات دي وچ
سهجؤن آءُ سماوندئين

ڪافي پيلو ٩٦٧

سانون لايوَ تار ڊوليا، تيري ننگ دي رهسان

١. ڪڙي ڪڙي ويڪان مئين، تيڏڙيان راهان ڊوليا
قابو ڪيتوئي ساڏيان ٻيان ڪُل واهان ڊوليا
اگڻ تون آوين ساڏي، رونڊان زارو زار ڊوليا
٢. تو بن ماندي ٿيان ساري ساري رينان ڊوليا
نماڻيان دي سڪنديان سدا تون بنا نينان ڊوليا
مهر پويئي سهڻا آوين ڪنهن وار ڊوليا
٣. پُڇ آندا رانجها راج ٻاٻاڻا
سُنهن الله دي هي ميڪون ٻهون من ڀاڻا

Scanned by CamScanner

سبِ وي سيالِيان وچون نہ کيتس هير شڪار ڍوليا
۴. اهين جوڳي جيها مئين تا ڪوئي نہ ڏٺا ڍوليا
هُڻ تا مايو مئيڪون پهون لڳا متا ڍوليا
عشق دي خواهش ويکو، چوڙيس تخت هزار ڍوليا
۵. اساڏڙي قيرڙا پاوندا ڍوليا
درد فراق ڪنون ونجهلي وچاوندا ڍوليا
انهان دي آوازان اسان نون ڪيتا بيقرار ڍوليا
٦. أهين ديان خبران آکان مئين کهنون ڍوليا
چيتڪ لايئي سهڻا آڻ ڪي مينون ڍوليا
هِڪ واري هر ڪوئي مردا **سچو** بارو بار ڍوليا

ريختو پيلو ٩٦٨

مجھ کوں اس حسن تیرے، یار جو دیوان کیا
جادوسے چشم تیرے، مجھ کوں مستان کیا
میں کوں دیوانگی ہوئی، دیکھ بسیھر کالے
تیرے زلف پریشان مجھ کوں پریشان کیا
۲۔۔۔ سوں فوج حسن کی ہر دم
سارے دن نہ عالم سارے کوں حیران کیا
۳۔ تیزی کی سجن، جن کوں لگی
۔۔۔ پکی کوں اس برہے بیران کیا
۴۔۔۔ ایك نگھ سے نی، سچُو کی دل جان
۔۔۔ تیرے ابرو مژگان کیا

Scanned by CamScanner

ڪافي پيلو ٩٦٩

عاشق ڏسڻ ۾ آيو محبوب گل سناسي
عبرت عجب عجائب اسرار رنگ عباسي
١. بر هي جي اڪ ٻبيني ڪائي مثال چيني
توڙي رنگؤن رنگيني، چينيءَ جي مٽ نہ ڪاسي
٢. گل آب جاءِ جاتي، محبوب راز تاتي
عاشق ڏسڻ ڪؤن ڪاتي، رهندو پتنگ پياسي
٣. صورت ۾ جاءِ دم جي، دم ري نہ صورت ڪم جي
دم ۾ جا لذت غم جي، وه واه ڳالهہ خاصي
۴. ابليس جي وڏائي، هر ساس تي سوائي
جيوڻ تہ دم پلائي، نہ تہ تحت نحس ناسي
۵. ثابت **سچل** سچا ري، يارن جي ياد ياري
وحدت جنين وساري، تن تن متي اٽاسي

ڪافي پيلو ٩٧٠

ڏاڍا جو لڳڙا فراق، دانيان وي،
بار بره دا يارا
١. اگڻ اساڏي آوين پيارا وي
ناتہ مران مشتاق
٢. اندر تون هين ٻاهر تون هين
ڦهرين هر پوشاڪ
٣. **سچو** هيئي تيڏي ڏيکڻ دا
اکيان ڪون اشتياق

Scanned by CamScanner

داستان تيرهون سسئي ۽ ڪوهياري جي ڪافين جو

ڪافي سسئي ٩٧١

گــولــن جي آءٌ گــولـــي
ٻـــاروچاڻـــي ذات جـــي
١. سمجهي سگهان ڪينڪي
اي ٻـــاروچي جي ٻــولـــي
٢. عـبـث آءٌ ٻـي نـاهـيـان
ڳالهہ ڪيس ڪنهن ڳولي
٣. ڪـري ڪـوهـيـارل ويـو
هـيـنـئـڙي انـدر هـولـي
٤. روئـي اُنـهـن واسـطـي
چڪ ڪـيـم هـي چولـي
٥. ڏسـان اڪـڙيـن سـين
ٻـــاروچاڻـــي تـــولـــي
٦. **سچو** صدقي تـن تـؤن
جنـد جهـين هـت گـهولـي

ڪافي سسئي ٩٧٢

يار لڳي آءٌ هلندي توسان وو، رهنديس ڪيئن ڀنڀور ۾
١. ٻـاءِ رڪـاب پـريـن جي، هـئـي هـئـي هاريـون هـوسـان
٢. ٻـــائـــي مُـنـــدڙان ڀُور مـــؤن، راه تـــي روســـان
٣. اوهـان ٻاجهـون سـپـريـن! ڇاهي مـنـهـنجو لـوءَ سـان
٤. سُورن سِهـرا سـر تـي، ٻـارؤن تـنـهـنجي ٻـوسـان
٥. **سچو** سـاعـت نـہ رهـي، دم ٻـاجهـون دوسـان

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ۹۷۳

ڪــر پــاڻ ڪــي ســجود

تـون آهين جاءِ سجودِ جي

۱. تــون هين عــابـد آهــين

تــــون هـــين مـــعـــبـــود

۲. هـيڏي هوڏي نــ ڏسين

تـونمـڙيـوئـي مـقـصـود

۴. **سچو** سمجهہ ڳالهڙي

مُحــب آهـــي مـــؤجود

ڪافي سسئي ۹۷۴

گـــولـــي جي گــفـــتـــار

ٻُڌيـوَ ٻـــاروچن ۾ ڪـــا

۱. ڪُتـاڪـان قـريـب جا

هـيـنـئـڙي مـنـجهـہ هـزار

۲. آءُ پـيـادي نـــا پـچان

ســـــارو ســـــاٿ سُوار

۳. انـــهـــن ڪـــارڻ آئـــيـــو

روئـــــــــــڻ زارو زار

۴. لڏم پـيـر پـنـهونءَ جو

مـــنـجهـؤن گـــرد غبـــار

۵. اچي شـــال پـــنـــيـــور ۾

ٻـــاروچو ٻـــيـــهـــار

٦. پاٽؤن پاٽهي پانهنجي

دوســـت نـــ ڪـــجو ڏار

۷. ڪـن **سچوءَ** ڏي سچ جي

مـنـجهـؤن نـيـنـهـن نـهـار

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ٩٧٥

هُوان ٻـــاروچي نـــال وو نـــال
پـلـڪ نـہ پـري پـريـن ڪـؤن
١. ورهـــيـــہ ويـــڙم گـــذري
هَي هَي هـهـڙي حـال وو حـال
٢. سـاجن تـنـهـنـجي سـور جي
ڪريان ڪنهن سان ڳالهہ وو ڳالهہ
٣. تـــي گـذاريـان ڏيـنـهـڙا
تـنـهـنـجي خاص خيال وو خيال
٤. ٻُنـــيءَ لـــڳل پـانـــهـنـجي
پـنـهـون سـائـي پـال وو پـال
٥. سـاه سچوءَ جو صدقي آهي
أتـــــــــــون آل وو آل

ڪافي سسئي ٩٧٦

نينهن نهوڙي آهيان، هاڻي جيڏيون! ڪاڏي وڃان
١. پـنـڌ پـري ٿـيـو پـريـن جو، عـشـق ألاريـو اڄان
٢. ڪـــتـــڻ وتـــڻ نـــہ ٿـئـي، چرخو ڦـيـرائـي پـڃان
٣. پـريـن لايـون پـٽ ۾، عـشـق سـنـديـون سي جنجان
٤. مـوتـڻ واري ڪـڏهـين سچو، نـہ مـصـلـحـت مڃان

ڪافي سسئي ٩٧٧

سـگـهـڙو لـهـج سـنـيـال
هـادي! هـن جي حـال جي

Scanned by CamScanner

١. ڪوتھ ڪريو قال ڪي
آڻـــي ۾ احـــوال
٢. سگھو موڻج سپرين!
توريءَ ڪيم ڪشال
٣. فنا ڪريو فراق ڪي
ويجھو ڪريو وصال
٤. گھڻا لايوَ ڏينھڙا
ماريس ھن مثال
٥. اوھان ٻاجھون سپرين!
ھھڙا تيڙم حال
٦. اگڻ ھن جي آءُ تون
سچو مَـجُ سوال

ڪافي سسئي ٩٨٧

ٻاروچا ميان هيئن نہ ڇڏيو هي، نيو نماڻي ساڻ
١. سُڌِ تهنکي سوز انهيءَ جي، جنهن لڳو ٻاروچاڻو ٻاڻ
٢. ٻانهي گولي تانهنجي، پنهُون ٻاڻ سڃاڻ
٣. ٻرين! ڏسج ٻاڻ ڏي، آهيان آءُ اڃاڻ
٤. بخش **سچوءَ** کي سپرين! سندو نينهن نياڻ

ڪافي سسئي ٩٧٩

هيءَ نماڻي نال
نجو ادازي اونيو
١. هيءَ ڪميڻي ڪوڙي
بره ڪئي بيحال

Scanned by CamScanner

٢. پئي ايندي آنهنجي
جيهي تيهي حال
٣. پرين نيندا پاڻ سان
پلا پنهنجي پال
۴. اوهان ٻاجهون سپرين!
جيئڻ آهي جنجال
۵. ٻاروچا تا ٻاجهہ پئي
سچو سگ سنيال

ڪافي سسئي ٩٨٠

ٻاروچا پئي ٻاجهہ، ڇپر هُن ڪي هيئن نہ ڇڏيجو
١. مهر نہ لاهيو مُون پرين! مٿان هن محتاج
٢. آهي هن عاجز جي، توتي لالن لاج
٣. هيءَ پنيءَ پئي تنهنجي، منجهؤن ساري راج
۴. ڳچيءَ پائي ڪپڙو، ات ڪريان ايلاج
۵. ٿي پورهايت ڪيچ ۾، ڪنديس هزارين هاج
٦. اوهانجي تہ اچڻ لئي، **سچو** وجهي ٿو واجهہ

ڪافي سسئي ٩٨١

يار تئيڪون اسان ڏنهن آوٽا
ول نهين پيچي وونجي جاوٽا
١. ڳالهين نہ لڳين لوڪ دي، عشق اساڏڙا چاوٽا
٢. جي تون عاشق نانءُ اساڏيدا، خون جگر دا ڪاوٽا

Scanned by CamScanner

٣. هڪ خيال ڏرين وو دل تي، غير خيال اُڏاوٽا
٤. سانپ **سچو** ري سور اساڏا، ٻلي ٻلي نهين ڳاوٽا

ڪافي سسئي ٩٨٢

ساري ڏيهہ نہ ڏي ڙي، پانهنجي دل سمجهہ سنڀالين
١. ڳالهہ پڇين جي پرين جي، حرف حال ئي جا هي ڙي
٢. اڃل نہ نڪر ڀتر جان، نينهن پاڻ ئي سان ني ڙي
٣. هاريون انهيءَ حال جو، قرب سڃاڻي ڪي ڙي
٤. پاڻهين آهن پڌرا، **سچو** سالڪ سي ڙي

ڪافي سسئي ٩٨٣

توريءَ ڳالهڙيون، ڪنهن سان ڪنديس آءٌ ور واڳ ورائي
١. واٽ نہ وندر جي لهان، وڏيس مُونجهہ مُنجهائي
٢. سڪ تنهنجي سپرين! ڏونگر تي ڏورائي
٣. هيڪلڙي هيءَ حب ۾، والي ورهُ وسائي
٤. طعن شهر ڀنڀور جي، وڌم تن تپائي
٥. جيهو تيهو سپرين! **سچو** سندن سڏائي

ڪافي سسئي ٩٨٤

شوريدن ڪؤن حال، پڇج وجي پوءِ هُوءِ ۾
١. مجلس وچج اُن جي، تا ڏسني خاص خيال
٢. آگهہ لهج اُن حي، تا تو وڻ تڻ آه وصال
٣. ورق وسارج وچ جا، تا فارغ ٿئين في الحال
٤. عقل اُڇلج آب ۾، تا بره ڪرئي بيحال
٥. جي تون وسهين ويسلا، هي **سچوءَ** سچ سوال

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ٩٨٥

ٻانهن جي آءٌ ٻانهي، آهيان ٻاروچي جي ذات جي
١. ڪيم جهليو مُون جيڏيون! دوسن جي ديواني آهيان
٢. آءٌ ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ، شاهن جي ڪا شاني آهيان
٣. انن اوٺارن تؤن، ڪوڙيون آءٌ قرباني آهيان
٤. جي مون پڇو جيڏيون! سُورن ۾ ساماٽي آهيان
٥. پڇو سچوءَ کؤن سرتيون! مُحبن جي مستاني آهيان

ڪافي سسئي ٩٨٦

اِهين سئنسار ۾ يار تماشا وو ڏيکڻ آيا هي
١. رنگاَ رنگ وچ يار پياري، عجب جيها رنگ لايا هي
٢. انوري سهيان جُهمر مارون، اڄ سارا ڪم سجايا هي
٣. لک لک ڦيريان دلبر ڏيندا، ناچو ناچ نچايا هي
٤. بيرنگي لهين رنگ دي اندر، سچو آپ رَلايا هي

ڪافي سسئي ٩٨٧

پنهنجو ڪيو هي تا پنهنجو ڪيو، مونکي يار پُنهڻ کوٺي
١. دوست گڏيو دلجاءِ تي، وچؤن سارو وڇوڙو ويو
٢. آذر تي ارواح ڪي جيڏيون، ڙي، منهنجو جيئڙوجيو
٣. رهجي اڇي يار سان، ڏاهيون اهو ڏسڙو ڏيو
٤. اڳڻ آسروند جي اڇي ميان! لالن پاتو ليو
٥. ساه سچوءَ جو سرتيون! نيٽن سندي ناز نيو

ڪافي سسئي ٩٨٨

هتؤن اُٺي تنهنجا هوت ويا، تون تا ٻي نہ ڪوشش ڪرين
١. پير پُٺنِ تون نہ ڪٽين، ٻُڌيون سي ڳالهيون ڪرين

٢. تـوکـي تـا تـرسـائـيـو، پـاڇاڙي پـنـڌ پـريـن
٣. اتـي کـر پـنـڌ پـهـاڙ جا، مـتـان تـون پـوئـتـي وريـن
٤. **سچو** پُڇج سـپـريـن مـيـان! مـتـان تـون تـا نـهـريـن

ڪافي سسئي ٩٨٩

گولي مان سڏين، اُنهن جي ني آهيان جيڏيون ري

١. پـکـا پـکـن سـامـهـون، وري مـان اڏيـن
٢. آريـجا عـاجز کـي، ڇپـر تـانـ چڙيـن
٣. ٻـاروچا تـا ٻـاجهـ پـئـي، گـولـي سـاڻ گـڏيـن
٤. هُون هـمـيـشـه مُون پـريـن، لحـظـي تـا نـ لـڏيـن
٥. اصـل لاکـون آهـيـان، هُـيـن آءُ هـڏيـن
٦. اَڻ مُلـهـ ٻـانـهـون آهـيـئـي، **سچو** ٻـاڻ سـنـديـن

ڪافي سسئي ٩٩٠

تـيـڏي نـيـٽـانـدي نـاز، مـاري وي پـيـارا
مـئـين ڳـئـي، دل هـٿ نـهـيـن مـيـڏي

١. سر عشـاقـاندي سـتـان ڏيـنـديـان، چشـمـان بـحـري بـاز
٢. ٻـانـهـون ٻـڌ کـر در تـسـاڏي، کـرن نـوڙت نـيـاز
٣. دردمـنـديـان ديـان دلين لٽينديـان، تيـڏيـان اکيـان دا اغماز
٤. اکـين سـاڏيـان سـڻ **سچو** ري، شـوقـي هِن شـهـبـاز

ڪافي سسئي ٩٩١

پرين پرديسي، وو مولي ملايا سانون

١. جڏهان تـڏهان وي اسـان نـمـاٽـيـان نـون، نـال کـائـي نـيسـي
٢. ويـڙهـي اسـاڏي هـوون سـدائـين، ول پـڇي هـويـسـي
٣. لـک دلاسـي حـال اسـاڏا، ڏيـک نـمـاٽـيـان ڏيـسـي
٤. سـگ **سچو** هي وو در جهـنـيدا، پـيرين انـهـانـدي پـيسي

Scanned by CamScanner

ريختو سسئي ٩٩٢

آئو سنو رے یارو، ہے عشق انتظاری
آرام نہیں گھڑی کا، ہے بہت بے قراری
۱۔ہے زار زار رونا، یهی کام عاشقوں کا
گاری سے گل پائیگی اور عجز نیاز زاری
۲۔کیا خویش کیا قبیلے، سب سوں جدا ہوا ہے
عاشق اٹھائی سر پر، برہے کا بار باری
۳۔ یہی باتھ سب صنم کے چُھٹ کے خدنگ خونی
عاشق کوں آ لگا ہے، ناگہ گلے کا کاری
۴۔ شاہ عشق چڑہا ہے، آءُ دیکھ سچُو تماشے
اس عقل دیکھنے سے، ایک بار ہے فراری

ريختو سسئي ٩٩٣

اس درد سوں رے تجھ کوں، ساری خبر پڑیگا
دم عشق سوں رے عاشق، سولی اوپر چڑھیگا
دیکھ حُسن عاشقاں کوں، دیوانگی جو ہوتی
یہی پیچ زلف کے میں، دل عشق سے اڑیگا
۲۔ شاہ حسن چڑہا ہے، نازوں کے فوج سیتے
غمزے کا وہ کٹک کر، عاشق سے اب لڑیگا
۳۔ برہے کا بادشاہ جب، دل پر مکان کیتا
اسلام کفر کو تب، یہ تاب سے تڑیگا
۴۔ نیناں کے دیکھنے سے، آہو خراب ہوتا
کیا چندر کیا ستارے کوزش سچُو کریگا

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ۹۹۴

مونکي ماريو مونجھاري، ووءِ ووءِ سانگي مون سيئي ڪيا

۱. سوز تنھنجو سپرين! ھت ڪُوڪان ٿو ڪاري

۲. انھيءَ ڀاجھون سرتيون! ھي گوندر گذاري

۳. ڏاڍي ذات جتن جي، جي عاشق ويا آزاري

۴. وندر جي تہ وڻن ۾، ٿي ڪيچي نھاري

۵. **سچو** سپرين ڪي، تون ويھہ نہ وساري

ڪافي سسئي ۹۹۵

ڪنھن لڳ ڏونگر ڏوريان، جيڏيون ري!

مُحب آھي منھنجي من، ميان

۱. وفي انفسڪم افلا تُبصرون، ڪاڪيون! ڪجو ھي ڪن

۲. اسين تو سان پرين تون ڦولين، اولانيا ھي اڇن

۳. پاڻ سنيالج پانھنجو، پرين ائين چون

۴. اھڙي اوڏائي ۾، ورھي مينھن وسن

۵. **سچو** سيئي پري پيا، جُدا ڇاتو جن

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ٩٩٦

يار ٻيلي ري، متان مونکي هت ڇڏين

١. هيءَ نماڻي عشق اوهان سان
هي مُحب ميلي ڙي پاڻ غريب سان گڏين

٢. ڪنهن در ڏينديس دانهن پيارا
پُورن پيلي ڙي آٽي پڪا اوري اڏين

٣. لهه سچوءَ جي وو سُڌِ سڄڻ سائين سويلي ڙي
يَار ايندين تون ڪڏين

ڪافي سسئي ٩٩٧

نانَونِ حق ڇپايو، ٻلو جيڏيون! وو هوءِ هوءِ هوءِ

١. هينئڙي ڪي حيرت يار وي، آهي اُهائي، وي ميان لهرن بحر لنگهايو

٢. هينئڙي سان لائن يار وي، رمز اِهائي، هاديءَ هيئن سمجهايو

٣. جان جسم جي يار وي، ڏئي ڏيکاري. لڪ لڪوٽي ٽي آيو

٤. رنگ برنگ ۾ يار وي طرحين طرحين، يار سچوءَ رنگ لايو

ڪافي سسئي ٩٩٨

پرين منهنجي اڱڻ الله توکي آٽيندو

١. اڄڻ سندي انجي ٽينديون واڏايون، جڳ مبارڪ ڏيندو

٢. وري وسائج پنهنجون جايون، ٽورو مون تي لک ٽيندو

٣. ٻلو پنهنجا هتڙا ڪري ٻلايون، لڱين مون لائيندو

Scanned by CamScanner

۴. خبران ڪين جون اسانڏي آيون، توکي پرين ساڻ نيندو
۵. ويو فراق فنا ٿي، وصل ٿيون وايون، **سچو** نانءُ سڏيندو

ڪافي سسئي ۹۹۹

وري آءُ وطن، منهنجا ساريو نيڻ سڪن
موٽ سلامت سپرين!
۱. اکڙيون اوهيڙا ڪري، واٽ ڏسيو ونجهلن
۲. پرين پرديسن لاءِ، جهوريءَ نيڻ جهڄن
۳. عمر اباڻي پار ڏي، وڃون ٿيون چمڪن
۴. ميڙائي جا مينهڙا، ويجهو شال وسن
۵. آلهه آندا مُون پرين! دارو درد مندن
۶. **سچل** سِڪ سبيل ٿي، پاروُن جا پرين

ڪافي سسئي ۱۰۰۰

منهنجو سگ نہ سياپو، ڪاڪيون! ڪيچ ڏٺين سان
۱. هتوُن هلي اتهين، آءُ ڪنديس ڙي ڪاپو
۲. ٻانهي خان ٻروچ جي، تيس لاهي لاڳاپو
۳. شال نہ ڏکيءَ کي ڏين، ڪنهن ڏوهوُن ڏوراپو
۴. جيڏيون هِن مئي جو، آهي جانب جياپو
۵. **سچو** سڄڻ سان ڪندو، منهنجو مولٰي ميلاپو

ڪافي سسئي۱۰۰۱

رويو حال چوان، الله جي اوني آيم اوڏاهون
۱. پايو پاند ڳچيءَ ۾، آءُ پيرين تن پوان
۲. سرتيون! انهيءَ سوز جي، ناهي سُڌِ اوهان

Scanned by CamScanner

۳. سڪن متي ڪينڪي، آءُ متيان سور سنوان
۴. سڄڻ سڄڻ ٿي ڪريان، ٻيون لاتيون ڪين لوان
۵. جوش تهين جا جان ۾، مونکي آهن نِت نوان
٦. **سچو** اکڙين مان ٿيا، ريلا رت روان

ڪافي سسئي ۱۰۰۲

تئيڪون اسان ڏهون آوٽا، جاني ول نہ جاوٽا

۱. اسان اُتون دلبر سائين، ڀلا چت نہ چاوٽا
۲. تيڏي طرفؤن طعني تهمت، ميڏي دلڪون ڀاوٽا
۳. نانءُ تساڏا راتو ڏينهان، ڳلي ڳلي وچ ڳاوٽا
۴. ڏونهين جڳ وچ تيڏا دلبر، سانون درس ڀاوٽا
۵. سر افرازي اها **سچو** ڪون، تيڏا مهٽا لاوٽا

ڪافي سسئي ۱۰۰۳

هيڏي اچڻ جي آهہ ڙي، ڀانڌي يار پرين ڪي

۱. پريان ري پرديس ۾، آهي اسان هاءِ ڙي
۲. وهڻ ڪارڻ يار سڄڻ جي، جي ۾ جوڙيم جاءِ ڙي
۳. پوتيون هِت پتايان، لڪين لالن لاءِ ڙي
۴. سڪ سڄڻ جي ساه ۾، ساتي تانہ سماءِ ڙي
۵. سدا **سچوءَ** ڪي آهيئي، دوستن جي واءِ ڙي

ڪافي سسئي ۱۰۰۴

توڏي هُين ڪا تياري، اجهي اج سي ايندئي ميان!

۱. رکج وڏو آسرو جي تون محب ماري، اُهي نال نہ نيندئي ميان
۲. اچي اگڻ تانهنجي ڏيندئي سي دلداري، سنوان طالع ٿيندئي ميان

Scanned by CamScanner

۳. وٺي گهٽي يار کي زور نہ زياده زاري، وري ڀوءِ نہ ويندئي ميان
۴. آهي هٿ حبيب جي، ڳالهہ **سچوءَ** جي ساري، توکي ڏاڻ سي ڏيندئي ميان

ڪافي سسئي ۱۰۰۵

لٽي هلاڪي هاٺي، دوسٽ وسي منهنجي ويڙهي
۱. ڪوٺي ڪيوَ پانهنجو، پرين پاٺون چاٺي
۲. ناحق اوتيم هوت ريءَ، پنبڙين مؤن پاٺي
۳. سيئي آيا هُيس جنين لاءِ، جيڏيون ڙي جوڳياٺي
۴. وٺي وهاريئون ويجهڙو، **سچو** سو سگ سڄاٺي

ڪافي سسئي ۱۰۰٦

مونکي مُرڪڻ سان تون ڪيئن ماري وئين
۱. رکيُي پڇنديءَ پانهنجي، موٺي ڏوراپا ٿو منکي ڏئين
۲. آءُ ايلازڻ دوست توئي کي، يار وڃي اتي ياڪي ٿئين
۳. آءُ مُئي تا گهوري جاني، سدائين سو تون تا جئين
۴. کهڙي ڳالهيؤن يار سچڻ ريءَ، هيءَ نماٺي نال نہ نئين
۵. آهي **سچو** جيئن يار توئي سان، هُج تنهن سان تون بي تئين

ڪافي سسئي ۱۰۰۷

متان ڏوراپو ڪو ڏيو
ري ساٿيو! مونکي
۱. هيءَ ڪنيزڪ مُلهہ خريدڻ
ڪين هٿؤن مون ٿيو
۲. حرف اسان تي آهي اصل کؤن
وقت ويسر ۾ ويو

Scanned by CamScanner

٣. ڀلؤ ڀائي مديون
ڀيش پنهونءَ هي ڀيو
٤. **سچو** کوني پانهنجو
پاڙ قربن کيو

ڪافي سسئي ١٠٠٨

مُکا دلاسا ڏيئي، ري سجن مونڏي صبح
١. دوستن دلداريون ڏنيون، حال ڏسي تا هيئي
٢. پسي عيب اساهنجا، مهر پنهونءَ کي پيئي
٣. وريو ورق وصال جو، وائي هجر جي ويئي
٤. ماريون مُلاقات جا، وس کيا هُيمِ کيئي
٥. **سچو**سيئي آئيا، جيءَ گهريا هُيمِ جيئي

ڪافي سسئي ١٠٠٩

مونکي تنهنجو آءِ، اچڻ جو وڏو آسرو
١. جوڙي ڇڏيم وو جائيون، ميان الله، لُون لُون ۾ تولاءِ
٢. اڱڻ آسروند جي ميان الله، پير مبارڪ پاءِ
٣. ڪڏهن ڪڏهن تو ڏسان ميان الله! توکي جاءِ بجاءِ
٤. تو گذاري گوندرين، ميان الله **سچو** تهنجي ساءِ

ڪافي سسئي ١٠١٠

آءِ ڪانگا ڪا ڪر ري مونسان هرهر پيو ڪر ري.مِٺي ڳالهه پرين جي
١. ڏاها ڏنؤکي وچي، اوهي پرين کهڙي پر ري
٢. کي حال پڇيائون هن جو، ڪا ڪندا ويچاريءَ ور ري
٣. محبن هي ميلاپ جي، ڪا ڪندين ڀيٽي ڀر ري

Scanned by CamScanner

۴. آءٌ تـوئـي تـؤن صـدقـي، هـوئـين دوسـتـان در ري
۵. پـريـان سـنـدي پـار جي، آهـي سـک **سچوءَ** کـي سـر ري

ڪافي سسئي ۽ سارنگ ۱۰۱۱

اُهي ٻَرِڙيون پاروچا اچ اڱڻ منـهنجي ايندا
۱. هيءَ شريکت ڪا ڪندي اڙي سرتيون! سائن ساڻ
نـاهيـان شـانيـاڻـي تـن جي جان پـرجهـي ڏنـم پـاڻ
ٻـانـهـي ڪـري پـانـهـنجي اُهـي صـاحـب سـڏيـنـدا
۲. اُتـئـي ويـنـي تـانـهـنجون هـن واتـين وروهـان
ڏيـن سـيـئـي سرتـيـون مـونـکـي لـکـين تـيـون لُوهان
اهـو اتـم آسـرو گـولـي گـڏيـي گـڏيـنـدا
۳. ڪيئن جون مونکي خبران، آڻي پانڌيءَ پهچايون
هُـيـون هـوتـن سـنـديـون هـيـڏي ورڻ جون وايـون
سچو جن جو آهـين، سـي ڇن نـه ڇڏيـنـدا

ڪافي سسئي ۽ سارنگ ۱۰۱۲

اُهي ڪاڪيون ڪوهيارا اچ اڱڻ منهنجي آيا
۱. پـيـهـي پـاڻـهـين آئـيـا، جن ڏور تـي ڏسـايـو
هـتـؤن جنـين هـيـنـئـڙو، اديـون مـون تـي ڪـسـايـو
جنـجي ڪـارڻ جيـڏيـون! مـون تـي پـانـڌي پـچايـا
۲. هُـيـس جنـين ڪـاڻ آءٌ آيـل اُبـائـون
دل ۾ دردمـنـديءَ جي وڏو وِرهُ وڌائـون
پـوتـيـون پـتـايـم جن لـيءِ اوهـي مـولـيٰ مـلايـا
۳. واعدا پـنـهـنجا سـرتـيـون! اُهي پـاڻـهين پـاريـائـون
نمـاڻـيءَ جي نـجهـري اچي پـکـا اڏيـائـون

Scanned by CamScanner

اُنهن ڪارڻ ڪاڪيون! مون تي وره وسايا
۴. ڪرم ڪيائون پانهنجو هاٿي حال ڏسي هيئي
وائي فلڪ فراق جي، هاٿي وچؤن ئي ويئي
سچو ڳڏيو سڄڻا، جنهن تي ڪانگ اُڏايا

ڪافي سسئي ۱۰۱۳

ٻاروچي لؤن لائي، وو ميان، ڪوهياري لؤن لائي
۱. ڳالهه نه ڳرهڻ جهڙي، ڏاڍي سور سلائي
۲. سرتيون! مون سان سُور ۾، ڀينر ڪا نا ڀائي
۳. هير وٺي سا هانوَ کي، ڏانهن عجيبن آئي
۴. سر ڏيڻ سڄڻ کي، **سچو** آهي سچائي

ڪافي سسئي ۽ ڀيروي ۱۰۱۴

ڪيچي ويڙم ڪالهه
آءُ تي وره وسايان
۱. مانَ نماڻي هُنِ جي
سڳهي لهن سنيال
۲. ڀينر آهِ ڀنيور ۾
جيڻ منجهه جنجال
۳. جن لئي ڏونگر ڏوريان
سيئي ڏسان شال
۴. آءُ پيادي نه پڄان
ڏاڍا ڪاف ڪشال
۵. مون جياريو جيڏيون
سندن خواب خيال
۶. ساڻ **سچو**ءَ ڪن سپرين
ٻلائي جا ٻال

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠١٥

ٻُڇيون ڪين پرين ميان! حال منهنجي جون خبران
ساٿيوڙي پانڌيوڙي

١. آهي ٻاجهہ ڀروچ ڪي، مٿي معذورن ميان
٢. ساه سڪي ٿو جن لئي، سي مُون ڪي سارن ميان
٣. هِن دم دلاسا ڏنا، سرتيون! ساٿيڙن ميان
٤. تون هِت ڪهڙي ڳالهہ ۾، تو هُتِ ياد ڪرن
٥. تون جنين جي آسري، سي توڪاءِ چڏن
٦. **سچو** سنگت پانهنجي، مانَ غريب گڏن

ڪافي سسئي ١٠١٦

ڪجو ائين ويساه، سرتيون! منهنجي ڳالهہ سچيءَ تي

١. آيو ڪنهن تا ڳالهہ ڪؤن، شُهدائي ۾ شاهہ
٢. لذم ههڙي هوت جو، ريجهائي مؤن راهَ
٣. جوئي هدايت ۾، سوئي آهي گمراه
٤. احمد صہ علي عہ هڪڙو، آهي پاڻ الله
٥. ساڳين آتوَ پاڻ، سو چئو جو ارواح
٦. **سچو** سچيءَ ڳالهہ ۾، ڪهڙو ڪيم گناه

ڪافي سسئي ١٠١٧

آءُ هلي ڏس حال، منهنجو ٻاروچاڙي ميان

١. راتو ڏينهان رُوح ۾، تنهنجو خاص خيال
٢. اوهان ٻاجهؤن سيرين، ساعت ٻايان سال
٣. مون تا نماڻيءَ سان، ڪر ٻلائي ٻال
٤. سارڻ سِڪڻ آنجو، مونکي مِلڪ آئون مال
٥. مرشد سارو مڃيو، **سچوءَ** جو بـ سُوال

ڪافي سسئي ١٠١٨

اِهو ڏاهيون ڏَسُ آهِ، سانول اِتي وسي ٿو

١. ڦولِي لهج پاڻ مؤن، پري نہ پيرا پاءِ
٢. دائم آهي دوست جي، تنهنجي جيءَ ۾ جاءِ
٣. ڪنهنجي ڪارڻ ٿي ڪرين، هاري ري هاءِ هاءِ
٤. سوئي ڏسندڙ سُڻندڙ، پاڻئين ڳالهيون ڳاءِ
٥. سارا ڏونگر ڏورئين، ڪاڪي ڙي ڪنهن لاءِ
٦. **سچو** اوڏو ساه کؤن، ڪير چوي تا ناهِ

ڪافي سسئي ١٠١٩

وجي ڪا منت ڪري، منهنجي يار کي وو

١. هوءِ سدائين ساڻ مون، پرين نہ وڃ پري
٢. حال نماڻيءَ جو ڏسي، وري سو پوءِ وري
٣. وٺي ڪا دامن دوست جي، اکين تا آب ٻري
٤. ساريو توکي سپرين! هِت مريض مري
٥. رُسنِ نہ تن سان جن ريءَ، **سچو** نہ ساه سري

ڪافي سسئي ١٠٢٠

جو ٿو ڳولين يار. سو تا تو ۾ آءِ

١. ڏونگر ڪيڏا ڏورئين، چؤ تون ڪني لاءِ
٢. هيڏي هوڏي نہ وڃين، پاڻ ئي ۾ مُنهن پاءِ
٣. دل واري خاني ۾، سندي جانب جاءِ
٤. اهڙي اوڏائي جي، **سچو** ڪُل نہ ڪاءِ

ڪافي سسئي ١٠٢١

مونڏي واڳ ورائيندا، سرتيون! سگهڙا ٻيليڙا ڪوهيارا

١. پڪا پڪن سامهون، اوري آٽي اَڏيندا
٢. ٻينر هن ٻنيور جا، وري ٻاڻ وسائيندا

Scanned by CamScanner

۳. سيئي ڏسنديون سرتيون! روندا هوت ڪلائيندا
۴. پاچاڻي جا پاڻهين، پڪا پاڻ پچائيندا
۵. سور **سچو** ري هوت سان هي غريب گذائيندا

ڪافي سسئي ۱۰۲۲

ڏونگر ڇو تو ڏکائين، پير پيادين جا ميان
۱. پنڌ ڪرن جي هوت پنهونءَ ڏي، تن ڇو روهه رهائين
۲. اهو ڏوراپو ڏيندئي اوڏاهين، ڇو طالب ٿو ترسائين
۳. هيئن تو گهرجي عاشقن سان، ميان ڪا مدد ڪرائين
۴. سمجهي ڏسج ساڻ ڏکوين، پانهڻ ڪيئن ٿو پائين
۵. هو جي منجهن اچي توئي ۾، سي هوتن ڏانهن هلائين
۶. ڪر ڪو ٿورو سڳ **سچوءَ** سان، مُحبن ساڻ ملائين

ڪافي سسئي ۱۰۲۳

مونکي آذر ڏي، ميان! سهٽا ساٿيڙا ڙي
۱. وجي چئج پرين کي، حال منهنجو هي ڙي
۲. پريان سندي پار ڏي، قاصد اچن ڪي ڙي
۳. واعدا پارج پانهنجا جاني ڪيڙئي جي ڙي
۴. هو جي ڪيو ڳالهڙيون، ساه نہ وسرن سي ڙي
۵. سچو سنگت پانهنجي، نانؤ ڏٽي جي ني ڙي

ڪافي سسئي ۱۰۲۴

ڪالهہ قاصد اوڏاهون آيا، جاني ايندئي اڄ جائي
۱. اسين تا اوڏاهون اڄ آيا سي، هُئن اچڻ جا سعيا، ڪيچ هُئي هي وائي
۲. سڪين سارين وو جن کي ميان والي پوءِ ورايا، اچي ڏيندئي ڏک پائي
۳. ڏينهن گهٽا تو وو هوت پنهون ري، ورهي مينهن وسايا، آئي اوڏاهون واڏائي
۴. اجهي ايندئي وو سپرين! ميان ڏينهن گهٽا جن لايا، ڪل نہ پوندئي ڪائي
۵. **سچو** سڪندي وو سال ٿيا، ميان ڏکيا مُون ڏينهن لنگهايا، وڃي هي عُمر اجائي

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٢٥

مونکي آذر ڏيجو، سڪئو ساٿيڙو پسان

١. اڱڻ آســرونــد جي، ٻَلــي پـــريـــجو
٢. مُئـي چو نـہ جيـاريـو، اوهــين الله لـڳ اچيـجو
٣. ڪڏهن ايندم سپرين، ڪو چڱو سُڀ چئيجو
٤. سڪان سارِيان جن کي، سي گولي ساڻ گڏيجو
٥. پـڪـا پـڪـن سـامـهـان، اوڏا آٿـي اڏيـجو
٦. **سچو** سنگت پانهنجي، سائين لڳ سڏيجو

ڪافي سسئي ١٠٢٦

گهوري جاني ري جدائي، گڏ گهاريون، هوءِ هوءِ هوءِ

١. معلوم تـوکي مُون پريـن! سائين سا ڳالهہ سيـائي
٢. شال ڪنن سان نـہ سڻان، آءُ تنهنجي وڃڻ جي وائي
٣. تـوسـان چنـڻ ڪـاڻ تـا، يـار نـہ مُون لـڙه لائـي
٤. ڀـن وڇوڙي جي شـاهـي دلـبر! ورسـان گـڏ گـدائـي
٥. ساڻ **سچو** هوءِ ميان سپرين! سائين تون گڏ سدائي

ڪافي سسئي ١٠٢٧

مونکي مُحب ويو ماري، ڪنهن دَرِ ڏيان دانهڙي

١. ســوز تـنـهـنجو سـپـريـن! ڪُوڪـان تـو ڪـاري
٢. هــوت نمــاٽــي هِن کــي، ويــهـ نــہ وســاري
٣. نـيـو پـورهـيت پاڻ سان، پنـهـنجي ڪـڍ قـطـاري
٤. ويـــو ٻـــاروچو نـــڪـــري، عـــاشـــق هـــي آزاري
٥. راتـو ڏيـنـهـان سـپـريـن! **سچو** سگ سـنـيـاري

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ۱۰۲۸

مونکي دوست ڏنيون دلداريون
جيس آءُ تا ني وو جيڏيون
۱. پاجهہ پاروچا تو پوي
سڻي ضعيف جون زاريون
۲. سنيون سيئي سڄڻن
عاجز جون آريون
۳. لتا فلڪ فراق جا
آءُ تا گڏ گذاريون
۴. توکي تا تر جيترو
وار نہ وساريون
۵. سيئي **سچو** آئيا
جن لئي جهُونگاريون

ڪافي سسئي ۱۰۲۹

هوت اوهان تي آهي
ننگ نماڻي جو
۱. هيءَ ڪنيزڪ مُلهہ خريدڻ
سڳ تي ڪو ساهي
۲. جيئن هلايو تيئن هلان ٿي
ڏور وڏي تو ڏاهي
۳. هي پاڇاڻي پرين سا پرتيو
باب سنديؤ توڙي ناهي
۴. ساه **سچوءَ** جو، در تنهنجي ڏنهن
هڏ نہ آسر لاهي

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٣٠

ڪنهن حال چوان هي
اديون ڙي واويلا وو
١. ڏيرن ڏئي ڇڏيا
موٽي سُور نوان هي
٢. مهٽا محبوب جا ڏنا
پاڻ اوهان هي
٣. سکن اُتي سرتيون!
ڏيان نہ سُور سَنوان هي

ڪافي سسئي ١٠٣١

آءُ وري تون تا ويهہ، سچڻ آءُ تا تنهنجڙي آهيان
١. آهون عاشقن جون سُڻي، ڇڏ پرين پرڏيهہ
٢. پکن ٻاٻاڻن جي، آءُ پرين تون پيهہُ
٣. اصل لاڪون آهي هي، ڏاها تنهنجو ڏيهہ
٤. **سچو** چوي سپرين، آءُ ساري ساٽيهہ

ڪافي سسئي ١٠٣٢

ڳالهيون ڳڻ تنهنجا يار، سچڻ مونکي روز رُوارن ٿا
١. سر تي سوز فراق جا ٻاري ڇاڙهيئي ٻار، سچڻ ايڏنهن نيڻ نهارن ٿا
٢. منهنجو اندر اڏ ڪيو، جانب تهنجي جار، سچڻ! مونکي ماٽا تنهنجا مارن ٿا
٣. پرين پاڙج پانهنجا جي ڪيڙئي قول قرار، سچڻ منهنجو جيءُ جيارن ٿا
٤. ماٺهو شهر ڀنڀور جا، مهٽا لک هزار، سچڻ مونکي ڏيهہ ڪوُن ڏيارن ٿا
٥. قاصد چَون وو ڪيچ جا، تو هت سار سنڀار، سچڻ توکي **سچو** پاڻ سنيارن ٿا

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٣٣

هوت ٻاجهون هِت هُوان، ڪهڙي طرح جيڏيون!

١. ماريون محبوبن جي، روئي ساريون سارُوان
٢. ڪوڙين قرباني ٿيان، ساجن ايندو سَئان
٣. ....
٤. ....

ڪافي سسئي ١٠٣٤

پاڻ ڪي يار نہ ڄاتوم، ڀينر ڀُلي آهيان

١. ٻُڌيس ٻيائي ۾ جو، پاڻ نہ سڃاتوم
٢. موڳائي جي مُونجهہ ۾، ٿي وِرهُ وسايوم
٣. اُٽڻ وِهڻ پانهنجو، هي ڀينر ٿي ڀانيوم
٤. خاص مُناري خاڪ جي، سو سرتيون سمايوم
٥. ڏسڻ ٻُڌڻ هڪڙو، هي ڪاڏنهن الايوم
٦. ينطق واري رمز ۾، هِيءُ سِرُ سلايوم
٧. نالو آدم جو رکي، هِن حيرت هلايوم
٨. نانوَنِ منجهؤن نانهہ ٿي، هت **سچو** ٿي آيوم

ڪافي سسئي ١٠٣٥

هلان پنهل توساڻ، ساڻ هلي تنهنجي گولي ٿي گذاريندِيس

١. چلي ڀيٽيون ڇپرين، سنگت تہ توئي ساڻ
٢. ڪوجهي ڪاري هان تنهنجي، پنهل پاڻ سڃاڻ
٣. توري توريندو ڪيترو، محبت وارو ماڻ
٤. توڙ نباهج تون ڏٺي، سهڻا **سچل** ساڻ

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٣٦

١. سان تي هاديءِ والڙا حال وي ميان. ٻي ڪوڙي ني چاٽن قال وي
منطق علم تي ڪوڙ ڪهاٽي، نا وچ ڪنز قدوري چاٽين
ڪافيہ تي اعتبار نہ آٽين، اي سڀ تال پخال
٢. نا وچ مُصلي نا سئلي، نحو صرف سڀ روڳ رسالي
ڪالي مَسُ تي ڪاغذ ڪالي، ڪوڙي قيل مقال
٣. ڪم نهين اهو وچ ڪتابين. نا وچ سُود نہ وچ ثوابين
عالم ڏيک ٻُلائن بابين، مستي دي ڳالهہ محال
۴. پڙهيي سبق پڙهاون ڪيئي، لهندي ٻولي سِرُ نہ سوئي
عشق ڪنون تي دور اهيئي، هي سڀ خام خيال
۵. ناوچ ورد وظائف آوين، نا وچ ڪشف ڪرامت جاوين
بره وچي تون بهرا پاوين.ڏيسئي قرب ڪمال
٦. ديس ڇوڙيون پرديس ڦريندي، نال ڪتابان اُٿ پريندي،
صري تي لاهور لڙيندي، توڙي عرب چلن الحال
٧. ڪفر ايمان جڏهان وو هڪ ٿيوي، عشقدا پيالا تڏهان پيوي
سات سلامت سوئي نيوي، اي تا خاص خيال
٨. ورق وچي دا هيئي وسارين، ڳالهہ هاديدي سيا سنيارين
نال اُهيندي عمر گذارين، جُوني ڇوڙ جنجال
٩. **سچو** سارا سِرُ سبحاني، جي تون چاٽي جٿ ڪٿ جاني
ينطق وائي لات لساني، اي سڀ ايڪ جمال

ڪافي ڪوهياري ١٠٣٧

ڪندي سا ڪيئن قرار، جيڏيون! جنهنجو جيئڙو جتن سان
١. وره وارن ڪي سرتيون! ويجهي آهي وٹڪار
٢. ٻڙيون ٻاروچن جو، نينهن لڳم نروار

Scanned by CamScanner

٣. محبت ڳڌي نہ ليي، خرچين لک هزار
٤. ڏسنديس اکڙين سان، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار
٥. چڙي لاڳاپا لوڪ جا، عشق ڪيُم اختيار
٦. سدا آهي سچوءَ کي، پينر بره بهار

ڪافي سسئي ١٠٣٨

ڏاڍو جدائي جل ميان ووءِ ووءِ ووءِ جيڏيون! مون وٺؤن هوت مهل
١. اڇي ويهہ اکين ۾، پاسي ٿيءَ نہ پل، ميان ووءِ
٢. ڪيچ وڃڻ ڪم ڪهڙو، ڳالهہ سانول اها سَلِ
٣. مُئي ڪان منهنجا پرين، چوري يار نہ چل ميان
٤. ڪري ڪشالا ڪاف ۾، لذم ڪوهيارل ميان
٥. سچوءَ جي ني ساه سان، هُياسي رلمل ميان

ڪافي سسئي ١٠٣٩

حق ٿيا اثبات جڏهان، تڏهان گم هويا اِهو دعويدار
١. ٿي منصور ماريسان هڪدن، اناالحق واليان اظهار
٢. عين ڪيتي تون گهارين اتان، لهہ ڳئي پي گرد غبار
٣. زنگ لٿا ظلماتي والا، ذاتي نُور هويا نروار
٤. لنگهہ ڳئي ڏينهن خزان دي، کليا باغ بسنتُ بهار
٥. پول پنان هُڻ حق سجاتا، سچو ساروئي سينسار

ڪافي سسئي ١٠٤٠

اُتي پيو وڃي خيال منهنجو، جتي دم قدم جي جاءِ نہ آهِ
١. لامڪان مؤن لهر لڙهي، جنهن مٿي سپ هوءِ هواءِ
٢. وحدت جي درياه منجهارؤن، تون بي وڃي موج مناءِ
٣. بره توتي بادل آندو، اناالحق هي هڪل سُواءِ
٤. قطرو پاڻ نہ پانئج، عاشق ساروئي تون بحر سڏاءِ

Scanned by CamScanner

٥. ٻئي جهان هڪو ڪر ڄاڻين، جلوه تنهنجو جاءِ بجاءِ
٦. **سچو** آهين سِرُ سُبحاني، ظاهر جو تون نانءُ وڄاءِ

ڪافي سسئي ١٠٤١

ادِيون اُهي اڄ آيا، ڏيهہ جنين لئي ٿي ڏوريان
ڏيو مبارڪ وو سرتيون مونکي، ميان مولي سي مُحب ملايا
چرخو ڪيهو آءُ چوريان
در پيهي سي مون آئيا، سائين الا، جن لئي مُون وره وسايا
پاڻ مٿائين گهوريان
پرڏيهہ ويا ها وو مُون پرين، سائين الا، واليءَ سي پوءِ وراي
تڪ ڪيها پيا ورايا
سچو اتي وو دوست گڏيوسي، ڏينهن گهٽا جن لايا
وندر ڪنهن لئي ووڙيان

ڪافي سسئي ١٠٤٢

مان اڇن اُهي ڪائون، مُئي ويا جي ماري
١. سُپيريان ريءَ سرتيون! ميان آهيان آءُ اُباڻون، وِهان سي ڪين وساري
٢. پرين ڏسن وو پاڻ ڏي، ميان آهيان ڏهارڻ آئون نينداسي نال قطاري
٣. اڇي اسان وٽ سپرين! ميان اديون ڙي شال اوڏاهون، مان ڪوڏينهن گذاري
٤. آيا قاصد ڪيچ جا ميان! ائين سو مونکي اُتائون، يار سڄڻ توکي ساري
٥. آڌيءَ رات وو اُتي ڪري ميان! جت ويا هُئم جائون، تائؤن سا نِتُ نهاري
٦. هاري توسان هوءِ جي ميان! ڪي جي قول ڪيائون، پرين اُهي سڀ پاري
٧. ويهين وسارين وو اتهين، ميان! هي جانڪار چيائون، **سچو** دوست سنپاري

ڪافي ڪوهياري ١٠٤٣

پلو آءُ تان يار سڄڻ جي، ٻانهي گولي آهيان آءُ تان
١. آءُ نماڻي عيبن هاڻي، ڏوهن ۾ آءُ تا اولي آهيان

Scanned by CamScanner

٢. جيھي تيھي آھيان ڙي جيڏيون! جانب جي آءُ تا جھولي آھيان
٣. ٻلپل ٻچن حال منھنجڙو، ڳالھہ اُنھيءَ جي تا ڳولي آھيان
۴. ھيڏي ھوڏي نہ وڃان، مُحبن جي آءُ تا ٽولي آھيان
۵. ڏس **سچوءَ** ڏي سپرين! ناتہ ڇپر ھِت چولي آھيان

ڪافي ڪوھياري ١٠۴۴

آءُ ويندي پُنھڻ جي پار، ميان ٽڪيس ڪين ٽرن ۾

١. مون مَنُ گڏي گوندرين، ڪيچي ٽيم قرار
٢. جات جتن جي جيڏيون! جيءُ وڏو آ جار
٣. ڪندي وڃي ڪيچ ڏي، ڪنيزاٽي ڪار
۴. آھي ڪاڻ قريب جي، وڃڻ مون وٽ ڪار
۵. پوڻ اٿم پنڌ ۾، دوست پنيءَ درڪار
٦. سارو ڪم **سچوءَ** جو، آھي اُنن جي اختيار

ڪافي ڪوھياري ١٠۴۵

مونکي نال نئين ني، اھو ڪيچيڙن جو قافلو ميان
اگڻ شال اچي ني، اھو سپرين جو ساٿڙو

١. پنيءَ ھوت پنھونءَ جي ميان! ھلڻ ساڻ ھئين ني
٢. پُڇاڻا پرين جي تون، جِندُ ڪيئن جيئن ني
٣. وڏي ٻاجھہ ٻروچ ڪي، اُتي چون ائين ني
۴. **سچو** چَون سُڌير ٿي، پوندي، مھر منئن ني

ڪافي ڪوھياري ١٠۴٦

آءُ ٻانھن جي سا ٻانھي
آھيان عيبدار ميان

۱. عُمر سيائي ڪوڙ ڪمايم
بخش اهو مونکي جاني
۲. روز ازل کؤن ابد تائين
آهي ڳچيءِ منهنجي ڳاني
۳. ڏوهه ڏنگايون ڏِس نہ منهنجيون
مُحب ڪرين مهرباني
۴. ڪيئن سچوءَ جي دل سا دلبر!
دوست ڪيو ديواني

ڪافي سسئي ۱۰۴۷

سو ڏاڍن جو آهي ڏيهہُ، جاني نينهڙو وو نيٽن لايو
۱. جاتي پهچ نہ پکي ميان الله! سو سيٽن جو ساٽيهہ
۲. جي ٽي وڃان در دوستن جي ميان! چمان پيرن ڪيهہ
۳. ڪوٽيو ڪُهن سپرين ميان الله! وڃي پکڙي تن پيهہ
۴. سچو عاشق جي آهين ميان الله! واڍوڙين وڃي ويهہ

ڪافي سسئي ۱۰۴۸

واڳان ڦيري آءُ هيڏي آءُ
اوريون پاڻ ۾ مِٽيون ڳالهيون
۱. اوهان ٻاجهون وي سپرين!
هاٽي ڏنم سور سماءُ
۲. نهاريندي واٽڙيون
هاٽي سڪ چڪايم ساءُ
۳. پرين سندي پار جو
هاٽي لڳي تدو واءُ

۴. سچوءَ جو نـي مُشـڪـل آهـي
هـاڻــي تــوري هــت هَلاءُ

ڪافي سسئي ۱۰۴۹

اکيان تيڏي نال لڳيان، هڻ لڳيان

۱. سـرتـي ڳـنـدم مـاهـي والـيـان سـڳيـان، هِن سـڳيـان
۲. نـيـنـهن ديان نئوبتان دل اساڏي تي وڳيان، هو وڳيان
۳. بـره تـيـڏي ڪـنـون سـڀ سيالين ڀڳيان، هـن ڀـڳيان
۴. نـال اسـاڏي ڳالـهـيـان تـيـڏيـان، اڳيـان هـن اڳيـان
۵. عشق جنهان نون سچو آها، سي وت ٺڳيان هِن ٺڳيان

ڪافي سسئي ۽ ڪوهياري ۱۰۵۰

مُون ۾ عيب اپار، سڄڻ تهنجي ٻانهڙي آهيان

۱. ٻـانـهـن جي آءُ ٻـانـهـي آهيان، سـاري سـڀ چمـار
۲. هـوان هـمـيـشـه هـوت سـان، شـال نـہ ٿـيـان ڏار
۳. اوچڻ ڪـنـديـس اکـيـون، پـٽـر ڪـنـديـس وار
۴. پـاڻ تـوئـي تـؤن صـدقـي! سِـسِي سـاڻ ڪـپـار
۵. ساه سچوءَ جو سوگهو ڪيڙو، رکي يارانو يار

ڪافي سسئي ۱۰۵۱

هِيءَ جڏيج هُو وڃيج، متان ڪاٻي ڳالهہ پڇيج

۱. ڏئـي واري دام ڪؤن، ڀـهـريـون طـالـب پـاڻ ڪـڍيـج
۲. مـرشـد جـيـئـن فـرمـايـو، واقـف سـوتـا ڏَسُ وڃـيـج
۳. سِرُ سـهـي ڪـر پـانـهـنجو، ٻـيـا آڏاٽـا ڪـيـم اڏيـج
۴. لَاري لڳ نـہ ڪـنـهـن ٻـئـي، عاشق! انِهين پـنـڌ پـئـيـج
۵. ويــســه واري واٽ تــي، سچو ري تـون سِرُ سـٽـيـج

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٥٢

آڏو مانَ اچن، وو ڏسي هِن جو حال پلو

١. هوجي ڪَيَڙِمِ ڪاف ۾، ڪُوڪان پون ڪن
٢. ڪيچيڙن جا ڪاڪيون! تا رهبر واٽ رَسن
٣. خبران ڏکن سنديون، اڳيون پاڻ پچن
٤. ٻاروچا ٻاجهه پئي، چڱي آءٌ چوَن
٥. پنڌ ڪريندي پرين ڏي، سر پرزا پي ٿين
٦. **سچو** پنهنجي ساٿ سان، نماڻي ٻه نين

ڪافي سسئي ١٠٥٣

ساٿ سلامت آيو، لکي ٻاروچل جو

١. ڏينهن فراق جا لنگهيا اسان تؤن، موليٰ سي مُحب ملايو
٢. ميلاپي جو مهر پئي تان، والي‎ءَ ورق ورايو
٣. وڙ پانهنجي ڏي پاڻ ڏنائون، ويڙهو هي يار وسايو
٤. ميرا لاهي اچا ڪياسي، جو تن تا نينهن نيايو
٥. ڏيو مبارڪان سيئي **سچوءَ** کي، جو سُورن اچ سِڏايو

ڪافي سسئي ١٠٥٤

هِن جو شرم سيوئي آهي، تا پير مُغان تي

١. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاٿهين، نا تہ هُوا حال اسان هي
٢. آهي پاڙيائون پاٿهين پانهنجا، هوجي قول ڪيائون ڪي
٣. جن پياريو پُر پيالو، شال ساقي جين سي
٤. سدا آهي وسن اسان وٽ جاني جيءَ جا جي
٥. سِرُ **سچوءَ** کي ڏسيو ڏهاڙيون، پنهنجي يار هتؤن ڏي

ڪافي سسئي ١٠٥٥

گولن جي آءٌ گولي، خان ٻاروچا تنهنجي

١. آءٌ نہ ڪنديس ڪڏهين، ٻانهپ ريءَ ٻولي

Scanned by CamScanner

٢. سُڌ اچي لهه سگهڙي، آهيان سا عيبن اولي
٣. هِن ڏهارڻ جهڙي ڪا لهندين ڳونن مؤن مس ڳولي
٤. نانءِ سائين جي يار سڄڻ ري! ڪر **سچوءَ** سان سولي

ڪافي سسئي ١٠٥٦

آءُ وري تون تا ويهه، ڙي سڄڻ! آءُ تاتنهنجڙي آهيان
١. آهون عاشق جُون سُڻي، چڙ پرين پر ڏيهه
٢. پکي پاچاڻين جي ميان، آءُ پرين تون پيهه
٣. اصل لاکون آهيئي، هِيءُ ڏاها تهنجڙو ڏيهه
٤. **سچوءَ** جو ني سپرين! آءُ ساري ساڻيهه

ڪافي سسئي ١٠٥٧

مئين ڪن جالين وو سهڻا پرديسڙا
١. اسان نماڻيان ٿون نانءُ سائين دي، ورق وڇوڙيدا والين
٢. طعنہ تُهمت تيڏي طرفون ،ڏيون سڀ سيالين
٣. دل ميڏي ڪنون وسر نہ ويندي يان، ڳجهيان تيڏيان ڳالهين
٤. آوين تون پيارا اڱڻ اساڏي، حرف هجر دا ٽالين
٥. در تيڏيدا وي **سچو** آها، سو اپڻا سگ سنڀالين

ڪافي سسئي ١٠٥٨

پوءِ هِت ڪيئن ڪندي
ٻاجهون يار جي آئون
١. پيرين پوندي پرين جي
ڳچيءَ پائي گندي
٢. وهي ٿي واڪا ڪيون
نيڻن منجهؤن نندي

Scanned by CamScanner

٣. سڀ پر سندين آهيان
چڱي تـــوڙي مـــنـــدي
٤. دل سچوءَ جي سرتيون!
بــره تــهــين جي بــنــدي

ڪافي سسئي ١٠٥٩

هــن جو شـــرم ســيــوئــي
آهــي تــا پــيــر مُــغــان تــي
١. وري ڏنائون پاڻ ڏي پاٽهين، نا تہ هوا حال اسان هي
٢. آهي پاڙيائون پاٽهين پانهنجا، هو جي قول ڪيائون ڪي
٣. جن پــيــاريــو پُر پــيــالــو، شــال ســاقــي جين ســي
٤. ســـدا آهـــي وســـن اســـان وٽ، جانـــي جيءَ جا جي
٥. سرِ سچوءَ ڪي ڏسو ڏهاڙيون، پانهنجي يار هٿؤن ڏي

ڪافي سسئي ١٠٦٠

يار پنهڻ پيغامي، ڪڏهن مُڪو ڪو نہ مونڏي
١. روزانــو لــکــون يــار اوهــانــڪــي، هــن جو ســاه ســلامــي
٢. اوهين نــہ ايــنــدؤ اسين ايــنــداسين، اها اســان انــعــامي
٣. پرين ڏسجو وڙ پانهنجي ڏي، آهن عيب اسان ۾ عامي
٤. جان جثي ۾ جانــڪــي آهي، تــيــنــدي نــہ طــالــب تــمــامي
٥. ڳالهيون اوهانجون ٻارڻ ٻارن، وسنديون سي ڪين وسامي
٦. ڏئـي اســانــڪــي ڦــٽ فــراق جا، تــئــين تــون يــار آرامــي
٧. در اوهـــان جي جي يــار سچوءَ تــا، مجي ســا آهي غلامي

ڪافي سسئي ١٠٦١

ناهي هن درد جو دارون، توئي وٽ يار طبيبا
١. تِر تفــاوت درد نــہ ڏيــنــدي، ڇوڙين جا ســيــر ســرارون

Scanned by CamScanner

۲. ڦڪي ڏيڻ سان هِي وجي تو، هينڙو هاٺي هيڪارون
۳. سوز گداز ني، وي غم فراقان، لايون تا قول قطارون
۴. دوا درد جي سوئي ڏيندو، جو ايندو پرين پارون
۵. ناز پرين جيون يار **سچوءَ** جي، هن تا ساه سنپارون

ڪافي سسئي ۱۰۶۲

اکڙين اسرار، مونکي ڪو جو ڪيو ميان
۱. اُنهن تا ڏيڪاريو، ڪاڪيون ڙي ڪوهيار
۲. تهين ڏهاڙي ڪيو، بره بي اختيار
۳. ڏونگر تو ڏورائي، چشمن جو چمڪار
۴. ناز نيڻن جو سرتيون! ووڙائي وٺڪار
۵. سوز سڄڻ جو سرتيون! **سچوءَ** کي سينگار

ڪافي سسئي ۱۰۶۳

سانون مارڪي يار مُسافر! ڪيڏي ويندئين
سڄڻ ڪتلي لائي ني ڏينهان اٺان، وڃ قاصد ڪونہ پٺيوئي
۱. سيرين شهر بازارين تئيڪون، ڳول رهيان، لنئون لڳڙي مئيڪون
سڄڻ سانون بره ٻڇيوئي، ڏاڍا تانہ ڏيه ڏسيوئي
۲. ننگ اساڏا وو يار تساڪون، ڇوڙين مُول نہ يار اسانکون
ميڏي طرفون پيغام وو راه وڃي جيڪس ڪونہ رسيوئي
۳. تانگهہ تساڏي راتو ڏينهان، ڪاهل ڪيتيان تيڏي نينهان
ساڏا حال ڏيکين ڪرپال جاني جيئڙا ڪيون ڪسيوئي
۴. عشق اسان تي ڪيتيان اُليلان، هاڻي وانگڻ وو ڪيتس پيلان
وي سڄڻ تيڏي بره مينهنڙا، ڏاڍا اسان تي وو آڻ وسيوئي
۵. دل **سچو** دي وو لٽ نيتوئي، جيهي ڀانيو وو اُوئين ڪيتوئي
وي سڄڻ عاشقان مار نظاريدي نال، ڀڃي سهٽا هينئڙا هيوئي

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٦٤

ٻيو ڪير ٻجي ٿو حال منهنجو، خان ٻاورچل ٻاجهون

١. تـوريءِ آهـيـان يـار سـچڻ مـيـان! آءُ اُداسـي اَهـنـجو
٢. جهين ڪنهين سان ٻيچ ٻانوسين، غرض رکي سو نہ ڪنهنجو
٣. خيال اسان ذي آهي جنهين جو، آءُ ٻي آهيان تنهنجو
٤. اسان چاتو اتو صحي سچاتو، عاشق آهين تون اسانجو
٥. ڏَرؤن ٻيهي ٻاڻ ٻچندو آهين، **سچو** تون ڪي سهنجو

ڪافي سسئي ١٠٦٥

ڪري سانگ پرين وري آيم، آهي ديس اساڏڙي الوالو

١. وري وطـن آئـيـا، ٻـيـنـر تـيـڙم ٻـلـو ٻـلـو
٢. پـريـن اڳون ٻـيشـوا، هـاريـون! مـون سـان هـلـو هـلـو
٣. اصـل لاڪـون آهي اُنـهـن سـان، روح مـنـهـنـجي جو رلـو
٤. انـهـن ٻـاجهـون نـاهـي ڪـو، ڳـولـڻ مـونـڪـي ڳلو ڳلو
٥. سِرُ سـچڻ جو لـوڪ ڪـي، سـاهـيـڙيـون نـہ سـلـو سـلـو
٦. **سچو** سـچيءِ سِڪَ ۾، شـال نـہ ٻـونـدو وَلـو وَلـو

ڪافي سسئي ١٠٦٦

ڪيچن جي ڪڍ ڪاهِ، متان وهين ڪين وساري

١. ڏسـنـدئـين ڏونـگـر چوتـئـين، بـلـوچاڻـي بـاه
٢. ڦـولـج ٻـاڻ فـقـيـر ٿـي، ونـدر جي وڻـراهـ
٣. سـاري شـهـر ٻـنـٻـور جا، لاڳاٻـا سـٻ لاهـ
٤. مـتـان وهـين مـاٺ ڪـري، ڏنـگـر ڏورج ڏاهـ
٥. عـرض وجي ڪـر روبـرو، ٻيا سـاٿـي ڪـيـم سـنـبـاهـ
٦. ٻـانـهـي ٿـج ٻـروچ جي، ڪـوتـون سـگ نـہ سـاهـ
٧. روح رهـي هـت هـوت ريءِ، **سچو** ڪـنـهـن نـہ صلاح

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٦٧

وڃي ڏيه پرين، ڙي ساٿيو! منهنجو ڏيجو سنيهو

١. اوهان پاڄهون سپرين! ڏکيا ڏينهن لنگهن
٢. وينا ڏسون واٽڙيون، اگهڻ مات اڇن
٣. ڪونه ورندي تو ڏئي، وندر جي بي وڃن
٤. ڏکيا اُهي ڏينهڙا، جي پاسي ڪان پرين
٥. پينر! شهر پنيور ۾، شال ڪو پيرو ڪن
٦. ويچاريءَ نه وساريو، جا لڳي ساڻ لکن
٧. جيهو تيهو آهيئي، سچو سگ سندن

ڪافي سسئي ١٠٦٨

ڙي ساٿيو! منهنجي يار جي ڪا ڳالهه اچي مُونسان ڪريو

١. آهي آرامي ڪي يار اسانجو، پڌي سا ووءِ ووءِ وريو
٢. جي هيڪند ٿيان هوت سان، تا ڪاج سپو مُون سريو
٣. پيهر مونسان ڪيچ ڏي، ڪي وڪان پٽي چو نه پريو
٤. ڏوث ڏوراپو يار سڄڻ تي، متان ڪو پانڌيو ڏريو
٥. سوز سچوءَ جو سُنگ سُڻُڻ سان، ڳوڙها سو ڳاري ڳريو

ڪافي سسئي ١٠٦٩

ديس ڇڏي پرديس ويو، هاڻي هوت مونکي هيئن ماري

١. اُنهن پاڄهون سرتيون! هي گوندر ڏينهن گذاري
٢. راتو ڏينهان روح منهنجو، سات ڏٺين ڪي ساري
٣. دُعا ڪريجو جيڏيون! شال وهنم ڪين وساري
٤. ساريو صورت سڄڻن، هيءَ ڳالهه اسانکي ڳاري
٥. ويو ويساهي نکري، چار گهڙيون هنت گهاري
٦. راهان اچڻ اُن جون، سچو نِتَ نهاري

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٠

تاڏي مُنهن نہ پيو، ڙي منهنجو جاڏي لوڪ لڙي ٿو

١. جيڪو هئڙس جنڏيون! ساڳي آءُ ٿيو
٢. پاڻ ئي پُنهڻ آهيان، ڇاٽو ڪونہ ڀيو
٣. ظاهر منهنجي ذات ڪي، ڪيچن پاڻ ڪيو
٤. **سچو** سارو سچ ٿيو، وڇوڙ وره ويو

ڪافي سسئي ١٠٧١

پاڻ پرين اهو آهي متان، ٻينر ڀولو ڀانيو

١. جنهن تي آهي تنهن تي آهي، نانءُ ٻئي تي ناهي
٢. پاڻ پنهنجو صحي ڪيوسين، ڪيچ وڃئون ڪين ڪاهي
٣. هُئڻ تنهنجو اوهين نہ ڇاٽون، ڇئو تڏهين ڀيو ڇاهي
٤. **سچو** ساري صورت اُهائي، لوڏا لَڪن جا لاهي

ڪافي سسئي ١٠٧٢

تنهنجي پانڌي پيغامن، الله منهنجو جيءُ جياريو

١. هيءُ تا تن توان ڪيوڙي، ساٿي سلامن
٢. تو تؤن آءُ قربان ٿيان، ڏنهن آئين عجيبن
٣. منهنجو چت چريو ڪيو، هن نبنهن جي نياپن
٤. درد منديءَ جي دل ڪي، ڪيو قابو ڪلامن
٥. ڪيائون ياد فقير ڪي، يار پچاڻا پرين
٦. ڪيؤن مهرؤن پانهنجي، گوش ڏئي غلامن
٧. منهنجو وره وڏايو، اُن جي انجامن
٨. جيهو تيهو آهيئي، **سچو** سگ سندن

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٣

اڄ اهو ساڳين مُون سڃاتو، آهي ٻڙيون ٻاروچو
١. اصل لاڪؤن آهي انهن سان، هن نماڻيءَ جو ناتو
٢. اڄي ڏنم اوچتو ميان! پيچ جنهن مونسان پاتو
٣. ڦريس ڦيريدار جان، چاڙ نہ مُون هئين چاتو
٤. لڻو لحظي هڪ ۾، اديون ڙي اوراتو
٥. صدقو **سچو** تنهن تؤن، عشق جنهن توسان لاتو

ڪافي سسئي ١٠٧٤

آءُ ويندي پُنهل جي پار، ميان ٺڪيس ڪين ٺرن ۾
١. مُون من گڏي گوندرين، ڪيچي ٺِيُمِ قرار
٢. ذات جتن جي جيڏيون! جيءُ وڏو آهي جار
٣. ڪندي وجي ڪيچ ڏي، ڪنيزاڻي ڪار
٤. آهي ڪاڻ قريب جي، وجڻ مون وٺڪار
٥. پوڻ اٿم پند ۾، دوست پُنيءَ درڪار
٦. سارو ڪم **سچوءَ** جو، آهہِ اُنهن جي اختيار

ڪافي سسئي ١٠٧٥

ڏينهن پچاڻون آئين، ٻلي آئين، ڙي يار منهنجا
١. اگڻ اسانجي هوت ٻاروچا! پير اچي پائين، ٻلي پائين
٢. پري اسان ڪؤن يار پرين ڙي، ڏينهن گهٽا چو لائين، ڪيئن لائين
٣. ڏوهِ ڏنگايون يار سڄڻ ڙي، ڪيئن ٻلي ڏنهن ٻائين، چو ٻائين
٤. هيئن نہ گهرجي يار توکي، چِتُ چُڪيءَ تؤن ٿو چائين، ڪيئن چائين
عرش ڪرس تؤن اچي اتاهين، من **سچوءَ** جي مائين، ٻلي مائين

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٦

محبوب مُک وکلايا ني يار، ويک شمع شرمايا وي الله

١. جڏهان راه پڇائي مستي، ڦر مارِڳڏس هيءَ هستي
جيوين ڪليا تي گل دستي، پُرجام شراب پلاياني

٢. تيڏي حُسن ڪيتا حيرانا، جيوين شمع اُتي پروانا
هويا صورت ۾ ديوانا، چا پاند حجاب اُٺاياني

٣. گهتدا وتدا دام زلف دي ڏوري، دل نيتي ساڏي زوري
تن من اندر هئي لوري، چا باري بره بچاياني

٤. **سچو** آيا سلامت جاني، هويا صورت دا لاثاني
تيڏي قدمان تؤن قرباني، چا مولىٰ مُحب مِلاياني

ڪافي ڪوهياري ١٠٧٧

شوق تساڏي شور مچايا، نهين سانون جهل ڏيندا

١. نال زوري دي زور گهتيندا، بره بادل برسيندا
٢. عقل شرم تي حال حيا ڪنون، ڏيک نماٽيان نون نيندا
٣. زاهد عابد مُلا فاضل، تاب اهين ترسيندا
٤. زهد عبادت تقوىٰ ڪنون، وت پهلي سٺ ستيندا
٥. اولي وچ سمونڊ نہ اٽڪي، هوءِ هوا وچ ويندا
٦. ڪؤن عشقدي گهوڙي ڪُون، اور واڳين پنڌ جهليندا
٧. سيني وچ **سچو** دي ميان! بره بور بچيندا

ڪافي سسئي ١٠٧٨

اوري آڻ سي اوري ڙي الله، جنين ڪاڻ سڪيس سال

١. ڏَسُ نہ مونکي ڪو ڏئي، ڏيهہ رهيس آءُ تا ڏوري ڙي الله
٢. واٽ جنين ڪؤن لنگهيا، گهوري هي جند گهوري ڙي الله
٣. هيڪند تون ڪر هوت جي، ساڻ ٽڪي ڪنهن ٿوري ڙي الله
٤. ساه **سچوءَ** جو تهن ڏهاڙي، ويا چاڪ وجهي چت چوري ڙي الله

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٧٩

پيو ڪير حامي منهنجو ٿيندو، لکي پاروچل پاجهون

١. دردمندن جي دل انهيءَ ڪي، پاٽڻ دلاسو ڏيندو
٢. ڪين ڇڏيندو ڇپرين، سوئي نال نماڻي نيندو
٣. اکڙين سان سيئي ڏسنديون، اڱڻ آرياڻي سو ايندو
٤. پاڻ پنهنجو يار پيارل، ساڻ غريب گڏيندو
٥. ڏنگاين ڏي ڪين ڏسندو، بديون تا بخشيندو
٦. مهر پنهنجي ساڻ ڪنهن ڏهاڙي، **سچو** سو ناڻ سڏيندو

ڪافي سسئي ١٠٨٠

آءٌ وجان تو تؤن گهوري گهوري، گهوري ميان

١. ڏونگر رهيس ڏاکڙا، تنهنجي ڪارڻ ڏوري ڏوري
٢. تر ٽڪائي وي آهيان، اچج آرياڻي تون اوري اوري
٣. پلا هن پنيور ۾، تر نہ رهنديس توري توري
٤. مونکي وڌو مون پرين، جهٽڪ اوهانجڙي جهوري جهوري
٥. **سچوءَ** جو ني سپرين! هينڙو نيو هن هوري هوري

ڪافي سسئي ١٠٨١

پانڌي دلاسو ڏي مُون، ايندا آرياڻي ڪي اوڏا

١. آڌيءَ رات جو وو ڪيائون سانباهو، حال ڪيا تن هي مُون
ويا تا ترڪي توڏا
٢. ڪير قبول وو پنهونءَ ڪارڻ، ڏک سوين ني سي مُون
لَک ڏئي لک لوڏا
٣. محبت ڪؤن تا مُنهن نہ موڙيان، پُرزا ٿيان هِت جي مُون
گسي وجن توڙي گوڏا

Scanned by CamScanner

۴. سر تا صدقي آهه **سچوءَ** جو، ڪاڪيون چون هِت ڪي مُون
درد ڏيندو سؤ ڏوڏا

ڪافي سسئي ۱۰۸۲

اڙي جيڏيون! مونکي ڇوتيون پرين ڏنهن جهليو

۱. وهان ڪيئن پنيور ۾، جو روح اُنهن سان رليو
۲. ساڻن تيندس سنگتي، جو هوت هاڙي ڏي هليو
۳. مونکي نہ ڪريو منثان، من تا مُحب مليو
۴. پريان سندي پار ڏنهن، پاڙيچيون نا پليو
۵. سڄڻ سارو پانهجو، سِرُ **سچوءَ** ڪي سَليو

ڪافي سسئي ۱۰۸۳

ڪي ايندا هيڏي ايندا، الو وهنيا ٻاروچا

۱. ساتي مونکي سچ چئو، دوست دلاسو ڪو ڏيندا
۲. هوندا ڪي مونوث هوت هميشه، وري ڪي پوءِ تي ويندا
۳. هيڪند شهر پنيور ۾، ساڻ تڪيءِ اچي تيندا
۴. ٻاروچا سي ٻاجهہ پئي، آءُ چگي ڪي چيندا
۵. سُور **سچوءَ** جا سرتيون! نال پنهنجي ڪي نيندا

ڪافي سسئي ۱۰۸۴

پاڻهي پئيو َسُدَ سُورن جي وو، عشق لڳوَ جي اديون!

۱. ساري خبر وجي تن ڪؤن پڇجو، جي وره سڄڻ جي وڍيون
۲. ڪين لِکن سي لوڪ اڳيون، جي آهن ڏکن جون ڏڏيون
۳. مُحب مسافر ٿيا جنين جا، ڪُوڪان آهي لک ڪنديون
۴. وره ولوٿيا جي وهنديون، تن جي نيٽؤن نير جون نديون
۵. پاروُن پرين جي سٽو سيئي، لوڪ پلي ڏئي بديون
۶. اڳيون پويون سب معافي ڪيون، تهن مُحب **سچوءَ** جون منديون

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٨٥

متان ڏوراپو ڪو ڏيو
ري ساٿيو مُنهنجو متان
١. هي ڪنيزڪ مُلهه خريدڻ
ڪي هٿؤن مون ٿيو
٢. حرف اسان تي آه اصل جو
وقت ويسر ۾ ويو
٣. ڀلئي ڀائي مَديون!
پيش پنهونءَ جي هي پيو
٤. **سچو** ڪوئي پانهنجو
پاڻ قريبن ڪيو

ڪافي سسئي ١٠٨٦

آهي بي نام نشان، سر انهي جو ناهي امڪان
١. طرحين طرحين پوشاڪان پهرئين
ڪُل يوم هُو في شان
٢. ظاهر ذات صفات سهي ڪر
سري سره انسان
٣. منصوري آهي راهُ اهوئي
جوش تهين ۾ ۽ جولان
٤. غرض گداگر يار اڇي ٿو
ناته **سچو** ساروئي سلطان

ڪافي سسئي ١٠٨٧

ذري ذري ڪن چشمان چُور
نين اسانکي ٿيون وهلور

Scanned by CamScanner

١. تن من سڀ تاراج ڪرن ٿيون
ديدن جو آهہِ هي دستور
٢. خوني وتن خيال پنهنجي سان
ڪسن شهزادن جو شعور
٣. ناز نياز سان هڪي واري چاڙهن
سُولي تي منصور
٤. ساڻ ڏسڻ جي مشتاقن سان
ڪيفي ڏاڍو ڪن ڪلور
٥. **سچو** ڪير ويچارو
وجهن ڦيري دل، ڪرن فتُور

ڪافي سسئي ١٠٨٨

وٺي ٻاروچي ٻولي، سدا تا ساه منهنجي ڪي
١. هُئي پناه ۾ يار سڄڻ جي، ٻاروچي جي ٽولي
٢. ٻاروچاڻي ذات جي، گولن جي آهيان گولي
٣. ڪاڪيون! ويندي س ڪيچ ڏي، ڏونگر ڀايان ڏولي
٤. **سچو** سام اُنهي جي، آهيان عيبن اولي

ڪافي سسئي ١٠٨٩

هُتؤن هوت هلي، ري عاشق دلاسو ڏيندو
١. وجهج ڪم ڪريم تي، ٻي ڳولج ڪام ڳلي. پاڻهين تووٽ ايندو
٢. پڪا پکن سامُهٽا، تنهنجي ماڳ ملي، اوڏا آٽي اڏيندو
٣. اچڻ سندي اُن جي، ويندو روح رلي، ٿورو ٿورياٽي ٿيندو
٤. ڳجهي هوتن من ۾، سا ساٿين ڳالهہ سلي، پُنهڻ پاڻ سان نيندو
٥. مِهر پنهنجيءِ سان تو پرين، انهيءِ پت پلي، ري **سچو** نانؤ سڏيندو

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٩٠

وڃي پڪا پڇائيج، تون ساٿي ڙي سڄڻ يار جا

١. هي تا حال حقير جو، وڃي سارو سڻائيج
٢. هي نياپو نينهن جو، وڃي پانڌي پهچائيج
٣. پاند ڳچيءَ ۾ يار ڪي، پارؤن مون پائيج
٤. ڀهر ڀاروچا وري وو اچي، وره سائيج
٥. **سچوءَ** ڏي ڪؤن سپرين، ڪي چگو چوائيج

ڪافي سسئي ١٠٩١

مونکي تنهنجڙو آءِ
اچڻ جو وڏو آسرو

١. جوڙي ڇڏيم جايون
لؤن لؤن ۾ تولاءِ

٢. ڪين جڙي ٻيو جيءَ ۾
تنهنجي سڪ سواءِ

٣. ڪڏهن ڪڏهن تو ڏسان
توکي جاءِ بجاءِ

٤. هِت گذاري ڏينهڙا
سچو تنهنجي ساءِ

ڪافي سسئي ١٠٩٢

پاٿهين پارؤن يار، قاصد مونڏي اڄ آيو

١. اچڻ سندي اُن جي، اٿي ويا آزار، ٿورو ڪيڏو تن لايو
٢. ڏنا دلاسا دل کي، رهبر رات هزار، سندن رُوح جو رايو
٣. هيڏي هوڏي نہ وڃين، اچج ۾ اعتبار، محبت مڙيوئي مايو
٤. اچڻ جا محبوب ڪيا، پڪا قول قرار، **سچو** تو ڏي هُئن سايو

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١٠٩٣

ماريو هوت وڃن، لا ڪنهن درِ ڏيان دانهنڙي ٻلولو

١. ڪاڪيون! ڪڏهن ڪينڪي، منهنجي منٿ مڃن لا
٢. پنـــي پـيـس جن جي، ســي ٻـي ســور سـڃن لا
٣. دعـا ڪـريـجو جيـڏيـون! پـيـرو تـانـہ پـڇن لا
٤. اهـــو اتـــم آســـرو، ڏيـــنـــدا آب اُڃن لا
٥. **سچو** سُمـهـي ڪـيـنـڪـي، رُوح تـہ ڪـانءُ رُڃن لا

ڪافي سسئي ١٠٩٤

اچي ڪونہ اوڏاهون، ماٺهو شهر ڀنڀور ۾

١. منهن ڪري انهيءَ پار ڏي، ميان! ويني ڪيم الاهون
٢. ڏسي حـال حـقـيـر جو، مـيـان! اچن مـانَ اڳاهـون
٣. ڪـو پـل پـاچـاڻين ڪـؤن، پـري تـي نـہ پـرانـهـون
٤. تـر تـڪـائي آهـيـان، مـيـان! پـڪـا اڏج اوراهـون
٥. سٽـــي مـــوت **سچوءَ** جون، آريـاڻـي تـون آهـون

ڪافي ڪوهياري ١٠٩٥

سا ڪندي ڪيئن قرار، جيڏيون! جنهنجو جيئڙو جتن سان

١. وره وارن ڪـي ســرتـيـون! ويـجـهـو آهـہ وٽـڪـار
٢. ٻـڙيـون ٻـاروچن جو، نـيـنـهـن لـڳـم نـروار
٣. مـحـبـت ڪـڏهـن نـہ لـيـي، خرچين لـک هـزار
٤. ڇڏي لاڳاپـا لـوڪ جا، عـشـق ڪَيَم اختـيـار
٥. ســـدا آهــي **سچوءَ** ڪي، ٻـيـنـرا بـره بـهـار

ڪافي سسئي ١٠٩٦

سرتـيـون! مـنـهـنـجو سـاه

هاڙهي سي هـوت وٺي ويـا

Scanned by CamScanner

١. ڪون ڪميڻيءَ جو ٿئي
هادي ري همراه
٢. پينر شهر پنيور ۾
آٿي ندن الله
٣. هنڌؤن جنهين هوت ويا
روئي چمان سو راه
۴. پر ڏيهين تي ناه ڪو
وريتيون! ويساه
۵. آهي رفيق رُجن ۾
سندو سوز سپاه
٦. ناهيم ٻئي ڪنهن لوڪ جي
پاڙيچيون پرواه
٧. معاف سچوءَ ڪي سي ڪندا
جيڪي ڏوه گناه

ڪافي سسئي ١٠٩٧

رات رهبر مونڏي آيا
خان پاروچل جا ميان
١. هتؤن وجي اتي ٿئين آرامي
ڏينهن گهٽا چو تو لايا
٢. لڳ اسان جي ڦرين اُداسي
ورهي تو مينهن وسايا
٣. طرف تنهنجي سُڻ ري عاشق
پنهنجا مون سات سنپايا
۴. چاڻ تحقيقؤن آهن اسانجا

Scanned by CamScanner

ايــڏهــن اچڻ جا سـعــيـا

۵. ڏينهن گهٽيرا ڪاڻ اسانجي

سچو تـو پـنـد پـچـايـا

ڪافي سسئي ۱۰۹۸

ازي اَلـــــو اَلـــــو

رانـــــول آيــــو راڄ ۾

۱. ويـــڙا سُور ســنــدو ڪــري

اڄ پــيــنــر تــيــڙم پــلــو

۲. جنهـن ساعت گڏيا سپرين!

سا ساعت ڪهين نـہ سلو

۳. ڳالهہ نـہ ڪريو ڪا ٻي هتؤن

هــاريــون اوهــين هــلــو

۴. ڏهـــــاڙي ڏســـڻ ڪـــؤن

وار نـــہ پـــونـــدو ولَـــو

۵. اصـــل آهـــِ اُنـــهـــن ســـان

روح مــنــهــنــجي جو رلَـو

۶. **سچو** گـــڏيـــو ســـڄـــنـــا

ڪـــرن لـــڳو ڪَلـــو

ڪافي سسئي ۱۰۹۹

اوهــين ســيــئــي چونـــ ڇاڻــو

نـــانـــؤ مَتِم آهـــي ڪـــهـــڙو

۱. اســـم اصـــل ڪـــؤن وره وڏايـــو

صـــورت هـــي ســـيـــاڻـــو

۲. پاڻي منجهؤن پارو ٿيو پيدا

Scanned by CamScanner

واهُ عجب ڪوئي واٽو
٣. شاه جهان جو ٻانهو ٿي ڪر
وائي هِن وڪاٽو
٤. ڏسي تماشو اهو سو سارو
وتي تاپاڻ ويڳاٽو
٥. نانءُ وارو سُنوري سرتيون!
ٿيو هِت ڪين نماٽو
٦. مستيء واري ساک نہ سلَج
سچو تون ٿي سياٽو

ڪافي سسئي ١١٠٠

ساريو ڏينهن رُوان ري، هُيس جيڪي هوت پنهون سان وو
١. ٻُڌڻ وارو ناهِ ڪو، جنهنکي حال چوان ري
٢. قاصد اچي ڪو اوڏاهون، پيرين تنهن پوان ري
٣. ڏکايو تا ڏيل کي، اديون اچ اوهان ري
٤. أنهن ٻاجهون سرتيون! نِتُ نِتُ سُور نوان ري
٥. ماريون محبوبن جي، طلب ناهِ توهان ري
٦. غرض نہ رکان لوک جو، هِڪُ سائين هُون سنوان ري
٧. **سچو** ٻاجهون سوز جي، ٻيون لاتيون ڪين لوان ري

ڪافي سسئي ١١٠١

پنهنجي ذات لڪائي، ڪيئن ٻي ذات سڏايان
١. ظاهر ڪريان ذات کي، تاهي ٻُت ٻيجايان
٢. منصوريء جي موج ۾، ٿو انا الحق الايان
٣. واديء ۾ محبت جي، سِرُ گهوري گهمايان

۴. اعلىٰ اعظم شان جي، نوبت نينهن وڄايان
۵. ظاهر باطن هڪڙو، آءُ تا حُڪم هلايان
٦. **سچو** سارو سچ ٿيو، هي حڪمت چلايان

ڪافي سسئي ۱۱۰۲

محبوبان وي ميندي لائي، عاشقاندي گهر رنگ وي

۱. عقل علم سڀ ڇوڙ ڏتوسي، نينهن وڄايا سو ننگ ري
۲. مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا، نهين سو ڪيڙيندي منگ ري
۳. نال رانجهو دي سُنوري سنيان، عشق اڙايا انگ ري
۴. ڳالهه سچي سڻ **سچو** دي، ڏک چڪايا ڏنگ ري

ڪافي سسئي ۱۱۰۳

لڳيءِ دل جو دارون ناه ڪو ڍولڻ پيارا

۱. عشق جُون واٽان ٻرن لاٽان تنهن مون نڪرن درد جُون ڇاٽان
پوءِ ٿيون پون هي پچارا
۲. عاشق ٿا ڪن درد جون دانهان. عشق منجهاروُن هِي آهان
روون اُهــــي زارو زارا
۳. آءُ تا ٻانهي، تون تا سائين. پاند ٻڌيءِ وچ پلوُ پائين
اچڻ جا ڪر قول قرارا
۴. ڳالهيون مون سان تو جي ڪيون.مُور نہ مونکوُن وسريون
دم دم تنُهنجو ياد يارا
۵. هيڪر مونکي جاني جياريو. ڳالهين تنهنجن ڳجهن ڳاريو
وصل جا ڪر وري وارا
٦. **سچو** تون تان ٿي نہ ماندو. پرين تنهنجو الله آندو
سڄڻ ساڻ ڪر الغارا

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ۱۱۰۴

ڙي جيڏيون! آءٌ تا حال پنهڻ سان ڪندي

۱. اصل لاڪون آهيان! سائين! بلوچاڻي بندي
۲. وس ناهم وار جو، آهيان سائن سندي
۳. ڪندي وچي ڪيچ ۾، دانهون سي دردمندي
۴. سُڌ لهنداسي وري، ٻٽ جنين جي ني بندي
۵. **سچو** اڳيون سڄڻا، ڳچيءِ پائي ڳندي

ڪافي سسئي ۱۱۰۵

اديـــــــون ڙي اڄ آءِ

اسان مُحبن جو ميلو

۱. دلبر سڪندي ڏينهن ٿيا

سپيريان جي ساءِ

۲. فنا ڪيائون فراق کي

ٻُڌو جاءِ بجاءِ

۳. ڏک لنگهيا، سُک آئيا

لڳڙي ٿڌڙي واءِ

۴. جنهن ساعت گڏيا سپرين

سا **سچو** ساعت سُهاءِ

ڪافي سسئي ۱۱۰۶

پينر ڙي! بيوس وچي آءٌ پيان

۱. وس نہ آهيان پانهنجي واڪو ڪيَم بيوس مئين، ديوانڙي ٿيان
۲. لوڪ ساروئي سرتيون! روح نہ اچي رس، حالؤن هُڻ مئين ڳيان
۳. ڏاڍو مُون سِر آئيو، ڪوئي نہ اچي ڪَس، قابو عشق ڪيان
۴. بره واري بات ڪؤن **سچو** نہ ڪري بس، مهٽا ڏين سنيان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪوھياري ١١٠٧

آءُ ڪيچ ڪندي، وڃي پورھيو پرين سان ڙي جيڏيون!

١. جيھي تيھي يار سڄڻ جي، چڱي توڙي مندي

٢. آءُ تنين جي آھيان، ٻره جنين جي ٻندي

٣. اڻ مُلھه ٻانھي آھي، سڀ پر سائن سندي

٤. **سچو** سارياڻي دلڙي، رند تنين جي رندي

ڪافي ڪوھياري ١١٠٨

ڙي جيڏيون ھاڻي شال ٿئي

منھنجو ٻاڙو پرين سان ڙي جيڏيون!

١. مون مُئي تا گھوري

جاني شال جئي

٢. ھِن تا ٻُور پرائيو

ھاريون ھوت وئي

٣. ٻاروچي تا ٻاجھه پئي

ھي تانال نئي

٤. سارو مطلب مُون ٿيو

پنيءِ ھوت پئي

٥. شال **سچوءَ** کي سپرين!

ڏوراپو نه ڏئي

ڪافي سسئي ١١٠٩

مؤجان ڪيئي لک گوناگون ٻيلي، آءُ تڪيريان پيان

١. ڏيک احوال اساڏا سارا، ٻج ڳيان سڀ سھيان

٢. دين دنيا ڪنون ٻاھر پيان، شرم حيا ڪنون ڳيان

٣. سر **سچو** دي ساوڻ وانگون، نينھن ديان نيان نيان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪوهياري ١١١٠

ٻانهي ٻاروچي جي، آهيان وي آهيان

١. پريان سندي پار ڏنهن، آسرو هڏ نہ لاهيان وي لاهيان
٢. صورت وارا سپرين! آءُ نماڻي ڇاهيان وي ڇاهيان
٣. هُو تا سائين آءُ تا گولي، سگ نہ ساڻن ساهيان وي ساهيان
٤. ڏينهن لنگهيم هت ڪيترا، ڪيچ وڻن ڏي ڪاهيان وي ڪاهيان
٥. هُئڻ **سچو** ري آهِ تنهين سان، اُنهن ٻاجهون ناهيان وي ناهيان

ڪافي سسئي ١١١١

ڇڏي هوت حجت ڙي ٿيس آءُ نانءُ نماڻي ميان

١. اڇي مون ڪي ڪينڪي، منجهان لوڪ لذت ميان
٢. وڏو آهي مامري، مون ڪي تا محبت ميان
٣. ويا نذر ڪان نڪري، اوڻي رات اڇت ميان
٤. سُور تنهنجا سپرين! رڳيائي راحت ميان
٥. مونکي ٿيلڻ آئيا، پيرن سان پڙبت ميان
٦. **سچو** سڪ اوهان جي، واڳيو ۾ وحدت ميان

ڪافي سسئي ١١١٢

ويهي آءُ ڪوه ڪندي
جيڏيون ڙي ڀنيور ۾
١. چونديس حال حبيب کي
ڳچيءَ پائي ڳندي
٢. ڪني سا ڪيڏي وڃي
جا بره تُنهنجي بندي

٣. جيهي تيهي حال آهيان

سچو صاحب سندي

ڪافي سسئي ١١١٣

جاني اٿان ڦيرا پايا، وه واه ڪيها رنگ لايا وي

١. غمزي نال حُسن دي چُردا، رڪ ٿور عجب دي ٿُردا
هتڪي هوري مُول نہ مُڙدا، ڪوُن ڦيرائي رايا

٢. اي جو مار زُغا بادشاهي، ڪر ڦردا بي پرواهي
اسرار دي ڏي اوگواهي، شهہ سرمد نون مارايا

٣. اس عشق دا ڪيها بانا، هر هڪ نون پرايس جانا
ڏي حُلاج خُودي دا خانا. تنهن سولي پڪڙچڙهايا

٤. سر عاشقان دوُڙ ڪريندا، سر ڪلونتري گهت چريندا
اوجو نعره سخت مريندا. تنهن هر جاءِ حڪم هلايا

٥. **سچو** جوئي وو سهندي هاسي، سو آڪي پلئي پياسي
نؤ بهار خوشي وچ ٿياسي، اينوين ڪرم ٻنايان فرمايا

ڪافي سسئي ١١١٤

پلي ڪري آئين، هت تون گهرجين يار

١. هت تنهنجي گهُر گهٽي هُئي، دوست مٺا دلدار

٢. جاڏي تاڏي تجلو تنهنجو، عجب تنهنجا چمڪار

٣. هي يي هويي هڪ ديس تنهنجو، چين ڪندين چوڏار

٤. اچي ٿئين هڪ **سچوءَ** سان، لاهي پيائي بار

ڪافي سسئي ١١١٥

سَلِ سؤداگر يار، ڙي ميان! ڪهڙي ديسؤن آئينداڻين

١. ظاهر ٿئين تون وو اچي زمين تي، ڪٽي ڪٿوريءَ بار

۲. هلي أتاهون وو اچي اتاهين، هنجين سو پوتي هار
۳. طرحين طرحين اچي ڪيئي هِت، صورت جا سينگار
۴. شاه آهين تون يا تہ گماشتو، لائي ڪي قطار
۵. اچي پياسي سُڻ **سچو** ري، شوقون منجھہ شمار

ڪافي سسئي ۱۱۱۶

سانون نينهن نباهڻ آيا وو
الغرضان دي نال ني اپنان وي

۱. روز ازل دي نال ڏاڍي دي مئين تا
نينهڙا لايا وو
۲. سهج ڪنون مئين اپٽي سر تي
ورهي مينهن وسايا
۳. جيءَ منجهيئي جيڏيون!
محبت مچ مچايا
۴. وچ **سچو** دي تنهن تا آپي
نعره نينهن وڳايا

ڪافي سسئي ۱۱۱۷

ڪُل نبيان دا سر تاج محمد صہ
بحر عرف امواج محمد صہ

۱. "قاب قوسين او ادنيٰ" ميان
تيي اشرف شب معراج محمد صہ
۲. امت ڪيون غم ڪاوي
جين دي تون هين هويا لاج محمد صہ

Scanned by CamScanner

٣. سچو ڪون وت ڪوئي غم ناھي
لاتا سڀ احتياج محمد ﷺ

ڪافي ڪوھياري ١١١٨

اٿئي مون ۾ عيب اپار، سچڻ تنھنجي ٻانھڙي آھيان
ميان تنھنجي گولڙي آھيان
١. اوچڻ ڪنديس جي اڪيون
پتر ڪنديس وار
٢. ھِيءُ سِرُ صدقي تو تؤن
سِسيءَ ساڻ ڪپار
٣. پاندي پوري نہ ٿئي
ڪتيم سڀ چمار
٤. ساہ سچوءَ جو سوگھو ڪيڙو
رکي يارانو سو يار

ڪافي سسئي ١١١٩

اديون ڙي آھيان
ٻانھي ساپاروچي جي
١. ڏکيا سکيا ڏينھڙا
شال لعلن ساڻ لنگھايان
٢. ھينئڙي کي ني جيڏيون!
کھڙا سور سلايان
٣. وندر سندي وات تي!
چاھؤن سِرُ چلايان

Scanned by CamScanner

۴. وهان آءُ ڪيئن ويسلي
هو ويندا ڇو نہ ورايان
۵. ڪيهي پئي تا ڪيچ ڏٿين ڏي
سچو ميڙ سنياهيان

ڪافي سسئي ۱۱۲۰

جُهليو جن تي حال
انهن کي آءُ ڪيئن نہ سڃاڻان
۱. مجن ماضي ڪينڪي
نڪو استقبال
۲. لڪو ناهي لوڪ کؤن
اُنهن جو احوال
۳. جي مُون پڇو جيڏيون!
آهي ورهہ وصال
۴. ووءِ ووءِ ٻاجهون تن کي
نڪو قيل نہ قال
۵. سچو سُڃاتو تن کي
جنکي عشق ڪمال

ڪافي سسئي ۱۱۲۱

جي وٺي حب وڃن زي
اُنهن کي ڪيئن نہ سڃاڻان
۱. ڇڏي لاڳاپا لوڪ جا
پريان پنڌ پون
۲. ڏونگر سي ڏوريندين
محبت جن کي من

Scanned by CamScanner

٣. آيــل عــاشــقــن جون
ڪُوڪــان پــيــڙم ڪــن
٤. اديــون هِن ارواح ڪــي
تــاســف ڏنــو تــن
٥. **سچو** صــدقــي اُن تــان
جــي وٽــي درد ويــڄــن

جهولڻو سسئي ١١٢٢

مونکي ميڙين سگهو آڻين الله وو ميان ٻاروچا
١. اُنهن ڪارڻ ڪاڪيون! وڃهان ويڃاٽا وهنيان ٻاروچا
سانــول پــنــهــنجو ســرتــيــون ســونَ ۾ ســڃاٽــا
٢. ڀــيــهــر شــهــر ڀــنــڀــور ۾، آڻــين الاهــي
پــيــريــن پــئــي تــن ڪــي تــيــون صــلاحــي
٣. اوڏنــهــن آڏيء رات جا ڪــانــگــل اُڏايــان
جي پـري آهــيـان تـن ڪؤن تـاپـي سـنـديـن سڏايـان
٤. ڪــڏهــن مُڪــو ڪــونــڪــو، پــريــن پــيــغامــي
اصــل لاڪــون اُن جو، آهــي ســاه تــہ ســلامــي
٥. ڪــڏهــن ايــنــدم ســپــريــن، تــي پــوتــيــون پــٽــايــان
سچو ســوالــن ســان اُهــي ويــنــدا ورايــان

ڪافي سسئي ١١٢٣

وندر آهه ويندياس، وٽي اهو سوز سڄڻ جو
وٽــي اهــو پــور پــريــن جو
١. پــيــريــن پــئــي پِر جي، ڳوڙهــا ڳاڙيــنــديــاس

Scanned by CamScanner

۲. ڪاڻ ڪوهيارل ڪاڪيون! جهولا جهليندياس
۳. آهن ۽ دانهن سان، ڪرڳل ڳاريندياس
۴. ڀاڄهون ڀاروچل جي، ساٿيهہ ساڙيندياس
۵. ڀنهون وٺي تا ڀاڻ سان، اديون آڻيندياس
٦. ڀاڻ ڀنهنجو ٻور موڻ، ڇُنجين چاڙهيندياس
۷. سِرُ ڀانهنجو سرتيون! گهوريون گهوريندياس
۸. وٺي مُهار مَيَن جي، لوءِ ڏي لاڙيندياس
۹. **سچو** ڀاڄهون سوز جي، ڀيا ورق واريندياس

ڪافي سسئي ۱۱۲۴

ذاتي منجهہ ذات ڇپائي، بازي جا يار بنائي
۱. هاديءَ حقيقت حال جي، مونکي ساري سُڻائي
۲. سڀ ڪنهين ۾ سڄڻن، ڀنهنجي نؤبت وڄائي
۳. ڪاٿئين اناالحق جي، تن چوٽ تہ چلائي
۴. انا احمد بلا ميمي، اِها معني مڙيائي
۵. ڪاٿئين مسيتن ۾ ٿيو خاصو خدائي
٦. موت مڙهن وچ ۾، تنهن مالها ڦيرائي
۷. ڪاٿئين وٺ نہ وار جي ٿي، ڪاٿئين جدائي
۸. ڪاٿئين مٿي تخت جي، ڪاٿئين گدائي
۹. اندر ٻاهر هڪڙو آهي، صورت سيائي
۱۰. ڳالهہ نہ سمجهڻ جهڙي، پِرَ سيا سمجهائي
۱۱. ڪافر مومن هڪڙو، **سچو** ٻوڙج ٻيائي

ڪافي سسئي ۱۱۲۵

سهٽي سڄڻ سان نينهڙو لايوسي
۱. ورد پڙهيم ٿي وچ ۾ اديون ڙي! آڏو عشق آيوسي

Scanned by CamScanner

٢. سڀ وساريان ڳالھيون ڏسڻ سان، ڏاڍو پور پايوسي
٣. ٻَنِ وجھي ٻيون ڳالھڙيون، ڳلي ڳلي سو تايار ڳايوسي
۴. اول وقت عجيب جي، سرتيون ڙي! انھيءَ گھور گھايوسي
۵. **سچو** سَوَ مبارڪان! چاھؤن سِرتي برھ چايوسي

ڪافي سسئي ١١٢٦

دوســـــت دلاســـــو ڏجي
ڏاھـا ڏڪـويـن ڪـي مـيـان
١. اول لائـــي پـــوءِ نـــہ ڇنـــجي
پـــرت نـــبـــاھـــي نـــجي
٢. پرجھي ڏسج پرين پانـھنجو
ھيئن نـہ ڪا ٻُل ڪجھ ڪجي
٣. ڳالھيون منھنجون يار ٻاروچا
راتــو ڏيـنـھـان ھـن ھـجي
۴. ورھـ وارن ســان يــار ڏھـاڙي
ڏک يـــائـــي اچي تـــجي
۵. قاصد ايڏھن جا چون ائين مُون
ھـوت ايـنـدئـي اچ اجھـي
٦. ڏنگـاين ڏي ڏِسُ نـہ منـھـنجي
سڀ اوھـانـڪـؤن تو سجھي
٧. اچڻ ڪــارڻ ھــوت اوھــانـجي
سچو فـالان ويـنـو وجھـي

ڪافي سسئي ١١٢٧

ٻجي پاھڻ تي پاسي، متان ڏاڍو ڏک پويئي

Scanned by CamScanner

۱. پنهونءَ سندي پار ڏي، اسين تا پنڌ پياسي، ترس اهو مان ٿيئي
۲. ڇو ٿو مُهين پير مُئي جا، اڳهين نينهن نياسي، ڏک ويا ڏير ڏيئي
۳. رڻ ڙي ڏونگر حال سچوءَ جو، وندر جي اسين وياسي، ڇگيان پاٽيئي هوت ڇيئي

ڪافي ڪوهياري ۱۱۲۸

توڙي پنئي لڳئي سارو جڳ ميان تا ٻِي ڇا ٿيو ناهي منتا ۾ مطلب
۱. نفي، سِري خفي، توڙي جاري ٿئي قلب
۲. ڳالهين ڪئي ڪين ٿئي، منصوري منصب
۳. ڪاڻ تماشي ڪيترا پڇن پار عرب
۴. ڪري ڏڪارين ڪيترو، عالم ڪي ٻـ عجب
۵. نفل نمازان ورد وظيفا، اهو ڪوڙ ڪسب
۶. دائره دعوت جا قرين، ڪرين تسخيرات طلب
۷. ٻاجهون مهر الله جي، **سچو** ٿئي نـ سبب

ڪافي سسئي ۱۱۲۹

اري الوالو مونکي يارمليو، جيءَ جان جنهين سان جار لڳو
۱. لنگهيا اسان تؤن ڏينهن خزان جا، سرتيون اڄ بهار لڳو
۲. هُئا سين ڳولا جنهنجا اسين، ميان سو تا اڄ شڪار لڳو
۳. ڳلي ڳليءِ ۾ تال تماشا، ڇهڇٽو ڇوڏار لڳو
۴. رنگا رنگ بيرنگيءِ وارو، شهر بحر بازار لڳو
۵. اڱڻ اهي ئي پيهي آيم، بره جنهن سان بي اختيار لڳو
۶. ٻانهون ڏنيون ڳل يار اسانکي، نينهن جنهن سان نروار لڳو
۷. مرشد هاديءِ عبدالحق جي، وَتُ ڳُنيءِ پيزار لڳو
۸. **سچو** حجاب ويا هڪ ٿياسين، دمبدم ديدار لڳو

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ۱۱۳۰

اوڏانهن ون جي اچن زي جيڏيون اُنهن
آءُ ڪيئن نہ سجاڻا

۱. پريان سندي پار جيون، ڪيهيون ڳالهيون ڪن
۲. مون هن نماڻيءَ کي، دلاسا ڏين
۳. ساه منهنجو سرتيون! نيو نيا پن
۴. هي بُت بيراڳي ڪيو، ڪاڪيون ڪيچيئڙن
۵. **سچو** چونہ سُڏير تئين، تو هُتِ پاڻ پچن

ڪافي سسئي ۱۱۳۱

اڙي جيڏيون! منهنجو جيئڙو ونيو سڄڻ وجي

۱. چرخي مُنا تاڙيون، پينر سڀ ڪائي پجي
۲. درد منديءَ جي دل اهائي، مَتِ نہ ڪنهنجڙي مجي
۳. طرف تنهنجي يار **سچو** ري، سوز تہ پنهنجڙو سجي

ڪافي سسئي ۱۱۳۲

ڪيچيئڙن جي ڪاڻ، جيڏيون!
منهنجو جيئڙو جهڄي تو

۱. پريان سندي پار ڏنهن، الله اوتي آڻ
۲. چڏي شهر پنيور کي، هاڙهي ويندي هاڻ
۳. رُئڻ ڪؤن جهلن سيئي، رُئن اکڙيون اُڪاڻ
۴. جيءُ وڏائون جار ۾، ٻاروچاڻي ٻاڻ
۵. سگهو ايندو سپرين! پينر منهنجي پاڻ
۶. **سچو** آءُ تا آهيان، پريان جي ٻي پِرياڻ

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١١٣٣

جن لائـي تـوڙ نـبـاهـي
آءُ صدقي وڃان تن تئون
١. سڻابس آهي اکڙين کي
جن وئـي دل ورائـي
٢. ڀلي ڀاڄي پرين ڏنهن
اڄ اسـان ڏي آئـي
٣. راتـو ڏيـنـهـان آهـيـئـي
وات انـهـن جي وائـي
٤. ڏهـاڙي ڏسـڻ سـان
مـحـبـت آڳ مـچائـي
٥. ووءِ ووءِ وائـي وات ۾
سچوءَ آهـي سـدائـي

ڪافي سسئي ١١٣٤

وتـي خبـر خاطـي آيـو
خيـر صـلاح جي مـونـڏي
١. ڀـار ڀـنـيـور جي اڄ صُبـح تـا
هـو ڏڻـن کـي سـعـيـو
٢. طرف تنهنجي آهہِ اصل ڪؤن
روح سـنـدن جو رايـو
٣. نينهن جي نياپن ڇڻ اسانکي
مُحـبن سـاڻ مـلايـو
٤. تـيـان قـربانـي آءُ تـنـين تـؤن
جن نـيـنـهـن نـيـايـو

Scanned by CamScanner

٥. ايـنـدئي آهـي جن جي ڪـارڻ
ويـنـي تـو وِرهُ وسـايـو
٦. پـوي پريـن وٽ هاڻ تـنـهنجو
سچو ري پـنـڌ سـجايـو

ڪافي سسئي ١١٣٥

اهـي ڏوراپـا ڏيـئـي
مـوٽـي مُڪـايـار مـونـڌي
١. هُوءَ جا ڳالهڙي ڪالهہ ڪئي سُون
ڪـيـئـين وسـريِ تـو ويـئـي
٢. اسـان ٻـاجهون سُڻ ري عـاشـق
ڏيـنـهـن گـذاريـوَ ڪـيـئـي
٣. ڪـهڙيـن ڳالـهين ۾ تون آهـين
پرت منهنجي تو سان پيئي
٤. چيئي مُنجين تو هٿ پانڌين جي
حـال اسـان هـت هـيـئـي
٥. ڏوه گناه وو تنهنجا بخشياسي
سچو ري يـار سـيـيـئـي

ڪافي سسئي ١١٣٦

حيلا ڪـيم هزارين، مان ٽـڪن مُون وٽ رات
١. ڪـره قـطـاري هـلـيـا، بـودا پـلاٽـي پـريـات
٢. آءُ سُتـي هُو هـلـيـا، تـو ڏن جي ڪـيـو تـات
٣. سـور ڏنـائـون سُوڪـڙيـون، ڏڪ ڏنـائـون ڏاتِ
٤. پـريـن مـاڏي مـوڪـلـي، ڏانـهـن **سچو** سـوغاتَ

Scanned by CamScanner

ڪافي سسئي ١١٣٧

پاهڻ ڙي پرڏيهي، ناهي ايذائڻ توکي
ناهي واجب پرڏيهي ادا ايذائڻ توکي
١. ڏينديئي ڏوراپو يار اسانجو، وٺ توئي جي ويهي
٢. پير قيهين ٿو نِتَ نماڻي جا، ڳالهه ڪريان ٻي ڪيهي
٣. هي اُميد وو هُئي نہ توڏنهن، جبل ڪئي مون سان جيهي
٤. جيهي ڪندين ڪوه اسان سان، ڳالهہ ڪنديس هُت تيهي
٥. **سچوءَ** سڄاتو سنگ توئي ڪي، آهي عادت تو ايهي

ڪافي سسئي ١١٣٨

فاني تيندين چا
جهڙو آهين تهڙو هوندين
١. سُڌ پنهنجي سر جي
ڪامل پيرُئي کا
٢. آوازي اناالحق جي
ڳالهہ نہ سمجهئي سا

ڪافي سسئي ١١٣٩

اڄهي آيم هوت، منهنجي دل ديواني جن ڪيئي
١. هوندا اکڙين ۾ مونکي، تا پئينِ موت
٢. سرتين سرهائي ڏئي، قاصد وڃي کوتہ
٣. اوچتو لعل ....
٤. **سچو** سپرين سان، رتي هڌ ....

داستان چوڏهون ديسيءَ جي ڪافين جو

ڪافي ديسي ١١٤٠

يار دي ڪيتي جوڳڻ تيان. حال بره دا سنائون ڪيها
ڳالهہ هادي دي الاوڻ ناهين

١. عرض لوڪاندا ڪيها مئيڪون، دست سڄڻ دي پيان پيان
٢. ڪرين نصيحت مُلا نہ مينون عشق هادي دي ليان ليان
٣. آکڻ اساڏا رک نہ دل تي، مين ديواني تيان تيان
٤. وس اساڏا ڪوئي نہ آها، هوش ڪنون مين ڳيان ڳيان
٥. مهٽا تيڏا مشر هويا، سڻ رهيان سڀ سنيان سنيان
٦. **سچو** قناتان يار سڄڻ ديان، آءُ نيٽان تي نيان نيان

ڪافي ديسي ١١٤١

آءُ ڪي تا اوڏي آئي
جهاڳيا مُون جبل جال

١. سل ڙي ساتي ڪيچ ڪاتي تيو
ڪل الله لڳ ڏي تون ڪائي
٢. اوني ادا ڙي ٻُڌيئي ڪا
وري ورڻ جي هيڏي وائي
٣. شهر ڀنڀور ڏي ڀيرو ڪندا ڪو
ڏاڍي اسان سان هوت لائي
٤.اڱڻ تنهنجي سُڻ **سچو** ري ميان!
جاني اچي تو رات جائي

ڪافي ديسي ١١٤٢

ڪندي آءُ ڪوه رهي رهي
الله جيڏيون! هتي هوتن ري

Scanned by CamScanner

۱. انـــدر وره وڌـــاڻ ڪـيـــا، مـيـــان
لـؤن لـؤن مـنـجهہ لـهـي لـهـي
۲. چڙي شهر وي ميان پنيور ڪي، پلو ميان!
ويـنـديـس ڪـيـچ ڪـهـي ڪـهـي
۳. ڪونهي منهنجو وي ميان ڪوهيارل ري الله
ســـرتـــيـــون! هِت ســـهـــي
۴. قول پاريندو ني وي ميان پانهنجا، پلو ميان
پـــاروچل پـــهـــي پـــهـــي
۵. **سچو** گڏيم وي ميان سات جا پلو ميان!
پـنـڌن مـنـجهہ پـهـي پـهـي

ڪافي ديسي ۱۱۴۳

پاڻ سجاڻڻ آيو ڙي سڄڻ، پاڻ سجاڻڻ آيو
ڪـم نـہ هـئـڙس ڪـو پـيـو
۱. پاٽؤن چاٽـي پاڻ سان، هِت لؤن تا لائڻ آيو ڙي سڄڻ
۲. عيش منجهارون نـڪـري ميان هِت، وره وسائڻ آيو ڙي سڄڻ
۳. سولـيءَ تي مـنـصـور ٿـي هِت، سر سلائڻ آيو ڙي سڄڻ
۴. مـصـر جي بـازار ۾ هِت، مُلهہ وڪـامڻ آيـو ڙي سڄڻ
۵. **سچو** ري سـنـسـار ۾ هِت، پـيـر گـهـمـائڻ آيـو ڙي سڄڻ

ڪافي ديسي ۱۱۴۴

آوڻ دي ڪوئي يار نون هوئي، آوڻ دي ڪوئي يار نون
۱. آءُ ري ساتي هجر ميڏي دي، ڪائي آگهہ هئي دلدار نون
۲. چشـمـان تـي چُم چاوڻ اسانُون، پيران دي پـيـزار نـون
۳. دارو اِهـو ديـدار سڄڻ دا، بـرهـي دي بـيـمـار نـون
۴. **سچو** دا اهـو ڏيوين سَنيها، ساتـيـان دي سالار نـون

ڪافي ديسي ١١٤٥

پـريـن سـان پـٽ پـري

ڙي جيـڏيـون! مـنـهـنجي

١. دعا ڪريجو جيڏيون!

وري ســوهـــوت وري

٢. ڏونـگـر مُـون ڏورائـيو

ســـنـــدي ذوق ذري

٣. صحي سڃاتم پاڻ ڪؤن

پُـنـهـون نـاهـي پـري

٤. تون ڪيئن سري سپرين!

تـوريءَ مـون نـہ سـري

٥. راتو ڏينهان سگ **سچو**

ڳڻ ڳايـون پـيـو ڳري

ڪافي ديسي ١١٤٦

ڪـڏهـن اَلاجي ايـنـديـن

پـيـهي پچڻ پـنـهون يـار

١. پـاڻ پـنـهـنجو پاڻـهين

سـاڻ غريـب گـڏيـنـديـن

٢. پـڪا پـڪـن سـامهـٽـان

اوري شـــال اڏيـــنـــديـــن

٣. اهـــو اٿـــم آســـرو

چـپـر تـانـہ چڙيـنـديـن

٤. سـگ پانـهجي دَرَ جـو

سچو نـانءُ سـڏيـنـديـن

Scanned by CamScanner

ڪافي ديسي ١١٤٧

پـــاڻ پـــنـــهـــون آءُ آهـــيـــان
اڙي پـيـنـر پُلي نـاهـيـان
١. ٿيو ٿيون مُنڪر ڳالهہ انهيءَ ڪؤن
چئو پيو تڏهن چاهيان
٢. ڪـيـچ پـنـيـور بـي وَسُون اسـانـجي
ڪهڙي طرف آءُ ڪاهيان
٣. هـرڪـو چوي تـا سـهـسـين عـاشـق
نانءُ پاڻ ئي تؤن لاهيان
٤. هِت هُتِ آهي ميان صورت منهنجي
ٿاه نـڪـو پـيـو ٿـاهـيـان
٥. پنـهـنجو پاڻ ئي ساريان **سچو** ري
نـيـنـهـن اهـوئـي لايـان

ڪافي ديسي ١١٤٨

مـــون ســـاري ســـڄاتـــي
بـــازي بـــازيـــگـــر جي
١. مستيءَ مؤن منصور جو
سُورهيہ ٿئين جي تون جماعتي
٢. سُورهہ بـاسج سِرتـي
تـون ڪُسڻ جي ڪـاتـي
٣. غيـر نـہ آڻـج وچ ۾
آهـين ظـاهـر تـون ذاتـي
٤. متـان پـائـين پـاڻ ڪي
تـــون **سچو** صـفـاتـــي

Scanned by CamScanner

ڪافي ديسي ١١٤٩

مونکي هيئن نہ ڇير ڇڏ، ڙي اڙي پلو پنهڻ يار

١. پرين پاڃاڻي پانهنجي، گولي گولن گڏ ميان

٢. تون تا صاحب سپرين! هيءَ ڏهارڻ ڏڏِ ميان

٣. آءٌ اوهانجي آهيان، هون هئون هڏ ميان

۴. تنهنجي صاحب سپرين! شال نہ سڪان سڏِ ميان

۵. جايون جانب پانهنجيون، اکڙين ۾ اڏِ ميان

٦. **سچو** سڀ لاڳاپا لاهي، پٽي لعلن لڏ ميان

ڪافي ديسي ١١٥٠

آءٌ اوهان تؤن گهوري

اڙي ڪيچيو ساڻ نيجو

١. راتو ڏينهان روح ڪي

آهہِ اوهانجي جهوري

٢. دام وڌيوَ دل ڪي

هن ڏکن جي ڏوري

٣. وهان وهڻ نہ تئي

ڏاڍي ساڻايوَ لوري

۴. ڪرڻ مناسب ناهِ تان

ساڻ ضعيفن زوري

۵. **سچوءَ** سندي ساه ڪي

سندوَ سڪ سڳوري

Scanned by CamScanner

داستان پندرهون مومل ۽ ڪيڏاري جي ڪافين جو

ڪافي مومل ١١٥١

ولهـا وري آءُ، مونکؤن موت نہ ميندرا

١. مـيـان مـون کـؤن نـہ مـتـين، سـوڍل سـائـين سـاءُ
٢. شانـن سان وو رکي شريکـت، هيءَ کميني کاءِ
٣. هــو جو اچي ڍٿ ڏنـــهـــن، وٿــي اُهــو مــون واءُ
٤. هيءَ هيءَ هن جي حال جو، لهہ سائين لڳ سماءُ
٥. **سچو** کنـدا سي سگـهڙو، پاٽـؤن چاٽي پـرچاءُ

ڪافي مومل ١١٥٢

آءُ تـا ڏيـهـاڙيـون زارو زار، سـاريــو روان ٿـي
هِت ڳالهڙيون گهٽيون گهٽيون کريون کريون

١. ڪـڏنـهـن هُـيڙوَ سـپـريـن! پـاچاٽين سـان پـيـار
٢. کـامـل آهـيـان کـاک کـؤن، تـو بـنـان بـيـزار
٣. ايـنـدو هُئين اڌ رات جو، کـاهـي کـرهـہ سـوار
٤. مـاري مـونـکـي مـيـنـڌرا، ولَـهـا هِيءُ ويـچـار
٥. وسـي تـنـهـنـجي وِرہَ جو، بـادلُ هِت بـسـيـار
٦. ڏِسي وڏ وڙائي تانهنجي، هو ڏکيءَ کي ڏهـکـار
٧. **سچو** سگ اوهانجو، تـهـن ڏي نـيـڻ کـٽـو نـروار

ڪافي مومل ١١٥٣

آءُ تـــا روز رُوان ســاريـــون
سوڍا ٿُهنجيون ڳالهيون ڪيتريون

١. ٻُڌي ورج ولـــــــــهـــــا
زور مـــنـــجهـــيـــون زاريـــون

Scanned by CamScanner

٢. سڪ سنديوَ ڪيون ڪيتريون
جيءَ انـــــدر جاريـــــون
٣. راڻـــا رُســـڻ تـــنــهــنـــجي
ڪُوڪـــان هِت ڪـــاريـــون
٤. ويـتـي ڳرهـيـان ڳالـهـڙيـون
هـــنـــجون هِت هـــاريـــون
٥. ســـچو سهندا سپرين
عـــاجز جون آريـــون

ڪافي مومل ١١٥٤

حال منهنجي هاءِ هاءِ، وو
توريءَ لهن هي ڏينهڙا ڏينهڙا
١. آهــي هِن احــوال تـــي
ولـــهـــا تـــا واءِ واءِ
٢. دوست تنهنجي ديس جي
اُڪـنـڊ اسـانـڪـي آءِ
٣. ڏسيون ڏهاڙيون رُوان
جانــب تــنــهــنــجي جاءِ
٤. ڪاڪ نہ لڳي ڪَسِ مون
سوڌل تـنـهـنـجي سـاءِ
٥. سـوڌا سـتـاري ڪـري
پـيـر اگـڻ مـنـهـنـجي پـاءِ
٦. درد منديءَ جُون دانهنڙيون
والـــيءَ لـــڳ ورنـــاءِ
٧. سوال سچوءَ جا سپرين!
لالـــن دل ســـان لاءِ

Scanned by CamScanner

ڪافي مومل ۱۱۵۵

اڱڻ نماڻيان دي آيا، وو جاني
جيءُ اساڏي نال جليندائي
۱. پهلي ڏينهن مين اپڻي سرتي
ورهي مينهن وسايا
۲. ڏسُ سڄڻ دا ڏيهين پوندا
مين اتان درسن پايا
۳. پهي پوڻي نون مين آگ جلايا
چرخا ول نه چايا
۴. اپڻي مينون سُدِ نه هوئي
مين لڳين مُشڪ نه لايا
۵. اپڻا ڪرم وو ڪيتوني
ڪيڏا ٿيا **سچو** بخت سوايا وو

ڪافي مومل ۱۱۵۶

مونکي ڪانڌ بنان هي ڪاڪ، ووءِ ووءِ
ڪوڙي آهي ني وو ڪاڪيون هوءِ هوءِ
۱. سوڍل پاجهون سرتيون! هي مري ٿي مشتاق
۲. منهنجو ساهه سُڌير ٿئي، اچي جي اوطاق
۳. سقري آهي سون ڪوُن، خاص ڏٺ جي خاڪ
۴. سُڌ اچي لهه تنهن جي، چُور ڪئي چؤطاق
۵. وجهي ويچاريءَ ويو، اديون ري اولاڪ
۶. تن **سچوءَ** جو عشق اوهانجي، چيري ڪيڙو چاڪ

Scanned by CamScanner

ڪافي مومل ١١٥٧

پئي پيش پرين کي پاڻ
آءُ چونديس هلي حال هي
١. توتؤن آهي ميندڙا
ڪاڪ ساري قربان
٢. دل کي ديوانو ڪيو
هيڪر تنهنجي پاڻ
٣. ناميا ڏسج ننگ ڏي
آءُ تا ٿيس اڇاڻ
۴. آندم هيٺ عتاب جي
سچو پنهنجي چاڻ

ڪافي مومل ١١٥٨

منهنجو سوڏل سارئي ساه وو راٺا
رُسامن سان ماريئي ووي يار ري
١. ويٺي ڪڙهان ڪاڪ تي، آڻيندوءِ الله
٢. هِيءَ مُئي جا ميندڙا! توکي ڪيهو پرواه
٣. سندو اڇڻ تانهجي، روز نهاريان راه
۴. گهر اوهانجي ٿي گهران، چت اوهانجو چاه
۵. مهر مٺو تو ناه ڪو، جيڪس هنجو بخت سياه
٦٦. ڪوڏؤن قرباني ڪري، **سچو** ساه پساه

ڪافي مومل ١١٥٩

مونکي تنهنجي سار سنيار
وو چڏ رُسامان تون آءُ منهنجا يار ري

Scanned by CamScanner

١. ڏوه نہ ڪوئي تو ڏيان
آهي مون ئي سر ميار
٢. سڪ سوراخان مون ڪيا
هينئڙي منجهہ هزار
٣. موت مران ٿي مينڌرا
برهي چاڙهيئي بار
۴. ويتي ڪري ڪاڪ ۾
هيءُ ويچاري ويچار
۵. **سچو** سيئي آئيا
جي دل گهريا دلدار

ڪافي مومل ١١٦٠

ڏاڍي دي نال زاري، وو
اسان غريبان دا حال نہ ڪوئي
١. مين اياٽي نينهن کي چاٽا
بره چاڙهيي ني باري
٢. ابرو مزگان تير وسائيندي
چشمان چوڌس چاري
٣. چلنگيان وو چڙواڳ حُسن ديان
چڙه وتن چوڌاري
۴. شاهان نون شهہ زور مريندِيان
مين تا ڪؤن ويچاري
۵. دؤران دؤر پوندي آوي
قاتل فوج قهاري
٦. **سچو** ٿيُ صدق تنهان تؤن
جنهان ڪيتي جندُ پياري

Scanned by CamScanner

ڪافي مومل ١١٦١

راڻـــي ســـندو راز
مونـسان ڪـيڏو ئي آهـِ
١. ڪاڪيون آڏو ڪانڌ جي
نتــو وٽـــي ئـيــاز
٢. ٻانهان ٻانهن جان ٻڌي
ڪـــرڻ نِتُ نـــيـــاز
٣. هيء هيء آهي حُسن جو
مـــاريـــون غـــم غمـــاز
٤. سچو پرياڻ پرين جو
آهـــي ســـاڻ ايـــلاز

ڪافي مومل ١١٦٢

مـــيــــنـــڌرا آءُ مـــيـــان!
هت وينـي ڪـانگ اڏايـان
١. تـو سارينـدي سپريـن!
هـــت ســـوڏا ســـاه ڏيـــان
٢. راڻـــا رتـــي راز جي
ڪـــاجا آهـــي هِيـــان
٣. ڪامل ڪنڌيء ڪاڪ جي
آءُ جانـــي ڪـــئـين جيـــان
٤. شـــال اوهـــانـجو اڱـتـي
سچو نـــيـــنـهـــن نـــيـــان

ڪافي مومل ١١٦٣

سانون رهڻا ديس تساڏي، نال هادي دي ڦرڻا ڦرڻا
١. ڏونهان پاءِ ڪي در تيڏي تي ميان! ٻول ڪي ٻانهپ ٻهڻا

Scanned by CamScanner

۲. طعني تُهمت سڀ لوڪان دي، سر تي سارا سهڻا
۳. گلا غيبت ناٺ تيڏي دي ميان! خاص ڳلي وچ ڳهڻا
۴. **سچو** ساعت دور نہ تيوي، واعدي أتي وهڻان

ڪافي مومل ۱۱٦۴

هَي وي سئيان ويل اهائي، گذر گئي رات سپائي
۱. دوست مظاهر دي وچ آيا، آپ ڪنون چا آپ لڪايا
رنگان وچ ڪوئي رنگ ڇپايا وه جا بازي يار بنائي
۲. وه جو ڪيها پير بنايس. تعجب جيها جو رنگ لايس
شاه هويا هُڻ چاڪ سڏايس پير حقيقت هي سمجهائي
۳. جاڏي ويکان تاڏي ماهي، ذات صفات جا هڪا آهي
گم تئي هت شاهنشاهي اندر ٻاهر اها وائي
۴. انا احمد آپ الايس. من رآني دم صحي
وچ درازين پير گهمايس **سچو** تنهن تهون پائي

ڪافي مومل ۱۱٦۵

ڇُرڻ ٻُرڻ وارو ڪير، هيٺ
ڳجهارت ڪوئي پڇي
۱. ڪير چوي تو ڪير ٻڌي تو،
هيٺ ڀينر عجب جيهو پير
۲. سُڌ تنهنکي سر انهيءَ جي
جي ڪوئي پائي ايڏنهن پير
۳. گم تيڻ بنا ڪوئي نہ لهندو
گهٽ انهيءَ جو گهير
۴. يار يگانو **سچوء** سان تو
ڪري سريرون سير

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١١٦٦

محبوب ڳولي ڏس من ۾ الله!

١. واه ڪاريگر ساز بنائيُي، ڪن فيڪون جي ڪُن ۾ الله
٢. بي فائدو بازار گهمين ٿو، گل قل باغ بدن ۾ الله
٣. ڇوري ڇوري سير ڪرين ٿو، تنهنجو چاهه چمن ۾ الله
٤. **سچل** سائين صحي ڪر ڄاتم، يار ڏٺيو ڪک پن ۾ الله

ڪافي ڪليان ١١٦٧

محبوب منو آهي من ۾، معشوق منو آهي من ۾

١. بي فائدو بازار گهمين ڇو، اٿئي بلبل باغ بدن ۾
٢. ٻيائي سان تو ٻاهر ڳولين، اٿئي بربحر ۽ بن ۾
٣. چارا ڇوري، چليو ڏسين ڇو، اٿئي سو چاند چمن ۾
٤. زلف زنجير ڪؤن زاهد ٻڌا، اُهي ظاهر پرست ظنِ ۾
٥. عاشق سوين احوال ۾، آکن اَنا الحق آنَ ۾
٦. ست زيور سينگار ڪري ني، دوس تہ آيو درسنِ ۾
٧. ڪل يوم هو في شان، آيو ورنهہ هر ڪنهن ونَ ۾
٨. ڇيديون تا چار اٿو ميان، پرين پيارل پن ۾
٩. دلبر ديرو دائم دل تي، ڇو ديکين درپن ۾
١٠. ڪر ٿيو آهين ڪين سُٽين ٿو، اٿئي قُدسي ڪلام ڪن ۾
١١. مرشد ڪامل سانول سپرين، آيو صاف صحن ۾
١٢. فيض فاروقي فائق بخشيو، فهمائي هِن فن ۾

ڪافي ڪليان ١١٦٨

جاڳ جاڳ جند جانيان، ٻلا جيئڙا هيئي ننڊ اجائي

١. جائي ننڊ جي نال صحبت دي، سائين ننڊ سجائي
٢. فذڪُروني اذڪرڪم يارو، انهين ويساه وڃائي

Scanned by CamScanner

٣. جائي ننڊ جي نال غفلت دي، سائي ننڊ اجائي
٤. دم حياتي يار **سچو** دي، بنان سو بره بيجائي

ڪافي ڪليان ١١٦٩

ڊولڻ سائين نهين دليان ڪنون دُور، رانجهن سائين

١. لُون لُون دي وچ ماهي، نيٽاندي وو حضور
٢. هردم حاضر تا هئين، يڪ مُو فرق نہ مُور
٣. ڏس اهوئي هادي والا، نور اعلىٰ نُور
٤. بات بره دي آکڻ مشڪل، **سچو** رهڻ صبور

ڪافي ڪليان ١١٧٠

ڪردئين لک قبائين تون، يار الا الا وو يلا يلا

١. تون هيئين منصورسڏاوين، اناالحق فرمائين تون
٢. آپڪون آپ سڃاڻ جو ٻينئين، شاه گداءُ سڏائين تون
٣. ڪڏهان ڪريندئين ڪم سگهيري، ڪڏهان مدت تي ترسائين تون
٤. ڪڏهان نڪالان عرض ڪريندئين، ڪڏهان سرچاوين تون
٥. **سچو** مُول نہ پاسي آها، آکين تون اکوائين تُون

ڪافي ڪليان ١١٧١

مُڪڙا يار ويڪائين تون، چڱا ٿيوئي شال يلا ٿيوين سانون

١. نِتُ نِتُ وي نانءُ الهہ دي، هر دم ڦيرا پاوين تون
٢. هووين هميشه يار اسان ڪيني، هڪدم دُور نہ جاوين تون
٣. تيڏي ڪيتي ڪسديان وتديان، اگڻ اساڏڙي آوين تون
٤. نال تساڏي هوءِ جي رهيان، چِتُ اسان نہ چاوين تون
٥. نال **سچو** دي سُهڻا سائين! نوين نوين غمزي لاوين تون

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١١٧٢

ساڏڙا يار سڏائين تون، وو شُڪر آکان الحمد آکان

١. تيوان قربان تُسان تون، نؤ نؤ حُسن وڪائين تون
٢. حال اساڏا ڏيک ڪراهڻ، مُنجندئين لک دعائين تون
٣. عشق ديان چٽڪان چوڙيندئين، سوهزار هوائين تون
٤. روز بروز جو مُنجدئين ساڏهون، نويان نويان سروپاوين تون
٥. سيني دي وچ يار **سچو** دي، هکو هک سمائين تون

ڪافي ڪليان ١١٧٣

رُخ رانول يار ويڪائين تون

آوي چڱا تيويئي شال ٻلا تيوئي
خوني چشمان نون ڪريندِيان
تير تکي چٽڪائين تون
عشق ڪيڏي اتڪاءِ ڪي دلبر
ٻره ڏاڍا ٻچائين تون
ڏيکڻ سيتي مشتاقان نون
ديدان نال دٻائين تون
اوڳڻ ڏهون ڏيک نہ ميڏي
پير اڳڻ ول پائين تون
نانءُ هادي دي نال **سچو** دي
ڳجهيان رمز رلائين تون

ڪافي ڪليان ١١٧٤

هر جا حڪم هلائين تون

ووني يار ٻلا وو ٻلا
١. جوڳي تي ڪر جڳ وچ آکي
انگ ڀيوت رمائين تون

Scanned by CamScanner

۲. رنگا رنگي ويس جو ڪرڪي
چير آتان چمڪائين تون
۳. جوبن جلوه ڪرڪي آندئين
آپي نچين نچوائين تون
۴. نعرا مار اناالحق والا
برسر دار چڙهائين تون
۵. آپڪون آپي ڏيکي ڏکالي
سچو نانءُ سڏائين تون

ڪافي ڪليان ۱۱۷۵

توهِر تند تنوار
ٻڌين نثي ٻوڙي الا
۱. ڳالهہ اِهائي ميان ناهي سلڻ جي
خرچين سولک هزار
۲. ساتيڙن ميان ڪيا هي سڏڙا
لاهي سڀ ميار
۳. دم غنيمت جا هت آهن
ڏينهن دنيا ۾ چار
۴. **سچل** آهي عشق منجهاروُن
تڳان تنهنجي تار

ڪافي ڪليان ۱۱۷۶

هک رانجهو ساڏي نال
ڪيڙا ڪيا ڪراسين ميان
۱. ڪڏهان لاڪرناحق پئي وو ميان
اوڙا پاڙا ميڏي خيال

Scanned by CamScanner

٢. غرض اساکون لوکاندا کيها
نـال جانــي ســاڏي جــال
٣. نــال اســاڏي سُنـوري ســنـيــان
ڳجهي رانجهودي سا ڳالهہ
۴. رانجهو دي کارڻ کيئي سِکديان
نـا مـئين هـيـر سـيـال
۵. ڏون ڏون بيعان کيها کريندي وو
هــکــوبـــيــع بـحـــال
٦. **سچو** نہ حاجت عرض کرڻ دي
ميڏي سا کيهي مجال

کافي کليان ١١٧٧

يــار ڏاڍا رنــگ رســائـين تــون
وو تـين اُتـي مين صدقـي ٿيوان
١. جوڙ سينگار کي بن ٺن آئندي
فـوجان حُســن چڙهـائـين تـون
٢. چيرا جوڙکي سِر دي اُتـي
کــر جنــســار وکــائـين تــون
٣. مشـتـاقان دي مارڻ کيتي
اکــيـــان بــاز بــنــائـين تــون
۴. کرکي ويس ويڙهاکيان والا
چٽــگــان چره چلاويـــن تــون
۵. اپٽي حال دي ڳالهہ سيائي
سچو کُون ســمــجهــائـين تون

Scanned by CamScanner

ڪافي نٽ ڪليان ١١٧٨

تُسان ڏِسندي هو بديان ميريان، اسان تا ديواني

١. حال اساڏا معلوم تيڪون، بره چاڙهيي اهي باني

٢. تسان مريندیان هو سيئي سياليان، ٿوڪان ڪيئي لک طعني

٣. اپڻي سِر تي سيي چاتم، نينهن دي اها نشاني

٤. **سچو** جيهي در سايان تي، هوسن ڪئي وي مستاني

ڪافي ڪليان ١١٧٩

ڪروڙين لک پڙه پڙه ڪي تيڪون سرسات ڪيا ڪيتا

نمازان پڙه ڪي روزا ڏر اسي طاعات ڪيا ڪيتا

١. ڪيا نفي ڪيا روحي ڪيا سري

ڪيا خفي دين درجات ڪيا ڪيتا

٢. مڪي ڪي طرف حاجي هوڪي زيارت مُقبران ڪيتي

چلي بيت المقدس ڏهون ڪعبہ قبلات ڪيا ڪيتا

٣. گلين دا پوش ڪر پنيئي تہ مين صافي سُون صوفي هون

مڪر ڪي تاج سر پهري دغل دلقات ڪيا ڪيتا

٤. رجاعت خلق ڪي ڪيتي، وظيفہ ورد پڙهندائين

گهتيندئين مُک اُپر برقعہ اهين رُجاعات ڪيا ڪيتا

٥. ڪيهي سُوره بنائيندئين، ٻنڌائيندئين بند حرفت دي

ڪهي هر ڪوئي اچا فُقراهين حرفات ڪيا ڪيتا

٦. شرف شاهي دا گم ڪيتئي، قدر اپڻا نہ چاتائي

اڪيندئين لااله الاالله نفي اثبات ڪيا ڪيتا

٧. مُنائيندئين وال ڏالهي سي، پهريندئين هاٿ ڪا چوتا

ڪُلهي پرچائيندئين ڪُتڪي اهين فعلات ڪيا ڪيتا

Scanned by CamScanner

٨. جماعت جوڙڪي ڀينئين اسلي لوڪون ٻتائيندئين
ڪيا مَسلي مسائل ڪيا، اهين جماعات ڪيا ڪيتا
٩. تہ ڪٿ اچا ڪسب هوتا ڪيا ياروري انحد هئي
ديڪا ٿُم نُور ڪا شعلا تہ هم تجلات ڪيا ڪيتا
١٠. ثناسي بن يقينا ڪر، نہ تيسي حاصلات ڪائي
ڏوجهي حيلاگري هوسي ادب اوقات ڪيا ڪيتا
١١. **سچو** سِرُ آپڻا چاڻين، پڇاڻين آپڻي صورت
تو ٿُم ڪياهوڪيا هو تم دگر ڪرامات ڪيا ڪيتا

ڪافي ڪليان١١٨٠

مُون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن
١. اسان نماڻن تؤن سُهڻا سائين! هٿ متؤن متان لاهين لاهين
٢. آءُ ڪنيزڪ تون تا سائين، سگ نہ تنهن سان ڪو ساهين ساهين
٣. ڪڏهن آرامي ڪرين اسانکي، ڪڏهن ٻچين تو باهين باهين
٤. ڪڏهن منصوري دم اناالحق، ڪڏهن ڏسين تو ڦاهين ڦاهين
٥. حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تا ناهين ناهين
٦. استغفرالله ڳالهہ اهائي، جو ڪجهہ مونسان تونْ ناهين ناهين
٧. **سچو** جي عاشق آهين اسانجو، تَج نہ درد جو دانهين دانهين

ڪافي ڪليان ١١٨١

تيڏي ناز نماڻياندي مين ماريان، تيڏي ناز .
١. مشتاقاندي مارڻ ڪيتي، شوقي چڙهن شڪاريان
٢. چشمان تيڏيان گل گلابي، خوني ڦرن خماريان
٣. عشاقان نون آءُ ڪرا هُڻ، مارن ڪجليان ڪاريان
٤. غمزي رمزي ڏاڍي لڳڙي، تيوان وارڻ واريان
٥. اڳوڻ سُهڻياندي سڻ **سچو** سائين، پاءِ پلؤ ڪر زاريان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١١٨٢

عشق تيڏي دي مين ماري، نِتُ نِتُ ڪران زاري

١. اڳڻ اسا ڏي وي آوين پيارا آءِ ڏيوين دلداري

٢. مين تا تئين تؤن وي سُهڻا سائين! تيوان وارڻ واري

٣. مستي ڏيڪي ڪيون تون دلبر، لاءِ ڪڙا هُڻ ياري

٤. چشمان تيڏيان چيتڪ لايا، خوني ڦرن خماري

٥. بره تساڏي ميان بخشش ڪيتي، **سچو** ڪُون سرداري

ڪافي ڪليان ١١٨٣

هُڻ آيا سڄڻ آيا

سؤ ڪريان شُڪراني

١. ڪتلي مدت ماهي ٻاجهون

وِرهه دا مينهن وسايا

٢. معاف ڪيتا نهين سنيان اسان ٿون

جي ڏک وچ ڏينهن لنگهايا

٣. آپي چاٽي رانجهن سائين

جهنگ دا پنڌ پچايا

٤. جوڳي هوڪر نال مهر دي

تنهن **سچو** دا ڀاڻ وسايا

ڪافي ڪليان ١١٨٤

رهڻا راوي دي ڪنار

رانجهو نال ٻهڻا

١. جهنگ سيال ڀي چوڙ ڪرا هڻ

ويسُون تخت هزار

Scanned by CamScanner

٢. مئينون ماهيدا سنوري سنيان
نينهن لڳا نروار
٣. ابر اکيندا اينوين سو وسدا
جيوين سي ميگهہ ملهار
۴. ٻيلي ويسان ماهي والي
تر ترينديان تار
۵. اگڻ **سچو** دي رانجهن آيا
کر جوڳياندا جنسار

ڪافي ڪليان ١١٨۵

ڪذهن اسانوٹ ايندا
کهہ ڪانگا پرڏيهي
١. هوندا اسان وٹ هوت هميشه
وري پوءِ نہ ويندا
٢. ڪندا آرامي روح اسانجو
وري ڪي ٻره ٻچيندا
٣. هجر فراق ني معاف ڪنداسي
کي ڏاڻ ڏکيءِ کي ڏيندا
۴. پکا پکن سامهان
کي اوڏا دوست اڏيندا
۵. مُنهن مقابل محب مونکي
کي **سچو** نانءُ سڏيندا

ڪافي ڪليان ١١٨٦

لَوَن وِچي ڪيئن لايَوَ، پرين چاتَوَ پرديسي
١. پِر پَروڏوَ ڪين سهيليون! تيلهان آڏو ڏک آيوَ
٢. ڏينهن گذريو غم انهيءَ جي ۾، ڳالهہ جنهين جي تي ڳايوَ
٣. دانهون فريادون ڪرين ڇو هاٹي، سڪ **سچو** سيبايوَ

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١١٨٧

انهان اکيان نُون سنيان مين تا آک آک رهيان

١. ويڙهي پرائي وي ميان وره وهاوڻ، پڙ تڳان دي ني پيان
٢. آکڻ ميڏي تي لڳديان ناهين، شرم حيا ڪنون ڳيان
٣. مصلحت ڪنهن دي مُول نہ منديان، ڏونهين ديوانيان ٿيان
٤. جهليان پليان نهين سي رهنديان، تاه اهين وچ تهيان
٥. **سچو** نماڻان ڪيا ڪريسين، جو آپ آتان وچ رهيان

ڪافي ڪليان ١١٨٨

لؤن مُون سان جا لايوَ يار، ويڙهي هن ويهي

١. درد منديءَ جي دلڙي دلبر، گهوٽ اکين سان گهايَوَ
ڳالهہ ڪريان ٻي ڪيهي
٢. مشتاقن کي مُحب مارين ٿو، تڪ اهائي آيوَ
جيهي وٿيو ڪيو تيهي
٣. ڳالهہ انهين جي سُڌ نہ مون کي، پاڻ پرين پُرجهايوَ
رمز ڳجهيءِ دل ريهي
٤. پارؤن پنهنجي ڪيئي قاصد، هن ڏي هوت هلايوَ
ڏيهہ گڏيا چڙ ڏيهي
٥. دل **سچوءَ** جي دلبر سائين! دردن ساڻ دپايوَ
نينهن اوهانجڙي نيهي

ڪافي، ڪليان ١١٨٩

هوئي وو تساڏي نال زاري
لاهہ حجاب تون مُکڙا وکاوين

١. قسم سائين دي ميکون
تيڏي هڪالٽيجي ياري

۲. اڱڻ اسان وو نماڻيان دي
آوين ڍولڻ هڪواري
۳. هجر تساڏي کاهل کيتا
دوست ڏيوين دلداري
۴. نانءَ ڏٽي دي دوستي دي وچ
گهتين نه دلبر گهاري
۵. زُهد عبات تقويٰ کنون هُڻ
بره کيتي بيزاري
٦. جلوه ڏيک جمال تساڏا
عشق کيتي اظهاري
۷. کتلي توڙين چپسين يارا
هوءِ هوءِ حُسن هزاري
۸. آگهه حال احوال دي تيکون
آهي سچو دي ساري

کافي کليان ۱۱۹۰

کيئي ڏک جا ڏينهڙا لنگهايم
سُڻ تو بن منهنجا سائين
۱. ڳالهيون کندي مُون کيئي سر تي
ڏک جا مينهڙا وسايم
۲. پرين اوهانجي پار جا تي
ڏهاڙي پند پچايم
۳. سک اوهانجي سپرين ميان!
سارائي سُور سلايم
۴. سچل سيئي آئيا جن لئي
فالان روز وجهايم

ڪافي ڪليان ١١٩١

جو هوءِ ورونهن وارو، جيجان ڳڌيم سو تا جوڳيئڙو

١. اڳين ڀوئين ڳالهہ جو، خيال سليائين سارو
٢. سُورن جي سوغات سان، آيو اوڏنهن وٽجارو
٣. ڀسڻ سان پيدا ٿيو، سيني منجهہ ستارو
٤. صورت تنهنجي سقري، مشعل مُنهن موچارو
٥. جُڙي ويتو جان ۾، برهہ انهيءَ جو بارو
٦. آهہ **سچوءَ** جو سرتيون! اهو اکين جو اجهارو

ڪافي ڪليان ١١٩٢

مين رانجهو هڪ ٿيسان، ڪيڙا سَٽِ گهتيسان الله

١. ظاهر ناهي جڏهان ذات ڪيڙاندي، تڏهان عشق رانجهو دي ريان
٢. در رانجهو دي مين وڪاڻي، ڪيهان اسان تي بيعان پيان
٣. جِنهان دي آهس روز ازل ڪنون، پُڪي انهاندي مين پيان
٤. غرض ڪنهاندي سانون نہ ڪائي، هوش ڪنون مين ڳيان
٥. دعويٰ اسان تي ڪنهندي نہ لڳدي، سُٺو سيي تسان سنيان
٦. ڪيون وهائيندئين سُڻ **سچو** ري، نديان نيٽون نيان

ڪافي ڪليان ١١٩٣

تون تا پهنجو پاڻ پَساءِ

شوق تنهنجو مونکي يار شفيع

١. هن جي اکڙين ۾ اچي

جوڙي ويهج جاءِ

٢. ناميا ناءُ ڏٺي جي

پير اسان وٽ پاءِ

Scanned by CamScanner

٣. اڳي پــوءِ بـــي آســـرو
تــنهــنجو اســانـڪـي آءِ
٤. اڄ بـــي واٽ نـــهـــاريـــان
لالـــن تـــنـــهـــنجي لاءِ
٥. آءُ اڱڻ آســـرونـــد جـــي
سچو ڪـيـم سـڪـاءِ

ڪافي ڪليان ١١٩٤

ماري ويو ڪالهہ رات، سونهن ٻريو سو تا ساميئڙو مونکي
١. راتــو ڏيــنــهــان رُوح ڪــي
طــلــب ٽُنــهــيــنجي تــات
٢. ڪــين سـجاتم ســرتــيــون!
تـــا ڪـــهـــڙي آهـــي ذات
٣. سُور نـــ جهـــلـــڻ جهـــڙو!
هـــاريـــون ڙي هـــيـــهـــات
٤. اتــئــي پــهــر تــنــهــنجي
وائـــي سچوءَ ڪـــــي وات

ڪافي ڪليان ١١٩٥

آءُ ڪـــانـــگـــا ڪـــر ڳالـــهـــ
پريان سندي پار جي وو ميان
١. مُون ســان ڪـري ڪـالـهـہ وئـين جي
اُهـــي تـــا واعـــدا پـــال
٢. هِن غريـــب ســان پـــريـــن گـــڏائـــج وي
بـــره ڪـــيـــس بـــيـــحـــال

Scanned by CamScanner

۳. هيڏي اچڻ جي وي ميان، هُئي انهن کي الله
ڪاتا قيل مقال
۴. ٻاجهہ پئي تا وي ني ٻاروچا الله
هي نماڻي نال
۵. ياد ڪرن ٿا هِت توئي ڪي الله
وجهہ نہ جيءُ جنجال
۶. فذڪُروني اذڪرڪُم ٻلو ميان!
پئين تون ڪيهي خيال
۷. قول پرين وي ميان ڪيا جي توسان
سي تا سڀ بحال
۸. دل ٻذل آهِ وي ميان! تو ۽ پرين جي الله
سچو تون پاڻ سنيال

ڪافي ڪليان ۱۱۹۶

ڪين وساري ٿو ويهون ويهون، آهن ڪيهون اسانجيون ڳالهيون
۱. ساه سيون تا ياد ڪرين سي، آهن عجائب جيهون جيهون
۲. ڪهڙي ڳالهيون عاشق اسانکي، ڏک ڏوراپا تو ڏيهون ڏيهون
۳. اهي عتاب تون رکين ٿو ڪيها، پڪي اسانجڙي پيهون پيهون
۴. هن پڇاڻون متان اسان تي، ڳالهيون رکين تون ايهون ايهون
۵. **سچو** اسانجو تون، اسين سو ٿُنهنجا، ڳالهيون ڪرين پيون ڪيهون ڪيهون

ڪافي ڪليان ۱۱۹۷

هوت ڏنئي هيڏي ايندا
ڪِي ساٿي مونکي سچ چئو
۱. هتؤن پتي پڪڙا
هُت ڪي آڻي اڏيندا

Scanned by CamScanner

٢. پنهنجي وڙون پاڻ سان
هـي ء غريـب گـڏيـنـدا
٣. ڏک ڀائي سي سپرين!
توڙياڻي سان ڪي ٿيندا
۴. درد منديءَ جي دل تي
دانـهـ دسـت ڌريـنـدا
۵. ڏوڙا طـالـع مـون ٿـين
جڏهن **سچو** نانءُ سڏيندا

ڪافي ڪليان ١١٩٨

اڄ سـڄڻ پـاڻ ايـنـدئـي
جن لئي نهاريئي ٿي واٽان
١. مـتـان لاهـين آسـرو
حال پـائـي اچي تـيـنـدئـي
٢. عجيبن جي اچـڻ جون
ماڻهو مبارڪون ڏيندئي
٣. پـڪـا پـڪـن سـامـهـون
آڻـي دوسـت اڏيـنـدئـي
۴. متان ماندي تون ٿئين
گـوشـي پـاڻ گـڏيـنـدئـي
۵. توکي چاڙي پانهنجو
سچو يـار سـڏيـنـدئـي

ڪافي ڪليان ١١٩٩

اوري ڪـــانـــگـــل آءُ
ڪـين جي خبـر ڏي ڪـا

١. پِريان سندي پار جو
لهي سو اچ سماءُ
٢. ڳالهن تُهنجين مؤن سرير کي
اچي سو منهنجي ساءُ
٣. منهنجو ٿئي هِت ڪينڪي
ٻاجهون سوهوت هلاءُ
٤. سُورن ڪارڻ سَڻ ڙي ساٿي!
جيڪُس چڙهيم ماءُ
٥. سچو دوستن جي در جو
اصلون آهي غريب گداءُ

ڪافي ڪليان ١٢٠٠

پانڌي پيغام پهچاءِ
منهنجا محبن کي ميان
١. اکڙين کي اصل ايڏنهن جو
وڏو اوسيڙو آءِ
٢. ڏاها وڃج ڏيهه اُنهي ڏي
جاتي جانب جاءِ
٣. ادا ڙي ساٿي پارؤن اسانجي
پاند ڳچيءِ ۾ پاءِ
٤. راتو ڏينهان آهِ ڏهاڙيون
هينئڙي کي هاءِ هاءِ
٥. دوستن سندي در جو
اصلؤن سچو ٿو سگ سڏاءِ

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١٢٠١

جيجان زُلفن واري، اُنهيءَ ساميءَ مَنُ موهيو

١. ٻاه ٻره جي اندر اسانجي، ويو سو ڀڀڪڻ ٻاري
٢. هجر فراق نيِ وو يار اسانکي، ڪُوڪان ٿو هٽ ڪاري
٣. جوڳي ڪَنَڙُوَ جيءُ اسانجو، مُونجهه اها ٿي ماري
٤. اچڻ سنديون يار اوهانجون، واٽان سو نتُ نهاري

ڪافي ڪليان ١٢٠٢

منهنجا واقف يار !سدائين تون جي جيئندين

١. راتو ڏينهان رُوح منهنجي ڪي، تنهنجي سار سنڀار
٢. تحفو هن ڪي آهہِ اهوئي، تنهنجي پيرن جي پيزار
٣. اچڻ اوهانجي جيِ وينا وجهايون، فقيرن ڪؤن قار
٤. ڳالهيون سنديو ساريو، **سچوءَ** ڪي اچي ٿي اُڇنگار

ريختو ڪليان ١٢٠٣

بيمار ہوں تيرے برہ کا،چھوٹن ميرا مشکل ہوا
يہ درد ميرا ديکھ ،افلاطون لايعقل ہوا
يہی درد تيرے عشق کا سجھ کوں غنيمت ہے صنم
وہ جوں اندھاری رين ميں،مشکل کشا مشعل ہوا
جس سے فلك نے کل ملك، دھرتی پون کيتی ابا
اوئی بار باری برہ کا،آدم اوپر نازل ہوا
٣۔ اے يار تم آتا نہيں،سجھ پر شفا بخشی کرو
اس درد ميرے کی دوا،آون تيرا ايك پل ہوا
٤۔ جب درد غم دل کو لگا،اس کی دوا پوچھن نہيں
اس درد سوں سارا سچُو،مقصد ميرا حاصل ہوا

Scanned by CamScanner

ريختو ڪليان ۱۲۰۴

بیمار ہوں تیرے برہ کا، چھوٹن میرا مشکل ہوا
یہ درد میرا دیکھ، افلاطون لا یعقل ہوا
۱۔ یہی درد تیرے عشق کا، مجھ کوں غنیمت ہے صنم
وہ جوں اندھاری رین میں، مشکل کشا مشعل ہوا
۲۔ جس سے فلك نے کل ملك، دھرتی پوں کیتی ابا
اوئی بار باری برہ کا، آدم اوپر نازل ہوا
۳۔ اے یار تم آتا نہیں، مجھ پر شفا بخشی کرو
اس درد میرے کی دوا، آون تیرا ایك پل ہوا
٤۔ جب درد غم دل کوں لگا، اس کی دوا پوچھن نہیں
اس درد سوں سارا سچو، مقصد میرا حاصل ہوا

ڪافي ڪليان ۱۲۰۵

آئين هلي هن جاءِ وي
هڪ ساعت ڪارڻ تون سانگيئڙا
۱. ڪاگهڙي نيباه نہ ڄاڻج
پيچ نہ تنهن سان پاءِ وي
۲. الدنيا ساعة
اهو نقطو دل سان لاءِ وي
۳. جاڏنهن آئين تون وڻجارا
وري وڃڻ اوڏنهون آءِ وي
۴. دنيا ۾ دم ڪيتي گذاريئي
سچو سڄڻ جي ساءِ وي

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١٢٠٦

پاس ڪيڙي ڪُون جو ڏيسين. رانجهو ست گهتيسين

١. اها نصيحت سُڻ اساڏڙي، پيڙاندي ننگري جي ويسين. يار ڏوراپي ڏيسين
٢. پاجهون دلبر ڪائي ساعت، اوراندي نال اليسين، سُهٽا ڏور ستيسين
٣. رانجهي ڪنون تحقيق ڄاڻي، پڇي ڪو وال وليسين، ماهي گولا سڏيسين
۴. رانجهي دي طرفؤن طعني تهمت، ساري جهنگ دا جهليسين، آپي هٿ گهتيسين
۵.هٿون ماهيدي سُڻ **سچو** ري. پيالا عشق پليسين، يار بي آپي مليسين

ڪافي ڪليان ١٢٠٧

نوڪر ٿيسان، پلا چيري والي يار دا
نوڪر ٿيسان، پلا ڪلنگي والي يار دا

١. پيان ڳالهيان سڀ دوستيء پاجهون، سنيان سڀ ستيسان
٢. دامن سڄڻان دي دست اساڏي، اور نہ ڪنهن دي مٿن ٿيسان
٣. چوري گهتڙي دوست ماهيدي، بسم الله ڪر پيسان پيسان
۴. نال سهٽي دي **سچو** ري، نينهڙا نيبه نيسان نيسان

ڪافي ڪليان ١٢٠٨

لاهين رمزان والي يار، ميان سائين! دلڙي اساڏي لٽي

١. دلڙي اساڏي آچر ڪرڪي، نال چشماندي ڇٽي
٢. زهر پيالا محبت والا، گهت پريندي گهٽي
٣. منزل ڏُور اڙانگيان پٽيان، حُب ماهي نا هُٽي
۴. سا مر روئي راتيان ڏينهان، يار ڪنون ڄاڦٽي
۵. سڪ **سچو** ڪون ساوڻ ڪيتا، سا رت مول نہ مٽي

ڪافي ڪليان ١٢٠٩

اهي اکيان ڪنهين نہ لڪيان، نال ماهيدي رنگ رتيان

١. ويکڻ رانجهي دي ڪنّون هور نہ مائيئي، رب ڏيکڻ ڪيتي ڏتيان
٢. مصلحت ميڏي مُول نہ گهنديان، ويڙهي رانجهو دي جي وتيان

٣. عشق ماهي دا غالب هويا، وسريان ٻيان ڳالهين ڳتيان
٤. مين رانجهن دي رانجهن ميڏا، اهو ڪيڙا گهول مين گهتيان
٥. ڏينهان هونديان درس ديوانيان، راتين سي سُک نہ سُتيان
٦. اڳهين عشق پرايا جنهان، ڪوئي ڏيوي تنهان متيان
٧. نال سڄڻ دي سچو رهن مستانيان، محبت مئي پي جي متيان

ڪافي ڪليان ١٢١٠

آءُ تا ڪالهہ اڏامي
وڃي پيس پرين وٽ
١. هُت قبوليت تنهنجي
حلقہ بگوش غلامي
٢. مهر مٿوئي ناه ڪو
عاشق ٿج تون آرامي
٣. اصل لاڪون تنهنجو هي
پاڃي آهي پيغامي
٤. ويس برابر اوڍهين
وينس ڪين وسامي
٥. مونکي ڪيائون تانهنجو
سچو يار سلامي

ڪافي ڪليان ١٢١١

ڪالهہ جو ڪانگ اڏاٽي، پلو ڪي وئين پرين وٽ
١. گهٽي توسان ڪا ڪئي، اڳيون يار سياٽي
٢. پرين ڪي تا پڇيو، ڏيج دلاسو هاٽي
٣. ساري مونکي ڏيج سنيها، الله ڪارڻ آٽي

Scanned by CamScanner

۴. پـريـن سـنـدي پـار ڏي، عـاشـق چونـہ اُمـاٽـي
۵. آئـــين اڏامـــي اوڏهـــون، **سچوءَ** سـاه سـيـبـاٽـي

ڪافي ڪليان ۱۲۱۲

سهڻا ڏوجها ول نہ ٽيسين، جوئي ٻٽين سنوئي ٻٽين ميان
۱. عشق آواز جو آپون آندوئي، اُهو سو شال وٽين وٽين ميان
۲. آپـڻـي وچ آپـي آنـدائـين، پـيـا تـا ڪـون آٽـين آٽـين
۳. اور نہ ڪوئي ڄاڻي ٽُساڪُون، آپڪون آپ ڄٽين ڄٽين
۴. **سچو** هوڪر سهين رنگان وچ، هڪو هڪ ڳٽين ڳٽين

ڪافي ڪليان ۱۲۱۳

ڪوڙي ڪيتئي ڳالهہ پنهنجي
ڪالهہ ڪانگا چيئي مونکي
۱. جيڪس ڪينڪي ڏر وئين تون
واٽ ڏسي هو ٽئين اهنجي
۲. عـجـيـبن جي آڏو وچـــي تـــو
ڪچي ڪيئي سا منهنجي
۳. وري بـرابـر وئـون اوڏانـهـين
سائين ڪندو ميان سنهنجي
۴. تـنـهـنـڪي سوئي توڙ رسـائـڻ
وني جو دامن ڪـنـهـنجي
۵. اصـل لاڪـون **سچو** سيائي
طاعت مجي آهي تـنـهـنجي

ڪافي ڪليان ۱۲۱۴

لؤن اچي پاڻ لايو، ناتہ مونکي ڪل نہ هوئي
۱. اصـل لاڪـون عـشـق لالـڻ جي، ڳالهـہ اها خوش آيـوَ
۲. درد فـراق جي ڏنـيـوَ امـانـت، اهـا سـانـول سـيـبـايـوَ
۳. عرش ڪُرسي تـاڪـين قبولي، اُها اسان ڏي هوت هلايوَ

Scanned by CamScanner

۴. ڳالهه پرجهڻ جهڙي نا هُئي، پاڻ سڄڻ سمجهايوَ
۵. ڏينهن انهي جي يار سچوءِ کؤن، سچي سا ڳالهه سلايوَ

ڪافي ڪليان ۱۲۱۵

آک عشق! تون عالم دي وچ، ڪيها سئيل ڪريندئين
۱. ڪڏهان قاضي ڪڏهان مُلا، ڪڏهان مست مريندئين
۲. ڪڏهان هوڪا هوڪ ڦريندئين، ڪڏهان چوٽ چڙهيندئين
۳. ڪڏهان ليليٰ ڪڏهان مجنون، ڪڏهان سبق پڙهيندئين
۴. عاشق عشق معشوق هڪ ٿي، اکيان آکي اڙيندئين
۵. ڪڏهان سلڪ سلوڪي هوندئين، ڪڏهان **سچو** نال لڙيندئين

ڪافي ڪليان ۱۲۱۶

آءُ پنهون پاڻ آهيان
ڪاڪيون مُنجان قاصد ڪاڏي
۱. اها صورت سهنجي ڏنيم
ساٿي پيا ڪئين سنيايان
۲. ڳالهه پري هُئي ٿي پئي اوري
ڪيڏي سي ڪانگ اُڏايان
۳. مُدعا مطلب هُو ميڙيوئي
پوٿيون سي ڪيهون پتايان
۴. سُڌ پئي مُون سر انهيءِ جي
ڪيچ پنيور ڪي پايان
۵. **سچوءَ** منجهؤن ٿيو سچ پيدا
ڪيهون ڪوڙيون ڳالهيون ڳائيان

ڪافي ڪليان ۱۲۱۷

پرين هي پيغام
ساري ساٿيو ڏيجو

Scanned by CamScanner

۱. ڪڏهن ڪندؤ پار اسانجي
اچڻ جا انجام
۲. پاهون پڌي يار سڄڻ کي
ڏيجو سي سَوَ سلام
۳. در اوهانجي جي يار پنهون ري
تئي نہ طلب تمامُ
۴. شوق اوهانجي شور مچايو
ڪياسين هُل هنگام
۵. جيهو تيهو آهي اصل ڪؤن
سچو سو گولو غلام

ڪافي ڪليان ۱۲۱۸

آيا ڏنوَ آيا ڏنؤ، چؤ ڪي پانڌي آيا
۱. پرين ڪي هن پار ڏي، سَل ڪي ساتي سعيا
۲. طرف اسانجي ڪهہ ري ڪانگل، روح سندن جا رايا
۳. ڪين آئين ارمان جي تو ڏينهن گهٽا ڪين لايا
۴. وري سگهو ميان تون وئون اوڏاهين، جو سُورن اسين ستايا
۵. **سچو** ساري تو ميان گهٽو سنياري، سڄڻ پي ڪي سڪايا

ڪافي ڪليان ۱۲۱۹

عشق ڪيها ڪيها هوندا
اري مايو نهين چاٹان
۱. عاشق اُنهان نُون آکن سيئي
راتو ڏينهان جي رُئندا
۲. عشق سيوئي هئي ملامت
لوڪان نُون نهين پائيندا

Scanned by CamScanner

۳. عقل شرم سڀي ڏُور ستين
عشق جهين ڏهن آئيندا
۴. ساه سچو دا روز ازل وي
وره ڪنون نهين واندا

ڪافي ڪليان ۱۲۲۰

عشق ڪنون قاضيا، مين پيرين پايان چيريان
۱. هٿ بزارين ڳلي ٻہ ڳلي، ڦرڪي ڏيوان ڦيريان
۲. جان جسم ديان ڏونهين انجامت ٿيان، مين ٿيريان
۳. عشق واليان نُون روشن هويان، اُهي راتيان انڌيريان
۴. عشق ديان هونديان سُنوري سنيان، اهي ڳالهيان اويريان
۵. فوجان حُسن ديان سر سچو دي، آءُ چڙهيان سِر سيريان

ريختو ڪليان ۱۲۲۱

قاضی تم کیا کہوں، جو یار موجدار ہوا
یار موجدار ہوا، لہر بحر دار ہوا
۱۔ الف کی جو گودڑی میں، اور کو دیدار ہوا
جنہاں دل دھیان لایا، تار مین ہشیار ہوا
۲۔ سرخ لال لباں پر، رخ پہ محراب ہوا
یا تو وہ مست ہوا یا تو خلیدار ہوا
۳۔ خاکی پاء کے گودڑی میں، اور کو اسرار ہوا
جبے میں آپ ہوا، یا تو او بیزار ہوا
۴۔ سچو اوئی نام کر کے، آیا چوگان میں
سولی اتے مست ہوا، یا تو او ہسوار ہوا

Scanned by CamScanner

ريختو ڪليان ١٢٢٢

دلبر کے در اوپر،میں دیوانہ ہورہا ہوں
یار وے اس جہاں سوں،بیگانہ ہورہا ہوں
١-دیکھن سیتے فھم عقل،ہم سوں اڈر گیا
وہ زلف پیچ پیچ میں ،مستانہ ہورہا ہوں
٢- معشوق آج سر پر،چیرا بنا کے آیا
میں اس حسن شمع پر،پروانہ ہورہا ہوں
٣- آج یار کوں جو تیر،وساون دا خیال ہے
سینہ سچو سپر کر ،نیشانہ ہورہا ہوں

ڪافي ڪليان ١٢٢٣

ڪلنگيءَ والا يار، شال جيوين لک ٿيوين
يار سدا جڳ هوين
١. تيڏي ڪارڻ مين جو ڪريسان، صورت دا سينگار
٢. ملڪ سارائي، ملڪ ساڏي، ڪيا جي تخت هزار
٣. سڀ سياليان تين تؤن صدقي، جا ڪيتئي هير شڪار
٤. مين تا ڪوجهي، ڪر ٻي ڪوجهي، تون صورت دا سردار
٥. **سچو** نماڻا در تيڏي تي، روندا زارو زار

ڪافي ڪليان ١٢٢٤

هوسان سا تيڏڙي نال، وو ميان
جهوڪان وسني شال رانولا
١. نال اساڏي نانءُ سائيندي، آءُ جاني گڏجال
٢. جيهي تيهي وو تيڏي هويان، جيوين وٽئي تيوين پال
٣. سيني اندر سانپ رکيسُون، ڳجهي سا تيڏڙي ڳالھ
٤. مين تا صدقي وو تو تؤن هوسان، ڪيتئي چاڪاندي چال
٥. **سچو** نماڻا در تيڏي دا، ڀلا سو تنهن ڏهون ڀال

Scanned by CamScanner

ریختو کلیان ۱۲۲۵

سنورے آج سر سورے، برہ باران آیا ہے
کرم کر کے صدف اوپر، ابر نیسان آیا ہے
زلیخا کی طلب سیتے، تمنا ملھ و کاون کی
مصر بازاریں چنچل، کنوں کنعان آیا ہے
برہ لاون کی خواہش سوں، ظھورا کر اوئی بیچوں
اسی جگ میں وہی ساجن، بنی انسان آیا ہے
۳۔ لٹک نی زلف دلبر بندہ، چیرسرپر گلابی کا
قتل کے عاشقاں سیتے، جوکر طوفان آیا ہے
۴۔تجلی دیکھ کر موسیٰ، رہا مدوہش مستی میں
شعاع شمع کے اوپر، پلٹ پروان آیا ہے
۵۔سچو کر گوئی سرمیدان، سری آگے سریجن کے
بلاں کر حسن دیاں دلبر، سرِ چوگان آیا ہے

ریختو کلیان۱۲۲۶

جھیل رے من جھیل مالھاں، ہمیں پیالا جھیل جی
جیسی رنگ سی بانسی آیو، تیسی راکھو مئیل جی
۲۔ ارہ مکھ سی ہانسی آیو، صورت مکھ سی پھول جی
پھول میں ہِک رتن پہجی، پر کھلیواش ٹول جی
۳۔ جندر ماتھے سورج پانی، بھر میں اٹھو مئیل جی
شکت شیجی بھر نہ کھوٹی، ایسا عنبر بھیل جی
۴۔ آئو تو کس رنگ ـ ـ، اور جائو تو کس سنگ سے
امر گھر کی خبر ناہیں، کیا ہوویں رنگ جی
۵۔ ساس سوں اور ساس پوچھو، آج رے تم پانچ جی
ےذات میں ہوئی ذات بولیا، سبھ سچو ہے سانچ جی

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١٢٢٧

ڪڏهن ايندين هڪ ٿيندين
نتُ نهاريون سنديئي واٽڙيون
سانول ڪنهين سانگ سان
اڱڻ اسانجي ايندين
اهو اتؤن آسرو
بديون تا بخشيندين
ڪنهن ڏينهن هن ڏڪي کي
دوست دلاسو ڏيندين
پرين نيندين پاڻ سان
ڇپر تان ڇڏيندين
ٿوري گهٽين ڏينهڙي
گولي ساڻ گڏيندين
پڪا پکن سامهون
اوري آٽي اڏيندين
سو ڏينهن ٿيندو کهڙو
سچو ڪري سڏيندين

ڪافي ڪليان ١٢٢٨

مَنُ موهي منهنجا جاني!
گهٽا لائي ڏينهڙا
١. صورت تنهنجي سپرين
مُورت ڪئي مستاني
٢. پرين اوهانجي پار جو
گوندر ٿيو گذراني

Scanned by CamScanner

۳. روز ازل ڪؤن ڏِنوَ اسانڪي،
نينهن پنهنجو نيشاني
۴. اڱڻ اسانجي آءُ پيارا
مُحب ڪريان مهماني
۵. پيريء جا سچو ڏينهن وسارج
ٿيئي جمال جُواني

ڪافي ڪليان ۱۲۲۹

ذات بره دي ڪيهي
اڙي امان نهين ڇاڻان مين
۱. ڪم عاماندا اهو ناهين
نينهن چاون ڪي نيهي
۲. پير بهانا چڻ ڪريندا
پڪي آندا جنهن پيهي
۳. هجر گهتيندي وچ دروني
ڪري ديواني ديهي
۴. سچو سوئي سِرُ ڦاڙيندا
اُنهين ساعادت ايهي

ڪافي ڪليان ۱۲۳۰

عشق سچي ديان ڳالهين
اڙي امان مئينون ٻاونديان
۱. عشق ميڏي ديان ڳالهين سڀئي
سُڻن سڀ سيالين
۲. کهہُ کبڙيديان پَٽُ ديان سوڙيان
ساڙ گهتان سي نهالين

Scanned by CamScanner

٣. حال ميڏا تا ايھا جيھا
نال ميڏي كيوين جالين
٤. **سچو** سِرُ تي عشق دي سِھري
وسر ڳيم ٻيان چالين

كافي كليان ١٢٣١

سالك راه سڃاڻي
پاڻ نظر ۾ آڻين
١. جاءِ نظر جي آھين اصل كؤن
يار يقينئون ڄاڻي
٢. پاڻ وڃائج نُور نظر ۾
تہ وسرئي ٻي آكاڻي
٣. فنا كؤن اڳي بقانہ ٿيندين
جيئن پارو ۽ پاڻي
٤. صورت منجھان ٿي ٻي صورت
وچون ساگرد اُڏاڻي
٥. ھاديءَ حقيقت ھيءَ سمجھائي
سچو ساه سيباڻي

كافي كليان ١٢٣٢

كيھي ڳالھيون چرلايوئي
ميڏا وي ميان سائين الله
١. ڏوه ثواب تي ڏيك اساڏا
يار متان چت چايوئي
٢. طرف تساڏي نينھن دي نياپي
گھنكي قاصد آيوئي

Scanned by CamScanner

۳. نانءُ سائين دي متان تون لاهين
پيچ جو اسان نال پايوئي
۴. اول اســانــون ڏي ڏيــكــاري
پڇي كيون آپ ڇپايوئي
۵. طـرف **سچو** دي سُهڻا سائين!
ڏاڍا تــابــره بــچايــوئــي

كافي كليان ۱۲۳۳

بره جي بازار، جيكا ڏسڻ ايندي
۱. جيكا جو ڏسندي ني ميان! تجلو تنهنجو الله
رهـنـدي سا كـين قـرار
۲. سؤدو جا كندي ني ميان! سر جو پلو الله
وهـنـدي سـا كـين قـرار
۳. چؤسُول آڏو وي مـيــان سُرخي مـائــل
تـيـز گـهـمـي تـلـوار
۴. جي كنهن چمكو وي ڏنو تنهينجو الله
سـا سِرُ ڏيـنـدي سـردار
۵. **سچو** انهيءَ وي ميان سير ۾، پلو الله!
وهـي كُـسـڻ جي كـار

كافي كليان ۱۲۳۴

يار سانون نہ وسارين، مين تا هووان تيڏي نالي
۱. مـين تـا تـيــڏي تــون تـا مـيــڏا، صـاحــب آپ سـڃاڻــين
كهہ كيڙي دي كُوڙي اتالي
۲. نال كرم دي سائين ڏيک اسان ڏهون، اپڻا كر كيون نہ ڃاڻين
لاهين اسان تئون كُل كشالي

Scanned by CamScanner

٣. ڳالهين اساڏي نال جي ڪتوئي! سائين! اُهي سي ٻيٺين نہ وسارين
تن من ڪُون هويا تسالي
٤. دل اساڏي دلبر منگدي، لوڪ ساريدي قطارين
وچ ڳهندي مت مسالي
٥. دل سچو دي روز ازل دي ڪيتي، سا نينهن نماڻي
هوئي رانجهو دي حوالي.

ڪافي ڪليان ١٢٣٥

يار سڄڻ ڪيئن سري
توکي اسان ٻاجهون
١. اسان نماڻن ڏي سُهڻا سائين لا
دوست نهارج وري
٢. توکي قدر ناهي ڪو ٻلو
چيتڪ ڪيڙس چري
٣. اڄي سچوءَ جي ني وي ميان
ايڏهين سندي درد ڏري

ڪافي ڪليان ١٢٣٦

مونسان تو ڪيون ڪيون، سُهڻا!
اُهي ڳالهيون ڳالهيون
١. سي نہ وڃن وسري ٻلو ميان!
چڱيون اوهان جي چيون چيون
٢. اوهان ٻاجهون سپرين! ٻلو ميان
نينهن وهايون نيون نيون
٣. لڪون ڪيون سين جي لوڪ ڪؤن ٻلو ميان!
ٻڌر اُهي اڄ ٻيون ٻيون

Scanned by CamScanner

۴. ڳجهيون سي ڳالهيون يار **سچوءَ** کؤن
ڪين وسري سي ويون ويون

ڪافي ڪليان ۱۲۳۷

ڪڏهان شاه امير بڻيندائين، ڪڏهان پير فقير سڏيندائين

۱. ڪڏهان آپ ۾ صُلح ڪريندائين، ڪڏهان آپ دي نال اڙيندائين
۲. ڪڏهان هوڪا سچ ڦريندائين، ڪڏهان سولي اوپر چڙهيندائين
۳. ڪڏهان ڪُفر ايمان ٿون مجيندائين، ڪڏهان آيت معصف پڙهيندائين
۴. ڪڏهان **سچو** حاڪم هوندائين، ڪڏهان آپي دُهل وڄيندائين

ڪافي ڪليان ۱۲۳۸

نِتَ اُهي مونکي ميان! ڳالهيون اورڻ آيون، ري آيون

۱. هُو جي ڪيڙئي ڳالهيون، اسان سان ڪيئن سي وسرن وايون، وي وايون
۲. هو جي ڳجهڙيون پرين پُرجهايون، اُهي مون دل سان لايون، وي لايون
۳. ڪين جيون خبران پاروُن اوهانجي، اڄ توڙين تا نايون وي نايون
۴. موتيو وڃين ٿو پرين تون پوئنان، پير اسانوٺ پايون وي پايون
۵. سانيڻ ٿين سي ڪين **سچوءَ** ڪي، ڳليءَ ڳلي ۾ ڳايون وي ڳايون

ڪافي ڪليان ۱۲۳۹

يـــاد مـــونـــڪـــي اڄ پـــيـــون
مٺيون ڳالهيون سُهڻا تهنجيون

۱. رهيون آهن رُوح منهنجي ۾
ڪـــين وســـري ســـي ويـــون
۲. ويٺا ڏسون ٿا واٽ اوهانجي
دوســـت دلاسو ڪـــو ڏيـــون
۳. **سچو** آهي سگ در تنهنجي جو ميان!
نـــال نـــبـــاهـــي ســـو نـــيـــون

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١٢٤٠

آءُ تا تنهنجڙو آهيان، يار مونکي ڇو ٿو ڇڏين

١. تون تا منهنجو آهين اصل کؤن، ڪنهن نہ ٻئي دَرڪاهيان
هؤُت ايندين هٿ ڪڏين

٢. آءُ نماڻي عيبن هاڻي، سڳ نہ ساڻوَ ساهيان
پَڪا اوري آڻي اڏين

٣. توڙي سڄاڻين توڙي نہ ڄاڻين، لالچ تابي نہ لاهيان
ساڻ گولي ۽ پاڻ گڏين

٤. آءُ تا ٻانهي تون تا سائين، آءُ غرب سا ڇاهيان
نانءُ **سچو** ڪري سڏين

ڪافي ڪليان ١٢٤١

تنهنجو درد اصل ڪائون اختيار ڪيوسين ميان
تنهنجن سخن سچن اُتي اعتبار ڪيوسين ميان

١. ڪي تا پڇن پرين ڪي ڪُرسي يا عرش اُتي
تنهنجن اکين منجهان سُهڻا اسرار ڏٺوسين ميان

٢. ڪي تا تابع تجلي يا شُعلي نُوري يارو
اسان صورت هِن ۾ تا ديدار ڏٺوسين ميان

٣. تنهنجو حُسن ٻنهي جهانين يار سچڻ صحي ڪيوسين
تنهنجي سچي ۽ ڳالهہ هن تي اقرار ڪيوسين ميان

٤. هو جو ڪيڙُوَ مونسان سو پانهنجو واعدو پاريو
سِرُ ساهہ مٿائون صدقي، صد بار ڪيوسين ميان

٥. **سچو** سگ دروازه آهي، روز ازل کؤن ميان
تو پير عبدالحق جو پيزار ڪيوسين ميان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١٢٤٢

اُنهن جادوگر چشمن، بيران ڪيوسين ميان
انهن نيڻن سندي نازن، حيران ڪيوسين ميان
١. راتو ڏينهان دل کي، هي آهي پريشاني
انهن غمزن ڳجهن رمزن، ديوان ڪيوسين ميان
٢. هي هي فريادان وي يارو ڪنهن کي سڻايان
خوني هن خُمارن، مستان ڪيو سين ميان
٣. ميدان منجهہ **سچو**، تهدليون آيو آهي
انهن تارن سندي تيرن، نيشان ڪيوسين ميان

ڪافي ڪليان ١٢٤٣

اڳي ڪڏاهان نهين سو ڏيکيمُ، صورت تانہ سڄاڻان
١. ڪيون ڪريندا سڻوري سنيان، نال ميڏي ڪيئي ماڻا
٢. ڳل کي ڪفني دست پهوڙا، آءُ مليندا پاڻا
٣. مين اُهوئي رانجهن آهَس، تيڏي سو در وڪاڻا
٤. طعني تهمت سڀ لوڪاندي، **سچو** ري ساهہ سياڻا

ڪافي ڪليان ١٢٤٤

ساڳيو مون تا سڃاتو
اُهو جيڏيون يار منهنجو
١. اصل لاڪون آهي انهيءَ سان
هن نماڻيءَ جو ناتو
٢. تہ ڪو ٽيڪر جوڳي ايندم
چاڙ هيئن مون چاتو
٣. ڏسي صورت ساريئي سُهڻي
عشق انهي سان مون لاتو

Scanned by CamScanner

۴. هيءَ نماڻي عيبن هاڻي
پيچ پاڙهي تن پاتو
۵. سهو **سچو** ري ڏسي اسانجي
چِتُ نہ دلبر چاتو

ڪافي ڪليان ۱۲۴۵

سچا سي سُخن هاديءِ جا يارو اڄ ياد آياسي
تنهن ڏينهن لاڪون اڄ تائين اُهي بر چشم چايا سي
۱. ڪيو تا قول سائين هي، مڙن آڏو پڪو مونسان
هونداسين دم بدم توسان، انهيءَ واعدي وتاياسي
۲. ڏيوهي تن طاعت ۾، گڏيو هي جان جانان سان
پري چاڻيجو پاڻ ئي ڪي، لاري هِن يار لاياسي
۳. روزا ڪيئي نفل نمازان، توڙي سؤ ورد وظيفا
سيئي لڳ ظاهر آهن، سبق ساجن پڙهايا سي
۴. پئو جي خيال خاصي ۾، سڃاڻو پانهنجي صورت
ٻُڌي ٻولي ڏسي تو ڪير فڪر ٻيا سڀ ڦلاياسي
۵. وينو منجهہ بادشہ محلي، ٻولي تو ڪئين اهو ٻوليون
اُهو بادشہ اُهو بنگلو. نہ ٻئي ٻولي ٻُلاياسي
۶. جيڪي ڪيا دوستن مونسان. اُهي ڳڻ تانہ وسرن تا
هُئا گڏ جي حبيبن سان. چڱا سي دم لنگهاياسي
۷. شڪر الحمد لله. تو پڙهان لک بار شُڪرانا
اُهي پيهي پڪي آيا، جنين لئي پند پڇاياسي
۸. **سچو** سگ آهہِ دروازي ازل جي روز سائن جو
پنهنجو سي ڪيئن ڇڏيندا هي توڙي عيبن اٿاياسي

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪليان ١٢٤٦

وجي اکيون ڪاتي لائيءِ، حال حقيقت جي سان
فڪر انهي ۾ ميان! ٿي فنا تون پاڻ پنهنجو پاڻ ٿي
١. اهڙي ڳالهيون سُڻ ري عاشق! سارو عشق سو وڏايئي
٢. محبت وارو دل جي اندر، ڏاڍو ڪو مچ مچايئي
٣. ڪنيئي پلڪ ۾ پاٿهي، ٻولي ڪنهن تہ ٻُلايئي
٤. جي تئين عاشق يار **سچو** ري، ائين سو عشق ڪمايئي

ڪافيءَ ڪليان ١٢٤٧

پکيئڙا تون سنيالين
آپ ڳوڙهي ڪنون بچالين
١. ڏکيا سُکيا ڏينهڙا
ٻئيتا آکيري جالين
٢. داٿي ڪارڻ سنگ تي
ڪيون آپکون ڳالين
٣. جي مين ڪنون پڇين ڳالهڙي
تا اوڏنهن نہ ٻالين
٤. **سچو** حرفين حرمين والي
آپ ڪنون تون والين

ڪافي ڪليان ١٢٤٨

پانهنجا واعدا پاريا پاريا، سانول سائين
١. هوجي ڪيائون اصل اسان سان، سي قول نہ يار وساريا
٢. ڏينهن اُهي مونکؤن تانہ وسرن، جي مُون گڏ گذاريا
٣. سخن سچائي يار سچڻ جا، سي هن ساه سنياريا
٤. اُنهن ڪارڻ شهر بحر هي، مُون ٻا نِتُ نهاريا
٥. دوست **سچو** جا دُور هوا جي، سي والي هِت واريا

داستان سترهون ڪنيات جي ڪافين جو

ڪافي ڪنيات ١٢٤٩

پاڻهو پاڻ ۾ پاڻ
توهين مالڪ مُلڪ جو

١. لاخير في عبدي
اهو اٿئي أهڃاڻ

٢. پاڻ پنهنجو پاڻهين
صورت منجهه سُڃاڻ

٣. تون ئي ڄاڻندڙ سيڪي ميان!
تئين ڪيئن اَڃاڻ

٤. الله جو چويں
پاڻ ئي الله ڄاڻ

٥. **سچو** سائين هڪڙو
ناهي شڪ گماڻ

ڪافي ڪنيات ١٢٥٠

صورت سڀ سلطان
پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو

١. ڪاٿئين حنبل شافعي، ڪاٿئين مالڪ نُعمان
٢. ڪاٿئين پڙهي پوٿيون، ڪاٿئين پڙهي قرآن
٣. ڪاٿئين اناالحق چوي، ڪاٿئين قيرائي فرمان
٤. ڪاٿئين طفوليت ۾، ڪاٿئين پير جوان
٥. ڪاٿئين ميرُ وزير ٿيو، ڪاٿئين ٿيو دربان
٦. ڪاٿئين احمد بلا ميمي، ڪاٿئين هنومان
٧. **سچو** پيو صبر ۾، هُوءِ حيرت ۾ حيران

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪنيات ١٢٥١

زوري نـال ميـڏي دل دلـبـر نـيـتـي وي

١. دوست ميڏا پرديس سڌاڻا، تنهندي ڪيتي وتون ويڳاڻا
گهـتـي زهـر دي مـين پـيـتـي

٢. بره ڏيکو سانون ڪيها ڪم ڪيتا، دين ڪفر ڪون انهين يڪسان نيتا.
وسرئـي منبر واعظ مسيتي

٣. پاءِ پلؤ هَڻ ڪيتي سي زاري، فوج حُسن دي مين وت ماري
يـار ميـڏي نـال ڏاڍي ڪيـيـي

٤. نـال سچڻ دي لاتيسي بازي، ويک کيڏار تي ڪيتي آزي
مـين هـاري، پـيـاري جيـتـي

٥. آءُ اچانڪ ول پڪڙيس ٻانهان، ٻيان ڪُل ساٿون وساريس واهان
ليئي نـال **سچو** دي دل لـيـتـي

ڪافي ڪنيات ١٢٥٢

مـيـڪـون تـون پـالـين وو
جيهي تيهي آهيان تيڏي

١. اڱڻ اسـاڏي آويـن پـيـارل
ورق وچـوڙيـدا والـين

٢. تيڏي طرفون طعني ڏينديان
سـانـون سـڀ سيـالـين

٣. هجر تساڏي ڪاهل ڪيتا
آءُ جانـي گـڏجالـين

٤. دل اساڏي تون وسر نہ ويندیان
ڳجهيان تيڏيان ڳالهين

Scanned by CamScanner

۵. اپڻي در دا دوست پيارل!

سچو سگ سنيپالين

ڪافي ڪنيات ۱۲۵۳

مين ڪنين جالين، وو سهڻا پرديسي

۱. اسان نماڻيان ٿون نانءُ سائين دي، ورقِ وڇوڙي دا والين
۲. طعني تهمت تيڏي طرفون، ڏيون سڀ سيالين
۳. دل ميڏي ڪنون وسر نہ ويندديان، ڳجهيان سي تيڏيان ڳالهين
۴. آوين تون پيارا اڳڻ اساڏي، حرف هجر دا ٽالين
۵. در تيڏي دا **سچو** آها، سو اپڻا سگُ سنيپالين

ڪافي ڪنيات ۱۲۵۴

تيڏا درسن پاوڻا وي

هُڻ هي نماڻي نون ميان

۱. جو ڪجھ ڪرسان وي هُڻ ڪريسان

ميان ول اٿان نهين آوڻا

۲. بار بره دا وو باري آها

سر اسان تا چاوڻا

۳. سوال **سچو** اڳون سياندي ميان!

سارا عرض سڻاوڻا

ڪافي ڪنيات ۱۲۵۵

ڪاڏي ويَڙا وو پرين، پاڙيچا ميان!

۱. جاڏي هليا وو تهدل تاڏي، هل تون هينئڙا وو
۲. محبن مونسين وو عجب جيها، ڪئي ڳڻ ڪيئڙا
۳. گوندر ڳاڏئون وو ڏينهڙا، هت جالڻ ٿيا جيئڙا وو
۴. هن اجايا اُنهن ٻاجهون وي، جي پل پيئڙا وو
۵. **سچو** سندا سانول ٻاجهون وي، هي حال ٿيئڙا وو

Scanned by CamScanner

داستان ارڙهون وهاڱ جي ڪافين جو

ريختو وهاڳ ١٢٥٦

ميری جند جان قربان ہے، باءِ باءِ جان قربان ہے
ايها ڪوئی تکسيری آوے، پڑی يہی گوئی ميدان ہے
١-پچهانا سرّ جس اپنا، اوئی انا سرّ انسان ہے
بڑی ہے بات برهے کی، ہوئی مشکل نہ آسان ہے
٢-ارسطو کيا جی افلاطون، اسی حيرت ميں حيران ہے
يہاں سيمرغ کا سارا، عجب کوئی آشيانہ ہے
٣- اوئی ظاہر ائوئی باطن، يہی ہم تم بہانا ہے
کفر اسلام کے گهر سوں، نکل باہر جو فرمان ہے
٤-سنو منصور کی صافی، اناالحق کہت سلطان ہے
اسے کيا عشق کوں روشن، بڑا اس کا بيابان ہے
٥-اسی خواجہ کی خدمت ميں، ہمارا سو سلامان ہے
سچُو اس شاہ کا تهدل غلاموں کا غلامان ہے

ڪافي وهاڳ ١٢٥٧

رانجهو چاڪ ٿي آيو، نجاٽان کهڙي ڳالهہ ڪؤن
١. پڊرو وجهي پاڻ کي، لالن پاڻ لڪايو
٢. بنگلي ۾ آدم جي، ساجن پاڻ سمايو
٣. سوئي چونڊڙ سوئي پڊندڙ، ڪيان ئي ڪون ڪنايو
٤. مارائيت شيءَ الا ورائيت الله فيه، فائق هيئن فرمايو
٥. لوڪشف الغطاءِ ما انت يقينا، حيدر هي رنگ لايو
٦. ماٿهو جي مظهر ۾ آئي، سونينهن نوايو
٧. سچوءَ جي صفت ۾ الله ايئن الايو

Scanned by CamScanner

ڪافي وهاڳ ١٢٥٨

ياد مونکي اُهي آيون، وو يار!
ڪيئي ڳجهيون جي ڳالهڙيون هوءِ هوءِ
١. اوهانجي ڀي وو اڇڻ جون، تيون وري هت وايون
٢. درد منديءَ جي وو دل کي دلبر، وره وجي کي لايون
٣. نانءِ سائين جي سهڻا سائين، ڇِتَ نہ وڄ مون تان چايون
٤. آءُ تا ڏينهڙا ڳڻ گذاريون، هِت ويئا وِرهُه وسايون
٥. ڏوهن **سچوءَ** جن ڏي نہ ڏسو، هِت تا سندوَ سڏايون

ڪافي وهاڳ ١٢٥٩

دلبر دي دلبريان ڪارڻ اي من ميڏا برياني
١. آيا هئي نماز دا ويلا. منجهيان ملهيا هئي جو ڀيلا
مين تي ماهيدا هُڻ ميلا، لوڪان ليکي ٿريان ني
٢. گهوگهن مٺ منڏاٿي مٺيان، طعني ڏيوَن سي چٽيان
گهول رانجهو تؤن سيي گهتيان، سويلي ڪٽيان چڙيان ني
٥. سچو سوز سنيال ڳڏاسي، ول ول اپٽي جان ڏتياسي
٦. نعرا جڳ ۾ نينهن مرياسي، سولي تي سر درياني

ڪافي وهاڳ ١٢٦٠

پُور پرين جي هي ماريان
عشق سڄڻ جي چاڙهيان
١. دوست بنان درماندي
دم هتي ڪيئن گهاريان
٢. سر سڄڻ تون صدقي
واريون آءُ کي واريان

Scanned by CamScanner

٣. ڳالهيون ڳجهاندر جُون
آءُ پرين سان پاريان
٤. سگهو موتنج سپرين!
ڏهاڙيون ويني نهاريان
٥. محڪم محبت وڌيون
جاري متي جاريان
٦. هو جي ڪيم پاڻ سان
ڳالهين انهن ڳاريان
٧. مجلس محبوبن جي
ساعت ساعت ساريان
٨. **سچيڏنا** ساهڙ ريءِ
ڏم مڙيئي ڏاريان

ڪافي وهاڳ ١٢٦١

سنيان ميڏي دل تي، ماهي ديان جهوڪان
١. عجب تماشي يار ميڏي دي، آءُ لڪان وچ لوڪان
٢. لؤن لؤن ديوچ لڳ جو رهيان، ناز ڀرئي ديان نوڪان
٣. پارؤن تساڏي جهنگ ساري دي، چُم چايم توڪان
٤. روز ازل ڪنون سر **سچو** ري، محبت لايان موڪان

ڪافي وهاڳ ١٢٦٢

ٻن جيڻ منهنجو جيڏيون! سُک ڪيها سچڻ ري
١. سُکن وڏيس سرتيون! آءُ پرين ڪانءُ پري
٢. ڏک چگيرا وو دوست جا جي، قادر ڪرم ڪري
٣. سوئي عاشق ڪوٺجي، جو محبت منجهہ مري

Scanned by CamScanner

۴. ڪاڪيون! مونکي ڪينکي، ٿي ساجن ريءَ ٻہ سري
۵. جيڪا اديون عشق جي، آئي هيٺ اري
٦. تنهن جان جُثو قربان ڪيو، زودئون منجهہ ذري
۷. **سچو** سوز انهن جي، ڳاري منجهہ ڳري

ڪافي وهاڳ ١٢٦٣

احوال عشق لائي، سِرُ سره سلائي

۱. سي شيخ عطار جي
تو چوتين چلائي

۲. ڏسيو تماشو تيغ جو
ڪُوپن ڪنڌ ڪپائي

۳. دين ڪفر مؤن نڪري
تو اناالحق الائي

۴. واديءَ ۾ وحدت جي
ڪوڙين سر ڳنوائي

۵. **سچوءَ** کي تنهن صفت ۾
سائين مانَ سڏائي

Scanned by CamScanner

داستان اوڏيهون ڪؤنسي جي ڪافين جو

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٤

بُسطامي ڪيهي ٻات ڪهي هي ڪوئي سمجهڻ والا هوءِ
١. ”انا احمد بلا ميمي“، اهو سرور حرف سندوءِ
٢. ”سبحاني ما اعظم شاني“، پير نہ ڊرڻا پوءِ
٣. فرمودو ”مارئيت الا“ جو، ڪل لهي هيءَ ڪوءِ
٤. ”ليس سوالله“ سخن جُنيدي، سالڪ سمجهج سوءِ
٥. ”اسجدوني“ تبريزي آکيا، منجهہ عُليل الوءِ
٦. وچ چؤگان حُسن حَلاجي، غازي ماري گوءِ
٧. اندر ٻاهر اُهين هڪ دي، آهي هي سيا هاءِ هوءِ
٨. مچلي آب ڪنون هي غافل، ٻاڻي ڪر ڪر روءِ
٩. سچو صبر اتاهين ڪرڻا سيڪنهن صورت سوءِ

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٥

حرف الله تي معنيٰ هُو، ظاهر هوتي باطن هو
١. اوئي اندر اوئي ٻاهر، اوئي آها موبمو
٢. هر ڪنهن جاءِ ظهورا تنهندا، هر ڪنهن ڪوچي ڪُوبڪو
٣. آپ پهريندا لکين لباسان، هر ڪنهن خاني خوبخو
٤. اوئي روندا اوئي هسدا، صاحب سوئي سوبسو
٥. ”وهو معڪم“ اِها اشارت، جانب وسدا جوبجو
٦. آپ ڪنون ڪڏهان خيال نہ ٻاهر، **سچو** ٻهندا روبرو

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٦

جهيل ري من جهيل مالهان، همين پيالا جهيل جي
جيسي رنگ سي هانسي آيو، تيسي راکن ميل جي
١. ارم مک سي هانسي آيو، صورت مُک سي ڦولجي

Scanned by CamScanner

قـول ۾ هـڪ رتـن ﭘـنـهـجي ﭘـر ڪـلـيـواش ٽـول جي
٢. چنـدر مـاٿـي سـورج ﭘـائـي، ﭘـر ۾ اَٿـو سـيـل جي
شـڪـت شـيـجي ﭘـر نـہ ڳوٿـي ايـسا عـنـبـر ﭘـيـل جي
٣. آئو تـوڪـس رنـگ سـي اور جائـو تـوڪـس سنـگ سـي
امـر گـهـر ڪـي خـبـر نـاهـين، ڪـيـا هـويـلا رنـگ جي
۴. سـاس سُون اور سـاس ﭘـوڇـو، آج ري ٿـم ﭘـانـچ جي
ذات ۾ هـوئـي ذات بـولـيـا سـڀ **سچو** هـي سـانـچ جي

ڪافي ڪؤنسيو ١٢٦٧

محبوبان ني ميندي لائي وي، عاشقان دي گهر رنگ وي
١. علم عقل ڪٿي ڪم نہ آيا، وو نينهن وچايا ننگ وو
٢. چٽڪيا تـيـر بـرهـہ دا ڪـاري، لڳا نـيـنـهـن نـسـنـگ وو
٣. سُڪ واليان نـون خبر ڪـيهي، وو ڏُک چڪايا ڏنگ وو
۴. نـال رانـجـهـو دي روز ازل دي، قـلـم ولايـا انـگ وو
۵. هڪ دل آهي رانجهو نيتي، مئين نهين ڪيڙيدي سنگ وو
٦. **سچو** عـاشـق آفـريـن صـد ورهـہ گـهـتـيـا هـي ونـگ وو

ڪافي جهنگلو ١٢٦٨

مــحــبــوبــان نــي مــيــنــدي لائــي
عــاشــقــانــدي گــهــر رنــگ وي
١. عـلـم عـقـل ڪـٿ ڪـم نـہ آيـا
وو نــيــهــن وچايــا تــنــگ وو وي

Scanned by CamScanner

۲. ڇُٽڪيا تير برھ دا ڪاري
لڳا نينھن نسنگ وو وي
۳. سُک واليان نون خبر ڪيھي
ڏک چکايا ڏنگ وو وي
۴. نال رانجھو دي روز ازل دي
قلم ولايا انگ وو وي
۵. ھڪ دل آھي رانجھو نيتي
مئين نھين ڪيڙيندي منگ وو وي
٦. سچو عاشق آفرين صد
ورھ گھتيا ھئي ونگ وو وي

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲٦٩

ڪل نہ پوندي ڪائي
عجب جيھي اسرار أنهي جي
۱. هئي حلاج ذرو سُڌِ سر جي
تنهن سِسي ڪوڏ ڪپائي
۲. لاھي حجاب حجاب وڏائَين
ھيءَ حرفت يار ھلائي
۳. **سچو** سوئي صاحب آھين
پر سڀ ۾ ذات سمائي

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۰

محبت جو مان ماريو، ڙي آءُ ڪاڪيون!
ڪنهن سان وره وراهيان
۱. عقل شرم سڀ ڇوڙ ڏتوسين، جان عشق ڏنو اولارو
۲. اکيان کول تہ ظاهر ويکين، سير سڄڻ جو سارو
۳. پُرجهي پير اوڏاهين پايو، هوت اتئو هاڪارو
۴. سهسين جُون تو سريون ڪپائي، رکي ڪنڌ ڪٽارو
۵. محبت مؤن منصور وجهايو، ڳچي ديوچ ڳارو
۶. سڀ **سچيڏنا** ڇوڙ سنباها، وره ڪيو جان وارو

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۱

سنيو! سهٽي يار دي ٻاجهونہ ٻهون ماندي هان
۱. معلوم تيکون حال اساڏا، ورهہ ڪنون نهين واندي هان
۲. نال ڪرم دي ڏيک اسان ڏهون، سُور اٿان ٻيٺي کاندي هان
۳. اڱڻ اساڏي آءُ پيارا، حال ڪنون هُڻ جاندي هان
۴. نال لوڪاندي وو ڪم نہ ميڏا، تُسانکون مين ٻاندي هان
۵. **سچو** اپنا سگ نہ ڇوڙين، ٻاند ڳچي وچ ٻاندي هان

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۲

جنهنجي آهيان عشق اندوهي، تنهن ٻاروچي کي ٻاجهہ پوي
آءُ حال چونديس روئي، تنهن کوهيارل کي کهل پوي
۱. سانہ چڏيجو ڇپرين، جا لعلن تو سان لوئي
۲. پريان سندي پار ڏنهن، قاصد اچي کوئي
۳. سوئي ايندم سُپرين! جانب جيءَ جو جوئي
۴. پورهيو ڪندي پرين، ڳچيءَ پائي اوئي

Scanned by CamScanner

۵. سمر ٽيڙم سَچ ۾، جا حُب توي سان هوئي
٦. اکيون عجيبن ڏي، ٻيٺيون جُهڙ جهوئي
۷. **سچو** سگ اوهانجو، ٻُور وڏا جنهن ٻوئي

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۳

اي پرين تون پاڙ پهنجا، قول جي تو ڪالهہ ڪيا
۱. منجهہ جدائي تانهنجي، هَي هت اسان هي حال ٿيا
۲. مون تا ملڻ لئي تانهنجي، ڪوڙين کهڙا تي خيال ڪيا
۳. حال منهنجي کي ڏسي، ڪئين ڀلا تو ڀال ڪيا
۴. سڏ **سچوء** سک سوز مؤن، جاني اوهانکي جال ڪيا

ڪافي ڪؤنسيو ۱۲۷۴

چوکرين تو ارمان وي
جيکي آهين سوئي ٿيندين
۱. اُتر اوير اولهہ ڏکڻ
سر زمين چا اُهو آسمان
۲. پاٿؤن چاٽي پير گهمائيُي
تي صورت ۾ انسان
۳. اٿڻ وهڻ چاڻ اهوئي
آهہِ ڪُل يوم فَهو في شان
۴. ڪل شيء يرجع الي اصله
قادر ٿيو قُرآن
۵. هاديء حقيقت هي پرجهائي
سچو تون سلطان

Scanned by CamScanner

داستان ويهون مالڪوس جي ڪافين جو

ڪافي مالڪوس ١٢٧٦

سانون لي چل نال وو ميان! جيئڙا نهين رهندا

١. مين تا تيڏي ميان اصل آهي وي. تون تا صاحب ميان، مين سپاهي وي آءُ هادي مُڙ ڀال وي ميان

٢. نهين وسيلا ڪوئي اسان نونَ وي. دامن لڳڙي دا شرم تسان نون و جيوين ڀاوين تيوين ڀال

٣. جهيڙا ڪيُتا وي مٺان ڪيڏا وي، مئين رانجهن دي رانجهن ميڏا وي ڪيڙا سو خام خيال

۴. رانجهن تخت هزاري والا. چاڪ سڏايُس هُڻ چا نالا مين تا هير سيال

۵. مين تا تيڏي بندي بردي، پورهيا ڪردي وي تيڏي دردي ميان! جيهي تيهي حال

٦. **سچو** دي وچ سهس خطايان، توهين صاحب ميان بخش عطايان گهن قلم چا وال

ريختو مالڪوس ١٢٧٧

دل میری بیران ہوئی،اج یار سئلانی ہوا
زاھدا اس میری دل پر،داغ ضعانی ہوا
١۔ نہیں جمعیت دل میری کوں،ہجر کی بیہات ہے
اب دیوانا ہوپھروں، کس جاء پر جانی ہوا
٢۔ ہے غنیمت مجھ کوں یارو،دوستی دلدار کی
میں بیگانا ہورہوں،اس جگ سوں جگ فانی ہوا
٣۔ ایک پل ہمدرد پایا، پھیر اس سوں لیا فراق
پھر وصالت یار کی،جوں ابر آسمانی ہوا

Scanned by CamScanner

۴-بـو گـدا گـرمیں پھـروں،اب یـار کیتے دربـدر
کـس گلی میں کب جو دیکھوں،سیل سلطانی ہوا
شـرط،مـردی کیـا یہی ہے، مـرن اس کی طلب میں
سـر سچُو کـا اس گـلـی میں،کـار قـربـانی ہوا

ڪافي مالڪوس ١٢٧٨

هــــن غريـــب جو حـــال
تــوکـي مـعـلـوم آهـي
١. صدقي ڪنديس سِرُ سائين توُن
پـيـو سـڀ مـلـڪ مـال
٢. دوسـت اوهـان ريءِ ديـس ۾
جيـئـڻ آهــي جنـجال
٣. چئـي پـڌايـان ڪـيـتـرو
آريـــاڻـــي احـــوال
۴. مـچ سـچوءَ جو سـپـريـن!
سـائـين لـڳ سـوال

Scanned by CamScanner

داستان ايڪيهون متفرقو ڪَلامُ

ڪافي پيروي ١٢٧٩

جهـڙو هـي عـجائـب آءِ

ناهہ عجب ٻيو ڪو اهڙو

١. هيڏي هوڏي نہ ڏسين

مُنهـن پـاڻ ئـي ۾ پـاءِ

٢. پُئـہ تـصـور هـن ۾

ٻـي بـازي ڪـانـہ بـنـاءِ

٣. اُڪيون پٽي جي ڏسين

هـادي آهـي هـر جاءِ

٤. سچوءَ سارو سچ چيو

هـي رمـز دل سـان لاءِ

ڪافي گونهري ١٢٨٠

سڀ ڪنهن ويڙهي تون وسين، توري؛ آهي ڪونہ ٻيو

١. چولي هئين چاتوم، توڪي سانول سڃاتوم، هر جا آهين حاضري

٢. هر جا حاضر تون، موٽي کهڙي آهي مُون، هادي ڪرڻ حجاب ڪي

٣. ڪاتين قاضي ٿئين، ويهي ناحق فتوي ڏئين، سوري تي منصور جي

٤. موٽي ٿئين منصور، ڪيئي مُلن جو مذڪور، شاهد ٿي ٻيهين شرع تي

٥. اناالحق آواز، هي تا سارو تنهنجو راز. ظاهر ڪَيُئي زمين تي

٦. سرمد تي اسرار، ڪيو عالم ۾ اظهار، وري وڌئي شور شهر ۾

٧. هي سڀ ڪم سنداءِ، آهن جاني جاءِ بجاءِ. جيڪي ڪرين تون ڪرين

٨. حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون، تنهنجو هُل هنگام هي

٩. اڀريو آفتاب، جهليو تارن هڏ نہ تاب. گوشا ويڙا گم ٿي

١٠. سچو ٻيچ گمان، ٿي حيرت ۾ حيران، جو مؤلا مؤن ٻانهون ٿئين

Scanned by CamScanner

ڪافي پرج ١٢٨١

چل تہ ويکڻ وچان، سهيو! ميڏا رانجهن ندي دي ڪناري

١. هتڪي هوري مُول نہ رهسان، منت ڪائي نہ مچان
٢. مين تي رانجهن ڪني هوڪي، نينهن لايوسي اچان
٣. پچان پوٽيان تاڙيان سنيان، پهلي پيري پچان
٤. **سچو** عشق الهہ دي ٻاجهون، ٻيان سڀ ڪوڙيان ڪچان

ڪافي ڪامول ١٢٨٢

يڪدل يڪدل هيئين وي ميان! تانہ تا مولا تانہ رهي

١. خاڪ متي دا بتڙا بنايئي، وچ پڪي پرڏيهي ڏيهي
٢. پاٽي پيندا داٽا چُڳدا، ذات نچاٽا ڪيهي ڪيهي
٣. ڪل انهيندي ڪَل نہ ڪائي، سمجهہ اسان ڪل پيئي پيئي
٤. هي جڳ سارا خواب نيشاني، سمجهہ **سچو** تون ايهي ايهي

ڪافي ڪونسيو ١٢٨٣

هادي اپٹا ڪرم فرمايا، هُڻ تا بارو بار

١. مين مسڪين تي دلبر تيڏا، ڪرم هويا بيشمار
٢. تيڏي هُڻ تا دل وچ رهيان، خوني عجب خمار
٣. آپو چاٽي آپ ڪيتا، هُڻ عاجز سان اقرار
٤. ڪوئي دم دُور نہ هوسان، هن واعده تي اعتبار
٥. هوسي هميشہ چاڻ يقيني، برهي وچ بهار
٦. حاضر مجلس اڳون ياراندي، هويا **سچو** عشق أنار

ڪافي بلاولي ١٢٨۴

آءُ تہ مان تون وچي يار، ٻي ڳالهہ ڪر م ڪائي

١. ڳجهي ڳالهہ هادي واري دل تي دائم، فراموش ٿي ٻي ورونهن وائي
٢ بحر تي جا لهر لڳي ٿي، اسان پاڻ بازي اصل ڪؤن بنائي

٣. آهي هُوءِ حيرت هُو جي جسم تي، حرف حق جو آهي صورت سپائي
٤. لٿو جُهڙ جو نظر ۾، ظاهر ٿيو سچ، ٿي اڄ سراسر سهائي
٥. آهي **سچو** سچ تحقيق ڄاڻي، جنهن مست ماريو دم خدائي

ڪافي ١٢٨٥

آهي منهنجو سڱ تا پنهڻ توئي ساڻ

١. آءُ اوري تون وچ نہ پري، ساه وٺي وڃ ساڻ
٢. هوت جي ني هلڻ جو، ڪونہ پيم اُهڃاڻ
٣. ڇُلي پينيس ڇپرين، سڱ پنهڻ تنهنجي ساڻ
٤. لڳو آهي دل کي، ٻاروچل تنهنجو ٻاڻ
٥. سِرُ **سچوءَ** جو يار اوهان سان، تون ڪوڙين ٿي قربان

ڪافي سسئي ١٢٨٦

آءُ ڪوڙين ٿيان قربان
جوڳيئڙن جي جات تؤن
١. ڪاڪيون ڪاپڙين جو
ڏاڍو آهي مُون ارمان
٢. آيل آڏوتن جو آهي
گنگا ۾ گذران
٣. نانگن سندي ڳالهڙي
هت پورب ۾ پروان
٤. **سچو** نات نهارين چو ٿو
ٻئي هنڌ ٿي مهمان

ڪافي ڪوئنسيو ١٢٨٧

جيئن سچ آهي پريشان
سوئي ڳولي سچ کي الوالو

Scanned by CamScanner

١. مڇلي جيئي آب سان
آب ڀـــڇي طـــغيـــان
٢. تـارو ڀـڇي نـجم کـي
مـؤج ڀـڇي مـهـريـاڻ
٣. ڦرڙي ڀڇي مينهن کي
شـاه ڳولـهـي سـلـطـان
۴. هُو مـڙيـئـي ڀـاڻ ٿـيـو
کـيـر ٿـيـا حـيـران
٥. سچو جي صـفـت ۾
اهـو بـاريءِ کـيـو بـيـان

ڪافي ١٢٨٨

ڀلا ڀلا چايا چايا مهـٽان چايا چايا
وي ڀـرديـسـي يـار دا
١. ســاري جڳ دي وي بـديـان چاتم
رانـجهـي نـيـنـهـڙا لايـا
٢. رانجهـن سـائين وي تخت هـزاري دا
ڀُچ ڀُچ جهـنـگـڙا آيـا آيـا
٣. راج ســيــالــين دا دل دا ڏاڍا
مئيکون نينهن نوايا نوايا
۴. ڀــاڀــل ويــر تــي نــال اســاڏي
جهڳڙا کرڻ اجايا اجايا
٥. ڳل مــاهــي دي هــئــي مــهــين دا
يار سچو ٻيلي سايا سايا

ڪافي ١٢٨٩

مين ڳڌي هان عشق آياڻي
هيڏي هوڏي گهمڻ نہ ڏيندا

١. نيڻن سندي نازسان
ڪيؤن هتيڪو هاڻي

٢. ڏيل ڏنائون ڏکيءَ جي
اهو آرانيو آڻي

٣. ڏنا دلاسا دل کي موتي
سو يار سياڻي

۴. ماريون وڏم مامري
سندن سانگ سڃاڻي

۵. **سچو** سگ اوهانجو آهي
سائين پاڻ سڃاڻي

ڪافي ١٢٩٠

اها حال منهنجي هاءِ هاءِ وو
توريءَ لهن هي ڏينهڙا ڏينهڙا

١. آهي هن احوال تي
ولها تان واءِ واءِ

٢. دوست تنهنجي ديس جي
ڪند اسانکي آءِ

٣. ڏسيون ڏهاڙي رُوان
جاني تنهنجي جاءِ

۴. ڪاڪ نہ لڳي ڪس مُون
سودل تنهنجي ساءِ

Scanned by CamScanner

۵. سـوڍا ستـاري كـري
پـيـر اڳڻ مـنـهـنـجي پـاءِ
٦. درمندن جُون دانهڙيون
والـــيءَ لـــڳ ورنـــاءِ
٧. سـوال سچوءَ جا سپرين!
تـــون لالـــن دل ســـان لاءِ

كافي ١١٩١

ويـــهـــي جان كـيـم قـيـاس، هـاريـا وو

١. جوئي چوندڙ سُنَّدڙ سوئي. سيكنهن صورت آپ اُهوئي. رهندا شك گمان نہ كوئي
كـيتـس لـك لـبـاس

٢. جائي صورت مورت سائي، نقش نقاش جو رمز رلائي، لك چوراسي هكا وائي
وائـــي وائـــي واسُ

٣. سر انهيندي سُڌِ تنهان نون، اهو هوسي احوال جنهان نون، كيهي سو خبر خيال ٻنهان نون
نـهـين سـو تـور تـپـاس

۴. سمجهہ سچو تون ڳالهہ اهائي، اندر ٻاهر هكا وائي، وحدت دي وچ ٻوڙ ٻيائي
خودي كنون ٿي خلاص

ريختو ڌناسري ١٢٩٢

جتهـاں مـلاحـظـہ سـر كـار ہووے، اتهـاں عـاشق آويگـا
تـوڑ تـمـنـا ديـن دنيـا كـی، سـارا جِـیُ جلاويـگـا
١۔ اول آخـر عشـق اسـی كـوں، سـولـی، پـر چڑھاويگـا
عـقـل عـلـم تے شرم حيا كـوں، كـلی عشـق اڈاويـگـا
٢۔ جتهـاں جـاء نـہ پيـردهـرن كـی كـونتـل بره كڈاويگـا
مُـهـرا جـوڑ خـانـے پر پہلے عـاشـق سر كـٹـاويـگـا

Scanned by CamScanner

۳۔ دم اسی میں اناالحق کرے،آخر بات بتاویگا
دستوں دست حال اسی میں عاشق آپ کہاویگا
۴۔ سُوتُو اقبال انت سُوتُوا،سارا حکم چلاویگا
سلت مذہب دین کفر کوں سچُو برہ لٹاویگا

ڪافي جوڳ ۱۲۹۳

جنهن دل تي آهي جوش
سا دل سُورن سان سنري
۱. آءٌ هڏ گهوري اُن توُن ميان!
جنهن تي جوش خروش
۲. ڳالهہ ڳرهڻ ڪهڙي
خلق اڳيون خاموش
۳. اثر اهي عشق جا
اول وڃائي هوش
۴. سالڪ سُڪ نہ سرها
گوندر ڏي ڪن گوش
۵. خلق الانِسانَ عليٰ صورته
پاتشاهي پوش
۶. سچو سُوريءَ وڃڻا جي
مئي ۾ تيا مدهوش

ڪافي بلاولي ۱۲۹۴

سڀ ڪنهن صورت ۾ سپرين، ساري ڳالهہ سليائون
۱. ڏيو پاري سچ ڪي، ڪاتي ڪين ڏنائون
۲. ساڻ روشني صبح جي، پُرجهي سچُ پسيائون

Scanned by CamScanner

٣. وحدت ڪثرت هڪڙي، جيئن مينهن ڦڙيون مورائون
۴. سچوءَ سنـدي نانءُ ۾، اهڙي طرح اُتائون

ڪافي بلاولي ١٢٩٥

هُت تا ڪير هُياس، پلو ميان!
هِت تي آيس ڪير نـہ ڄاڻان
١. نانءُ پيوهُت هو منهنجو سائين لا
هِت پئي نانءَ تياس
٢. اڃڻ نـہ هو هِت منهنجو سائين الا
پر ڪنهن تا خواهش ڪنياس
٣. هت هُيس معشوقيءَ ۾، سائين الا
هِت عاشق تي آياس
۴. هيءَ هيءَ هُئي هُت ڪانڪا، سائين الا
هِت منجهـ پروڙ پياس
۵. سچو سارو سچ تيو، سائين الا
وچؤن آءُ وياس

ڪافي ١٢٩٦

ڪنهنڪي حال چوان هي
اديون ڙي واويلا وو
١. ڏيرن ڏيئي ڇڏيا
موٽي سور نوان هي
٢. مهٺا محبوبن جا
ڏنا پاڻ اوهان هي
٣. سچو سرواٽن ڪي
وجي پيرين پوان هي

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٢٩٧

هادي ني سبق پڙهايا، ڀلو سنيان! اهو هادي ني سبق پڙهايا

١. غير جو ڇاتو ئي حق اهوئي، سائين اينوين سمجهايا ڀلو

٢. ڀيت اهوئي هُو دا هيئي، سمجهہ اهو ڪر سعيا

٣. سچ **سچو** وچ، سچو سچ وچ، ميان! ڀيا سو پنڌ اجايا

ڪافي ڏناسري ١٢٩٨

ڪر نينهن سندو ئي ندان
جلدي آءُ چڙهہ سُولي تي

١. مرد ٿيوين مردود نہ ٿيوين
ٿيوڻ اتان سلطان

٢. مست اُتي معراج اهوئي
متان ڪرين ارمان

٣. سورهيہ ٿيوين آءُ **سچو** تا
گوءِ اهو ميدان

ڪافي ڀيروي ١٢٩٩

تو ڪيئن وڃايو پاڻ، ڳولي لهج پاڻ

١. پاڻ وڃايو نہ لهين، ڀڃي شڪ گمان

٢. اڪر گڏيئي گهر ۾ ميان، سوئي گهر سڃاڻ

٣. مڪڻ آڪر هيڪڙو ميان، سوئي ڪير سنباڻ

٤. آهين ناهين آهہ سيوئي، آهہ نڪو اُهڃاڻ

٥. ڇاجي ٿيندو ڇاجي ليندو، صورت وچ سڃاڻ

٦. **سچو** تي سچ آئيو، ماڳ انهيءَ مهمان

Scanned by CamScanner

ڪافي ڀيروي ١٣٠٠

جا چوڻ جيھي ناءِ
سائي ڪيئن چوان

١. ڳجھي آھي ڳالھڙي
ڪنھن ڪل نہ آھي ڪاءِ

٢. اوڏي ناه پروڙ ڪي
ويجھي نہ ويساه

٣. ھُئڙي سُدِ جلاج کي
تنھن سِسي ڪوڏ ڪپاءِ

٤. پوڻ آھي اونھنِ ۾
جتي ھوءِ ھواءِ

٥. **سچو** سِرُ نہ سلڻ جو
سو تا سڀ منجھاءِ

ڪافي ڏناسري ١٣٠١

اکيان کول تہ ظاھر ڏيکين، اتان اُھو اسرار

١. جنھندي ڪارڻ جھنگ ووڙيندئين، سوتئين وچ تکرار
٢. آدم جوڙ تماشا لايُس، آپ ڪِيتُس اظھار
٣. بازيگر بازي پتريس، ڪوئي چاٽي خبردار
٤. پُتلي دي تند ھٿ تنھندي، آپ نچائڻ ھار
٥. آپ اليندا سُڻيندا آپي، صورت دا سينگار
٦. وچ **سچو** دي سوئي ٻولي، نانھہ اتان انڪار

ڪافي پھاڙي ١٣٠٢

پُتلي دي وچ ڳالھيان يار ڪريندائي
ڪيھان ڪيھان سي تعجب جيھان

Scanned by CamScanner

۱. تند تهينڊي دست سڄڻ ڊي، سو ڪرائيندا هس چاليان
۲. آپ هلايس وي آپ چلايُس، رنگ ڊيکين رنگ واليان
۳. ڪنهان پُتليان نون خرقہ ڏيندا، ڪنهان نون سو شاليان
۴. ڪئين ٻوليان آپ ٻوليندا، هڪ هويان هرتاليان
۵. ٻن بازيگر وي ناچ نچينديان، ڪڏهان نہ هونديان خاليان
۶. پتلي اُتي نام **سچو** ڌر، باتيان ڪري ٻرجهاليان

ڪافي جوڳ ۱۳۰۳

نيٹان دي عجب نگاهہ

جو ول ول هونديان هادي دي نال

۱. هادي سانون سر اهيندي
آهہ ڏيکالي راهہ
۲. هتان ڦيريان ڏي ڪر رهيان
آپ لهان هر گاه
۳. ڪتي تائين نظر آيا
ٻن الله دي آگاهہ
۴. اکيان وچ سيو ڪجهہ آها
متان ٿيوين گمراهہ
۵. **سچو** تئينون رمز ڏيکالي
هادي ٿيا همراه

ڪافي ۱۳۰۴

نيٹاندي مين ماري، وو هوءِ هوءِ

۱. عاشق ٻانهان ٻڌ ڪرا هُڻ، ڪڙ ڪريندا زاري وو
۲. مين اياٹي نينهن ڪي چاٹا، ٻره چاڙهيوني ٻاري
۳. مين نماٹي ڪون مزگان والا، ڪيبر مارئي ڪاري
۴. **سچو** آک سياندي اڳون، حال حقيقت ساري

Scanned by CamScanner

ڪافي ڪوُنسيو ١٣٠٥

هَي هَي هـــن جي حـــال
سڳر ٽيس نہ ساميڙن جي

١. ڪم منهنجو آهي ڪاپڙين ۾
نــاتہ جوڳــي آهــن جــال

٢. ويم ويــســاهــي وو نـــڪــري
رات لانــــڱـــوٽـــيـــا لال

٣. ڳوليان ڦوليان واٽڙين تي
جي ڪهي ويڙم ڪالهہ

٤. ڪات اُتي ڪنڊ آٽي ڪپائن
لاهـــي جيءُ جنـــجال

٥. منجهہ گداوَ وري مانَ، ڳڏجن
جنـــجا خـــواب خيـــال

٦. راتـــو ڏيــنــهــان آڏوتــين جي
سچو ســـاه ســـنـــيـــال

ڪافي ڌناسري ١٣٠٦

هـــاريـــون هـــهـــڙي حـــال
ڏيان ڏوراپو ڪيهو پرين کي

١. مــين نمــاٽــي يــاد يــاران نــون
آپـــي نـــيـــنـــدا نـــال

٢. راتــو ڏيــنــهــان آهــي اسـاڏي
جـــوشـــان دي وچ جـــال

٣. نـــال تـــســـاڏي دلـــبـــر آهـــا
سچو آپ ســـنـــيـــال

Scanned by CamScanner

ڪافي پيروي ۱۳۰۷

الــحــق الــحــق هــوالــحــق هــو
الــمــالك مــلك بــلاشك هــو

۱۔ اب ظـاهـر کیسـا یار ہوا، اس دم دم میں دلـدار ہوا
یـوں ایسا ہی اسـرار ہوا، یوں سری سـر انسان ہوا

۲۔ اس جـا سے اس جـا آیـا ہے، اس لالی رنگ بنایا ہے
اوئی سب میں شاہ سمایا ہے، ہر شاہ گدا حیران ہوا

۳۔ اس حیرت میں حیرانی ہے، یہی مشکل نا آسانی ہے
میری جان جتاسب جانی ہے، اس صورت میں سئلان ہوا

۴۔ جس اس مئے ذی ہے مخموری، تس درجہ پایا منصوری
چل چوٹ چلاوے سرسوری، یہی مرداں کا میدان ہوا

۵۔یہی یار بیٹھا گلزاری میں، وہو سئل کرے سنساری میں
اوئی باز چلے بازاری میں، اوئی لاشک لامکان ہوا

۶۔ کسی مذہب کی یہی راہ نہیں، وہ کسی کوں آگاہ نہیں
بن کام فنا فی اللہ نہیں، یوں مرشد کا فرمان ہوا

۷۔ ہو مرد آویں صف مرداں میں، سرسارا پائو کر میداں میں
آئو گوئے ماریں اس چوگاں میں، اوئی دین اوئی ایمان ہوا

۸۔ تم اناالحق کا نعزا کر، وہو ناز کا نغارا کر
تب اپنا نور نظارا کر، اب سولی کا سامان ہوا

۹۔ او کتلے ڈینہہ گدائی میں، دت ہوویں یار جدائی میں
ہن آویں خاص خدائی میں، اوئی سارا جگ سلطان ہوا

۱۰۔ کب شمع جو کب پروانہ ہوا، کب داماں ہو، کب دانہ ہوا
کب دانا کب دیوانہ ہوا، ایہے برہے کا جو بیان ہوا

۱۱۔ اس راہ میں شافعی یار نہیں، وہو حنفی کوں اعتبار نہیں
وھُو حنبل خبردار نہیں، اتھ مالك بھی مستان ہوا

Scanned by CamScanner

۱۲ ـ اس بازی میں سربازی ہے، سر ڈیون سر افرازی ہے
اہو عشق میں عرض نیازی ہے، جندجان کلہی قربان ہوا
۱۳ -ہے مرشد خواجو عبدالحق، نہیں عبد ہوا ہے حق الحق
ہے دونوں جگ سوں لاتعلق، میرا پیر بحر عرفان ہوا
۱۴ -ہے نام سچو کا ذاتی میں، وہو سارا جسم صفاتی ہیں،
ہوہ چھین نادن راتی ہیں، وہوہ اس کا طوفان ہوا

ڪافي ۱۳۰۸

آءٌ تا روز روان ساريون، سوڍا تنهنجيون وو ڳالهڙيون
ڪيتريون ڪيتريون

۱. پڌي وچ ولها زور منهنجيون زاريون
۲. سڪ سنديوَ ڪيون ڪيتريون، جيءَ اندر جاريون
۳. راڻا رُسڻ تانهنجي، ڪُوڪان هت ڪاريون
۴. ويني ڳرهيان ڳالهڙيون، هنجون هِت هاريون
۵. جيڪي جايون جيءَ ۾، ورهہ تنهنجي واريون
۶. **سچو** سهندا سپرين، عاجز جيون آريون

ڪافي پهاڙي ۱۳۰۹

سڀ ڪنهن پار پرين جو پرتو، خوابون عين ڳلايو

۱. وحدت مؤن وه ڪثرت ڪيائين، رنگي رنگ رسايو
۲. تون مان جي پردي مؤن ٻاهر، سرتيون! چونہ سڏايو
۳. طرحون طرح پوشاڪان پهري، لعلن پاڻ لڪايو
۴. هي سڀ حُسن هادي جو آهي، ڀينر! ڪيم ڀُلايو
۵. پاڻ ڳجهو ڪيائين پڌرائي ۾، هِيءُ تنهن هُنر هلايو
۶. **سچيڏنہ** جي صورت ۾، تنهن اهڙي رمز رلايو

Scanned by CamScanner

ڪافي پهاڙي ١٣١٠

صدقي صدقي سرميان!
آهي ڪوهيارل توُن صدقي

١. ڪاف ڪشالا وو ڪيچ جا ميان الله
ظاهر مُجن تا زرميان

٢. جبل گهايا وو جوش مؤن ميان الله
گهائي ڪيڙم گهر ميان

٣. محبت جي ميدان ۾ ميان الله
گهيڙُ ڏسي وجي گهر ميان

۴. وهڻ مونڪي وِهُ تيو ميان الله
ترسان هڏ نہ تِرُ ميان

۵. جيڏيون! جانب جَت لاءِ ميان الله
پئي پئي وتي هي بر ميان

٦. حبيباٹي هنج ۾ ميان الله
ڪيهہ ڪري وجي ڪِرُ ميان

٧. **سچو** سچيءَ سڪ مؤن ميان الله
فاقو ڏسي نا ڦِرُ ميان

ڪافي ڪؤنسيو ١٣١١

تيڏا ديسڙا وسي سائين!
سگها اسان ڏهون آوين

١. مَتِ وو مصلحت يار تُساڪُون
ڏاها ڪؤن ٻيا ڏسي

٢. عاشق تيڏي لکين ڪروڙين
ناهيون هڪڙا اَسي

Scanned by CamScanner

۳. وِره تيــذيَ دا ســر اســاڏي
اٿ مــيــنــهڙا وســي
۴. نينهن دي نياپي پارؤن تساڏي
شـــال راه وچ رســي
۵. كنهين ويلي يار **سچو** ڏهون
مـان هـيـنـئڙا هـسـي

كافي ڏناسري ۱۳۱۲

مـون وٽ هـو مـهـمـان
پلو جيڏيون! اڄان كالهه قافلو
۱. اٿـم اوٺـارن جو ميان
آيـــــل ڙي ارمـــان
۲. ڏئـي ڏكـيءِ كي ويـا
سُـــورن جـــو ســامـــان
۳. جتن سـنـدي جات لـئـي
هَــي هَــي هِـيءَ حـيـران
۴. كندي وجي كيچ ۾
هـي بـره جو بــ بـيـان

كافي آسا ۱۳۱۳

عاشق كيئي اُداسي، وه واه ڳالهه خاصي
۱. لون لُون منجهه روز ازل كؤن، آهي وره اوهانجي واسي
۲. عشق نار احترق سڻي اشارت، هي دل تا كين هراسي
۳. هيڏي هوڏي كين وياسي، بات اها اسان باسي
۴. بـره اوهـانـجي كـيـو بـيـراڳي، **سچو** رنگ سناسي

Scanned by CamScanner

ڪافي ڀيروي ۱۳۱۴

شـوريـدن ڪـؤن حـال
پـڇج وڃي ڀـوءِ هـوءِ ۾
۱. مجلس وڃج اُن جي
تـا ڏسـين خاص خيـال
۲. مُئي ڪون پُڇج مَئي ڪي
تا ڪندئي ڪوٽ ڪلال
۳. آگـهـ لـهـج اُنـجي
تـاتـو وڻ ٿـڻ آهـي وصال
۴. ورق وسارج وچ جا تا
فـارغ ٿـين فـي الحـال
۵. عـقـل اڇلـج آب ۾
تـا بره ڪـرئـي بي حـال
٦. جي تون وسهين ويسلا
هـي **سچو** سـچ سـوال

ڪافي ۱۳۱۵

آڪـڻ مـشـڪـل هـيـئـي
ڳالـهيان يار ديان ميان
۱. صم بڪم سالڪ آها
قُرب والـي ڪـيـئـي
۲. بار بره دا ڪنهين نہ چايا
فـال آدم سـر پـيـئـي
۳. ظاهر ڪرڻ واجب ناهين
سچو رمـزان سـيـئـي

Scanned by CamScanner

ڪافي ڀيروي ١٣١٦

نينهن نباهي نينديون
اديون اولاڪن ڪؤن
١. جنين سانگو ساه جو
ڏاگهہ اهي سِرُ ڏينديون
٢. ٻُڌن جي هي ٻوليون
آر اُهي هن ايندِيون
٣. ڪاهي قتل جي جاءِ تي
وره واريون ڪي ويندِيون
٤. **سچو** سڪ واريون سي پڌريون
ڪوڙين قرباني ٿينديون

ڪافي ١٣١٧

نيٹان والي نوڪ، اسان نون يار رلائيئي يار وو
١. ويڪ جو مين حيران رهي، اهين اڪين دا اسرار وو
٢. محض اُنهان منصور مرايا، خونيان دي ٻہ خمار وو
٣. ڏتڙي سِرُ جو عالم دي وچ، عاشق ٿي اظهار وو
٤. ڪيئي داناءَ ديوانا ڪيتا، چشمان دي چمڪار وو
٥. رُخ تي زلفان لٽڪ رهيان، سي خوني ڪر خمدار وو
٦. ڪالي وال ڪاريهر وانگي، چاري ٿي چؤڏار وو
٧. منهن ڏيکڻ مهتاب سجڻ دا، ڪِتُم حج هزار وو
٨. **سچو** صدقي ٿيڙا، سُهٽي تؤن سؤوار وو

ڪافي ١٣١٨

مين ماري
محبت تنهنجي ميان

Scanned by CamScanner

١. ورتم ڏک درد جـــــو
تـنـهـن سـيـڪـاوات وسـاري
٢. گـــلا ۽ غيـــبـــت جي
ســـرتـــي چاتم ڪـــاري
٣. چنـــڊ اُيـــري آئـــيـــو
ويـــئـــي ســـب انـــڌاري
٤. مـــڙنـــي مـــتـــيـــاڻـــين ۾
نـــيـــنـــهـــن ڪـــئـــي نـــرواري
٥. تـــوڪـــل ڪـــري تـــڪـــيـــو
بـــرهُ ڪـــنـــيـــو ســـي بـــاري
٦. ســـهـــجـــون **سچو** ڪـــي مـــلـــي
ســـائـــين ڪـــؤن ســـرداري

ڪافي ١٣١٩

مـــين تـــا تـــيـــڏڙي آهـــي
وي پُـــنـــهـــڻ ســـائـــين
١. ساري شهر ڀنبور دي، ميان!
نـــال مـــيـــڏي تـــا نـــاهـــي
٢. ڀنيءَ تنهندي پريت مؤن
روئـــي ٿـــيـــســـان راهـــي
٣. هَي هَي هنجي حال جي، ميان!
اتـــي تُـــســـان نـــون آگـــاهـــي
٤. ڏونگر ڏيندئين ڏکن جي ميان
هِن گـــولـــيءَ جي گـــواهـــي
٥. طـــاقـــت تـــگڻ دي نـــهـــين
هـــادي ڪـــيـــتـــي هـــمـــراهـــي

Scanned by CamScanner

٦. **سچو** خيال تي قائم رهڻا
ملسئي شاهنشاهي

ڪافي ١٣٢٠

ناهي ويچاريءَ جو وس ني
توکي معلوم مڙيوئي ميان

١. آهي هِن ڪميٽي کي ميان
ڏونگر سندو ڏس ني

٢. چڙي ڏونگر ڏاکڙو ميان
ويڙهي اسانجي وس ني

٣. حال هن جو هيٺو ميان
پنهون اچي پَسُ ني

٤. ٻاروچاٽي جات ۾ ميان
تون سانول آهين سرس ني

٥. **سچو** سندي حال تي
پوئي شال ترس ني

ڪافي ١٣٢١

مين تارمزان والي دي آهي وو

١. مين رانجهن دي رانجهن ميڏا، نال کيڙاندي ناهي وو
٢. رانجهي نون ڪوئي آک سڻائي، اج کيڙاندي ڇج آئي وو
٣. کيڙياندي ساري نگري نون، شال آوي باهي وو
٤. نال ماهي دي آپي ويسان، ڇوڙ ٻباٽي شاهي وو
٥. حال اساڏي هڻ پيڙي، رانجهي نون آگاهي وو
٦. **سچو** رانجهو تيڏا هويا، نال ورهه دي واهي وو

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٣٢٢

هي وي سنيان ويل آهائي، پڇي هٿ مليسين، جو گذري رات سيائي

١. دوست ظاهر دي وچ آيا، آپ ڪنون چا آپ لڪايا
رنگان وچ ڪوئي رنگ ڇپايا، وه جا بازي يار بنائي

٢. وه جو ڪيا پير بنايس، تعجب جيها جو رنگ لايس
شاه هويا هڻ چاڪ سڏايس، پير حقيقت هي سمجهائي

٣. جاڏي ويڪان تاڏي ماهي، ذات صفات جا هڪا آهي
گم ٿئي هت شاهنشاهي، اندر ٻاهر اها وائي

٤. **سچو** نالا تي ڪي آيا، وچ درازين رکيس رايا
ڪوزي دي وچ سمند سمايا، گيت اناالحق ڳائي

ڪافي مومل ١٣٢٣

ٻاجهه پوئي يار، ڪا مهر پويئي مينڌرا

١. آءٌ تا ٻُلي آهيان، جو ڪيو مون ماٺو
آيل آهي ڪينڪي، اُهو رُسڻ جو راڻو
ويٺي ڪنڌيءَ ڪاڪ جي، آءٌ ڪانڌ اُڏايان ڪانگ
موٽي اچج سپرين اي سوڍا ڪنهين سانگ

ڪافي ١٣٢٤

سُهڻي واليان ڳالهين

ڪنهنون آک سڻايان مين وو

١. مين آياڻي نينهن ڪي چاڻان

آءٌ هادي مُڙ ٻالين

٢. ريس ڪريندي يان مين ٿون، سائين!

سب سيالين

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٣٢٥

ڀهري پوش جو ٿر ڪي آيو. الله آدم نامُ سڏايو

١. زيـــورَ سُرخ طـــلائـــي ســـوئـــي، الله آدم آهِ اهـــوئـــي
شـــڪ گــمـــان نـــہ رهـنـدا ڪـوئـي، واه رنــگـيءَ جو رنــگ لايــو
٣. آب شـڪـر گڏ شربت پـايـو، جسـم انـدر ايـنـوين اسـم سمـايـو
تـنـهـن جو اصلي هـي هو رايـو، چاهـ مـان تـنـهـن هـو چاڪ سڏايـو
٥. ڪٿي بانگ صلواة چوائي، ڪٿي در در ليئو پائي، ڪٿي **سچو** نانءُ سڏايو

ڪافي ١٣٢٦

آپي شاه آپي گداءُ، آپي امير الامراءُ

١. آپـــي ڏيءُ، آپـــي پـــيءُ، آپـــي پـــوٽ، آپـــي مـــاءُ
٢. آپـــي، جوءِ، آپـــي مـــڙس، آپـــي پـــيـــڻ، آپـــي پـــاءُ
٣. آپـــي مـــوج، آپـــي لـــهـــر، آپـــي دم دم دريـــاءُ
۴. آپـــي احـــد، آپـــي احـــمـــد، اهـــو **سچو** ســـچ الاءُ

ڪافي ١٣٢٧

سانول سوين ڳڻ تنهنجا ٿي ساريان

١. هُرن منهنجي هينئڙي اندر، سي تا ڪيئن وساريان
واتان اچڻ جون وو تانهنجيون، وينٺي سي نِتَ نهاريان
اوهـان ٻـاجهـون سـپـريـن! گـونـدر ڏيـنـهـن گـذاريـان
٢. جُهري جهـوريءَ ۾ پـيـو، هـيـنـئـڙو نـي هـيـڪـاريـن
آســرونـــدي آهـــيـــان، قـــول ڪـــيـــاســـي پـــاريـــن
سچو سـگ در تـنـهـنـجي جو، پـنـهـنـجي ڪـڍ قـطـاريـن

ڪافي ١٣٢٨

مـسـتـانـا ڪـيـون مـاريـوئـي، وو ديـوانـا ڪـيـون مـاريـوئـي
شـاه مـنـصـور نـون دار چڙهـايـوئـي، شـمـس الحق دي ڪـل ڪـلايـوئـي
مـــيـــان چگا ڪـــيـــتـــوئـــي
عاشق نـون عشرت سرڏيوڻ دي ميان. محبوبان نـون ڪار ڪـهـڻ دي ميان
پـــلا يـــر ڪـــيـــتـــوئـــي

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٣٢٩

سچ تئينون ڪؤن آکي دلبر
ڏاڍا تون، هيٺي مئن
١. دانهن جي تيڏڙي ڏيوان بي تئينون
مُحب ماريو ماکي
٢. هينئڙا ڪس ڪي هُڻ هُريندئين
چڪن تئين تون چاکي
٣. الا الله اثبات ڪرين تون
آکيوءِ ڪڍ تون ”لا“ کي

ڪافي ١٣٣٠

تيڏي بره بيراڳي ڪيتيان، ڏيهه ڏوريندي وتان
١. عشق تيڏي آرام وڃايا، ڪيڪر آتڻ ڪتان
٢. راتو ڏينهان فڪر تُساڏا، چرخي تندنہ گهتان
٣. تيڏي درد فراق وچي، روندييان هردم وتان
۴. نيڻان اُتي سدا **سچو** دي، لعلن ڏيوين لتان

ڪافي ١٣٣١

ڪير آهيان الاجي آءٌ. نہ ڄاڻا سڃاڻا آءٌ
١. بعضي ڄاڻان پاڻکي، آءٌ آهيان گهنگار
جان سمجهي ڏسان سرتيون! آءٌ سيوئي سردار
٢. اهو اتو سرتيون! دهشت جو درياءُ
ڪيئي موتيا پوئتي يار هزارين هِتاءُ

ڪافي ١٣٣٢

جهنگ سدا خوش هو سُون سهٽيان دي نال
نانءُ سائين دي سُهڻا سائين! ورق وڃوڙيدا وال
١. حيرت ديوچ پؤ ڳيوسي ويک چاڪاندي چال

Scanned by CamScanner

۲. اوڙي ڀاڙي چري آڪن، ڀؤُگئين ڪهڙي خيال
۳. عمر سيائي يار **سچو** ري، بره ڪيتس برحال

ڪافي ۱۳۳۳

مارو سي تہ مليام عمر چام!
وو طلب جنين جي آهہ تن کي

۱. ڪرم ڪيائون وو ڪهڙو
ڏوتي هِت ڏنام

۲. هت تا حاصل ٿيا هنکي
مارئڙا ايي مدامُ

۳. طالع وارا تن جي
گولن جابہ غلام

۴. هت جنيکي هُت پي تنکي
اچي پيو آرامُ

۵. ڪاڏنهن **سچو** سالڪان
ٿئي طلب تمامُ

ڪافي ۱۳۳۴

مولا مولا ري ويکو سڀ مولا

۱. خلق الاشياءُ وَهُوَ عينها، ٿيو ڳالهہ انهيندا ڳولا
۲. خلق الانسان علیٰ صُورته، پيچ مڙيوئي پولا
۳. من عرف نفسه فقد عرف ربه، رمز انهيندا رولا
۴. **سچو** سري سره هيئين، چڪ ڪرين ڪيون چولا

ڪافي ۱۳۳۵

جن ڏوراپو پرين جو ڪيئن جرون سي جينديون

۱. جانب گڏيو جنکي، ٿاڪ وچي سي ٿينديون
۲. نيست نماڻيون جي ٿيون، پُر پيالو سي پينديون
۳. سي دم **سچو** سچ جوڪري، چانگاران چينديون

Scanned by CamScanner

ڪافي ١٣٣٦

مين ماهيدي لڳ ماري، مين عشق سڄڻ دي چاڙهي، ماري آءُ ڦر جياري
١. چوندیس پیش پرین جي حال حقیقت ساري
٢. جا نالو وٺندي نينهن جو، تهنکي ايندي شهر نکاري
٣. دم نہ رهندي دوست ريءُ شوق سندءِ شُشڪاري
۴.مستن کي محبت جي، آهي ڳچيءَ ۾ ڳاري
٥. جي اول ماريو پوءِ جيارن، تنين گڏ قطاري
٦. چڱي ٿيڙس چت ۾، دوست ڏني دلداري
٨: **سچيڏني** کي عشق جي، صاحب ڏني سرداري

ڪافي ١٣٣٧

مونکي ياد، مٺيون تهنجيون ڳالهيون ڳالهيون
١. هي نماٽي، ڏوهن هاٽي، دوست پهچائين داد
٢. پرين پنهنجي پار جو، عشق ڪرين امداد
٣. **سچو** آهي اوهانجو، تنهنجي دوست ڪريو دلشاد

ڪافي ١٣٣٨

اسان هين يار، اسان هين يار
اها ڳالهہ سپيريان‍دي
١. عالم اڳون ڳالهہ باطن دي
نهين ڪرڻ اظهار
٢. ڪؤن تون پچيندا هين ڪنهن نون
آ ول ٿيوين هشيار
٣. **سچو** وچ سچي دي آها
اِن حق دا اقرار

Scanned by CamScanner

رسالو

ميان سچل فقير جو

(پاڱو ڇهون)

متفرق ڪلام

Scanned by CamScanner

سِي حَرفِي پَنجَابِي ٻوليءَ ۾ هُو

الف: اَحد تي اَحمد ديوچ نهين تفاوت ڪوئي
محمد حيدر هڪو آها هِڪا صورت سوئي
اندر ٻاهر سير تهيندا سمجهين سرُ سيوئي

ب: ٻاس اِهائي ٻات مئيڏي يار تون تا غير نہ آهين
خام خيال جو ٻانهپ والا "لا" وِچ لاشڪ لاهين
مَن عَرف نَفسه فَقَد عَرفَ ربهُ ڪيڏي تُون وَت ڪاهين

ت: تحقيق حَقُ أهوئي غير تُوئي جو ڄاتا
"عَرفت ربِي بِرَبي" تَهنڪُون نا ڪنهن آپُ سُڃاتا
ڪَل اُنهان نُون ڪَلَ اِهيندي پير ايڏنهن جنهن پاتا

ث: ثابت رَهہُ يڪ وِچ يقيني غير گمان نہ آڻين
اندر تُوهين ٻاهر تُوهين جي تُون آپ سڃاڻين
خَلق الانِسان عَلي صُورته ڄَول اهوئي ڄاڻين

ج: جَهانُ جو جِسم أهيندا ڪِيونڪر نانءُ رکيوني
"اَلست بِربِڪُم قَالُو بلي" آپون آپُ آکيوني
"خَلق الاَشِياء وَهُوَ عَينُهَا" سارا سرِ سِڪيوني

ح: حالُ سارا سِر جُهليا ميڏي هادي مَهدي والا
مَئي دي مَتَ مُحبت وچون پُر ڪرڏتُس پيالا
"وَسَقاهم ربهم شرابا طهورا" تيا سُرڪي نال سنيالا

خ: خُمر خُمار أهيندا ڏاڍا سولِي چڙهڻ سُرورِي
ازلا ابد عجائب جيهي مَئِي اِهين مخموُري

Scanned by CamScanner

"اَنا احمد بِلا ميمي" مارِين دَمُ منصوري

د: دلير كرين دل اٿان سُست يقين نہ ٿيوين

ٿوڙين شڪ گمان سڀوئي تاوت پيالا پيوين

" مُوتوا قَبل اَنتَ مُوتُوا" وچ جيوڻ مَرجيوين

ذ: ذات صفات هڪائي آهي ٻول نہ گهٽ ٻولي

سوئي اندر سوئي ٻاهر سوئي تنئيڏي چولي

"وَفي اَنفُسكُم اَفَلاَتُبصِرُون" وسَدا وِچ وچولي

ر: رواج سڀوئي ڇوڙين آءُ ٿيوين مردانا

آپ بيگانا مُول نہ ڄاڻين هووين ياريگانا

"ونَفختُ فِيہ مِن روحِي" بلڪل ڇوڙ بهانا

ز: زيانُ نہ هرگز كريئي عُمرسراپا ساري

ركين فكر تا آتڻ ٻهڻ داڄاڻ سڄڻدي ياري

"مَن عَرف ربہ مِن حَركَاتِ الاعِضَا" هوش ركين هوشياري

س: سِراپا سوئي وسدا جو تون يار كريندا

جيها اِٿان تيها آتان ڇوڙ گمان گهريندا

"لَوكشف الغِطَاءِ مَازدت يَقينا" وت كيها ڏيان ڏريندا

ش: شرم نہ ٿيوي تئكُون جو آپ كِيتُءِ گم سارا

الله الله ٻيتا آكين ساعت كرين نہ سنيارا

"مَن قال الله لاَيَعرف الله" كِتوئي بحث بيچارا

ص: صَريح آكايان تئكون كرڻي صحيح گويائي

وبي ينطق وبي يُبصر ٻوڙين ٻول ٻيائي

"كُلُ شيءِ نَاطِق بِالحَق" ركين سُرت سيائي

ض: ضرور اهِوئي هيئي آپ سڃاڻين سارا

كڏهان ناز نياز كڏاهين اي سڀ تئيڏا وارا

Scanned by CamScanner

" كُل يَوم هُو في شَان" نِتُ نِتُ مار نغارا

ط: طبل وڄاءِ وحدت والا غازي ڇوڙ گدائي
هيڏي هوڏي تون هين هوين وَت كيهي جاءِ جدائي
"الانسان سِري وَانا سِره" هيني خاص خدائي

ظ: ظاهر ٿي نغارا مارين كٿ توڙي تون ڇپين
تابن تيغ وحدت والي وال وجود نه كپين
"مَا لِلتُراب رَبُ الا ارباب" كتلي توڙي كَپين

ع: عطر عنبير جو لاءِ كڙيس اڄ يار ميڏي گهر آيا
أٿڻ ٻهڻ سڀ نال أهيندي كنهن تا رمزريجهايا
وَنحن اقرب اِليه من حَبل الوَرِيد رڳ رڳ وچ سمايا

غ: غمزا رمزا يار مئيڏيدا ڏيك جو وتدا تائي
جِٿان كيٿان حاضرناظر آپ كڙا رنگ لائي
"وَهُوَ مَعَكُم اَينما كُنتُم" جائز كِتس جائي

ف: فرق كُفراسلام نه كوئي جاڻ اِهو ئي جاڻين
كافر مؤمن هكو آها غير نه اٿان آڻين
" كُل شَيءِ هُو الله" سڀ صورت ايك سڃاڻين

ق: قُرب ٿيوئي مئين آک سُڻاوان سِرُ ساكَون سارا
آپكون هرگز غير نه جاڻين غير نه پاوين يارا
"لِي مَع الله وقتُ لايسعني فِيهِ" نورنبي دا نيارا

ك: كيفيت تئيكون حقدي ساري سُڻ ته سڻائي
ويل ديدارُدي اِها هيئي پڇي هٿ مليسي جائي
"مَن كَان هٰذه اَعميٰ فَهُوَفي الاخِرته اعميٰ" پُرجهه ايوين پرجهائي

ل: لباس صحي كر سارا جو ٻوليان كِتليان ٻولي

”هُو الظاهر هُو الباطن“ ويکين اکيان کولي
”لَيسَ فِي الدارين اِلاهُو“ ٻَنِ گهتين سڀ پولي
م: مست رهيس مئيخاني وچون منگ ڳڌي مئين مستي
مستي نال نہ آپ سڃاڻي تهندا کم کم بختي
”لَيسَ في جُبتي ماسو الله“ هيچ ٿئي سڀ هستي
ن: نغارا احمد والا مردانا ٿي مارين
سِردا سانگا ڇوڙ ڪراهڻ اي اوسڀ اڏارين
”اَنتَ مَعي وانا مَعَکَ“ سارا عزم سنيارين
و: وَست اهِين وو يگاني دا تون قيمت قدر سڃاڻين
البت دُريتيم جوهئين کنگڻ ڪَچ نہ ڄاڻين
”خلق الانسان عَلٰي صورته“ دِلدي گوش گذارين
هـ: هَواءِ وچي مئين پيان کيتي مُحب ملڻ دي
غالب شوق رهيا دل اُتي ناهين کم اَلڻ دي
” طال شوق الابرار الٰي لقَائه“ عاشق نهين جهلڻ دي
ء: اندر ٻاهر اُهو توڙي کردا لک قبائين
هر کنهن شيءِ وچ سيل تهيندا پول نہ ذرا ٻاوين
”مارائيت شيءِ الا ورايت الله فيه“ ڏيکين جٽ کٿائين
لا: لنگهہ ٻئين وچ شهدي احمد محمد صحي کريجي
”من رآنِي فَقَدراءِ الحق“ دل تي دُرس ڏريجي
”مَن رآني فَقَد کَفَر“ سارا سِرُ سٽيجي
ي: يقين اِهو ئي آها تنا شک سيوئي
جو کُجهہ آهَيس سو وَلِ تيسان تنهندا غم نہ کوئي
” کُل شيِ يَرجعَ اِلٰي اَصله“ رهسان عين اُهوئي

ابيات متفرقه

١. ڪوئي اور نہ سُجهدا مينون آپي آها ظاهر
"الله نُور السمٰوٰت وَالارضَ" اوئي مُنظر ناظر
"وَلَقد ڪَرمنا بني آدم وحمَلنا هُم في البَرِوَالبحر" سچو هردم حاضر

٢. هادي مهدي مُرشد مئيڏا قادري هي ڪامِل
عارف عبدالحق بَهر دَم نال مُريدان شامل

٣. مهدي شاهہ مُربي مئيڏا رهبرراه ڎَسيندا
حق مُحقق مستي مئي دي بلاشڪ بخشيندا

٤. ڏاڏا محمد حافظ جنهندا وچ درازين ديرا
دست تنهيندي اصلون آها مقصد سارا ميرا

٥. شاهہ عُبيدالله اساڏا خواجہ پيران پيران
آل نبي اولاد علي عہ هَئي حضرت ميران ميران

٦. ڏاڏا أسدا غوث الآعظم مُرشد ڪُل اولياوان
قدم مبارڪ هويا تحقق گردن سب سرتاجان

نمبر ٢ سي حرفي

الف: آب اواگهہ ڪُون واءُ لڳي أنهين واءُ ڏادي ڪائي مؤج ماريس
تنهين مؤج دي اِنتها ڪوئي نهين ڇولِي ڇوهہ ڪنون آسمان چاڙهيس

ب: بحربره دي ووبار چاڙهئي ڪاري ڪُن ڪِيتي ڪڙڪار ڏاڍي
ڎُوڎات وچي گهوگهات لڳي سَرسي سِير دي تئي سَتڪار ڏاڍي

ت: تَن تي مَنَ وساردِتُس لهرين نال أهي ڏُنهين لڙهہ ڳئي

ڌ: ڌڪارڪِتا درياء ڏاڍا پارو پار تنهندي پرواز پَئي

ث: ثابت پڇي اثبات ڪنون باقي چاڻ رهي وو غلام ڪٿي
ڪٿي نيڪ ڪٿي بدنام رهي ڪٿي ڪُفر رهي اسلام ڪٿي

Scanned by CamScanner

ج: جوش آندا بحروحدت والي ٽيان مؤجان گهريان گونا گون ڪيهان
أهي موجان ڇاٽين سڀ مُورتيان وچ وَه جلوه ڪريان ووعجائب جيهان
ح: حال هادي حق الحق سانون بخشاراهہ ڏيکاريُس بار بارا
تصوير وچي اَجسامِيان دي آيا بحر عميق سَمُوندر سارا
خ: خيال خبر اِها پڇي ڏتي تحقيق ماريئي اعتبار سڪي
ٿئي ڪثرت مؤجان وچون ڏيکو يارو درياء وحدت دا وو هِڪي
د: دل مئيڏي ڪوئي دؤر ڪاڏا عالم مؤج ساري نظر نہ آئندي جي
مئيڏا خيال خُمار وڏاء ڳيا سِيني وچ سَمُوندر سمائندي جي
ذ: ذات سڃاڻ صفات ڪنون پڇي ذات صِفات هڪائي هيئي
اِها آک صفات تاڪتون آئي هڪا هڪ ڇاٽين وہ سيائي هيئي
ر: رُخ پيارنگ رنگ أتي ٿيئي موج ڪڙي ڇولئين ڇول پئي
خس خار اڏار أڏار ڏِٽُس سارابحر وچون بدنيڪ ڳئي
ز: زور تي بحر زُخار آندا تنهندي وچون ٿَئي ڪو بخار ڪڙا
أهين شور مچائي آسمان توڙي وسَڪار دي ٿئي وو غبار ڪڙا
س: سِير اهندا جنهن سئير ڪِيتا تنهندي جِندُ ساري ناپيد ٿئي
ڪٿي نام نشان نسب تنهندا مَن ماءِ وچولي دي ڦوڪ ڳئي
ش: شور مچائي وو مؤج ڏاڍا پئي زور جهلڻ دي وو جاءِ نهين
برابر زمين آسمان ڪِتُس ڏَني ڪَني تنهندي وو ڪاءِ نهين
ص: صورت گم هوئي وو ساري لهرين لک پياپي وو چڙهہ پيان
ڪائي خبر أتان پوندي وو نهين نُورؤن نُور ديان نديان آءُ نيان
ض: ضرب بحر دي وو زور لڳي هڪ وار وجود أڏار ڏِٽُس
مئين دي هڪ رَتي رهندي ڪِٿ اٿان سارا نام نشان أتار ڏِٽُس
ط: طالب وچ عميق پئي ڎونهين ڪنڌيان أهين ڪنون پُل ڳيان
پڇي وَسُ أهيندا وو ڪوئي نهين مؤجان مؤج تڪيريان آءُ پيان

Scanned by CamScanner

ظ: ظاهر دي اِها بات نِسي جو آيا اُهين اِها سُڌ پَئي
پڇي سُڌ والا موجود نهين دُئي والڙي ڳالهہ نڪال ڳئي
ع: عشق عميق درياء وچون آئي هڪا موج جنهن نعرا مارا هو
تہ مئين هڪ آهِس اور ڪوئي نهين اَن حق دا هيئي نغارا هو
غ: غش غريق عميق وچي ٿيان ڪِٿ جسم رهيا ڪِٿ جانِ ڪٿي
ڪِٿي شڪل رهي ڪِٿ عقل رهيا ڪِٿ فهم ڪِٿي انسان ڪٿي
ف: فڪر فنا دا ڪِيُون نہ رکين تا مُلڪ بقا باالله لَهين
چوڙ آپکون آپ وسار سارا ڄاڻين هڪ خدا بيرنگ رهين
ق: قُل هُوَالله احد هيئي ڄاڻين سمجهہ سُڄاڻين ڪو اور نهين
ڪڙ وحدت دي درياء وچي اُهو آپ آها ٻئي دي ٿور نهين
ڪ: ڪِٿ توڙي مئين ڇپسان اِها ڳالهہ هادي والي هُڻ ڇپدي نهين
تِيسين ظاهر آپون آپ اِها پئي روز اسان ڪَني تالڪدي نهين
ل: لهريان بحريان زور پيان وس ڪوئي نهين مئين لڙهہ ڳئي
ڏاڍيان مؤجان چڙهيان بره واليان اُتان هَستي گم ماري مؤجان موج ٿَئي
م: مئي پيوڻ نال مؤج چڙهي ڪوئي خُم اُنهين وو خُمار ڏتا
مدهوش ڪِتُس ڪُلي هوش ڳيا اِهين عيش سارا اعتبار ڏتا
ن: نام نشان اُتار ڏتس ڳئي رنگ همہ بي رنگ رَهي
غوطاماري غرقي جوئي ٿَئي آزاد ڪنون رنگ رنگ رهي
و: واءِ لڳي تئي سوچ ڪڙي بحر زور پَئي چولِين ڇُٽڪ پيان
اِها هَڪل ماريس اَنا بحر آکيس باران ديان نديان تيز نيان
هہ: هادي عبدالحق سدائين سچي راهہ سانون سمجهاء ڳيا
تسان غير نهين سراپاء ڄاڻين اُهو آپ هَئين پُرجهاء ڳيا
ي: ياد رهيان باتين وحدت ديان جيئي آپ هادي فرماء ڏتيان
سچو حق اَهين اِهي ڪُل شڪ ڀنين اُهي راز ديان ڳالهِين چماء ڏتيان

Scanned by CamScanner

نمبر ٣ سي حرفي

الف: آڳ لڳي عشقي والي سانون قاضي اور ڳلهان ڪيون ڏَسيندا هين
ساڏي دل تہ تخت هزار ڏهون مسلي جوڙڪي آپڪون مُسيندا هين
وچ ڀُڏمرين مُلا مؤنجهہ پوين ڪنون راه سچي وو گسيندا هين
منگين خير ڪيڙاندا وو کهڙي ڳالهيون رانجهو يار اسان ٿونُ رسيندا هين

ب: بحربره دي وو زور رکيا ميڏي ذات سِيال سا لڑهہ ڳئي
ڪتي جهنگ تي ننگ ناموس رهيا پڇي چاڪدي مئين تا آءُ ڳئي
دل درد مندان دي چؤپار والي حُڪمان حڪم سا غمزي نال لَئي
مِهٽي ماهي والي سي قبول ڪِيتُمِ جيڪا تيوٽي هوئي سچو سائي ٿَئي

ت: ترڪ ڏهاڙي ميثاق دي مئين تا رهيان ذات سيال ڪنون
توبه توبه تي استغفار ڪِيتُم خوشي نال ڪيڙاندي خيال ڪنون
هڪو دَمُ نہ فارغ مئين هوسان چاٽي يار رانجهو دي وصال ڪنون
ڏوجهي ڪارنهين ميڏي دل آتي سچو يار دي سار سنيال ڪنون

ث : ثابت ساڏڑين دل هوئي راتيان ڏينهن سنيان رانجهي يار ڏهُون
اُهين دم لاڪُون اج توڑي ڏيڪو مئيڏا خيال تہ تخت هزار ڏهون
اَلَست بلي ڏونهين هڪ هويا ڏتم گوش اُهين اقرار ڏهون
بنان شڪ گمان سچو دا سارا دل آءُ پئي اعتبار ڏهون

ج: جهنگ ڪنون مئين چُٽ پئي هٿ ڏوءُ ڳيان وو سياليان جِي
لاهان نال پينگهوڑا وو ساڙ ڏيوان گهتان آگ ديوچ نهاليان جِي
سيي چاڻ رهو وو خيال اِهو اِهي چاڪ عشقديان چاليان جي
سچو رڪ سنيال جو هيئي اِهي بره واليان ڳوڙهيان ڳالهيان جي

ح: حُل سِياليانددي وچ پيا چُوچڪ ڪَن ڪيها اج چاڪ ڪڙي
غلبہ عشق اُهين تي ڪيڏا ڪِيتا تَنهندي جاءِ بجاءِ جو قِردي پڑهي
سينگي هير سيال اساڏي آهي تنهندي نال اُهين دي وو عين آڑي

ڏونهين سِر ناگاه جو آءُ ڏيکو محبت والي سچو کيڏي لڙهي چڙهي
ڻ: خويش قبيلي وو پل ڳئي رانجهو نال ميڏا ڏاڍا خيال پيا
رنگ پور کيڙاندي وو شال کوئي سڻان مئين تا سگهيرڙا کال پيا
ٿيوَن غار سيپي وو غرق اُتان کُهه ٻَن پيڙاندا وو پال پيا
اسان يار ماهي ڏُونهين هک هوئي هر ويلي سچو وو وصال پيا
د: دل هِکا ساتا يار ڏهون ڏُوجهي هووي تہ سا مئين عام ڏيوان
برهي ذات مئيڏي سا وسار ڏتي ٻَٽ هکواري ننگ نام ڏيوان
ساڏي طرفُ اوڏانهين ويندا کوئي نهين جنهنکُون پرت والي پيغام ڏيوان
ٻانهان ٻڌ ٻهون مئن زاري کران سچو دوست ڏهون وو سلام ڏيوان
ڌ: ذات سيال مئِين مُنديون نهين کؤن چُوچکُ تنهندا وو راڄ کيها
جائي نِال هکي يار هک هوئي تنهندا آک قاضي ٻيا کاج کيها
جنهن کون عشق رانجهو دي وو کڍ نيتا، تنهن کون اوران داهڻ احتياج کيها
دل هک هوئي ماهي يار نتي وت کيڙان پيڙان دا وو ڏاج کيها
ر: روءِ رانجهودي مئين هوءِ رهيان کوئي اور نظر لهين آوندا جِي
ندي دي کنارڙي وڏي ويلي ونجهلي سوز کنون وو وڄاوندا جي
الله آپ ڄاڻي ماهي يار مئينون ٻنهان کُل کنون اهو پاوندا جي
اِهين رانجهو اُتون سچو صدق ٿيوان اگڻ ساڏي جڏهان پير پاوندا جي
ڙ: زور گهتيا بره باري ڏاڍي مئين مست ديوانڙي هوءِ رهي
هُڻ انگ پيوت جو لاءِ کڙان دل هاءِ حيرانڙي هوءِ رهي
رانجهو کٽ اسان وت کٽ رهي نينهن دي نشانڙي هوءِ رهي
اُهين کيتي اُداس بيراڳ قران سچو مونجهہ مستانڙي هوءِ رهي
س: سب سياليان چوڙ ڳيان ڏيک ويک اساڏڙا حال ولي
شرم ٻوڙ ديوانڙي هوءِ رهي ڳڌي رانجهودي عشق کمال ولي
راتو ڏينهان اُهين وت چاک ڏهون کڙي دمبدم وو خيال ولي

Scanned by CamScanner

مت ساڏڙي مُول نا گهني اها ولڻ پچون سچو جي محال ولي
ش: شوريي عشق مچايا ڏاڍا هُڻ عقل والي وو صلاح کيهي
راهه عشقدا سچا تا مئين ڳذا تُسان سڀ آکو ڏوجهي راهه کيهي
رانجهو يار مئيڏي وو سِردا سائين کيڙيان ٻيڙيان ڏهون وونگاهه کيهي
پئيان ٻاهر ننگ ناموس کنون هڻ آک سچو وو پناهه کيهي
ص: صِدق ساڏا رانجهو يار ڏهون نهين کيڙي ٻيڙي ڪُون مئين ليکديان جي
نظر غير دا اسان ٿون ٿُٽ ڳيا جِٿ ڪِٿ ماهِي نُون سو ويکديان جِي
سؤ رنگ وچي رنگ لاءِ کڙا دم دم کري لک ٻيکديان جِي
اِهي مِنيان ڳوُڙهيان ڳالهيان ني سچو سٹين اساڏڙي شيخ ديان جي
ض: ضرور کيڙاندا وو مئيکون نهين رانجهو يار مئينون ڳل لاءِ رهيا
سٹو سڀ سياليان لون لون سيا جند جان وچي پيچ پاءِ رهيا
ڪائي غير دي جاءِ نه رهندي اٿان سراپاءِ اُهو وو سماءِ رهيا
سچو آپ سارا وو مُحيط تيان جٿ ڪِٿ سوجاءِ بجاءِ رهيا
ط: طلب ميڏي رانجهو يار ڏنهين کڙا هوسين ندي دي کنارڙي جي
عشق لاوڻ ڪِيتي ساڏي طرف سنيان آيان کنون سوتخت هزارڙي جي
چؤٻارا چوڙيس جهنگ آءُ کڙيا اسان طالب نِت نظارڙي جي
خواهش چا ٻَيسِ ڏيکڻ سياليان دي ساڏا تِل نهين اختيارڙي جي
ظ: ظاهر اساڏڙا عشق تيا مئيڏي پچون سياليان ڍيکي لائي
ڏيکڻ آئي اسان نون جهنگ سارا آکن سڀُ ديوانڙي هَئين جائي
مائي باپ پينگهوڙي وچ تئيکون دُعا پيران فقيران ٿون منگي ڪائي
اِهو حال هويا وو سيال تيڏي سچو برهه تُساڪُون آهي پائي
ع: عشق درياهه موجان موج کڙي کنڌي اُتي کاءِ نهين
اندر شوق مچايا وو شور ڏاڍا اِهين زور جهلڻ دي وو جاءِ نهين
اُها دل آباد نه تيسي کڏهان جنهن دل وچي هاءِ هاءِ نهين

Scanned by CamScanner

مئيڏا خيال خلاصا وو يار ڏهون هڪو سينگيان سچو وو ساڏي ساءِ نهين

غ: غم لٿا رانجهو يار مليا پچ ڪيڙي پيڙي بيزار ٿئي
اسان دوست ڏونهين هُڻ هڪ هوئي ڪيڙي سڀ خراب ٿئي
ڏيکڻ نال ماهيدي وو دل هِڪا ڏوجهي نين تا باغ بهار ٿَئي
حاصل سڀ مُدعا وو اساڏي هوئي سچو خيال مئيڏا وو مختيار ٿئي

ف: فاش ٿيا راز عشق والا قناتان تنبو صحراءِ لڳيان
چن وچ اُهي ڪِتي ڏينهن هويان هڻ ڏيکو تاجاءِ بجاءِ لڳيان
زمين سر زبون نہ ٿيسي ڪڏهان باريان بار وڏي برپاءِ لڳيان
هُڻ نينهن دا مار نغارا اِتان سچو ويک تہ وچ هَواءِ لڳيان

ق: قُرب سانون رانجهي يار ڏتا وچ جهنگ سياليان پيان پي پهون
راتين ڏينهنِ اساڏڙي چوءِ رهي دمدم هڪا دل چاڪ ڏهون
عاُمان نال پرور پاڪ چاٽي ڪڏهان مول نہ نهرا جوڙ نهون
قدمان نال سچو سچي يار دي ني اينوين عمر سيا جوڙا جوڙ رهون

ڪ: ڪار سيا وو وسار ڏتي عشقي چاڪ دي مئين مستان ڪِيتي
اور ڳالهہ اسانِ ڪنون چُڪ پئي دِل درد ڏادِي ديوان ڪِيتي
خاطر ڏيک ساڏي وو هزار والي هوءِ هوءِ اينوين حيران ڪيتي
قربان اسان سهٽي يار اُتون سچو ساه سيو جند جان ڪِيتي

ل: لوڪ ساري بدنام ڪيتم ويڪان يار ڏهون خوشحال ولي
دل لٿ نِتي ساڏي چاڪ مئيڏي ڏوجهي طرف نهين مئيڏا خيال ولي
مئين گهول گهتان سِرُ آپٹان پي اُتون دوست سارا جهنگ سيال ولي
سچو روز ازل ڪنون منگ ڳڌا اِهو هادي والڙا حال ولي

م: مست ڪِيتي دل چاڪ مئيڏي هُڻ ڳيان شرم تي حياءِ ڪنون
رانجهو هڪ هووي شَل هانءُ اُتي مئينون توبه سياليان‌دي ساءَ ڪنون
آپي پچ ڳيان سڀ سينگيان سيان ڏادِي عشق دي تکي تاو ڪنون

Scanned by CamScanner

ڏيک حال ساڏا سي حيران رهيان سچو پاسا ڪرن نينهن دي نانءُ ڪنون
ن: نانءُ گهنڻ تا يار دي ني هووان جان جسم وچ مئين تا ڏوڙي
هڪي رانجهي ٻاجهون ٻئي لوڪ ڪنون اسان دوستي والي سڀ ڳالهہ توڙي
ٻاٻل مائي پائي بيزار ٿيون ايوين آک ڳيان اسان اِها چوڙي
سچو حمد شڪر ڪتم چاڪي اسان وچ محبت جوڙي
و: واءُ لڳي ڪائي وحدت والي تنهين سڀ ڳالهيان وو وسار ڏتيان
جيڪي حرص هواءِ هَوَس واليان ٻاتيان سيف الاؤ دي مار ڏتيان
جي ڳالهين حق الحق آکيان سي أتي دل جاءِ اعتبار ڏتيان
باطن ديان اشارتان مرشد سائين سچو ويک تئيڪون اظهار ڏتيان
هہ: هوش ساڏا رانجهو يار ڏهون ٻئي لوڪ ڪنون بي هوش ٿيان
طعنہ ڏيوَن لک هزار مئينون طرفون چاڪ دي ڏيکو سڀ سنيان
جهل ٻَل ڪِيتي وو سياليانديان مئڏي دَر أتي ڪيڏيان ڏمان پيان
پردا توڙ پَيَس آءُ ٻاهر اينوين سچو يار مئين تاهَڻ وَسؤن ڳيان
ي: يار رانجهو جيڏي ڪيڏي هويا هرجاءِ وچي هڪ جاءِ نهين
ڏوجهي راهہ رنگيلي ڏهون چاڻين هادي آپ آکيا اور ڪاءِ نهين
آپ چوڙ تہ خود خداءِ رهين اور ٻات اسان ڪُون پاءِ نهين
سچو سمجهہ تون لائق سڀ ڪنهين اِها عشق والي سروپاءِ نهين

نمبر ۴ سي حرفي

الف: آڳ لڳي عشقي والي آيا هادي والا سان تي حال ميان
هڪو هڪ آها ول هڪ ٿيا رک سمجهہ اِها هيئي خيال مَيان
ب: باس اِهائي بات مئڏي نهين غير اٿان هڪو هڪ آها
ڪِنهان اڳون ظاهر آپي يار هويا ڪِنهان دي اڳون لڪولڪ آها
ت: تار پيا وچ حال مئڏا سُڻ سنيان ساٿون ٻئي سُڌِ ڳئي
دل وحدت دي دريا ، وچي هڪواري اچانڪ وچ پئي

ث: ثابت مار نغارا سوئي سُولي سِر جوئي منصور ماريا
جند جانِ سيا محبوب كيتي ڳلي محبت دي وچ آڻ ڳاريا
ج: جان جُٺا كر فاني سارا پڇي حق ذاتون اسرار ڏيكين
دم خيال دي نال هميشہ هووي ٻئي كيهي زبان دي ليكي ليكين
ح: حق اِهوئي تاشك نهين لاشك چاٽين برحق هيئي
مئين چاتا ساڳي وو سچاتا سوئي مئيڏا هادي عبدالحق هيئي
خ: خيال سمونڊر عميق ٿيا لك وادي اِهين وچ گم ٿئي
جوئي آها سوئي آپي آپ ٿيا ڳالهين جان جسم ديان كُل ڳئي
د: دلفريب دي جاءِ هيئي جند جان عقل سڀ چوڙ ڏيوين
كيا كُفر كيا اسِلام ڏونهين هٽين تاتسبيح كُون توڙ ڏيوين
ذ: ذات صفات هكائي آهي، قلعي نال شيهي دي جو هك ٿيوي
نانءُ شيشا ول آئينہ ٿيا اپٹا آپ ڏني وَتِ ٿِيوَن كيوي
ر: راز سارا صحراءِ پيا كڙي لَهر ٿئي وَسُ كوئي نهين
دريا ء ڏاڍي كائي موج ماري جوئي چاڙ وچي اها سوئي نهين
ز: زور پيا جَهلي موج نهين بره والا بحر تارو تار وَهي
چوليان چتك پيان زوري زور سانتي مئيڏا خيال اتان بارو بار وَهي
س: سير حقيقت دا تون چاٽين ڏونهين جڳ وچي جهلكار هويا
اِهين جسم دي كر ڏيكالي ڏٽس جيوين اَبر والي چمكار هويا
ش: شك ٻن پچي حق هويا وچون ڏون تري چار شمار كئي
اندر ٻاهر هكوئي هك هويا ٿيا سج تاگرد غبار ڳئي
ص: صبر كيجي آكڻ بات كنون اُهو آپ آكي كجهہ آک ميان
پهلون هك وچون سو شمار ٿيوي ويہ ٿيهہ كرين سؤلاک ميان
ض: ضرب مارين ان حق والي سچي ڳالهہ اتان اظهار كرين
كِتلي ڏينهن چُپيسي سِرُ اهوئي هيئي ويل اِها نروار كرين

Scanned by CamScanner

ط: طرحون طرح رنگ يار لايا رنگا رنگ ڪيتُس گلڪاري يارو
سبز سرخ سفيدا زرد سيه ڀاتون ڀات لاتس گلزاري يارو
ظ: ظاهر ڏيک نہ ڀول وچين هيئي اندر ٻاهر هڪو هڪ سائين
اِها چال تنهندي تون ساري چاڻين اُهنديان هويان لک هزار جائين
ع: عشقدي درياء موج ڪيتي لک لهرين وچ مئين لڙهہ ڳئي
تک تار اُتي هُڻ وچ پيان ول جوشان جوش تي چڙهہ ڳئي
غ: غير ڳيا هُڻ حق هويا پڙقيل ڳيُس سڻ بات ساري
اصل غير نہ ها ڪوئي آپ آها سمجهڻ ڳالهہ اِها اثبات واري
ف: فرق ڪفر اسلام وچي نهين ڪوئي حقيقت چاڻين
ڪِيتس لک لباس تي نوعا نوع ٻنين شڪ اِتان اعتبار آڻين
ق: قِيل تي قال اِهيندي آهي ساري سمجهہ ڏيکين ڪوئي اور نهين
هَئي سٽڻ آکڻ والا اُهو سائين رفتار اُهندي ٻئي دي تور نهين
ڪ: گوش ڏرين وبي يَسمع ڪُون وبي يُبِصر اکيان وچ آئي
وبي ينطق ڏهون گفتار چاڻين ڪي ڪر برف ڪتون تون چاڻ پاڻي
ل: لنگهہ پَيُس درياءِ اُتي ٿَئي مستي والي سا لَهر ڪڙي
هڪ آوي ٻي تا لنگهہ جاوي خُوني مؤج بمؤج تي چوٽ چڙهي
م: مَئي پِيتم منصور والي مستي تنهندي وچون تا آءُ پئي
تنهن مستي ڪائي وڏ واءُ ڏتي ٻي سا اسان ڪنون ڀل ڳئي
ن: نُور نيٽان نروار ڪِيتا سارا جڳ فلڪ آفتاب هُوي
هيئي ڪُل موجود اُتي واهہ اتان ڳئي ڪُل تاري مهتاب هوي
و: وحدت دي درياء اندر غوطا مارين تون تا غرق ٿيوين
نکا جان جسم دي وائي اتان آپي آپ ٿيوين ڪيا اور ليوين
ه: هادي والي ڳالهہ اِها دائم دل اُتي اسان فراموش نهين
جڏهان نينهن نعرا زوارن زور ماري تڏهان جوشان جوش خاموش نهين

Scanned by CamScanner

ي: يـــار هـــويـــا اَغيـــارِنســـي ســـچو نـــڱـــاهـــ جو آونـــديـــئـــي
أهـــو حـــق اهـــو لاشـــڪ چاٽـــي وچ نـــانـــوانـــدي ڦـــيـــرا پـــاونـــديـــئـــي

نمبر ٥ سي حرفي

الـــف: آءُ مـــيـــڏي دِل چاءِ نـــيـــتـــي جيءُ جاءِ نـــهـــين هـــاءِ هـــاءِ مـــيـــان
اَتـــڪـــا ء اڪـــين ڏک لاءِ ڳيـــون يـــر آءُ تـــا ڪُجهـــ الاءِ مـــيـــان
ڪـاڄا واءُ گهـلـي سـنـيـان سـاءُ چوڙيا طـعـنـہ تـا ء ڏيـوَن واءِ واءِ مـيـان
ب: بـس سـنـيـان ڪـنـون رس نـهـين روح وس نـہ مـئـيـڏي وس مـيـان
جيـئـڙا جَس نـهـين پـر وَس پـيـان خاطـر ڪَسـڪـي ٿيـوَنِ هَسِ مـيـان
مئين ڪَس سياليانڊي ڏَس نهين لڳي ڪَس نـہ ڪائي ڳالهہ چَس ميان
ت: تات تيڏي وائي واتِ مئيڪون نيوين سات، نـہ ڏيکين تون ذات ميان
سُڻ بـات سُهـٽـا هـيـهـات هـوئـي ڏيـنـهـان رات آويـن پـريـات مـيـان
تـسـلات ڏيـويـن مـصـلـحـات ڪـائـي مـئـيـڪـون درد لائـي پـاتـويـات مـيـان
ث: ثـابـت سـار سـنـيـار تـيـڏي انـدر عـشـق ڪِـيـتـا انـظـار مـيـان
ڪـيـئـي لـک هـزار وو يـار تـيـڏي ڪـيـتـي رووَنِ زار و زار مـيـان
تـئـيـڏي تـار لـڳي دلـدار مـئـڪُون هـڪ وارنـي بـي اختـيـار مـيـان
ج: جال مـئـيـڏي تـونـال سُهـٽـا بـرحـال تـيـويـن تـون پـال مـيـان
ورق وال وچوڙي دا ڳالـهـ سـٽـين اپـٽـا آپ ڪـريـن پـلا پـال مـيـان
پـيـا وچ جنجال دي حال مئيڏا ٻـي ڪـيـهـي ڪـريـان قـيـل قـال مـيـان
ح: حـال خـيـال دي تـئـيـڪـون آکِ ول ڪـيـون نـہ لـهـين وو سـنـيـال ميان
سُڻ شـوال سـاڏا ڪـريـن پـال پـلا مئين تـئـيـڪـون سـڪـنـديـان سـال ميان
رو لـعـل ڪـيـتـم اڪـيـان خـيـال تـيـڏي ڪـيـتـا بـره سـانـون بـيـتـال مـيـان
خ: خواب ڳئي ڪـنـون تـاب تـئـيـڏي ڪـيـتـا بـره سـانـون بـيـتـاب مـيـان
بَشـتـاب آويـن ڏيـويـن آب مـئـيـڪُون سـائـين ڪـول نـقـاب حجاب مـيـان

Scanned by CamScanner

نيـنهـن نـواب كـبـاب كِتُم كـوئـي نـهـين عـتـاب و خطـاب مـيـان
د: دَمُ وانـدا نـهـين غم كـنـون هـڏ چم واسـيـا تـيـڏي وره سـائـين
ٽـيـويـن جَم نـہ گـهـتـين خم اتـان سارا كـم مـئـيـڏي دَرِ ڦـيـرا پـائـين
چاوين چم تہ ٻي طالب تم نهين تون تا شرم عاشقان ڳل كيون لائين
ذ: ذوق تـئـڏا سـانـون شوق لـڳا طـعـنـہ لـوك ڏيـوي چت چوك مـيـان
نينهڙي نوك لڳي محبت موك لايو اوران ڦوك لاهِن سانون ٽوك ميان
تيڏا طوق گهتيمِ ڳل ٻانهپ والا سُهٽا سوز كِيتا سانون سوك ميان
ر: راه كـڙا ارواح تـئـڏي چت چاه نـي سَنـجهـہ صـبـاح مـيـان
وه واهـہ سنـيـال تـون آه كـنـون مـئـيـڏي نـال سُولانـدي سـپـاه مـيـان
پـنـد پـاه ٽـيـا تـو مـاه كِيتـي مـئـڏي دل دي هَئـي آگـاه مـيـان
ز: زار رووان تـو يـار كِتـي ٿِـيـوي كـارنـہ كـائـي نـروار مـيـان
ڏون چار پـئـي دِن ڏار تـئـيـكـون جِي جار پـيـا دلـدار مـيـان
گـفـتـار سُٹـان هـكـوار تـئـڏي ٿِيـوِيُ دل تـہ بـاغ بـهـار مـيـان
س: سـاري آكـان ڳالـهـہ يـاري والـي تـو نـال كـريـجي وو زاري مـيـان
بـاري بـره وهـائـي كـاري سـانـون ڳل چاءِ گـهـتـيـئـي وو ڳاري مـيـان
واري يـار تو تـؤن سؤ واري وڃان دوستي وچ گـهتين متان گهاري ميان
ش: شـام صـبـح آرام نـهـين پـيـغام پَـنـيـوئـي نـہ سـلام مـيـان
اكين خواب حـرام تمـام كِيـتـا آوٹـدا نـہ كـيـتـوئـي انـجام ميـان
انـعـام غلام ديـدار ٿـيـوي كـريـن يـار قـبـول كـلام مـيـان
ص: صـور آواز نـيـاز كـنـون ٻـانـهـان ٻَڌ كـڙيـن بـي نـيـاز اڳون
اتـان نـاز كـنـون تـون بـاز آويـن تـئـيـڏا راز پـوي كـارسـاز اڳون
تـن سـاز كـريـن آواز رڳان كـرن صـفـت تـا دلـنـواز اڳون
ض: ضـرر شـرر وچ عـاشـق هـويـا شِيـر شَكـر تـي نـا زهـر مـيـان
شـهـر بـحـر وچي تـنـهـندا تـي هـوكـا ڦريـا هُل غُل ٿـيـا انـدر پـهـر مـيـان

Scanned by CamScanner

عـاشـقـان كـنـون نـظـر گـذر اِهـا ٻـئـي وهـم تـادربـدر مـيـان
ط: طـور ڏاڍي پُرشـور اِهـا زوري نـال گـهـتـي سـوئـي زور مـيـان
گهـم گهـور تنهن وچ جفا جور سنيان هيري نال لاوين ٽيندا هور ميان
جِنهـان كـئـيف كـمـال كـٿـور پـيـتـا اُنـهـان بـره بـچايـا بـور مـيـان
ظ: ظـلـم جهـول ظـهـور كِـيـتـا مـنـظـور هـويـا پـر نـور مـيـان
مُصـحـف وچي مـذكـور هـويـا مـعـروف اِهـو مـشـهـور مـيـان
چكـچُور امـانـت عـشـقـي كِـيـتـا سِرُ سُولـي سَـتـيـا مـنـصـور مـيـان
ع: عـشـق اَجهـل عـقـل لـڳـي كـيـا تـوڙي كـريـن تجمـل مـيـان
كـوئـي پَل نـہ سـوئـي تحمـل كـري ٻـنـين بـرهہ دا ڏيـک بـدل مـيـان
تـنـهـنـدا هـيـئـي عـمـل اصـل ڏاڍا اُونـداهـہ وچي مـشـعـل مـيـان
غ: غازي چڙهئي سِر سُولي راضي بانكي كيهي كِيتي سِر بازي ميان
آزي كـر دوڙائـڻ تـازي اٿـان وت كـيـا كـريـسـن قـاضـي مـيـان
كـنـهـنـدي حـال نـہ مَـنڻ مـاضـي آهـي هَـئـي سُورهـان سـرافـرازي مـيـان
ف: فـال پـئـي عـشـقـدي حـال والـي سِر آدم سـائـي بـرحـال مـيـان
حـمـال ٿـئـي وچ خيـال اهـين كِـيـتـس حـال جنـجال كـمـال مـيـان
كَـٿـال چايُس احـوال كـنـون كـيـئـي سِر سَٿُس سـال مـيـان
ق: قـال تـي ٻـاهـر حـال كـنـون نـهـين خاص چاٽـوجي خيـال مـيـان
الحـال وصـال احـوال وچي وَتِ ڏيـكـين جوڙ جمـال مـيـان
ڏينهان رات جهيڙي وو سنيال تئكون ٻاجهون اُهين كيهي وو مجال ميان
ك: كـاءِ نـهـين ٻـي جاءِ تـئـيـكـون ٻـاجهـون هاءِ هَواءِ نـي واءِ مـيـان
اكـين لاءِ اٿـان بـرپـاءِ كـريـن اِهـو ڏيـک سـارا سـروپـاءِ مـيـان
سِرُ آءِ ڏيـويـن چت چاءِ اٿـون عـاشـق اور بـازي نـہ بـنـاءِ مـيـان
ل: لَٽ نيـتـوئـي پـهـلـي سـٽ مـئـيڏي دل چَٽ اُلـٽ پـلـٽ مـيـان
سـانـونْ ڦـٽ گهـتـيوئـي زلفـان وٽ سُهـٽـا مـئـيڏا روح نـيـتـوئـي پـٽ مـيـان

Scanned by CamScanner

جُٽ پُٽ لاڪي سنيان هٿ رهيان طعني ڏيونِ اسانون ڪٿ ميان
م: مارتلوار فراق والي هڪ وار ڳيون دلدار ميان
پئي پار اورار ورار تئيڏي لنگهه نينهن والي وو نظار ميان
هشيار هزار هلاڪ ٿيونِ جنهان آءُ ڏٺا چمڪار ميان
ن: ننگ چاڙهيوئي غمزي ڪٽڪ سان تي سَٽڪ لاءِ فتح ساري ڪٽڪ ليوي
لٽڪ نال مئيڏي دل چٽڪ نيتيءِ ڪنهندي ڦٽڪ نهين ڪو اٽڪ ڏيوي
وٽَڪ نال زلفان ڏاڍا دام گهتيا جند جان مئيڏي جاني جهٽڪ نيوي
و: وار ڪنهين تون تايار آسين اقرار ڪرين سچا نال مئيڏي
هَنجون هار پوتا جِي جار پئي اسرار ڪيتوئي لڳين ڳالهه مئيڏي
اختيار مئيڏا هي ڪوئي نهين هڪي وار آوين تون تاپال مئيڏي
هه: هوش وچون مدهوش ٿيان ڏيوين گوش مئيڏي وو فروش ڏهون
سرپوش ٿيوين آغوش مئيڏي آوڻ والي ڪرين بيهوش ڏهون
هُل جوش گهتيا دارون نوش تيڏي ڪائي گهت نگاه انوش ڏهون
ي: يار آئي ول پار ميڏي جنسار ڪري سينگار ميان
اسرار وچون اظهار هويا اِنهان ديدان ڏٺا ديدار ميان
سچو سار سنيال جنهندي آه يسوئي ديس مليا دلدار ميان

نمبر ٦ سي حرفي

الف: آءُ ڪڙيان سيئي سُهٽيان نازين نال ندي دي ڪنارڙي جِي
لَمڪاءِ چوڙيندي وو ڪيس ڪالي آنديان جوڙ ساري سينگارڙي جي
تـہ رانجهو مار غلام ڪريسون قابو لهَسُون سُدِ بـہ تخت هزارڙي جي
سچو حُسنُ ديان فوجان چڙهه پيان وَج چاءِ اُنهاندي پيزارڙي جي
ب: بار باري فوجان چڙهه پيان ڏاڍا زور هي حُسن واليانِدا
ويڪو ناز غُرور غُماز ڪيڏا ڏاڍا ساءُ سلوڪ سياليانِدا
مِنڙا ٻول نيون دل هڪواري رنگ رَسُ اُنهاندي وو ڳالهيانِدا

سچو سحر اهي جادو لاونديني مُک ڪؤن جهلي متواليانندا
ت: تاب تِڪا انهان سُهڻيانندا ڪرهار سينگار جو آونديني
عاشق ڏيک تماشڙي لاءِ ڪڙن هوءِ هوءِ اکين اٽڪاونديني
عطر مُشک عبير تي ڪيئي پيان خوشبوئيان لِڳين لاونديني
سچو ڏونهين ڪنڌيان وو چناهہ ديان سُرهي واءُ هواءُ اڏاونديني
ث: ثابت ڪيهي مئين ڳالهہ ڪران عقل سمجهہ ساري وو وڃاءِ ڏيندي
جڏهان چشمان اتيرڙي چاءِ ڏيکن تڏهان متيان سڀ مُنجهاءِ ڏيندي
جا دل محبوبان لٽ نيتي ڪِيوين دل اها وو ولاءِ ڏيندي
خوني خونياندي وو خُدنگ ڏاڍي سچو وچ سيني دي ڪُپاءِ ڏيندي
ج: جهنگ سياليان جوڙ ڪيتا سانون سُرخ سُوهيدا وو ويس ولي
چُڙڪاءِ چوڙيندي وو مونڍي اتي ڪاريهر ڳنڌي ڪالي ڪيس ولي
سُهڻي واءُ لڳي انهان سهڻيان نون اهي لاڏ وڏي وو لبيس ولي
ڪُڙيان قهر وچون ڪيِ ڪئيبر مارن ڪرن نيڻ سچو سڀ نيس ولي
ح: هَل پيا وچ جهنگ ساري رانجهو يار ندي اتي آوندا هي
ڪڏهان ڪذهان ڪناري چناهہ دي اهو چؤڪي هوڪي قيرڙا پاوندا هئي
سيالين نال هِيري رلمل چليان تہ ڪيها درد ڪنون سُر ڳاوندا هئي
اسان سڀ سياليان صَدق تِيسُون اِهو ناٺ سانون پهون پاوندا هئي
خ: خاص خيال تہ هير ڳڏا پيان سڀ تماشڙي آونديان جي
جنهندي ڪاڻ رانجهي تہ هزار چوڙيا تنهنديان ڳالهيان تنهن نون سياونديان جي
ڏيک مست صورت اها لاؤبالي اپڻي گهر سيي ول جَاونديان جي
اکين لڳ رهيان رانجهو هير ديان سچو سَئي سَئي ڳيان غوطہ ڪاونديان جي
د: دل ڏتي رانجهو يار ملي سَڏان نال نہ برها لڳدا جي
طرفون ياردي مِهڻي لڪ طعني سَهندا ڪيون نہ اهو ساري جڳدا جي

جنهين عاشق نام سڏايا هي اُهو تار پاجهون نهين تڳدا جي
اهو عشق چاٽوتا هڻ دا نهين اصل آک سچو هئي اڳدا جي
ذ: ذکر سارا رانجهو يار دا هَئي وچ راڄ سيالين مَردي ڀهون
کڙي ندي دي کنارڙي خان ڦرن ٽيوَنِ سؤ هزارين بَردي ڀهون
ويک لاوبالي دربار عالي سي تان ڏورون لهرون ڏردي ڀهون
کنيزک غلامي باسن کڙن سچو ويک سُهٽي دي دردي ڀهون
ر: راوي کنون رانجهو کڍ چوڙيا عشقي آڻ چناهه دي کنڌي لايا
بَسمي لاءِ کي انگ پيوت کيتسُ پُڇ پُڇ سيالنديان راڄ آيا
صدقي ٽيوان عشق دي ناںءُ اُتون جنهن نال اُهين اهو غمزا لايا
مِلک مال وو تخت هزاري والا سب لٽ ڏِتس سچو کرکي سعيا
ز: زير زبر سيا پَل ڳئي عشق راه وکايا وو اوُر ولي
عقل شرم حياءُ وسار ڏِتُس ڏاڍا برهه لايا تنهن تي زور ولي
دل نال سياليان دي لڳ رَهي کيڏا شوق مچايا شور ولي
سچو مست ديوانه هو رهيا ويک ناز پريان دي ٽور ولي
س: سانگان مريندياں نينهڙي واليان قابو کڙ ندي دي کنارڙي جِي
موتيان نال ياقوت زَمُرد کرن ڳل وچ گهتن سوني هارڙي جِي
سِرتي سُرخ سُوجي سُنهن سهٽيان نون وه واه صفت سينگارڙي جي
ٽرن پانهن لوڏاندي وو لاڏ کنون سچو جوڙ کيئي جنسارڙي جِي
ش: شيرُ وراڏي وو وچ ٻيلي وه واه سياليانديان اکيان ني
رلمل چناهه دي وو کنڌي اُتي آون دؤر وڏي سب سکيان ني
لکان وچون کِنهان اثبات نالي رمز لنؤن واليان دي لکيان ني
باشا باز برهه دا بحري ڏاڍا آيا چڙهه سچو سِر پکيان ني
ص: صورت سهٽي ياردي نون ويک مست رهيان سب سياليان جِي

Scanned by CamScanner

آپت وچ ڪرن جُٽ ٻُٽ ٻهون هوءِ هوءِ تاڳٽ ڳٽ ڳالهيان جي
نہ اِهين جيها اسان ڪڏهان ڪوئي نہ سُٽيا آک آک ٿِيوَن بيحاليان جِي
هئي تخت هزاريدا سائين اِتان سچو چاڪ ڪريسن چاليان جِي
ض: ضرور تفرقہ ھوءِ رهيا سٹو وچ حيات ممات ولي
ڪيا ذڪر تي ڪيا مئين فڪر آکان ڪيا نفي ڪيا اثبات ولي
ڪتي هِير ڪتي رانجهو يار رهيا ڪتي ذات ڪتي وو صفات ولي
سچو گم وچون ناپئيدا ٿيا ڪتي جسم ڪتي اسمات ولي
ط: طلب ڪنون رانجهو مست ٿري پئي عشقدي بحر لؤلؤ دي جي
آپي ونجهلي دي وو آواز اُتي ڏاڍي جوش وچون اوئي جُهولدي جِي
جڏهان ڏيڪدا اُهو تا سهٹيان نون لؤن لؤن وچي ٻهون ٿولدي جِي
سچو سوهي سياليان ڪرآون مَن موهيا سو رنگ ٿُولدي جِي
ظ: ظاهر رانجهو دي جو دِل لڳڙي ڪَتيان وچ سو تي ڳئي ميلڙي جِي
سُڻ هير آوي اِهو حال تنهندا تليان هٿ مَلي نال تيلڙي جِي
ڏاڍي غم ڪنون اِهو جُڪداني ٻُڌٻڌ وچي وچ ٻيلڙي جِي
سچو هئي هئي سنيال تہ رووي ٻهون محبوباندي وصالدي ويلڙي جِي
ع: عَلو وڏي سيي سُهٹيان وو رانجهو ڏهون آنديان ڪرڪر ٿولڙي ني
ڪَنين واليان سِر تي لنگيان پي سِيني اُتي چڪم دي چولڙي نِي
عشق هڪ هيريدا لڳ رهيا ماهي نال پَني پئي سيَ پولڙي نِي
سَڌان نال مريندي ني لافان لڪين عشق والي سچو هن ٿولڙي نِي
غ: غمدا غمزا لڳ رهيا رانجهو ڪو ڏِاِڍا جهنگ سيالدا جِي
ساري جهنگ وچي انصاف هويا تنهندي ويک تہ خاص خيالدا جِي
عاشق هوءِ ڪي رهيا سچو سچ والا هوءِ هوءِ حسن دي حالدا جِي
ف: فوج چڙهي حُسن واليان دي چُل چُل پئي هوءِ هوءِ ولي
ڏيکڻ نال رانجهو ووني مست رهيا ٻانهان ٻڌ ڪڙا روءِ روءِ ولي

مُک نال ٻوڙهياندي ووکڙکڙي هئي هاءِ رهيا ڏوءِ ولي
سچو جوش گهٽي وچ جان تنهندي نوين نوين آکان نوع نوع ولي
ق: قرب والا رانجهو يار هويا ڪِيتا عشق ڪيوين وو اُداسڙي جي
ونجهلي ويل وڏي وو وڄاوندا هئي ڪدي درد وچون وو اُلاسڙي جِي
سُڻ هير ٿيوي وو مستان اينوين ڪنون خويش قبيلي خُلاصڙي جِي
سچو عاشق ڏونهين آڻ سوگها ڪِيتا هوءِ هوءِ اِهين اخلاصڙي جِي
ڪ: ڪُل سياليان صورت واليان رَلِمل ندي اُتي آونديان نِيَ
ساوي سُوجي ڪپڙي ڪرن اُتون بازي برهه دي آڻ بناونديان نِي
اکين لاڏ پريان مغرور قرن ويکڻ نال سچو چيتڪ لاونديان نِي
سچو سبز تلي وو تاليان‌دي چناهه دي وو ڪنارڙي ڳاونديان نِي
ل: لوڏ ڏاڍي اُنهان سياليانڊي غمزي لاءِ چلي غماز وڏي
ڪڏهان بَدَ پانهان اڳون آءِ ڪڙن نِتُ نِتُ ڪريندي نياز وڏي
پرواه ڪڏهان ڪنهندا نه رکن بي نياز قِرن ڪنون ناز وڏي
سچو سَوين صِفان سو عاشقان ديان سجدي ڪرن ڪڙي ايلاز وڏي
م: مست قِري رانجهو يار اُتان اکين لاءِ ڪڙيندي خيال ڏاڍي
ويک تخت هزار وسار ڏِتس لڳس عشق ته نال سيال ڏاڍي
اينوين غمدي غمزي بيهوش ڪِيتا ڳيس هوش ٿيا بيحال ڏاڍي
پيچا پيچ زلف دي قساءِ گهتيا سچو بره لڳس سُهٽي نال ڏاڍي
ن: نئين خوني البيلياندي سوين راهه مسافر مار ڏيندي
اهِي فوجان حُسن ديان زور ڏاڍي ڪيئي بادشاهيان اُڏار ڏيندي
چرخ نال مُنان تاڙيان پوٽيان نون پهي پَچان سب وڳاڙ ڏيندي
سچو سڳي سوري ووني ويس سارا رمزان نال اُهي ني وسار ڏيندي
و: واهُ گهلي جهنگ سيال ڏهون اُهين عشق رانجهي ڪُون لاءِ ڏتا
اهين برهي ته تخت هزار سارا هڪ لحظي دي وچ لڙهاءِ ڏتا

Scanned by CamScanner

مال ملک جيکا اسباب کُلي تنهن دم ديوچ وڃاءِ ڏتا
سچو عشقديان ڏاڍيان جُنيان نِي اِهو هوکا جاءِ ٻجاءِ ڏتا
هہ: هوش رکين جهنگ سيال والا اِهو مُلک تہ عشق آلوٹ دا هئي
رانجهو تخت هزاري والا سائين ساري ڏينهن راتي پيا جُهوٽدا هئي
رازان نال عشاقاندي دليان نون جَلوه جوڙ حُسن کنون لوٽدا هئي
ندي دي وو کنارڙي بيٺا روئي کنهين ويل نيٽان کُون نُوٽداهئي
ء: آلبيليان لاهان ريشمي ديان ٽالئين گهت هکي ول لڏدي نِي
پکي ڏيک حُسن کون وو ڍهہ پوندي هوجي وچ هوادي اُڏدي نِي
پرون جوڙ صفيران سي اُڏر آندي اُتان آءُ چناهہ وچ ٻُڏدي نِي
سچو سؤ هزاران عاشقاندا غمزي نال پهلي سوين کُڏدي نِي
ي: يار اسان اغيار نسي سچو آءُ اُتان وو سڏاوندا هئي
تُسان چاڻ رهو ٻولڻ والا نهين اِهو کؤن جو کوئي آکواندا هئي
آپي عاشق ٿيوي آپ اوئي آپي نال آپي اکين لاوندا هئي
سچو رک اِها وو سنيال رهو سيا وچ هکو سو سماوندا هئي
نمبر ٧ سي حرفي
الف: اندر ٻاهر تون هين وسدا والي يَنان شُبهاسو شک گمان ميان
سيا صورت وچي سارا سير تيڏا اِتان هيانؤ رهيا حيران ميان
ظاهر باطن ظهور تيڏا هويا وت کيها ڦيرايو فرمان ميان
ب: بار برہ دا سو باري هويا کيئي سِر بهادر چاوندي ني
جٿان کنڌ حلاج کپاءِ گهتيا تٿان عاشق اجل ڏيک آوندي نِي
جائي جاءِ جلاوَڻ جِيءُ دي سائي سُورهان ٻهون نِتُ پاوندي نِي
ت: تال تماشا تيڏا هويا هر جاءِ ظهور حضور مبيان
اکيان کول جٿان مئين تاول ڏيکان تٿان هويا تيڏا مذکور ميان
واقف ڳالهہ انهين دي وو سيئي هوسن جنهان ڳئي دنيا دي مشهور ميان

Scanned by CamScanner

ث: ثابت ڳالهہ نہ ڪر سڳهان ڪيهي هاءِ هُنر هلائي ميان
هر چيز دا نالا سيو ڏوُن ڏوُن هويا رنگان وچ رموز رلائي ميان
راتو ڏينهان حيرت وچ هوءِ رهيان جاني ڏاڍا سو قڪل قلائي ميان

ج: جنگ وجدال جو لهہ پئي سيا هوسين صورت اُنهين ياردي جِي
جائي ويري والي مٺين تا صورت ڇاتي سائي ساڳي صورت دلدار دي جِي
دُشمن دوست ڏونهين هڪو هڪ هويا وچون ڳئي سوگرد غبار دي جِي

ح: هُل هنگامان هيئي يار دا ووجي ڪُجهہ نال نگاهہ جو آئنديجي
ويڪو وچ مِٺي دي جو بوتي ميان سارا سموند سمائنديجي
جادوگر ڪيها هڻ جادو لايا اندر خاڪ ڪيها ڳالهيان ڳائينديجي

خ: خاص خمار سو محبت والا پِيڪي مست اٿان مخمور تئي
ماريس دم اَناالحق ڪِيا هويا ظاهر وچ ويڪو منصور تئي
آپي حق هويا منصور نِسي ڪيوين نانءُ ڏوجها مشهور تئي

د: دم قدم دي وو جاءِ نهين جٿان اڪيان سو عشق اڙائي نِي
ڪيئي مست آڪان منصور جيهي سِرُ سُولي دي چوٽ چڙهائي نِي
اصل روزازلدي وو عاشقان نون پَني پرت جو عشق پڙهائي نِي

ذ: ذات اصل هڪا هڪ هوئي اِٿان آءُ تيان اشڪال ميان
بازيگر والي هڻ بازي هوئي ازل تائين اَبد هيئي خيال ميان
لهين خيال اِهو نال خيال دي وو تذهان آسين هٿ سوئي لعل ميان

ر: رنگ لايا ڪيها يار ميڏي سيا صورت وچ ڪردا سيل ميان
سؤ لک چوراسي سو پوليان پولي ڏيڪو يار اندر چؤڏيل ميان
تُسان نال يقيني سو چاڻ رهو هووَن سڀ خاوند دي ڪيل ميان

ز: زيب زِينت سيا تيڏي هوئي پئي هاءِ حُسن دي هاڪ ميان
اِنهين عبرت اندر آوسن ڪيئي نِتُ نِتُ پوندي چت چاڪ ميان
تيڏي ناز نظاري دي ڪِيتي سائين هووَن لک هزار هلاڪ ميان

Scanned by CamScanner

س: سِرُ اهو جنهان صحي ڪِيتا تِنهان رهيان ٻيان سڀ ڳالهيان جِي
پئي وچ درياه جو وحدت والي غازي غرق ٿيا سيئي حاليان جِي
خاصان خاڪ ٿئي عامان اوري رهي اولي ڪنڌي ڪُوڪن ڪڙي قاليان جِي

ش: شُعلہ پيا وچ عاشقاندي راتو ڏينهن ٻيني رت روئندي ني
سهڻا يار اڳون شمشير تپڏي نهين نينهن والي ڪنڌ ڪوئندي ني
اِها دانهن ٻاجهون در تڏي سائين ٻنهان مُول ڪڏهان نهين چوئندي نِي

ص: صلح پئي وچ دين ڪُفر سيا ڳالهہ وچي هڪا ٿئي ميان
سسهين صورت اندر سُهڻا يار آيا وچون غير ٻيائي ڳئي ميان
سچو سانول ٻاجهون نهين ڏيکڻ اُنهان اِها ڪل جنهان نون پئي ميان

ض: ضرور هويا اُنهان عاشقان نون ٻاجهون يار ڏوجهي جاءِ ڏيکدي نِي
وچ صف صحي سيئي سالڪاندي ڪڏهان لَئون والي نهين ليکدي نِي
مُحب مارڻ ڪِيتي آون عاشقاندي تيغان ڍوه ولاءِ نہ ٽيکدي نِي

ط: طرح نوين سهڻا يار آيا سالڪ نال سلوڪ سچاڻدي نِي
ظاهر باطن تنهان نونِ هڪ هويا هاتڪ حال حقيقت چاڻدي نِي
ستن سِرُ فدا ڪن جان جُثا ڪوئي قطره وهم نہ آڻدي نِي

ظ: ظاهر ديوچ ڪِيوين ٿئي ڳجهايار ڏيکو اسرار ميان
سڀ شئي دي نال پيارا هوسين دم دور نهين دلدار ميان
هُڻ آپ چپاليس واسطي انهين ٿيوي عشق اٿان اظهار ميان

ع: عامان اڳون ڳالهہ آکڻ نهين ڪِيجي چُپ تہ جيءُ جنجال پيا
پهلون عشق وچي آرام چاتا پچي آءُ ڪمال ڪشال پيا
جڏهان قال ڪنون جند چٽ ويسين تڏهان چاڻ تہ هاءِ حوال پيا

غ: غرق گناهان ديوچ هويان ڪوئي سُول ثواب نہ ڪرديان جِي
نيڪ بد برابر سانون ٿئي تيڏي نانءُ سُٽي مئين مرديان جِي
تيڏي لاؤ بالي درگاه سائين ڏيک ٻهون هُڻ ڏرديان جِي

Scanned by CamScanner

ف: فال پئي نانءُ آدم آتي آهو بار برھ دا سو چائندي ني
مَلڪان فلڪان اٿان ڪُل ابا ڪِيتي ڀھون باز خاڪي نون پائندي ني
اُنهين سُولاندا جوڙ سِر سِهرا گهتيا اُنهين ڏينهن لاڪون اچ ڳائيندي ني
ق: قتل ڪِيتا اپڻي نفس ڪنون اُنهان ڏيک مشاهدا وو يار دا جِي
ڏوجهي ڳالھ نهين ڪا وچي آڻن عاشق ٿيئي پهلي اقرار دا جِي
هووَن مست سيئي اُنهين ڏينهن لاڪون باري هوندي برھ دي وو بار دا جِي
ڪ: گوش نہ ڏيون ڪم دنيا دين نون جنهان عاشق نام سڏائيا جي
سالڪ سُوري قِرن رووَن راتو ڏينهانِ اُنهانِ سُولي سِرُ اٽڪائيا جِي
آون اڳون سائين شمشير تيڏي ڏيوَن سِرُ تہ سيف سنگائيا جي
ل: لوري لڳي هئي هئي عاشقان نون جڏهان جوش ڪنوڻ اُهي جلدي جي
اپڻي دل آرانيا سو پال ڏيوَن پنهان سوز ٻاهر نهين سلائي جي
وچي جُهڙڪ تلواريان دي اڳون ٿيون هڪو وال پچي نهين ولدي جي
م: مَحو ٿئي سب ڏوھ ميڏي تيڏي نانءُ گهنڻ-دي نال ميان
پؤ هڪ ذري دا تنهن نون نهين جيڪو آءُ پئي اِنهين خيال ميان
سگان وچون تيڏي مئين سگ هوسان تؤن نانءُ ڳڏي هُڻ نال ميان
ن: نيڻان والا ڪوئي نيزا ماريوئي اورار ڪنون پروار پئي
اندر وچ اُنهان وو اٽڪيا نهين پست ناز پرئي نروار پئي
ذرا هڪ انهان نُون وو سڌ ڪا نِسي آءُ عامان وچي شؤڪار پئي
و: ويس تيڏي سائين سَهين هوندي صحي ڪيهي ڪريسان مئين ويس ميان
پريشان ڪيتوئي وو عاشقان نون وچ آئي ني لک لبيس ميان
ابراهيم ادهم شاهان جيهي تيڏي نينهن ڪِتي ڪيئي نيس ميان
ھ: هوش ڳئي ڏيک سِر تيڏي ڪيئي وره والي مدهوش ٿئي
هوندي صُم بُڪم سُڪوت وچي گويا ڪنون اُهي خاموش ٿئي

Scanned by CamScanner

جڏهان رمز اَنا الحق آءُ لڳي تڏهان خواه مخواه خروش ٿئي
ي: يار ظهور سو ظاهر ڪِيتا ڪوئي آءُ ڏيکي دلدار ميان
اکيان ڪول اِتان جي تون عاشق هووين هيئي وقت اِهو ديدار ميان
آپ چوڙ اتان آزاد ٿيوين سچو صحي ڏيکين اسرار ميان
هادي آهه ميڏا عبدالحق سائين صوفي صاف جو شاهنشاه ميان
سيو علم تنهنون معلوم هويا اسرار مڙيوئي آگاه ميان
تنهندي خاڪ قدم دي اُتون ڪران صدقي سِرُسيو سرواه ميان
نمبر ٨ سي حرفي روپ بلاولي
الف: اَلهه ڪارڻ سُڻ يار سُهڻا اساڏڙي آوڻا هئي
اِهين درد فراق جو مار گهتيا هووين نال ميڏي نهين جاوڻا هئي
دل درد مندان دي سا لٽ نيتي ڪجهه خيال تُسان پي لاوڻا هئي
هڪو هڪ ڏهاڙي دَرِ سچو ڪر ڪرم پلا لِيا پاوڻا هئي
ب: باربره چايا اکين اُتي ڪڏهان طرف تهين نامه گهلڙا هئي
ٻانهان ٻَڌ ڪڙوتا مئين راهه اُتي ٻڃي اساڏڙي پلڙا هئي
راتيان ڏينهان تُسان ٻاجهون يار سهڻا ملڻ ڪِيتي اتان ڏاڍا جلڙا هئي
سچو نال سُهڻا تون تا ڪَنا ٿيوين اِهو ڪام تُساڪُون ٻَلڙا هئي
پ: پارون سيالِيان ٿُر آون ڪر ويس وڏي ڏاڍي تيلڙي نِي
ويکڻ ڪِيتي رانجهو اُنهان سُهياندي آوي لنگهه چناهه دي چيلڙي نِي
رَتُ پِتُ اُنهاندا سُڪ ڳيا زردا روءُ هويا رنگ پيِلڙي نِي
ٻانهان ٻَڌ محبوباندي اڳون ڪڙدا ڪردا لک هزار سو حِيلڙي نِي
ت: تاب ڪوئي نه جهل سگهي هئي راج ڏاڍا وو سياليانِدا
نيزا تيز مريندي نيڻان والي قابو خيال اُنهان مت واليانِدا
رَمل چلن ڪرتولي تولي ڪيها ميٺ اُنهاندي وو ڳاليانِدا
ڪڙي رنگ پريان وو چناهه دي ڪنڌي اُتون ڏيک سبزا وت تاليانِدا

Scanned by CamScanner

ٿ: ثابت ٿئين ڏنهن هئي دل ميڏي ڪڏهان جاءِ اساڏي تي آئندا هئين
ٻينا هوندا هُون رَل تون نال ميڏي ڪوئي دم ٻي دُور نہ جائندا هئين
خوني خوب چشماندي مئن ڏهون تکي تيز تفنگ چلائندا هئين
هُڻ ڪيهي ڳالهين وي وسار گهتيءِ ڪڏهان ڪِل تہ هَس الائندا هئين
ٽ: ٽور اِڱون اُنهان سُهٽيان دي ڪبڪ مور ڏونهين شرمسار ولي
چشمان چوٽ مارن شهر دليان دي نون ڦر مار ڪرن اظهار ولي
جيوين فوج نادر وو ايران والي ڪرن نيزي بازي نروار ولي
ڪِشورڪوٽ ڳڙهان وو مريندیان وتن هان هان ڪرن هڪل هُشڪار ولي
سچو منگ پناهہ انهان ٿون تسان ڪِجي ترس ٻهون تڪرار ولي
ڄ: جهل آئي اکين رنگ ڳوڙهي اڄ موت مرينديان ديوانڙي جِي
سُرمہ نال ڪَجل رمجهم هويان مارن پير ڪيا وو جُوانڙي جِي
لٽ ٻُٽ نيوَن هڪوار شهان ڪيا مير ڪيا اخوانڙي جِي
اِڱون يار سچو سهٽي يار دي جي پرين لک هزار سوجانڙي جي
ڃ: چاڪ اسان ڏونهين هڪ هوئي هُڻ وچ ساليان‌دي سُڻ سُڻ ڪيهي
عالم وچ ساري ظاهر عشق ٿيا وت آمان پيٽاندي ٻُڻ ٻُڻ ڪيهي
جهڳڙي چُڪي ڪيڙان دي اسان اُتون رانجهو آءِ مليا اور اُٽ ٽُڻ ڪيهي
لنگهئي اُهي ڏهاڙي جدائي والي جُٽ ٻُٽ ڳجهي هُڻ جُهڻ جُهڻ ڪيهي
ح: هَل پيا صف عاشقاندي زلف پُر خلل غَم خَم هوئي
ڪالي نانگ پالئي ڏونهين مونڊي اُتي دهشت داٻ ٻهون دم دم هوئي
ڪجل پُر اکين گلرنگ سهٽيان سُرمہ ڏار سيا رم جهم هوئي
سچو نين سپاهي سو مارڻ والي ديسؤن ديس هڪا ڏم ڏم هوئي
خ: خان اکين ڪرن ڏاڙ گهوڙي قلعہ نال جليب لُٽيندي نِي
مزگان تير تُفنگ خُدنگ تي مارن چوٽ چوُرنگ چُٽيندي نِي
هان هان ڪريندي عِراقيان وانگڻ آون هوڪ ڪڏهان نہ هُٽيندي نِي

Scanned by CamScanner

ڪِشور ڪوٽ سچو وو تاراج ڪرن اُنهان ڪنون تاڪؤنہ ڇُٽيندي نِي

د: دؤر ڏاڍي اکين لاڏ پرئي مزگان تير تکي ڇُٽڪاوندي نِي
بازان وانگڻ ڪرن ستوني ڏاڍي جيرا ماس ڀيرا پَٽِ ڪاوندي نـي
دليان درد مندان ديان دام وچي نازان نال ويکو اٽڪاوندي نِي
سچو زلف زنجير زيان ڪِيتا عاشق لک آتان ڦٽڪاوندي نِي

ذ: ذوق هويا ڪڙا شوق ٿيا لڳا عشق تا هُڻ حجاب ڪيها
گهونگهٽ ٽوڙ گهتِيس ڇِپَڻ ڇُڪ ڳيا سچو آک تہ ول نقاب ڪيها
ساڏي دل اُتي برهي زور رکيا مَسلي والڙا هُڻ ڪتاب ڪيها
ننگي تيغ سهٽا ڪر دست دوڙيا شوقون شوقان ايڏا وو شتاب ڪيها

ر: رنگ گهَرا متواليانـدا آون رَل تا سِر تماشڙي جي
چناه دي ڪناري وو ناز ٿرن ڪرن هار سينگار سي خاشڙي جِي
غمزا لاءِ معشوقان دي سر منگن رکن عاشقان اُتي وو تلاشڙي جِي
ساڏي طرف سُهٽا وو اَڏار چوڙئي ڏاڍي باز برهہ دي باشڙي جِي

ز: زور ڪٽڪ اکيندي رکيا قلعہ ڪوٽ جو چڙهہ مريندي نـي
مارن تير تُفنگ تي رام جنگيان نيزي بازي جڏهان وي چڙهندي نـي
ڪرن ويڙهہ چؤڦير محاصره تان پچي نين سپاهيان لڙيندي نـي
سچو خبران اِهي تِنهان ڪنون پُچو جِنهان نال جو آءُ اڙيندي نـي

س: سيل ويکو وو سياليانـدا رَل ڪراوَن ٽولي ٽول ولي
گردن ڪَش غماز دماغ وڏي چلن ناز سيتي مُک ڪول ولي
عاشق ويک جمال تِنهان سُهٽياندا وارؤن وار ڪرن سِرُ گهول ولي
فوجان فوج حُسن واليان شتاب ڏاڍي حملا ڪرن سچو اُل اول ولي

ش: شان وڏا اُنهان سُهٽياندا ٿِيوَن لک امير غُلامڙي جِي
ادب نال اڳون مَن موهٽياندي سجده ڪرن هزار سلامڙي جِي

Scanned by CamScanner

آئي ڪالهہ اسان ڏهون طرف اُنهان ڪيئي پرت والي پيغامڙي جِي
اسان آپ آسُون وو هزاري ڏهون سچو سچي ڪيتي نِي انجامڙي جِي
ص: صورت جهنگ سيالياندي ويک شاه تِيون وو فقيرڙي جِي
ڪمر ٻڌ دوڙن غلامان وانگڻ اڳون ناز پرياندي اميرڙي جِي
سچل پيچ زلف دي وچ پئي زاهد عابد سؤ اسِيرڙي جِي
سچو سِر عُشاقاندي مزگان والي وسندي لک هزار سو تِيرڙي جِي
ض: ضرب نيٽاندي وو ڪو نہ جهلي عاشق لک آتان ڦڙڪائيندي ني
سيني جَهل ڪڙن مشتاق آتان جڌهان تير تکي چُڙڪائيندي ني
شابس شابس هوئي اُنهان عاشقان ڪُون جيهي آڻ اکيان اڙڪائيندي ني
سچو ڏيک توفيق تِنهاندي ڪيڏي سُولي سِرُ سِريان لڙڪائيندي ني
ط: طُول طويل اُنهاندا ڪيڏا هئي لک هزار حيرانڙي جِي
دُونهان پاءِ پيني دَرِ سُهٽياندي ڪرن دانهن فرياد ديوانڙي جِي
زبان نال آکان نا آک سگهان حُسن والي ٻهون وي ٻيانڙي جِي
سچو ڪؤن غريب بيچارا هويا ڪڙي دَرِ اُنهان مستانڙي جِي
ظ: ظاهردليان زلف ميان پيچان پيچ وچي جو ڦهاوندي نِي
گهت دام اول پيچي ڪِي اتون آپي گهن هٿين وو ڪُهانوندي نِي
تان پِي تَرس نہ تِل تِنهان نون هويا هٿ جوڙ عُشاقان آوندي نِي
تِنهان ياران اُتون مئين صدقي تِيوان سچو سر ديان سَٽان جيهي لاوندي نِي
ع: عشق آرانيي آڻ لائي رات ڏينهان سانون وو قرار نهين
بيوَس پيان وَس چوڙ ڳئي ميڏا هک ذرا اختيار نهين
هُڻ لاءِ ڪي انگ پيوت ڪڙا ميڏي پاس سنيان رانجهو يار نهين
سچو سب سياليان توڪان لاهِن عاشقان موت ٻاجهون تلوار نهين
غ: غمزا ڪِيتا ڪيها ناز نيٽان عاشق ڏيک ٿَئي بيحالڙي نِي
تنهندي تاب ڪنون تڙپڻ لڳي هوءِ هوءِ انهين چکي چالڙي نِي

Scanned by CamScanner

ڏينهن رات روندي هِجر درد ڪنون ڳڌا عشق ڪَهين وو خيالڙي نِي
سچو سوز گداز تي درد غمان هيني نينهن دي اهِي نِوالڙي نِي
ف: فوجان حسن ديان چڙهه پيان جيوين چڙهئي سپاه فرنگياندا
گِرداگِرد اُنهين ڪُون جو ويڙهه گهتن ڏاڍا تاب اُنهان وو تُرنگياندا
قابو نين سپاهي سو ڪاهه پَوَن عجب جوڙ ڏٺا مئين جنگياندا
اُنهان نال برابرا ڪِيوين ڪري سچو لشڪر رُوميان زنگياندا
ق: قُرب قدر اُنهان اڪياندا هويا عاشقان نون پنهان خبر نهين
ڏيک ناز پريان نون فرياد ڪرن هوءِ هوءِ پاجهون اُنهان صبر نهين
ڳچي پاءِ پلؤ ڪرن زاري پهون ڏاڍيان نال ڪِسي دا جَبر نهين
سچو هوءِ غريب اڳهاڻا آتان اِنهين جاءِ ڪنهيندا تبر نهين
ڪ: ڪيس ڪالي اَلبيليياندي لَمڪاءِ چوڙن سو هارڙي جِي
ڏاڍي ٿور آون ٿُر مور وانگڻ ندي دي وو سبز ڪنارڙي جِي
رانجهو مست هويا ڪنون هوش ڳيا ڏيکڻ نال اُنهاندي نظارڙي جِي
وسِر ڳيا وطن چؤپارا اُهين سچو خواهش نہ تخت هزارڙي جِي
ل: لَٽ نيتي دل سهٽيان نِي جهلي ڪؤن اُنهاندي وو تابڙي جِي
سانون ڪڍ نيتا هڪوار تِنهان وچون ڏوهہ گناه ثوابڙي جِي
مستي ڏي ڪي ڪِتوني بيهوش پهون طاقت نهين وو سوال جوابڙي جِي
نشا زور پيا اڪين ڪُل رهيان سچو شور گهتيا وو شرابڙي جي
م: مَلِ ڪَڙيان چناهہ دي ڪنڌيان سُهٽيان پار تي ڏيک اورار ولي
تنهان وچ رانجهو ڪڙ ڪَتيان چاري ڪر جوڙ جوڳيان جنسار ولي
آپت وچ مارن مِل جُهمر ڪيهي ٽيوي چاڪ راضي اظهار ولي
جائي ذات هووي وو صفات سائي هُڻ سمجهہ سچو سئنسار ولي
ن: نُور پريان اُنهان سهٽيان ديان ڪجل پُرخونيان وو خماريان جِي
تِنهان نال هووي ڳچي پلڙاني پانهان پَڌ ڪڙو ڪيجي زاريان جِي

Scanned by CamScanner

ٿيوَن مست ديوانڙي بادشاهان ڏيک خوب صورت سرداريان جِي
سچو لَٽ نيوَن مسافرانديان دليان دؤر ڏاڍي وو سُونهاريان جِي
و: ويس سوهيدا وو کر سهٽيان چناهہ دي کنارڙي وو ڳاوندي ني
غمزا جوڙنازاندي وو حُسن والي عاشق ڏيک اڳون ٿر آوندي ني
ساري جانِ سريرؤن کڍ چوڙن جڏهان چشمان اُتيرڙي چاوندي ني
سچو سُڌ تِنهان نون وو سچي ساري جنهان نال اُهي لون لاوندي ني
هہ: هار سينگار عنبير عطر لاءِ کي چلن نال غمازڙي جِي
اڳون عاشقان وو لک هزار کرن کڏهان وو نيازڙي جِي
وِرهہ واليان ڏهون وو اُڏائيندي سي چشماندي ووڳجهي شهبازڙي جِي
دلين لَٽ کراهُڻ عاشقان ديان سچو ڏينديان سؤ ايذائڙي جِي
کـــم اُنـــهـــانـــدا ايـــهـــو جيـــهـــا، جو مـــار گـــهـــتن پـــاتـــشـــاهـــان
هِنـــد ۽ ســـنـــڌ تـــي فـــلـــک نـــہ آٿـــن، ســـچو مـــارن مُلـــک ســـپـــاهـــان
١٥٨. وچ تـــلاءُ پـــاڻـــي دي، بـــيـــنـــي ڏوُن شـــهـــزادي شـــعـــوري
کـــردي عـــالـــم نـــال حـــکـــومـــان حـــکـــم، زور آور زوري
دســـت کـــمـــان اُنـــهـــان دي آهـــي مـــارن تـــيـــر لـــهـــوري
تِنـــهـــان کـــنـــون پـــچ کـــوئـــي نـــہ ويـــنـــدا، ڏيـــوَن ســـاه ســـگوري
ســـچو صـــف بـــصـــف عُشـــاقـــان، جان جُثـــا ســـر گـــهـــوري
١٥٩. جو کُجهـــ جيـــون نـــال سُهـــڻـــي تـــا ول ول عـــشـــق لائـــيـــجي

نينهڙا عُمر نباهين ساري، قابو پيچ پائيجي
طعنہ تهمت ٿوڪ لوڪاندي، چشمين چُم چائِيجي
سُمهڻ جاڳڻ وچ يار سچو پئي، اي تا ڳالهہ ڳائيجي
١٦٠. اي دل وچ ٻُڌاپڻ، ڪيهي مقصد خيال رکائين
ڪيا شباب جواني ساڏي، جا ڏوجهي ڳالهہ آکائين
رنگ رباب دنيا دي ڪِتلي، سچو يار وڪائين
١٦١. وچ حضور هادي دي يارو، پانهان ٻَڌ ٻَهيجي
آپ ڪون چاڻ سڃاڻ ساروئي، ڪلمہ ڪُفر ڪَهيجي
گم ٿيوين ڪنون گم ٿيوڻ، نا ٻي ڪنهن ٺاه ٺهيجي
رنگان ٿون لگ جاوين سچو، بيرنگ هوڪي رهيجي
١٦٢. جان جان مسجد منبرمناري نهين سي ويران ٿِيون
تان تان راه قلندر والا، حاصل ڪڏهان نہ ڪَريون
ڪيا جي ٿِيوَن لطيفہ جاري، اي ٻي هُنر ٻٽيوِن
ڪشف قلوب قبور ڏوهين، اپٽي سو صحاب اٹيونِ
حفظ قرآن ڪريندي سارا، ٻي لک ڪتاب پڙهيونِ
روئڻ خوف ڪنون هڪ ربدي راتو ڏينهن ڏريونِ
اي سب ڳالهين ايهان جيهان، ڏي ڪرڪَن سٹيون
اٿون مقصد اُهي نہ لهسن، مُونجهان وچ مَريونِ
جيئي مرد محبت والي، سولي ڪول ڪڙيونِ
عاشق اناالحق دي چوٽي، ڪلمہ نال چڙهيونِ
حق دي وچ ٿِيوَن گم سيئي، ڏون ٽي ڪجهہ نہ ڳٽيونِ
وحدت دي وچ دريا ء وچون، نهرين اَشَڪ اُڙهيون
باقي ذات بقا دي رَهہ ڳئي، سچو غير لڙهيون

١٦٣. غازيـان تـون غم كـيـها يـارو، جو سِردا سانـگ نــ كــردي
وچ مــيـــدان مــحــبــت والـــي، مـــردان مـــردي مـــردي
نـــال اُنـــهـــان دي ٿـــيـوي نـــ پـــاڙا جيـئـي هـــوون بـيـــدردي
ســـچو عـــاشـــق ايـــويـــن سُڃاپـــن، رُوءِ جنـــهـــانـــدي زردي
١٦٤. دوســـت پُڇيـنــدا ٻـــهـــون غم والـــي، يـــاران غازيـــان نـــون
نـــال يـقـين تحـقـق چاٽـين، نـيـنـهـن نــ هـيـئـي نمـازيـان نـون
سُڏ اِهـين تـــا سِر دي نـــاهـين، ســـچو مُلـيـــان قـــاضـيـــان نـــون
١٦٥. عـاشـق رِنـد كـتـي كـوئـي يـارو، لِيـسـين يـا نــ لِيـسـين
پُوتـي پـيـا هـوسـين سـوچـاٽـون راتـيـان ڏيـنـهـان رب سـين
كـڏهـان تـا آفـتـاب نــ لكـدا، عـاشـق مـول نــ چـپـسـين
اِهي نـشـانـيان تـنـهـنـديـان هـونـديـان، سچو صُلح اُهـيـندا سـبِ سِين
١٦٦. سهـٽـيان نـال مئين سهـٽـان هـوان، بِن سهـٽـيـان مئين كـوجِهي
ٻـاجهـ حُسن هـوءِ هـوءِ ٻِي ٿـيـوي، دل مـسـئـلـ ڏي مُونـجـهـي
ســـچو راه هـــزاران وچون اِهـــا، راه لـــڏي مـــئـين ســـوجهـــي
١٦٧. رک كـي وِرد وظـيـفـ اِڳون، جُهـڻ جُهـڻ ٻـهـون كـريـنـدي
مـــســـجد وچ مـراقـبـ كـركـي، مـكـيـان ويـک مَريـنـدي
ســـچي ڳالـــهــ هـــادي دي اُتـــي، نـــا اعـــتـــبـــار آٿـــيـــنـــدي
رُجعـــت كـــاڻ دُنـــيـــادي ســـچو، نـــؤ نـــؤ ســـبـــق پـــڙهـــيـــنـــدي
١٦٨. عـشـق دي مُنـكـر اِڳون نــ هـرگـز، ڳالهـ عشق دِي كـريـئـي
اُهـي وچ وظـيـفـ سُونـهـين هـونـدي، عُمـر ڳـئـي تـنـهـان پـڙهـئـي
كـالـي مُنـهـن تِنـهـان دي هـوسـن، جي كـوڙ اِهين وچ كـرئـي
ســـچو صَدق اُنـــهـــان تُون تِيـــوان، جي عـــشـــق وچون آءُ آڙئـــي
١٦٩. مـسـجد ديـوچ كـاڻ ٺـكـر دي، ڏيـوَن بـانـگ صـلـواتـان

مُنهن چِٻي، ڏاڙهي ڏنگي، خام پڙهن خِلواتان
عالم ليکي روزي رکدي، نِتُ کاوڻ ديان آفاتان
سچو راه نہ ايها سچدي، بره واليان ٻيان باتيان
١٧٠. شيخي تي مخدومي، ڏونهين اي تا ساري تڳي
اِها جماعت جوڙ والي، سا ويک برهہ کنون ڀڳي
آءُ اچانک نال محبوباندي لئون جنهاندي لڳي
سچو ڀچي پير نہ رکدي، جو ٻرت تِنهاندي تڳي
١٧١. مخدومي، مجذوبي، ڏونهين کڏهان گڏ نہ ٿيسن
عشق عقل دي راه نِرالي، هک ٻئي کُون نہ منيسن
هکڙي طرف الله دي دوڙن، ٻي دنيا طرف ڀئيسنِ
هکڙي شربت شيرين منگن، ٻئي مَئي دي پيالي پيسنِ
هکڙي عُمر منگيسن سچو، ٻئي محبت وچ مَريسنِ
١٧٢. جامہ سياه وٽاء کريندي، کم ايهو وچ شيخي
ويک زبان دراز کتيني، دلق ڍکي سؤ ميخي
سچو ڳالهہ اِهين وچ چاٽين، دل تنهاندي ريخي
١٧٣. مئين تا بزرگ ٻهون ڏني، جو بازي عجب بنيندي
عشق درد دي ڳالهہ کڏاهان، نامنظور مَنيندي
عاشقان تي ره دي ڀلي، حاسد هَجو آٽيندي
عاشق وچ درياء حيرت دي، سچو يار ٿپيندي
١٧٤. مَکر بازي وچ ڦکل گهٽيري، طرحون طرح کريندي
نوعون نوع عالم دي اڳون لاف گزاف مَريندي
اسان اينوين تي اسان اينوين، سي کوٺي ماڻ ڀريندي
کوڙي کوڙ والي تا سچو ٻيني ٻاٽ ڏريندي

Scanned by CamScanner

١٧٥. خلق جماعت ميل كراهڻ، آپكون پير سڏيندي
دست جَهپال، مُصلي كُلهي، كورا كوڙ ٻڌيندي
درد ٻنان دلبر دي، او سڀ ٻيجا كم كَميندي
سچو دا ايهو سخن سچا كستوري، آپ اڏيندي

١٧٦. كِتي وچ وظيفي رهه ڳئي، كِتي وچ نفلاتي
كِتي وچ زهد عبادت، كِتي تَئي دعواتي
كِتي خوش تِيوَنِ وچ گوشي، كِتي وچ رُجعاتي
كِتي خوش مستين وچي، كِتي وچ كراماتي
كِتي كشف قبور وچي خوش، كِتي وچ درجاتي
سچو لكان وچون كريندا ،كوئي عشق والي اثباتي

١٧٧. بزرگ شيخ مشائخ يارو، نا مخدوم ٿِيوسي
نا قاضي نا معلم، مُلا، نا كوئي پير ٻڻيوسي
بازي جوڙ نه عالم كِيتي، رنگ رساء ركيوسي
سچو درد عشق دي ٻاجهون، كوئي نه هُنر سِكيوسي

١٧٨. قاضي سچ آكان مئين تئينون، چوڙ مسائل مُصلي
آءُ پيوون هك سركي مئي دي، مول نه ٿيوين مُلا
سچو جنهن حق حاصل ناهين، راهه كنون اهو پلا

١٧٩. قاضي ساڙ كتابان كُون، هُڻ مُرشد اينوين فرمايا
آپ سچاڻ تہ تون كِي آهين، عرف نفسه پُرجهايا
سچو راه كُفر دي سانون، مُرشد آپ ٻتايا

١٨٠. دلبر سانون اينوين آكيا، مئي دا پيالا پيوين
مُوتو اقبل آنت مُوتُوا، مئي پچاڻون جيوين
اپڻي سِر سچاڻ ٻاجهون، همدم مُول نه ٿيوين

Scanned by CamScanner

اَپـڻـي ذات مَـثـاءِ جو ڀـيـنـئـين، تـيـڏا مـقـصـد ٿـيـوي ڪِـيـويـن
جيـويــن حــلاج نــغارا مــاريــا سـچو، مــار نــغارا تــيــويــن
١٨١. سچ ڪـڏاهـين مُول نـہ ويـڪـي، پـاڪ پـلـيـتـيـان جائـين
هــر ڪــنــهــن جاءِ اُهـين دا پــرتــؤ، تــئــيــڪــون آڪ سـڻـائـين
سچو هـر ڪـنـهـن شيءِ ديـوچ، اينـويـن سـيـر ڪـريـنـدا سـائـين
١٨٢. جان جان تـون گـمـراه نـہ ٿِيوين، تـان تـان راهـہ نـہ لَهـسين
ڪـاويــن حــرام تــيــويــن پــلــيــت، پــاڪـي نــال نــہ ٻَهــســين
سـچو سـچ پـلـؤ نـهـين ايـنـدا، جان رتــي "مـئـين" دي رهـســين
١٨٣. مُلان چوڙ ڪــتــابــان، پــيــويــن مَئـي دِي هــڪ پــيــالِي
پــلــڪ تــهــين وچ قــاضـي ٿِيوَن، مــســتــان مــســت مــوالــي
ســچو ســبــق وســار ڪــراهــڻ، هــووَن مــحــبــت والــي
١٨٤. مـئين طـالـب زُهد نـہ تقويٰ دا، هـڪ مـنـگـان محبت مستي
ڏتـــي هُڻ اســـتـــاد ازل دي، هـــٿ طـــلـــب دي تختـــي
ســو مــســتــي مُول نــہ ٿــيـوي، جان جان هــووي هــســتــي
١٨٥. ڏونـهـين جهـان وِسـرگـئـي، سـانـون پـيـوڻ نـال شـرابـون
پــاڪ جايــان ســڀ ڀُول رهــيــس، هــڻ لــذم دوسـت خرابــون
ســچو حــق خــاصــل نــہ ٿــيــوي، ڏيــڪــڻ نــال ڪــتــابــون
١٨٦. ڪـيـهـي ڪـعـبـہ ڪـيـهـي قـبـلـي، اِهـي تـا سـڀ بـهـانـي
مَين ڪِـيـون نـيـت ڪـعـبـي آٽـون، پـيـر مـئـيـڏا مـئـيـخانـي
ســچو آپ ســايــان فــرمــايــا، هــوويــن حـق مــســتــانــي
١٨٧. لا نــفــي دا ڪــلــمـہ، ســانــون مُرشـد آپ پــڙهــايــا
هــتــيــا ڏتــس هــمــت والا، جنــهــن ســارا هــوش گمــايــا
اســان بــي تــنــهــنــدي ڪِــيــتــي يــارو ،سِر مِهــڻــا چايــا

Scanned by CamScanner

سچو ٿي قربان ٿهان ٿؤن، جِنهان جا ڪي جوش جڳايا

١٨٨. وقت نماز ديگر دي، ڏٺم واه حُسن دِي چالي
پيچؤن پيچ لٽڪ پئي ٻگل تي، وچ ڪيس بسيهر ڪالي
ڏوجهي ڏيک حڪومت والي، نين نواب نِرالي
مزگان تير ڪمانان ابرو، مارن ڪرن نہ ٽالي
ڪائي غرض نہ رکدي ڪنهندي، مست قِرن متوالي
لعل لبان ياقوت رماني، مُهري منصب والي
سچو ڏيک اُنهاندي اِڳون، وچ ڪيتا هانؤ حوالي

١٨٩. روز ازل استاد اسان نون، هڪ سٽ پريت دي پاڙهي
سا وَتِ دِلدي تختي اُتي، چاهہ ڪنون لِک چاڙهي
سچو عشق ٻُڌا نہ ٿيوي، ڪيا جي چِٽي ڏاڙهي

١٩٠. هڪ ڏهاڙي مُرشد مئنون آپ اينوين فرمايا
اِهنو طريقہ وحدت والا، سانون ٻهون خوش آيا
سچو ڳالهہ عشق دي سچي، ٻيا سڀ پنڌ اجايا

١٩١. دنيا دار دنيا دي پڇي، طالب مُول نہ لڳين
ياد ڪرين جي مُرشد والين، او وَتِ ڳالهين اڳين
سچو عشق الله دي ٻاجهون، تاتون مُول نہ تڳين

١٩٢. نہ مئين آدم سِر زمين تي، نہ ميري فلڪ هي فلڪان
اِها امانت عاشقان والي، نهين مُيسر مَلڪان
سچو سمجهہ ويکين سِرُ سارا، اي تان جهان ڏُون پلڪان

١٩٣. عشق لڳا گهر وسِر ڳيو سي، مطلب سڀ ٿيوسي
سُود زيان ڪنون ميان سچو، هُڻ تا چِٽ پيوسي
حاصل آهِ ٿيوسي ساڳي، جو ڪُجهہ آهِ منگيوسي

Scanned by CamScanner

١٩٤. ٺلــزم ڪــارونـــيــار دي انـــدر، عـــاشـــق غوطـــ مـــاريـــا
طـــالـــب تـــنـــهـــن تـــاريـــڪـــي ديـــوچ، ڪِيـــتـــي دم گـــذاريـــا
سـچو ٺلـزم ڪـاوا ٻـج پـارِ ٿـيـا، جو شـيـشـا عـشـق اُڏاريـا
١٩٥. مـــســـتـــي حـــال مـــقـــرر هـــووي، واه عـــجـب مـــجذوبـــي
مـــعـــلـــوم هـــئـــي لَؤن والـــيـــان نـــون، ســـارا راز رَبُوبـــي
ڪـيـا جي ڪـشـف قـبـوري هـويـا، ڪـيـا جي ڪـشـف قـلـوبـي
سـچو عـشـاقـانـدي ٻـاڳي پـئـي ڳيـا، ڏاڍا ڏک مـحـبـوبـي.

Scanned by CamScanner

مُرغ نامو

١. لوڏينــدي لامــون، ڏاهـو ڏار چڙهيــو چوي
آنـدو اتـم پاڻ سان، نينـهن پريو نامو
توڏي ساريو سڄڻان، ڪَيمِ راتيان روانو
پڙهي پروانو، مونکي جلد جواب ڏي
٢. ڪانگل آيم اڄ، پريان سندي پار ڏنهن
ڳالهيون جي ڪيائين سڄڻان، سي رُوح ٻُڌي ڪيو رَڄ
پڪيءَ ڪيو پَڄُ، ظاهر ڪيائين زبان سان
٣. ڏاهو اڄ ڏِسو، جو ويڙهي ويڳاٽو وَتي
پُورن منجهؤن پانهنجي، تو ڏيئي حال حصو
سرتيون! سُرسٽي ڪري، هن خيالون ڪِيَم ڪِسو
ڪو قريبن قصو، تنهن سيڪاري موڪليو
۴. ڪيون وڪاٽيون وات، اڄ ڏاهي ڏار چڙهي ڪري
سُٽڻ سان ڪي سرتئين، لڳي چُپ چُپات
آتڻ واريون اُتهِين، لوتياٽيون سان لات
روئن ساري رات، هَي هَي سوڪانگو ڪيون
۵. گهٽا ڏينهن لڳاءِ، ڇا هون ڪانگ قريب جا
ڪي دَم آڏو دوست جي، پلي ڪري پڳاءِ
هاٺي ڪِي تا تَنُ تڳاءِ، متان جهوريءُ منجهہ جهڃي مران
٦. وات ڪري وائي، اڄ پڻ ڪانگ قريب جو
ڪي جو چيائين چُنهنب سان، تنهن لَڃَ ڏاڍي لائي
اندر ڪي آئي، چڻ ڇَر ڇيري سندي
٧. لئي لام لَتو، ڪِي جو ڪانگ قريب جي

Scanned by CamScanner

تـــنـــهـــن لاكـــيـــٺـــي جي لات جو، پـــوي كـــونـــه پَـــتـــو
كـــاكـــيـــون! كـــيـــئـــن كَـــتـــو، پـــر اَڻ سُـــوريـــتـــيـــون ڙي آهـــيـــو
٨. كـــيـــهـــي كَـــم كـــانـــگـــڙو، اڄ تـــو ويـــڙهـــي مـــنـــجـــهه وتـــي
پـــســـي تـــنـــهـــنـــجـــو حـــالـــڙو، كـــاكـــيـــون! كـــامَ كَـــتـــي
تـــنـــهـــن جي لات لَـــتـــي، تـــو جِيءَ كـــي جـــيـــاپـــو تـــئـــي
٩. اڄ لاتـــيـــون كـــانـــگ لَـــتـــيـــون، ســـي كـــي ســـٺـــو ســـرتـــيـــون!
جو كَـــهـــڻ ســـان كُـــهـــيـــون وجـــهـــي، ويـــڙهـــي مـــنـــجـــهه وتـــيـــون
ســـنـــديـــرن راز رَتـــيـــون، تـــو پـــڻ كـــري پـــڌريـــون
١٠. رويـــو رويـــو رَتُ، تـــو پـــكـــي پـــارانـــيـــا ڏئـــي
تـــه پـــيـــريـــن وجـــهـــانءِ گـــهـــنـــگـــهـــرو، ســـي چـــمـــكـــائـــيـــنـــدو وَتُ
تـــوكـــي تـــان ڏاهـــا ڏِسُ، مُـــحـــب اڳـــيـــون ٻـــي مَـــتُ
كِـــيـــئـــن جو ونـــي خط، سِـــگـــهـــڙو ســـاتـــيـــڙا وريـــن
١١. جو تـــو كـــانـــگ چـــوي، سُـــٺـــيـــجـــو ســـرتـــيـــون!
وڏي ويـــل صـــبـــوح جو، تـــو چـــڙهـــيـــو لام لـــوي
اَلـــكـــي ٻـــر نـــه اوهـــي، آتـــڻ كـــٽـــو اتـــهـــون
١٢. ڏاهـــو چـــڙهـــي ڏار تـــي، تـــو ڏئـــي ڏوراپـــا
پـــڌرا كـــري نـــه پِـــريـــنءَ جا، اُهـــو نـــازك نـــيـــاپـــا
آٽـــيـــو اوراپـــا، ڳـــالـــهـــيـــون ڳـــوري كـــي چـــوي
١٣. تـــرُ نـــه هـــك تـــوڙي، اڄ لامـــيـــن لاكـــيـــٽـــون لَـــئـــي
ويـــنـــو آهـــي وڳـــوڙجـــي، كـــنـــيـــن كـــي كـــوڙي
ڳـــالـــهـــه كـــرڻ كـــؤن كـــاكـــيـــون! مُـــنـــهـــن گـــهـــٽـــو مـــوڙي
پـــر پـــنـــهـــنـــجـــا تـــوڙي، چـــكـــيـــون ڏئـــي چُـــهـــنـــب ســـان
١٤. هـــي روئـــي ســـان رتُ، لـــكـــيُـــم كـــاغـــذ قـــريـــب ڏي

Scanned by CamScanner

ڏنو خُمارُ بي خَطُ، پڙهڻ ساڻ پرين کي
١٥. پينر کيئنٌ پنو، هي جو نامو نينهن جو
خط خُمار ڏنو، جيکر پڙهڻ ساڻ پرين کي
١٦. پڙهندي پرزو پرينءَ جو، پَلو کيئن پنوس
جيکر خط خمار ڏنوس، جو آيس حبيبن ڏانهن
١٧. روئي زارو زار، پَنو لکيس کو پِرِيَن ڏي
ڏنس خَط خُمارُ، اَول ٿي عبارت ۾
١٨. آٿي عبارت، اجان لکڻ لڳي پرينءَ ڏي
روندي پريون رَتُ، اوتڻ پئي اکيون
١٩. عبارت آٿي، اجا جوڙي لکڻ لڳئي
دِيدن دُر داٽي، اچي اوتيا اُتهين
٢٠. نينهَن منجهؤن نامي، معلوم ٿيو محبوب کي
تہ پي پاندي پيغامي، وِرهَ وڏائڻ آئيو
٢١. آيو اوڏاهون، اچ ساٿي سلامن سان
مارِيُون ڙِي مان هَئون، اُها ويل نہ وِسري
٢٢. نامو رات نيو، قاصد پار قريب جي
پُورن منجهہ پيو، هُتِ واچيندڙ ورق جو
٢٣. جارؤن لکيم جو، کاغذ قريبن ڏي
حقيقت جا حال جي، واچڻ وينو کو
پڙهندي پَنو سو، تنهن کي انڌيون اچڻ لڳيون
٢٤. عريضو آٿي، ڏنو قاصد قريبن جو
هِن ويلي هاٽي، هيءُ سِرُ کريان صدقو
٢٥. نامو نينديئي، قاصد واٽ کِري پيو

Scanned by CamScanner

تنهن ويلي ويندي، وِره وڪوڙيو نڪٽيا
٢٦. پڙهندي پنوئي، واچيندڙ وهلور ويو
لِڱين لرزوئي، اچي پيئڙس اوچتو
٢٧. قاصد ايندي، پيو شُڪارن ۾
نياپا ڏيندي، ساتي، ساه مٿي ويو
٢٨. نامو سارو نينهن، جو پڻ لکيو سڄڻان
رات برابر ڏينهن، مونکي گوندر گذري
٢٩. ڪا جا ڪتابت، لکجي آئي پرينءَ ڏنهن
سچوري ثابت، مُون هوَن واچڻ نه تئي
٣٠. پني ۾ پيغام، ڪي لکي مُڪا سڄڻن
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتان
٣١. ڪي جو لکيائون، پني منجهه پريت جو
آهو پسي آئون، بيخود ٿيڙس سرتيون!
٣٢. ساتي ٿي سونهون، واچيندو ورق کي
سو منجهه مطالع مُون هؤن، خوني خط پرين جو
٣٣. لکيون لَر لڙهان، ساجن سلامن جون
آهو پُرزو پاڻ پڙهان، ٻُڌايان نه ٻين کي
٣٤. مُنجان ڪيئن لکي، ڪتابت قريب ڏي
متان ساتي واٽ سِکي، ٻڌائي ٻين کي
٣٥. مُون ڏنهن اچ لکي، جاني جدائي مُؤن
ڪؤن ترار تکي، هُئي ڪتابت قريب جي
٣٦. لڙهان لَس لکيون، پرين پيغامن جيون
سو رقيب سِکيون، ٿو ٻُڌائي ٻين کي

Scanned by CamScanner

٣٧. رتُ اکين رويون، تي ساٿي سنيها ڏئي
نَهران نچويون، جارون جر هاري گهٽو
٣٨. نچوئيندي ننهن، تي پاڻي کڏي پڌرو
وجهي ساٿي سُهن، تہ تون ڏيج سجدو سڄڻين
٣٩. ڪي جو لکيائين، سو مُلان وڃي واچيو
هڪ سِٽ پڙهيائين، ٻي سِٽ سڏڪن ۾ پيو
٤٠. ڪي جو مُحب لکيو، سو ملان واچڻ نائِيو
پرهئڙو اڳ سکيو، جنهن مطالعہ نہ ڪيو
٤١. ڪوليو ڏئي خط، آيس جو عجيب ڏنهن
روئي اکيون رَتُ، ڪري مطالع مَنَ سان
٤٢. پُرزو پڙهڻ آئيو، آتي مُلان مسيت منجهاءِ
سوزن سندو ساءُ، آيس سيڪنهن سِٽ مؤن
٤٣. هڪ سِٽ پڙهيائين، تنهن ٻي واچڻ نہ ٿئي
ائين اُتائين، تہ ڄَر ڇيري نہ جهليان
٤٤. نامي مؤن نروار، تي هيءَ ڄَر ڇيري سندي
تنهن پلڪ پڙهڻ وار، تيہ سڙي کارو ڪنگڙو
٤٥. رقعي منجهان راز، مڙيوئي معلوم ٿيو
تنهن منجهہ نياز، طرحين طرح لِکيو
٤٦ پهرين سِٽ سماءُ، ڏنو واچيندڙ کي
اُنهئن خط منجهاءُ، اڃي ڇيون ڇيري ڪڍيون
٤٧ ڏوڙو ڏک پنيوس، پني جي پڙهڻ سان
ڄڻ وڇؤن ساهہ ويوس، هئي هئي ڪندي ڪاڪيون!
جو نامن منجهہ لکيو، سا هُئي ڇيري جي ڄر

Scanned by CamScanner

منجهؤن سڀ شهر، واچيندڙ کو لَيي
۴۹ پنو کير پڙهي، جو پڻ مُکو سچڻان
لکيو منجهه لَڙهي، متان ٻڏندڙ ٻُڏي مري
۵۰ واچيو جنهن ورق، جو پڻ لکيو سچڻان
سو چڻ تيو غرق، درد واري درياه ۾
سگهي کير پڙهي، هو جو نامو نينهن جو
سِرون سِر چڙهي، موج متو تنهن نانهه کو
۵۲ تي خط هليو، ساتي سلامن جو
وِچَئي منجهه جهليو، وِرهه وکوڙيو واٽ تي
۵۳ وٺي هليو خط، پانڌي پار پرين جي
روئي روئي رت، تنهن هلندي حال وڃائيو
۵۴ لوهيڙو عشق جو، جو ساتي ساڻ نِيو
اُهو کامي پاڻ پيو، جو، هو خوني خط پرين جو
هن پانيو نامون، پر شُعلي هُئڙو شوق جو
جِند سارو جامون، تنهن جو سڀ سڙي پيو
۵۶ پرين ڏانهن نيون، تنهن کو خط خبر جو
پڙهندي ڏس هنيون، تَنهنجو ڦڙکندي ڦاتي پيو
۵۷ کو نامون نينهن نئين، پريان سندي پار ڏي
هَل ساڻ هِئين، مانَ انهن کي ارمان ٿئي
۵۸ رهبر روانو، تيو پريان جي پار ڏي
شال پهچي پروانو، سلامت کي سچڻان
۵۹ ادا ايندو تي، وٺي سُک سنيهڙا
جاءِ ٿئي مُون جيءُ، ڏاها جڏهن ڏسانءِ تو
۶۰ کاغذ لکي کالهه، مُکم جو محبوب ڏي

Scanned by CamScanner

ڳالهيون سنديون حال، ٿينديون پڙهڻ مؤن پڌريون
٦١ آئي رات رقم، مونڌي محبوب جي
تہ دوست وارو دم، ڪڏهن تون نہ وسارئين
٦٢ لکيو موتي مُون، ڪاغذ قريبن ڏي
اتم توهين تون، پي جو ناهم آسرو
٦٣ حبيبن ڏنهن هيئن، اديون لکجي آئيو
تہ تون مُون سان جيئن، آءُ تيئن توسان آهيان
٦٤. نئون لکيو آيوم، پريان سندي پار ڏي
سو لنؤ پريو لايوم، وني حالُ هِنيانؤ سان
٦٥ جيڪر لکي موڪليان، هي خط هزارين
مانَ پڙهي منهنجا پرين، هي سگ سنيارين
شال وار نہ وسارين، اِهو اتم آسرو
٦٦ لکي خط مُنجان، هي پريان سندي پار ڏي
منهنجيون لک حُجان، توسان اتم تون جيئين
٦٧ پانڌي پهچائي، وَرُ، عريضو عجيب ڏي
قاصد ڪونچائي، متان سُور وجهين ساهہ کي
٦٨ چئو ڪيمَ تڪو، مونکي پاروُن پرين جي
سرتيون! سي سِڪو، جيڪر لائڻ لنؤ ڙي
٦٩ ليلهائيندو آئيو، پانڌي اچ پَراءِ
وردس درد ڏَراءِ، جو مَت وچائي آئيو
٧٠ اڳيئون مُحب مَني، متان ڪا منهنجي ڪرين
وَهندو وَرُ وَني، ساتي خبر ڪيئن جي
٧١ وڃي ڏيهہ ڏنو، ڪِي تو سندو سڄڻان
چڱيءَ طرح چِنو، پانڌي ڏنئي پرين کي
٧٢ سوز پري سِٽ جا هُئي، سا ساتي ڪين سِڪيو

تـہ مـتـان ڏئـي لَهـس لـڪـيـو، جو پـڻ مُڪـو سـچـا
۷۳. سـنـدو راز رقـعـو، آيـو جو عـجـيـب ڏنـهـن
سـا سِٽ پـڙهـنـدي سـرتـيـون، ڳالـهـائـڻ چُڪـو
عـاشـق جي ارواح کـي، چڻ لـڳو تـيـر ٽُڪـو
مـونـ ـڏي مُحـب مُڪـو، سـاٿـي سـلامـن جو
۷۴ حـبـيـبن هـيـڪـار، آئـين، وري مـوتـئـين
پـاپـيـهـل! پـيـهـار، اچي ويـهـہ اکـين تـي
۷۵ سُٽـيـجو سـوئـي، جيـڪـو ڪـانـگ چئـي ويـو
سـوهـيـئـين سـان لائـجو، سـرتـيـون! سـيـوئـي
۷۶ ڪَـنـديـون ڪُـنـدن سـان، وجهـان پـڪـيءَ کـي پـوئـي
جانـب ڏانـهـن جوئـي، آڻـين نـيـاپـا نـيـنـهـن جا
۷۷ آءُ ڪـانـگـل! ڪـائـين، تـا تـوتـي عـطـر اوتـيـان
اچڻ پـاجهـون تـانـهـنـجي، آهـيـان اُپـاٽـڪ آئـين
ڏاهـا گـهـٽـا ڏيـنـهـڙا، مـتـان تـون لائـين
پـيـر آڻ پـائـين، تـہ مـنـهـنـجو سـاه سُڏيـر تـئـي
۷۸ ڪـانـگـل آيـم ڪـالـهـہ، وتـي سـنـيـهـا سـچـان
پـي مـحـبـت ري مـقـال، ڪـانـہ ڪـيـان ئـي ڪـڏهـين
۷۹ ڪـي جو ڪـانـگ ڏسـي، ڪـالـهـہ اوڏاهـون آئـيـو
پـيـس هـنـيـانءُ ڦِـسي، ڳالـهـيـون ڪـنـدي سـچـان
۷۹ مـالـهـان مـوتـين جي، وجهـان پـڪـي کـي پـوئـي
پـيـريـن سـونـا گـهـنـگـهـرو، تـا تـئـي سُوالـو سـوئـي
سـيـنـڌو سـيـڪـوئـي، مَر تُنـهـن جو نـہ تـئـي
۸۰ پـڪـيءِ سـنـدا پَر، ڪـريـان مُرصـع مـوتـئـين
جو آٽـيـو عـجـيـبن ڏانـهـن، ڏئـي خوب خبـر
پـيـنـر زي مُون پـر، شـال ويـنـو ڪـري وائـيـون

Scanned by CamScanner

٨١ سَنيها جي سڄڻا، سي ساري ڏنائين
ائين اُتائين، ته پاڻ نه آڇ وچ ۾

٨٢ ڏار چڙهي ڏاهي، ڪي جو چيو ڇُهنب سان
اُهو مُون آهي، آذر ڙي ارواح ڪي

٨٣ ڏاهو ڏار چڙهي، لسين ته لاتيون ڪري
ڪو نئون سبق پڙهي، اڄ پڻ آيو اوڏنهون

٨٤ ڏاهو متي ڏار، عجب اڄ لاتيون ڪري
تو سچؤ ڏئي سنيار، پريان سندي پار جي

٨٥ ڏاهو ڏار چڙهي ڪري، ڪِي تو چُنهب سان چوي
اديون! سي اوهي، آهيو پڌڻ واريون

٨٦ ڇهنب سان چوي، ڪِي پيو ڪانگل ڪاڪيون
پُورن منجهه پوي، تو سُڻي ساهه سَنيهڙو

٨٧ مُحبن ڏانهن مسين، اڄ پڻ ڪانگل آئيو
لاتيون واهه لسين، ڏاهو ڏار چڙهي ڪري

٨٨ لاتيون ڪنديئي، ڪانگو هيٺ ڪِري پيو
هَئي هَئي هنڌيئي، ساتي ساهه متي ويو

٨٩ ڪهيو هيئن ڪانگي، آئون چيائين چنهب سان
سڄڻ ڪنهن سانگي، وري ايندئي اِتهين

٩٠ ڇهنب سان چئي، ڪاجا ڪانگل ڳالهڙي
ساري آتڻ سان اُنهي، ڪهڙي ڏِسُ ڪئي
پُورن منجهه پئي، سي ڪنهن ائٽ ڦتو ڪيو

٩١ ڏاهي چڙهي ڏار تي، ڪاڄا لتي لات
ڏک ڏنائين سي ڪي، وائي آڻي وات
پيون ۾ هيهات، آتڻ واريون اِتهين

Scanned by CamScanner

٩٢ وري ڪانگ وريو پريان سندي پار ڏنهن
لامين لڳي لئوءُ، جو، تنهن ڏاڍو سُر پريو
ڪاڪيون ڪَنِ ڪريو، جو ٿو ڏئي سَنيهو سڄڻان
٩٣. سنيها ساري، منهنجا چوي محبوب کي
پرين تنهنجي پار جي، مُدت مون ماري
مُنج ڏهاڙي مُون مٿين، اُهو ڏاهو ڏياري
مَر سگهڙ و سنياري، ڏئي سِڪ سَنيهڙا
٩٤. سَنيهو سان سُورَ، چوي ٿو چُهنب سان
پون پاڙيچن پُور، پولي ٻَڌي تنهن جي
٩٥. ڏاهو چڙهي ڏار تي، ڪري هِيءُ مذڪُور
سنهين ۾ سُور، چوي ٿو چُهنب سان
٩٦ سڻو سنيها سرتيون! تو چڙهيو ڏار ڏئي
سارو ساه نئي، تو نازڪ نياپن سان
٩٧ ڏاهو ڏار مٿي چڙهيو، ڪري بره بيان
آتڻ تي احسان، ڪري ڪلامن ساڻ ٿو
٩٨ ڏاهيون سڀ ڏِسو، جو آيو ڪانگ قريب ڏنهن
وجي جانِ جُٺو،نيو نياپن ساڻ ٿو
٩٩ وتيون ۾ ويڙهي، ٿو ڪاريون ڪانگ وهائي
رُوح نئين ريڙهي، سيڪنهن جو سرتيون
١٠٠ ريڙهيون روح نِئي، پسو سڀ جو پاڻ ڏي
سنيها جي سڄڻان، سي چڙهيون ڏار ڏئي
آتڻ ۾ افسوس ٿيو، تِنهن جي پير پئي
ڪَتي سگهي ڪانڪا، ڪؤن وهلور وِئي
ڪهڙي طرح ٿئي، وري سنباهو سرتئين

Scanned by CamScanner

١٠١ وَيَس تَند ڇڇي، ڀَهو ڀَتِ ڪري ڀيو
سُٽي سنيها نينهن جا، پئي جهوريءَ منجهه جهڄي
اِنهيءَ پَت پِڇي، پَيس روندي ڪپڙا
١٠٢ ويڙهي وتنديئي، ڪانگي قهر ڪمائيو
ڪاڪيون! ڪنديئي، پَيَمِ ٻُور پريان جو
١٠٣ صدقي ساهه ڪريان، هِن ڪانگي تؤن ڪاڪيون!
جي ڏئي سَنِيها سڄڻا، سي سانيي ساه ڏريان
پلي پير پريان، اُنهيءَ ويلي اوڏهين
١٠٤ آڻي ڪانگ ڏنياس، ڪتابت قريب جي
ڪَتندي ڀَهو ڀَتِ ڀِيَسِ، ڇوهون تند ڇُنياس
پيڇؤن پيچ ٿياس، روندي چولي چڪ ۾
١٠٥ هلي ڪانگي هڪ، ڪاجا ڪَيَس ڳالهڙي
تنهن مام ٻُڌڻ سان روندي، چولي ڪيائين چڪ
تنهن سنيهي مُؤن سِڪَ، پاٽهي ڪيائين پڌري
١٠٦ ڏاهي چڙهي ڏار، ڪا ٻولي هي ٻولي
تنهن ٻڌي روئي رت سان، چِڪ ڪئي چولِي
چڻ هِنئڙي ۾ هولي، تنهن جي هِندُن واري آئِي
١٠٧. سڄڻ ڏانهن سَنيهه، آڻي آتڻ ۾ ڏنا
چڻ ڏنائين سين ڪي، ڇُريءَ ٻاجهون ڇيهه
ڏک پريائين ڏيهه، ماريون سومامَ سان
١٠٨. سُٽو سَنيهه سيي، ماريون محبوبن جا
لڪن منجهه لَيي، ڪا سُورائتي سُور سان
١٠٩. آءُ ڪانگا ڪارون، توسان ڪريان ڪيتريون
جو پهچائين پيغام ٿو، پريان جي پارون

Scanned by CamScanner

ڪي سچوءَ سنيارون، تو ڏاها ڏهاڙي ڏئين
١١٠. ڪارون ڪِيئن نہ ڪريانس، جو تو ڏئي سَنيها سچّا
پُئي ٻَر پڪيءَ جا، ساڻ جَواهر جَڙيانس
موتين ۽ لعلن سان، پينر ڪنب پريانس
پيرين دست ڏريانس، جو آهہ نياپا ڏيندڙ نينهن جا
١١١. پکي سوئبي ٻَرَ، تو اُڏري پار پرين جي
خوشيءَ جي بہ خبر، مانَ ڪا ونئي اچي اوڏنهون
١١٢. چڙهيون لام لَئي، اچ تو ڪانگل قريبن جو
سَنيها جي سچّا، سي چُهنب ساڻ چئي
پُورن منجهہ پئي، تو ساهہ منهنجو سرتيون!
١١٣. چڙهيو لَئي لام، تو پوليون پاجهاريون ڪري
ڏئي سَنيها سچّا، ٿريون متي تام
ماريون ماري مام، جا تو ڏئي لِڪائي لوڪ کؤن
١١٤. پريان جا پيغام، تو ڏئي مڙئي مام ۾
سوين مُنجن سلام، جو ڏاهو ڏاهپ سان ڏئي
١١٥. پيو رهي چانيين، تو ڏئي سنيها سچّان
آيل اولانيين، تو ڳالهائي ڳجهہ ۾
١١٦. سگهو اُڏامي آءُ، تون پکيئڙا پرين جا
سپ ڪنب ڪريان تانهنجا، ساڻ جواهر جَڙاءُ
عطر ڪتوري اوتيان، پيا ماٽڪ تو متاءُ
ساري سنيهاءُ، ڪي آٽي ڏيج عجيب جا
١١٧. ماريو مام مَنجهي، ڪي تو ٿريون تاريءَ تي چوي
سچڻ ڏانهن نَجهي، ڏاهو ڏک جي آئيو
١١٨. آٽي ڪانگ ڏنوس، ڪو عريضو عجيب جو

Scanned by CamScanner

پينر! سپ پنِوس، ڳاڙيندي ڳوڙهن سان
١١٩ مونڌي ڪالهه مُڪو، دلبر دلاسن جو
سندو راز رقعو، سو پڻ واچيو وهسِان
١٢٠. واچيندي وياس، هاريون پنهنجي حال ڪؤن
نامي تنهن نياس، پاڻ لکيو جو سچڻان
١٢١. ڪَانگا ڪتابت، ساري سانديج ساهه سان
اِها امانت، پي ڪنهن عام نه آڇئين
١٢٢. ڪتوريءَ ۾ ڪنپ، لويان لاڪيٽا سيئي
جو ڳالهيون ٻُڌي تانهجون، ڇَپرؤن وَهن ڇَنپ
تا پڻ اُتي ٿَنپ، ويهيو تو وايون ڪرين
١٢٣. اڄ نه انهيءَ ڏار، لامين لَوي ڪانگڙو
جيڪس پِريان پار، ڏسندي سو ڏک پريو
١٢٤. زاغ نه تيءُ زَبُون، وئون اُڏامي اوڏهين
نه ته خاصو منهنجو خُون، پوندو ڳچيءَ تانهنجي
١٢٥. ڪاغذ قريبن ڏنهن، اڄ مونڌي آيو
ساڄن ڪيو سعيو، اچڻ جو هن پار ڏي
١٢٦. لِکو ۾ لامين، تو لاڪيٽو لاتيون ڪري
ٿَهڪندو تامين، ڏئي سَنيهو سچڻا
١٢٧. چڙهيو متي ڇانپ، اِئين چوي تو جيڏيون!
ڪج سِيني ۾ سانپ، ساري سنيهن جي
١٢٨. ساري ڳالهه سچي، اچي ڪانگي ڪئي قريب جي
ريهي دل رچي، تنهن نازڪ نيا پاڻ سان
١٢٩. آٽيو ڏنا ڪَرِ، ساتي يار سَنيهڙا
منهنجي پارؤن پکيئڙا، وچ دوساٽي دَرِ

Scanned by CamScanner

جو سڪ آهي مون سر، ميان! محبوبن جي
١٣٠. ڏنا ڪر آٽي، سندا سڪ سنيهڙا
هينئڙو مون هاٽي، آهي سچو سوداءِ ۾
١٣١. چڙهيو سر چانيين، لئي جي لاتيون ڪري
تہ سنيها سانيين، جي تا مُڪئي سڄڻان
١٣٢. تڪيو تي تاريءَ، لئي جي لاتيون ڪري
ڏئي سان زاريءَ، سيي سنيها سڄڻان
١٣٣. پارانيا پويون، وجهي ڳوري ڳچيءَ ڪانگ جي
ڪيدي آب اکين مؤن، لاءِ نينهن نچويون
لڙڪن سان لويون، تي هئين لائيس هتڙا
١٣٤. چڙهيو ڏار ڏئي، سنيها جي سڄڻان
توجڻ روح رڳن مؤن، سان نياپن نئي
جُثو جاءِ تئي، سٽي پارانيا پرين جا
١٣٥. سُهٽي سا صُورت، مُون پڻ ڏٺي پرين جي
اڇي اُنهيءَ ويل ويو، هنئڙو ۾ حيرت
سا چوڻ نہ تئي، چئي مُون، هئي هئي حقيقت
آءُ تا چا بيان ڪريان، آگي جي عِبرت
ساري جسم جان ڪي، تي نيٽن ڏئي نئڙت
پوءِ جاڳڻ مون جار تيو، هاريون ۾ هجرت
تنهن حاميءَ حضرت، هر دل ڪي دلاسا ڏنا
١٣٦. اڄ ڪانگل آيو، ماٽ ڪندي مُونجهہ مؤن
سو تان منهنجي ساه ڪي، سرتيون! سيبايو
هيڏي هلايو، اڄ محبوب مهر سان
١٣٧. اڄ ڪانگا چئہ ڪيئن، سرها ڏنئي سپرين
حال اسان هت ههڙا، ڪي هُتِ پي هُئا هيئن

Scanned by CamScanner

جَهام ڏئي جهڙ جيئن، تِيئن تي اوت اکين جي
١٣٨. ڏاها تيءُ نه ڏور، ويهه مونکي تي ويجهڙو
ڪَر ڪالهوڪي ڳالهڙي، جا هوئن رات حضور
دوست اڳئين دستور، ڪي تعظيمان توکي ڏنيون
١٣٩. زاغ زبانون ڪدي، اهائي وائي
پريان سندي پار جي، آهي توکي واڌائي
پُڇي حقيقت حال جي، هُت ساجن سيائي
ته ڪِي عاشق خوش اسان جو، ڪَل ڏنئين ڪائي
مُون سان بيحد ڀلائي، ڪئي پرين پارؤن تانهنجي
١۴٠. الله لڳ اُڏام، تون موٽي محبوبن ڏي
وڃي ڏيج پرينءَ کي، اِهو پاڇيءَ جو پيغام
ڪِري قدمن تي پئي، سَو لک ڏيج سلام
آهي اوهان ريءَ سپرين، هت مڙيوئي ماتام
اچڻ جو انجام، ڪر سگهو طرف سچوءَ جي
١۴١. نا ته مري ويندو هيءُ، الله لڳ اچيج تون
توتؤن آهي تو جِيئن، جاني صدقي جيءُ
لاهه فراق فقير ڪؤن، والي ويجهو تيءُ
تون پڻ منهنجو جيءُ، آءُ بي نوڪر تنهنجي نانءَ جو
١۴٢. هِي سيئي ساري، ڏيج سَنيها کي سڄڻان
اوهان ڀاجهون سپرين! هت گوندر گذاري
گهڙي نا گهاري، ميان وي محبوب ري
١۴٣. پکي سوئي پَر، اڄ اُڏاڻو اوڏهين
رَسيو وڃي اُتهين، اِهو پانڌي سمجهه پَهر
آڏو عجيبن جي، ڪيائين سڀ خبر
هِت عاشق کي ڀي اوهان بنان، هِينئڙي منجهه حشر

Scanned by CamScanner

تـــو اوتـــي اكـــڙيـــن مـــؤن، بـــارانـــي بـــحـــر
هـــاٺـــي ڏي دلاســـو دلـــبـــر، مـــتـــان عـــاشـــق هُت مـــري وڃي
١۴۴. ڏار چڙهـــيـــو ڏاهـــو، تـــيـــو ڏيم دلاســـا دل كـــي
تـــہ صُبـــح ســـانـــبـــاهـــو، آهـــي اچڻ جو بـــہ عـــجـــيـــب جو
١۴۵. پـــكـــيـــئـــڙا پـــويـــانءِ، لـــڙهـــان مـــوتـــين ســـنـــديـــون
آءُ اُڏامـــــي اوڏڙو، تـــــا سَحر پَر جي ســـــويـــــانءِ
ســـي كـــنـــب كـــتـــوريءَ ۾، لاكـــيـــٽـــان لـــويـــانءِ
پـــوءِ ســـارو سَهـــويـــانءِ، هـــڪ هـــڪـ كـــري هـــتـــن ســـان

وَحدتَ نامو

اول ساراهہ كر سبحان جي، مولیٰ جو ملكن
مڙيائي محظوظ كيا، ڏسو ڏيهہ ڏٽين
كي كامل كُرسيءَ تي چڙهي، وهَ وهَ وعظ كن
كي كاتب كتابن جا، سوين سبق ڏين
كي مسئلا مسائل كيون، ناميان نبيرن
كي پڙهيا پاڻ پروجهہ سان، پڙهيون پڙهائن
كي وردن وظيفن ۾، شاغل روز رهن
ڏسيون وائسيون ورق كي، وريون ورائن
سڪَ سچيءَ كؤن كو نكو، سبق سُور سكن
اكَر لِكن نہ دل تي، تا كاغذَ كارا كن
مَسُ كاريءَ جان مَنَ كي، تا كاري كارو كَن
مُدعا جنهن تئي ڳالهہ ۾، تنهن ويجهو كِين وَڃن
جو فرمودو واحدَ جو، تاڏي كَنُ نہ كَن
”وفي انفسكم افلا تبصرون“ ، هِن ويسهَہ نہ وسَهن
ٻين معنائن ۾، كاهَت كَيون كَهن
اِهو فِكر فائدو نہ كري، توڙؤن كي تن

Scanned by CamScanner

فڪر ڪن نہ فنا جو، ٿا بقا ڪي نہ پُڄَن
هي اُتي حيران ٿيا، اوڳا ۾ اڪَرن
معنيٰ تن جي طرح سان، هڪڙي ٻي چوَن
پڙهيو سمجهيون علم تي عمل نہ آڻن
”مَن تعلم العلم للمناظره و المكابره“ اُهي منافق مرن
هيئڏن مِٿيءَ جي پسي، ٿا پاڻ ئي لڪائن
آهي آفتاب اَبر ۾، پَرَ لائق ڪين لهن
منجهايو ماڻهن ڪي، ماضين مذهبن
محڪم ماڻهن ڪي ڪيو، تن جي زنجيرن
هُون حديثن ڪينڪي، نہ ۾ آيتن
مڃن تن ڪي ڪين، ٿيو ملا ٿا مڃن
سي سوکها سيئي ڪيا، نامراد نيرن
اکيا اکين وڏڙا، توڙڙن ئي ڏس تن
برهہ جي ٻئبان ڪؤن، پاسي اوءِ پوَن
هي پسڻ ڪؤن پري ٿيا ڪين پساء پسن
محبت جي مهراڻ مؤن، جي مُلا چاش چکن
تہ ڪنز قدوري ڪافيا، لهرڻ ۾ لوڙهن
ڪن سلام صرف ڪي، هوند نحو نہ نهارن
پرک لاءِ تنهن ڳالهہ جي، باس نٿا باسن
اُهي رهيا اتهين، مٿي ڪين چڙهن
ڪيئي آهن قال ۾، باتيون بس نہ ڪن،
ڪي وڃي رسيا حال ڪي، ڪي بيٺا ٻاڏائن
ڪي دنيا جي طلب ۾، هنيا حرص هجن
”طالب الدنيا مؤنث“ محبت ناهي تن
ڪي ڪوڏيا عقبيٰ جا ٿيا، هنيا لئہ حورن

Scanned by CamScanner

”طالب العقبيٰ مخنث“، مڙس نہ سي چئجن
عاشق جي الله جا، سي سائين سيبائن
”لا موجود الا الله“، حاضر ڪيون وتن
”طالب المولیٰ مذڪر“، هن رسايا رمزن
پئي جهان ڦٽا ڪيو، ٽٽا ٽئي جهان وچن
اصلؤن ئي اختيار ڪيو، فقر فقيرن
”الفقر خزينة من خزائن الله، بعضن کي بخشن
”الفقر لا يحتاج الي الله“، ٻيون ڏنائون ٻن
”الفقر فخري و الفقر مني“، ائين اُتو عجيين
وتن ويڳاڻا ورهہ ۾ نيٽين ننڊ نہ ڪن
راتو ڏينهان روح ۾، چپ نہ ڪو چورن
”من عرف ربه، ڪل لسانه“ ٻڌي زبان اُنهن
نشي تن کي ”نانهہ“ ڪيو، مورئون ”مان“ نہ چون
”قل ڪل من عند الله“ اِهو ڪيائون ڪن
”والقدر خيره، و شره من الله تعاليٰ“، سڀ اوڏاهون ڇاٽن
موليٰ جي محبت ۾، ڪيا ٿيا وتن
سڏ ڪا سيئي سوز جا، ٻنيئہ رات ٻرن
آديسي ارمان ۾، گهوماٽيا گهمن
ڪين رئڻ ڪؤن ان جيون، اکيون اوڪارن
”هرآن سري ڪه بامحبوب دارند، خبر نبودڪراما ڪاتبين را“ سر اهو سانيين
هيهات هيهات، اها عادت اداسن
پنهنجيءَ پَر ۾ پاڻ کي، ٿا پرتئون پچائن
نهائينءَ ڪؤن نينهڙو، سڪيو ساميڙن
مچ مچايو من ۾، ٻاڦ نہ ٻهر وجهن
عاشق مٺؤن آگ جي، اولارا ڏين

Scanned by CamScanner

طالب جي ٿئي حق جا، طلب نہ پئي ڇڏن
عينان سندين اوجاريون، اڇن اوجاڳن
انئي ٻِهَر عجيب کي، ڪنڌ اونڌي اورن
ڪا ساعت هڏ نہ سنرا، اُنهين ري آهن
ظاهر سي ٿي زبان سان، ٻيو تا ڪين ڪهن
مامن سان ماڻهن کي، سالڪ سمجهائن
صم بکم سڪوت ۾، اڳيون پئي عامن
"عينها باڪيه و قلوبها ذاڪر"، اهو ذڪر چون
آئي آڏو عام جي، اڳهين ڪانہ ڪهن
"اِن اوليائي تحت قبائي"، لائق لعل لڪن
"الصبر مفتاح الفرح"، صبر صابرن
بعضي موحد وحدتي، اهڙا ٻيي آهن
مست ڪئين منصور جان، سوريءَ سِرُ سٽن
محبت ۾ مخمور ٿيا، ڪامل ڪوڏ ڪسن
ڪرڪن ڪنجهن ڪينڪي، ڄڻ پار وهانءَ وڃن
رت منجهاروُن پانهنجي، وضو وير ڪرن
اِيءَ نماز عشق جي، تهؤن پوءِ پڙهن
جي محبت و ذا مامري، سي ڪيئن مڙس مُڙن
سوريءَ اُتي صابري، ڪيون ڇيچ چڙهن
تختون تريءَ تي رکيون، صادق سِرُ ڏين
ڪن سِرُ صدقي دوست تؤن، ٻيا ٻهہ ڪين ٻُڇن
نينهن نهوڙيا نڪتيان، جنهن پر ڪاپڙين
هٿي درد دهيون ڪيا، سندي سپيرين
ڪڏهن اچا ڪيڙا، ڊار نہ ڪنهن ڊڪن
منهن ميرا مٺي ٿيرا، اهڙيون طرحان تن
ڪائي تن جي ڪا نڪا، جُڙي ليڙ لڱن

Scanned by CamScanner

مٿين پيرين برهنہ، ايڏا سور سَهَن
پرٿيو پروانن جان، ڪاهيو تتِ پوَن
پَنيڙ باهہ عشق جي، سپورَن سڙَن
ڪامي لهسي لوسجي، لائق لعل ٿين
آوڙي عام نہ اُن کي، جي سينڌائي سڄڻن
اچو پون آڙاهہ ۾، سر جو سانگ نہ ڪن
ڏِچو ڪنهن جس جهوپڙا، آڏا ڪين اَڏن
اوڏنهن وٿ متان پوي، گهنگهر اِي گهارن
ري پريان تن ڪين ٻيون، ڳالهيون ڪَس لڳن
ڏاڍا ڦٽ فراق جا، تن جي چت چاڪن
ورهہ وڍي واڍوڙ ڪيا، رويو رت رئن
"موتوا قبل ان تموتوا"، ائين من مارن
اُهي مرڻ کون اڳي مُئا، "مان" کي ڪين مڃن
دشمن دوست هڪ ڪيون، گودڙيا گڏجن
ان جي اکين آگم سٽيا، بوندان بس نہ ڪن
سر ڏيو سنوپرا، وٺي ورهہ وٺن
"ترڪ الدنيا سنه طلب المولي فرض" هو دل ڏرن
سويون چڏيون سڪڙا، گوندر گدارن
جوڳي جانب ڪاڻ ٿيا، مثل مستانن
اَبتر ڪيائون پاڻ کي، پسڻ لئہ پرين
هاءِ وڃايو حالڙو، ويتر ويچارن
"هو مشتاق علي لقاءِ الله"، ائين محفوظ رهن
ڪي فنا فراق ڪيا، ڪي مليا محبوبن
آهہ لقاءُ لطيف جو، عيدون عاشقن
محبت جي مڪان ڪؤن، لاهوتي لنگهن
واديءَ ۾ وحدت جي، دانهہ پير ڌرن

Scanned by CamScanner

”تون-مان“ وچي وچ مؤن، تہ ڪي پاڻ پسن
شڪ يقين آئي ويو، برابر چون
هادي مريد هڪ ٿيو، تفاوت نہ ڪن
عابد ۽ معبود سو، هڪ نگاهہ پسن
پاڻ پڙهي پاڻ ٻهي، پاڻ ئي سجدو ڪن
”پاڻ“ مڙيوئي ”پاڻ“ ٿيو، نوڙي نوڙت ڪن
پاڻ آئي، پاڻ ويهي، پاڻ رموز رکن
پُرجهہ مڙيوئي ”پاڻ“ ٿيو، غير نہ پسائن
ڪافر مومن هڪ ٿيو، يلا تا پائن
سو ئي فلڪ سوئي ملڪ، سو ئي آدمن
سوئي احمد سو ئي علي، سوئي هڪ سمجهن
نانوَ ڪنن اڪين جا، وچون ئي وجن
بازيون بازيگر ڏسي، اِنهيءَ پت يلن
تا اڪيون، ڪن، زبان سي، ٻوليون ٿيون ٻولن
اسين آهيون آدمي، بيحد مومن بشرن
ناتہ مڙيوئي پاڻ ٿيو، سميع بصير ڏسن
عين عليم ڪليم ٿيو، ٻيا سڀ شڪ پڇن
اصل الله مؤن آدمي، ثابت صورتن
مورت صورت هڪ ٿئي، ڏسج دل نيٽن
سوئي ڏسڻ وارو، سو منظور مجن
خالي ڪانہ جاءِ ٿي، بنا محبوبن
سيڪنهن هنڌين سپرين، ڇا جي جاءِ خسن
ڪاٿئين پٽرٽيون پٽ جون، ڪاٿئين دلقا ڪن
ڪاٿئين جاما زرجا، ڪاٿئين، پشمينا پهرن
ڪاٿئين سناسن ۾، ڪاٿئين منجهہ مُلن
ڪاٿئين معرڪن ۾، ڪاٿئين منجهہ ڪُنڊن

Scanned by CamScanner

ڪاٿئين مسيتن ۾، ڪاٿئين ۾ دائرن
ڪاٿئين رهن تقويٰ ۾، ڪاٿئين ۾ ناچن
ڪاٿئين تماشن ۾، ڪاٿي ساجن ۾ سيرن
"خلق الاشياءَ فهو عينها"، منجهه عربيءَ ائين چون
پاڻ چوندڙَ، پاڻ ٻڌندڙ، پاڻ ئي ۾ ٻولن
سمونڊ سرگردان ٿيو، پيو ۾ عجبن
"آءٌ اصل پاڻي آهيان، ڪيئن سمونڊ سڏن
نانوَ مٿم ناحق جا، رکيا الاجي ڪن!"
جي رسيا وڃي وصال کي، سي چؤرنگ پار پسن
اول ڪفر پوءِ مجڻ، پوءِ تان منجهه ڪُفرن
پر ڪفر مسلماني هڪ ٿي، مڙيوئي مجن
نفيءَ مؤن اثبات ٿيو، ٻيا سڀ "لا" ٿين
مرشد ڪامل هادي منهنجو، دائم درازن
عارف عبدالحق آهي، صوفي صاف سين
هئي شال چراغ سو روز شبان روشن
عارف جي اولاد کي، دعا سڀ ڪرن
حيرت ۾ هميشه سي، غازي سڀ هُئن
عشق منجهه الوث هُئن، سيئي صاحبن
تا گهڻين طرحين نانوَڙا، مٿي "نانهه" رکن
ڏيو روشن تن جو، تائين قيامتن
اُجرائي آفتاب کان، هادي شال هُئن
اظهر هُئن دارين ۾، برڪت پنجتن
هوئن خليفا غوث جا، سي روشن ڪانئن هُئن
قائم مسند تن جي، حُرمت خير سندن
"سچو" سگ انهن جو، سندن دروازن
ڪلمو چئو نبيءَ تي تا چئو ڪانءُ چِين

Scanned by CamScanner

بيت سِنڌي سَسئي جا

١. ناهي ويچاري وَسُ، جو ڪري مات پئي رهي
ڪنهين چن نه چڙيان، سندو گورن گسُ
ڏونگر منجهان ڏَسُ، پوندم هوت پنهونءَ جو
٢. وَيُم لالن لوءِ، هِيءَ آٽاسي ننڌ ۾
ٻُليءَ هِئين نه ٻانئيو، پيو پروڙڻ پوءِ
هوت وَتِمِ جي هوءِ، تا سُک گذاريون ڏينهڙا
٣. مُنهن ڏيئي آيام، جبل جهاڳڻ ڪيچ جا
طعنا تهمت لوڪ جا، سِر چڱا چايام
پَتِ ٻليءَ ٻايام، سِهرا سُور پرين جا
٤. هِيءَ نماڻي نال، سنگت نِجو ساٿيو!
ايندي پُنيءَ آنجي، جيهي تيهي حال
هِن ڳوليندڙ جي ڳالهه، ڪا هُئي هوتياڻن ۾
٥. رُئڻ زارو زار، راتو ڏينهان آهِ مون
ڪوڙي ڪانَ قريب ويو، هِينئڙي منجهه هزار
هِن گوليءِ جي گفتار، ڪا ٻُڌيَوَ ٻاروچن ۾
٦. وجڻ ذوق ضرور، هِن ڪاهِل آهي ڪيچ ڏي
ڏسان شال اکين سان، هوتاڻون حضور
منهنجو ڪو مذڪور، ٻُڌوَ ٻاروچن ۾
٧. سرتيون سِڪ سبيل، اندر منجهه عجيب جي
راتو ڏينهان ٿي ڪريان، زاريون منجهان زِيل
هِن ڪميڻيءِ جي قِيل، ڪا هئي هوتياڻن ۾
٨. پرين ڏيئي پُور، ويا ويچاريءِ کي
تنهن دنيا جو ڏور ڪيو، سيو شوق شعور
هِن مُئي جو مذڪور، ڪو ٻُڌوَ ٻاروچن ۾

Scanned by CamScanner

٩. ريءَ ڪَرَ تنهن گولي، آهيان آرياڻيءَ جي
جو ڏنائون ڏيل ڪي، سو جهليم جهولي
هِن ٻانهيءَ جي ٻولي، ڪا ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾
١٠. ساريو پڇي ساٿ، سنديون ڪيچن خبرون
هيڏي اچڻ جي هُئي، ڪيچيڙن ڪي ڪاتـ
منهنجي ڪا مصلحات، ٻُڌيوَ ٻاروچن ۾
١١. لڪين ڏيئي لت، پاٽي ڪريان پڌرو
سارو وندر ووڙيان، جيڏيون! ڪارڻ جت
منهنجي ڪا مصلحت، هُئي هوتياڻن ۾
١٢. ڪري ساٿ سوال، تہ ڪيچن جي ڪا ڪَل ڏيو
جا چڙيائون چيرين، موٽڻ تنهن محال
هَئي هَئي آرياڻيءَ ري، هيڙا تيڙم حال
سندي هِن سنيال، ڪا هُئي هوتياڻن ۾
١٣. راتو ڏينها رَتُ، اوتڻ آيم اَن ريءَ
آيل عشق عليل ۾، شال نہ پوي قط
جبل سب جهاڳي وجي، جيڏيون ڏسان جَتُ
هِن مُئي جو مَتُ، پوي مذڪور پرين ۾
١٤. اٿر ڪيو افسوس، مُئي جي مِرَن ڪي
جوڏ تنهين جي جوس، سارو روح رتيون ڪيو
١٥. گوندر گذاريام، سي تان ٻَلا ڏينهڙا
سيڪنهن ساعت سپرين، تي صَحي ساريام
هي ڪشالا ڪاريام، ساعت هڪ سُمهڻ جي
١٦. ڪوڙين قرباني، تيان هوت ٻنهونءَ تان
ساه سري صدقي ڪريان، سندن مهماني
هي جوين جواني، تي اجائي گذري
١٧. جبلُ جالون جال، سو مُون ڏورڻ نہ تئي

Scanned by CamScanner

وڏا وڻ وٽ ڪار جا ڪافن ڪوه ڪشال
هي مُون ڏسي حال، ٻاروچو ٻاجهه ڪري
١٨. ٻاجهه ٻاروچا ڪر، مُون تر تيليو نه تئي
ويچاريءَ جي وڙ، ڪر بلوچا بئيبان ۾
١٩. ڏکن منجهان سُک، مُون تا لڌا جيڏيون!
ڏوريندي کي ڏک، سُونهان تيڙا سڄڻان
٢٠. هِنَ سهانگا سُک، جي ساري عالم آئيا
ڏُور مهانگا ڏک، جي ورتا وِره وارئين
٢١. سينڌيون جي سُکن، تنين گوندر گهوريا
ڏنم ڪاڻ ڏکن، هي سِرُ سارو سَٽ ۾
٢٢. سُکيون کوهه پچن، سنديون ڏکن خبران
سي هِن وهانءُ وچن، ڏيل ڏکايا جنجا
٢٣. ڏکيون پچن ڏک، سُکيون پچن سُکڙا
هِنکي حاصل جو تيو، جيکي منجهان جُک
پر نينهن وارن جي جُک، لڳي لُوريءَ وارئين
٢٤. گوندر ڪيئن گهوريان، جنهن ڪَيسِ سينڌي سڄڻان
جان تَڪ پئي توريان، تا ڏک موچارا سُکن کؤن
٢٥. جي گوندر گوش نه ڪن، ڪُهه پيون سي سرتيان
جن سنگت ساڻ سُکن، سي پاٽؤن هوت پري ڪيون
٢٦. گوندر گهمي جي لهان، تا سُک سَوين ساڙيان
آءُ پڻ ڪيئن پاڙيان، ڏک سُکن سان سرتيون!
٢٧. جنين گوندر گوش، آءُ گهٽو تن نهاريان
جال اُنهن ۾ جوش، سدا آهي سرتيون!
٢٨. جي سارو پچان لوڪ، تا گوندر وارو نه لهان
هڙو يَلو توڪ، ڪهين ياڳ پرائيو

Scanned by CamScanner

٢٩. گوندر ڏينهن گذار، جان تون جيئين جندڙا
سوئي عهد پار، جوئي کيئي پِرينءَ سان

٣٠. سُکن واريون سوَ، ڪاڪا وِرهه واريي
تُرت اُنهيءِ کان توَ، پڳيون آتڻ واريون

٣١. آتڻ واريون آئيو، ٿيون آتڻ اُجارين
جي گوندر گذارين، آتڻ تن اَوک ٿيو

٣٢. سارو لوک سُکن، پوءِ رهايو پِرينءَ کؤن
ڏسو واه ڏکن، هوت وهاريو هَنج ۾

٣٣. گوندر آه غرض، جي مُون سڻو سرتيون!
فنا سڀ فرض، ڪري سو سُنت سين

٣٤. اچج آري ڄام، ڪو مُنهن موڙهيءَ جو ڪرين
مُون کؤن مير مُدام، هي ٿَر ٿيليو نہ ٿئي

٣٥. آءُ تون پنهون يار، ڏسي حال حقير جو
هِن نماڻيءِ نکار، هي ٿَر ٿيليو نہ ٿئي

٣٦. هِن دَم آري آءُ، ناهيمِ حال هلڻ جو
مُون نماڻيءَ کانءُ، ٿَر ٿيليو نہ ٿئي

٣٧. ڏيهہ سندُوَ ٿيو ڏُور، رهبر ٿِي رُجن ۾
مون ويچاريءُ مُور، هي ٿرٿيليو نہ ٿئي

٣٨. چپر تام چڏين، آءُ هوتياڻي حَب ۾
هِن ڪميڻيءُ ڪڏين، هي ٿرٿيليو نہ ٿئي

٣٩.جي هُئي ڪميڻيءَ ڪَل، تا صُبح ويندو ساٿڙو
تا مُون تنهن مهل، پُرزا پُرزا پاڻ ڪيو

٤٠. اُها هتان ويل ويام، ڪاڪيون! هاڻي ڪيئن ڪريان
ٿيلڻ ٿَر ٿيام، هاڻي هوتياڻن لئي

٤١. هَئي هَئي ڪارڻ هوت، ڏونگر ڏورڻ آئيا

ميان تائين موت، ووءِ ووءِ تان وساريان

۴۲. ووءِ ووءِ تا م وسار، متان مات ڪري وهين
ٿيو پرِ تنهين پار،جاتي پيو ناهه ڪِي

۴۳. ڪِيم وساري ويهه، ووءِ ووءِ ڪر وندر ۾
پچڻ ڪارڻ پرينءَ جي، پاڙي پاڙي پيهه
ڏيهه ڏٺين جو ڏيهه، حاصل ٿئي حُب سين

۴۴. متان وِهين مات ۾، منجهه جلدي جل
هَئي ويهه نه، هَل، تاڪِين پڇين پند ڪي

۴۵. گوندر جن گذاريو، ڪاٿؤن سي لهان
هڪڙي رات رَهان، وڃي وِرهه وارئين

۴۶. گوندر جن گذاريو، ڪاٿؤن لهان سي
حال پنهنجو هي، وڃي ڏسيان ڏکن وارئين

۴۷. گوندر جن گذاريو، آءٌ تنين گولي
هينئڙي ۾ هولي، هوندي ڏکن وارئين

۴۸. گوندر جن گذاريو، سُور پچان سيئي
پِرهه جي پيئي، تنين متي ماٿڙي

۴۹. گوندر جن گذاريو، پيهي سي پچان
اُنهن لڳِ لِچان، گهٽو آءٌ اُپاٽڪي

۵۰. گوندر جن گذاريو، آءٌ پڪي تن پيهي
وڃان ڪيئن ويهي، وٽان واسُ وِرهه جو

۵۱. گوندر جن گذاريو، آءٌ تنين گهوري
سدا مُون جهوري، آهي وِرهه وارئين

۵۲. گوندر جن گذاريو، مُنهن تنين مشعل
ڪا مُون پوي ڪَل، اُنهن جي افسوس جي

۵۳. گوندر جن گذاريو، مُنهن تنين مهتاب
سنديون نينهن نواب، آهن وِرهه وارئين

Scanned by CamScanner

٥٤. ويهه نه وساريج، متان مات كري وهين
قول اهو پاڙيج، هُو جو كيڙئي هوت سان
٥٥. متان وسارين، ووءِ ووءِ كر وندر ۾
جي گوندر گذارين، سي تو چڱان ڏينهڙا
٥٦. چڱو گوندر غم، جي مُون ٻُچو جيڏيون!
منجهه كشالي كم، آهي وره وارئين
٥٧. مونكان ٿئي نه پند، آري ڄام اچيج تون
هاڻ ڏي مُون هند، پاڻيءِ ڏاري سپرين
٥٨. آريءَ جي اچڻ جو، روز نهاريان راه
آڻيندس الله، مُون سِرُ صدقي كيو
٥٩. آريءَ اچين شال، نماڻيءَ جي نجِهري
هي مون ڏسي حال، كرين غور غريب جو
٦٠. گهڻا ڏينهن ٿيا، مون ڏوريندي ڏونگرين
جي مُون سڏ كيا، سي ٻُڌي ٻاروچا ورين
٦١. ٻُڌي ٻاروچا ورين، هِن عاجز جون آهون
درد ڀريون دانهون، كري ٿي كافن ۾
٦٢. ويم نكري قافلو، آءُ متي راه رهي
ٻاروچا ٻهي، هت ٿي وِره وَسائيان
٦٣. ويٺي وِرهُ وسائيان! كانڌ اچي لَهُه كَل
جاني تنهنجي جَل، منهنجو اندر اَڌَ كيو
٦٤. منهنجو اندر اَڌ كيو، فنا هِن فراق
مرِي ٿي مشتاق، كا كَرِ وَرَ وِلهيءِ جي
٦٥. وَيم نكري قافلو، هاٿي كيئن كريان
ويٺي ڏُكَ ڏَريان، پرين ري پرڏيهه ۾
٦٦. ويم نكري قافلو، ڏاڍو ڏيئي ڏُك
ويٺي ساريان سُك، جو هيكند هيس هوت سان

٦٧. ويم نــڪـري قــافـلــو، ڪــائــي نــہ پــئـي ڪــل
ســيــنـــي انـــدر ســـل، اتـــم آريءَ چام جا
٦٨. ويم نـــڪــري قـــافـــلـــو اديــون! آڏيءَ رات
ٻـــاروچاڻـــي جات، ڏســـان شـــال اکـــين ســين
٦٩. ويم نـــڪـري قـــافـلـو، ڪـل نـہ مـون پـيـئـي
حـــال ســـنـــدم هـــيـــئـــي، مـــانَ ٻُڌي ٻـــاروچو وري
٧٠. ويم نـــڪـــري قـــافـلـــو، آءُ مـــتـــي راه رهـــيـــاس
جيـــڏيـــون آءُ جيـــاس، جي مُنـــهـــن ٻـــاروچي ڏســـان
٧١. جي مُنـــهـــن ٻـــاروچي ڏســـان، تـــا ســيـئـــي تـين سُک
ڏُور تـــيـن مُون ڏک، پَســـڻ ســـاڻ پـــريـــن جي
٧٢. ويم نـــڪـــري قـــافـلـــو، آيـــل چُپ چُپـــات
ٻـــاروچاڻـــي جات، مـــانَ مـــونـــســـين ڪـــو وڙَ ڪـــري
٧٣. ويم نـــڪـــري قـــافـلـــو، آءُ پـــيـــريـــن پـــيـــادي
تـــئـــي مـــون شـــادي، جي مـــنـــهـــن ٻـــاروچي ڏســـان
٧٤. ويم نـــڪـــري قـــافـلـــو آءُ پـــڻ ڪـــٽـــان پـــيـــر
ڏک ڏئـــي ويـــا ڏيـــر، مـــانَ ٻـــاروچو ٻـــاجهـــہ ڪـــري
٧٥. ڪـــر ٻـــاروچا ٻـــاجهـــہ، هِن مـــون نمـــاڻـــي تـــي
ويـــتـــي وجهـــان واجهـــہ، اوهـــانـــجي اچڻ لـــئـــي
٧٦. مُون هـــتـــان پـــيـــئـــي، ڏوهـــہ نـــہ مـــتـــين ڪـــو ڏيـــان
حـــال چوان هـــيـــئـــي، هـــلـــي هـــوتـــيـــاڻـــن ڪـــي
٧٧. هِن ڏڪـــيءَ ڪـــان ڏيـــر، وجهـــيِ وِٿ وڌي ويـــا
ڏورڻ هـــاڻـــي آئـــيـــا، ســـرتـــيـــون! ســـڀ سُمـــيـــر
پـــڇي لـــهـــان پـــيـــر، آيـــل اوٺـــارن جا
٧٨. آئـــي ويـــا اوٺـــار، ڪـــٽـــي ســـات ســـويـــل جو
هـــاڻـــي اديـــون آئـــيـــا، ڏورڻ مُون ڏونـــگـــار

Scanned by CamScanner

ٻيا ٻي هوت هزار، منهنجو پيچ پنهونءَ سان

٧٩. منهنجو پيچ پنهونءَ سان، ازل لاڪون آهه

هاڻي وِهڻ چاهه، پينر هِن پنيور ۾

٨٩. چڱي پنهونءَ چِتِ، سدا آهي سرتيون!

هوت ٻنان مون هِت، ڪريان ڪوهه پنيور ڪي

٨١. ڪريان ڪوهه پنيور ۾، پنهوءَ پَچاڻاءُ

سوز چڪايو ساءُ، وهڻ مون وِههُ تيو

٨٢. ڪريان ڪوه پنيور ۾ وَر ٻنا ويهي

جيهي جي تيهي، آءٌ تا سندن آهيان

٨٣. ڪريان ڪوهه پنيور ۾، پچاڻا پرين

وار نه سي وِهن، جَنين متي مامرو

٨٤. ڪريان ڪوهه پنيور ۾، هاريون ٻنان هوت

مُون تا تائين موت، ووءِ ووءِ هڏ نه وسري

٨٥. گولن گذ گذران، ڪاڪيون! ڪنديس ڪيچ ۾

آريءَ تيئي ارمان، مانَ ڏِسي حال حقير جو

٨٦. توري ماڙِ نه مُون، سَڻ منهنجا سُپرم

مونکي گهرجين تون، لوڪ رُنوئي گهوريو

٨٧. عُمر اجائي گذري، وَهِي آيم هيءَ

آءُ سپاجها سپرين! پرورَ ڪارڻ ٻِيءَ

ناهي جيئڻ جِيءَ، ڪر وَر ويچاريءَ جي

٨٨. عمر اجائي گذري، اچا تيا اظهار

زاريون ڪَيو سُپرم، رُئان زارو زار

مَتِ آهه ميار، ڪر وَر ويچاريءَ جي

٨٩. عُمر اجائي گذري، ڪارن مَتيو رنگ

مُون نهارڻ نه تئي، سانول! سارو سَنگ

Scanned by CamScanner

هِن نماڻي ۽ جو ننگ، آهه اوهان تي سپرين
٩٠ . عُمر اجائي گذري، ڪئي جوڀن جاڙ
بالا هِن بلور جا، چئين طرفين چاڙهه
اي ڪامل قربدار، ڪر وَر ويچاريءَ جي
٩١. عُمر اجائي گذري، هوت نه گڏيس آن
اهڙيئي احوال جي، ووءِ ووءِ آهي مان
ٿئي نه ميلو جان، تان سباه نه وڃي سرتيون!
٩٢. عُمر اجائي گذري، ههڙو ٿيڙم حال
ڪنهن سڻايان سرتيون! اِهوئي احوال
آرياڻي الحال، ڪندو غور غريب جو
٩٣. متي راهه رنجور، ويچاري واڪا ڪري
سگهي ويندي نِڪرِي، هوتياڻي حضور
موٽي هڏ نه مُور، پسڻ ريءَ پرين جي
٩٤. جان مُون مِلان هوت، تيسين تائين نه مارن
ماريون تائين موت،اِهو اٿم آسرو
٩٥. وِندر جي نِي وٽن ۾، ڪري واڪا ويچاري
جا محبوبن ماري، تنهنجو موٽڻ مَس ٿئي
٩٦. وِندر جي ني وٽن ۾، زور ڪري زاري
آه برهه باري، هَئي هَئي هوتياڻن جو
٩٧. وِندر جي ني وٽن ۾، زور ڪري زاريون
مُئي ڪي ماريون، هوت وڃن ٿا نڪريا
٩٨. مارڳ متانهون ٿيو، مارڳ چڙهي ڪير
سا پڇي سات سوير، جائي مارڳ تي مري
٩٩. جي تون مارڳ تي مَرين، وڏا طالع تي
سانول ساڳي سو، متان تو هٿ ڏئي

Scanned by CamScanner

١٠٠. مَلــهــي مـــارڳ مَر، تـــان تـــون تـــنـــين جي ٿِئـين
جبـــل هـــار نـــ جَرُ، ارتـــو اکـــڙيـــن مـــؤن
١٠١. مـــارڳ جي مُئـين، تـــا هُئـين هــوتـيـاڻـين هَنـج ۾
وجي کـــيـــچ سُئـــين، تـــا ويـــچاريءَ وَس کـــيـــو
١٠٢. مـــارڳ مَرن جي، وَرُ تـــنـــين کـــي ويـــجهـــڙو
هـــئـــي هـــئـــي هــوتـــن کـــي، تـــئـــي ارمـــان اُنـــهـــن جو
١٠٣. مـــارڳ مـــرڻ آهـــ، گـــهـــوريـــو جيـــڻ جيـــڏيـــون!
پـــيـــر نـــ پـــوئـــيـــون پـــاءِ، عـــاشـــق مَرُ اڳي تـــئـــين
١٠٤. مـــارڳ آهـــ مـــرڻ، جيـــڏيـــون هِن جيـــڻ کـــؤن
لائـــق نـــاهـــ لـــکـــن ۾، کُوکـــان کـــانـــڌ کـــرڻ
پـــوءِ نـــروار ورڻ، آهـــي عـــاشـــقـــن کـــي
١٠٥. مـــارڳ مـــران شـــال، دُعـــا کـــريـــجو جيـــڏيـــون!
هـــوت هـــهـــڙي حـــال، مـــانَ مـــتـــان مـــون هـــٿ ڏيـــئـــي
١٠٦. مهـــر نـــ مـــتـــان لاهـــ، مُون تـــا نمـــاڻـــي تـــؤن
هـــي ڏکـــوئـــي ڏاهـــ، اَڻ مُلـــهـــ آهـــي اوهـــانـــجي
١٠٧. مِهـــر نـــ لاه مـــتـــام، آءٌ اوهـــانـــجي آهـــيـــان
جي کـــامـــل سَڏ کـــيـــام، ســـي ٻُڏي پـــاروچا وريـــن
١٠٨. جيـــهـــي تـــيـــهـــي حـــال سَين، پـــاڻ وجهـــڻ مـــون پـــنـــڌ
روئـــي پـــوڻ رَنـــدِ، پـــنـــيءَ چام پـــنـــهـــونءَ جي
١٠٩. هَئـــي آءٌ هـــوتـــن جي، نـــاهـــيـــان آوڙڻ جيـــهـــڙي
حـــال پـــســـي مُون هـــي، مـــانَ نمـــاڻـــي نـــال نـــئـــين
١١٠. ســـاٿ ســـويـــلـــو ســـرتـــيـــون! وڏيءَ ويـــل ويـــوم
ونـــدر جي وٽـــن ۾، ڦـــولـــڻ هـــوت پـــيـــوم
ٿـــيـــلـــڻ ٿـــر ٿـــيـــوم، هـــاڻـــي هـــوتـــيـــاڻـــن لـــئـــي
١١١. عُمـــر اجائـــي گـــذري، هَئـــي هَئـــي هـــهـــڙي حـــال

تائين اڄ نه مون ٿئي، سندي هوت سنڀال
مونکان پڇن کين کي، ڪافن جا ڪشال
پنهنجي قرب ڪمال، ڪر وَر ويچاريءَ جي
١١٢. عمر اجائي گذري، هڙا حال ٿيام
چُپ چپاتي سرتيون! وڻؤن هوت ويام
هو جي ڏونگر ڏاڪڙا، ڦولڻ سڀ پيام
اڄ صبح ايندامِ، ڪندا وَر ويچاريءَ جي
١١٣. وندر ۾ وِيهان ڦولن پيون پرينءَ کي
نال جنين نينهان، هوت تنين جي هنج ۾
١١٤پرٽ هوت پنهونءَ کي، آٿي عشق ڪيو
سچو سڱ ٿيو، هڙي هوتياڻن سان
١١٥. آڻ مُلهي آهيان، ٻانهي ٻاروچن جي
سڀ چپر چايان، آهُنِ ۽ دانهن سين
١١٦. هَئي وجي هي قافلو، چپاتي چايون
مُنهن ڏئي آيون، آهون سانهون عشق جيون
١١٧. مِهرَمَ لاهه متام، آءُ اوهانجي آهيان
جي ڪامل سڏ ڪيام، سي ٻَڌي ٻاروچا ورين
١١٨. اندر آڳ عشق جي، ويو ٻاروچو ٻاري
ڪارڻ ڪوهياري، متي راهه رُئان گهڻو
١١٩. هوندي هوتياڻن جي، هِيءَ ويچاري وڳ
آءُ تنهنِ لالڻ لڳ، متي راهه رُئان گهڻو
١٢٠. هو سياڻا سپرين، عاجز هِيءَ اَڇاڻ
آءُ تنهن ڪوهياري ڪاڻ، متي راهه رُئان گهڻو
١٢١. سچو ٻَڌي سندرو، لکين ڪندو لوچ

ٻــڙيــون لــڳ ٻــروچ، مــتــي راهــ رُئــان گــهــٽــو
١٢٢. اديــون! آريــچن جي، كــافــون پــونــديم ڪَلَ
كــارڻ كــوهــيــارل، مــتــي راهــ رُئــان گــهــٽــو
١٢٣. ســرواٽــن مــون ســاڻ، پــلــون پــلائــي ڪــئــي
جن جاڳايــو جوش كــي، آءُ أتــنِ قــربــان
پــاروچاٽــون پــاڻ، تــڏهــن لــئــون لون مــنــجهــ لــڳي رهــيــو
١٢٤. مــتــي راهــ رُئــان گــهــٽــو، كــا مــون لــهــن ڪَل
مــاڙيــون ســڀ مــحــل، ويــتــي ورهــ وســائــيــان
١٢٥. مــتــي راهــ رُئــان گــهــٽــو، آءُ اوتــارن كــاڻ
هــاريــون ايــنــدم هــاڻ، ڏک كــڍنــدمِ ڏيــل مــون
١٢٦. مــتــي راهــ رُئــان گــهــٽــو، آءُ تــنــهــن لــعــلــن لــڳ
جت ٻــيــا ڀــي جڳ، هــنــجو پــيــچ پــنــهــونءَ ســين
١٢٧مــتــي راهــ رُئــان گــهــٽــو، كــارڻ كــيــچئــڙن
سِگــهــا شــال اچن، كــرن غور غريــب جو
١٢٨. مــتــي راهــ رُئــان گــهــٽــو، كــارڻ كــوهــيــاري
مُئــي كــي مــاري، وچ نــ مــنــهــنــجا ســپــريــن
١٢٩. پــنــيءُ هــوت پــنــهــونءَ جي، هِيءَ ويــچاري ويــنــدي
ســچڻــن نــ ســيــنــڌي، آءُ تــا آهــيــان جيــڏيــون!
١٣٠. پــنــيءُ هــوت پــنــهــونءَ جي، هِيءَ ويــنــدي ويــچاري
ضــعــيــفــ زاري، كــنــدي در دوســتِ جي
١٣١. پــنــيءُ هــوت پــنــهــونءَ وجي، هــاڙهــي كــي هــلــنــديــون
سُور وجي ســلــنــديــون، كــشــالا كــافــن جا
١٣٢. پــنــيءُ هــوت پــنــهــونءَ جي، هــاڙهــي هــلــنــديــون ســي
جَتن أتــون جي، سِرُ كــريــنــديــون صــدقــي
١٣٣. كــيــچؤن آيــو قــافــلــو، مُون كَر پــچيــائــون

كَرم كيائون، هِن مُون نماڻيءَ تي

١٣٤. كيچؤن اچي قافلو، مُون وٽ ٿيو مهمان
آرياڻي اڳواڻ، ڏي دلاسو دلگير كي

١٣٥. كيچؤن آيو قافلو، رات موچاريءَ رُوءِ
مڙيوئي خوشبوءِ، ٿيو سارو شهر ڀنڀور جو

١٣٦. كيچؤن آيو قافلو، كڻي كستوريءَ بار
هر كنهن هنڌ هٻكار، كيائين سارو شهر ڀنڀور جو

١٣٧. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، رڳوئي راحت
ساريان سا ساعت، جا هيكند هُيس هوت سان

١٣٨. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، آهه مَتُرِ محكم
سندو دوستيءَ دم، ڇڏيان نه ڇِن كهين

١٣٩. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، آهه نِسورو نُور
راتو ڏينهان روح ۾، مُحبن جو مذكور
وڃڻ آهه ضرور، كاكيون! كيچيئڙن ڏي

١٤٠. ٻاري ٻره ٻلوچ جو، هيڻن جو همراه
روهه منجهارون راهه، كاكيون ڏَسي كيچ جو

١٤١. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، سدا مون شامل
كيچ ڏٺي كامل، مونكي پور پسائيو

١٤٢. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، اونداهي اوَجر
ساٿي آهه سَير، كون ڇڏيندو ڇپرين

١٤٣. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، اديون سِر آيوم
وِره وَسايوم، نِينهن پنهنجي نجهري

١٤٤. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، تَن كي تَقويَت
سندي سُور صفت، پڇين نه پِرِ كنهين

١٤٥. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، هاريون هدايت

Scanned by CamScanner

ڪندو ڪفايت، پاڻون ڇاڻي پنڌ ۾
١٤٦. ٻاري ٻرهه ٻلوچ جو، سارو سعادت
هيٺن حمايت، ڪاڪيون! آهي ڪاف ۾
١٤٧. ڪاف ڪشالا ڪيترا، ٽڪي مُون نه ٽين
جيڏيون! ڪاڻ جتن، متي راهه رُئان گهڻو
١٤٨. ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪڏهن مُون نه ڪيا
وٺؤن هوت ويا، ڪٺي سات سَويل جو
١٤٩. ڪاف ڪشالا ڪيترا، پڇن مُون نه هتاء
اڄ آرياڻي آءُ، ٿي وسيلو وڻڪار ۾
١٥٠. ڪاف ڪشالا ڪيترا، پري آهن پنڌ
رويون ڇُمان رند، هِي اڄ اوٺارن جا
١٥١. ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارڳ آهه منزل
آهه ڪوهيارل ڪَل، نااميا نماڻن جي
١٥٢. ڪاف ڪشالا ڪيترا، هزارين فرسنگ
نهاري ڏي ننگ، ڪر وَر ويچاريءَ جي
١٥٣. ڪاف ڪشالا ڪيترا، ڪوڙين آهن ڪوهه
مونکؤن جهاڳڻ نه ٿين، رُڪؤن ڏاڍا رَوهه
ٿُنهنجي پڇان توهه، ناته ناهِم حال هلڻ جو
١٥٤. ڪاف ڪشالا ڪيترا، آهن جال جبل
لَهه ڪميٽيءَ ڪَل، ٻاروچا ٻاجهه پئي
١٥٥. ڪاف ڪشالا ڪيترا، بَر وڏا بئيبان
اڳنان ڏيَنم ڪينڪي، هلڻ هِي حيوان
آءُ آرياڻي اڳوان، ٿر نه مُون ٿيليو ٿئي
١٥٦. ڪاف ڪشالا ڪيترا، دقت آئون تصديع
اڇي پهچج پِيَ، مون هن نِماڻيءَ ٿي

Scanned by CamScanner

١٥٧. ڪاف ڪشالا ڪيترا، مارڳ مٿاهون
توکي ڪري سپرين، دردمندي دانهون
تون اڄ اڳاهون، ناته ٿي دوست دَمُ ڏيان

١٥٨. مِلي مارڳ جي مَرين، ٿئي قدر ڪيچيئڙن
ٿورو وڏو تَن، تنهنجي اچڻ جو ٿئي

١٥٩. عُمر اجائي گذري، ڪارڻ مٿي رُوءِ
خام منهنجي خُوءِ، ڪر وَر ويچاريءَ جي

١٦٠. آٿي ڪمر ٻَنڌ، لوچ ته لهين سپرين
هوتاڻن جو هنڌ، ڏسين اکڙين سان

١٦١. ڪيچؤن آيو قافلو، رُوءِ موچاريءَ رات
سندي جتن جات، واسيو شهر ڀنڀور کي

١٦٢. ڪيچؤن آيو قافلو، ڪٺي عطر عنبير
تنهن سرهائي تاثير، ڪيو ساري شهر ڀنڀور کي

١٦٣. ڪيچؤن آيو قافلو، ڪٿوري ڪٺي
ٻي کهڙي ڳالهه ڳٺي، واسيو شهر ڀنڀور کي

١٦٤. ڪيچؤن آيو قافلو، خوب ٿيس خوشحال
چڱو ٿيڙم حال، پَسڻ ساڻ پرين جي

١٦٥. ڪيچؤن آيو قافلو، پينر منجهه ڀنڀور
هِيءَ ڪميٽي ڪمزور، پر پرينءَ پنهنجو وڙ ڪيو

١٦٦. پريان سندي پار ڏي، پنڌ عجائب آءِ
گهوري سِرُ گهماءِ، متي دَرِ دوسن جي

١٦٦. پنڌ عجائب پرينءَ جو، سندو پيرن ناءِ
هنئين ساڻ هَلاءِ، پاڻ پنهنجو پرينءَ ڏي

١٦٨. پنڌ عجائب پرينءَ جو، آه هلڻ سان حال
نڪا قال مقال، ٻي تا جُڙي اتهين

Scanned by CamScanner

١٦٩. پند عجائب پرينءَ جو، خاصو ساڻ خيال
فڪر سان في الحال، وجي پسنديءَ پرينءَ ڪي
١٧٠. پند عجائب پرينءَ جو، سِسي پير ڪرڻ
انهيئن ڏيان ڌرڻ، آهي قدم ڪيچ ڏي
١٧١. پند عجائب پرينءَ جو، مان سين ڪين هلي
سائي چاه چلي، جنهن مان چڙي وچ ۾
١٧٢. پند عجائب پرينءَ جو، هلڻ هڪ نظر
ٻاڙي جي ڪنهن ٻرِ، اِهو خيال ڪڙو رهي
١٧٣. سچو ڪج صبر، متي خيال ڪڙو رهين
ڪِينو ۽ ڪِبر، پري ڪرين ڀاڻ کؤن
١٧٤. پُنهون پنهون تي ڪريان، آءُ پڻ پنهون پاڻ
اَديون تيس اَچاڻ، جو ڪين پروڙيم پاڻ کي
١٧٥. جان پروڙيم پاڻ کي، تا آءُ پنهون آهيان
ڪنهن طرف ڪاهيان، جو طرف مِڙئي تَم تيا
١٧٦. پيهي پروڙيوم، تا پنهون پاڻ ئي آهيان
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هِيءُ پڙلاءُ پيوم
صحي ڪَن ڪيوم، تہ غير گمان آتي ويا
١٧٧. موتي آيس ماٿ ۾، تا ڪيو شوق شڪار
هئي هِن نماڻيءَ کي، ووڙڻ تيو وٹڪار
طلب سين تڪرار، ڪشالي مؤن ڪم تيو
١٧٨. ڪشالي مؤن ڪم، توري ڏينهن مؤن تئي
سوز گداز ۽ غم، رهبر تيندو راهہ ۾
١٧٩. قدر منجهہ ڪشال، مون تا لڌو جيڏيون!
وڏي وِٿ وصال، يڪسان يڪايڪ کؤن
١٨٠. جان جان يڪايڪ نہ تيان، تان تان ماٹ نہ مُون

Scanned by CamScanner

چِرا ۽ چُون، بــرابــر، بـيـچُون ٿـئـي

١٨١. ڪـيـچيـئڙن مـون ڪـالـهـ، دم دم دلاسا ڏنـا
هَئـي هَئـي هِن جي حـال، جي ويـهـي هـت وِسـاريـان

١٨٢. ڪـيـچيـئـڙن مُون ڪـالـهـ، اجان وَڙ وڏا ڪـيـا
أنـجي ڪـارڻ ڪـاڪـيـون! ڪـنداسـين ڪـاف ڪـشـال
هَئـي هَئـي هِن جي حـال، جو هـهـڙا هـوت وسـاريـان

١٨٣. هـاريـون ٿـيس نـ هِيئن، جو نـنڊ نماڻي نـ ڪئي
ٿـيـان پـيـرادو تـن جي، جَت ويـڙم جيـئـن
ڪـاڪـيـون ڙي آءٌ ڪـيـئـن، هـهـڙو هـوت وسـاريـان

١٨٤. سـويـن ڳڻ سـنـدان، مُون ٿـي سـاريـان سـرتـيـون!
سِگـهـا ٿـيـنـدا سـپـريـن، مُون تـي مـهـربـان
وِهـان ڪـيـئـن مـاٺ ڪـري، جو جيءَ مـتـي جولان
آءٌ ڪـيـئـن ۾ ارمـان، هـهـڙو هـوت وسـاريـان

١٨٥. مـوٽـي ايـنـدم شـال، ٻـاروچا ٻـاجهـ پـئـي
اَٿـم آريـچن ري، جيـڻ مـنـجهـ جنـجال
هَئـي هَئـي هـن جي حـال، جو هـهـڙو هـوت وسـاريـان

١٨٦. شـال نـ وسـريـن هـوت، ٻـيـو سـيـو مُون وسـري
مـونـکـي تـائـين مـوت، هُئـين اکـڙيـن ۾

١٨٧. شـال نـ وسـريـن تـون، لـوڪ سـيـوئـي وسـري
مـطـلـب اِهـو مُون، جو پـاڻـؤن پـري نـ ڪـريـن

١٨٨. وَرَ مَ وسـاريـج، هِيَ تـاسـنـديَوَ آهـي
وڃي ڪـيـچ وٽـن ۾، هِيءَ سَدَرسـاريـج
تـيـتـر مَ مـاريـج، جيـتـر تـوڪـي نـ مِڙان

١٨٩. ڪـيـو ڪـمـيـڻـيءَ ڪَچُ، جو سُتي سـاويـلـي رهـي
أنـهـيءَ جي افـسـوس سـين، ڪـيـو مـحـبـت مـچ

پـنـهـون چام پـرچ، نـامـيـا نمـاڻـيءَ سـان
١٩٠. ٿـيـون هِن هـتـاءُ، ڪـيـئـي مُورائـون مـديـون
پـنـهـون ڏِسـي پـاڻ ڏي، آسـڻ مـنـهـنـجي آءُ
سـانـول تـوريءَ سـاءُ، اچي مـاڻـهـن ڪـين ڀـنـڀـور جي
١٩١. سـاري شـهـر ڀـنـڀـور جي، ڇڏي لـوڪ لـذت
تـو ريءَ ڏئـي ڪـونـڪـو، مـاڻـهـو عـام عِزت
ٿـئـي سـاه صـحـت، جي ڀـيـهـر ٻـاروچـا اچين
١٩٢. هـو جو ڪـيـچ وڃـن ڪـي، وچي لـڳي واءُ
سـا وري شـهـر ڀـنـڀـور ۾، اچي سرد هـواء
جانـب تـنـهـين جاءِ سـا جي، انـهـيءَ سـان هَلـي
١٩٣. وڃي ڪـيـچ وڃـن ۾، ٿـئـين ڪـوهـيـارل قـرار
يـا مُئـي ڪـي مـار، يـا پـريـن نـي پـاڻ سـان
٢٩٤. هـو جو ڪـيـچ وڃـن مـؤن، اچي واءُ وري
سـو مـونـڪـي مـحـبـوبـن جي، ڏئـي خبـر ڪـري
وچان تـا مَ مـري، جان ٻـاروچي مُنـهـن نـہ ڏسـان
٢٩٥. هـو جو ڪـيـچ وڃـن مـؤن، وريـو اچي واءُ
مـاريـون تـنـهـن مـتـاءُ، هـي سِر ڪـريـان صـدقـي
٢٩٦. هـو جو ڪـيـچ وڃـن مـؤن، واءُ تـہ آڻـين واس
هـي سِرُ سـارو سـاس، ڪـوڙيـن قـربـانـي ڪـريـان
٢٩٧. هـو جا ڪـيـچ وڃـن مـؤن، هـاريـون اچي هِيـر
ٿـئـي صِحـت مـنـجهـہ سـريـر، ڏور وڃن مـون ڏڪـڙا
٢٩٨. هـو جا ڪـيـچ وڃـن مـؤن، هـاريـون هِيـر اچي
تـنـهـن سـان مَن مچي، مـحـبـت ۾ مـحـبـوب جي
١٩٩. هـو جا ڪـيـچ وڃـن مـؤن، اچي هِيـر هـلـي
سـا ڀـيـنـر آهـہِ ٻَلـي، جنـهـن سـان سـاهـہ سُڏيـر ٿـئـي

Scanned by CamScanner

۲۰۰. هُو جا ڪيچ وٽن مؤن، ٿي هِير اچي هاٺي
تنهن آرياٺي آٿي، جڻ مونسان اچ ملائِيو
۲۰۲. ڪاڪيون! ڪيچ وٽن مؤن، هِير اچي جا هِيَ
پاڙيچون سان ٻِيَ، هِن مونکي اچ مِلائيو
۲۰۲. ڪناڪيون! ڪيچ وٽن ڏنهن، هي جو واءُ وريو
سندو ساهه سَريو، مطلب سارو مَن جو
۲۰۳. ڪاڪيون! ڪيچ وٽن ڏنهن، وري واءُ وريوم
سارو ڪاج سريوم، جڻ هاٺي گڏيس هن ڪي
۲۰۴هو جا ڪيچ وٽن مؤن، اچي هِير هَلي
تنهن ساري ڳالهه سلي، پريان سندي پار جي
۲۰۵. هو جا ڪيچ وٽن مؤن، لڳي تيز تنوار
سندي پريان پار، تنهن ڏنا دلاسا دل کي
۲۰٦. وجي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين سانول سُک
هي ڏکوئي ڏک، وجهي گوندر ۾ وئين
۲۰۷. وجي ڪيچ وٽن ۾، تون خاصا ٿي خوشحال
هِت هي نماٺي حال، مانَ وري ڪو وڙ ڪري
۲۰۸. وجي ڪيچ وٽن ۾، ڪامل ٿئين قرار
ويچاري ۾َ وسار، جا اَجهي آهي آنجي
۲۰۹. وجي ڪيچ وٽن ۾، ٿئين جانب جاءِ
هو جي اوري ڪيچِ ڪؤن، سي مون لَڪ لنگهاءِ
پنهنجو پاڻ پساءِ، ناته ٿي دوست دم ڏيان
۲۱۰. لاڪون لاڪين لڪ، مون نبيرڻ نه ٿيا
ڪوڙين آهن ڪيترا، راهن اُتي رَڪ
هَئي هئي ڪارڻ حق، هي سارو ڏونگر ڏوريان
۲۱۱. روئي هاريان رَتُ، ووءِ ووءِ واتڙن تي

جيـــڏيـــون! ڪــارڻ جَت، ســارو ونـــدر ووڙيـــان
٢١٢. روئـــي هـــارج رَتُ، هَئـــي هَئـــي هــوتــيــاڻـــن لـــئـــي
تـــنـــهـــن پـــوءِ جائـــي جَت، مـــتـــان تـــو هـــٿ ڏئـــي
٢١٣. راهـــين هـــارج رَتُ، ڪـــاڪـــي ڪـــيــچــيــئـــڙن لَئـــي
هـــو جو ڏونـــگـــر ڏاڪـــڙو، مـــاري پُچِج مَتُ
ڏاڍيـــون مَهـــتـــان مـــيـــر جون، جَهـــلـــي ڪـــچ جهـــت
تـــہ پـــاٽـــؤن ڇاٽـــي جَتُ، تـــئـــي رفـــيـــق رُڃن ۾
٢١٤. هَنجون رَتُ هـــاريـــج، تـــا روهـــن ڪـــي رهـــســـو تـــئـــي
وار نـــہ وســـاريـــج، هـــهـــڙي هـــوتـــيـــاڻـــن ڪـــي
٢١٥. آهـــي زورئـــون زور، جي تـــو مـــحـــبـــت مَن ۾
ڏونـــگـــر ڏوريـــون ڏور، هـــهـــڙي هـــوتـــيـــاڻـــن لـــئـــي
٢١٦. هـــاريـــون نـــہ هـــارِيـــن، ارتـــو اڪـــڙيـــن مـــؤن
تـــون ڪـــيـــئـــن وســـاريـــن، هـــهـــڙي هـــوتـــيـــاڻـــن ڪـــي
٢١٧. ڇاڙهـــيـــون لاهـــيـــون ڇُنج جيـــون، ڪـــوڙيـــن آهـــن ڪـــوهـــ
ڏئـــي مَهـــتـــان مـــحـــبـــت وارئـــين، ڇـــپـــر ڏاڍي ڇوهـــ
نـــاڳهـــہ نِستَ نـــيـــنـــهـــن ڪـــي، تـــا روارن روهـــ
اچِي مـــنـــجهـــان انـــدوهـــ، مـــتـــان تـــون مـــانـــدي تـــئـــين
٢١٨. ووڙيـــنـــدي وٽـــڪـــار، ٻَڌي ســـنـــدرو ســـچ جو
پـــنـــڌ اڙانـــگـــا پـــہ جا، قـــابـــو نـــہ ڪـــوهـــيـــار
آهـــي رُئـــڻ زارو زار، هـــهـــڙي هـــوتـــيـــاڻـــن لـــئـــي
٢١٩. آهـــي روح رتـــي، مـــونـــســـين مـــون پـــريـــن جي
هـــٿـــان لـــڪ لَتـــي، هـــهـــڙي هـــوتـــيـــاڻـــن لـــئـــي
٢٢٠. آهـــي ڪـــانـــہ آتـــڪ، آيـــل عـــشـــق وارئـــين
هـــٿـــان لـــتـــي لـــڪ، هـــهـــڙي هـــوتـــيـــاڻـــن لـــئـــي
٢٢١. گـــولـــن گـــڏ گـــڏيـــان، پـــارڻ پـــنـــهـــنـــجو ڪـــيـــچ ۾

Scanned by CamScanner

پـلـؤ تـانـ چڙيـان، هـهـڙي هـوتـيـاڻـن جو
٢٢٢. گـولـئـين گـڏيـنـدي، پـاڻ ڪـميـٽـي ڪيـچ ۾
ڪـنـهـن چن نـ چڙيـنـدي، هـهـڙي هـوتـيـاڻـن ڪـي
٢٢٣. گـولـين گـڏيـنـدياس، پـورهـئـي ڪـارڻ پـاڻ ڪـي
پـنـهـنـجي تـا پـريـن ڪـي، سـائـين سـڏيـنـدياس
ڪـنـهـن چن نـ چڙيـنـدياس، هـهـڙي هـوتـيـاڻـن ڪـي
٢٢٤. ڪـري ڏهـر ڏيـر، آتـي آڌيءَ رات ويـا
تـون ڪـٽـي وقـت صـبـوح جي، پـيـراڊن جان پـيـر
هُو ڏُڪـيـو سـات سـوَيـر، وجي ڪـيـچ وٽـن ۾
٢٢٥. وَيَئَن ڪيـچيـئين نـ ڪالهـ، تون اڄ ٿي پير نـهارئين
هُو لـنـهـگـي لَڪ سَوان ٿـيـا، تـو هـت هـهـڙا حـال
ڪـنـدئـي سـار سـنـيـال، وجي ڪـيـچ وٽـن ۾
٢٢٦. وجي ڪـيـچ وٽـن ۾، مـانَ ڪـري نمـاڻـيءَ يـاد
انـدو هـؤن آزاد، ڪـنـدو ڪـمـيـٽـيءَ ڪـيِ
٢٣٧. وجي ڪـيـچ وٽـن ۾، يـاد ڪـرن مـون مـانَ
انـهـيءَ ۾ ارمـانَ، سـاهـ وجيِ تـو سـرتـيـون!
٢٢٨. وجي ڪـيـچ وٽـن ۾، مـانَ پـچن پـورهـيـت
تـ هُئـي نمـاڻـي هـت، پـاڻـي ڊوئـي پـانـهـنـجي
٢٢٩. وجي ڪـيـچ وٽـن ۾، مـانَ پـورهـيـات پـچن
ائـين پـاڻ چَوَنِ، تـ ويـچاري ويـجهـي ڪـريـو
٢٣٠. وجي ڪـيـچ وٽـن ۾، ڪـنـهـن سـاعـت سـنـيـارِيهن
مـانَ وري نـهـاريـنِ، پـيـنـر شـهـر پـنـيـور ڏي
٢٣١. اڇج آريـاڻـي، تـون وري شـهـر پـنـيـور ۾
آن ريِ اڪـڙيـن مـؤن، تـو پَرت رکـي پـاڻـي
هـوت اچي هـاڻـي، هيءَ نـالائـق نـوازيـو

۲۳۲. هـوت نـہ ڇڏيـو هِت، نِيـو پـورهـيـت پـاڻ سـان
تـوري ٻـي کـا ڇِت، کـانـهـي کـمـيـٽـين کـي
۲۳۳. جَت مـــــــــــوچاري جات، ڇگّي جات جتن جي
وائـــي تـــن جي وات، ســـدا اتـــم ســـرتـــيـــون!
۲۳۴. چوٽ چڙهـي چنـگـار، کـنـدي کـيـچيـئـڙن کـي
پـونـدي کَنِ قـريـب جي، گـولـيءَ جي گـفـتـار
ٻـاروچا ٻـيـهـار، کـنـدا ڀـيـرو شـهـر ڀـنـڀـور ۾
۲۳۵. کـيـچيـئـڙا کـالـهہ ويـا، مُون تـي اگـڻ نـهـاريـان
ســاريـــو ســپــريـــن کـــي، هَـنـجون هـــاريـــان
گـونـدر گـذاريـان، هـئـي هـئـي سـارا ڏيـنـهـڙا
۲۳۶. کـيـچيـئـڙا کـالـهہ ويـا، تُون تـي اگـڻ نـهـاريـن
ٻَڙيـــون ٻـــاروچن لـــئـــيِ، رَتُ هَـنـجون هـــاريـــن
ســاريـــو ســنـــيـــاريـــن، ٻـــاروچاڻـــي جات کـــي
۲۳٦. کـيـچيـئـڙا کـالـهہ ويـا، مـون تـي اگـڻ نـهـاريـام
کـين نـہ لَهـان سـي کـاتـئـين، وڏي ويـل ويـام
وچي تـاک تـيـام، کـاکـيـون! کـيـچ وٽـن ۾
۲۳۸. جان جان تـيـڙم جاڳ، تـان سـاٿ سـويـلـو لـڏيـو
ارتـــو اوتـــي اکـــيـــون، مـــوتـــيـــو ڏســـي مـــاڳ
وَرُ ورائـــي واڳ، مـــانَ نِمـــاڻـــيءَ جي نـــجهـــري
۲۳۹. اگڻ سـاڳي اوءِ، پـر کـيـچن کـي کـاڻـون لـهـان
ڏِئـي قـــت فـــراق جا، پـــورهـــيـــت ڇڏيَوَ پـــوءِ
هـاڻـي راهـن مـتـي روءِ، سَڏ کـريـنـدي سـاٿ کـي
۲۴۰. کـيـچيـئـڙا کـالـهہ ويـا، تـنـگ اُتـن تـاڻـي
هـاريـون ري هـاڻـي، اگڻ نـهـاري نـہ سـگـهـان
۲۴۱. کـيـچيـئـڙا کـالـهہ ويـا، اجا مُون وتـاءِ

پرينءَ پچاڻائُ، اڱڻ ڏسي نہ سگهان
٢٤٢. ڪيچيئڙا ڪالهہ ويا، جات اَوِلي جَت
هَئي هَئي هٿان هت، اڱڻ ڏسي نہ سگهان
٢٤٣. پورهيت چام پنهونءَ جي، اصل ڪؤن آئين
هِيءَ گولن سندي گولي، هو سندم سائين
ڪاپو ڪمائين، ڪُلو ساري ڪيچ جو
٢٤٤. پورهيائت پنهونءَ جي هِيءَ اصل ڪؤن آهہِ
ٿي ڪاپائت ڪيچ ۾، ويندي لالن لاءِ
ساهِ نہ اچن ساءِ، هي ماڻهو شهر ڀنڀور جا
٢٤٥. هيءَ پورهيائت پنهونءَ جي، اصل ڪؤن آهي
سگ نڪو ساهي، ٻڙيون! ٻاروچن سين
٢٤٦. پورهيائت پنهونءَ جي، آهہ اصل ڪؤن هيءَ
جيڏيون جتن ريءَ، وٺي وِرهہ وسارئيان
٢٤٧. وجي ڪيچ وٽن ۾، پڻ ٿيندي پورهيت
جَتُ هن جو جِتِ، آءُ اُت گولي ٿي گذاريان
٢٤٨. ڪري پورهيائت پنهنجي، مانَ وٺي نانءُ سڏين
گولنِ گڏ گڏين، ڪن پاٽي ڍوئي پانهنجي
٢٤٩. روئي ڏنو رنگ، ڪو جو ڪامڻ ڪوهہ ڪي
شعاع شفَق جي سان ٿيو، سرخيان سارو سنگ
هن جو نينهن نسِنگ، پيو سمورو سڪوت ۾
٢٥٠. چَٽ ڏني چُٽڪي، سُرن سرس سُمير ۾
سا سچلي سچي ڏنو چوي، چوهہ منجهؤن چُٽڪي
جا لڪن منجهہ لٽڪي، تنهن سان حمايت هوت جي
٢٥١. پيِسَ ٽُنهنجي پيچ، پنهون ڪين چڏيج مُون
ٻانهي ڪري پانهنجي، وجي ٻانيڻ ڪي ويچ

مَرُ ڪميٽڻ ڪيچ، پورهيو پانهن جان ڪري

٢٥٢. لوهي لا غرضي، سُپيريان جي سار
مارڻ لئي مشتاق جي، آهي محبن ڪي مرضي
سِرُ ڏيڻ تنهن سَٽ ۾، آهي فقيرن فرضي
ڪڏهان ڪو قرضي، سچو نازڪ تنهنجي نانءُ جو

٢٥٣. آهي ڪونه غرض، محبوبن ڪي مُنهنجو
ڏيڻ سِرُ فرض، سچو سندن سَٽ ۾

٢٥٤. پانيڻ جي پاڪار، ٻُڌي پاروچو آئيو
وَرَ وسارج ڪين هي، جا واقف نه وٽڪار
سگهڙي لهج سنيار، سائين لڳ سچو چوي

٢٥٥. رات لهي ويا ريج، نماٽيءَ ڪؤن نڪري
ڪاڪيون هاٽي ڪيئن ڪريان، جو ڪاڏي تيڙم ڪيچ
پر پيو پنهؤن سان پيچ، سو اِتي رهڻ نه ڏئي

٢٥٦. سَهي جان نه سُتينءَ، جو ڪُڙڪ ٻُڌين ڪڙڪي وڃين
چٽيان چانگن جون ٻُڌي، تون ڪوڙي ڪين اٿينءَ
غافل هڏ گُتينءَ، سڀ پر سچيڏنه چوي

٢٥٧. پانڌن ڪؤن پڇي، تي پهه پرين جا پيچرا
سهلي سچيڏنه چوي، هيءَ لالن لاءِ لِچي
ڪنهن سان ڪين ڪُچي، اٿس ووءِ ووءِ وائي وات ۾

٢٥٨. پينر هِن پنيور ۾، منهنجو ڪار نه ڪم
اٿم آريءَ ڄام سان، دوستيءَ وارو دَمُ
ماٺهن ليڪي غم، پر سُک سچو تو پائيان

٢٥٩. ڪوه هچڙهي ڪوهيارل ڪي، ڪاجا ڪُوڪ ڪيام
ڳوڙها جي ڳلن تؤن، ڳڙن جيئن ڳاريام
اِهي سڏڙا سچيڏنو چوي، پاروچل ٻُڌام
غم گوندر ويام، جڏهن تيس هيڪاندي هوت سان

Scanned by CamScanner

سنڌي بيت مارئي جا

ساريم اڄ سنگهار، جن ڏني مون ڏينهن ٿيا
سي لک لنگهي پيهي ويا، پائر جا پنهوار
هٿي ويتا پڪڙا، هُت سُک ٿي اَجڙ وار
جن جي ساه سنيار، سي اڄ پنهوار پري ٿيا
٢. پنهوارن پيغام، جيڪر مُڪا تڏهين
پر مونکان اڄ پري ٿيا، ويڙهيچا وريام
تيلهان مونڏي نہ آيا، ڏنهن سنگهارن سلام
هُوا ملير مُدام، پر ڪو سانگن اچي سانگ پيو
٣. تڏهن مُڪائون، جيڪر مونڏي خاص خابرو
لهڻ سُڌ سنگهار جي، نڪو پانڌي پَٺيائون
پَر پَري شايد پنهوار ويا، جا سُڌِ نہ لڌائون
پڪا پائر ڪنڌئين، نيئي هيجؤن هَنيائون
چڏي مُلڪ ملير ويا، هُن ٿر ٿيلهيائون
ائين اُتائون، تہ هن ڌر ڏريجو ناهہ ڪو
٤. ڪَڏهن ڏيهہ ڏنام، ٿي ساعت ساعت سومرا
ماروَ ڪالهہ ملير ۾، پَر پري اڄ پيام
آهن ڪين اُنهن رئُ، اڪڙين ۾ آرام
سدا وتن سِڪنديون، پر سانيڻ سر ٿيام
سي پڻ ڪيڻ ويام، ٿي جن سان ڳرهيم ڳالهڙيون
٥ جي هوند اتِيئي، هوا ماروئڙا ملير ۾
سُڌ لڌائون سِگهڙي، حال ٻُڌي هيئي
پر ٿر چڙهي ويئي، جيڪس وسئون ويڙهيچن جي
٦ اڃا ڪالهون ڪالهہ، هُيس مارن گڏ ملير ۾
سي ڏينهن ويڙا گذري، جڻ منجهہ خواب خيال

اڄ پرئين ڪنڌئين پڪڙا، جوڙي ويٺا جال
جن جي ساه سنڀال، سي اڄ پنهوار پَري ٿيا
٧ هي وَسَ ڇڏيائون، هُن وَس ويا واهڻين
پڪا پائر ڪنڌئين، نيئي عمر اڏيائون
پَٽي اوريان پڪڙا، وجي هن ٿر هنيائون
پائر سنديون ڪنڌيون، وجي اُتي واسيائون
ڇڏي مُلڪ ملير جو، ويا ٿريچا ٿائون
اُڪنڊ جن آئون، سي اڄ پنهوار پري ٿيا
٨ ٿيا پنهوار پَري، آءٌ ڪن ڪي ڏوراپا ڏيان
اُنهن پاجهوءَ مارئي، ٿي ميان هِت مَري
نئي قبر ڪري، ڪو اوڏي اَباڻن ڪي
٩ جي پيڪن پوءِ پيام، سي تا ڏکيا ڏينهڙا
هُئين نه پائڻ ڪا هُيَمِ، تا ڪي هئين ڪندام
پر وجي ٿر ٿيام، سي سُڌِ لهندڙ سومرا
١٠ پري ڏينهن پيانِ، جيڪر سانگن ڪو سانگ پيو
پڪا پائر ڪنڌئين، ٿروُن ڏور ٿيانِ
هوند ڏوراپا ڏيانِ، پر پنهوار پري ٿيا
١١ پري ٿِيم پنهوار، جن وري ورڻ نه ٿيو
ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي، ٿيا سڄ ڪاڻ سنگهار
عُمر اُپائون آهه مُون، جو دَمُ تِنهنؤن ڌار
اُهي اجڙ وار، مانَ ملائي مون ڏٺي
١٢ پَري ٿر پنهوار، جيڪس وڏو چت ڪري ويا
ڪڏهن ايندم اوڏڙا، سومرا سنگهار
رِڻ ڇڏي ريدار، مَن ڪرن مُهڙ ملير ڏي

Scanned by CamScanner

١٢ پائر پاس پيا، وڏا ڏوٿن ڏينهڙا
تانهر وچي تر ۾، تريچا تيا
لنگهي ملڪ ملير جو، ويڙهيچا ويا
عُمر ايڏي پند تي، ڪنهين سانگ نِيا
قادر شال ڪيا، مونکي ويجها واهڻين
١۴ اتم سار سنڌين، پر اڄ پنهوار پري تيا
مُشڪل موٽڻ تن جو، جي هي لڪ لنگهين
وري هيج ورين، جي سانگن کو سانگ پيو
١٥ جي لويون ڍڪي لوءِ، ڪڏهن ايندا ها آجڙي
اڄ هٽين پڪا پائرين، عُمر ويتا اوءِ
تن پنهوارن پوءِ، موٽي اچڻ نہ ٿيو
١٦ جي هوندا اُنهيءَ جاءِ، هوا اباٽان اوڏڙا
تہ هِنؤن اڳي وس ڪيا، تن منهنجي اچڻ لاءِ
پر اُتن عتاب نہ آءِ، جي ٿوري ٿر چڙهي ويا
١٧ جي هوند اوڏا هُئامِ. ماروئڙا ملير ۾
تہ پڻ پيغام فراق جا، مارن ڏنهن مُڪامِ
پر پَرئين ٿر ٿيام، ناهہ عتاب انهن تي
١٨ لنگهي مُلڪ ملير جو، ويا پرئين ڏيهہ پنهوار
تن موٽي اچڻ جي نہ ڪئي، اي سومرا سردار
هاٿي ساريو هِت سنگهار، ڳچ هِنانؤ ڳريو پون
١٩ ڇاهون ڇڏيائون، نہ ڇاٽا ملڪ ملير جو
پڪا پائر ڪنڌئين، نئي عُمر آڏيائون
انئي پهر اُباٽڪي، اُنهن رئُ آئون
ڪو موٽي ڪائون، مَنَ ماٽهو مُلڪ ملير جو

Scanned by CamScanner

٢٠ اڄ نه حوضين هُوءِ، مارو ناهه ملير ۾
ايندا هُئا آجڙي، ڪَلِيُون ڪنديو ڪُوهِ
جيڪس ميان پر جوءِ، اُهي ويا ويچارا واهڻين
٢١ عمر اباڻي پار جي فاني ڪَيَسِ فراق
جي هُئا ريجاڻين رهاڪ، تن ٿر وجي ٿاڻا ڪيا
٢٢ ٿي گڏ ڪَيَمِ گذران، جنين جهانگيئڙن سان
ڪاٿي اڄ اهي ٿيا، سومرا سڄاڻ
ڪاٿي پيس آءٌ اچي، آهه اِهوئي ارمان
حيرت ۾ حيران، آءٌ انهيءَ تان آهيان
٢٣ مون جاليو سان جن، موٽي تن نه پڇيو
حال هِن جون خبران، پيون هوندن ڪَنِ
پڪا پائر ڪنڌئين، توڙِ هنَيان اڄ تَنِ
ڏيان ڏوراپا ڪَنِ، جو سنگهارئي ساٿيهه ٿيا
٢٤ جيڪس سنگهارن، اُهو ڏيهه وٽي ويو
وري هيج ورن، جي سانگن ڪو سانگ پيو
٢٥ جيڪس سنگهارن، وري ورڻ نه ٿيو
عُمر اباڻن، اهو اڄ ڏيهه وٽي ويو
٢٦ ويجهائي لئي وجهلان سندي اباڻن
اُهي هميشه هُوَن، جي سُڌ لهن سڀ حال جي
٢٧ ڏينهن اُتي جا ڪي، اڄ اچي مون ياد پيا
پهون پنهوارن جون، صبح ويلي سي
اُتيا اچن آب لَئي، متي آنهه اُهي
هُوا اُڏل جهانگي جي، تن سانگين ڪو سانگ پيو
٢٨ آريون اباڻن ري، پيا تان ڪٽندم ڪيرِ

Scanned by CamScanner

هي جي ڳهہ ڳچيءَ جا، ظالم پايان زير
سنگهارن ساوير، ملان شال ملير ۾
٢٩ ايندمِ اباڻا، ڏور لايا جن ڏينهڙا
تڏهن مُيَسِ ماڳ تنهن جي، آءُ هيئين چاڻان
كير سَهندِمِ سومرا، ري مارئڙن ماڻان
هاڻي نہ چاڻان، تہ كا موٽي ملنديس مارئين
٣٠ عمر اباڻن ۾، لبڌم لائون لوئِڙئين
ڳهہِ موتي مالهڙئين، هار گهوريا هن حال تؤن
٣١ هو ڏاڏاڻو ڏيهہ، مُونهون مُور نہ وسري
سو ڏاتر لئي ڏيكار مون، سومرا ساڻيهہ
رِيءَ پنهوارن پرڏيهہ، هِيءُ مڙيوئي پانيان
٣٢ ڏيهہ ڏاڏاڻي، شال آءُ سگهي ويندس سومرا
مونكي ماروئڙن ۾، آءُ عمر اُماڻي
ڏينهن گذري ڏک ۾ تو، چائيندڙ چاڻي
ڏک سُک سنديون ڳالهڙيون، وچي اوريان اباڻي
نہ تہ سُڌِ لهندڙ سِگهڙا، الله اُهي آڻي
جو هُنِ بنان هاڻي، گهڙي هِتِ نہ گهاريان
٣٣ وَسِ نہ وساريام، سُرها ونڻ ساڻيهہ جا
اُهي هيكند ڏينهڙا، تي گڏجي گذاريام
ياد كيون سي كيترو، سانگي سنياريام
اوڏهن اُڏاريام، كَل لهڻ لئي كانگڙا
٣۴ جهڙي هُيَسِ ملير ۾، جي هِتِ تيان تهڙي
پر ڳالهہ كريان كهڙي، جو قابو رهيس كوٽ ۾

Scanned by CamScanner

٣٥ هُتِ هُيَس ڪير مليرِ ۾، هت تي آيس ڪير
جيڪس پيڙم پير، فقط لڳ فراق جي

٣٦ ڪاتي آءُ هُياس، ڪاتي آيس سومرا
هُتان هلي هِت اچي، پورن منجهه پياس
هِن هنڌن هاب ڪياس، وڇوڙي جي ڏينهڙي

٣٧ شال نه رهن ڏور، هُئن اباڻان اوڏڙا
ميان تن لئِ مُور، مُون هِت جالڻ نه ٿئي

٣٨ ڏوتي ڏورئون ڏور، عُمر اڄ مونکي تيا
سُمهڻ جاڳڻ سُور، مون گذارڻ آئيو

٣٩ جڏهن آءُ ڇاياس، تڏنهن ڪنهن وَٽي وِهه جي نه ڏني
جڏهن ساماياس، تڏهن آيس اوراتن ۾

٤٠ هي سامائجڻ گهوريو، جنهن نِتُ ڪيو بيرون
شل وڃي ويڙهيون، ڏسان ڏوتيڙن جون

٤١ ڏني ڏوتيئڙن کي، گهٽا ڏينهن تيا
جالڻ جدائي ۾، جيڪي پلڪ پيا
سي وِٽوانڊ ويا، سارا سنگهارن ريءُ

٤٢ هُتِ تا لوءِ لِڄن، سُٽي ڳالهيون سومرا
پيهي ڪيئن نه پڇن، جي هُئن اباٽا اوڏڙا

٤٣ پاڙو پاڙي ساڻ، شل هُئان اباڻن جي
ڀڪي تن جي پاڻ، آءُ تا سُکيو پائيان

٤٤ مونکي رَبُ رکي، شل پردي ساڻ پناهه ۾
تہ هُئان منجهه ڀکي، عُمر اباڻن جي

٤٥ پردي منجهه پناهه، مونکي رب رکيج تون
اُکنڊ هِن ارواح، آهي اَباڻن جي

Scanned by CamScanner

۴۶ سي ڪيت ڪٽي، ويا مارئڙا ملير مؤن
پڪا پائر ڪنڌئين، ويتا جال هٽي
اٿي پنهوارن پاڻ ۾، تي اِها ڳالهه ڳٽي
هِت رتي رهڻ ناه ڪا، چاڻي هڪ ڏٽي
جا عادت زور ظلم جي، هيءَ حمير وٽي
رعيت جي ٻه رنجڻ جي، تيس گهر گهٽي
هاڻي ٻرسِر هيءَ ٻٽي، سنگهارن تي سومرا
۴۷ آءُ نه تيان پاسي، شل عمر اباڻن کؤن
گڏ گڏين ها سي، سين سان وي سومرا
۴۸ ڪاڏي اچ رهي آءُ، ڪاڏي اَباڻان
هاڻي نه چاڻان، ڪا موٽي ملنديس مارئين
۴۹ اڃان نه آيا، جيڪس سنگهاري ساٿيه تي
نَه تَه ڪيتن خابرو، تڏڙهئين هلايا
پر ڏينهن وڏا لايا، وڃي پائر ڪنڌئين
۵۰ وڃن تا مَ پري شل اباڻن اوڏي هُئان
جو سُدَ لهن مون سِگهڙي، ذري منجهه ذري
اکيون آب ڀري، تي ويجهائي لئي وجهلان
۵۱ ٻيوسي آهيان، هِن ماڙين ۾ مارو
وساري ويهي رهيو، جيڪس منجهانءُ ناهيان
لالچ نه لاهيان، پسڻ پنهوارن جي
۵۲ موٽي شال اچن، ماروئڙا تہ ملير ۾
اچڻ سندي تا اَن جي، ڪَرَ پوي مون ڪَنِ
تاسيئي سُک ٿين، گوندر وڃن گذري
۵۳ ڏوراپا ڏيئي، ڪنهن هَتِ مُنجان مارئين

Scanned by CamScanner

تہ وساري ويهي رهيؤ، حال ٻُڌي هيئي
مِڙي اچو مون گهرين، آهيو جهانگيڙا جيئي
جي آهيو اتيئي، تا لهو سُڌِ سنگهار جي
۵۴ موتي مارُوئڙن، سُڌ نہ لڌي ساهہ جي

جيكس دل كؤن لاهي ڇڏيو، اديون اباڻن
كنهن ڳڻؤن سنگهارن، جيكس ويڙس وِسري
۵۵ كي ڏينهن هُيَس قرار، مارن گڏ مليرم
درد نہ هو كو دل كي، هُيَس مِٽن ۾ مختيار
ريءُ اباڻن آر، هاڻي عُمر كنديس كن سان
۵٦ اج ساريم سنگهاري، جَنم گذاريم جن سان

هيءُ وڇوڙي تن جي، ميان هِت ماري
عُمر سيا مون سانگئين، تي گڏجي گذاري
مُنهن جي پار پنهوار جي، آهہ تاكُون تياري
هاڻي لكي مُنجان مارئين، هيءَ حقيقت ساري
ڏينهن هيترا ڏوتيو! كيئن اوهان وساري
جيكس ڏُرئون هُئي ڏاري، تيلهان وَيڙوَ وسري
۵۷ منهن جي مَنِ ميان، هِن ڳالهيون مارُوئڙن جون

ڏُت ڏاڏاڻي ڏيهہ جو، وڃي خوشؤن هت كيان
كائي ساعت سومرا، جهانگن ريءُ نہ جيان
وڃي تر تيان، شل سنگت سنگهارن جي
۵۸ ويجها جڏهن هُئام، مارُوئڙا تہ مليرم

تڏهن ڳالهہ احوال جي، تن كَنين كين وڏام
هاڻ وڃي تر تيام، آهي سُڌ لهندڙ سومرا
۵۹ تيا پنهوار پري، آءٌ كن كي ڏوراپا ڏيان

Scanned by CamScanner

وهندو شال وصال جو، ڪو پڻ واءُ وري
نِئي گڏ ڪري، سو مونکي ماروئڙن سان
٦٠ جهانگيڙن لئِ جيءُ، هتِ عُمر آهہِ اباڻکو
نئي گڏائج اُن سان، ميان حال منهنجو تا هيءُ
سانگيئڙن ۾ سيءُ، آهي اجا توهين تانهنجو
٦١ ڪونہ وري آيو، ماڻهو ملڪ مليرجو
جو ڪِين جون ڏئي خبران، ساٿي سوايو
ڏورائي ڏوٿن جي، هَئي مونکي مُنجهايو
ميان ماروئڙن جي، هِت طعنن تپايو
ڪر سومرا سعيو، تہ وڃان ويڙهيچن ڏي
٦٢ قاصد آيو ڪونڪوءِ ڪونہ لکيائون خَطُ
جيڪس هُيس ڪينڪي، ريگستانن رَتُ
پنهوارن پاهت، تيلهان مونُسان نہ رکيو
٦٣ قاصد آيو ڪونَ، ريگستاني راڄ ڏنهن
جو تو مونکي تار ڪيو، سومرا ۾ سونَ
اهو وِتپو روح کي، هوتِ هَئي هَئي جيڪس هون
چيهون هِتي چو نہ، ٿيان اهڙين عتابن سان
٦٤ پنهوارن پيغام، اڄ ڏئي مُڪا مون مٺين
ڪڏهن آيا ڪينڪي، توڏهن هِت سلام؛
ڪائي اِتي محظوظ ٿئين، طرحين طرحين طعام
پيرون چونديئي پٽ جا، ٿي ڪڏهن لاڙيو لام
ڏسي عيش انعام، اڄ اُهي ويلان وَيڙئي وسري
٦٥ ويري ٿين نہ شال، هُئن اوڏائي آجڙي
اُٿئي ويٺي اُن جا، اٿم خواب خيال

Scanned by CamScanner

سدا سانگيڙن جي، مونکي آهي ساهہ سنيال
هِت اسان هھڙا حال، هُت عِتاب انهن جا
٦٤ عُمر مونڏي آئيا، اباڻؤن عِتاب
ٽِئين اِتي تون مارئي، کائي خوش کباب
هُت مون پهنجيون اکيون، جهليون روئي آب
جهوريس هِن جواب، ويڙهيچن وساريو
٦٧ پنهنجن هِئن چيون، مونڏي مارو سومرا
وچِي عُمر سان تو، ڳالهيون کالهہ کيون
سي پڻ پنهوارن ۾، پڌر هِت پيون
اِهي پچارون تانهنجيون، ويڙهچئون نہ ويون
کَيتن هاڻ کنيون، پکيون ملک ملير مؤن
٦٨ نِئي نياپو، هي منهنجو ماروئڙن ڏي
مونڏي اوهان موڪليو، ڏئي ڏوراپو
لوئي لاهي سِرکَيُئي، سونَ رپي چاپو
مونکؤن وسري ڪين ويو، آهي جهڻ اهو جهاپو
ويندِيس سگهي ايڏهين، لاهي لاڳاپو
مؤلو ميلاپو، کندو سِگهڙو سنگهارن سان
٦٩ آءٌ پڻ چا تہ چوان، موتي مارئڙن کي
هَئي هِن جي حال جي، ناهي کَل اوهان
هِت اُنهن رئ سومرا، نِتُ نِتُ سُور نوان
پکي شال پِهان، مون وچِي پنهوارن جي
٧٠ کيئين ساڻ کتي، جا آنديم مُلک ملير ڏهن
سا اج توٽي تا سِر تؤن، لحظو ڪين لٿي
لوئي سندي لج کؤن، مون ڍَکيان پَٽ نٿي

هِت سورن آهه ستي، اَئين ٿيون ڏوراپا ڏيو
٧١ ايڏاهين ايندياس، ڪنهن مهل موچاريءَ مارئا
جا لوئي آنديم لوءِ ڏهن، ساپ نه چڏيندياس
توڙي تهباران ٿئي، ته به مُور نه مَٽيندياس
اچي ڏوٿيئڙن کي، ڏوراپا ڏيندياس
ته ڪيئن وساري ويهي رَهيو، ٿورامي ٿيندياس
مَنهيُون مَنهن سان اِتي، آٽي اڏيندياس
ڳالهيون ڳرهيندياس، سَرتين سان ساٿيهه ۾
٧٢ الله اباڻن سان، مونکي گڏ ڪرئين
جي ويا ٿَرِ پَرئين، سي موٽي آڻ ملير ۾
٨٣ عمر اباڻن ري، تا ڪوجهي آهيان
هيءَ لوئي نه لاهيان، جا آهه نشاني اَنِ جي
٧٤ جا اباڻن ڏني، سا لوئي هڏ نه لاهيان
ڪنديس ڪين ڪني، وٺي وينديس ويڙهه ڏي
٨٥ عمر اباڻي، مون چڱا ڏينهن گذاريا
هتِ اچي هاڻي، پيو هنئڙو هلاڪت ۾
٧٦ عمر اباڻؤن وچڙي، ڪنهن ارادي آنديا
وچي خوشيؤن هُتِ ڪائيندياس، پڪا پيرون پانهنجا
٧٧ ڪائي پلڪ پري شل عُمر اباڻؤن نه ٿيان
ذري منجهه ذري، هُئن پُچندڙ حال جا
٧٨ جڏهن هُيَس اباڻي، محل نه ماڙيون مون ڏٺا
لَئي ۽ لاٽي، هُيون پيهيون پنهوارن جون
٧٩ ڦٽي ڦوڙائي، آءُ ميان ماروئڙن جي
هِت ڏنيون تو مونکي، آهن ماڙيون جوڙائي

Scanned by CamScanner

هِن هنڌن ۾ سومرا، ٿو لکيو لوڙائي
آندُئي ٿوڙائي، پکن مؤن تہ پنهوار جي
٨٠ ريگستاني راج جي، آءٌ ڳالهہ کريان کيهي
کن پچارون پاڻ ۾، سڀي واريءَ تي ويهي
تہ ايندي مارئين مارئي، شل پکن ۾ پيهي
اُکنڊ مون ميلاپ جي، آهہِ جهانگن کي جيهي
منهنجي تن تيهي، آهہِ سِکَ سنگهارن جي
٨١ مون اُنهن کي ساريان، هو بي سارن مون
جي راضي ٿئين تون، ڏي موڪل مارئڙن ڏي
٧٢ مون اباڻن ساريان، هُتِ اباڻا سارين
واڻان نهارين، منهنجي اچڻ سنديون
٧٣ تون حمير هَنئي، آءٌ ٿورياڻي آهيان
جالوئي آنديم لوءِ ڏنهن، ويندس ساڻ ونئي
کڏهن ٿيندي کانکا، مانهؤن شال مَنئي
کتابت قولن جي، مونڏي پنهوارن پٺي
هي بَندُ بنڌياڻي کي، هو لکيو رات ڇَٺي
اُنهن سانگن کاڻ سَٺي، مون مڙياڻي سومرا
٧٤ کو ٻي خيال نہ هوم، جڏهن هُيَس مارن ساڻ ملير ۾
جان وڇوڙو سومرا، کؤن ٿريچن ٿيوم
قسمت قيدالماء جي، ڏِسي ڏور وڏوم
تڏهن وڏو قدر پيوم، هَئي سچو هيکاند جو
٨٥ ويٺا ڳالهيون کن، منهنجون ماروئڙا مَلير ۾
تہ اِجها ايندي مارئي، وري هن وطن
ايڏي اُکنڊ آهي منهنجي جا پڻ جن

Scanned by CamScanner

آءُ سگهي سان تن، وڃي گڏ گذاريان
٨٦ قرابتي ڪاٿي ٿيا، آءُ ڪاٿي آئي
اٿئي پهر اُنهن جي، وات اٿم وائي
آهي منهنجي روح کي، ريءُ مارن موڳائي
گهٽي مُدت مونجهه ۾، مُون پڻ لنگهائي
مَنَ سِگهڙي سنگهارن جي، ڪَل پوي ڪائي
ته ڪي آهن آرامي اِتهين، جهانگيڙا جائي
ڪي ويام مُلڪ ملير مؤن، ڪري آجائي
وڃي پائر ڪنڌئين، ويتا وهٽائي
اُتي تازا توانا ٿيا، ڏٿ ڏنؤرا ڪائي
هاڻ سومرا ڪر سائي، جيئن ٿين آسودا آکڙي
٨٧ جن گڏ گذاريوم، سڀ چماندر سومرا
اڇي ٻَري ٻِيَس اُنڪؤن، مُونجهه انهيءَ ماريوم
ساريو سنگهارن جي، ڳالهين هِت ڳاريوم
جو مارو محرم حال جو، سو پڻ سنپاريوم
ڏيهه ڏاڏاٽو ڪڍهين، وار نه وساريوم
نِتُ نِتُ نهاريوم، پنهوارن جي پار ڏي
٨٨ اَڄ پڻ ٿِيَمِ اُداس، جي مَنُ مارئڙن ڏي
ڪر بنديائي بند مؤن، خاوند لڳ خلاص
جو مَٿي ڪيت ڏنار کي، ڪا پلنگين ڏينديس پاس
ڪو وِجُهه صاحب سومرا، انهن سان اخلاص
جو هُو ويچارا واهٽي، تون ڪري ڏس قياس
زور تنين تا ناهه ڪو، لوئي جن لباس
آٿئي پهر انهن کي، آهي حمير هِراس

Scanned by CamScanner

تـاکُون تـنـهـنـجي تـاب کـؤن، سُـهـمـيـون اتـن سـاس
چاڙهـيـو تـنـگين کـين تـنـين، مـاسـي قـدر مـاس
تـعـديـون تـنـين تـي کـريـن، جي تـوهـؤن ٿـين مـواس
ويـڙهـيـچا وٺـراهـ ۾، هُت وڻ وڻ وٺـن واس
پـاءِ پـنـهـوار پـيـاس، آهـي راجا مـنـهـنـجي روح کـي
۸۹. چئـي مُکـائـون، هِيـئـن ڏاڏاڻـي ڏيـهـ ڏهـن
تـ جيـکـس اِهـي تـو هُيـون، مـن جون مُدعـائـون
تـا وجي پـلـنـگـين پـتـرڻـئـين، شـل چڙهـان آئـون
تـو پـڻ تـيـلـهـائـون، هـاڻ ويـا ويـڙهـيـچا وسـري
۹۰. چگُيءَ طـرح چيـئـي، تـي مُنـجان مـاروئـڙن ڏي
تـ سُکـين سـانـگـيـئـڙن کـؤن، پـري آءٌ پـيـئـي
قـسـمـت قـيـد المـا ء جي، هِن سـان هـيـئـن کـيـئـي
وسـري کـين ويـئـي، سـنـت سـنـگـهـارن جي
۹۱. مـاروئـڙا مـانـدي، آءٌ اوهـان ريءُ آهـيـان
سُکـيـا اَئـين سـاٿـيـهـ ۾، هِتْ بـنـد رهـي بـانـدي
هِت قـسـمـت قـيـدالمـا ء جي، هـي اچانـک آنـدي
آهـيـان اوهـانـجي ڳالـهـ کـؤن، ويـل نـ کـنـهـن وانـدي
چگُي ٿـي چانـدي، ايـنـديـس لـوئـي وٺـي لـوءِ ڏي
۹۲. قـاصـد اچ کـوئـي، مَنَ اچي مـاروئـڙن ڏهـن
تـنـهـن تـا چوان حـالـڙو، سـارو سـيـوئـي
ايـڏهـن آنـدي آهـ مُون، لاکـيـڻـي لـوئـي
سـا وٺـي ايـنـديـس پـاڻ سـان، اتـم عـهـد اهـوئـي
سـرتـين سـان روئـي، سـکـون لاهـيـنـديـاس آءٌ
۹۳. هـيءَ امـيـد نـ هُئـي، مـونـکـي مـاروئـڙن ڏهـن

جو ڪونہ مُنجندا مون مٽي، پچڻ ڪاڻ پَهي
ڏٺو هڏهن ڏيهہ ۾، نڪو ڳوٺ ڳهي
هاڻ وائي وائِندي، اِها سُيَم اج صحي
تہ أتا مينهن ملير ۾، ويڙا راج رهي
چڏي پائر ڪنڌئين، آيا هيٺ لهي
جهجهو جهانگين ڪي ٿيو، ڏهيان ڏُٿ ڏِهي
ڪڍيو پين پاڻ ۾، وڏيءَ مَهل مَهي
وينديس ڪوڏ ڪهي، آءٌ بي پکي پنهوارن جي
۹۴ سنگهارن جي سِڪَ، آهي منهنجي مَن
شل سگهوئي سومرا، ڪي ڏسان ڏوٿيڙن
راتو ڏينهان ڪاڻ ٿي، جهڄان جهانگيئڙن
پاٿهين پنهوارن، اج تا مونکي ياد ڪيو
۹۵ جهانگي جَهڻ پياڪ، ناهن شربت هيروان
ڳاڙهيون ڪاريون لوئيون، پهرڻ تن پوشاڪ
لاهج لوئڙيان ڙي، الله لڳ اولاڪ
جو رکن هَڏنهِن ڪانڪا، عُمر! ٻي املاڪ
ڪارڻ پرور پاڪ،مونکي ميڙين مارئين
۹۶ ڪيا ڪِنوِٽن ڪيچ، اج ڏاڏاٽي ڏيهہ ۾
پر ڪو ماٺهو مارئڙن ڏنهن، هڏ نہ آيو هيج
جو ڪالهہ ڏٺا هُئم اُپ ۾، آٽڪَ ءِ آٿيج
أتا مينهن ملير ۾ ٿيا رڻ سارائي ريج
چانگن سان چِڙي ڪري، ڪن چنن ۾ چيج
آءٌ پڻ پِنيءَ پيج، ملنديس ماروئڙن کي
۹۷ هِي وني حال وچان، ميان ماروئڙن ڏي

Scanned by CamScanner

آهـ اميد اجا، جو خوشي ڪنديس ڪيت سان
٩٣ مينهن وسندي مون، ويڙهيچن ويندياس
لوئي ساڳي لوءِ جي، نال وٺي نينديا‍س
وجي ٽريچن ٽينديا‍س، ڏک سُک پائي سومرا
٩٩ ڏنارن ڪؤن ڏار، جي مون ڏينهن گذاريا
سي قيامتَ جيهڙا ميان، سومرا سردار
الله ڪري اوڏڙا، سچو مَن سنگهار
تہ ڪريون ويهي ڳالهڙيون، هِينئڙي جون هڪوار
پر پَري ٽِيَمِ پنهوار، ڏيان ڏوراپا ڪن ڪي
١٠٠. جيڪي هُت هونديون، ساهيڙيون ساٿيهہ ۾
سي پيرون چوندئينديون، وتن گڏ ڪيون گنديون
سارو مونکي سومرا، رت وجن رُونديون
پيو پي چا چونديون، اجا عمر ايلاجي آجڙي
١٠١ ريگستانن رنگ، جي تون پسين سومرا
تہ ميان ماروئڙن تؤن، ظالم لاهي زنگ
جو تاڪُون تنهنجي تاب ڪؤن، جهانگي واسن جهنگ
ناميا هي تو ننگ، نئي رساٽي راڄ ۾
١٠٢. جي ريگستان رهيا، تن سخت نہ وٺج سومرا
جو تاڪُون تنهنجي تاب ڪؤن، ڇن منجهہ ڇپيا
سي ڪي پَرئين وَس وهيا، وَسَ چائي تا واهٽي
١٠٣. ڪري ياد قلب، ٿو منهنجو ماروئڙن ڪي
جو ٿيان هيڪاندي تن سان، ٿئي سائين ڏنهن سبب
ڪي بنديائي بَند مؤن، تہ راضي هُئي رَبُ
غازي لاهہ غضب، ڪر مِهر ماروئڙن تي

١٠۴. رُجون ريگستان، هُت وطن ويڙهچن جو
راحم ٿي رکيج تون، تن مارئڙن جو ماڻ
جُهونن جهانگيڙن تي، ڪر عمر تون احسان
تہ سارو جڳ جهان، مَرُ تعريفان تهنجيون ڪري

١٠٥ هيءَ خبر هاڻي، آئي ريگستاني راڄ ڏنهن
اُتا مينهن مليرِ ۾، ٿيو پَٽن ۾ پاڻي
گل ڦل گلزاريون ٿيا، رڻ سڀ ريجاڻي
تون ٻي صاحب سڄاڻي، موڪل ڏينم مڙي مران

١٠٦ مينهن وسندي مون، ڏٺا هي پڪا پنهوارن
ڳاڙهيون اڇون لوئيون، ڪيا سَهج سنگهارن
اُهي عام خلق کؤن، تا گوشي گذارن
منهنجي اڇڻ سنديون، تا واٽان نهارن
سانگيڙا ساڻيهہ ۾، پيا نِتُ نِتُ سنيارن
هي ڳالهيون ٿيون ڳارن، مونکي مارئڙن جون

١٠٧. مينهن وسندي سومرا، اڄ پڻ پور پيا
پڪا پنهوارن جا، سي مون ياد ڪيا
ڏٺي گهڻا ڏينهڙا، مون ٿريچن ٿيا
وِسري تا نہ ويا، ڪاساعت منهنجي ساهہ کؤن

١٠٨ هِت ڏيهي ڏسان ڪونڪو، جو ڏئي ڪيت خبر
هي قابو رهي ڪوٽ ۾، اُنهن ريءَ عُمر
مليران محضر، ايندم آجائي جا

١٠٩ مينهن وسندي ياد، مون اڄ مارئڙا آئيا
قيدالماء جا ڏينهڙا، سي مون لنگهايا
موٽي اڇڻ جا ٿيم، ڏي سنگهارن سعيا

Scanned by CamScanner

اُهي مولي مِلايا، جي پنهوار پري ٿيا
١١٠. ڪو جو وريو واءُ، اڄ پڻ مُلڪ ملير ڏي
چڻ آيم اباڻانءُ، ماڻهو موٽائڻ جو
١١١ مونکي رات رَسيون، ڏيهه ڏاڏاڻئون خبران
ته ساٿيهه سڀ سُرهو ٿيو، وچون واه وسَيون
اچي ياد الله ٿو، ڦوڳ ڦلار پسيون
برابر بادل ڪيون، منجهين لوءِ لَسيون
ساوَل ڪائي سبزيون، ٿيون سَجيه سسيون
ڳاڙهيون، اڇيون، ڪاريون، لاهن غم گسيون
وُڙهيون ڪَس ڪَسيون، پڻ آهن تار ترائيون
١١٢. رات وري آيا، ماروئڙا ته ملير ۾
جو لڌم خواب خوشيءَ مؤن، چڻ مولا ملايا
وري وسايا، ڀلي ڀاڻ ڀٽن تي
١١٣ وس چري آيام، ماروئڙا ملير ۾
چڏي پاڻُر ڪنڌئين، ويڙهيچا وريام
عُمر اميد ٿيام، پسڻ پنهوارن جي
١١٤ جي ڏوٿي هُيَمِ ڏُور، سي والئِ ڪَيَمِ ويجهڙا
هُئي جا پُورن پُور، سا تا اڄ مُون تئون لنگهي
١١٥ موٽيا پار ملير، سانگيڙا سانگ ڪري
جن جي سڪ سرير، سيئي عمر آئيا
١١٦ لٿو ڦوڙائو، وريو ورق وصال جو
وري وطن آئيا، ريگ لنگهي رائو
سچو چوي سائو، ٿيو موٽي ملڪ ملير جو
١١٧ جوڙي پڪا جُوءِ، اچي ويٺا عُمر آجڙي

Scanned by CamScanner

سدا سنگهارن جي، تي متي حوض هُوءِ
تيون گلذاريون گاهن جيون، ٻي خوب گُلي خوشبوءِ
نئين رونق روءِ، تيو موتي ملڪ ملير جو
١١٨ سَدا هُئن سُکيا، ماروئڙا تہ ملير ۾
شل نہ ڏينهن ڏکيا، اچن آجڙين تي
١١٩ سدا سَرها هونِ، ماروئڙا تہ ملير ۾
متي پنهوارن پوُن، مِهر جا شل مينهنڙا
١٢٠ ميان ماروئڙن تي، مهران وسن مِينهن
شل نہ ڏکيا ڏينهن، اچن آجڙين تي
١٢١ سدا سي ساٿيهہ ۾، سُکيا هُئن سنگهار
پکي منجهہ پنهوار، شل هُئن هميشہ سرها
١٢٢ سائين سنگهارن جو، رکج پَنَ پکي
کوئي تان لکي، هُئن سدائين سَرها
١٢٣. سنگهاري ساٿيهہ، شل هُئن سدائين سَرها
وچن نہ پرڏيهہ، خوش گذارن اتهين
١٢٤ ساٿيهہ سنگهاري، سَرها آهن سومرا
ويڙهيون ۾ واري، محلا ماروئڙن جا
١٢٥ جاتي واريءَ ڊِوَ، تاتي اَڏن پکڙا
ٻاگين لتا ٻَوَ، سدا رهن او سَرها
١٢٦ نوِڙن ۾ نُونديون، مارو چارن مالڙا
کوڙين ۾ کُونديون، سَرها تين ساهہ ۾
١٢٧. جڏهن کِنوَن کِنوٽيون، وسن مينهن ملير ۾
نونديون ۾ نوِڙيون، تاتا سوئن تاريون
١٢٨ ٻاگين ٻَوَ لتا، جي وينا پائر کنڌئين

Scanned by CamScanner

اُتَنِ مينهن متا، آجڙين عيدان ڪيون
١٢٩ وري وسايو، مالڪ مُلڪ مليرجو
سو اڳي ڪؤن اُجرو ٿيو، سائو، سَوايو
آڳي اڳهايو، سچوءَ جو سوال ڪيو
١٣٠ مُون جاليو سان جن، موتي تن نہ پڇيو
حال هِن جون خبران، پيون هونديون ڪَنِ
تان بي مارو مَنِ، وار نہ ڪڏهن وِسريا
١٣١ توڙي هو نہ پُڇن، آءٌ گهٽو پچان تن کي
عمر آءٌ مَچڻ تن، وچان وسري
١٣٢ عمر اباڻن جي، مون پڪي منجهہ پياس
جنهين لئي تن تانگهہ هئي، تنهين نزد ٿياس
وسري ڪين وياس، دل ڪؤن ڏنارن جي
١٣٣ ٿي پڻ وسايام، ڪڏهن مارئين مينهڙا
سي ڏينهن ڏاڏاڻي ڏيهہ جا، اڄ ياد عمر آيام
هِت پنهوارن ريءَ پاڻ کي، ڪيها لقب لايام
هِن لحظي لنگهايام، شال اُهي اوَسر ڏينهڙا
١٣٤ ڪتيري خوشحال، هُت ميان هوون ملير م
اُهي اَوسر ڏ ينهڙا، هِت جالڻ آيم جال
ڪڏهن مارن ساڻ ٿي! ڳڏجي چاريم مال
هِت اسان هي حال، هُت عتاب انهن جا
١٣٥ اڄ پيا مون ياد، مارو ملڪ ملير جا
هي بنديا ٿي بَند مؤن، ڪڏي ڪر آزاد
تہ ملي ماروئڙن سان، ڪريان دلڙي شاد

Scanned by CamScanner

جا هُئي حياتي اُن ري، سا بيهودي برباد
داورکاڻ داد، راجا جلد رسائين
١٣٧ اڄ سنگهاري ساريا، مون مينهن وسندي سومرا
ڳوڙها ڳاٽاتي بنان، هِن هَنجن مؤن هاريا
ياد کريندي تن کي، ٻارڻ چڻ ٻاريا
هِت سچو سنياريا، هُتِ سنيار سچوءَ جي
١٣٨ پيم ياد پنهوار، اڄ مينهن وسندي سومرا
لحظي منجھ لهي ويا، گوندر غم هزار
سي ملندا مون هيکار، اِهو اِتم آسرو
١٣٩ ويل تيام ....
.... ڏک کون کيام
وسري تا وِيَام، اُهي ڏينهن ڏاڏاٽي ڏيهه جا
١٤٠ ساريم اڄ سنگهار، مينهن وسندي سومرا
جيکي ڏينهن هُئاسي گڏ، دم نه تياسي ڌار
کاتي اڄ اسين تيا، کاتي اجڙوار
وڏو قسمت قيد الماءِ جي، پري کان پنهوار
تيلهان مون اڄ آئيو، رئڻ زارو زار
پلپل هُتِ پچار، هِت ٻه سانگيڙن جي
١٤١ هُت سانگي مون سارين، هِت مون ٻي ساريان
واتان اچڻ سنديون، نرتؤن نهارين
کنهن ويل نه وسارين، آهيان ياد انهن کي
١٤٢ لويون ڏکي لوءِ، ويا ويچارا واهڻي
ماتيون مکڻ کير جون، چڏي ويڙا اوءِ

Scanned by CamScanner

ڪيهي سبب سومرا، هِت نہ رهيا هوءِ
پنهوارن جو پوءِ، موتي اچڻ نہ ٿيو
١٤٣ ڪڏهن سانگن ساڻ، ٿي گڏ وسايم مينهڙا
اڄ قسمت قيدالماءِ جي، پيو هيءِ پرياڻ
هِت ڪريان پُرزا پاڻ، پر ٿي لوئي جي لڄ مران
١٤٤ پڪاآئون .... جو
.... ميرون
يرون ائون ويرونِ ....
آهن هند وري هيرون ....
.... بت سارو بيرون
وجي ملان مارئڙن ڪي ....
.... آهي سڪ سنگهارن ....
١٤٥ شال سُڪيا سومرا ....
.... راتو ڏينهان ڪاڻ ٿي ....
.... پاٽهين پنهوارن اڄ
١٤٦ وسري ڪين وجان، ميان ماروئڙن ڪؤن
وسرڻ سنديون ڳالهڙيون، مُورؤن تان مڃان
آهي اميد اجان، پڪي منجهہ پنهوار جي
١٤٧ لويون رنگا رنگ، ڪن ساهيڙيون ساٿيهہ تي
سي آساوريون اڳريون، عُمر پهرن انگ
تاڪُون تهنجي تاب ڪؤن، جهانگي پيتا جهنگ
هِن ويچارا واهٽي، تنڪي وَٽُ نہ تنگ
سي ڪيئن ڏين پير پلنگ، حال جنهين جا ههڙا

Scanned by CamScanner

١٤٨ ڪن لڳن لويون ،ويجهو وڃن نہ پٽ ڪي
ڇِڙيون ڇانگن سان وِڄن، آب ڀريون اويون
ڳانگيون، پيرون ڳل وجهي هارن جان پويون
رات ڏينهان رويون، ساريان شل تن ڪي مِڙان
١٤٩ عُمر شال نہ لائيان، لقب لوئڙئين
پاٽي پين پٽ ۾، آبون اوئڙئين
وندن ويڙهچا سدا ڏؤنرا ڏوئڙئين
هن آجڙي ....
١٥٠ .... ڪبن ڪن ڪانياريون
.... ٿين پٽين پنهواريون
پئي جِيءُ جنجال ۾ ساٽيهہ سنيپاريون
اچي گذ گذاريون، ....
١٥١ وسرن اُهي ڪينڪي، اُهي مهلان موچاريون
پر قسمت قيدالماء جي، ڪيون هي ڪاريون
ڪاٽي اڄ اسين ٿيا، ڪاٽي سنگهاريون
اوڏنهن نِهاريون، وڃان سا وهلور ٿي
١٥٢ شال نہ لقب سومرا، لوئڙئين لايان
پَٽ مٿي هيءَ لوئي، مُور نہ مٽايان
جا ڪٿي ڪيت ڏنار جي، ڀَلي ڪؤن ڀايان
مَري مَلهايان، سارو ملڪ ملير جو
١٥٣ عُمر اڇا ڪپڙا، ڪاٽياريون ڪن ڪِيئن
ويڻ سهسين ڙي هتڙي، تہ هي مارن هيئن
جهڙي آيس جيئن، شل تهڙي مارن وڃان

Scanned by CamScanner

۱۵۴ ڪيئن ڪاٽياريون، ڪپڙا اڇا ڪن عُمر
ويڻ سَهن سڀ لوڪ جا، تائين روز حشر
تي ڪارائي ڪر، ساري رهندي ڪيتري
۱۵۵ ڪيئن ڪانياريون ڪن، ڪپڙا اڇا عُمر چام
تين پنهواريون پَٽ ۾، مهٽي هاب مدام
آهيان سومرا تو سام، تہ لوئي جي لڄ رهي
۱۵۶ جڏهن ويجها هُئام، مارئڙا مليرَ ۾
تڏهن ڳالهہ تہ حال احوال جي، تي تنهين ڪَنِ وڏام
هاٹي وڃي ترتيام، أهي سُڌ لهندڙ سومرا
۱۵۷. تيا پنهوار پري، آءٌ ڪنهنڪي ڏوراپا ڏيان
وهندو شال وصال جي، والي واڳ وري
سو نيئي گڏ ڪري،مونکي مارئڙن سان
۱۵۸ ورُوتا ويڙ هيچن جا، اهي موتئين مالهڙيون
رَس نہ اچن روح کي، تالهہ ۽ تالهڙيون
سنگهارن جون سومرا، چگيون چالڙيون
جو فجر ڦوڪي سنديون، ڪن دانَهہ دالڙيون
وَر سي لويون لاک جون، پن شالان شالڙيون
اَنئي پهر آهن، اکيون منهنجون عُمر آلڙيون
ڪامل تنهنجي ڪوٹ ۾، وجهان فلڪين فالڙيون
شال سُڻندو سو ڏٽي، هِن جيون نالڙيون
وڃي ڳجهيون ڳالهڙيون، ڪنديس سرتين سان ساٿيہ ۾
۱۵۹ شال نہ وساريں، هُئان ياد أنهن ڪي
عُمر! اباٹن جيون، ڳالهيون تيون ڳاريں

Scanned by CamScanner

ســاه رڳون ســاريــن، مــانَ پــهــچان پــنــوهــارن کــي
١٦٠ آهــي ســار ســيــنــال، مــيــان مــاروئــڙن جي
هِت هــهـــڙا حـــال، هُت عِتـــاب انـــهـــن جا
١٦١ الا اوري آڻ، مـــاروئـــڙا مـــلـــيـــر جا
يــا مــونــکــي کــڍي کــوٽ مــۅن، نــئــي مُلــک رسـاڻ
پِڃنـــدي وڃي پـــاڻ، پِهـــان پـــنـــوهـــارن جي
١٦٢ آڻ الله اوري، مـــاروئـــڙا مـــلـــيـــر جا
مـــونـــکـــي آنـــدو اوچتـــو، هِت ظـــلـــم جي زوري
آءُ تـنـهـن گـهـڙي تـۅن گـهـوري، جنـهـن هـيـڪـانـدي هـڪ ٿـيـان
١٦٣ ڏسـان ڏوٿـيـڙن جيـون، ويـنـي واٽـڙيـون
هُت پـون پـنـوهـارن تـي، مِنـيـون مـاٽـڙيـون
يـاد اُتـي جون مُون پـيـون، چوهـون چاٽـڙيـون
تـوڙي چار ڪُنـڊان لـوئـي جون، هِت ڦـاڪـين ڦـاٽـڙيـون
تـان پـي .... جتـي ڪِنـوٽـيـون ڪـاٽـڙيـون
مـونـکـي لوهـن لاٽـڙيـون، تـن لالـن سـنـديـون سـومـرا
١٦٤ پـــٽ ۾ مـــتـــي مـــيـــرڙيـــون ....
.... ڍيـــــر رڙيـــــون
هـــي وهـــيـــون ويـــرڙيـــون ....
ٻُور پـچاڻـون ٻـيـر ڪـن، ٻـهـون ٻـيـرڙيـون
سـي چڙهـيـون، چاڻـن چونـڊيـن، ڏئـي ڦـيـرڙيـون
پـانَو پـيـرڙيـون، ڪـن تمـاشـا تـلـن جا
١٦٥. هُت گـهـمـن ڏوٿـي ڏُٿ لـئـي، ڪـيـون ٿـولا ٿـولـڙئـين
چاڻـن لنـبَ آئـون مـکـٽـي، جهـلـي جهـولـڙئـين

ڀِيهن ڀچائن مانيون، ڦوڪي ڦولڙئين
تون عمر اولڙئين، ڪري هُت ڇڏيج تون
١٦٩ هُت ريت تہ اڏو ڀنڌ، ڪن لويون لاڪڙيون
مَشر ماروئڙن جيون، سچيون ساڪڙيون
وٿين تورن ڪينڪي، مڪڻ ماڪڙيون
اجا ڦٿن باڪڙيون، ....
١٦٧ اجا ڪِنون ڪِنوٽيون، تہ سانگيڙن ساهہ ڀيو
وسي تر تارڪن، نيون ۽ نِوٽيون
جاتي هُون جوٽيون، تاتي آجڙي آرام ٿيا
١٦٨ اڄ جوڙي ويٺا جهنگ ۾، جهانگي جُهوپڙيون
ڏي نہ ڏوٿيڙن ڪي، لائق لوپڙيون
راجا روپڙيون،، گهرين رکن ڪينڪي
١٦٩ ڪرين چو ڪِلان، سانگيڙن تي سومرا
سارهہ سوتن تي، لاهي ٿوڪان آئون ٿهلان
هي موت ....
ٿي محلن منجهہ گذاريان ....
١٧٠ هُت ڏين مہ ارو ڏاج ۾، چاڻي چارڙيون
ڀيون آهن سڀ ڪي، اُهي ويڙهيون وارڙيون
سي چوندڻ ڀيون ڀرهہ جو، نائي ڏارڙيون
وجهن گوندن سنديون، ڳچيءَ ڳارڙيون
ڀوءِ ڪنيو ڪارڙيون، وجن لوئڙياريون لوءِ ڏي
١٧١ مونڪؤن وسِرن ڪينڪي، اُهي عُمر ويلڙيون
جوٿي چاريم وڏي چاهہ مؤن، چيلا چيلڙيون

Scanned by CamScanner

تــي كــيــڏون كــيــلــڙيــون،ســرتــن ســان ســاٽــيــهـــ ۾
١٧٢ اوَس اَڏن ســـــــومـــــرا .... چؤنـــــرا
تــنــهــن ۾ ســانــيــي ركــن .... ڏٿ ڀــهــون ڏؤنــرا
صــبــح كــائــن تــنــهــن ســان ڏڳَ .... ڏنــؤنــرا
لـــــوئـــــريـــــاريــــون لـــــوءِ ۾ ....
١٧٣ آبـــــر تــــيـــــا ۾ آپ، ۽ واءُ لـــــڳو اوپـــــار جو
ســـچو چوي تـــيـــا ســـومـــرا، چڱا ســانـــگــن سُپَ
پــر چت انــدر ۾ چُپَ، اتــن تــنــهــنــجي زور ظــلــم جا
١٧٤ هيم جنهن سان جال، سي اڄ سنگهاري سج كاڻ ٿيا
عُمــر انـــهـــيءَ پــار جي، اتـــم ســـار ســـنـــيــال
جو صـــبـــح آتـــي ســاجهـــريـــن، مــارو چيـــڙن مـــال
پَيس پــري پــنــوهــارن كــؤن، پــهــريــن هــيٌ هــن جا حــال
آهـــي اِنـــهـــيءَ كـــوٽ ۾، جيـــڻ مـــنـــجهـــ جنـــجال
سِگـــهـــڙي وجي شـــال، ڀِهـــان پـــكـــي پـــنـــوهـــارن جي
١٧٥. هـــت چنـــين پـــي .... لـــوءِ لـــرئـــي ســـان وتـــان
.... كـــنـــديـــس كـــين كِنـــي
.... جا ڏاڏاٽـــــــن ڏنـــــــي
اهـا نـيـنـديـس ڀـاڻ ڀـنـي مـيـنـهـن وسـنـدي سـومـرا
١٧٦ تـوڙي لـوئـي هِت ڇِجي، وجي تـهـبـاران ٽـٽـي
تـ ـپـي وٺـي پـهـنـديـس پـنـوهـارن جي، عـمـر ڀـاڻ ڀـڇي
جهـانـگـن كـان جهـجي، مـون اڏمُئـي ٿـي آهـيـان
١٧٧ چِگر چارڙيـون، ڀـيـا كـرڙيـون ڦـوڳ ڦـلاريـا
سـي سـنـگـهـاريـون سـاٽـيـهـ ۾، وهـن وارڙيـون

لاڙيـــــو ڇڻ لاڪــــڙان، ٿـــامـــــان ٿــــارڙيــــون
....

١٧٨ مــاٺــهــو اڇين مــان، ڪــو مــيــان مــاروئــڙن ڏهــن
تـــــ ڳالــــــهـــــيــــــون .... ۾ ارمــــان
مَرُ ٻــــڌي ٿـــين مـــون تـــي مـــاروئـــڙن ....
ســــومـــرا ســــلــــطــــان، ســــي ....
١٧٩ هِن لـــوئـــي جي لاڄ، شـــال رهـــجي اڇي ســـومـــرا
تـــ مَرُ ٻـــڌي ٻـــولـــي خوش ٿـــين، ريـــگـــســـتـــانـــي راڄ
ســانـــ ڪـــائـــي ڪـــاڄ، جا قـــيـــد ڪـــئـــي ٿَئـــي ڪـــوٽ ۾
١٨٠ جي ريـگــســتــان رهــن، تــن ڪــي ســخت نــ وڻــج ســومــرا
جور تـــهـــنـــجي زور ظـــلـــم جو، ســـانـــگـــي ڪـــين سَهــن
مـــتـــان ٻَرئـــين وَس وِهـــن، هـــو ويـــچارا واهـــٽـــي
١٧٥ اڄ ڏنـــم .... نـــ مـــلـــڪ مـــلـــيـــر ڏي
گـــل ڪـــيـــون ٻـــيـــتـــا ...... لـــوهـــيـــڙا.......
.... وســـــن ويـــــڙهـــــيـــــچن تـــــي

بيت سِنڌِي مُومل جا

١ آءُ راڻا ڏي رنگ، موٽي ڪاڪ ڪَنڌين ڪي
لاهـج لـڪ خداءِ جي، ڏرو پُرزو زنگ
ناميا پاڙج ننگ، مهٽي هاب متان ڪرين
٢ آءُ راڻا رنگ لاءِ، موٽي ڪاڪ ڪنڌين ڪي
ناميا نانءِ خدا جي، پير وري هِت پاءِ
سوڍا سنڌئي ساءِ، آءُ ويٽي ڪانگ اُڏائيان
٣ آءُ راڻا رک راز، مون هِن نماڻيءَ سان
توکي ڪريان ڪيتري، ناميا نَر نياز
جو تي ڪيڙم ناز، تنهن مهٽي هاب ڪري ڇڏيو
۴ مُون تئون مهٽون لاهـِ، مؤلا ڪارڻ ميندرا
تون تان صاحب آهئين هيءَ ڏهارڻ ڏاهـ
توڙي تيس بيراهـ، تـ بي ڳل تنهنجي آهيان
۵ ڏي ڪو رنگ وري، ڪامل ڪاڪ ڪنڌين ڪي
مُنهن ڏيڪارج ميندرا، وڃان تا نـ مري
بخشج ذوق ذري، مهٽي هاب متان ڪرين
چڙهندي ساءِ چڪي، نَت مُنهن ڏيڪارج ميندرا
آندو مونکي هِتَهين، ڪنهين لار لڪي
چاڙهيو مونکي ڏاگهـ تي، تنهنجي عشق تکي
مَرُ ٻيو ڪو سِر سـڪي، اُنهيءَ جي اولاڪ جي
٧ هي جو ٽيٽو هو، سو اڪر ميٽيندو ڪونڪو
هيرو زهر زبان سان، هن ڳالهيون ڪيٽو هو
ناتـ پاڻؤن ڀٽو هو، مونکي زير زمين جي

Scanned by CamScanner

٨ ڏک نہ ڏيٺو هو، تو مونکي ميان ميندرا
ناميا پنهنجي ننگ کي، تو نيبهہ نيٺو هو
زهر پيالو پُر کري، مونکي تنهن پيٺو هو
جِيءُ نہ جيٺو هو، مان کؤن هن مهٺئين
٩ کين وسارڻ هوءِ، مونکي ميان ميندرا
توکي سوڊل مُئي ڏي، کِي نهارڻ هوءِ
تو بن گهارڻ هوءِ، کو مونکي ويهي کاک ۾
١٠ سوڊل سکائي، آءُ پڻ گهٽو آهيان
راتو ڏينهان تانهجي، وات مونکي وائي
کِر اُها کائي، جو کارهن لهي کاک تؤن
١١ ميان آءُ ماري، ڏاڍي ڏنءَ ڏهاڳ جي
مهٽي هاب متان کرين، تہ کاک نہ تئي کاري
کر سوڊل ستاري، ڏوهن ڏي نہ ڏسيج تون
١٢. آءُ سوڊا کر سچ، لاهي مون تئون هي ميهٽو
جهيڙو جهڳڙو نہ کرين، مون ۾ کونهي کچ
الله کارڻ اچ، ماگُ وسائج ميندرا
١٣ اچين جي اوطاق، منهنجي ميان ميندرا
تہ عيبن کؤن آجي تيان، کوجهي تِئي نہ کاک
مري ٿي مشتاق، تنهن جي کارڻ ميندرا
١٤ کاک پچندا کاپڙي، جن ڏَريو کاتي کَنڌ
وجي رسيا اُن هنڌ، جِتي مُون تون آهي کانکا
١٥ کاک پچندا کاپڙي، وڏيءُ ويل ويا
لُڌاڻئون لنگهي کري، کنهن پرئين پنڌ پيا

Scanned by CamScanner

أتي ٿاڪ ٿيا، جتي مون تون هڏهن نانهِ ڪا
١٦ لنگهيا لڏاٽو، آئون ڪاڪ ڇڏيائون پوئتي
تاتي وچي رسَيا، جاتي مومل نہ راڻو
نڪا مسجد تڪيو اُت، نڪو تڪاڻو
تاتي ٿين ٿاڻو، جتي مون تون نانهِ ڪا
١٧ ڪاڪ لڏاٽو لنگهيا، اڄ لاهوتي لعل
اوري هڏ نہ اٽڪيا، ٿيا پرئين خيال
حدون ٻيجي هليا، جن ڪي حد ٻيجائي حال
فرق ڪن نہ فراق ۾، ويجها ڪين وصال
فنا في الله جي ٿيا، ڪا تن ڪي سُرت سنڀال
ٿين قرب ڪمال، جن ٻيون اوري ڇڏيون
١٨ ڪاڪ نہ ويا ڪاپڙي، نڪي لڏاٽي
نڪي ڏريا ڏٿ تي، جاتي رنگ رکيو راٽي
اُهي مڙئي نابود ٿيا، اُنهن سامن ساماٽي
ٿاڪ ٿيا ٿاٽي، جاتي مُون تون ناهہ ڪا
١٩ هِيءَ ڏهارڻ ڏاهہ، تون ڏوليو ساري ڏٿ جو
ڪامل تڪو ڪاڪ تي، چڙهي ڪرهَل ڪاهہ
ڪاٽيون ڪنڌيون ڪاڪ جيون، ٻي لڱن باغن باهہ
اِهو مون تئون مهٽو لاهہ، ڪا مهِر پويئي ميندرا
٢٠ ڪيو مهٽي هاب، ـون ڪي ميان تو ميندرا
توکي سڪندي سپرين، مون خوش نہ اچي خواب
ڪَرِ نہ خان خرابُ، ڪامل ڪاڪ ڪنڌين ڪي
٢١ چڱي ڳالهہ چوانءِ، سا سُڻ ميان ميندرا

Scanned by CamScanner

آءٌ تُنهنجڙي آهيان، تون منهنجڙو آنءُ
هيءَ نِڏر تنهنجي نانءُ، آهي وڪاڻي وَلها
٢٢ وَلها وڪاڻي، آءٌ دَرِ تنهنجي آهيان
تنهنجي ڏس ڏهاڳ ڪئي، هِيءَ ناميا نماڻي
هي مَرئي ٿي هاڻي، تنهنکي مُنهن ڏيکارج ميندرا
٢٣ ٿي راضي تون راڻا، معاف ڪرين سڀ مديون
ڪر نہ ڪنيزڪ سان، ميان تون ماڻا
جي هھڙا ڏک ها ڄاڻان، تا نانءُ نہ ورتم نينهن جو
٢٤ مومل ماڻڻ هليا، ڪاپڙي ڪل دار
وچ ۾ آتش دُود جا، آين بَهتَ بخار
ڪي سڙيا تنهن سوزان ۾، ڪي نر چليا نروار
ماڙي ڏسي ڪي پنيليا، ڪي خود ڪؤن خبردار
ڪي ويا ماڙيءَ ڪؤن نڪري، پرت نہ جِت پچار
نڪا صورت اُتهين، نڪا تار تنوار
نڪو ڏسڻ وارو هو، نڪا سُرت سنيار
تن تي چڙهي آئيا، بيخوديءَ جا بار
ڪين ڏنائون ڪاتئين، روءِ نڪا رُخسار
الآن ڪَما ڪان، تحقيقا تڪرار
لتا شور شمار، سچو همہ حق ٿيو

بيت سنڌي نوري ۽ تماچي ڄام بابت

١ تون سمون سردار، آءُ ميءَ مهاڻي آهيان
تنهنجي شفقت مهر جو، آهي ڪو نہ شمار
آندءِ ڳاندر ڳهرن ڪيو، تي ساري عالم عار
متي تنهن مدار، تو ساري ڪينجهر جو رکيو
٢ تون سمون سائين، آءُ ميءَ مهاڻي آهيان
مون لڄ رهائين، جو پلئي لڳي تانهنجي
٣ آءُ ميءَ مهاڻي، تون سمو ساري سَرَ جو
قُرب منهنجو ڪهڙو، چاڙيون تو چاڙي
ڪاري سِر ڪنيم تي، ڇيڇي ڪِڪيءَ هاڻي
لطف لانڪون تيو، هاتڪ هاڻي
هُئي بيهودي ٻُڄڙي، پر تو سمان سيباڻي
تڏنهن راز تنهنجي سان، تيس راڻين ۾ راڻي
٤ ڪلسا ڪلوري، ڪن ڪالورا ڪُمن سين
پيهي وِجي پَنِ ۾، ڪن ٻُڪين ٻُوري
روز تن ڪي راوَ ڏنهن، تيا چانور آئُون چُوري
جي هُيون اڏو ٻند ۾، سي ڪن ڪپڙا قصوري
هيٺ متي تن تي، ڏکيون سالان سموري
واسيا وتن ويس ۾، هين ڳهنبي ڪتوري
ڇيچي ڪڪي تارِ جي، سي اپر عطوري
تي ملڪين مشهوري، سمي جي سهاڳ جي
١٥. پير اون مُنهن نيرا، پاڻيءَ پوندا جن هوا
سي اڄ ٻڌيون وتن سر تي، چاه منجهئون چيرا

Scanned by CamScanner

ماڻڪ موتي مُنهن تي، هٿ تنهين هيرا
ڪات سيئي ڪِيرا، سُگهڙ سمي ڄام جي
٦ وهين وهل لَپيون، ٿي پيٺ پاريا تن پانهنجا
ڏنيون ڏُت ڏِپ جون، ٿي جهپيرن جهپيون
ڪِڪيءَ خاطر جهڀريون، ڏُٻن منجهه ڏپيون
جي ڪائن پٻڻ پپيون، سي چُوريءَ چريون ٿيون
٧ جي جهاڳيون وتن جهاڳ، ميئون ڪارڻ قوت جي
سي عالي درجي آنديون، سمي جي سهاڳ
منچر مَها وچ ۾، ٿي ڪن رنگيليون راڳ
هُئا حال جنين جا هڙا، تن تي پلي لايا ڀاڳ
ڪينجهر ٻن ڪنڌين جِي، ٿي هٿ اُنهن جي واڳ
هيرا ياقوت ٻيا، اڄ انهن وٽ اجهاڳ
ٻيا ٻي لکين لاڳ، تن ڏِلِين کي ڏيئي ڇڏيا
٨ بيحد ٻڳوڙيون، هُيَن ڏؤل نه ڪنهن ڏونڊيون
ناپي ڏُت آئون ڏِپ جون، ڪن خراريَن ڪوڙيون
ٻوريءَ ڦرها ڦريون، اڇن ملاحيون موڙيون
ڄام تماچي تن جون، جوڙون جوڙيون
ڏورن ڪؤن ڏوڙيون، ٿيون سمي جي سُهاڳ سان
٩ ڏؤل نه ڪنهن ڏونڊيون، پر هيون سمي جي سهاڳ تي
ڪينجهر سندي ڪنڌيين، ڪن ٿوريون آئون ٿونڊيون
چِڪ جيهون چونڊيون، ٿو ڄام وهاري وٽ ۾
١٠ هيون لڱين ليڙيون، مُنهن نه موچاريون
سي ٿو ڄام وهاري وٽ ۾، ڪري ملاحن ميڙيون

تو پگيون جوڙائي ڏئي، ٻهڳڻ تن ٻيڙيون
وٽن ماڻڪ موتئين، تنهنکؤن جهڙي جهيڙيون
توڙي اهڙيون اويڙيون، تہ بي سمي ڇام سهاڻيون
١١ جن تي پاليا پيٽ، ڪمَن ڪالورن سان
سي تا تيل قليل سان، تيون ملائن ميٺ
ڇام جواهر جي ڪري، تو اُنهن پار اُميٺ
ڪئي لاڪيڻي ليٿ، سمي مير مهاڻن ڏي
١٢ هوا وڏا جن تي ويل، تي ڦُوت مليو ڪينڪي
خاصين سي خوراڪن تي، تاڪن مهاڻيون ميل
.... تي آيون اونداهيءَ اويل
مڙي جهڙي پاڻ ۾، ڪن سيلانيين سيل
پوءِ لاٿا ڇام لطف سان، زبونن توؤن زيل
تن تي تيل قليل، اڄ عطر گاڏڻ اوتيا
١٣ جنهين اڌو ٻنڌ، هُئي عمر سيائي اهڙي
سي سمي جي سهاڳ تي، آيون ڏاڍي انڌ
تنين جي طولان جيون، پيون هاڪان هنڌو هنڌ
ڏُليون ڏولين چڙهيون، پيرين پون نہ پنڌ
سپ اندامين سنڌ، جَڙيون جواهرن ۾
١۴ جُتيون جَڙائو، پايون وتن پير ۾
چوليون جن چڪ هيون .... اڄ تيون لالين لائو
مهاڻي جون ماڻڪي .... ڏٺيون گهائو
سا ترسي نہ تائو، پئي جهليون جهولي ڇام جي
١۵ مهاڻيون ماڻيون، پون پيٽ ڪيون

Scanned by CamScanner

ڪن چڙهايون چاهه مون سمي.........
پر نوريءَ نادر چام ڪي، ڪي چڪيائيون چاٽيون
تنهنکي ڏسڻ سان ڏياريون، ڪنهن ڦڪل ڦيراٽيون
وٽان سو واٽيون، تو ڏئي ڏهاڙي اَن ڪي
١٦. هئي هڪ ٽُرار، چار توارا موتئين
تنهن برابر نه ڏيان، توڙي ڏين جال جوهار
جو پلوءَ پيڙو هڙو، مهاٽي مٽيار
سا مر ڪري ڪينجهر قرار، جهنجو چارو چام ڪلهي ڪنيو
١٧ تارازيءَ جي توري، مَڪ موتين تي نه ڏيان
پيٽان ٽيٽان نه وٽان، توري نه توري
گهوري آءٌ گهوري، جو چارو چام ڪُلهي ڪنيو
١٨ مَڪ برابر نه ڪريان، ماڻڪ موتين ساڻ
سمو چام سچاڻ، جنهن چارو چام ڪلهي ڪنيو
١٩. متي جن مُوڙا هُئا، چارين گندئين گودڙئين
سي بئنسر بئنان زر جا، تن جهاپا آئون جُهوڙا
جن ٻانهين ڪُلهين ڪين هو، تن چُوڙ تائين چندن چُوڙا
تن ننگن نپوڙا، شال سمي جي سهاڳ سان
٢٠ رنگ ڪاريءَ رويون، هيون مڙئي ملاحن جيون
سي ڪنيون ڪارن ۾ اچن، درا ۽ دُويون
جن ۾ بيحد بدبويون، تن تي عطر اوتيا
٢١ هڪ درا، بي دُوءِ، پيون گوجان مارن گانگٽيون
تن مؤن ڪڪيءَ جي اچي، برابر بدبوءِ
تنهن پوءِ مُشڪ عطر جي، اچي منجهائن خوشبوءِ

Scanned by CamScanner

رنگ سوني جي رُوءِ ،صورت انهي سوهڻي
٢٢ مُنهن مٿي ميريون، هيون بيهوديون ٻڇڙيون
گهڻ گهڻ نوري گهنگهرو، ڇم ڇم ٿيون ڇيريون
سمي پاڻ سهاڳ ڏئي، هي جي انهئن هيريون
ڪا تہ ڏسو ڪيريون، ڪيون ڪينجهر ڪنڌئين
٢٣ مُنهن مٿيءَ ميرا هُئا، بيهودا ٻچڙا
سمي جي سهاڳ تي، ٿيا ڳاندر ڳنيرا
ڏسو ڏهاڙي ڏئي تو، در تنين ديرا
ساجهر سويرا، ٿا کائن طعام خوشيءَ سان
٢۴ تَرڪو جن ترِيون، پيا ڪونر ڪُڙهيون ڪڇ ۾
تن اڄ لڙهان لڙڪن موتئين، پيون سنديون سون سَريون
زيور آئون، پازيب پيا، زري باف زريون
ڪينجهر پئي پريون، انهن کي انعام ٿيون
٢٥ جنين دُوءِ درا، ڪڇين ڪُرَ ءِڪوٽيون
مٿي پيرين برهنہ، هوا غريب سڀ ڳرا
.... لک ٿيا تار تريا
آهي پاهان پاڻ پرا، ٿيا سمي جي سهاڳ سان
٢٦ جي ڪؤنر پرن ڪُرَ، تن جو ناتو ناپي سان هُئو
تَرن جا تنهن تار ۾، ٿي رَوان ڪيا رَم
پوءِ اچي تماچي ڄام جي، پئي دَرِ تنين جي ڏم
جي هُئا گوشائت گم، سي پلئي لڳي پڌرا ٿيا
٢٧ ٻِهہ، ڏوڏا ڏاج، ڦوت جنين ڪُر ڪوٽيون
اُنهن جو احتياج، ٿو تماچي ڪيڏو ڪڍي

٢٨ نہ ڪنهن رُوءِ نہ رنگ، هُئا ٻيهودا ٻچڙا
اڄ پڻ انهن جي، ٿيا پيرن هيٺ پلنگ
مياٽيون معافي ٿيون، نہ ابواب نہ انگ
پٽ اوڍين اڙٻنگ، سي سمي جي سهاڳ تي
٢٩ ميئون سرمتن پئي .... ٻل ڪي
سي تماچي چام........ خيال ڪؤن
زري ۽ زريا ملي ٻيو ليڪو ناه ....
.... جن جاواريا هُن وتن ....
٣٠ پوئڪيون لس پلا، ٿي مٺاڻن ماريا
لک هزارين حاڪمين، ٿي ڪاڏا تن ڪَلا
ڪُڙهيون جن ڪنڌن تي، سي ٿيا لڳي ياڳ يَلا
هڙي تن نہ دست ۾، هُئا نهريل ڪين ٿَلها
اڄ ميئن جي گهر مال جا، ٿيا ٿَم ٿلا
ٻر هئڙي اڪڙين ۾، ڪا جا ميءَ ڪلا
ڪينجهر گهمن لاڏ مؤن، ڪيون رس رَلا
اُگلا جي سگلا، سمي ناںءِ سڄاڻبا
٣١ حريران ۽ حُلا، ڏنا چام تہ چارن وارئين
جي هيون اڏو ٻنڌن ۾، تن چوٽي چُوڪُلا
جهنگ سندي جاءِ .... ٻنگلا
اگلا جي سگلا، تا سمي ناںءُ سڄاڻبا
٣٢ ڪينجهر سندي ڪنڌئين، رهن ٻريون جي ٻنيور
ميئن مٿي آئيا، سالو ۽ سالور
چڙهيو سا چوڏول ۾، ٿي حڪم هلائي حُور

راتــو ڏيــنــهـــان راءَ جا، تــيـــا مـــلاحـــين مـــذكـــور
ســـي حـــاضـــر مـــنـجهـــ حـــضـور، وهِن تمـــاچي چام جي
٣٣ تـــون ســـمـــون ســـرتـــاج، آءُ مــيءَ مــهـــاڻـــي آهـــيـــان
لاڻـــئـــي پـــنـــهـــنـــجـي لـطـــف ســـان، اســـان كـــؤن احـــتـــيـــاج
كـــيـنجهـــر ســـارو تــو كـــيـو، مــون مـــيءَ ســنــدو مـحــتــاج
تـنـهنجو مون ڏنـهن آهي راج، تـ اٿـم كـهڙي كاڻ كـرم جي
٣٤ لانـــگـــوٺـــيـــون لاشـــون، هـــيـــون وهـــ وهـــل جي وچ ۾
ســي پـلـئـي لـڳي پـوءِ چام جي، ٿـيـون خوراكـين خاشـيـون
لـعـلـن يـاقـوتـن جون، وٽـن كـيـنـهـن كـمـاشـون
جن پـــاســـا هـــر پـــل پَن تـــي، تـــن فـــرشـــين فـــراشـــون
لـــگن گـــج مـــقـــيـــس تـــي ٿـــيـــا ....
تـــا پـــي تمـــاچيءَ كـــي، كـــن طـــرحـــين تـــلاشـــون
رُوءِ هـــيـــون راشـــون، پـــر ســـمـــي چام ســـهـــاٽـــيـــون
٣٥. هـــئـــا خام خسـيـس، كـــيـنـجـهـر ســنـدي كـنـدئـين
ســـي مُورائـــون مـــچيءَ جا، هـــئـــا كُل حـــريـــص
تــڏيــون تــونــريــون تـــن كــي، پـاتــاريــون ســـپ پِـيس
جڏهـــن تمـــاچي جي ٿـــي، مـــيءَ ســـان مـــجلـــيـــس
پـــاســـي هـــيـــٺ اچي پـــيـــا، انـــهـــن جي اطـــلـــيـــس
ســي ســون رُپـي سـرسـا ٿـيـا، لٿـن هـك پـئـي جي هـيِس
واتـــين انـــهـــن جي كـــري، تـــو هـــر هـــر چام حـــديـــث
مِـهـــر آئـــون شـــفـــقـــت جي، ڏئـــي انـــهـــن كـــي آســـيـــس
تـــن ســان كـــيـر كـــنـدو ريـس، جي ســمـي چام ســهـاٽـيـون
٣٦ جن واتـــين وهـــ وهـــل، بـــاس آئـــي تـــي بـــچڙي

Scanned by CamScanner

أهي چڙهيا ٻالڪين، آهي سڀ سهل
جتي جهٻيرين جهوپڙيون، ٿيا ماڙيون تت محل
سمو چام انگل، اچيو انهن سان ڪري

٣٧ ڇيڇيءَ جي هُئي ڇت، ٿي آئي عام خلق کي
وَهمِ وچائي جي وهم ۾، ميءَ ميجاءِ نه مت
نوري چام تماچي سان، ڪلي چڙهي هُئي ڪت
سِرلاچو سِرِپت، ملاحن مشرودڪيا

٣٨ جنين ڦاٽوڙيون، هيون گنديون گودڙيون
تن پيريون بافتن جون، جُنگ ڏئي جوڙيون
اڇليو اُنهن ڏي وجهن، سون رُپو روڙيون
پانَو پاسي ميءَ جي، ڦناتان کوڙيون
گهوڙا ۽ گهوڙيون، تو وينو ڏيهاڙيون ڏئي

٣٩ نُوريءَ کيو ناز، ٿي ريجهائي راوَ کي
نِتُ نِتُ چام نياز، تو اچيو انهن جو ڪري

٤٠. تون تماچي چام، آءُ ميءَ مهاڻي آهيان
ڏنو تو آرام، ڪينجهر ۾ ڪنڌين کي

٤١ تنبوءِ جي طناب، اڄ ڪُتي ڪينجهر ڪنڌئين
ناد وڄن ٿا ناد، ٻيا ٻي رود رباب
جِتي ڪِکيءَ کوڙا هوا قيما تت ڪباب
وتن مهاڻا مُست ٿيا، ماڇي اُت مهاب
تن توۡن سڀ حساب، موران ٿي معاف ٿيا

٤٢ پلؤ مون پاتوءِ، تون راجا لڄ رهائيين
سما سڃاتوءِ، ڪامل پنهنجي قرب کي

Scanned by CamScanner

۴۳ ڏٿ جنين ڏوڏا، پهرڻ پاپوڙا تنين
پيتا وچي تن جا، گپ اندر گوڏا
سو ڀَٽن جي پينگهن ۾، تن لعل ڏئي لوڏا
اُهي آٽيو اوڏا، ٿو وير وهاري وٽ ۾
۴۴ ڪوجهيون رنگ ڪاريون، مُنهن نہ موچاريون
سي ڪديو ڪالورن جيون، سِر ڪٽن ڪاريون
ڪيئي ڪٽي اُ ن جيون، ٿو تماچي آريون
سي اڄ سالون ڏکن سِر تي، ڪُلهين ڪِناريون
زور چڏي زاريون، ٿو تماچي تن ڪي ڪري
۴۵ لاڏ ڪيو لڏن، ڪينجهر سندي ڪنڌئين
ڪاريون ٿيون ڪُرن، سمي جي سهاڳ تي
۴۶ ڏُکين ڪي ڏولئين، چام تماچي چاڙهيو
لعلان زمرد تن ڏئي، ٿو جواهر جهولئين
زريءَ ڪلابات جا، تن چِڪم تي چولئين
چٽڪائي چولئين، هِيرا لڪان لڪئين
۴۷ هوا لانگوٽيا لُول، ڪوجها ڪنهين نہ ڪم جا
فرش فروش آئون غاليچا، ڏئي تني ڪي طُول
تڏي مڏي ڪان تن سي، ڪن جهروڪين جُهول
پيا اهڙي منجهہ الول، تن چاريون چار وساريا
۴۸ ڪوئز جن ڪُڙهيون، هيون هميشہ هٿ ۾
سي لوڙهن جي لڙه لئہ، ٿي لُڙهي منجهہ لڙيون
جُهگن جهل انهن جي، ڪونتلن ڪڙهيون
ڪي وتن چيڪ چڙيون، ڪي تازي طويلن ۾

Scanned by CamScanner

۴۹ هُيون لَس لانگوٽيون، پاڻي پوندي جن هيون
تن مياڻيون معافي ٿيون، ڀي ڇر سيا ڇوٽيون
اَن جيون ڪٽي ڪيتريون، چام سمو ٽوٽيون
جو مٿيءَ ريجهائي راوَ ڪي، ماڻن سان موٽيون
ڪريون جي ڪوٽيون، تہ ڀي پيون پلئ چام جي
۵۰ ٿي پڻ هوءِ هُتيون، پورهيو ڪندي پن ۾
پلؤ لڳئ پوءِ چام جي، ڇيهن ڪانءَ ڇُٽيون
ليڙ نہ جن لڳن تي، ڀاهين ڪَنين ڀُٽيون
اُنهن لانگوٽن لٿيون، ٿي مُهران لعلان لاڏ سين
۵۱ ڀيهودا ڀي آب، هُوا اڳي ڪينجهر ڪنڌئين
پلئ لڳي پوءِ چام جي، ٿيا تن جا جوڙ جواب
ڀيا سڀ حرف حساب، ملاحن معافي ٿيا
۵۲ ساڻ جڙائو جُتيون، ... تماچي تن ڪي ....
جي هٿ پيرين اگهاڙي گهميون، تن ٿي لڳيون سو سُتيون
.... ٿي ويون ڏيهان رات ڏٿيون
....
.... سمي جي سهاڳ سان
۵۳ مهاڻيءَ مَرڪ، جان تماچي طريل ٿيو
مٿي مٿيءَ گلاب جو، تو اوتي عطر عرق
ڪيائين ڪونہ فرق، پاڻ گڏيائين گاندرين
۵۴ جن مؤن ٻڇڙي باس، آئي ٿي عام خلق کي
تن سان سمي چام جا، ٿيا ايذائي اخلاص
ٿي عام نہ ڏٺو آن ڏي، سي ٿيا خاصن خاص

Scanned by CamScanner

عطر عنبير ڪچور جا، اهي وڳين ڏين واس
لڪين ڪن لباس، زري آئون زرباف جا
٥٥ تون سمو سلطان، آءٌ ميءَ مهاڻي آهيان
جي آهين مون ڏنهن مهربان، ته اٿم ڪيهي ڪاڻ ڪُڙم جي
٥٦ ڪڍيو ڪالورا، ٿي آنديئون اڏو ٻنڌ ۾
جن پيرين لِتَرُ ڪو نه هو، سي ڪن جڙائو جوڙا
تن مُهران سونُ سمو ڏئي، ٻيا رُپي جا روڙا
ڏيهن ۾ ڏوڙا، ٿيا سمي جي سُهاڳ سان
٥٧ ٿي لانگو ٿين لوڙ، ته پيو ....
ناپي ۽ ڏت ڏپ جا، آٿيو ڪن اروڙ
تِتي مُشڪ عطر ٿيا، هوا جِت ڪِڪيءَ جا ڪوڙ
سي ڪن ڪينارئين ڪپڙا، ٻيا جواهر جا جوڙ
مٿي ٻڌي موڙ، گِهڙيو تماچي تن ۾
٥٨ مَڪ برابر نه ڏيان، توڙي ٻرين موتين ماڻ
جو مون ڪميٽيءَ ڪاڻ، ڇارو ڇام ڪلهي ڪنيون
٥٩ ڇام ڪنيو ڇارو، مرڪي ملاحن جو
تيلهان مَڪ مٿي موتين جي، ڏيان ٿيٽو ترارو
سڀ ڪينجهر سارو ڪنارو، مهاڻن معافي ٿيو
٦٠ موتي مٿي مَڪ جي، وتان نه ٻيٽا
ٻي برابر نه ڪريان جي ٻيٽا ڪي ٿيٽا
اسين تا هيٽا، پر ڇارو ڇام ڪلهي ڪنيو
٦١ مڪ موتين تي نه ڏيان، توڙي هئن ٻاتون ٻات
ڪوجهي مان ڪمذات، پر ڇارو ڇام ڪلهي ڪنيو

Scanned by CamScanner

٦٢ هُئا تولاکين توت، پر نادر چام نوازيا
جن ناپا، لوڙهـ، کلور ٻيا، تي ڦکيائون ڦوٽ
سي اڄ کِيا وتن خمار ۾، اٿئي پهر اَلوٽ
کينجهر ٻن کنڌين ۾، ٿيا لانگوٽيا لک لُوٽ
پينگهين اَئون سُک آسٽين، کن جهپيرن جهوٽ
هِکَ کُلهين کؤنر سيل کن، ٻيا منهن لائن منهن جُوٽ
چچيءِ هاٿن چُوٽ، کيون مرد مياٽيون
٦٣ جن تي ڦکيا ڦَٽ، تي کُلين قيمن هيروان
کِکيءِ جيهن کارن تي تي ....
کوجها کنهين نـ کم جا هوا ....
اڄ تن دُشالا سِرَ تي، ٻيون شالون ٻڌن ٻِٽَ
زمرد اَئون ياقوت جي، تي لعلين هيرين لَٽ
سمي سپ معافي کئي، تن ساٿن تان ست کُٽ
لٿا ڏيل اُنهن تؤن، ٻي کُلي ٿين چَرَ چُٽَ
عيب ڏسي عامن جا، کيائين کان اُپَٽَ
اُنهن چام اَکٽَ، موتي ماٽک تو ڏئي
٦۴ هيٺ متي پوتي هُئي، ماڳين مهاٽن کي
پاٽي چوندي تن هُئي، چِکَ جيهي چوتي
اڄ گاندر سِر گلاب جي ،ٻي عطر عنبر اوتي
مُنهن لڳس موتي، تان جهولي تي جواهر ۾
٦٥ چارو چام کٽي، تو مرکيو ملاحن جو
زريءَ کؤن زربادلي، تي چُگير چِٽي
سهجئون سون رُپا ڏئي، ماٽک هيءَ مٽين

Scanned by CamScanner

خيـــمـــا خوب قـــنـــاعـــتـــان، هـــيـــجؤن تِت هــٹــي
ڳاٹـــاتـــي نـــ ڳٹـــي، ڏي جال جواهـــر تـــن کـــي
٦٦ تمـــاچي طُرا، ٿـــو ســـڏيـــون ٻـــڌائـــي أن کـــي
ســـي شـــوق وتـــن شـــڪـــار تـــي، ڪـــنـــيـــون زور زُرا
ڪُڏائـــين ڪُرا، ســي ٻـــنـــهـــي ڪـــينـــجـــهـــر ڪـــنـــڌئـــين
٦٧ راتـــو ڏيـــنـــهـــان ڏپ، هـــو مـــرڪ مـــلاحـــن جو
ٿـــي ٻـــوڙيـــون وهـــ وهـــل ۾، ڪـــئـــي جهـــٻـــيـــرن جهـــپ
هـــو روز جنـــين جي رپ، ســي اڄ ڪـــلـــين حَلـــوَن هـــيـــروان
٦٨ مُهـــاٹـــيءَ جي مَن ۾، نـــ هـــو گـــيـــرب گـــاء
نـــيـــٹـــن ســـان نـــاز ڪـــري، ريـــجـــهـــايـــائـــين راءُ
ســـمـــو ســـيـــنـــي ڪـــانءُ، وتـــي ويـــتـــي پـــاٹ ســـان
٦٩ پـــلـــيءَ لـــڳي آهـــيـــان، آهـــيـــان ايـــاٹـــي
ســـمـــي سُجاٹـــي، چارو چام ڪُلـــهـــي ڪـــنـــيـــو
٧٠ هُئـــي ويـــتـــي بـــازر وچ ۾، هُئـــا هـــٹ ڪِڪـــيءَ هـــاٹـــس
دَرن ڪـــاٹ دُٻـــن ۾، ٿـــي ٻَنَ وڏا ٻـــاٹـــس
هُئـــي مـــهـــاٹـــي مـــاٹـــس، پـــر هـــن ســـان ڪـــرمُ ڪـــريم ڪـــيـــو
٧١ ٻـــيـــون ٻـــي چار چُري، هـــلـــيـــون ٻـــڌي دعـــويٰ دانـــايـــون
هـــلـــي تـــ ڪِڪـــيءَ ڪـــوڙ ســـان، ڳچ ڪِي ڳالـــهـــايـــون
مـــضـــمـــون چا هـــي مـــلاح جو، جنـــهـــن راءُ ڪـــٹـــي رايـــون
نـــوريءَ اڳيـــون نـــاز مـــوَن، جڏهـــن چِت اڪـــيـــون چايـــون
تـــڏهـــن سُهـــمـــجي ســـايـــون، ٻـــولـــيـــنـــديـــون ٻـــاتـــيـــون ٿـــيـــون
٧٢ ڪِڪـــي هـــاٹـــس ڪـــاريـــون، ڇڃيءَ هـــاٹـــس ڇڄ
پـــانـــد تـــهـــين جي پـــانـــد ســـان، لـــڳو ٿـــئـــي ٿِي لـــڄ

Scanned by CamScanner

سمو چام سَهج، اُپو انهيئن سان ڪري
٧٣ لٿو لانگوٺين جي، پڪين چام چُلي
مَنَهِن مَنهَنِ پيون مَسندان، جُهڳي پاس جُهلي
ماٽڪ ۽ موتئين، چولي چول چُلي
ڪينجهر سڀ ڪُلي، چڻ اصليءَ ڪؤن اهڙو هيو
٢٣ فارغ ٿين نه فراق ڪؤن، ۽ ويجها ڪين وصال
گم ٿيڻ ڪؤن گم ٿيا، نڪا سُرت سنيال
اُتي قيل نه قال، سچو صُمٌ بُڪمٌ ٿيا

بيت سنڌي روجهن جي بابت

١ روجهون رڻ ياد ڪيو، اُپيون رت رُئن
هر ڪنهن ويل هُئن، اهڙن اوراتن ۾
٢ روجهون رڻ ڦٿو ڪري، هيٺ لهي آيون
ٿِين تار نہ ترايون، جو مُند نہ اُٿن مينهڙا
٣ مُندين مينهن اُٿانِ، روجهن رڻ ڦِٿو ڪيو
ڏولائي جا ڏينهڙا، گهٽا گهر ڏٿانِ
اُنهن ڪؤن ارمان، لحظي منجهہ لهي ويو
۴ مُندين مِينهن پيونِ، ترايون تار ٿيون
وچڻ پَرِئن دِس تي، لاچاڙون ٿِيونِ
وسري ڪين ويونِ، سو رڻ ريجاٹن جو
۵ هِينئڙو چڏي هُت، ٿيون روانيون روجهيون
ڏکيا اوسر ڏينهڙا، ٿيون گذارن هِت
اٿئي پهر چِت، وطن تن نہ وسري
٦ رڻ ڇڏي روجهون، ڪا دِس چتائي هليون
جيلهان مُند نہ اُٿا مينهنڙا، تيلهان ٿيون ڪوجهون
...... مونجهون، ٿيون گذارن ڏينهڙا
٧ ماٿر مينهن اُٿانِ، روجهان موٽي آئيون
اوسر سندا ڏينهنڙا، وسري سڀ ويانِ
ٽاٽا ٽر ٿيانِ، ٿڌ ٿيون ڦوڙيون گڏيون
٨ جڏهن ٿيا اَبُر، تڏهن روجهن ٻَاٽ مٿي ڪيا
مولي وچڙيون ميڙيون، جن ٿي گذاريو اوسر
ٿيون سيئي سَرِ، لنگهين ڏکيا ڏينهڙا

٩ جي ڦٽيون، جي ڦوڙيون، اُتي اچي گڏ ٿيون
اوسر ڪيون هُيون، ..... اورنيون اوريون
لکين ڪروڙيون، رڻُ سيوئي روجهيون
١٠ روجهڙين اُتاءِ، لنگهيا اوسر ڏينهڙا
مولي آندا مينهڙا، پنهنجي مِهر مَتاءِ
جي هُيون ويچاريون وڇڙيون، هڪڙيون ٻين ڪاءِ
وِيَن ڏول وچاءِ، اُتي اچي گڏيون
١١ آسرو آهين، مونکي ماروئڙا مليرجا
جنهن ڪُنڊ وسَن مينهڙا، تنهن ڪُنڊ ڪاهِين
هاڻي تا ساتي سنياهين، پانوَ پنهنجي پار ڏي
١٢ سچو رک سماءُ، تو ماڻهو روجهن سان گڏين
هاڻي صبر منجهي تي آءُ، ڪمائي پوري ڪري
١٣ آيون وَس چڙي، جو مُنڊين اَتن مينهڙا
موليٰ سندي مهر آءِ، جو وڇڙيون گڏ گڏي
لٿيون لاهه لڏي، روجهون ريجاڻن تي
١٤ رڻؤن روجهون آئيون، وَيَنِ اوسر ڏينهن
مُنڊين اُتن مينهن، ڪن رُخ ريجاڻن ڏي
١٥ رڻؤن آيون روجهون، جو سنياليائون ديس
منڊين اُتن مينهڙا، وسري وين پرديس
جي هُيون اُتي رئ اُديس، سي پڻ سِرهيون ساه ۾
١٦ جي اوسر ڏسي روجهيون، رڻ چڙهي ويئون
تن ڪي وچي اُتهين، پلڪان ڪي پيئون
پوءِ منڊين اُتن مينهڙا، سبزيون سڀ ريئيون

ڏوَ واري ڍيئيون، ڍليون گاهه گلن سان
١٧ رڻ چڙهي روجهان، ويون وري ڪٽ ڪري
سِبز سيٺون، آئون ساوڙيون، تيون چاڪ چري
وين ڏولائي ڏينهڙا، سيا پَل پري
سچو مون نه سَري ،رئُ ميلائي سڄڻان
١٨ جي رڻ چڙهيون روجهڙيون، ڪيون ڏولاون ڏڪيون
هاٿي سڀ سڪيون، جو مُنديون آئون مينهڙا
١٩ هنيون لاهي هليون، روجهان رڻ چتاء
موتي مِهر مولي جي تين، جو آئن مينهن متاء
ڏولائي جا ڏينهڙا، لاٿا پاڻ خداءِ
وري پنهنجي ديس ڏي، وريون جاءِ بجاءِ
.... منديون آئن مينهڙا

Scanned by CamScanner

بيت سنڌي پورب جا

۱ ڳنگا ڪانءُ ڳذر، آهـِ ڪنين ڪاپڙين جو
ڪڏهن لوڪ نہ لڙيا، سدا تن سفر
آهي نام مَشر، اُنهن آڏوتين جو
۲ جوڳي آهن جي، ڳوش ڳنگا ڏي تن جو
آهن ڪوڏيا ڪات جا، پڻ ڪاپڙي ڪي
سِرُ سنباهن سي، جنين ناتو نات سان
۳ جوڳي جال ڏنام، پر ڪو ڪو ليي ڪاپڙي
هي ويهي وَستِن ۾ ويا، هونہ لوڪ لَڙيام
تنين ڪانڻ تيام، هَئي هَئي ههڙا حالڙا
۴ جوڳي جال ٻُجهن، پر ڪونہ لهان ڪو ڪاپڙي
تن ڳڻ پرين جيون ڳالهڙيون، تيون منهنجي ساه سجهن
لوڪَ نہ ٻئي لَجهن، بِگر نالي نات جي
۵ جوڳين اوري جُوءِ، هن لوڪ لِڪي ويا
تِتؤن لاهوتي لنگهي، حُر پيا ۾ هُوءِ
راسخ روبروءِ، وڃي ناميا تيڙا نات سان
۶ جوڳي آهن جال، پر لاهوتي لنگهي ويا
هِي مِڻ مِڻ ڪن مٿين سِين، هوڪڙا متي خيال
سي لانگوٽيا لال، پينر پاڳ مِلن مُون
۷ لوڪين لاهوتي، ڪنهين پَرِ نہ پِريا
سي پنهنجو رکي پور ويا، سالڪ ثابوتي
اُهي آڏيءَ آڏوتي، ناڳا ويڙم نہ ڪري
۸ ڪري لنگهيا لوڪ مؤن، لاهوتي لوڙا

Scanned by CamScanner

گهوڙا ڙي گهوڙا، جو مون مَنُ مستانو ٿيو
٩ پورب ڇڏي پوءِ، آڏوتي اڳي ٿيا
ويا اُڪنديا اڳنان، نہ ڪنهن لڙيا لوءِ
رجائي رت روءِ، هَئي هَئي واٽڙين تي
١٠ جوڳي جالؤن جال ،پر لاهوتي لنگهي ويا
هو هلي ويڙا حال ۾، هي قابو مٿي قال
هَئي هَئي منهنجي حال، جو حال نہ پيو هَٿِ مُون
١١ جوڳين هت جايون، جي هن لوءِ لڪي ويا
تپش هِن جي تَن ڪي، وڃن لاهوتي لايون
آڏوتين آيون، خبران ڪات ڪسَڻ جيون
١٢ جوڳين آهِ نہ جنگ، هِن سلوڪي سپ سان
جيجان هن جهان ۾، هن طريلا تنگ
ڪنهن جي رتا رنگ، ماٽڪ مُنهن مشعلان
١٣ لاهوتي هن لوءِ، آيل آهن اڄ ڀي
پر ووءِ ووءِ اڄان پوندي، پوربين جي پوءِ
ان ڪاپڙين ڪي ڪوءِ، سگر منجهہ صحي ڪري
١۴ لاهوتي مؤن لوڪ، ٿورا ڪري لنگهيا
سدا ساميڙن تي، محبت وسي موڪ
آهي زابر منجهؤن ذوق، ڪنڌ ڏين ٿا ڪات تي
١٥ ڪاپڙي مُون ڪالهہ، اڄان ڏٺا ڏيهہ ۾
هَئي هَئي منهنجي حال، جو ساٿن ٿيس نہ سنگتي
١٦ هو جي ڏٺا ڏيهہ، ڪالهہ اڄان مُون ڪاپڙي
سي اڄ لنگهيا لوءِ مؤن، دانهہ ڇڏي ديهہ

Scanned by CamScanner

هاريون هو هڏيهه، موتن ڪين مڪان تي
١٧ پورب پند نہ آهہِ، ڪڏهن ڪاپڙين کي
جِت ماٺهن ميڙاڪو ٿئي، سا جُوني جوڳين جاءِ
سامي سِرَ سواءِ، سؤدو ڪن نہ ڪو ٻيو
١٨ پورب آهہِ نہ پند، ڪڏهن ڪاپڙين کي
سي ڏيندا ويراڳي وجي، ڪاتن متي ڪند
هوءِ سندن هند، جو لڙ ڳڏجي لعل تيا
١٩ پورب رکي پير، ڪن پُجَ پراهين پند جي
ٻيو ڪيو وجي اُتهين، ڪاپڙين رڍ ڪير
جنهنکي ڦکل نہ ڦير، ڪند ڏيندو سو ڪات تي
٢٠ پورب پند نہ ڪن، ڪنهين ويلي ڪاپڙي
ڪوڏ ڪپائڻ ڪند، جو توڙؤن آهي تَنِ
وجي ڪاتِ ڏين، گردنيون ڪنيو غار ۾
٢١ پورب پڇيائون، پر پير رکيائون پرنان
اوريان پريان پندڙا، سي لَس لنگهيائون
ائين اتيائون، تہ گر اسين نہ گڏيا
٢٢ پورب ڪان پري، نانگن نظر آهہ تا
نگهہ وجهن نات تي، پريونءِ پير پري
منجهؤن ذوق ذري، گر گڏيا وجي گودڙيا
٢٣ پورب پير ڏرنِ، ڪن وِڇُتَ پرئين پند تي
قدم رکي ڪات تي، ڪند قربان ڪَرن
ڪوڏؤن ڪاپڙين، سِرڪيو تا صدقو
٢٤ متي ڪات قدم، ڪاڪيون! ڪاپڙين جو

Scanned by CamScanner

تــن هَنـيــو ئـي أن گر جو، دمـامـين سـان دم
آديـسـي عـدم، ٿـيـا نـالـي ۾ نـاٿ جي
٢٥ ويا هِتؤن ويهي، اجان ڪالهہ ڪالهوٽي ڪاپڙي
آيـل آڏوتـين جي، ڳالـهہ ڪـريـان ڪـيـهـي
پـورب ۾ پـيـهـي، وڃي واصـل ٿـيـا وصـال ڪـي
٢٦ هَئي هَئي ڪالهہ هِتاءِ، اجان لاهوتي لنگهيا
ڪـونـہ وڃڻ جو مُون ڏنو، سـامـيـڙن سـمـاءُ
تـاڪـو پـوي تـريـا، مَن لاهـوتـين جو لـوءِ مـؤن
٢٧ ويـا لاهـوتـي لـعـل، لـورا ڪـري لـوءِ مـؤن
اَنِ جي ڳالهہ نہ ڳرهڻ جهڙي، سـندن منهن مشعال
هَئي هَئي هـهـڙي حـال، سـاريـو سـي سَڏ مـران
٢٨ جو پـنـڌ جوڳيـڙن جو، سـو آڏوتـين اجاءِ
گـنـگـا ۾ گرنـار ڏي، جوڳين پـنـڌ جڳاءِ
پـنـڌ انـهـيءَ پـرنـان، آڏوتـين ڪـي آءِ
تـان تـان ٿـين نہ جاءِ، جان جان ريجهن رام سـان
٢٩ ڪـوڙيـن قـربـانـي، آءٌ تـا ڪـاپـڙيـن تـؤن
جي ڏئـي ويـا ڏيـل ڪـي، هَئي هَئي حـيـرانـي
مـاريـو مـهـمـانـي، آءٌ سِرُ ڪـريـنـديـس صـدقـو
٣٠ ڪـري لـورا لـنـگـهـيـا، جي آڏوتـي اڄ
مـونُـهـؤن امـان ٻـڄ، جو آءٌ ٻـي ويـنـديـس اُن سـان

Scanned by CamScanner

بيت سنڌي وحدت جا

١ اول ٻيري ٻيج، جي بند خيالات جا
تنهن پچاڻؤن وچ، حلاجي حيرت ۾
٢ هيءُ نہ واٽ هواءِ جي، آهہ نڪا تقليد
تحقيقا توحيد، آهي راه رسول صہ جي
٣ هڪ سفر ساعت، ٻيو سفر سال جو
پهريون تا راحت. پويون تاپوءِ رهيو
٤ جي تو ادب آهہِ، تاٻنڌاڻن ٻڌي وڏين
ڪَل نہ پيڙ ڪاءِ، اصولي اسرار جي
٥پٽيءُ چيج نہ چُل، منجهہ تماشي نہ پوين
گهوٽ ڪري تون پاڻ ڪي، ڪر هنگاما هُل
ٻول نہ ٻئي ڪنهن ٻُل، وٺج حال حلاج جو
٦ پٽيءُ چيج نہ چُل، تون ڪر پاڻ ڪي گهوٽُ
مرد نہ هتؤن موٽ، پٽيءُ لائي چيڙي
٧ جڏهن وهين فڪر ۾، خاصو ڪري خيال
تڏهن فرق وارا في الحال، بند ٻڌنديءَ وچ ۾
٨ حڪم هلي ٿو جنهن سان، ڪو ڪر پيدا ياڻ
صورت سا سُڃاڻ، موءِ ڪري مورت ڪي
٩ "تو" هين سان "تون" ليين، "مان" ليان "تو" سان
"تون" "هي" "آءٌ" سيئي لا ۾ موجودات ٿي
١٠ جي تو چاتو پاڻ، تہ آءٌ ٻيو ڪو آهيان
ڪندئي غرق گمان، ڳهلا انهيءَ ڳالهہ ۾

Scanned by CamScanner

١١ ادب اٿئي اوٹ، اوٹ تہ اڳاھون ٺئين
مار نغاري چوٹ، عاشق اناالحق جي

١٢ جي فکر کئون فارغ ٿيا، تيا دنيا کان ڏور
ھوندا سي حضور، آءُ تہ ڳرھيون ڳالھڙيون

١٣ بيرنگيءِ مُون رنگ، پسو جو پيدا ٿيو
ظاھر ۾ پيو زنگ، موسيٰ ۽ فرعون جو

١٤ تو جا پائين موج، سا مڙيائي مھرياڻ ٿي
ھي اُنھن جا اوج، جن سَنبت سُوريءَ پار ڏي

١٥ دين ڪُفر دل دام، ڏج مڙيوئي موج ۾
تنھن کان پوءِ حُڪام، ھرڪنھن ھنڌ تنھنجو ھلي

١٦ جاڏي ڪيازي، سجدو تاڏي نہ ٿئي
جاڏي مُھازي، سجدو تِت صحي ٿيو

١٧ ظاھر ڪکر آنءِ، مينھن توئي ۾ باطني
پاڻ اُھوئي پانءِ، جنھن وَسي سان وَس ٿئي

١٨ سوز گداز ۽ غم، مڙيوئي معافي ٿيو
مار دمامين دم، عاشق اناالحق جو

١٩ جي ادب کان نگيا، سيئي ٿيا الله
ھَن وڃايو راه، ھُو ھاڃي ۾ ھڃي ويا

٢٠ تون تا کاتي آنءُ، پاڻ اول لھہ پانھنجو
جيلھان ٻئي نانءُ، پئين تيلھان تفاوت ۾

٢١ چاڻ نہ تفاوت، عبد ۽ الله جو
اِھو آھہ اَمرت، ھي ٻي ڏور نہ اُنکئون

٢٢ الله چاڻ نہ ھنکي، ھِيءُ مڙيوئي حق

Scanned by CamScanner

ناهي شبهو شڪ، جو معلوم ٿيو مرشد کؤن
٢٣ معلوم ٿي مرشد کؤن، ٻي جاڳجهي ڳالهه
هِن جي ڇا مجال، هُوءِ ليي هِن سِين
٢٤ هي تا مُور نه وِڇڙو، ڇؤ وڃي ڪاڏي
"هُو" "هي" هڪ ڪري، مورک ڇڏ ماڏي
٢٥ جهڙو ٻائيندين هِت، پاڻ پنهنجو پاڻهين
تهڙوئي ٿيندين هُت، ٻي ساڻ يقين جي
٢٦ جيڪي آهي هِت، هُت ٻي أهوئي اٿئي
ٻَج اِهائي ٻت، تاتون أهوئي رهين
٢٧ اول گمراهي، آهي رباني راهه ۾
تهان پوءِ همراهي، آهي هيءَ هدايت جي
٢٨ جي اوّل هدايت، تحقيقا ڄاڻيج تون
زياده ضلالت، آهي أنهيءَ جي وچ ۾
٢٩ قدر هدايت جو، آهي ۾ ضلالت
جي ضلالت نه هُئي، تا ڪاٿي هدايت
٣٠ جي تو نه تجريد، تا آئين نه تَفريد ۾
ڪاٿي ٿي توحيد، ڪاٿي ٻيهڻ تانهنجو
٣١ جِتي ماڻهن ميڙ آهه، آءٌ تِتي ناهيان
سِسِي سنباهيان، پٽيءَ شاه حلاج جي
٣٢ جي مَجن ٿا آدمي، سي نه مڃان مان
ڪوئي آهيان آن، جو ٻانهو ڪنهنجو نه ٿيان
٣٣ پسي ٻت پُليوس، تا آءٌ آدمي آهيان
وڇان جان ويوس، ته ساڳيو سائين آهيان

Scanned by CamScanner

٣٤ ٻيائي ٻانهپ ڇڏ، آءُ تون احديت ۾
لحموؤن دمؤن لَڏِ، تا پاڪائي پاڪ ٿِئي

٣٥ جهڙو ٻاير پاڻڪي، تهڙو آهيان آنءُ
باقي رهيو نانءُ، سچو مُون صاحب جو

٣٦ آڇپا اول آهي، پوءِ ٿِڪُٽ جو پنڌڙو
جڏهين ٿڪٽ جاءِ، وَڏُ تڏهن ان حد کي

Scanned by CamScanner

بيت سنڌي حيقيت بابت

١ هو ئي ڪين اڇٽو، هي ٻي ڪين ويو
نفي ۽ اثبات کؤن، پري خيال پيو
سچو سچ ٿيو، ٻي ٻانهپ ٻولي ناه ڪا
٢ سچو سارو سچ ٿيو، منجهان ڪثرت ڪُل
الف مؤن آدم ٿيو، ڪري هنگامان هُل
هندو مومن سو ٿيو، ٻول نہ ٻئي ڪنهن ٻُل
خَلق الاشياءَ فَهُوَ عَينها، اِهو آڻ عمل
تج گلابي گل، مَرُ مارنيءَ منصور جان
٣ قلبي ۾ نہ قرار، آهي عاشقن کي
روحي لک رُلايا، نہ نفي نفع دار
سِري سَوَ وڃايا، خفيءَ ڪيا خوار
اُپر اخفا ناه ڪو، طالب کي تڪرار
رئ پروڙڻ ٻانهنجي، آهہِ شيطانن شڪار
سچو هي سنسار، سارو ٻاڻ صحي ڪرين
٤ سائرَ منجهہ سَهس، گهيڙا گهِڙڻ آئيا
ڪو سِرُ سيٽاهيو ڪڍي، ماٺي کؤن مَس
سچو لنگهي لَس، شرط وڃي پيو شهہ ۾
٥ اڇي اوتڙِياءُ، گهِڙيس گهوري جندڙي
چڙهيس ڏاڍي چاه مؤن، مستي موج متاءُ
تڙ لهي ترياءُ، شرط لنگهي پيس شهہ ۾
٦ جي وڃي شهہ پيا، مشڪل موٽڻ تن جو
چا تانگهي چا تار ۾، ٻڏي پون ٻيا

Scanned by CamScanner

جي وچؤن پاڻ ويا، سي پاڻ ئي پاڻي ٿيا
٧ ڳِهڙن جي گهيڙاء، تانگهو عشق تن جو
جنکي عشق عليل کيو، سي ايندا اوتڙاء
جي سُور چکنديون ساءُ، ميهر سي ماڻينديون
٨ اسان پرين وچ ۾، وهي ٿو درياهه
آهي کونه اسانجو، هاديءَ ري همراهه
سُپيريان تؤن ساه،ه سچوءَ تان صدقي کيو
٩ ڏاها ڏوريون پنڌ، متان ٻائين ٻِرين جو
حبيباڻو هنڌ وجي ڏسج اکڙين سان
١٠ پرين منهنجا پار، تون کيئن هِت ويلا کرين
قاصد قريبن ڏي، دوڙڻ ٿو درکار
ڏسي ورج سِگهڙو، دوساڻي دربار
لڳي اٿم لَنؤ، جي عجيبن سان عار
ڏاتر مون ڏيکار، صورت سانگيڙن جِي
١١ اسان پرين وچ ۾، دور وهي درياءُ
چوليون ٻران ٿي کري، پيو وِڄني واءُ
سٹي آهان آءُ، ميان هِن مشتاق جون
١٢ اسان پرين وچ ۾، جر وهي جاري
هک کڙکو کُن جو پوي، ٻيو ويريون ڏئي واري
هُت ساجن جا ساري، سا دَهلي کين درياه کؤن
١٣ مون تان توڏي موکلي، لکي کتابت
ڏکن جي هن ڳالهڙي، مُنجهائي مصلحت
کيو فنا فرض سُنت، سِک توهان جي سپريم

Scanned by CamScanner

۱۴ چري چري مَ چئُو، چريو آهي لوڪ
جو چريءَ لڌو ٽوڪ، سو سچو آهِ نه سڪنهين
۱۵ جي اچين تان اچ، نه ته هِت پورن پڇاڙيو
محبت ٻاريو مچ، سيني منجهه سچوءَ جي
۱۶ ڪيمَ مهينا لاءِ، آءُ پَلا پُلي آهيان
اچي اکڙيون ڪٽي، سچوءَ کي سرچاءِ
جاني جوڙيم جاءِ، تو لڳ اکڙين ۾
۱۷ چشمن جي چمڪار، ساهُ منهنجو سوگهو ڪيو
ويهي واتڙين تي، رُئان زارو زار
هوت اچج هيڪار، اگڻ آسروند جي
۱۸ ماٺ ڪريان تان مُشرڪ ٿيان، ڪُچان تان ڪافر
اِنهيءَ وائيءَ وَرُ، ڪو سمجهي سچيڏنو چوي
۱۹ روئڻ ڪوُن نه رهن، آيل اِهي اکيون
سپڪنهن ويل وَهن، اَٿن اَٿر اوهيرن جا
۲۰ لحظو نه لاهين، ٻار مٿن برسات جا
اکين کي آهين، اٿر اوهيرن جا
۲۱ ٻادل وارا ٻاري ٻار، چشمن تي چڙهيا
رون زارو، زار اٿن اٿر اوهيرن جا
۲۲ مُدامي مَندَ مِينهن، آهي اکڙين کي
رُوان راتو ڏينهن، اٿن اٿر او هيرن جا
۲۳ آ اهائي تات، آگم اکڙين کي
روئن ڏينهن اَئون رات، اٿن اٿر اوهيرن جا
۲۴ آگم اکڙين کي، سدائين آهين

Scanned by CamScanner

سي ڪين اوڳائين، جن ڪي اٿر اوهيرن جا
٢٥ اکين کي آگم، هِن سدائين سرتيون!
گوندر گڏيون غم، اٿن اٿر اوهيرن جا
٢٦ لايون پرت پسن، آئون آگم اکين سڙيا
سي تا ڪيئن نُہ وسن، جنکي اٿر اوهيرن جا
٢٧ ڏسن ۽ رُئن، اِها عادت اکين کي
سي سرهيون شال هُئن، جنکي اٿر اوهيرن جا
٢٨ آهي ريجهہ رُئڻ، آيل اکڙين کي
هُئي تن هُئڻ، جنکي اٿر اوهيرن جا

Scanned by CamScanner

جهُولڻو سسئي ۽ پُنهونءَ بابت

١

سر تيون سڀ ٿيس صلاحي
هوتان راه وٺي ٿيا راهي
چو ٿِينءَ ڪيڏ تنين جي ڪاهي
ڏونگر ڪِيم ڏسائج ڏاهي
حب ۾ ڪونه ڪندئي همراهي
هِت ٿو سنگ مُنجهائي ساهي
تَڏهن ڇَپُ ڪرڻ ٿو چاهي
پر هو اهڙو امر الهي
ٻيا سڀ ويهه تون وهم وساري

٢

چي ڙي مونسان مُور مَ ٿيو مصلاحاتي
ثابت سِڪ رهي ڪا ساتي
هاريون هي ڇا آهي حياتي
تنڪي روهه رسان ٿي راتي
پائيندس ڏر تتي جهنگ جهاتي
ڇاجي ڇجي پوي مون ڇاتي
ڪنديس وڙ سندين ويلاتي
ايندس ساڻ وٺي پڙياتي
ڏسنديون هوت مڙيئ هڪواري

٣

چي ڙي ويهه، وسار وڃڻ جي وائي
تو سان لعلن جنهن لئون لائي

تنهنجي دل ڪٽي تنهن تائي
سو اڄ جاڙ ڪري ويو جائي
ڏيئي ڪَنُ پڌج تون پائي
ڊوهن پاس نہ ڊوڙج ڊائي
سُرت صلاح تون سمجهہ سائي
اِها ڳالهہ امر ۾ آئي
ڏونگر ڏورئون ئي ڏهڪاري

۴

آيل انڻ مُلهي جا آهي
ساڪيئن سگ سچڻ سان ساهي
پيو تان ناهہ نہ هرگز تاهي
ڏاڍن ساڻ شريڪت ناهي
جاپئي سپ لاڳاپا لاهي
چپر چوهہ اڳيانئس چاهي
ڪيچن ڪڍ اُها مَرُ ڪاهي
ڪٽندي گام تہ پچندي گاهي
محض اُنهي ڪي مير نہ ماري

۵

۵ چي ڙي رَهہ رَوين تي روڙي
آڏو پينگ، پُجهي تي پوڙي
هيبت هول حراست هوڙي
ڪامڻ ناهي اسانکي ڪوڙي
تون تنهن ديس ۾ وڃج ڊوڙي

Scanned by CamScanner

پرڏيهي جي پٽ ۾ پوڙي
تر ۾ ترس آتئي تڪ توڙي
هُت تاڪان گهڙي هڪ گهاري

٦

آڻ دل آرياڻي ٔ سان اٽڪي
مان جا ريجهه اديون تنهن وٽ ڪي
هئي هئي گهوري ڪا هن کِهٽڪي
رهنديس ڪين هجر ۾ هٽڪي
جانب ڪاڻ نه جاڳيس جَهٽڪي
پُنيءَ لعل وچان مَرُ لَٽڪي
ڪنهنجي فهم نه هٽڪا ڦٽڪي
هاڻي سِرَ توڙين مون سٽڪي
هنِڪي ڪام هلڻ ڪؤن ڪاري

٧

چي ڙي سڀ پرسُج چلي ٿي چاڻي
پُرجهج پڀ اٿيئي نه پاڻي
وِسهج تو دل جنهن سان واڻي
سَسُئي سوتا ٿيئي نه ساڻي
ناحق تانگهه تنهين ڏي تاڻي
چو ڪيئي خواب ڪٽي توڪاڻي
ڪيئن ٿي آب اڪين ۾ آڻي
حيلا ڪر مَ هلڻ جا هاڻي
پُچندين بام پسي برباري

Scanned by CamScanner

٨

جيـــڏيـــون جبـــل چڙـــو ٿـــيـــون جيـــئـــي
ســـاجهـــر ســـنـــگ لـــتـــاڙيـــان ســـيـــئـــي
گـــهـــوريـــان گـــهـــوٽ بـــنـــان گـــهـــر هـــيـــئـــي
ســـائـــي وَس وٺـــانـــئُم ويـــئـــي
رهـــنـــدس روح نـــہ هـــت تـــن ريـــئـــي
ويـــڙم دوســـت دلاســـا ڏيـــئـــي
هـــيءَ تـــان پـــلـــؤِ پـــنـــهـــونءَ جي پـــيـــئـــي
هُن تـــا كـــامـــڻ كـــيـــڙس كـــيـــئـــي
نـــيـــائـــونـــس وَر وٺـــي ويـــســـاري

٩

چي ڙي گـــهـــوريـــن كـــاڻ جنـــين هـــي گـــهـــرڙا
اٿـــئـــي تـــن اڙانـــگـــا ارڙا
آڏو ٿـــاک نـــہ ڏيـــنـــدئـــي ٿـــرڙا
ٿـــيـــنـــدئـــي زور مـــٿـــي تـــو ذرڙا
بـــيـــدل بـــس كـــرائـــيـــنـــدي بـــرڙا
اَوجهـــڙ كـــوهـــہ اٿـــئـــي ســـي كـــرڙا
گـــهـــائـــي پـــيـــر كـــائـــيـــنـــدئـــي كـــرڙا
گـــســـنـــدءِ پـــيـــرن جا ٻـــئـــي تـــرڙا
ســـگـــهـــنـــدئـــين نـــار نـــہ وَرَ نـــهـــاري،

١٠

ثـــابـــت ڳالـــهـــہ ســـڻـــو هـــي ســـاري
جبـــل واٽ نـــہ جيـــڏيـــون جاري

Scanned by CamScanner

پر پي برهه جهين سان باري
سا هڏ مون ڏي مُور نه ماري
چاجي وَر وِنگا وڃ واري
تايي درد مندي دهداري
توڙي كوكوهه كري ٿو كاري
كندو پاڻ پنهون پوءِ واري
تاپڻ سرس سِكائي ساري

١١

جيڏين كيس وراٽين جوڙي
هُت ٿو روهه رڙندا روڙي
تنهن جو تاب نه سگهندي توڙي
آڏو مير ميائي موڙي
رائو ريگ ٿرن كون ٿوڙي
سگهندئين پير نه كرڳل كوڙي
تون تا لعل لهين كيئن ووڙي
كنهنجي كام كمر چڏ چوڙي
پيا ٿي ماڳ مرون چوڏاري

١٢

جيڏيون جِت منهنجو آهي جائين
آءٌ تاويندس اج تنهن تائين
آهيان ٻانهي اُنجي آءٌ ئين
پاٽؤن گهت پينر ٿي پائين
آنكي پلؤ ڳچيءِ ۾ پائين

دم دم دُرس ڪريجو دُعائين
مونکي سڄڻين ميڙين سائين
ڪيچن ڪي ٻي پهچان ڪائين
ويڙا ٻاهه ٻرهه جي ٻاري

١٣

آڏو لس ٻگهيڙ ڪن لوڙا
تن ڪؤن ڪن ٻئي تين پوڙا
تاتي تاڪ تڪر جا توڙا
سهمناڪ سُنڌيا سي سوڙها
ڏيون مارَ متي ڏين موڙا
سي ئي ڏرت ڏورڻ جا ڏوڙا
ڏينيو ڏنگ هٿن تا ڏوڙا
آهن هاڙهي منجهه هزاري

١٤

چي ڙي چاجي مست مرون هُئن مارا
چُرڙين نانگ چرن چوڏارا
سي ئي وِرهه اڳيون ويچارا
هٿندا شينهن ڏسي شوڪارا
هوجي هاڙي منجهه هاڪارا
سرتيون! سنگ نهاريان سارا
ڪِيا جُڪ جانب جي جيءَ جارا
ويري لهن نه اتهين وارا
وَرسان ڪانء ايندي ڪا واري

Scanned by CamScanner

١٥

چي ڙي هُيڙئي جِيءَ جتن جي جاڪا
توڪي سمجهه پئي چئو ساڪا
ويَڙئي نار نه هوڙي ناقا
ڏونگر ڪين اٿئي ڪي ڏاڪا
لُوهي لَس وجهندئي لاڪا
ڇپون چوهه لنگهندئين جهاڪا
آڏو فلڪ فڪر آهنِ فاقا
ونگن وچ واسينگن واڪا
هُت تو پٻ وجهي پلتاري

١٦

ڪاڪيون! ڪامَ تڪي هُت ڪاني
جاڏي جت وٺي ويس جاني
سورج آهِ نه تنهنجو ثاني
تاڏي ترت وڃان آءٌ تاني
ڇاجي پٻ نه هوندس پاني
ڇپر چوهه اڳيانئس ڇاني
توڙي برهه وڇايس باني
لوچون ڪين ڪنديس سالاني
اِهو عرض آتو اظهاري

١٧

جَلدؤن جَت وٺي ويم جوري
ٻوري چون پريِنءَ تنهن ٻوري

Scanned by CamScanner

گاذر هاڻ محل گهر گهوري
ڏونگر ڏرڙ سگ ڻ ڪيئن ڏوري
عاجز عام ٿيندئي هِت اوري
ٿر جي پند نہ ٿڪيئنءَ ٿوري
تنڪي توڙ سري ٿي توري
وجهہ ۾ جِيءَ پلا ڪنهن جهوري
مرنديءَ گام ڪنيون ڪوڪاري

١٨

چي ڙي بيخد ڪِيمَ ڪهو پيون باتيون
چو ٿيون لَس لوايو لاتيون
ڪنهن ڪي ڪنڌ مَ ايندين ڪاتيون
رهنديس روز نہ اِتي راتيون
وينديس سڪ سڄڻ جي ساتيون
ڏاتر ڏس جو ڏيندو ڏاتيون
پائينديس جال جبل ۾ جهاتيون
محبن من سَر اهِي محلاتيون
هلي آءُ مرد ساڻ اماري

١٩

ڪامڻ منت ڪريو ڪنهن ڪيهي
سي جَت جاڙ ڪري ويئي جيهي
ڪيڙي پُرجهہ نہ تو ٻَپُ پيهي
ڪا ڪر ڪاهہ تنين پُٺ تيهي
تون تان نينهن نسوري نيهي

Scanned by CamScanner

وڙج، وَرُ مَ وِرچج ويهي
كيائين درس ديواني ديهي
اول عشق نشاني ايهي
تڙ قڙ رات ڏينهان تكراري

٢٠

كيچن كد لڳي هُوء كهكي
پهرين پُور تكر سان تهكي
كامڻ كوهه ڏسي نا ڏهكي
اُتي روح نه تنهنجي رهكي
توڙي پير ڦِتس پپ ڦهكي
تان بي نار نه بلكل نهكي
توڙون كين تهين هڏ تهكي
اوجان عاشق اهڙي اهكي
ڏونگر سڀ وڏائين ڏاري

٢١

توڙي جَهك جَهكي كئي جهولي
ٻي تان ٻولي هڏ نه ٻولي
ڦيريون ڏئي پِرينءَ كي ڦولي
ڇوهؤن پاڙ ڇپر كي ڇولي
گورن رَند ڏسي سِرُ گهولي
ڳڙ ڳڙ ڳوڙها ڳاريون ڳولي
ڏونگر ڏرڙ ڏكوئي ڏولي
قادر شال قريبن كولي
كندو گام تَكر كؤن تاري

Scanned by CamScanner

٢٢

پھريون ڪانءُ پھاڙ پچيائين
هِت ڪي ويتا هوت هنڌائين
هر هر توکي سُرت سٽائين
ڪي هُئا رات توئي وٽ سائين
ڪريگل الله لڳ الائين
ٻيو هڏ سور نہ سڱ سليائين
مونکي محبن ساڻ ملائين
هوتن سندي دڳ هلائين
عاشق واهي واهي ويا آزاري

٢٣

پوءِ تا تيڙس جبل جوابي
ٻنيءِ ليل لنگھيا بشتابي
ساڳين سارو سات ثوابي
سي سپ هُئڙا گل گلابي
وچندا ويڙا رات ربابي
اصل اڙٻنگ هُئا اعرابي
توسان ڪيائون خام خرابي
اوني عين هُئا عاذابي
هِتؤن ڪاھ آڙاھ انذاري

٢٤

ڏونگر! ڏس ڇُڪيءُ ڇڏ ڏيئي
تو وٽ رات تنين ڪا پيئي

Scanned by CamScanner

آهـــي وَس تـــنــين كــؤن ويـــئـي
كِي تـا لـنـگـهـيـو سـات سـنـجـهـيـئـي
هـاڻـي حـال سـڻـج مـون هـيـنـئـي
ويـــڙس ڏک وڏو هـــي ڏيـــئـــي
هـــو هـــوا ڏاڍا ســـپـــريـــن ســيـئـي
جانـــب آهـــن مـــنـــهـــنـجا جي ئـــي
مـــاري آهـــِ ويـــا آتـــاري

٢٥

حـــجر چيـــس هـــي هـــيـــنـــئـڙي هـــاري
جي تـــون مـــحـــبـــوبـــن جي مـــاري
آهـــين عـــشـــق ســـنـــدي آزاري
وجهـــج ٻِگل ٻچيءَ كـــبـــا ٻاري
مـــونـــكـــي تِر نـــہ كـــج تـــكـــرارِي
پـــتـــن كـــاهـــہ، نـــہ تـــيءُ قـــراري
اٿـــئـــي بـــرهـــہ بـــلـــوچي بـــاري
يـــكـــدل كـــانـــئـــن مـــنـــگـــج يـــاري
ويـــنـدئـي عـــشـــق نـــہ هـــڏ اوتـــاري

٢٦

ڏونـــگـــر! ڏيـــرن ڏي ڏُسُ كـــوئـــي
آوڙي روح نـــہ پـــيـــو رَسُ كـــوئـــي
نـــاهـــي ويـــچاريءَ جو وَس كـــوئـــي
لاهـــي كـــونـــہ پـــيـــو كَسُ كـــوئـــي
نـــاهـــي جانـــب جو جَسُ كـــوئـــي

Scanned by CamScanner

ڪُٺي غم ڏسي ڪُسڪوئي
خاطر منجهہ نہ پيس خس ڪوئي
وٺي درد ڦري ڏس ڪوئي
بيٺي عشق منجهؤن اوساري

٢٧

چڪيءَ چوٽ وٺي ورچاٽي
ويڙا وِرهہ توئي سان واٽي
آندي عشق تڏهن اورهاٽي
ڪُٺل ڪيچ وڃج ڪند ڪاٽي
پيتئي زهر منجهؤن گهٽ گهاٽي
توکي آندو عشق آڳاٽي
ڳولج چام پنهونءَ گهر گهاٽي
هَئي هَئي لنعلن ويو لوهاٽي
هُئڙي جن جي هيءَ آجهاري

٢٨

هَئي هَئي ماري عشق اميران
وٺي ورهہ وڪيل وزيران
توڙؤن هِيئن لکيون تقديران
پانهن هٿ ٿيون تقصيران
ڏاڍيون عشق سنديون تڙ پيڙان
پنيءَ منهنجي برهہ بهيران
هلن هٿ نکي تدبيران
مونسان سنديَن سوز سفيران
ورتئي وِرهہ ڪنهين وٺجاري

Scanned by CamScanner

۲۹

اول بابين برهه پڙهيائين
تنهن پوءِ سورن منڊ سڙيائين
سَسُئي ساڻ فراق ڦڙيائين
اصلؤن کيچن ساڻ ڪڙيائين
جَڙان جيءَ ۾ جال جڙيائين
تيلهان متي روهه رڙيائين
محبت منجهه مريض مڙهيائين
توڙؤن غير خيال تڙيائين
پيئي هٿ برهه هاڪاري

۳۰

هيءَ دل لالن ويڙس لٿي
وڏس ٻاڻ ٻروچ جي ٻُٺي
وَر کؤن شال فقير نه ڦٿي
ڏونگر ڏک چريءَ کي چُٺي
ڪيائين کيچن منزل ڪُٺي
آنديس عشق گهٽيري گهٽي
متو پير ڪَرايون کُٺي
ته ٻيي کين چئين کون چُٺي
هَئي هَئي ڪيو ٿي سا هُونگاري

۳۱

ور جا وِرهه پياريس وَٺي
توڙي سسئي سورن سَٺي
تنهن دل ڏانهن نه محبن مَٺي

Scanned by CamScanner

چوڪو عشق نه آهي چٽي
سُورن سوز ڪِلڻ ڪؤن ڪَٽي
محبت ڪانءُ نه گھايل گھٽي
سسئي سوز فراق جي ڦٽي
پائين پب پتولا پَٽي
روئي ڦوڙائي جان ڦوهاري

٣٢

لُوٽي لڪ هنيون سڀ لَتي
ڏوڙي تيز منجهاروُن تتي
محبت مَن تنهين جي مَتي
وڃي ڪيچ ورهه مؤن وتي
گھوري گام گھٽيرو گھتي
ڏک جي چِت هنيائونس چَتي
روئي پيئو تنهين سڀ رتي
چاڙهي پَبُ سيو هڪ پَتي
عاشق عشق منجهؤن اُڃنگاري

٣٣

هرٽيون ڪير پيارڻ آيس
گرهڙ دانهن ڪري سڀ ڪانئُس
ڪُوڪن ساڻ چپر سڀ چانئيس
ڏونگر ڏک منجهاروُن گھايس
چلنگيون عشق ڏکن پٽ لايس
ڳالهيون ڪيچ ڪيچڙن ڳايس

Scanned by CamScanner

بَرڪـــي بـــرهـــون بـــازر پـــايـــس
سِرڙا ســـپ بـــلائـــن نـــايـــس
حـجر ڳاريـس سـاڻ هـوكـاري

٣٤

هَئـــي هَئـــي هـــوت كـــري ويـــس هـــولـــي
تـــنـــهـــن مـــحـــبـــت پـــاروچي جي پـــولـــي
ڏونـــگـــر ڄڀـــؤن پـــائـــين ڏولـــي
كـــوهـــيـــارل جي پـــانـــهـــي گـــولـــي
ســـاتِي ٻَپ پـــرئـــين جي ڦـــولـــي
تـــنـــهـــن تـــان جانـــب تـــان جنـــد گـــهـــولـــي
روئـــي كـــيـــائـــين ڇپـــر ڇولـــي
ســـنـــگ جي راهـــ كـــيـــائـــونـــس ســـؤلـــي
نـيـنـدس كـيـچي نـال قـطـاري

٣٥

مـــنـــجهـــؤن نـــيـــنـــهـــن هـــنـــيـــائـــين نـــعـــرو
سُڻـــنـــدي ســـيـــر ســـڙي ويـــو ســـارو
مـــن ۾ مـــحـــبـــت وڌس مـــارو
كـــيـــائـــين واري أتـــــي وارو
انـــدرؤن ڏنـــس عـــشـــق أبـــارو
ڏيـــئـــي مـــتـــي ســـنـــگ ســـرارو
كـــائـــين مـــانَ ڏســـان كـــوهـــيـــارو
مـــحـــبـــت ريءُ آهـــي مُنـــهـــن كـــارو
سـچيـڏنـا كـونـ سـنـيـاري

Scanned by CamScanner

٣٦

٣٥ مستي روهه چيائين روئي
هيءَ ڪَل ڪوهيارل ڏئي ڪوئي
عاشق تنهنجي عشق اندوهي
محبت منجهه هلاڪِي هوئي
لڳي لالن تا لڙهه توئي
توڙؤن سُور وڏائين پوئي
سناقي ٿيس سچيڏنا سوئي
جانب آيس جِيءُ جو جوئي
قادر ڳڏ تنهن سان ڪاري

٣٧

٣٦ هيءَ جا هنيڙي ٿي حيراني
محبت ماد ڪئي مستاني
دلبر ڪاڻ هُئي ديواني
باقي نينهن رهيس نيشاني
ڪيڙي فوج فراق جي فاني
ڪيائين ساهه سرير قرباني
ڳڏِيس شال جبل ۾ جاني
ٿيندس رحم اُتس رحماني
آئي هيتؤن نينهن نغاري

٣٨

محبت محبوبن جي ماري
ڪا جا باهه ٻاروچل ٻاري

Scanned by CamScanner

ڳالهين ڪي چيڙن جي ڳاري
ڪيائين جانب توڻ جند واري
منجهوڻ ذوق چيائين زاري
هِي دل آهَ سڄڻ توڻ واري
ڪُوڪان وه ڪري ڪوهياري
توڙي وِره ڪئي ويچاري
راتيان ڏينهان گهنگهر گهاري

٣٩

متي روهه ڏسو جا رمڪي
ڪا جا عشق چڪايس چمڪي
ڏسي سَج نه دم پر ڏمڪي
محبت مُور نه ڪامڻ ڪمِڪي
گوندر وچ گذاري غمڪِي
هاديءَ جانب سان نيئي جهمڪي
تنهن تان تانگهه نه ترِهڪ تمڪي
متس وچ ورهه جي چمڪي
تنهن جي شور وڏي شوڪاري

٤٠

چڙهندي چُنج نه عاشق اڙڪِي
ڪا جا فوج متانئس ڪڙڪِي
لڳي لعل پنيءَ سا لڙڪي
لڳيس باهه برهه جي پڙڪي

Scanned by CamScanner

جوهر جوش سڄڻ جي جهڙڪي
رِنجي روهه اُتؤن جا رڙڪي
سارو سنگ پيو سڀ سڙڪي
تڪر سڀ پيو تا تڙڪي
اهڙو سوز هلي سينگاري

۴۱

جانب ڪاڻ ڇڏيائين جايون
فوجان عشق اڳيانئس آيون
ڪَلان ڪوهه سنديس ڪهڪايون
سيئي ورهه وساريس وايون
وجي خاڪ لڳن ڪي لايون
تنهن جي سوز ڇپر سڀ چايون
روئي روه ڏنائين رايون
پيان پٻ چڙهي چڻ پايون
اهڙو عشق هلي اختياري

۴۲

ڇپر ڪا نه ڇڏي سا چوري
جنهن تان گهوٽ اُتؤن جند گهوري
جانڪي پور پرين جي پوري
هيڪل هوت نهاري هوري
ڳولي تنين جنين ٿر ٿوري
لُون لون قابو لڳيس لوري
هئڙس جهورَ برابر جهوري

Scanned by CamScanner

تنهن جي هٿ سچڻ جي ڏوري
انهيءَ ڳالهه وڏي سا ڳاري

۴۳

اچي شال کوهيارل ڪائون
جنهن سان لوح لڌيون هم لائون
هَي هَي جَتُ وتي ويا جائون
تنهن تان ڏَس پڇي ٿي تائون
نڏر هيءَ جا نال نيائون
تنهن جون زيلان هُت سُيائون
هَهِڙُس ڏونگر حال ڏنائون
ويچاري ٿي تونگ تنواري

۴۴

موٽي چاهه پريڻ جي چائي
تنهن ڪا ڳالهه محبت ڳائي
چپر سپ ڪيائين چائي
ڏاڍي تِک تهينجي تائي
”ويجهي آيس“ هُئڙس وائي
روئي روهه ڏنائين رائي
گهٽن منجهه قلم گهمائي
تان تان اوڏي وسوڻ آئي
آيس محب اڱيون مُنهن پاري

۴۵

ڪُونجن هٿ مُڪائين روئي
دانهن ڏوگهه منجهارئون ڏيئي
سا تا ڪَنِ سچڻ جي پيئي

Scanned by CamScanner

اُتي هليا هوت هنڌيئي
جانب جِيءَ گهريا هَس جيئي
آيس سڄڻ پاڻ سنجهيئي
جن جي ڪاڻ ويچاري ويئي
وجي ڪيچ اُها ڳل پيئي
پنهون پرين ڳڏيو غم تاري

۴۶

سسئيءَ چام پنهون هڪ هوتان
ڪامڻ جان ڳوليو جو تان
ساڳي پاڻ پنهون هُئي سو تان
پيچي هِيءَ ڳجهارت ڪو تان
ڇاجي ڪاڻ ڪرين تي ووءِ تان
ڇپر ڳولي تي سا ڇو تان
سچو دست دُئي ڪان ڏو تان
ساجن ڪيئن صحي ڪيو تو تان
پر جي عشق اچي اوجاري

۴۷

آهي ڪُل شيءِ سو هادي
خلق الاشياء ڪؤن آبادي
وَهُو عينها تي آزادي
واندي غير ڪنون هِيءَ وادي
لشا شڪ شُبهه تي شادي
سِري سِره تي امدادي
جنهنڪي سمجهه نه تنهنکي تعدي

Scanned by CamScanner

سوئي مرد نه آهي مادي
سڀ وچ صورت يار پياري

۴۸

پنهنجي پاڻ ڪري تو وائي
تنهن تان ڳالهه اِها ڳالهائي
ڪافر مومن صورت سائي
اِنهيءَ رمز ڏنائين رائي
جانب ڏس ڏنو هي جائي
"فَاينما تولو" آيت آئي
تيڙو اچ بهاني پائي
احمد وحي هڪو هئائي
احمد احد هُئا اسراري

۴۹

"عرفت ربي بربي" آيت آئي
نؤبت "اناالحق" وڄائي
"اعظم شاني" رمز رلائي
ڪَيڙي "لوڪشف" أجرائي
"يَسمع يُبصر" آهي هڪڙائي
"بلاميم احمد" اِها وائي
"اِني اَنا الله" آگاهي
هُئڙي صورت هڪ سيائي
سوئي بندو سو مولائي
سوئي هيت سوئي بالائي
عالم الله مؤن اظهاري

Scanned by CamScanner

۵۰

۴۹ ظــاهــر سـج تــہ سـيـکـنـهـن جائِين
هــيءَ ڀــي رمــز تــون دل ســان لائــين
تــون تــا آئــيـنــو تــي آئــين
پــنــهــنجو پــاڻ ئــي ۾ مُنــهــن پــائــين
"مَئــين" کــي ڇوڙ تــہ تــيــويــن "ســائــين"
ڀــولــو مُور نــہ هــن ۾ ڀــائــين
تــوکــي صــحــي ســچ ســڻــائــين
کــاشــيءَ نــاهــي بــنــا حــق کــائــين
"کُل شــيءِ نــاطــق بــالحــق" ڳالــهہ اهــائــي ڳالــهــائــين
هــر جا پــاڻ غنــي گــفــتــاري

تحمت باالخير

داستان وڏو
رسالو سچل سائينءَ جو

هن رسالي ۾ سنڌي ۽ خابيوت
۽ ٻي حرفيون ۽ قسم سچل
سائينءَ جون بيت آهن

گڏ ڪيل

مسٽر هيمراج ۽ ميان محمد ۽
ٻين دوستن ڪيو ت —

مسٽر ٺوڪرداس ٺانوَرداس
ناشر ڪتب فروش شڪارپور سنڌ جي

ڇاپائي پڌرو ڪيو

دفعه اول قيمت ٠—٨—١

لاهور جي آريه پريس

داستان وڏو رسالو سچل سائين جو

رسالو ميان سچل فقير جو
پاڱو ٻيو

هي رسالو

تمام ڳهڻي محنت ۽ ڪشالي سان ڪٺو ڪيل مرزا
علي قلي صاحب اسسٽنٽ ڊپوٽي ايجوڪيشنل
انسپيڪٽر ضلع حيدرآباد سنڌ جو هٿئين ڪري ۽ سنڌ
هر ديسنگه پيشن ۽ تاجر ڪتب سکرني جي
هٿي خرچ سان ڇپائي پڌرو ڪيو –

لاهور ۾ مصطفائي پريس ۾ ڇپيو

دفعه اول سال ۱۹۰۳ع جلد (۷۵۰)
قيمت هڪ جلد سان ڪي ٻارهن آنا ۰ – ۱۲ – ۰

ڇپائڻ جا سڀ حق واسطا قائم

سال ۱۸۶۷ع جي ايڪٽ ۲۵ موجب رجسٽر
ٿيو

سچل سائين جي رسالي جي پاڱي ٻئين جو عڪس

رسالو سچل ڀاڱو ٻيو
فقير جو متفرق ڪلام

بسم الله الرحمن الرحيم

سي حرفي پنجابي ٻولي ۾

هو

الف - احديتي احمد ديچ ڇ هين تفاوت ڪوئي - محمد ميم دا
اڪو آهيا هڪا صورت سوئي - اندر باهر سيئه هيندا سچين سڙ سيئي

ب - باسن اهائي بات ميڏي يار توڻ تا غير نه آهين - خام خيال جو
بابه ب وڪالا دوچ لاشڪ لاهين - من عرف نفسه فقد عرف ربه ڪيتي توڻ نڪ ليهن

ت - تحقيق حق اهو وي غير تو جهو جاتا - عرفت ربي بربي هڪوين
تو هين ڪهن آپ سڃاتا - ڪل آهلان نون ڪل اهيندي پير ليه هن منهن پاتا

ث - ثابت رهه يڪ وچ يقيني غير گمان نه آئين - اندر تو هين باهر
تو هين جي توڻ آپ سڃاتين - خلق الانسان على صورته جو ڪل اهو جاتين

ج - جهان جو جسم اهيندا ڪيتونڪر ناتو ڪيوئي - الست بربكم قالوا بلى
آپون آپ آکيوئي - خلق الاشياء وهو عينها سار اسرار سکيوئي ٥

ح - حال سنان اسرار جهليا بيدني هاري جهلي ولا - ميئي دي هت محبت
پيوت پر ڪرڪ تنت پيالا - فسقاهم ربهم شرابا طهورا ايا سري نال سيالا

خ - خم خمار اهيندا تا دا سوني جي جهوٽ سرورهي - ازلا ابدا جمانا بدي
متي اهيي محمور هي - اما الحمد بلا ميي مارين نعمه منصور هي -

سچل سائين جي رسالي جي ڀاڱي ٻئين جو پهريون صفحو

ديباچو

ٻڌڻ ۾ آيو هجي ته سچل فقير جي ڪلام گڏ ڪرڻ ۾ مون گهڻي تڪليف ورتي
آهي سو هن ڪري جو شاعرن جي ڪلام ٻڌڻ جو شوق ٻه ٻيهارين مون کي
هن فقير جي ڪلام ٻڌڻ کان پوءِ پيدا ٿيو هو اها ٻندي هوندي کان هي ڪلام
ٻڌندو رهيس جيڪا ته فقير شير خان جهڪي حيدرآباد جي ڀرسان [illegible]
۾ [illegible] پير علي فقير ڪري جو ته ٿيو هو جو سچل فقير جي معتبر شاگردن ما
پاڻ مان هڪ هو ميان مير محمد ... جي گوٺ يعني ٽنڊي [illegible]
۾ مير [illegible] علي خان جي خدمتگار ... هو اهي فقير شير خان جا
پاڻ ڪا فقير قادر بخش ۽ نور شاهه جي حيدرآباد جي ڀرسان [illegible] ۾ ڪلام ڳائڻ
ڪري بلڪل مشهور هوا تن کان ڪڏهن ڪڏهن اچي پيو ٻڌندو هوس هن ڪري
مون کي ڪلام ٻڌڻ جو گهڻو وچهه مانند ٿيو هن کان پوءِ هڪ ڏينهن فقير
صاحب جو ڪلام گڏ ڪيو هو پر ٿوري هئڻ سبب اهي جا پاڻ جو سند بيت
ٻي ته ساهيو [illegible] اهو مون کان جو اهي ڏيئي سنه ۱۸۹۵ع ۾ جلد [illegible]
حيدرآباد ليڪ ۾ بدلي ٿي آيس ته هن اهي سال مون کي ... [illegible]
گشت ڪرڻو ٿيو اتفاق سان ڪنڌ ٻاري تعلقي جي ڪوٽڙي شهر لڪي
ٿيو جتان معلوم ڪيم ته درازن جو شهر نزديڪ آهي اهي شهر جو [illegible]
فقير يوسف فقير جي ڪلام ۾ ٻڌندو هوس ته هن ڪري اُتي وڃي ته وڃي
زيارت ڪري اچان ۽ ڪو ڪتاب فقير جي ڪلام جو به هٿ ڪريان آهڙ
اُتي وڃي ٻه ٻي ڏينهن رهي واقفيت پيدا ڪري هڪڙو ڪتاب ڏنائين
اهو گهڻو ڏونهو هو مون کي معلوم ٿيو ته فقير صاحب [illegible] ڪلام جيڪو
هو ته ڪري ضرور رهندو سو ڪلام اهي ڪتاب کان ويڙهيڪ هوندو [illegible]
کان معلوم ٿيو ته خير پور ۾ ... [illegible] ڪتاب ڏئي [illegible]
گوڙ ٿي ساهيو ته ڪري بندوبست ڪري آيس ته فقير جا ڪتاب [illegible]

مرزا صاحب واري رسالي جي ديباچي جو پهريون صفحو

Scanned by CamScanner



مرزا علي قُلي بيگ جي مزار

Scanned by CamScanner

تواریخات وصال بزرگان شاه دراز کریم زشریف لسخیره

سجاده اول سلطان بابا محمد مشهور سیم یار صاحب

گل فردوس رحمت باغ فاروق
زاسرار خدا واقف کماهی

ولایت او لود دست هور آفاق
زفوق عرش اعظم تا بماهی

محمد حافظ هادی تولد
منش کامل نقل مظهر الهی

۱۱۲۶

سجاده دوم خواجه عبد الحق صاحب

مرشد کامل حقیقت یار
وارث دین احمد مختار

گوهر بحر ازل واحد
لیس فی الدار غیره دیار

سال تاریخ ادت مظهر حق
میم ما و من از میان بردار

۱۱۳۰

خواجه زین العابدین صاحب

بود گل از نخلش جنت امیر عادلین
از نسب اصحی بر یعنی قدوه سالار تابعین

گل بوستان صفا و گلشن وفا
نونهال کامرانی ارجمند جاودین

خارب فردوس جنت گفت با صد حیا
ای ولی زیب اطاعت زین العابدین

۱۲۴۲

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

سلطان العاشقین رهبر الموحدین سلطان میان سید زمان صاحب

در فضای ازل تر قید شد مخروج عشق — کف زد دریائی گشت کرد بیرون موج عشق

از خدا بودی صدیق پیش احمد شد بیگو — وز علی صادق یقین پیشوا مخروج عشق

سال او را منشی بر لوح تقدیر این نوشت — بود مهر برج بدر او آفتاب اوج عشق

۱۲۴۲

سجاده سوم سلطان سید مان قبول محمد صاحب علیه رحمه

ماهتابی منیر شمع نکو — عاشقی جای رحمت ایمان

عابد بود فایض دارین — رحمت الله آیت سبحان

مظهر یمن اهل ذات حق — کاشف صدق عارف جمال

۱۲۴۵

سجاده چهارم در جانشین سلطان ... نظر محمد صاحب علیه رحمه

مهر برج ولایت اوج مرهم

در علم بود او بر شرع احمد

پس از سال وصالش گوش الف

چراغ او لب نظر محمد

۱۲۵۲

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



سجاده نشین یوسف ثانی خواجه نجم الدین نورانی روح الله روحه

مدرسه … سراپا نور نجم الدین منیر — کز فروغ ارشادی مخدوم ظلمات قلق

صاحب سجاده عالی مرتبت کز حسن خلق — داشتی طبع کریم او ابد نیکوی سبق

مرهم دلهای ریش و محرم سر وجود — مقبل درگاه حق بی مثل در دور افق

چون خرامید ازین معبر سوی دار الخلود — شد ز فرقت او جگر بر خویشتن … شق

بهر واضح بودن تاریخ وصل آن حبیب — جای زروی کشف گفتا جلوه خورشید حق

محبوب مرغوب میان محمد عزت صاحبزاده روح الله روحه

چون محمد عزت صاحب ازین کرد انتقال — از جهان شنید حق یافت تشریف وصال

نوجوان شیرین زبان و حدت بیان سر نهان — غرق دریای لقا غواص کرد بی مثال

… صهبای انا الحق محرم سر الست — سینه بی کینه اش آیینه نور جمال

بهر تاریخ وصالش عالم ارواح گفت — باد محو … چون سالک عالم خیال

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner



هٿ اکر مرحوم مرزا علي قلي بيگ.

Scanned by CamScanner

ٻهرڙي

عشق تي اسان ڀانئيم نينهن پر اڏکو اڏيون

پڇيني ڏيکين واندڙن ڏيلو ٻجهي شور سانهين جي ڏڏلون

1 صابري ٻنيا سدا ڪمزور ڪما حق جون ٻڌلون

سار ڪن سوڙي متي ڏسن لا الله لاوان ليڏلون

2 دل ڏرجي ڏنه عير غفلت جيئن ڏڏن گادر ڳڏلون

ٻروي الله ترڪ ڏي دنيا دمافيها منڊلون

3 ڪر وحدت جي يقين ٻه ٻڌلون ٻيائي جون ڏڏلون

ڪين سمجهيا سير ڪهون جاڳي خرڍيا مانيا ٻڌلون

4 زهد ڪر جاڳي جيئن لوڻ چوڙهي جيادان ٻڌلون

من جيڏلون محمد سي جون پڙهي ڳجهڊلون

از آندل فقير

هٿ اکر مرحوم آندل فقير

Scanned by CamScanner

الحمد لله جو ڪئي ڏينهن کان پوءِ حق ڏيکاريندڙ سعيد گهڙي اڄ تاريخ ٢ جنوري ١٩١٥ع مطابق

تاريخ ١٢ صفر المظفر ١٣٣٣ھ جمعي رات حضرت سلطان العاشقين سلطان سخي قبول ...

جن جي خاڪسار ڪنيز زاده هادي بخش فقير کي حضرت شهنشاهه سيلاني بادشاهه ...

دربار فيض آثار ۾ حاضر ٿيو آءٌ ٻه ڀيرا اڳ به هڪ دفعو ... ويو آهي مگر ...

جاڳندي ۾ ڏٺو هو ... دفعو حضرت محبوب سبحاني قطب رباني غوث اعظم ...

جن جي خدمت اقدس ۾ پيش ڪري فرمايائون ته ... زبان ...

ظاهر ڪري فرمايائون ته فقير اسان توکي آڳي ... آهي ...

ڪري فرمايائين ته ... طعام ... فرمايائين ...

... حصو توکي ... ڪنيز زاده ... طعام ...

مان ... جان ... ١٩١٥ع

نبيرو هادي بخش فقير

هٿ اکر مرحوم هادي بخش


بسم الله الرحمن الرحيم

سچل سائين جي مثنوي رهبر نامہ جو پهريون صفحو
منشي نظر محمد جي بياض تان ورتل



مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



آن متین بدین یگانه که خوش بود صحبتش
رفت از جهان بماند بدل داغ حسرتش

مقبول حق غلام محمد که دور زد
خون شد دلم ز سوز غم و درد فرقتش

یا رب دوام باد بحق حبیب تو
فیضان ابر رحمت بر خاک تربتش

تاریخ وفات فقیر صاحب فقیر محمد یوسف درازی

این چه دوری که در زمانه رفته عارف کامل از جهان

یوسف مصر جان عزیز

۱۲۶۶

مرحوم منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو



منشي نظر محمد جي بياض مان هڪ ورق

Scanned by CamScanner

این خدائی خاک راهی تو بود — از سبب خاکت بسی نیکو بود
می شود قربان بر آل عبا — سگ بدر وارثش تو بود این گدا
شد خدائی از غلامانش غلام — راز نامه ختم کردم والسلام
آمدم اینجا قلم را شد شکست — در نوشتن هر چه بود آن نوشت
ای خدائی چند گوئی این کلام — این حقیقت را بگفتی والسلام

لا اله الا الله
محمد
الرسول
الله

محرر فدوی الحقیر محمد ولد مرحوم مغفور میاں الہ بخش مغل تیموری دہلوی فی التاریخ ۲۶ ماہ رمضان المبارک سنہ ۱۲۳۰ ہجری قدسی مطابق تاریخ ۱۰ جولائی سنہ ۱۸۱۵ع بوقت ۲ بجے روز آخرین جمعہ - این نقل تمام شد از کتاب [illegible] غلام نبی معروف عبد النبی ولد مرحوم مغفور [illegible] که آن کتاب بتاریخ غرہ رمضان المبارک سنہ [illegible] تحریر شده بود الٰهی [illegible] حصول طفیل تن پنج محمد قبول [illegible]

هت اکر مرحوم منشي نظر محمد

Scanned by CamScanner

غزل از بس

گل سخي مقبول محمد خواجه نجم الدين گل / پير غوث گل لطف محمد شاه طورسين گل

گل شاه سردعاي مظهر علي تمكين گل / زين عابد گل محمد بچل خوش آئين گل

گل سخي صاحب كلان ذات شاه عادين گل / خواجه عبد الحق گل محمد صلاح الدين گل

گل سخي عاشق الله شاه حق تقين گل / هست در هر دو جهان خوشبوء آن رنگين گل

گل شاه فاروق محمد حافظ ياسين گل / اسم آن شهبو نما صاحبزاده حق بين گل

شاه عبيد الله گل اولاد محي الدين گل / بوسعيد اولاد حضرت شاه عمر تمكين گل

آن امير المومنين حضرت عمر يكين گل / در عدل شاه مشتهر از چين تا ماچين گل

آن امير المومنين حضرت عمر عادلين گل / شوهر حضرت ام كلثوم بنت علي موحدين گل

كفر را زير و زبر اسلام كرده زان لقب / شاه فاروق از خدا شد در جهان زرين گل

هركه از فاروق دوپس كرد و رفت از دين گل / در دو عالم رو زرد سيه بيخ گل شيرين گل

بوبكر عمر و علي عثمان شمس الدين گل / در خود آن با سيم اقرب سجده شاه كعب الدين گل

شاه عبد الحق فاروق سر پروين گل / زوجه حضرت فاطمه بنت حسن خوش طينت گل

در محبت شاه بنت آن بانو زان دم جبرئيل گل / شو لخت حسنين در رزم سوز دل غمگين گل

هست شاهنشاه جيلاني قيا سيد محي الدين گل / آل شاه اولاد حسنين بنت امير الدين گل

هست سراج الاولياء خوب رب العالمين گل / عاشق آن پير شه درواري مددگار هر حسين گل

گل چند فقير هم مرشد مسكين گل / گل محمد صالح و گرام عثمان الدين گل

شير علي قربان علي محمد لال عشق گل / گل ولي محمد صديق و گل بهرام امين گل

خير شاه حيدر شاه و نادر شاه مرحين گل / مياں محمد حافظ تقي محمد شاه دائين گل

گل محمد يوسف ... شاه بين گل / گوئي سبقت برد گشته دردو قربين گل

گل محمد يونس و گل بخت علي نور الدين گل / گل غلام محمد الله پرته بيد مو الدين گل

مرحوم مُنشي نظر محمد جو چيل هڪ فارسي غزل

Scanned by CamScanner



لا اله الا الله محمد رسول الله

سوم رمضان المبارک

۱۹۰۳

منشي نظر محمد جي بياض جو هڪ صفحو

Scanned by CamScanner